مشهور سنڌي قصا ۽ سنڌ جو رزميه داستان-1

# دودو - چنيسر-٢



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

لوڪ ادب سلسلي جو اٺاويهون ڪتاب

مشهور سنڌي قصا: سنڌ جو رزميه داستان -1

# دودو - چنيسر

(جلد ٻيو)

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو سنڌ

2006ع

[هن ڪتاب جو هيءُ ٻيو ايڊيشن جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن
جي مشوري ۽ اجازت سان شايع ڪجي ٿو.]

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1977ع | تعداد هڪ هزار |
| ڇاپو ٻيو | جنوري 2006ع | تعداد هڪ هزار |

[حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: ٻه سوءِ پنجيتاليهه رپيا
[ Price Rs. 245-00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه
ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائينڊڙ پاران

سنڌ جي 'لوڪ ادب' کي سهيڙي ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ لاءِ هڪ تفصيلي رٿا سنہ 1955 ۾ 'سنڌي ادبي بورڊ' جي آڏو رکي ويئي هئي، جا سن 1956ع ۾ بورڊ طرفان منظور ڪئي وئي ۽ جنوري 1957ع ۾ اُن رٿا تي باقاعده عمل شروع ٿيو. ان سموري ڪم جي نگراني سنڌي ادب، تاريخ ۽ ٻوليءَ جي هاڪاري عالم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن کي سونپي وئي. جيئن تہ 'دودو- چنيسر' جو داستان بہ لوڪ ادب سلسلي جو هڪ اهم حصو آهي، تنهنڪري ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن خاص دلچسپي وٺي هن داستان بابت مليل روايتن ۽ رزميہ ڳاهن کي پنهنجي ناقداڻي نظر سان ڏٺو ۽ مواد جي ڇنڊڇاڻ ڪري ڇپائيءَ جو مواد تيار ڪيو. ان مواد مان "لوڪ ادب سلسلي" جي اناويهين ڪتاب "دودو چنيسر" جو مسودو تيار ٿيو، جنهن کي ٻن جلدن ۾ ورهايو ويو. پهريون جلد سيپٽمبر 1976ع ۾، ۽ ٻيو يعني هيءُ جلد ڊسمبر 1977ع ۾ بورڊ منجهان ڇپجي پڌرو ٿيو.

سنڌ جي لوڪ داستانن ۾ 'دودو- چنيسر' کي وڏي اهميت حاصل آهي. هن ڪتاب بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جي راءِ آهي تہ: هيءُ هڪ ڪُوپائي ڪٿا ۽ وڏو جُنگ ڪيڏارو آهي، جنهن کي جڳ مشهور ڪُوپائي ڪٿائن جي صف ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جي چوڻ مطابق هن مواد جي گڏ ڪرڻ ۾ ڪينَ پنجويهن سالن جو دراز عرصو لڳي ويو. ايڏي طويل عرصي ۾ ڊاڪٽر صاحب وڏين ڪوشش ۽ ڪشالن سان سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر ڪڇ، جيسلمير، ٻاهڙ مير، رحيم يار خان، سبي ۽ ناڙي وغيره علائقن تائين بہ پهتا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جن جو هن داستان بابت وڏيڪ رايو آهي، تہ: جيڪڏهن اجا بہ سنڌ جو ڳوٺ ڳوٺ ڪري

ڳولجي، تہ ڪي ٻيون روايتون بہ ملي سگهن ٿيون. ڊاڪٽر صاحب جي رايي جي تسلسل ۾ ڏسجي تہ تحقيق ’حرف آخر‘ جو نالو نہ آهي. اُن تي اڃا بہ وڌيڪ تحقيقي ڪم ڪري سگهجي ٿو. بار بار تحقيق ڪرڻ سان حقيقتون صاف ۽ واضح ٿيڻ لڳن ٿيون.

اهوئي سبب آهي جو سنڌي ادبي بورڊ آئيندي جي رٿائن ۾ سنڌ جي تاريخي ماڳن، مڪانن ۽ قبيلن سميت لوڪ ادب ورثي تي نئين سر تحقيق ڪرائڻ جو نيڪ ارادو رکي ٿو. اسان جو ارادو آهي، تہ هن رٿا ۾ لوڪ ادب تي ڪجهہ وڌيڪ ڌيان ڏيون، ڇو تہ اهو لوڪ ادب ئي آهي، جيڪو زندهہ قومن جي لازوال ڪردارن ۽ ڪارنامن جو تاريخي ۽ دستاويزي سرچشمو آهي.

ڊاڪٽر صاحب طرفان جيڪو ڪجهہ هن داستان تي تحقيقي ڪم ٿيو آهي، سو انتهائي قدر لائق آهي. اسين ’دودو- چنيسر‘ جو ڀاڱو- 2 ڇپيندي سرهائي محسوس ڪريون ٿا ۽ اميد آهي تہ آئينده بہ اهڙن لوڪ داستانن کي ڪتابي شڪل ۾ ڇپي اسين پنهنجي لائق پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪندا رهنداسين.

چام شورو، سنڌ
اڱارو ١٨- ذي الحج ١٤٢٦هہ
بمطابق 19- جنوري 2006ع

انعام الله شيخ
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# مهاڳ

دودي – چنيسر جي ڳالھہ هڪ ’ڳوڙي ڳالھہ‘ آهي: هيءَ هڪ وڏي ’ڪُوپائي – ڪَٿا‘ ۽ وڏو جُنگ – ڪيڏارو آهي، جنهن کي جڳ – مشهور ڪُوپائي ڪٿائن (Epics) جي صف ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. هن ڳالھہ جو بُڻ – بنياد بابت جدا جدا بيان ملن ٿا، مگر انهن سڀني جو تعلق سومرن جي دور سان آهي. هيءَ سنڌ جي سومرن بلڪ سنڌي سورمن ۽ سورهين جي ڳالھہ آهي. عام خيال اهو ٿي آهي، تہ پاڳُوپان جيڪو پونگر راءِ جي در جو فقير ۽ دودي جو ويجهو صلاحڪار ۽ مُشير هو، تنهن هن وڏي واقعي کان پوءِ هيءَ ڳالھہ بيان ڪئي ۽ هُلائي، جيڪا پوءِ مشهور ٿي ۽ پوئين دور تائين هلندي آئي. دودي – چنيسر جي ڳالھہ، جيڪا هن موجوده دور ۾ هلندڙ آهي، سا اندازاً هجري يارهين سَن (17- صدي عيسوي) کان مشهور ٿي آهي، ۽ بارهين سن کان وٺي، ويندي هن وقت تائين وڏي ذوق ۽ شوق سان ڳائجي رهي آهي.

هن ڳالھہ جي مشهوري ۽ عام مقبوليت توڙي ادبي، فني ۽ تاريخي اهميت سببان راقم پنهنجي ذاتي ذوق سان گذريل پنجويهن سالن واري عرصي ۾ وڏي ڪوشش ۽ ڪشالي سان هن ڳالھہ جو مواد سنڌ توڙي سنڌ کان ٻاهر (ڪڇ، جيسلمير ۽ ٻاهڙمير، رحيم يار خان، سبي ۽ ناڙي) جي سگهڙن کان سهيڙي گڏ ڪيو. اسان کي جتي بہ ڪنهن ڳالھہ ڪٿندڙ جو ڏس پيو، تہ ان کي ڏوري وڃي ڏٺوسون. انهيءَ ڳالھہ ۽ تحقيق دوران هن ڳالھہ جون چاليهن کان وڌيڪ روايتون دستياب ٿيون، جن مان پندرنهن کن مڪمل پوريون آهن، يعني تہ ابتڙي سمي جي جنگين تائين پهچن ٿيون. ان سڄي مواد کي ٻن جلدن ۾ مرتب ڪيو ويو آهي. هڪ جلد هن کان اڳ (1976ع) ڇپجي چڪو آهي، ۽ هيءَ ٻيو جلد هاڻي (1977ع) شايع ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن سنڌ جو ڳوٺ ڳوٺ ڪري ڳولجي تہ اجا بہ ڪي ٻيا، ڳالهيون ڪٿندڙ ۽ ڳائيندڙ توڙي بنا سازن جي زباني بيان ڪندڙ سگهڙ ملي وڃن، ۽ سندن زباني ٿوري گهڻي اختلاف سان هن ڳالھہ جون ڪي ٻيون روايتون پڻ دستياب ٿي سگهن ۽ پڻ هن

مواد ۾ شامل ڪي اڻپوريون روايتون مڪمل ٿي وڃن.[1] انهيءَ ڪوشش هوندي بہ اهڙي ڪا روايت شايد مشڪل سان ملي، جيڪا قدامت يا سٽاءُ جي لحاظ سان موجوده سهيڙيل روايتن جي ڀيٽ ۾ نئين يا نرالي هجي.

انهيءَ لحاظ سان دودي - چنيسر جي ڳالهہ بابت هنن ٻن جلدن ۾ شامل مواد گهڻي حد تائين جامع ۽ مثالي آهي. اسان ڪوشش ڪري ڳالهہ جي هر بيان ڪي ڳالهہ ڪٿندڙ جي پنهنجي زباني ۽ سندس پنهنجي لفظن ۾، صحيح نموني ۾ نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، انهيءَ لاءِ تہ ڳالهہ ڪٿڻ ۽ بيان ڪرڻ جي ڪاريگري ۽ هنرمندي نروار ٿي سگهي، ۽ هر ڳالهہ ڪٿندڙ جا اصطلاح ۽ الفاظ، فقرا ۽ جملا سندس پنهنجي زباني لکجن ۽ تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مختلف مقامي محاورن ۽ لهجن جي مطالعي ۾ مدد ملي. ڪن روايتن ۾ آيل انوکن لفظن جي هيٺ حاشيي ۾ معنيٰ لکي وئي آهي، انهيءَ لاءِ تہ پڙهندڙ کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي ۽ پڻ لغت جي تحقيق جو حق ادا ٿئي.

شروع ۾ گڏ ڪيل مواد جو ذخيرو ايترو تہ وڏي ويو، جو ان کي سوڌڻ سنوارڻ ۽ ڪنهن سليقي سان سلسلي وار ڪري رکڻ ۾ ڪافي غور ۽ محنت جي ضرورت ٿي. انهيءَ سڄي مواد کي مجموعي طور ٻن اصولن مطابق سوڌي سنواري موجوده ٻن جلدن ۾ مرتب ڪيو ويو آهي: پهريون تہ ڳالهہ جي هر مکيہ ۽ آڳاٽي روايت کان اڳ ۾ رکيو ويو، ۽ ان سان ملندڙ ٻيون روايتون ان کان پوءِ ڏنيون ويون آهن. ٻيو تہ منڍ ۾ (يعني تہ پهرئين جلد جي شروع ۾) اهي روايتون رکيون ويون آهن جيڪي لاڙ، ڪڇ، ٿر، ناري، ٻاهڙمير، رحيم يار خان ۽ ميرپور ماٿيلي وارن ڀاڱن مان مليون، ڇاڪاڻ جو سومرن جي حڪومت جا مرڪزي علائقا پڻ اهي ئي هئا. انهن روايتن کان پوءِ ٻين ڀاڱن مان مليل ڳالهيون گڏي رکيون ويون آهن. اهو سلسلو اُتران بلوچستان جي ڀاڱ ناڙي - سبي علائقن کان شروع ٿي، پوءِ لاڙڪاڻي (وارهہ - قنبر)، خيرپور (گنبٽ - ڪنڊيارو)، حيدرآباد ۽ بدين ضلعن تائين پهچي ٿو. آخر ۾ حيدرآباد ضلعي

---

[1] مثلاً: بادل ڪوري واري ڳالهہ اسان سندس زباني 1965ع ۾ لکي. اها شروع ۾ توڙي آخر ۾ اڻ پوري آهي. جڏهن بادل سان ٻي ڪچهري ٿي تہ ڪانئس معلوم ٿيو، تہ سندس ٻالڪي امام بخش جوڻيجي (وينل 'مراد شاهہ جي وَسين'، تعلقو هالا) کي سڄي ڳالهہ ياد آهي. امام بخش جوڻيجي سان 30- مارچ 1977ع تي ٻٺ شاهہ ۾ ڪچهري ٿي، سندس ٻڌايل اڻ پوري روايت ضميمي ۾ (ص 555) تي ڏني وئي آهي.

جي ميراثين فقيرن جي روايتن ڪي رڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ جو هڪ تہ انهن روايتن جو سلسلو ويندي هن وقت تائين قائم آهي، ۽ ٻيو تہ اهو ڳالهہ ڪٿڻ ۽ ڳائڻ، يعني تہ قصہ - خواني جي فن جو هڪ عمدو مثال آهي. موجوده دور جي شاعرن جون منظوم ڪيل روايتون بالڪل آخر ۾ رکيون ويون آهن. البت شاعر مستي رند (ڇاپو پهريون ص 33 - 40) جي جوڙيل ڳالهہ غلطي وچان شروع ۾ اچي وئي، جيڪا 'پوئين دور جي شاعرن' واري عنوان (ص 463) هيٺ اچڻ گهرجي. ڪي روايتون سي هن جلد جي آخر ۾ 'ضميمي' طور ڏنيون ويون آهن.

هيءَ هڪ ڳوڙي ڳالهہ ۽ وڏي 'ڪُوپائي ڪَتا' آهي، جيڪا نہ فقط سنڌي رزميہ شاعري ۽ قصہ - خواني جو شاهڪار آهي، بلڪ دنيا جي ڪُوپائي ڪتائن ۾ پڻ وڏي اهميت رکي ٿي. انهي نقطہ نگاهہ کان، ان جي مطالعي جي ضرورت آهي. اميد تہ هن جلد جي اشاعت بعد اسان هڪ تفصيلي ڪتاب لکنداسون، جنهن ۾ هن ڳالهہ جي قدامت، تاريخي پس منظر، اهميت ۽ افاديت جي مکيہ پهلوئن تي روشني وجهنداسون.

آخر ۾ آءٌ انهن سيني سڄڻن جو شڪريو ادا ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو، جن هن علمي ڪوشش کي ڪامياب ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي. دودي - چنيسر جي ڳالهہ جي بيانن کي هر هنڌان ميڙڻ ۽ سهيڙڻ جو ڪشالو راقم پنهنجي ذاتي ذوق سان ڪڍيو، ۽ گرم ڏينهن توڙي سرد راتين ۾ مواد جو گهڻو حصو سگهڙن جي زباني پاڻ پنهنجي سر ويهي لکيو. تنهن هوندي بہ اها محنت سجائي تڏهن ٿي، جڏهن ڪي علم دوست سڄڻ ۽ لائقن پريا ساٿي راقم سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا. هنن اسان جي سڏ سان گڏ ٿي ڪچهريون ڪرايون، ميلن ۽ ڪوهن تان سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪيو، بہ بہ، ٽي ٽي ڏينهن لاڳيتو محفلون مچايون ۽ ديڳيون چاڙهي راڄ ڪارايا ۽ مندل مچايا. انهن مان ڪي سڄڻ اسان کان جدا ٿي چڪا آهن. هن ادبي ڪشالي ۾ اسان جي پياري دوست مرحوم محمد اسماعيل خان نُون سڀ کان وڏي مدد ڪئي، بلڪ ذاتي طور سنگت ۽ رفاقت ڪئي. مرحوم سردار خدا بخش خان پتافي ۽ سندس لائق فرزند (فتح علي خان ۽ حسن علي خان) جي مهربانين ۽ مرحوم جيوڻ خان پتافي ۽ ٻين سڄڻن (صوبدار خان لنڊ، شيخ محمد فاضل قائمي وغيره) جي ڪوششن سان ميرپورماٿيلي طرف ڪچهريون ٿيون، جن ۾ دودي - چنيسر جي ڳالهہ جون اهي روايتون هٿ ڪيون ويون، جيڪي جيسلمير، ٻاهڙميڙ ۽

رحيم يار خان طرف جي جهنجهن، ڪَلرن ۽ مَهرن ۾ هلندڙ هيون. اسان جي ڪرم فرما مير شاهنواز خانَ شاهلياڻي جمالي (محراب پور جمالي) جي سال بسال محبت ڀرين دعوتن ۽ مهمان نوازين اسان کي اتان جي سڄاڻ سگهڙن سان ملايو، ۽ اسان بلوچستان ۾ (نصير آباد، اوستہ محمد، ناڙي، سبي ۽ جهل مگسي طرف) هلندڙ دودي - چنيسر جي ڳالهہ جي روايتن کي قلمبند ڪيو. محترم علي گوهر کهڙو لاڙڪاڻي ضلعي جي گشت ۾ اسان جو ساٿي ٿيو، جو اسانَ قنبر ۽ وارهہ طرف هلندڙ ڳالهيون هٿ ڪيون.

ساماري تعلقي ۾ رئيس عبدالله خان ڪپري جو ڳوٺ ڪچهرين جو مرڪز بنيو، جتي رئيس عبدالله خان رات ڏينهن ڪچهرين جا منبل مچائي ڇڏيا، ۽ ساماري، ڊگهڙي ۽ عمرڪوٽ طرف جا سگهڙ گڏ ڪيا جن کان دودي - چنيسر جي ڳالهہ جون (ڀانن توڙي نوحاڻين واريون) روايتون هٿ ڪيون ويون. خليفي محمد هاشم لغاري جي مهرباني سان خليفن جي ڳوٺ (تعلعو ٽنڊو ڀاڳو) ۾ ڪچهريون ٿيون، جن ۾ مرحوم حاجي يوسف ڀان جي پوين کان سامي شاعر جي ڳاهن واري آڳاٽي ڳالهہ ملي. پنهنجي فرزند نورچشم علي محمد خان جي مهرباني سان ڪنڊياري - گنبٽ تعلقن طرف هلندڙ 'مٽلي لوچي' واري ڳالهہ سگهڙ ميان غلام حسين ڪلهوڙي جي زباني قلمند ڪئي وئي. محترم محمد عاقل هگوري ڪپري تعلقي مان رکيل راڄڙ جي زباني هيءَ ڳالهہ لکائي موڪلي، ۽ محترم عبدالخالق سومري حيدرآباد تعلقي مان رمضان جوکيي جي زباني ڳالهہ قلمبند ڪرائي موڪلي. انهن سڄڻن کان سواءِ ٻين ٻہ ڪيترن ئي مهربانن مددون ڪيون، جن سڀني جا نالا ڪٽجن تہ هڪ وڏي فهرست تيار ٿي ويندي.

مٿين علم دوست سڄڻن مهرباني کان سواءِ اسان جي پنهنجن ساٿين مان محترم محمد اسماعيل شيخ، محترم ممتاز مرزا، مرحوم بيڙو فقير ڪنيار ۽ شيخ محمد فاضل قائمي ڪنهن نہ ڪنهن ڪچهريءَ ۾ گڏ رهيا، ۽ نہ فقط ڳالهين لکڻ ۽ لکائڻ ۾ مدد ڪيائون پر پنهنجي قرب ۽ محبت سان هن ڪوشش ۽ ڪشالي کي منهنجي لاءِ آسان بنايائون. استاد محمد اسماعيل شيخ ۽ ممتاز مرزا لوڪ ادب آفيس ۾ ڏنل هدايتن موجب مواد اُتارڻ، پريس ڪاپي تيار ڪرڻ ۽ پروفن پڙهڻ ۾ وڏي مدد ڪئي.

ڪوئيٽا — خادم العلم

16- جولاءِ 1977ع — **نبي بخش**

# فهرست


| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| ❖هالا ۾ حيدرآباد جي تر واري روايت | 1 |
| 1- هاشم پنيري (تعلقو هالا) جي ٻڌايل ڳالهه | 2 |
| 2- بادل ڪوري (تعلقو هالا) جي ڪنيل ڳالهه | 22 |
| 3- ڏٽي بخش ۽ ڇُٽي ميربحرن (تعلقو حيدرآباد) جي ڪنيل ڳالهه | 50 |
| ❖ ڳوني ۽ ماتلي طرف روايت | 62 |
| 1- رمضان جوکيي (تعلقو ڳوني) جي ٻڌايل ڳالهه | 63 |
| 2- محمد ملوڪ ڪوري (تعلقو ماتلي) جي ڪنيل ڳالهه | 101 |
| 3- علي محمد لغاري (تعلقو ڳوني) جي ڪنيل ڳالهه | 125 |
| 4- حاميد خاصخيلي (تعلقو ماتلي) جي ٻڌايل ڳالهه | 136 |
| ❖ بدين طرف جي روايت | 142 |
| (الف) بدين ضلعي جي ماڇين جي روايت | 143 |
| 1- يار محمد ماڇي (تعلقو بدين) جي ڪنيل ڳالهه | 143 |
| 2- جمعي مهاڻي (تعلقو بدين) جي ٻڌايل ڳالهه | 199 |
| 3- دودي مهاڻي (تعلقو بدين) جي ٻڌايل ڳالهه | 209 |
| 4- احمد خان نظاماڻي (تعلقو ماتلي)جي ٻڌايل ڳالهه | 211 |
| (ب) تاج محمد (تعلقو بدين) جي ٻڌايل ڳالهه | 213 |
| ❖حيدرآباد تر جي ميراثين واري روايت | 232 |
| 1- سگهڙ علي محمد مري (تعلقو ڪپرو) جي ٻڌايل ڳالهه | 233 |
| 2- سگهڙ ماڻڪ خان چانڊيي (تعلقو شهدادپور) جي ڪنيل ڳالهه | 253 |
| 3- فقير مولا بخش ميراثي (تعلقو حيدرآباد) جي ڪنيل ڳالهه | 301 |
| ❖پوئين دور جي شاعرن جون بيتن ۾ جوڙيل ڳالهيون | 463 |
| 1-حاجي امام بخش خادم جي وڏايل بيتن واري ڳالهه | 464 |
| 2- پير بخش فقير ڪلوئي (تعلقو ڏيپلو) جي بيتن ۾ جوڙيل ڳالهه | 474 |

3- ڪيچ جي شاعر دليراءِ ڪاراڻي جي بيتن ۾ جوڙيل ڳالهه 493
4- ياڳو مهر جسواڻي (رحيم يار خان) جا جوڙيل بيت 496
5- لعلڻ خان لغاري (تعلقو شهدادپور) جي بيتن ۾ جوڙيل ڳالهه 497

❖ ضميمو

1- "گلزار سنڌ نادرات هند" ۾ ڏنل روايت 527
2- "سنڌ جي ادبي تاريخ" ۾ ڏنل روايت 534
3- الهه بخش لاشاري جي ٻڌايل ڳالهه 537
4- سگھڙ جاڙي خان مري (تعلقو ڪپرو) جي ٻڌايل ڳالهه 544
5- وريام نقرچ (تعلقو عمر ڪوٽ) جي ڪنيل ڳالهه 547
6- ميان نور محمد سومري (تعلقو پنو عاقل) جي ٻڌايل ڳالهه 549
7- محمد ابراهيم ڪٽيءَ جي ٻڌايل ڳالهه 551
8- آچر مڱڻهار (ناڙي، بلوچستان) جي ٻڌايل ڳالهه 553
9- امام بخش جوڻيجي (تعلقو هالا) جي ٻڌايل ڳالهه 555

# دودو - چنيسر

(جلد پيو)

# هالا ۽ حيدرآباد جي ترواري روايت

هن روايت هيٺ هالا ۽ حيدرآباد تعلقن ۾ هلندڙ ٽي ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن: (1) هاشم پنيري (تعلقو هالا) جي ٻڌايل ڳالهه (2) بادل ڪوري (تعلقو حيدرآباد) جي ڪنيل ڳالهه ۽ (3) ڏٽي بخش ۽ چُني ميربحرن (تعلقو حيدرآباد) جي ڪنيل ڳالهه. اهي ٽيئي ڳالهيون اڻپوريون آهن، ڇاڪاڻ ته ڪنهن به راوي کي ڳالهه سربستي ياد نه هئي. پر جيئن ته بيتن جي سٽاءُ توڙي راوين جي لحاظ کان اهي ڳالهيون اڳاٽيون معلوم ٿين ٿيون، تنهنڪري مواد جي اهميت کي محسوس ڪندي، راوين جي زباني ڳالهه جا اهي سيئي ٽاٽا ۽ اهڃاڻ، توڙي بيت قلمبند ڪيا ويا جيڪي کين ياد هئا. پهرين ڳالهه ۾ بيت گهٽا آهن، جڏهن ته باقي ڳالهين ۾ نثر جو حصو زياده آهي. اهي ٽيئي ڳالهيون هتي شامل ڪيون ويون آهن.

# 1- هاشم پنيري (تعلقو هالا) جي ٻڌايل ڳالھ

[هاشم پنيرو وينل ڳوٺ معروف پنيرو تعلقو هالا. جنهن کان اسان هيءَ ڳالھ ڳوٺ پانڌي هڱوري ۾ تاريخ 17- جنوري 1959ع تي ۽ وري پوءِ حيدرآباد ۾ قلمبند ڪئي. هي ڳالھ وچ ۾ ڪٽي ڪٽي ڪٽل آهي. هاشم چيو تہ: "هيءَ ڳالھ مون پنهنجي پيءُ جي سوٽ الله رکيي کان سکي، جنهن مون کي نپايو". الھ رکيو پٽ حاجي دادن، هيءَ ڳالھ دلي ۽ تالهي تي ڪڍندو هو. تالهي گوڏن ۾ جهلي وڄائيندو هو ۽ انصاف بلڪل ڪونہ وٺندو هو. جوش ۽ جذبي سان ڳالھ ڪڍندو هو. ڳالھ ڪندي ڪندي اٿي ويندو هو. پنجهتر ورهين جي ڄمار ۾ سنہ 1925ع ڌاري گذاري ويو. سندس استاد ڪاجينو (خواجي ڏنو) جوٽيجو، وينل مراد شاھ جي وسينءَ جو هو. ن - ب ]

'لال قلندر' لاڏڪا، تنهنجو قبو آهي ڪرارو
'پين سين چامر' پٽن ۾، تنهن جو ڏينهن پاندارو
وڄي ٿو روءِ زمين تي تنهن جو طبل تنوارو
غوث بهاءُ الحق، جنهن جو عرش ڪرش نعرو
پير اسان جو بادشاھ، قريشي ڪرارو
ڏوجهو لال لکي ۾ منهنجو 'صدر' سوپارو
هالن ۾ مخدوم پلو سرور سوپارو
چار ئي يار رسول جا، مڙني محمد موچارو
خاصو يار نبيءَ جو اويس موچارو.

---

ڪار ويري ڪوٽ جو، آ منجي ويري چار
مڙس ويرياٽي ننڌڙي، زال ويري سينگار
چڪر گهوڙو در تي، ڪُهہ آراڙو ٻار
زال ڪراڙي گهر ۾ آهي آسُن جو آزار
چنل جُتي پير ۾ چڻ پڳيءَ ڊونديءَ ٻار
انڌو سکي ٿو نور لاءِ، منڊبن مائٽ سچار
پير سکي تي ڦل لاءِ، ڦر لاءِ سکي تي چار

ڪنوار سڪي تي ڪانڌ لاءِ، جنهن جي سرهي سيج وڇاءِ
سڪي سِپ سمنڊ جي، تون موليٰ مينهن وساءِ.

—

پنڌ پانڌيڙو نہ مري، ويندو سَهِي ملتان [1]
سانوڻ سُئا نہ مري، مري نہ هاري ڏاند
ڪَلهن ماءُ نا مري، شل پوي ڪونہ ڏڪار
ڳوٺ وڏيرو نہ مري، جنهن پر راڄ رهن.

—

اول نام الله جو وٺ، ٻانهان ٻيءَ نہ لڳ
لڳ پلي جي آسري، جيڏانهن دين سندو تي دڳ
وٺ ڪنجڪ ڪريم جي وجي لڙهہ تنهن جي لڳ.
خاوند هن خلق تي ڏس صاحب جوڙيو سڄ
ري ٿنڀن ري ٽوٽئين، رب عرش اڏايو اُڀ
تارا ڏيوَن تجلا، چو ڏس خلقيئين چنڊ
مير مديني مصطفيٰ آهي پاندِ اوڏانہ پنڌ
پاندِ جون پوريون ڪري حاجينِ بخشي حج
آهي ڪلمو جنهن جي قلوب ۾، ڇُٽو عالَم سارو جڳ.
دودي ۽ چنيسر جي ڏاڏي پونگر راءِ جي وفات تي پڳ جو فيصلو:
سُتي پونگر راوَ کي اچي ٻا تي ڏينهن لنگهئا
ٻڌا مڙس ماما، آٽي پاڳ متاءُ
چنيسر پٽ لوهارِ جو آهي سيڪنهن کي تہ سماءُ
دودو سچو ٿي سون جو، جنهن کي ريهہ رُپي ناهہ
پڳ ڏيوَن دودل راوَ کي، جنهن سر جوڙ سهاءِ.
چنيسر شڪار تي ويل هو، تنهن ڏانهن دودي اطلاع جو خط لکيو:
لکيو ٻُجهي تو لاڏڪو، پَڙ پروانا پاءُ:
خلقيا آهيون خدا جا ۽ اُمتي مصطفيٰ

[1] سَهي = سوئي.

مريد آهيون محي الدين جا ڪندو هادي هيڪاندا
ڏي اڇي پيڙهي، هي پاڳڙي، هي تخت پرين تو لاءِ.

چنيسر خط پڙهي روانو ٿيو ۽ جڏهن آيو تہ چيائونس تہ امير امراءُ انتظار ۾ وينا آهن ۽ اڇي پڳ بڌ. وينو ۽ پڳ مٿي ۾ رکي وري لاٿائين ۽ چيائين تہ ترسو تہ ادل امان کان پڇي اچان. جيئن پڇڻ ويو تہ پويان سڀ امير امراءُ ڦري ويا ۽ دودي کي پڳ ٻڌايائون. جڏهن گهران ٿي چنيسر ڪچهري ۾ آيو تہ امير امراءُ سندس استقبال لاءِ ئي ڪين اٿيا. دودو اٿي کيس مليو ۽ چيائينس تہ مون تو کي پڳ ڏني، پر تون گهران پڇڻ وئين ۽ راڄن نہ مڃي. هاڻي رضا تي راضي رهہ. تڏهن چنيسر ٽپ ڏيئي ڪاوڙ مان گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ ماڻهن گهوڙي کي جهلڻ جي ڪئي پر گهوڙو ڪٿي ٿيو جهلجي! چيائونس تہ تون ڪچهري ۾ مٿاهين ڪرسي تي ويهہ پر چنيسر ڪونہ وينو.

مير مهاڙيءَ وچ مان آهي چڙهيو چنيسر راءُ
اُمراءُ اُٿيو ڪونڪو، اُٿيو دودو راءُ
تڏهن لڙڪن ٿا تہ لغام ۾، تن قابو ڪيا تہ ڪڙا
ڪي تہ تَٽي[1] پيا تَلَ ڏي، دُمچيءَ ڏي داناءُ
چون چنيسر راءُ ڪي تڻ اُڇيءَ جاءِ.

چنيسر ڪان ماءُ پڇيو، تڏهن چيائين:

رضا وڙهيم رحمان جي، ڪو جو امر ڏانهن الله
نڪي مون کي دودي لوڏيو، مون کي لوڏيو پاڻ خدا
چاڙهي دودي سومري، کيس پلنگ مٿي بادشاهہ
وڌيم پاڳ مٿي ۾، مٿان چونريءَ ڏاڍو چاهہُ
ابليس هوس اُٿلائيو، ڪيس تالان تخت مٿاءُ
اگهيو اٿم غور غريب جو، يا ڪنهن سان ڪيم ايذاءُ
مائي! جڏنهن آيم چَسَ سراڻ جي تڏنهن ڪَئين ٿيان بادشاهہ؟
هاڻي! اڳي وجان تہ ٻڌي مران، پُٺان، تي ساڙي باهہ
اڳيان آهن دور درياءَ جا، پُٺان تو ٻري آڙاهہ
ضايع ٿيان تہ زمين ۾، مون کي ڏرتي ڏي جي جاءِ!

---

[1] ٽٽي= ٽاٽجي، ڇڪجي.

چنيسر جي زال جو نالو 'مريم' هو. سا مڙس لاءِ ماني کڻي آئي:

مريم ماني آندي، آندئين طعنا ٻوڙ پلاءُ
وَرَ تان منهنجا ولها، ماني ويهي کاءُ
اڄ پڇاڻا سنڌ ۾ توکي جيئڻ ڪونه جڳاءِ
رسو ڪجئين هٿ ۾، وڃي مون وَرَ ڦاهو کاءُ
نار چوي تي تنهن وَرَ کي، آءٌ پيڻ چنيسر پاءُ.

اهي طعنا مهڻا ٻڌي چنيسر ماني کانئ کاڌي، ۽ ڪاوڙ مان ٿپ ڏيئي اُٿيو ۽ چيائين:

نار ناهين نر جي، توکي مريم پانيان ماءُ
رت تو رکيبيون پانئيان، تنهنجي ڊاڪُن ۾ وهِ آهه
طعنن تنهنجن کان پتر پالي تنگيان پاءُ
ڪنهن ڏينهن وڳهه ڳڙهه ۾ آءٌ ٻرڻ نه ڏيندس باهه.

ائين چئي چنيسر وڃڻ لڳو. پر وڃڻ کان اڳ پنهنجي ننڍڙي پُٽ ننگر کي ڊوڙي وڃي کنيائين:

ننگر ٻاروتڻ ۾ جيڪو لڏي هندوري ڏانهن
چُمي کنيائين چُوڙ تي، ٻينو روئي رت مُهان
نديون نير پَلٽيون اچي اُلٽيون اکين ڏانهن
گَهَرو نير نياڻ هو، جيڪو اُڌمان ڏي آڙاهه
پُٽ! پرتين رب کي، تنهنجو الله واهي آهه
ڪريئين پارت پير کي، تينڍءِ حامي حضرت شاهه
وري ته وڳهه ڪوٽ ۾ آءٌ ايندس تنهنجي سر لاءِ.

وڃڻ تي هو ته 'پنل راڻي' اچي روڪڻ لڳيس:

اچي بينيس اوڏڙي 'پَنُلَ' سا در جهل:
اسين تا توکي جهليون، تون جهليو ڏئين نه جهل!
متان اهڙي ڳالهه سٽي ڪري دودو ٻُهه پرايئه ڪل.

وري پيڻ باگهي اچي اڳيان در وٽ پهتس:

اچي بينس اوڏڙي، باگهي ڏيديءَ در
سِپر سيني ۾ ڏيئي ڦابو ڪيائينس ڪَرَ

چئي: سگهو نہ تپ سپرين، تون ڇرجي پاٽيءَ جان
راءَ نہ رنن سان رُسن، اها عمر نہ گذري آهہ
ٻارنهن شهر ٻنگال جا ڪٺ، وينو هتي ٿي ڪاءُ
نَون لکن جي سنڌڙي هٿ سان وينو هلاءِ
پاٽهين ايندو تو مٿي هلي دانَهہ دودو راءُ.

پر چنيسر ڪنهن جي ڪانہ ٻڌي، ۽ گهوڙو سنجي هليو ويو. تڏهن راڻيءَ دودي ڏانهن ماڻهو موڪليو تہ چنيسر ڪاوڙيو پيو وڃي، اچي پرچائينس.

راڻي ٻانهيءَ ڪي چيو، چيو دائيءَ ڪي دانا:
تہ وڃ ڪچهري وچ ۾، ڏي دودل کي تہ سماءُ
تہ نڪو پُونگر 'ماروڙيءَ' مان اُتي چڙهي ڏينديءِ پاءُ
پاءُ ورائج پانهنجو، اتي آيل جو ٻہ ويہاءُ.

راڄ وارن ڏنو تہ متان دودو، چنيسر کي پرچائي وٺي اچي ۽ راڄ پاڳ سندس حوالي ڪري، سو صلاح ڪري دودي کي شراب ۽ خراب پياري نشي ۾ الهوٽ ڪري ڇڏيائون. چنيسر جي ڪاوڙجي وڃڻ جو اطلاع دودي تائين پهتو ئي ڪونہ.

شيشا ڀريئون تہ شراب جا، جنهن ۾ ڳاڏڙ خراب آهہ
وٺي تہ ڪلال هٿ ۾، پيءُ دودا داناءَ!
موزا ڏنئونس پير ۾ جيڪي لهن لک سوا
جامان ڏنوئنس جان تي، ڪل زمرد جي تہ جڙاءُ
چاڙهي دودي سومري کي ڪيئون پلنگ مٿي بادشاهہ
وڌئونس پاڳ مٿي ۾، متان چونريءَ ڏاڍو چاهہ
ٻارهن پيريون لڳيون، تڏهن ڪيو تي پير نڪاءُ
ڪائي خراب قتو ڪيو، وڃي ڪيو اتس ڏڙ ڏڪاءُ
تڏهن آهي نشو نر جو، جڏهن پيو گدڙن ۾ غوغاءُ.

صبح جو دودي جو نشو لٿو، پاءُ چنيسر جي ڪاوڙجي وڃڻ جي سڌ پيس، تڏهن هاءِ هاءِ ڪري چوڻ لڳو:

چنَا! ڪا چوڙي پَوءِ، هند نہ جهليندو جاءِ
'راڄڙ' رڙي شل روهہ ۾ تنهنجا روهيا ٻار ٻچا
ٻاهوڙي شل پرزا تيئي، وڳهہ ڪوٽ وچان

پاڳ قاڙي پرزا ڪريان هن پلنگ ڏيوان باهہ
هڏي تي هوڏ هٺي منهنجو جانب ڪَيَوَ جدا
خاوند ڪٽندو ڪينڪي، ڪڍ صاحب ڇام ستار.

---

پر هڪڙو ورق ڪتاب ۾، اڄ مون ڏٺو آهہ
تہ جهڙو جهيڙو حسن حسين سين، تهڙو اسان سان آهہ.

---

آهي ڪو تہ اُتي وڃي منهنجو ادو ورائي
تن جوانن جاگيرون ڏيان سيريون سو ڪائي.

دودي، دربار ۾ ويٺلن کي چيو تہ: اوهان مان ڪو آهي جو منهنجي ڀاءُ کي ورائي اچي! تڏهن ست سومرا پهلوان هٿا، سي چنيسر کي وٺي اچڻ لاءِ سنيريا.

ڀائر ست هٿا سومرا، اُتي ڀهريا پهلوان
تازي طنبيلئون ڇُڙيا، ڪُـڏائين ڪيڪان
ڀڄيائين دربان، تہ هتان ڪو چنيسر لنگهيو؟

چنيسر جو ڏس ڀڄائي، گهوڙا ڊوڙائي اچي چنيسر کي رسيا، چيائونس تہ جي خوشي سان نہ هلندي تہ زوري بہ وٺي هلنداسين.

آندو اتئون نام الله جو، بيو پاند ڳچيءَ پائي
ميڙ آندو اتئون مصطفيٰ، سو شل تو محمد موٽائي
جئن تئن توکي سومرا! هلون وڳهين ورائي.

تڏهن چنيسر چين تہ: هونئن آءٌ پاڻهي موٽي هلان ها، پر جي هاٿي 'جيئن تيئن' جو چيو اٿوَ، تہ هجيوَ همت تہ لهي اچو، ۽ مون کي زوري وٺي هلو!

ساري حضرت شاهہ کي اچي گهوٽ لتو گهوڙي
سونهري سروپاءَ جا ڇـڏيائين زرهہ ڳلا ڇوڙي
هتيار ڏريا سومري سيئي ڀـِرڻي منجهہ جوڙي.

---

آيو مڳ ميدان ۾ بينو سورهيہ سڏ ڪري
هو بہ ست ڀائر سومرا آيا سَتئي صف ڪري.

---

چَنين چـُرن ڪينڪي، لـڳن خـوف چنيسـر ڪـان
سَـتئي ستيا هئا سـومري، جئـن هـاري سـتين گاھـ.

—

پـوءِ سـڏي چيـائين دربـان کـي، ادا! تـون اوري آءُ
مـون مـَـت دودو سـومرو، جـو وڳهـ ۾ وينـو آهـ
پـاڻ ڏٽـي پيـدا ڪيـو بيـو خلقيـو ڪونـہ خـدا
آن تـہ امــڙي ڇايــا قريــا آڏو اســان ڪــان
اچي ياءُ ورائـي يـاءُ کـي، هـت ٻئـي جـي نـاهي جـاءِ.

دودي کي چنيسر جي خبر پئي، سو اُتيو ۽ چنيسر کي وجي پهتو.

ڪوئـر ڪچهـري مـان اٿيـو، ديـو ڏيئـي ڏڏڪـو
جهليـو چنيسـر ڪينڪـي تنهـن دودل جـو دڙڪـو
ويـر اُتـي ويهـي رهيـو، ڏانئـي سـو گهـوڙو.

دودي چيس تہ:

آنـدو اٿئـون نـام الله جـو، بيـو پـاند ڳچـيءَ پـائي
مير آنـدو اٿئـون مصطفـيٰ، ڇـڏ نـہ محمـد موٿـائي
جيڪو ميڙ مڃي پائرن جي تنهن سان راضي رب آهي.

دودي خيال ڪيو تہ ڏيءُ جو سڱ ڏيانس تہ من ننگ پويس. سو قاضي کي گهرائي پنهنجي ڏيءُ سونل جو نڪاح چنيسر جي پٽ ننگر سان پڙهايائين.

دودي چيـو تـہ دربـان کـي، وڃـي قـاضي ڪونـہ آءُ
'ننگر' جو تنهن 'سونن'سـان اچي نـر پڙهـي نڪـاح
ننــگر نيــاٽو منهنجــو آ ســونڻ نــُـنهن ســنڌياءِ
ويندين عـالادين ڏي تـہ بادشـاهہ اسـان کي ڪنـدو ڇـا؟

چنيسر سمجهيو تہ دودي شـايد عـالادين کـان ڊڄـي سـڱ ڏنـو آهـي، تـڏهن چيائينس تہ:

يلـي عــالادين جـائين، تنهنجـي نــِـچ ويـائي مـاءُ
ڊاءِ تنهـن سـلطان جـي مـون کـي آچيـءَ ويـر وهـاڻُ
دڙڪـو ڏنـو مـَـئين دودا! تـہ سـڪي ويـو تـِـي سـاھ
پـاڳ رکنديـن پيــرن تــي ۽ لونگـي ڳچـيءَ لاهـ.

اتي دودي کي بہ ڪاوڙ اچي وئي، تنهن چنيسر کي چيو:

ٿري وچ پٽ لُهارِ جا، آڏو اکين ڪان
ڏيانءِ نہ لت اُرهہ تي، پَٽيو سسيءَ ساهہ
ست زهون تنهنجي سِيگَ ۾ جيڪي ڪاهين سو پيو ڪاهہ
مَلهون آءٌ ڪوڙيان منهنجا ڳوڏا وهندا ڳاهہ
مردن کي ميدو ڏياريان، گهوڙن داڻو گاهہ
پيءُ ڇاڙهي آءٌ پانهنجو، عالادين بادشاهہ.

چنيسر کي انهي طعني هيڪاري ڪاوڙائي ڇڏيو.

راڄ مهاڳو ڇڏيو منهنجو ويري ٿيو آڙاهہ
اُمراءُ وينين ڪونڪو، نڪي پاڻ ٽڪيو بادشاهہ
سڄڻ انهيءَ سور ۾ ٿو مران جو هُير لهاري ماءُ.

دودي خيال ڪيو تہ چنيسر محلات ۾ هلي، من راڻين جي منٿ تي ڪاوڙ ڇڏي، سو محلات ۾ چوائي موڪليائين تہ:

دودي چيو دربان کي، وڃ هوت حويلي ڏانهن
تون وڃ ڏيڌيءَ در تي وڃي اندر ڄاڻ ڪَجانءِ
تہ لُڏن هندورن ۾، جيڪي ويهن ڪٽ متان
پير پيادين پنڌ ۾ جن کي جُتي نہ پيرين آ.

---

بي محروم پري ٿيا، جڏهن آيو چوُرنگ ڏانهن
باگهيءَ ورتس بانهن مان، ڪيس 'پَتُل' وس وڏا
'سونڻ' نينگري ننديڙي پئي سان پيرن ڏانهن
پر پِتيلَ پرتو ڪينڪي ۽ ماڳهين موٽي نا.

دودو، چنيسر کي سمجهائڻ لڳو تہ جيڪي چئين سو ڏيانءِ، هتي ئي وينو بادشاهي ڪر.

گونگا، ٻاتا، گرفتي، توڙي ڇريا هجن ڇاءَ
انڌا، ڪاڻا، منڊا، توڙي سڳا هئن پاءَ
ڪنهن ڇڏيا آهن ڪينڪي اَبي امان ڄايا
ڪارڻ پنهنجي قوت لاءِ مون کي سڏيوَ دودو راءُ

کاٺُون تو ڏيان خزانن جون، تن ڏيان تو مال متاع
هو ڏؤنري پُسيءَ ڏُٿ ۾ مون سان پاڳي پائي پاءُ
ماري شينهن مُکن سان منهنجو ادل اهڙو آهه
سو تو دل تان دوست نه وسري پڙ مويي پاءُ.

—

پنج سؤ لشڪر تو ساڻ گهوٽ هلن گهوڙن
بورون شهزورون ڏيان، هئن مشڪيون ته منجهن
سنجافون سرخيون ڏيان، توسان ڪميتُون ته ڪُڏن
سوني رنگ سمنديون ڏيان جن تي سونا ساج پون
ڊابو ڊڊا ڏيان ڊاڪري، توسان ڳاهيا ڳاهه به ڪن
مَهري پٽ ميدان ۾ توسان ڊاٽي ڊول ڊرن.

—

سارنگي سُر منڊل ڏيان توسان ڪڃرين جا طائفا
ڊوليا هلي ڊرندي متانءِ چؤنري رکيو چاهه
ڪاڻ ڪيجانءِ ڪانڪا. نڪي راجا تون رُلجان
هتيار ڏرجانءِ ڪونڪو، نڪو ڪج سلامان
توسين بادشاهه نه چڙهي، ته مون وٽ تون اڄجان

—

چڙهون ته شوق شڪار تي، پئي ساري حضرت شاهه
پورجن در قندار جا، اڇن دلِيءَ دروازا
هلي ڪندس پِيل پناٽن تي، تڪو رکندس تاءُ
وِنا اُتندس ڪينڪي، سُتا ڏيندس ساهه
پيڙيون پناٽن ڪي، ڏيو لَتُون ڪيندس ساهه
لڪڻ لاهي وجهان هلي عالادين بادشاهه
پوءِ پڳ .ٻڌائي توڪي هلي ڪريان دليءَ جو بادشاهه.

پر چنيسر دودي جي هڪ به ڳالهه نه مڃي، ۽ گهوڙو سنجي دليءَ ڏانهن روانو ٿيو.

پهرين آيو تڙ تلور تي، آيو ڏوجهي ڪانه توان
جهالو راٺي راڄ ۾ جنهن ڪي چون چنيسر راءُ
پنجينءَ آيو هالار ۾، جتي ابڙو هو بادشاهه.

ٻيلي ۾ هڪڙو شينهن ساماڻو هو، جنهن جي ڊپ کان ملڪ سجو ٿي ويو هو، چنيسر اتي رات اچي ٽڪيو. ڪانئس خبرون پڇيائون.

آيــن پڇجــي اڱ ۾، ويئـل پڇجـي پـوءِ
تون ڪنهن ملڪ جو بادشاهه، پهرين خبرون ٻڌاءِ.

---

چئي: وڳهه ملڪ اسان جو، وڳهه مُلڪ مڪان
دودي چنيسر ڄام جو آهيان تان حجام
پسر پٽ دودي ڪي گيلانيءَ ڏنو غلام
مبارڪ ڏيندس بادشاهه کي، وجي دليءَ کائيندس طعام.

تڏهن اتي جي رهاڪن ٻڌايس ته:

ڪڇو ته ڇڏي پڪي ويا، ڇڏي ويا ديس ڏنوار
هاري وڻندا هئا هَرَ ڪي، جتي پَنبڻ پچندا هئا تار
رڍون هيون راڄن جون، جتي اُنيون اڪيچار
ٻهون جتي هيون ٻڪريون ٻيون، ڳئون متي اپار
ڪوڙيون هيون ڪڙڪن جون، ٻيو مينهن جا هزار
ڪيهر تو ڪُڏي گهٽو، تنهن ڏيهن متي ڏهڪار.

تڏهن چنيسر چيو ته:

ڪيهر اوهين ڇا کي چئو، ڪيهر ڪيڏو آءُ؟
چئي: ڪيهر ڪرارو قد جو، ڪيهر موچارو آهه
سنئون وجي ٿو سير ۾، جيڪو دُرست وهي درياهه
مُڪ هڻي ٿو اُٺ کي، آهي اُٺ اهائي جاءِ
ماريائين 'ابڙي' جا هت ڪُتن سؤ سوا
جيڪي ماڻهو هئا وٽين چڙهيا، سي ڪِنا تيا ڪوڙهيا
پِتي ابڙي جي ڪانڪا، تڏهن وري سڀ ويا.

رات ِ ٿي ته چنيسر هڪڙي مينهن کي ڏهڻ وينو:

ڪاري ڪُندي هئي ڪُرلي، جنهن وينو هٿ ڦيري
چنبو وڌائينس چُوڙ ۾، سا چُوڙيون نا چوري

چارئي بازون چُور ٿيون، آئي تڻ سان سگوئي
ڏهيو ڄاڻان ٿو ڪينڪي متان وجهان تڻ ڦَتي
منهنجو ڪٽورو اٿئي ڪٽوردان ۾ ڏهي مون کي ڏي.

ميهار کير ڏهڻ وينو تہ شينهن ڳاج ڪئي، جنهن تي مينهن کير ڪٽي وئي.
تڏهن چنيسر شينهن کي مارڻ جو ارادو ڪري جهنگ ڏانهن وڃڻ لڳو:

هٺي هٿ پنيءَ تي ڪيو چنيسر ڳالهاءِ
تہ تج ملهائيندس تنهنجي، اٿم سسيءَ ۾ ساهہ
جان اڄ ماريان شينهن کي، جان صدقو توتان ساهہ
ٻَهون اِنهن ٻيلن ۾ چَر تون گُجر سهٽو گاهہ.

تڏهن ميهار چيس تہ:

ڪدو ڪُلها آهن تنهنجا، متان لهي وڃئي واءِ
ڏي ڪٽي باهہ بندوق کي تہ لاري ڪريس نڪاءِ
ڪَنون هٽينس يا علي جو، جيڪو ڀالو ڪري پرڪا
نيزو هٽينس نبي جو، جيڪو سونهري سروپا
تہ پرزو پيدا نہ ٿئي، جُنگ انهيءَ جاءِ.

چنيسر ٻيلي ۾ ويو ۽ شينهن کي سٽل ڏنائين. چيائين تہ سٽل دشمن تي وار ڪرڻ مڙس جو ڪم ناهي، سو هڪل ڪيائينس هڪل تي شينهن اٿيو ۽ چنيسر سان وڙهڻ لاءِ تيار ٿيو:

ڪارا ڪانهہ ڪَنڌين تي، تون ساوا ڪين سُڪاءِ
ويري اڳڻ آئيو، هاڻي تنهنجو وارو آهہ.

---

هُو بہ بينو هو سامهون، بيني ڪيهر موڙيا ڪَرَ
اُمالڪ لهي پيو چڏي سمانڌ جي پچر
جس چنيسر سومري، جنهن ڊول ڏني اٿس ڊَرَ

---

ڏڪ هنيائين امير کي، لڳو آهي لوهہ متان سو
هڪڙوَ وارو ورتائين وري ٻئي واري وريو
آڏو انهيءَ شينهن سان ڪيو چنيسر ڳالهاءُ:

تـ ٻـ رانديـون مـردن جـون، هـاڻي وارو منهنجـو آه
نـامئي نظـر ٻـ نـ آيـو ڪٿـي شـينهن ٻـ اڳيـان
سـاري حضـرت شـاهہ کـي ڪٿـي ديهہ هنيـس دَسـتا
مُـڪ سان ميچالو قسي پيو، ڪيائينس ڏڙ کان ڏار.

چنيسر شينهن کي ماري اڳتي روانو ٿيو:

انيـون عـالادين جـون، اڳيـان وڳ تـو ويڙهـ چـري
اونـي رسـيو تـ اُنـن ۾ بينـو اُيـو سـڏ ڪـري:
پڇيـن تـ پيـٽي لهيـن، نـ تـو واتهـڙو ٻـ مـري.

---

’ڪاچي‘ اچي ٿو ڪڏندو، جنهـن کي لـيڙون الله ٻـ ڏي
لڪـڻ لوهيـڙي جـو هـٿ ۾ وينـو اَرڏو آزمـائي
ڪـاچي سـو ٻـ ڪـري پيـو، وڏي اونـي تـو ٻوڙي.

چنيسر اُن ماريو، تڏهن اوني پڇيس تہ:

ڪيـر آهيـو، ڪـاڏي وڃـو، آهيـو ڪيـر جـوان؟
رهو ڪهڙي راڄ ۾، اوهان جو ڪهـڙو ملـڪ مڪـان؟
چئـي: دکـن ديس اسـان جـو، ملـڪ چـون ڪُـستان
رهـان دلـيءَ جـي راڄ ۾، منهنجـو نـالو سـليمان.

چنيسر چيو تہ: دودي جو دايو آهيان، مون تـي دودي ڪـم رکيـو هـو تـہ انهـيءَ وات جيڪي ماڻهن جون تڪليفون آهن، سي لاهيو اچجئين. هاڻي دليءَ جو ڏس ڏي تہ ڪهڙي وات کان وڃان! اوني چيس تہ: هڪڙي وات ڦيري واري ناهي، پـر انهيءَ تي آدمخور وڙهي ٿو. چنيسر اها وات ڪٺي ورتي.

اڳ نـ هـوءِ چتـائـُو مـون ڏيٺـو پـوءِ نـ پـرو
دايـو آهيـان دودل يـار جـو، مـون اتئـي زور ذرو
ورنـدڙ انهـيءَ وات کـان اچـج لاهيـو خـوف کـرو.

---

رڻ جـو ورتـائين رسـتو، ڪٺـي رَنـد ورتـائين راهـ
اوڏانهيـن اتـي هليـو جيـڏانهين آدمخـور ٻـ آهـ

اڪ پيس آدمخور تي جڏهن ڏنائين ڏورانهہ
ويو ايمان امير کان، جنهن بخت نہ پيڙو آهہ
مصرين جا پاڻي پيتانءِ، نيرن سندس داڻو ڳاهہ
هلي روانا ٿيا انهيءَ راهہ تي جتي عالادين جو همراهہ.

—

چيائين تہ محمد ڪيائين منهن ۾، ڪيائين پيغمبر پيدا
يا علي آهي نياڻو جنهن جو ۽ حسن حسين ڏهٽا
چارئي يار رسول جا آهن عالم منجهہ پلا
پنجن تنن جهڙو بيو خلقيو ڪين خدا
اُمتي آهين انهن جو، تن جي ساجهہ سڀ رکجانءِ.

تڏهن آدمخور ديو چيس تہ:

هڪ جُٽ ڪيئي پاڻ سان، جڏهن لٽين تخت متان
ٻي جُٽ ٽيئي جڏهن ميڙيون ڪَيءِ تي پاءُ
ٽي جٽ ڪَيءِ پاڻ سان، مَتيين آدمخور متان
هيءُ آدم جو پٽ آدمي، ڏيو لت ڪيانس تو ساهہ.

—

روز تہ رزاق هٿ ۾ ڏئي تو خلق کي بہ خدا
اَٿ ڏينهن لنگهي ويا منهنجو اِهين ٻري آڙاهہ
ماڻهوءَ سندي ماس لئي منهنجي مڙهي سڪي ٿي ماءُ
جٺرو چڏيندس ڪينڪي ۽ نيندس بہ آيل جي اڳيان.

—

ڪنئي اٿئي ڪاري لٽ ڪُلهي تي، جنهن کي ڪنڌ ۾ بہ وَرُ آهہ
سُهڻا پَٽ آهن سڄڻا، تنهن جو نالو آهي ڇا؟
چئي: اها لاري للڪارون ڪري، تنهنجو پيري ڪيندي ساهہ.
چيائين: اها ونگي اٿئي وَڊِن ۾ تنهن جو نالو ڇا؟
چئي: اهو ڪنون اٿئي يا علي جو، جيڪو پالو ڪري پلڪا:
چيائين: ڪاني ڪوڙي اٿئي پير ۾، تنهن جو نالو ڇا؟
چئي: اهو نيزو اٿئي نبيءَ جو، جيڪو پلو ڪري پڙڪا.

پوءِ آدمخور چيس تہ:

هڻ مون کي تون سچٺا، کر پنهنجا آزمودا
ڪامل لنگهندا نہ ڪڏهن، تن جا منهن مڙي پوندا.

---

آيا مڱهہ ميدان ۾، نڪري تيا نروار
وريون آهن ڪارايون ڪَڙين جون، چڻ لوها ڪلَ لڳا
پاسريون پرزا ٿيون، جنهن جي ڪنڍي ڪيو نڪاءُ
آدمخور بہ ٽڪڙ ڪيو، جنهن ڪَڙڪي ڪيو ڳالهاءُ
تہ ٻوهيا ماريئي ٻوهہ سان، مون کي ڏنئي ڪونہ سماءُ
جان آهين دودو سومرو، يا پٽ دودي جو پاءُ.

آدمخور کي ماري چنيسر وري اڳتي هليو:

ساري حضرت شاهہ کي گهوٽ چڙهيو گهوڙي
سونهري سرو پاءُ جا ڪڍيو زرهہ سڳا جوڙي
تازي تہ وڏا ٻوَ ڪيا، متا ڪيهر ڪُلها موڙي
سرخي يار سنجاف کي ڇڏيائين ڇٽڪيءَ کي ڇوڙي.

---

ڪوٽ ڏناءِ ڪنگرا ڏنائون دليءَ جا دروازا
ڏرمسراءِ هئي پر ۾، جتي روئڻ ٻُڌو هو راءَ
پُرجهيو پڇي ٻارن کان هتي روئڻ ڪهڙو آهہ؟

ٻارن ٻڌايس تہ راڪاس ايندو آهي، جنهن کي واري تي ماڻهو ملندو آهي. اڄ انهيءَ مائي جي پٽ جو وارو آهي، جيڪا روئي ٿي. تڏهن چنيسر پاڻي پيئڻ جي بهاني سان دروازو کڙڪايو ۽ مائي کان پاڻي گهريائين.

پرڏيهي تہ پرڏيهہ جو، جيڪو ماناءِ مسافر
جيجان ٿئين ڏين جي، آهي تو پُٽ منهنجو پاءُ
پاڻيءَ تي پرزا ٿيان، ڏيان پاڻيءَ تي پساهہ
نامي نام ڏٽيءَ جي، مون کي پاڻيءَ جو ڏي پاءُ.

مائي جواب ڏنس تہ:

پڪا تئي کوهہ بادشاهہ جا، جڙيل گهٽئي جاءِ
اڳيان اوطاقون امرائن جون، بيا مَٽ مسيتين ڏانهہ
خاشون ڪندا خذمتون، ڏيندءِ گهوڙي داڻو گاهہ
مون ڪو پاڻي پريو، تو ماندي مسافر لاءِ!

تڏهن چنيسر چيس تہ: مائي! منهنجو توسان قول آهي تہ اڄ آءٌ تنهنجي پٽ جي پاران راڪاس وٽ ويندس. اهو ٻڌي مائي خوش ٿي چنيسر کي ڪٽي پاڻ وٽ رهايو ۽ خدمت ڪرڻ لڳيس. چنيسر ڪڻ تي وينو تہ ڪڻ وجي ڦهڪو ڪيو.

پير ڏنئي وچ تي وڏو عالم جو سردار
مردن جي ڳالهہ تي ڪجي ڏاڙهيءَ تي اعتبار
زال تہ ڏيوي سينڌڙي، آهي واڻئي مُڇ اقرار
وارو تنهنجي پٽ جو، آيل! ويندس آن.

---

پوءِ لڙڪي تي لغام ۾ قابو ڪيائين تہ ڪَڙا
پاوَند پنجوڙيون وجهيو ڏي تي گهوڙي داڻو گاهہ
ڪٽ چنيسر راءَ لاءِ اُوڇو هند وڇاءِ
چڙهيو چنيسر سومرو وجي ڪيو تس ڌڙ ڌڪاءُ
بابا! اهو پڳو تہ گهوريو، آءٌ بيو آٽيو تي ڏيانءِ
مائي! بيو بہ جهليندو ايترو، آءٌ اُتي پيو آهيان.

---

پوءِ گهٽا لاٿائين ڳچيءَ مان، هلي تي موديءَ ڏانهن
مودي! مون کي ميدو ڏي، اڄ منهنجي گهر اُمراءَ لٿا
دَمي تہ چاڙهيانءِ ديڳڙا، چاڙهيان بوڙ پلاءُ
ست رڇيون سوڙهيون تيون، جيڪي لائق چنيسر راءَ
بابا! بيا تہ تو کي بيٺا ڏيان هي نِلا نيرڻ لاءِ.

چنيسر، مائي جا طعام ڪائي سمهي رهيو ۽ کونگهرا هڻڻ لڳو. مائي خيال ڪيو تہ متان مون سان دغا نہ ڪري، سو چيائينس تہ:

نازڪ ستو آهين ننڊ ۾، منهنجو طعام ڪائي تڪرار
پِرين تہ هلي پارجان، جيڪي تينئي سخن سچار.

---

ڪوڙا! ڪوڙي ڏيهہ جا، آهن ڪوڙا ڪم سنداءِ
پنجاهہ ڪاڏءِ پـِـڙ تي، ڪُونچا چاليهہ چٽ ڪياءِ
هاٿي غافل تيو هٽين گهوگهرا ننڊ ڪوئن ڏهڪاءُ.

اڌ رات جو راڪاس جي رڙ تي چنيسر اُٿي ڪڙو تيو. ڪنو ڪٽي راڪاس ڪي وڃي مارِيائين ۽ ان جا ڪن پچ وڍي ڪٽي آيو.

آڏيءَ جا آغام تيا، آيو راڪاس رڙ ڪري
ساري حضرت شاهہ ڪي وينو ڪَنـُون دست ڪري
ڪَنبيو جنهن ڪان ڪُستان تي، سو ر ڪيائين ليٿائي
جوئرا تنهن راڪاس جا پٽيو ميدان ۾ اڇلائي
وڏيون نشانيون نر جون وينو پاهوري ۾ پائي
ويو خان قرار تي دانهن دليءَ لاهي.

صبح جو چنيسر دربار ۾ ويو ۽ وڃي عالادين جي ڪٽ تي وينو.

ساري حضرت شاهہ ڪي ڪٽي دَرَ هنيئين دستا
لاٿائين لاڏ لڪيءَ جو، جنهن تي لڳو هو لڪ سوا
چقمق تي چٽڳان چڏيون، جئن ڏِئي تي تجلا
شمعدان ڪيو سوجهرو بينو ڪڙي ڪٽ متان
خان چڙهيو اُن ڪٽ تي، جنهن تان لهي ويو اُمراءُ.

---

پنج منهنجا اتئي تاپرو، بيو گاهين ڪمي ناهہ
گيدي گلم هينان اتئي، بيا گهوڙن اولڙ ڏانهن
اهي ڪائي وڃي خوش تي چڏي هيءَ عالادين اُمراءُ.

چنيسر، عالادين ڪي حال احوال ڏنو تہ:

هڪڙا سما، بيا اسان ننگر راڄ رهن
پوٽا پونگر راءَ جا پـُـٽ دودل جا بـُـڌجن
پائر اتڪيا پاڻ ۾، راهہ رُنون راڄن
آءٌ پاءُ آهيان دودي جو، مون ڪي چنيسر چون:

[هن بيت ڪان يعني تہ عالادين جو چنيسر سان گڏجي چڙهڻ ڪان وٺي ننگر جو جنگ جي ميدان ۾ اچڻ تائين ڳالهہ ڪٽل آهي]

اتي ابڙي ڏانهن عالادين خط لکيو تہ:

خط عالادين لکيو ڪٺي ڪاغذ چڱيءَ ڪار
تہ ڪُ اَتئي مُنهن خلل جا، ڪَرهِ چڱي ناڪار
ويهانءَ ڏينم باگهيءَ جو، ڪٺي پرچي انهيءَ پار
نہ تہ تيندي تار ترار، سَما تنهنجي سِر تي.

ابڙي ڄام آڏو جواب موڪليو تہ:

تنهنجي تار ترار جي، مون کي ناهي پرواهہ
باگهي تن ٻارن ۾، آهي مادر مون مائي
ڪپيان سر سلطان جو ڇڏيان ڪنن سان ڪائي
متان عالادين ايئن ڀانئي، تہ جيئرو ويندس جنگ مان.

پَلو" نالي ابڙي ڄام جو ڀاءُ هو، جنهن کي ابڙي چيو تون چڙهي وڃينس:

هوڏنهن پڙ پَلو چڙهيو، ڪٺي تُري ڪشيائين تنگ
آرڻ ويل عظيم ساٽس چڙهيو نر نسنگ
ڪاريهَر جئن ڪَرَ ڪٺي، واهَ وڍائين ونگ.

---

جَس پَلي ڄام هوءِ، ٻي جس عظيمَ اَپار
اڳيوئن عالادين جي، هو مُڙيا ڪيئن مٽيهار
پوءِ متن ناه ميار، هو بہ ڪارهين ڏينهن ڪري پيا.

خاطي اچي ابڙي ڄام کي خبر ڏني تہ "پَلو" مارجي ويو. اتي سندس زال 'راڻي' جو ٻڌو، تنهن روئي ڏنو:

'راڻي' رُنو تي راوَ لاءِ، جنهن پَسي ڪديا هٿا پار
ڪئن وساري ويهي رهيون، منهنجَا پلا ڄام پتار!

پلو جو 'سبڙ' نالي پٽ هو، جنهن کي ابڙي ڄام چاڙهي موڪليو.

سَبڙ ساڻ سنيريا سَمن ٿيهہ هزار
لعلون لَنڪڻ لوڏٿا، ڪل زمرد جي تہ جڙات
ارڙهن سوءُ اُنن جا، ڪنيائين شيهي دارون بار.

---

ارڙهن سوءُ اُنڻ جا، هٿي اڙ ڏنائين اوت
سي کانن ڪيرائي وڏا، مڙس اهي اٿموت
اتي سبڙ جوڙي جوٽ، اچي تمر[1] ساڻ توار جي.

---

[1] تمر نالي پٺاڻ عالادين جو سپهہ سالار هو.

## 2- بادل ڪوري (تعلقو هالا) جي ڪنيل ڳالھ

[بادل پٽ سانوڻ پٽ حسين ذات ڪوري، ويٺل ڳوٺ حاجي محراب خان ٽالپر لڳ ڇُڪِي، تعلقو حيدرآباد ضلعو حيدرآباد سنڌ. ڪانئس تاريخ 16- فيبروري 1965ع تي هي ڳالھ لکي وئي، ان وقت سندس عمر اٽڪل 85 ورهيہ هئي. چيائين تہ: "جڏهن جمڙائو پيو ڪڇي ۽ ڇپني جو ڏڪار پيو هو تڏهن جي مونکي چٽي سانير آهي (يعني تہ ان وقت 12- 14 ورهيہ عمر هئس). بادل ڪوري هيءَ ڳالھ موسي پٽ صادق خاصخيلي، ويٺل باقر نظاماڻي تعلقو هالا کان سکي. موسو خاصخيلي 60 ورهين جي ڄمار ۾ اٽڪل 1950ع ڌاري گذاري ويو. موسو گهڙي ۽ يڪتاري تي ڳالھ ڪٽندو هو. بادل فقير بہ گهڙي ۽ يڪتاري تي ڀِهاڙي جي سُر مان ڳالھ ڪٽي، ۽ ڳالھ جي وچ ۾ ڪافي چٽي ساهي ڪٽي ۽ هر هڪ بيت کان پوءِ "الو الو، يا هادي الله، يا منو الله" وراڻي طور چئي. ڳالھ جي شروع ۾ هي بيت آلاپيائين:

بـڏندي بـوڙن ۾، حـاذق هـٿ وجهـن  
ڏسو لـڄ لطيف چئي، ڪيڏي ڪـي ڪـن  
نيئي ڪنڌيءَ ڪن، نہ تہ بہ ساڻ هلندا سير ۾.

---

ڪونج تہ وچ روهہ، متان وڳر کان ويڇڙين  
چڙهي روهہ ڇِتاءِ، متان وڳر وڃنئي هليا.

الو الو، يا هادي الله، يا منو الله!

ڳالھ ڪٽڻ ۾ فقط هڪڙو جهيلِي ڪٽي. وٺانئس جهيلي گهٽئي تيا. پر ڳالھ ڪوبہ نہ سکيو. هن وقت سندس جهيلي مِهرو پٽ ٻڍو خان ٽالپور ويٺل ڇُڪي تعلقي حيدرآباد جو آهي.

اسان بادل کان هي ڳالھ پهريائين ڳوٺ بخشي لغاري (تعلقو حيدرآباد) ۾ ٻڌي ۽ ڪجھ لکي. پوءِ هو محمد جمن خان ٽالپر جي معرفت حيدرآباد ۾ آيو، جتي ڪانئس باقي ڳالھ لکائي وئي. چيائين تہ: "منهنجي مرشد بيبي پاڪ زينب گادي نشين قلندر جَهندُولو (لڳ ڳوٺ ڪرم نظاماڻي تعلقو هالا)

مون کي ڳالهہ ڪرڻ ۽ ڳائڻ کان منع ڪئي. اٽڪل ٽيهارو سال ٿيا جو مون ڳالهہ ڪٿڻ ڇڏي ڏني". هن وقت گهڻي ڳالهہ وسري ويئي اٿس، ۽ فقط ايتري لڪايائين جيتري ڪيس ياد هئي. ن - ب]

اول نـــام الله جـــو، بانهـــان ٻـــيءَ نـــ لـــڳ
لـــڳ ڏٽـــيءَ جـــي آسـري، ڇـــُـتي ســارو جـــڳ.

---

هـــالن ۾ مخـــدوم آهـــي ســـرور ســـويارو
پٽائي گهوٽ پـــتن ۾، جنهـــن جـو آهـي ڪيـڏارو
ڇـام ڏاتـار آهي ڇـام تي، جنهن جو ڏينهـڪ پانـدارو
روهـڙي ۾ روضـي ڏٽـي منهنجـو پـــير بـــ پاڳـارو
مٽـارين ۾ آهـي مصطفـيٰ، تـــو نـــر هٽـي نعـــرو
ٽنـــدي محمـــد خـــان ۾ آهـــي ســـيد ســـويارو
لاٽ واري هـن لـَينَ سان آهي ميـون ڪريـم موچارو [1]
ڪوئنجـي جـي ڪنڌيـن تـي آهـي سـاجن سـويارو
بديڻـــن ۾ بادشـــاهہ آهـــي ڪـــامل پيـــر ڪـــرارو
الو الو! يا هادي الله! يا مـنو الله!

---

سنڌو وسي سهڻي شهباز جي، جنهن جا آهن ظاهر پير فقير
الو الو! يا هادي الله! يا مـنو الله!

---

جـوڙ بـرادون جهـان جـون، پلـي عـالـم عيـدون ڪـن
الو الو! يا هادي الله! يا مـنو الله!

---

رات وهـــامي ڏينهـــن ٿيـــو، اُيريـــو جـــو تـــارو
خونـــي خـــط خلـــل جـــا ڪچـــي دودي در آيـــا
راڄ رُنيـون تـي سـومريون، جـــت دودي ڪيـا سـعيا

---

[1] 'لـَينَ' انگريزي لفظ 'لائين'، يعني تـَر، ملڪ.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ياٹر! پڇي سڀ پيڙا ٿيو، مون تي ڪٽڪ چڙهي آيا
يائر پڇي تيا، آيا دودي جي مهندا
سنڌي اسان جي سومرا، آهين تون سردار.

عالادين جا خط دودي کي مليا ته يا ته سڱ ڏي، يا ته لڙائي ڪر. دودي دل ۾ ڳالهه ڳڻي ته چنيسر ڪاوڙيو وڃي، اهي ڪُوڪٽ چنيسر وڃي ٻاريا. تڏهن دودو ياٹرن کي گهرائي صلاح ٿو پڇي. ياٹرن چيو ته: تون اسان جو آهين سردار، جي اسان کي رخصت ڏين ته واڻ تي ٿي وڃي عالادين جي لشڪر سان هٿ ڳنڍيون. انهيءَ ئي ڪچهريءَ ۾ 'دوسو' وينو هجي، جيڪو دودي جو وڏو سالو ٻه هجي ۽ وزير ٻه هجي. تنهن دل ۾دريافت ڪئي ته ٻيلي، ڪچهريءَ وارن دودي کي سني صلاح ڪانه ڏني آهي، جهيڙي واري صلاح ڏني اٿن. تڏهن دوسُو ٿو دودي کي جواب ڏئي ته: تون ننگر کي چاڙهي موڪل، پُٽ، پيءُ ڏي موڪل. چو ته ڪهڙو ٻه مائٹ ڪاوڙيل هوندو، پر اولاد آيو ته ڪاوڙ ڇڏي ڏيندو. تنهنڪري ننگر کي موڪل ته چنيسر کي پرچائي وٺي اچي. دودي چيو ته:

ننگر اڃا ننڍڙو، وٽين ۾ پيو ڪير پئي
هوڏانهن آهن لک لشڪر جا، هانياري ڌاري
چرئي جو چيو ڪري، ڇڏيان ننگر مارائي.

دوسو کي چيئين ته: دوسو! اها چريائي واري صلاح نه ڏي، چو جو چنيسر اهڙو ڪاوڙجي ويو آهي جو نڪو پُٽ سڃاڻي نڪو ڀيو. آءٌ ننگر کي موڪلي مارائي وهان! اتي سيني ياٹرن چيو ته: دودا، توکي دوسو سچ ٿو چئي. پُٽ کان پيءُ ڪيڏانهن ويندو؟ دودي چيو ته: اوهان مردن جي صلاح تي آهي ته ننگر کي موڪليون ٿا، پر هاڻ پاڻ صلاح ڪريون، جو ننگر جي ماءُ آسن اُميدن واري، ننگر کي نه ڇڏي ته پنهنجي صلاح ته اتي ئي رهي، چو ته ننگر جي شاديءَ جا ڏينهن ٻڌا پيا آهن. اتي ياٹرن چيو ته: بلاشڪ پڇائي وٺ.

دودي ماٹهو موڪليو، وڃ مائي مريم ڏي
مُنجُون ٿا ميڙ ابل ڏي، ننگر ميڙ ڪري.

مائي جواب ڏنو ته:

ننگر منهنجو ننڍڙو، ٿو وٽين کير پئي.

جي راضي راءِ ٿو ٿئي تہ دودو پاڻ چڙهي وڃي، پنهنجي پاءُ ڪي ڳراٽي ڏئي پرچائي وٺي اچي تہ پنهنجي پُٽ جو اچي ڪاڄ سُرهو ڪري. مائي اهو جواب ڏياري موڪليو. دودي ڪي پائرن چيو تہ: زالن جو چوڻ وٺون ها تہ پڳ چنيسر کي ٻڌايون ها. تون ماٺ ڪري ننگر کي موڪل، زالن جو چوڻ ڇڏ. دودي چيو تہ: ٻيلي! ننگر پنجاهہ سنگتين سان گڏجي ويو آهي تلاءَ تي وهنجڻ. انهيءَ ڪي گهرائي توهان سيني سومرن جي روبرو ٿا پڇون. متان پيءُ جي ڪاوڙ لَڪائي ۽ پاڻ بہ وڃي پيءُ وٽ ويهي رهي. هو تہ اڳئي ويو پر هي بہ هتن سان موڪلي وڃائي ويهي رهون!

دودي دوسوءَ کي چيو، وڃي ننگر نهاري آءُ
مُنجون ٿا ميڙ ابل ڏي، اچي پيءُ کي پرچائي
دوسو چڙهيو ڪپ تي بيٺو پُڪاري:
آءُ ننگر سومرا، توکي چاچي ڪوٺايو
سڻيو سڏ دوسوءَ جا بيٺو ڏائيءَ راند رهي
ڪِليو ڪري ٿو ڪپڙا، ٿو يارن کي بہ چوي
يار! پرتا آهيو رب کي، مون کي ڪوٺايو چاچي.

چاچي ڪڏهن مون ڏي ماڻهو موڪليو ئي ڪونهي، لاشڪ متان چاچي کي بابو ڪاوڙجي ويو آهي عالادين جو لشڪر چاڙهڻ. متان اُهو وڳهہ ڪوٽ ۾ اچي ويو. هاڻ، يار! رب کي پرتئو، مُنهنجي الله واهي آئو. تڏهن يار ٿا چون تہ: تنهنجي الله واهي ٿي، اها تہ چڱو پر اسان جو بہ گفتو ٻُڌ. اسان کي وار سُڪائڻ ڏي پوءِ اسين بہ توسان گڏ هلنداسين. پر تيستائين ترس، جيسين اسين بہ گنديون ڪپڙا ڪري وٺون. ننگر چيو تہ: نہ، وار هلي واٽ تي سڪايون، متان عالادين آيو. يارن ورائي چيو تہ: هڪڙو عالادين چو ٿو اچي، اهڙا پنج چڙهيا پيا اچن.

اسين سِڏيون هٿون سلطان کي، وڃي دلي ساهہ ڪٽي.

---

وار سڪائيندي واٽ تي، ڪيئين دودي جو سلام
دودي اُتي ورتو بسم الله ڪري، ننگر جو سلام

دودي خط اُچلي ڏنا، پيا ننگر جي مهندان
پڙهيو پروانا پيءُ جا، پُٽ ڦاڙيو خط ڇڏي.

چئي: وڃ خاطي، اهو ڏينهن اٿئي، نہ تہ پرزا پٽي نہ ڪري ڇڏيئين. ننگر جي اڳيان خاطي ٻانهون ٻڌيون. چئي: آءٌ بہ مزور آهيان. اُن خطن جو پري ڏيو، آءٌ نڪو جهيڙي وارو نڪو جنگ وارو. ننگر دل ۾ دريافت ڪئي تہ چاچي وٽ رڳا نلها خط ڪاڳرن جا آيا آهن. نڪو جهيڙو نڪا جنگ، اهڙو پوءِ پئجي ويو اٿس جو مون کي ڪٽي گهرايو اٿس. مون کي گهرائي انهيءَ مهل، جڏهن ڪو ميدان هجي. هن کي هينئر مون کي گهرائڻو ئي ڪونہ هو. جڏهن گهرايو آهيس، تڏهن مون کي بہ چاچي سان همدردي ڪرڻي ٿي، پلي تہ سڀ سومرا ٻڌن. پوءِ چيائين:

متان چاچا ماندو ٿئين، پنهنجي ڪندو ماڻ خدا
گهٽڻ ۽ تورن سان، ٿيندو حامي حضرت شاھ
پلي عالادين آئيو، تنهن کي آندو پاڻ خدا
اسين سر صدقو ڪريون، جيئن پون گهورون گهوٽ متان.

دودي دريافت ڪئي تہ ننگر، مونکي سيني سومرن جي اڳيان سونو نڪ وجهي ڇڏيو. هاڻي پلي تہ سڀ سومرا ٻڌن، مون کي بہ پنهنجي ڀائٽيي سان همدردي ڪرڻي آهي. تڏهن چيائين:

سُڻ تہ سٽائيئن ڳالهڙي، منهنجا ننگر نتيڙا
وڏن جي وڏانگري، پُٽ! تو متي آهي
پيءُ پرچائي آءٌ پنهنجو، دودو پڳ ڏيندو توکي
اتي ڪيهر ڪنڌ متي ڪٽي، ننگر ڳالهايو:

چاچا! مون کي بہ پڪ آهي تہ ابي کي نتي ڏنئي، سا مون کي ڪيئن لاهي ڏيندين؟

اها مصلحت ماراڳن جي، تو ڪان ڪَچي ڇڏائي وئي
ياءُ ويئي پر منجهان، تنهن کي ورتئي ڪين واري
هاڻ هٽين تو هتڙا، جڏهن آيو عالادين چاڙهي
وسن بادل رُڪ جا، ميڙ مون کي ڪا ڏي
تہ وڃي جو ٿيان جنگ کي، پوءِ سويون وس ستار.

اتي دودي دل ۾ دريافت ڪئي تہ اسين تا موڪليونس صلح جي لاءِ، جو هتي ئي جهيڙي جون صلاحون ڪيو ٿو وڃي، سو ڪهڙو صلح وجي ڪندو؟ هاڻي پنهنجي ڪا اٽڪل ڪرينس.

دودو چڙهيو ڪٽ تي، ٿو ريسر[1] رڳائي
هڪ جيڏيون هيڪليون ٿو گهوڙيون گهرائي
ڪَن پُڇ تن گهوڙين جا، ٿو سون سان مڙهائي
لعلون لغامن تي ٿو جنهن جڙائي
ماٺهو جوڙايو سوَن جا، تن جون ٻانهون ٻڌائي
پيٽ ڪٺي هليو پاءُ ڏي، مَبپُ مُهلاٽي
نڪي ويلو وجهان وچ ۾، نڪو پيان پاٽي
يڪي منزل مير ڪي، سو اُڙدن ۾ آيو
پيٺون دودي مير جون، ڪيئين عالادين سامهيون.

عالادين دريافت ڪئي تہ جيڪو دودي سومري انصاف ڪيو، سو ڪنهين بادشاھ ڪان ڪين پچندو. رڳو پاٺهي چنيسر وجي تہ سرتاج ڪري، ڪٺي تخت تي ويهاريس. هاٺي چنيسر ڪي گهرائي سمجهاٺي ڏيانس تہ وج پنهنجي پاءُ وٺ. پر هاٺي اسين ڪهڙي پُٺ پرائي انصاف جي موڪليون؟ اها پاءُ جي خبر هوندي پاءُ کي، انهيءَ ڪان گهرائي صلاح وٺان.

عالادين ماٺهو موڪليو، چلي چنيسر آءُ
چلي چنيسر آئيو، عالادين اڳياءِ
ڏس پيٺون مڙد جون، جنهن سان وڙهڻ ناهہ جڳاءِ.

چنيسر ڏٺو تہ عالادين صلح وارڻ جو پيو ڪري، چو نہ اهڙي ڳالھ ڪريانس جو ڪاوڙجي پوي. سو چيائينس تہ:

نچي دودي وٺ ناچٺي، جنهن کي جهنواريون ٿو ڏي
اها پيٺ تہ آهي منگتن جي، ڏان ڪريو ٿو ڏي.

آءُ تہ دودي جو پاءُ آهيان، مون کي خبر آهي تہ اهو لاڳ تہ رڳو ناچٺين ۽ منگتن کي ٿو ڏئي. اتي عالادين کي ڪاوڙ جو جذب چڙهي ويو تہ بادشاهن جا شان بہ

---

[1] ريسر = ماز گهوڙي جا.

بادشاهه سڄاڻندا. چنيسر چيو تہ: هاڻي جيڪو پيٽون ڪٽي آيو آهي، ان ڪان خبرون پڇ.

السلام عليڪم سپرين و عليڪم سلام
ڪير آهين، ڪيڏانهن وڃين، ڪهڙي ذات جوان؟
چئي: ذات جو آهيان مهلاڻي، مَبَـپُ منهنجو نانءُ
اُت مَبَپُ مُهلاڻيءَ کي جيئن مڪڙ روهه وريا
اُڙدن تي اوندهه ڪئي، وڄون وسن گهمسان
مڙد تي مينهن وانگي پيا ڦهري ڪانَ وسن
ڳاجي ڏئي ڳري ويو، مبپ مُهلاڻي.

ماري ڪُتي موڪليئون پوئتي. پيٽ اچي وڳهہ ڪوٽ ۾ نڪتي. ڀهرين ڀهرين ننگر جي مُنهن پئجي وئي. وجي دودي کي چيئين تہ: چاچا! مون توکي چيا چيو تہ لشڪر ڏي تہ وجي جنگ ڪريان، پوءِ سويون وس ستار جي آهن. تون وري پنهنجون اتڪلون پيو ڪرين! دودي چيو: هاڻي تون بلاشڪ وڃ. باقي هڪڙي ڳالهہ آهي جو توکي ننڍو ڇڏي ويو هو، متان پيو مُنجهين، تنهنڪري توکي پار تو ڏيان پيءَ جا:

ڪارو طنبو آهيس باغ ۾، ڪارو چنيسر ويس
سائو پالو هٿ ۾، نيلو گهوڙو هيٺ
صحيح سڃاڻج، سومرا، اهو ميناڪاري ويس.

وري تو ننگر جواب ڏئي: چاچا!

مينا ڪاري ويس اُتي لکين لک پڌن
چڙهيو پنهنجي مُلڪ تي اُبتا پير پڌن
مون سان هلي منگتو، جيڪو بابو سڃاڻي ڏي.

دودي هن کي منگتو گڏي ڏنو. موڪلائڻ مهل دودي چيو تہ: ننگرا! پاڻ چاچو يائٽيو هلي وڳهہ ڪوٽ گهمي اچون، پوءِ تون پلي وڃ. اتي باگهيءَ کي خبر پئجي وئي تہ دودو تو ننگر کي جنگ تي موڪلي. تڏهن چيائين تہ: سيني سومرن جي ڪا مَت اَنڌي ڇٽبي جو دودو پاڻ نٽو وڃي پر ننگر کي تو موڪلي! پاڻ وڃي پنهنجي ياءُ کي پرچائي وٺي اچي ۽ پنهنجي پُٽ جو اچي

ڪاڄ سُرهو ڪري. هاڻ اڄ اچن پيا گهمڻ جي لاءِ. اهڙو ڪو طعنو تُنڪو هٽان جو دودو پاڻ وجي ۽ ننگر معصوم کي نہ موڪلي.

چنبــو چنبــي ۾ ڏئــي هليــا، ٻيليئــڙا ٻيئــي!
پــوءِ ٻــاگهيءَ تــي مهٽــا ڏنــا تــہ دودا مــت ويئــي
چا تو ڪرين چوڪر سان، تون ڪانئر ٻاريندين ڪانہ.
تــڏهن دودي ڪٽــي مــاٽ ڪئــي، ننــگر ڳالهـــايو
تہ ڇمندي ڇو نہ مــري وئيــن، رن! راڄ رلايــو ئــي تــو.

تڏهن ٻاگهي ورندي ڏنيس:

ابا! وجين تو مُنهن مغلن جي جتان جيئرو ڪونہ اچي
سِـر تنهنجو صنـدوق ۾ شـل! ڪهنبـن منجهہ ڪڇي.

ننگر چيو: جيڪڏهن مري ويس تہ الله جي مرضي. جيئرو وريو تہ اچان تہ سومرو ڏيندو سئين پوڙهو اهڙو جو هٽن سان ويهاريندئين هٽن سان اُٿاريندئين. ائين چئي ننگر ميدان ۾ تي بيٺو. دودي جو پُٽ هو پونگر، تنهن خيال ڪيو تہ بابو پيو سوٽ منهنجي کي موڪلي جنگ تي، مون ڪان تہ نڪو صلاح نڪو ثواب پڇئون. مرڳو ڳالهہ ئي ڪانہ ڪئي اٿن. پاڻ هنن کي روح ۾ دريافت تہ پونگر آهي، ننڍو، چوڪرن ڪان ڪهڙيون صلاحون پڇبيون! اڄ مون کي چوڪرو ڪري ڇڏيو اٿن. سياڻي آءُ پڇندس تہ اها ڪهڙي ڪم جي؟ هاڻي آءُ تو بابي ڪان پڇان تہ سوٽ منهنجي کي ڪيڏانهن تو موڪلين؟ سياڻي تائين اها ڳالهہ ڪانہ ڇڏبي.

سل سچي ڪر سومرا، منهنجو سوٽ مُنجين تو ڪيڏانهن؟
چئي: مُنجانس تو ميڙ ابل ڏي، ايندو پيءُ کي پرچائي
وجي تو مُنهن مغلن جي، سو جيئرو ڪيئن تو اچي؟
بابا! هڏ ڏوکي ساڻس وجي ئي ڪونہ تو، لڳي ويل لُـچي
اسين ننڍا وڏن جي آسري، وڙهون ڳاٽ ڳچيءَ ڳل لائي
وجي گـڏجي مَـرُون گادار ۾، سوٽ بہ سوٽن تـي
مـون کـي موڪل ڏي دودا سومرا، دلئون دعـا ڪـري!

تڏهن دودو تو چوي: ابا! اڳيان جهيڙا آهن، جنگيون آهن، سفر جا پنڌ آهن. تون اجان ننڍو معصوم آهين. تڏهن وري تو پونگر سوال ڏئي تہ: بابا! سڀ

سمجهان ٿو، پر هاڻي اهو بہ روبرو فيصلو ٿئي. ننگر بہ بينو آهي، يار گهڻئي آهن گڏ، پر رت گڏ آهي ئي ڪونہ. منهنجو سوٽ ياءُ آهي، آءٌ هرگز گڏ ويندس. دودو دل ۾ ڳالهہ ڳڻي تہ: ننگر روبرو بينو ٻڌي ۽ متان دل ۾ خيال ڪري تہ پنهنجي پُٽ کي مٿنو ڪري، مون سان گڏ ڇڏي نٿو. سو چيائين تہ پلي پنهنجي سوٽ سان گڏيو وڃي. هاڻي دودو ٿو چئي تہ:

دعا ڪندس دل سان، آن کي لڳندي بہ گهڻي
پنجئي وقت نماز جا، ڇڏيو، سي نہ ڪٽي
پوءِ طنبو طنبن ۾ ڏيئي هٽي، اوهان جو وارث يار ڏٽي
پونگر هلئي ٿو ننيڙو، تنهن جي پارت اتئي گهڻي
متان چنيسر جو چوڻ ڪري، اتي مارائينس ڪٽي
مڙس سيئي تون موڪجئين، متان وجين ات ڦري!

ننگر ٿو جواب ڏئي:

ڦران تہ آءٌ ڦُرجي وڃان، ڇو نہ وڃان اتي ئي مري
مُبَيُ مُهلاڻي ماريو، تنهن جي بہ مون کي ڳالهہ ڳري
ميڙيون ڪندوسانِ مِنتون، دلئون دلِ ڪٽي
نہ تہ سڏو ڪندو سانِ سومرا، جيئن وارن کي ڦٽي
ساري حضرت شاهہ کي وڃي ڪريانِ پُرز پٽي.

چئي: چاچا! متان پانئجئين تہ ڪو ڦري ويندو. دودي چيو تہ هاڻ تون بيشڪ وني وڃ سوٽ کي. ننگر چيو: چاچا! منهنجو هڪڙو عرض آهي تہ آءٌ مگيو وينو آهيان. مڱ ويني آهي وناهہ ۾. ايتري موڪل ملي جو مڱ ڪان موڪلايو وڃان. مون تي متان ڪو هن جو حق رهجي وڃي. چيئين: بابا! بلاشڪ وڃ هاڻ ٻئي سوٽ گڏجيو تا وڃن.

چنبو چنبي ۾ ڏئي هليا، ڏُرس چڙهيا ديوان
تنبي توٽيون تڙڪڻ لڳا، پَٽين پيا واڪا
هندورو دهشت نٿو جهلي، ٻانهي! ڪٿ ڪائي لوڏا
ٻانهي اُتي ٻهر تئي، ويني ڪلي کير مُنهان
چئي: نڪو آهي عالادين بادشاه، ڪيو اتئي خير خدا

سونا ڪنگڻ ٻانهن ۾، ڪنن ۾ لُڙڪا
سونِ ورايو سومرو، اِهو وَرَ وَني تنهنجو.

ننگر جي مگّ دل ۾ دريافت ڪئي تہ ننگر وجي ٿو. پوءِ مون کي ڇا ڪندا وناھ ڇا ڪندا ٻيا! سا پڙدي پوش ٿي، دريءَ مان جهاتي پائي، ننگر سوٽ کي چا ٿي چوي:

سوٽ! وڃين ٿو جنگ تي، منهنجا نَهرا ننگر راءِ
پرين! اُتي پرديس ۾، شل لڳئي نہ ڪوسو واءُ
ڪَچ پُڄ ڪاچو وَهي، دلَي ٿو وَهي درياءُ
نڪي اڳي چڙهيو بادشاھ، نڪو چڙهيو اُمراءُ
ننگر! تنهنجي لاٽئن لاءِ سڪندي سال ٿيا
ڳاني ٻڌو ٿو وڃين، توکي راڄ ڪچو چوندا.

ننگر، مگّ کي جواب ٿو ڏئي تہ: راڄ مونکي ڪچو چوندا سو تہ چڱو، پر منهنجي هينئر توڪل اٿئي:

ڏيءَ دودي داناھہ جي، تون ادب ڪري هلي ويھہ
سونل ڏي چاچي جي، منهنجي الله واهي آهي
بابي عالادين چاڙهيو، جيڪي چڙهيا اُزد اڇن
هاٿي مڙھ ايندئي وڳھہ ڪوٽ، تنهن سان لائون لهج.

ماءُ پُٽ جي ڪاڄ جي خوشيءَ ۾ هئي. ڇَنا ٻيا پئي نهرايئين، تنهن جا سُتت خبر ٻڌي تہ دودو پُٽ منهنجي کي جنگ تي ٿو ملڪي، هي ڏنڏا ڪاڄ هلاڪيون ٻيا ڪنهن جي لاءِ تا ٿين؟ سو دودي کي ٿي اچي دانهن ڏئي تہ پُٽ منهنجو نہ موڪل.

مريم ماءُ ننگر جني، تي ريهون ڪري راٽي
تہ چنيسر اڳ وجايئي، ٻي سُج ستيئي هاٽي
ڏس تہ ننڍڙي ننگر جا مون لاڳ رڱايا هاٽي
ننڍي مير ننگر جا، مون ڇنا نهرايا هاٽي
ننڍڙي مير ننگر جا دس ديڳين چڙهايم هاٽي
وني ويني آهي وناھہ ۾، سا پئي نتي پاٽي
ناني مارائين ٿو ننڍڙو، وِلهي ڪرين ٿو نياٽي.

اتي دودي کي ماٽ اچي ويئي. هيڏانهن پاڻتيو، هوڏانهن نياڻي، انهي سوال جو جواب ڏئي نہ سگهيو. ڇا ڪري ۽ هاڻي ٻيو ڪير ڏئي؟ تڏهن دودي کي ماٽ ڏسي ننگر ٿو پنهنجي ماءُ کي جواب ڏئي:

اسم وجهاڻ ڌڻي الله جو، وڃ تون ماٺ ڪري
اهي ڳاڙها ڏيج ننگر جا، ڇڏجئين لٽائي
ڇنا منهن مير ننگر جا ڇڏجئين ڌهرائي
چڙهيا دس ديڳين جا، امان! ڇڏجئين لهرائي.

ماءُ کي جواب ڏئي ميدان ۾ ٿي ٻيهي رهيو تہ: تون پانئج تہ مون محمد ڄائو، ننگر ڄائو ئي ڪونہ هو. ننگر جو ڀاءُ محمد ان وقت ۾ هئو ئي ڪونہ. ويو هو شڪار تي. ننگر جي ڀاڄائي ويٺي هئي. تنهن دل ۾ دريافت ڪئي تہ ڏير منهنجو آهي، تيسين آءٌ ترسائي وجهانس. هلندي وقت متان ڀاڻس محمد اچي ۽ پائر هڪبئي کي ڏسن تہ سهي.

داد منجهارا دادلي، ورتي ننگر گهوڙي واڳ
ڏير! وڃين ٿو جنگ تي، محمد ويو تہ شڪار
چئي: ساري محمد ڀاءُ کي، منهنجا ڏجئين سلام
وچڙيي پنهنجي ڀاءُ جو مون منهن بہ ناهي ڏٺو.

منهنجو ۽ محمد ڀاءُ جو ميلو ٿيندو ڏينهن قيامت جي، منهنجي هاڻ توڪل اٿئي. جواب ڏئي ميدان ۾ ٿي بيٺو. دريافت ڪيئين تہ پنجاه يارن جي آهي منهنجي شهر ۾، نہ ميڙو نہ ملاکڙو، نہ رنگ ۽ تماشو، هي سڏ آهي ميدان جو، هاڻي سرن جا سوُدا آهن. جيڪو نہ سچو پچو يار هوندو، سو اچي ميدان ۾ حاضر ٿيندو.

ساري دستگير بادشاه کي، پُٽ ڪڍيئين ليڪو
ساري حضرت شاه کي ڏور ٻڌئين پالو
جنهن کي ڪُوفو جنگ جو، سو نڪري نروار ٿئي
پايو پاند ڳچيءَ ۾، وڃو پنهنجي مائرن پيرين پَونِ
تہ اسم سان الله جي، ٻنيهہ تيجون بخش تيسن
مائن تيجون معافي ڪيون، پنهنجي تي بہ پُٽن
پُٽن جا قوڙاوا، وري ڪي وڏي ڀاڳ مِلن.

پنجاھہ ئي يارن جو ميدان ۾ حاضر ٿي ويو. ننگر يارن کي چيو تہ: ڏهاڙي واري ڳالهہ ڪانهي ڪا، هاڻي اَٿائون ميدان واي ڳالهہ. متان واٽ تي هلي ڪو خبرون ڪري تہ يار! اِها هاڃي جي خبر اسان کي ٻڌائين ها تہ اسين بہ موڪلائي اچون ها. تڏهن يارن چيس تہ: يار! تو سڏ ڪيو، اسان تنهنجي سڏ ڪرڻ مان ئي سڃاتو. دريافت ڪئي سون تہ هي ڏهاڙي وارو سڏ ڪونهي. اسين پنهنجي مائرن کان اڳوڀرو موڪلائي آيا آهيون. هاڻ جيڏانهن تون هلندين اسين تنهنجي سِر سان آهيون. پنجاه يارن جو، منگتو ۽ سوٽ پونگر هاڻي تا منزل ڪٽن.

گهوڙو يار ننگر جو، بينو نُنهين پر نچي
گهوڙو مير پونگر جو، واڳ ڏيو پيو وڃي
ستاويهہ ڪوهہ وڳهہ کان، ٿيو اتن پنڌ پري
مُرد مُهراڻي وچ تي بينو طنبو اَڏائي
ننگر پنجاهہ يارن سان تو ڳالهہ بہ ڳالهائي
يار! نہ ٿيو اوهين ويسلا، اڳيان عالادين آهي.

ننگر جي يارن بيني طنبو ناهيا. ننگر ڏسي ورتو ۽ خاطي عالادين وٽان خط ڪڍيو ننگر ۽ دودي ڏانهن پيو وڃي. دل ۾ دريافت ڪئين تہ اڳي بہ خط آيا هئا تہ چاچي کي چرڪ پيو هو، جو مون کي تلاءَ تان گهرايو هئين، هاڻي اسين تہ هليا آياسين هيڏانهن، متان وري ڪو چاچي کي چرڪ پوي. سو انهي خاطي کان اِتي تا خبرون وٺون، چاچي تائين ڪونہ تا ڇڏيونس.

ننگر چيو يارن کي، اِجهو رهبر تو وڃي
وريا يار ننگر جا، آيا رهبر کي واري
سلام عليڪم سپرين، وعليڪم السلام
ڪير آهين، ڪيڏهن وڃين، ڪهڙا اٿئي خط ڪنيا؟
چئي: خط چنيسر مير جا، مون دودي ڏي ڪنيا.
اهي خط اسان کي ڏي، تنهنجا اتي خط پڙهبا
چئي: خط ڏيندوسانو ڪينڪي، منهنجو اُجورو يار پڇي'،
ڪڏي ڪاتي سونسي بيٺ مان، ننگر ڏني خاطي کي
ڏسي خاطي خوش ٿيو، ڇوڙيو بدوڪا ننگر کي ڏي
چنيون چموٽيون چم جون، ساريون سيئي پيو ڏي
وڃي خاطي، اهو ڏينهن اٿئي، متان داڳيئين دلي کي!

ننگر بہ هو ننڍو اجاڻ، بادشاهي ٻار، دل ۾ دريافت ڪيئين تہ مزور تي مار ڪانهي. ادا! تون وڃ هليو. خاطي پنج ست قدم پري ويو تہ ورائي سڏ ڪيئينس. ويچارو ٿڙڪڻي ۾ اچي ويو ۽ الائجي وري ڪاوڙيو ڪيئن! اچي بہ قدم پري بيهي رهيو ۽ پڇيائين تہ: تو سڏ مونکي سائين ڇا ڪان ڪيو؟ ننگر جواب ڏنس تہ: مون خط لکيو آهي، سو منهنجي بابي چنيسر کي وڃي ڏي. پوءِ سوٽ کي چيئين: ادا! خبر ٻڌي اٿئي، خاطي ويندو سُتت اڳي، خط تڏهن تا موڪليون تہ احوال وڃي پهچيس. خوش ٿيندو تہ هڪڙو پُٽ پيو اچي، ٻيو پائٽيو پيو اچي. پاڻ کي پرچائڻ سُکيو ٿيندو جو خوش هوندو. چئي: ادا! بلاشڪ خط موڪل. هاڻي ننگر تو خط لکي:

ننگر خط لکيو پيءُ کي تہ پانَهہ پروانا
تہ منهنجا بابي مير کي جوان پرج جانا
ننگر اچئي تو پرچائڻ لاءِ، ٻانهن ۾ ٻڌيو ڳانا
دوست سڄاڻي دل سان، ڇڏجئين طريهل جا طعنا.
هاڻي خاطي اُٿ هُشائيو، اُڙدن ۾ آيو
خاطي خط اڇليا، ٻيا چنيسر جي مهندا
پڙهيو پروانا پُٽ جا، تو گوڏي هيٺ رکي
اتي ڪيهر ڪنڌ متي ڪٽي، عالادين ڳالهائيو.

عالادين بادشاه خط پڙهندي چنيسر کي ڏسي ورتا. تڏهن پڇيائين تہ:

سل سچي ڪر سومرا! اِهي ڪهڙا خط آيا؟
چئي: ادي دودي سومري پنهنجو قدر ئي ڪونہ سڃاتو
نڪو لڌس سومرو، نڪو لڌس ڪو وزير
تنهنجي منهنجي پرچاءُ لاءِ ميڙ مُڪئين دايو.

اتي عالادين ورتو ۽ چنيسر کي تو چئي تہ: رسڻ ۽ ڪاوڙجڻ غريبن جا توڙي اميرن جا سيني جا ٿيندا آهن، پوءِ پائر هڪٻئي کي ڳراهتي ڏئي پرچاءُ ۽ صلح ڪندا آهن. جي دودي کي پرچائڻو هو تہ تو وٽ پاڻ لنگهي اچي ها، ياءُ هٿينس. جي نہ تہ عزيزن قريبن مان ڪو موڪلي ها. انهيءَ ڪان پوءِ تہ بادشاهن جا نهراءُ وزير بہ وڃي ڪندا آهن. ۽ دودي وري ڇِڪي دايو موڪليو آهي! هي تہ پرچاءُ جي ڳالهہ نہ چئبي. هي تہ پاڻ تي ٺوڪ چَٽر ڪئي آهيس. بادشاهن

تي چڙرون ۽ ٽوڪون ڪبيون آهن؟ هاڻي منهنجي دل تي چوي ته چڙرن ۽ ٽوڪن وارو اڪين سان ڏسان به نه. ۽ اهو دايو تون واڻ تي مارائي ڇڏ. جيئن نڪو آءٌ ڏسان، نڪو منهنجي اکين تي ئي چڙهي. چنيسر ڇا ڪري جو پٽ کي دايو چئي وينو. پوءِ عالادين کي چيائين ته: يلا ڏي لشڪر. هاڻي چنيسر وني ۽ عالادين ٿو ڏئي:

پنج سؤ لشڪر ٿو ڏيئين ته وجي دايو مارائي اچ.

چنيسر چيو ته: پنج سؤ لشڪر جا ته رڳو دايو چنبن سان ماريندو. چيئين ته يلا:

ڏهه سؤ لشڪر ٿو ڏيئين، وجي دايو مارائي اچ.

چئي: ڏهه سؤ لشڪر جا ته دايو مُڪن سان ٿو ماري. ڳالهه هيئن اٿئي ته:

دايو مرندو ڪينڪي، دايو هر ڪنهين کي ماري
دايو اسين چئون ان کي جيڪو اسان سان ٽج پئي
دايو ڏيندئي داغ دليءَ کي، وجي دِلي ساه ڪٽي.

اتي عالادين اک پَٽي ته پنج سؤ جيڪو چنبن مُڪن سان ٿو ماري اهو دايو ڪٽي آهي، هي ته ڪو سُومرن منجهان آهي! تڏهن ڪاوڙجي چنيسر کي ٿو چوي:

چـُـڙهيا چنيسر چٽ ٽيـن، تـون رڳـا ريـب ڪريـن
بهانـا دايـن جـا، وري دودا ديـم چـاڙهين.

جي اهڙي خبر هجيم ها ته توکي پهرئين ڏينهن ڪيئن پڪ ڏيان ۽ سومرن کي سَمهـُون ٽيان! اِتي ننگر سؤٽ پونگر کي چيو: ادا! ڪاوڙيل ماڻهو نياپي ڪاڳر تي ڪونه پرچندو. پاڻ هن ڏي رڳو ڪاڳر موڪليا هئا. جيڪي هن گوڏي هيٺ رکي ڇڏيا. هن وٽ پاڻ هلي وجبو ته خبر پوندي، سو هلو ته چنيسر وٽ هلون. پوءِ ننگر، پونگر، منگتو ۽ پنجاه يارن منزل ٽا ڪٽن.

ڏينهن سُومر جي سُومري، چڙهيا اُڙد اچن
پهرين منزل پئي مير کي آريائي 'اَجنيرِ'
ٻئي منزل پئي مير کي 'گـُگـُـڙو ٽر' چون
ٽي منزل پئي مير کي اچي باکو 'بڪار' لٽو.

بڪار جو شهر دودن ۽ عالادين جو دنگ هجي، پر بڪار جو شهر هجي دودن جي پاسي. ويچارن مسڪينن کي آئين اَئين ڏينهن عالادين جو لشڪر ڦري ماري هليو ويندو هو. قدرت ڪريم جي سان ننگر جي يارن به اچي بڪار شهر جي ٻاهران

طنبو هنيا. بکار جي ماڻهن اوپرا طنبو ڏٺا، سي ويچارا تڙڪٽي ۾ ٻئجي ويا ته اڳي ايندا هئا اَنين اَنين ڏينهن، لاشڪ متان پنڌ جي سُورئون هاڻي لڏو لاهي اچي ويهي رهيا آهن. هاءِ گهوڙا، اڳي ته ڇهه ڏينهن وچ ۾ ساهي ملندي هئي. هاڻي اها به بس. ٻه چار ماڻهو موڪليئون ته وڃي پڇي اچو ته اوهان پنڌ جي سُوران ائين ڪيو آهي، يا ٻيو ڪو سبب آهي؟ ٻه چار هنن وٽ ويا ۽ چيئون ته خبرون چارون ٻڌايو. ننگر جي يارن چيو ته: ادا! لک خبرون. اسين سومرا آهيون. هڪڙي چيو ته آءٌ پُٽ دودي جو، ٻئي ٻڌايو ته آءٌ پٽ چنيسر جو. هڪڙي ننگر نالو ٻڌايو ۽ ٻئي پونگر ٻڌايو. تيڏيءَ مهل هنن جي هيئين کي واءُ لڳي ويو. خوش ٿيا ۽ دل ۾ دريافت ڪيائون ته: اسان جا بادشاه به دودو ۽ چنيسر، هاڻ الله ڪندو ته ڪين مارباسين. پر هاڻي هلي پنهجي شهر ۾ ٻڌايون ته سڀ اچي پنهنجي بادشاه کي سلامي تين. اچي شهر ۾ ڳالهه ڪيئون. سڄو شهر مِڙي سِڙي اچي گڏ ٿيو. ننڍا آهن توڙي وڏا، پنهنجا بادشاه آهن. دانهن پهلِي ڏيون يا اَڳاهِي پهلِي ڪريون. انهن ئي صلاحن ۾ هئا ته ٻه کي ٺوٺت به هنن کي ڏسي آيا هئا، تن اچي انهن کي چيو ته: توهين سيئي مِڙي اچي گڏ ٿيا آهيو، ڳالهه ڪيئن آهي؟ هنن چيو ته: ڳالهه پلي ٿي آهي. چيئون ته: اسين به ٻُڌون. هنن چيو ته: انين انين ڏينهن ڦُري هُنن پنهنجي پِڌ ئي اُتاري ڇڏي آهي. هاڻي پاڻ سمورا هلي اُنهن کي سلامي به ڪريون ۽ حقيقت به ٻڌايون جو پنهنجا بادشاه آيا آهن. هنن ٻنهي وري جواب ٻڌايو ته: اوهين سمورا مُنڌل ٿيئو؟ ڇو ته هو پنجاهي کن جوان آهن ۽ ڇوڪرات آهن، سي مسافر ٿي اچي پنهنجي شهر جي پرسان لٿا آهن. جيڪي پنهنجو بکار ڦُرڻ ٿا اچن، سي ڪَنڪُون ڪدرَڪون ٿيون اچن. ٻيو ته هو اهڙا اهڙا جوان آهن، جن جون بڪيون به ههڙيون ٿلهيون آهن. ڪچهريءَ ۾ چڱا مَنا ساهيٽا به وينا هئا، تن چيو ته: توڙي ننڍا آهن، توڙي وڏا آهن، پنهنجا بادشاهه آهن. پوءِ پلي دشمن سان پچن توڙي نه پچن، پاڻ کي دانهن ڏيڻ حق آهي. اها ڳڻ ڪري آيا ۽ اچي ننگر کي دانهن ڏنائون ته:

السلام عليڪم سپرين، وعليڪم السلام
ماڻهو شهر بکار جا، ڪَن دانهن تي دانهون.

ته ڏينهن جو ڪائي اسين پيٽ ئي نٿا پريون، رات جو پيا بک مرون. اهو ڇڏين ٿا ڪونه ڪو جو لولي ۾ لوڻ وجهون. انهن سان اسان جي ڪابه واهه ڪانه تي

هلي. هاڻي انهن کان تون سيئي سور ساري ونجئين. اتي ننگر چيو تہ: هيترا ڏينهن جي اوهان کي ماريئون. يا اوهان کي ڪٽي قُريئون اُها ڳالهہ اُنهن کي ڦبي ويئي. باقي اڄ ڏينهن کان وني الله ۽ الله جو رسول ڪندو تہ اوهان جي وار جو بہ نالو ونڻ ڪونہ ڏيندوسان. باقي هڪڙي ڳالهہ ٻڌايو تہ اُنهن جا ويس کهڙا، پار کهڙا، ۽ کهڙي ڏينهن تا اچن؟

چئي: سونيون ڪيوتيون ڪنن ۾، دُشالا تا لڙڪن
جابلو گهوڙا جن جا پُڇ ڌرتيءَ رِسڪن
جمعي جمعي جي ڏِينهن تا شهر ٻڪار قُريو وڃن.

ننگر چين تہ: هاڻي اوهان جي ڪُتن تي ئي ڪانهي ڪا. آءٌ پاڻهي پيو انهن سان سمجهندس. ننگر کي چيئون: سائين! اسان کان خبرون پڇو تہ جمعي جو ڏينهن آهي اڄ، هُنن جي اچڻ جي مهل آهي. اسان کي الله جو ڏِي پر تو بادشاه جو ڏي، نہ تہ الاجي ڪيڏانهن جا ڪيڏانهن تي وڃون ها. هُو هتان هوندا يا هُتان هوندا. اجا انهن ئي ڳالهين ۾ جاچ ڪٽي وني تہ ڪَدرڪُون تُتيون اچن. سوٽ کي چيئين: هِنن ويچارن مسڪينن حق تي دانهون تي ڪيون. هاڻي پاڻ جيسين صلاحون ڪنداسين، تيسين هي شهر ۾ اچي پوندا، پوءِ پاڻ ماري ڪُتي ڪٽي ڪديا تڏهن بہ سومرن جي گهٽتائي تي پوندي ۽ ملڪ ۾ ڳالهہ هُلي ويندي تہ ڦر ڪيئون سهي، پوءِ ماري ڪتي ڪديئون. هاڻي منهنجي مرضي آهي تہ هتي کان واٽ تي ئي خبرون پڇون. پنجاه منجهان پنجويهن يارن ۽ سوٽ پونگر کي چيئين تہ اوهين هتي ئي ڪچهريءَ ۾ وينا هجو، آءٌ پنجويهہ همراهہ ونيو ٿو وڃان، اسين ئي انهن جي لاءِ گهٽا آهيون.

ننگر يار سنيرايا، پنهنجا پنجويهہ يار
چوئنڪيون يار ننگر جون اچي ويره واه لتيون
سلاماليڪم سپرين، وعليڪم سلام
ڪير آهيو، ڪيڏانهن وڃو، ڪهڙي ذات جوان؟
چئي: ذات جا آهيون مُغلا، ڦريون تا شهر ٻڪار
چئي: هتي نَر نبري هلو، پوءِ قُريو ٻڪار
مڙد گڏيا هٿا مڙدن کي، جڙيا جنجيرن
هَڻ هونگار وائي وات ۾، پُرتي ڪونہ پوي

ڏلهر رلين جا بہ ماڻهن اُن تي اُجلي ڇڏيا هئا. ساهيتي چيو تہ: ڏينهن تتي جو اَروڙيءَ ۾ ڪنهن جو ڪم نڪو هاج. انهي پاڻ ۾ ڏلهر نونن ۾ پورجي وجون، پوءِ ڏسنداسين تہ ڪو ماڻهو چيٽو ڪونهي، تڏهن فضيلت سان پنهنجي ڳوٺ هلنداسين. پوءِ انهن نونن ۽ ڏلهرن ۾ بئي ڇٽا پُورجي ويا. اتي عالادين بادشاه چنيسر کي گهرايو ۽ چيئين تہ: پاڻ کي اَئين انين ڏينهن بڪار جي قُر ملي، اڄ ڪنهن جو لشڪر موڪليو هئي؟ چيئين: سائين! اڄ تہ مون پهلوان پهلوان جوان چونڊي موڪليا هئا. پناڻن جو لشڪر هو. مونکي پڪ آهي تہ قُر ڪري آيا هوندا. پر هو مغز ڪيو پڪ آهي تہ قُر جو مال گهر وينا ڪائيندا هوندا. هل تہ هلي ڏسونِ. عالادين ۽ چنيسر چنبو چنبي ۾ ڏئي نڪتا. قسمتن جا ڪم، جو اچي لنگهيائي انهي اَروُڙي جي پرسان. عالادين هجي اَروڙيءَ واري پاسي. نونئي تي پير لڳو، ٺُڙڪو ٿيو تہ دانهن ڪيئون. ساهيتي هُن کي چنبو هٽي چيو تہ: بيڙيءَ تريا! ويجها اچي ترسياسين، تڏهن تہ پاڳيا اچي پهتا. هاڻي جي اروڙيءَ پاسي پيا ڏڪنداسون ٺڙڪنداسون تہ ماڳهين مارجي ويندا سين. ٺهڪري نڪري ٻاهر تہ ٿيون تہ سويري وارا ٻـَـتا آهيون. ڏس اڳهرو بہ ڇڏي ڏنو هنئون نہ؟ نڪري ٻهر ٿيا، پاڻ ۾ پريل، پگهر ۾ شل، ڪنن تي هٿ، بينا ٿيا بينا هجن، ڏکن ۽ ٺڙکن پيا. عالادين بادشاه ڏسي تہ ڳالهہ جي نڪا هوءَ ٿيم نڪا هيءَ ٿيم، نماز بہ تہ ڪانہ ٿا پڙهن! چنيسر کي پڪ ٿي وئي تہ هنن کي جٺ بہ پوري پوري ٿيل آهي، پر عالادين سان سچي نہ پيو ڪري. عالادين بہ اڳيان بادشاهہ آهي، دريافت ڪري چيئين: اڙي چنيسر! تون انهن ڏي گهٽو پيو نهارين؟ چيئين: جي اهي بئي ويا هئا تہ رقم سُتـِي. هي پاڻ ۾ پريا پيا آهن، پگهر ۾ شل. ڪهڙي ويڏن ٿيـن؟ چيئين: بادشاهہ! انهي ڳالهہ جي سمجهہ نٿو رکين! چئين: ڪهڙي سمجهہ رکان؟ چنيسر چيو تہ: اُٺين سيئي گڏجي قُر ڪري آيا. بيا قُر وينا گهر ڪائين، هنن کي ڪا پنهنجي پـَتـِي ڏني هئُن، سي بـَدُون بڏيون ڪٽيون آيا. پاڻ کي اٿن ڏنو، سو انهي اروڙيءَ جي ڏلهرن ۽ نونن ۾ اٿن لڪائي تہ متان بادشاه وٽ ظاهر نہ ٿئي. هي تہ مشڪريون ڪري پيا ڏکن ۽ ٺڙڪن. عالادين چيو تہ: پوءِ ڀهرين انهن کان قُر ظاهر ڪريون. بين کان پوءِ هلي ثابتي وٺنداسين. يلا قُر پڪ سان اِنهن نونن ۾ آهي؟ چنيسر چيو تہ: پڪ سان. چنيسر جو چوڻ ڪري، اروڙيءَ جي نونن کي ڪٽي اٿلائي تہ ڪم ئي بيا لڳا پيا هئا. چيئين: وهہ ڙي چنيسر واهہ!

لکن جي قُر ظاهر ڪرڻ نڪتا آهيون ته تون وري چرچا پوڳ پيو ڪرين! هي مهل ڪا پوڳن جي آهي؟ چنيسر چيو ته: سائين! مون ڪان برابر چُڪ ٿي آهي، مون پوڳ ڪيو آهي. هاڻي سچي ڳالهه تو ٻڌايئين ته برابر اهي ٻئي ويا هئا. هاڻي انهن کي جي مارينديس ڪُٺيندين ته به لکن جي قُر ظاهر ڪونه ڪندا. باقي هڪڙي ڳالهه آهي ته جي انهن جي ڪٺي ناموس ظاهر ڪرين. هاڻي عالادين، چنيسر جو چوڻ ڪري، انهن ٻنهي جي ناموس تو ڪري. چنيسر چيو ته: منهنجي صلاح توکي وڻي آهي ته لکن جي قر ظاهر ٿيڻي آهي.

يلي آيا آهيو مُغلا، يلي آيا آهيو جُوان
ڏيکاريو قُر بکار جي، اَن جي مَرڪي ڏيهه ڏسي
چئي: ٻن پيو شهر بڪار جو، ٻن پئي اَن جي قُر
ڪڙو هنيو اُتو ککر ۾، جنهن جا ڏينهو ڏور ڏنگين
هو آهن بلائون بڇڙيون، سگ نتيون جي ڏين
اسان تان گُتائي ڪينڪي، هنن جون اکيون تو ۾ آهين
هاڻ ورو پوئتي، نه ته صبح جو ڪَسن ڪپين.

ننگر، سوٽ پونگر کي چيو ته: ادا، هاڻي هنن وجي عالادين بادشاهه کي ٻڌايو هوندو. عالادين ڪا گهٽتائي ڪندو ڪيئن؟ چوندو سومرا آهن، الائي ڪير آهن. منهنجي نوڪرن ۽ پيلين ٻانهن سان ٿا وڙهن. جنهن مهل منهنجي رُخ تي چڙهيا، تيڏي مهل آءٌ پُجي ڇڏيندوسانِ. اُتي پيو عالادين بادشاهه گز اُڇليندو هوندو. منهنجي مرضي آهي ته ڪاهي ڏسون عالادين بادشاهه کي.

ڏينهن سُومار سومري سان، چڙهيا اُڙد اڇن
وتِي ننگر جي هٿ ۾، وِرچون يارن کي ڏي
پريو دُنگ داروءَ جا، پيئندا پاڻ اڇن
جون تا يا ننگر کي، جوٽ جنگيون ڀون.

هنن مان هڪ مغل رلندي ڏسي ورتئون. يارن چيو ته اسان کي رخصت ڏي ته انهي سان ڪا فضيلت ڪريون. ننگر چيو.

ائين پاڻ وڙهون ته پنهنجا ڪچا قرب ٿين
بادشاهن اُمرائن سان پيا چوريءَ چور وڙهن
پاڻ چڙهون چوُرنگ تي، ته دودي سان ڳالهيون ڪن.

پلي وجي دودي سان ڳالهيون ڪن. تہ سومرا ٻولائيندي وڙهندا آيا. هن ڪان وڏيڪ ڪجهہ ئي نہ چيئون. رڳو ٿورو ٿڦڙ هٽي پڳڙي لاهي وڌوئونس تہ: سچي ڪر، اڳيان ڪچهري ڪنهن جي آهي؟ چيئين: ٻيلي! وڙهڻ جو ڪم ڪونهي، ڏسڻ جو ڪم آهي. چيئونس: ٻيلا ٻڌاءِ. چئي: اڳيان ڪچهري آهي تمر وزير جي. وري قسمتن جا ڪم، جيڪي ٻئي ٻُتا، سي بہ ڦري سري انهيءَ ڪچهريءَ ۾ ٿيا. انهن سان خبرون ڪيئون تہ: ٻيلي! دودو پيو اچي. هنن کي خبر نہ هئي تہ ڪو ننگر آهي. پر ڪچهري وارن ٻڌايئون تہ دودو پيو اچي، سو مصيبت وجهيو پيو اچي، نڪو سانگو نڪو صرفو ۽ اچي بہ انهي مُنهن ڪان پيو، اوهان جي سامهون. دڙڪن هنن ويچارن جو اڳئي ساه ڪڍي ڇڏيو هو. ننگر بہ انهي ڪچريءَ تي اچي نڪتو.

اُرهاڻيندي تمر وزير جو، ڪيو ننگر نر سلام
ننڍي وڏي واڻي وات ۾، بيٺا دودو دودو ڪن
مات ڪريو تہ مڙي وجي، آهي دودو پاڻ جوان.

جيڪا ٻُتن هنن کي پچار دودي جي ٻڌائي هئي، تڏهن تي "دودو دودو" ڪيئون. متان پُل چڪ ۾ڪو سلام وني ويهي، آزار ۾ چڙهي وجون. پاڻهي ٻيهي ويون اٿن جو سلام ئي ڪنهن ڪونہ ورتو. ويچارن جا ساه سُڪي ويا، ٻڪرين وانگي هڪبئي ۾ سوڙها ٿي ويا. هاٿي مَنگهي ڪري ڇڏ (پاسو ڪري وڃ). منهنجي تہ هنن کي خبر ئي ڪانهي تہ ننگر آهي، هي پيا ڪن 'دودو دودو'. سو بہ ٻہ چار قدم هلي وري ٻيهي رهيو. خيال ڪيائين تہ هنن ڪان پاسو آءٌ ٻلاشڪ ڪري وڃان، متان هن ڪچهريءَ ۾اهڙا ئي ڪي مڙس هجن، جيڪي پرپٺ لاڦون هڻن تہ هي مڙس تہ ڪو ٻيو هو. اسان کي هنن ٻُتن ڏپ ڏنو دودي جو. مُڙس دودي جي نالي ۾ لِڪي ويو. ٻيو ڪهڙو ئي هجي ها تہ اسين پُڄي ڇڏيونس ها. پوءِ جو لاڦون هڻندا تنهن ڪان اڳو پوءِ پنهنجو نالو ظاهر ڪري وڃان. تڏهن هنن کي چيائين تہ:

دودو ڪين آهيانوَ، آهيان دودي جو دروان
دودو چڙهندو جنگ تي، تڏهن وڻ ڇڏيندا واءُ
رئي ڪان اپ لئجي ويندو، سج جي نہ پوي سماءُ
وهندل درياءُ ٻيهي ويندا، سپُون ڇڏيندو ساءُ

ڪيو آهي. پوءِ پڇيائينس تہ: اڳيان ڪچهري ڪنهن جي آهي؟ چيئين: اڳيان ڪچهري آهي بيگ وزير جي. هاڻ بيگ وزير جي ڪچهريءَ تي ٿا وڃن سڀ سنگت ڪريو.

أرهاٽيندي بيگ وزير جو، ڪيو ننگر نر سلام
بسم الله ڪري بيگ، ورتو ننگر جو سلام
چئي: پيچ سڃاتم پٽڪي جو، تون پُٽ چنيسر خان
سُوڍو آهين سومرو، ننگر آهي تنهنجو نانءُ.

ننگر چيو: آفرين اٿئي جوان جا پُٽ! سڄي سَينا گهمندو اچان. خبر ٻڌاءِ تہ تو مونکي سڃاتو ڪيئن؟ بيگ چيو تہ: پٺهين جڏهن چاچهين وٺان ڪاوڙجي اچي خود دلِيءَ ۾ عالادين بادشاه سان سڄي ڪانہ ڪئي هئس، چيو هئائين آءٌ پرٽيل ٿي ڪونہ آهيان، ڪنوارو آهيان. تڏهن مون سان پڳ مٽ يار ٿيو. مون سان سڄي ڪئي هئيئن تہ آءٌ پرٽيل آهيان. منهنجا پٽ آهن ٻہ- هڪڙي جو نالو ننگر، ٻئي جو نالو محمد. پٺهين جو پيرہ بہ توکي ٻڌل آهي. مون کي بہ سڄي عمر گذري ويئي پر تو جهڙي شهزادي جوان ڪونہ اچي سلام ڪيو آهي، تڏهن پانيم تہ چنيسر جو پٽ ننگر تون آهين. ننگر چيو تہ: بابي جو يار آهين تہ منهنجو چاچو آهين. آءٌ آيو آهيان بابي کي ونڻ ۽ پرڃائڻ. تون چاچو آهين، مون سان همدردي ڪر، بابي کي سمجهاءِ. هاڻي ٻيون ڳالهيون سڀ چڱيون ٿيون. بابو آهي ڪعبو قبلو. پهرين بابي جي ڪچهري مون کي ٻڌاءِ تہ ڪٿي آهي تہ هلي ڏسون. چيئين: اُها توکي ٻڌايان ٿو. پهرين هڪڙي ڳالهہ مون کي سڄي ٻڌاءِ. ننگر چيو تہ: تون بابي جو يار، منهنجو چاچو ٿئين، توسان آءٌ ڪوڙي ڪندس؟ هاڻي تو پڇيس:

سل سڄي ڪر سومرا، تون پرٽيل جان ڪنوارو

ننگر چيو تہ:

منهنجا وڳهہ ڪوٽ ۾، چاچا ڳاڙها ڌُهل وڄن
چنڊ منهنجو ڪندا پرٽو، سڏيو ٿا سومرا ڏين
پيءُ پرڃائي پنهنجو، وڃي مَنَهَن مرڪايان.

رڳو بابو هلي، شاديءَ ۾ دير ٿي ڪانهي. هاڻي تو بيگ وزير ٻڌائيس: بابا! منهنجي صلاح اٿئي تہ تون وڃي پنهنجي وَنِي ماڻ. هِن پِٽيل دليءَ ۾ قول

ڪيو آهي، ڪڏهن ڪونہ هلندو. ننگر چيو تہ: چاچا! صلاح تنهنجي اسان کي دل سان خوب لڳي، پر مائٽ آهي ڪعبو قبلو. ورهين جا تُـتل آهيون، هيڪر ڏِسيو تہ وجونس. جي نہ هلندو تہ گِهلي تہ ڪونہ ڪٽي ويندا سونس. بيگ چيو تہ: جي هرويرو اُن کي ڏسڻو آهي تہ ڪارو طنبو جيڪو ڏسجي پيو، سو آهي چنيسر جو. ننگر جيڪو منگتو ڪنيو هو، ان کي چيئين تہ: مون توکي جهيڙي جنگ لاءِ ڪونہ ڪنيو آهي. بابي کي وڃي ڏسي اَءُ تہ ڪهڙي خيال ۾ آهي، پوءِ اسين پاڻهي ويندا سين. هاڻي منگتو ٿو وڃي.

سـلاماليڪم سـپرين، وعليڪـم سـلام
چئي: پلي آئيـن منگتا، مونکي سـُرهو ساج بـُـڌاءِ
چگيـون پليـون آهـن سومريون، چڱـا پـلا اتـم بـارا!
ننگر چڏيو هٺمر تنجٽين ۾، تنهن جا مون کي ڏي پار.

منگتو خوش بهار تي ويو، ۽ جواب ڏنئين:

ننگر چڏيو هٺئي تجڻ ۾، اُهو گهوٽ چڙهـي گهوڙي
لشـڪر عـالادين جـو تـو ڪيهـر ڪـُلها مـوڙي
هـُو چڙهيو اچي عـالادين تـي، مـُنگهہ مچون مـوڙي.

جنهن مهل ننگر جي خبر ڏنئينس، تہ جهڙو بـُند ڪِري پيو، ماٺ ۾ اچي ويو. ورندي ڪانہ ڏنائين. منگتو وري آيو ننگر وٽ ننگر چيس تہ: ڀيلي منگتا! خبرون ٻڌاءِ. منگتي چيو تہ: وڏيءَ حـُب مان تنهنجون خبرون پڇيائين. مون چيو تہ هيڏيءَ حـُبَ مان پيو پـُٽ جون خبرون پڇي، تنهن کي اڪيـن ڏيکاريندس تہ هيڪاري خوش ٿيندو. پر هو گندي تـاڻي سمهي رهيو. وڏيڪ نڪي ڪچيو نڪي پڇيو. ننگر سوٽ پونگر کي چيو: چاچو بيگ وزير بہ اِتي رهي، يار پنجاه سي بہ اِتي رهن، پهرين تـا پاڻ هلونس. تـون آهينس ڀائٽيو، ڏسون پاڻ سان ڪهڙي خبر ٿو هلائي. ميڙون منٿون، چاچو بيگ وزير ۽ بيا يار آهن پوءِ پهرين تا پاڻ هلونس. هاڻ ٻئي سوٽ تا وڃن.

چنبـو چنبـي ۾ ڏئـي هليـا، دُرس چڙهيـا ديـوان
پـايو پـاند ڳچـيءَ ۾، ننـگر پيريـن پـيءُ کـي پئـي
بابـا! اسـم اتئـي الله جـو، ڏهـل نـہ منهنجـا جهـلاءِ
پـر مـُـنو مجيئـي ڪونـہ تـو، اُچليـو ٻـانهن چـڏي

وريــو بــ پــايو پــاند ڳچــيءَ ۾، پــيءَ جــي پيريــن پئــي
بابـا! اسـم اتـئـي الله جـو، مـون ڪـي ڇڏجـئين نـہ موتـائي
پــر پـٽيــل پرچــي ئــي ڪونــہ تــو اُجليــو بــانهن ڇــڏي.

چنيسر نڪي ڳالهائي نڪي بولهائي. نڪي اُتي نڪي ويهي. سوٽ ڪي ننگر چيو تہ: ادا جي ڪاوڙيل ماڻهو نہ ڳالهائيندو بولهائيندو، سو پرچندو ڏوڙ مـان؟ هاڻ پاڻ هل تہ پوئتي هلون. هي پاڻ سان هلندو ئي ڪونـہ. بہ چار قدم پوئتي ڪٽي ويا، تڏهن سوٽ پونگر کي چيئين: ادا! هڪڙي مون کي روح ۾ ڳالهہ آئي آهي. پونگر چيو تہ: جيڪي چوڻو هجئي، بلاشڪ چئينس، هلون هـُونئـي تـا. ننگر چيو: ڙي بابا! توکي نند ڪانهي ڪا، تو هنيو آهي ڇـهَـل، هـُـو اتـئي پاڻتيو، آءُ آ هيئين پـُـٽ. اسين بينا اَرداسون ڪريون، هيڪر اُتي اسان سان ملين تہ ها پوءِ ڪٽي چار ڳالهائڻ ڏين ها، چار چنبا هڻين ها، اسان کي دل ۾ ئي ڪانہ تئي ها. پر هاڻي بڌاءِ تہ ڳالهہ ڪهڙي آهي، جنهن جو تو کي ايترو زهر چڙهي ويو آهي؟ اها جيڏي مهل ڪيئينسِ، تيڏي مهل ٽپ ڏيئي اُتـي ويهـي رهيو. هاڻي چنيسر تو ٻڌائي تہ:

پــڳ ابــل يــار جــي، مونکــي ڏيکــاري قــُــري ويــو
نـنـڍي وڏي پٺـي جـاڙون ڪيـون، مـون سـان دودي پـاءُ
بـــاگهيءَ تـــي مهڻـــا ڏنـــا، زال بــــ ســـي تـــُــنڪا
نڪتـو هـوس شـهر وڳهــ مـان، سـيئي لاڳاپـا لاهـي
پاءُ ويس پٺـي پر منجهئـون، تـڏهن ورتئيـن چو نـہ واري
آءُ پاءُ تنگايـان پـالن ۾، جنهـن جـو اکئيـن ڏسـان رت.

اتي ڪيهر ڪنڌ متي ڪٽي وري ننگر ڳالهايو:

بابـا! اسان جهڙا نينـگرا، تـو کي رب ڏيندو بيـا گهڻـا
باقي ڏاڏو ڏاڏي وري ڪين ايندا، نڪي پـاءُ ڄڻي ڏيندا
تـڏهن بـہ پــٽيل پرچي ڪينڪـي، بينو ننگر ڳالهائي.

ننگر جي بانهن چنيسر چندبي ڇڏي. دل ۾ ڳالهہ وسي ويس تہ برابر پاءُ وري ڪين تيندا. هاڻي پـُـٽ منهنجو ننگر اهڙو قابل آهي، جو اسين ٻئي پيءُ پٽ پاڻ ۾ هڪ تي وجون تہ دودي ڪان پڳ اسين ٻئي ڪسي وجون. هاڻ چو نہ پـُـٽ کي آءُ پنهنجي پاسي ڪريان.

پُٽ ڦري ٿيءُ پيءُ جو، توکي چاچا ڪم نہ ايندا
منا نالا اَبن جا، توکي اهي ڪم ايندا
اِتي ڪيهر ڪنڌ متي ڪٽي ننگر ڳالهايو
تہ بابا! تون ڇڏي وئين تنجڻن ۾، مونکي چاچي نپايو.
پر دودي ڇڏيم ڪونڪو، جنهن ناني يار ڪيو
هاڻ هتي ڦران فوجن وچ ۾، وجهان لکن کي لاهي.

ننگر چيو تہ: بابا! هتي ٻي ڳالهہ ڪانہ ٿيندي، باقي اُتي هلندين تہ اسين تنهنجا ٻچا ٻيلي ٻانهان آهيون. هتي ڳاج ڳري ويندا. تنهنجو طرف نہ ونندس. چنيسر کي ڪاوڙ آئي تہ پُٽ ۽ اهڙا آڏا جواب ڏئي! سو پُٽ تي لٺ کڻي اٿيو. ننگر جا يار بہ ويجها بيٺل هئا، تن چيو تہ: اهي فيصلا دودي جي اڳيان ٿيندا. هتي اسين پنهنجي يار کي ڪٽي ٿا مارڻ ڏيون. پيءُ هوندو تہ ڇا ڪندو؟ هاڻي تہ اسين بہ ڪَنّو، ٻُري، آن ڪري ٿا ڏيون. جهڙو ننگر هو، يار بہ اهڙا ئي هئا. هاڻ هنن کي ٻيو ڪير جهلي سگهي؟ تڏهن وري ٿو ننگر جهلي:

لَڪڻ ڪڻي لوهيڙي جي، ننگر تي يار وريو
تہ وريا يار ننگر جا، آيا اوڏيءَ ويل ڏري
تڏهن ڪيهر ڪنڌ متي ڪٽي ننگر ڳالهايو:
تہ يار! اسم الله جو، بابي کي ڏک نہ هٽو
ڪانيارو نہ ٿيان قيام ۾، چوندا تہ پُٽ ماريو هو پيءُ.

چنيسر روح ۾ ڳالهہ ڳڻي تہ پُٽ تہ منهنجو پنهنجو هو، پوءِ ڪاوڙ الائي سچي ڪير يا ڪُوڙي ڪير، ۽ ننگر جا يار آيا آهن مورڳو مارڻ جي لاءِ! چئبو تہ هنن جي صلاح يڪي هئي. هي تہ سڀ دشمن چئبا. هاڻي هنن سان ڪا رمز ڪريان. پوءِ پُٽ ۽ ياڻيي کي گهرايئين، چيئين تہ: بابا! گهڻئي کي ڪاوڙون هيون، پر توهين پُٽ ياڻيو بئي لنگهي آيئو، مون سڀ ڳالهيون ڇڏيون. آءُ اوهان سان هلان ٿو. پر هتان اوهان سان پربَهرو هليو هلندس تہ پاڻ سومرن ۾اهو ٽڪو ٿي پوندو. چوندا پنهنجا ڏنئين، السلام عليڪم ئي ڪانہ ڪيائين. هاڻي پنهنجي صلح پرچاءُ جون ڳالهيون ٿينديون عالادين بادشاهہ جي اڳيان. ننگر چيو تہ: بابا! عالادين بادشاهہ جي اڳيان ڇو ٿو چوين، جتي چوندين اُتي اسين ايندا سين. چنيسر چيو تہ: جمعي جي ڏينهن جامع مسجد ۾ اوهين بہ اچجو اتي، اتي پاڻ ڪنداسين

هڪٻئي سان صلح ۽ محبت جون ڳالهيون. پوءِ آءٌ اوهان سان هليو هلندس. اها پڪ ٿي. هنن کي پـَڪـُون ڏئي آيو عالادين بادشاه وٽ. عالادين کي چيئين: بادشاه! جيڪو مون توکي دايو ٿي چيو تہ ميڙ ٿيو پيو اڇي پرچائڻ لاءِ، اهو سچ پچ دايو آهي. انهيءَ کي ٻول ۾ آءٌ ٻڌي آيو آهيان. هاڻ جمعي جي ڏينهن پنهنجو لشڪر هٿيارن پنهوارن سان انهي مسيت ۾ وني هلجئين. تو ٿي مون کي چيو تہ پنج سؤ لشڪر جا وني وجي مارائي اچ، پر هاڻي تون هٿ سان مارائج. هـُن سان هو خبرون تہ هـُن سان هو خبرون.

جمعي جي ڏينهن ٿيو. بادشاهہ پنهنجي هٿيارن پنهوارن سان فالم ٿـي جامع مسيت ۾ آيو. سونين سرن جو فرش وڇايو پيـو هجي. عالادين بادشاهہ ويٺو. لشڪر سڄو تيار. هاڻي وري ننگر ٿو پنهنجي يارن کي چيـو: يار! مبارڪون هجنانوَ. چئي: ادا! لک مبارڪون، پر ڇا جون؟ چئي: صلح ٿو ٿئي. يارن يو تہ: لک شڪرانا. پنهنجي دودي اڳيان سوڀ ٿيندي جو پرچايو وني ٿا هلونس. هاڻ پنجاهہ يارن، ٻئي سؤٽ ۽ منگتو ٿا جامع مسيت ۾ چنيسر وٽ وڃن:

ڏينهـن جمعـي جـي سـومري سـان، چڙهيـا اڙد اڇـن
اُرهـاٽيندي لشـڪر ۾، اچـي ڪـٻي هـٽ ڪيئـن سـلام
اتـي ڪيـهر ڪنـڌ متـي ڪٽـي، عـالادين ڳالهـايو
ڪيـر آهيـن ڇوڪـرا! جـو ڪـٻـي ڪريـن سـلام
تـڏهن ڪيهـر ڪنـڌ متـي ڪٽـي وري ننـگر ڳـالهيو:
سڃي سـلام ان جـو، جنهـن جـو مديـني منجهہ مقـام
تـو جهـڙي تـُـرڪ جـو ڪنديـون تراريـون سـلام
آءٌ پـُـٽ چنيسـر خـان جـو، آهيـان پـائٽيو دودل راءِ
سـُـوڏو آهيـان سـومرو، ننـگر اٽئـي منهنجـو نـانءُ.

عالادين بادشاهہ اڪيون پـَٽيون تہ هي ڳالهہ ڪيئن؟ چنيسر کي گهرايئـن: اڙي چنيسر! مون کي ٿو چئين تہ آءٌ ڪنوارو ٿي ڪنوارو ۽ هي ڇوڪرو ڇا ٿو چوي؟ چنيسر چيو تہ: ڇا ٿو چوي؟ عالادين چيو تہ: ڇوڪرو ٿو چئي تہ آءٌ چنيسر جو پٽ، دودي جو پائٽيو آهيان. ننگر منهنجو نالو آهي، آءٌ سومرو آهيان. اها ڳالهہ ڪيئن آهي؟ چنيسر چيو تہ: رڳو ڇوڪري جي ڳالهہ ٻڌي اٽئي، منهنجي بہ ٻڌ. مون جيڪا توسان دليءَ ۾ ڳالهہ ڪئي آهي، اُها سچي آهي.

نڪو آهيان آءٌ پرڙيل، نڪي منهنجو وياءُ
هي ڏيميون ڏسي دهليو، جنهن جو سُڪي ويو ساهه
اڄ مرندي ڪتان آئيو، تڏهن ونئي تو منهنجو ناءُ.

شايد اڄ مرندي ڪتان آيو آهي، جو هوش سلامت ڪونهيس. پانئي ٿو ته چنيسر جو نالو ونان ته من بچي وڃان. ننگر دل ۾ دريافت ڪئي ته صلح نهراءُ ته وڃي ڪڏ ۾ پيو، هي ته مرڳو مڇي ئي نٿو. فوجون بينيون آهن، ڪٽڪ بينا آهن. يار چوندا ته اهي ڏسي ڏڄي ويو. سو هاڻي چئينس ته سچ، پوءِ لِڪيون لڳن. هاڻ ننگر ٿو چئيس:

حيف چنيسر لعنتي، تون واتئون ڪين وڃاءِ
هئين گهٽو تون سومرو، پر ڪريل تنهنجي ماءُ
هاڻ ڪريئين ٿو پُرس پڌرو، تو لوهر لڃائي ماءُ.

عالادين اِتي اک پَٽي. چيئين: اڙي چنيسر! منهنجي آڏو ڪٽي ڪبي هٿ سلام ڪيئين، توکي ته مُنهن تي بينو ڳاريون ڏي، اها ڳالهه ڪيئن آهي؟ چنيسر چيو ته: عالادين بادشاهه! چوڪرو جيڪا ڳالهه ڪري ٿو، اُها ڳالهه اتئي سچي. عالادين چيو ته: هيڏا ڪوڙ ڳالهايا اتئي؟ هاڻي بيون ته سڀ ڳالهيون ڇُٽيون. هڪڙو اتئي پائنيو، بيو اتئي پُٽ، جهيڙا جنگيون ڇُٽيون. هاڻي تون هِنن سان ڳڏجي وڃ. باقي هڪڙي ڳالهه آهي ته تو جيڪو مون کي ٻاگهي جو سڱ ٻاسيو آهي، اُهو ڪيئن ڏيندو؟ چنيسر چيو ته: انهيءَ شيءِ جا وارث اسين آهيون ٻه، دودو ۽ آءٌ. مون جيڪا ڳالهه ڪئي اُها پڪ آهي، باقي منهنجو دودو پاءُ، هي ننگر پُٽ منهنجو آهي. هي آهي دودي جي زبان. اِهو ڏئي هلندو ته دودو انڪار ڪونه ڪندو. ٻاگهيءَ جو سڱ گهُر انهي ڪان. عالادين چيو ته: جيڪو هرويرو پيو وڙهي، تنهن کان وري سڱ ڪهڙو گهربو؟ چنيسر چيو: عالادين! اسان دودن جا تاءَ آهن پهريان. پلي هڪڙو سڱ چو ٿو گهرينس، ڏهه ڪٽي گهرينس، ڪُچندو پچندو ئي ڪونه. هاڻي عالادين ٿو ٻاگهيءَ جو سڱ گهري ننگر کان:

اوهين پائر پرچو پاڻ ۾، ٻاگهي ڏيو مون
سيئي سومريون پڙهايان سونَ سان، دليءَ تاڻي پُون
ٻاگهي وڳهه ڪوٽ مان اڄان لائن ساڻ لَهي.

جنهن مهل عالادين، ننگر کي ائين چيو، ننگر ڪاوڙ ۾ ڪارو ٿي ويو. جهيڙا جنگون پنهنجي سَئين رهيا. هاڻي ڪاوڙجو ننگر چا ٿو چويس.

مون پانيو تہ بادشاهہ، پر پيڙهي تنهنجي پَچ
ڏِسان ٿو داءِ خدا جي، نہ تہ قُري وٺئين تخت
هجئي ڪا چاچي مامِي سان منهنجي يارن کي پرٺاءِ
هجئي ڪا پيڻ ڀاڄائي، منهنجي پنجاه کي پرٺاءِ
هجئي ڪا پائٽي پاڻيجي، منهنجي محمد کي پرٺاءِ
آءُ تہ آيو آهيان تو وٽ، مون کي اُتي موڙ ٻڌاءِ
تڏهن بہ مَٽ نہ ڪريئين پنهنجو توڙي ڏئين سڀ ماءُ.

# 3- ڏٽي بخش ۽ ڇُتي ميربحرن (تعلقو حيدرآباد) جي ڪنيل ڳالهه

[هيءَ ڳالهه ڏٽي بخش ۽ ڇُتي ميربحرن کان 18- فيبروري 1964ع تي بدين ۾ قلمبند ڪئي ويئي. ڏٽي بخش ۽ ڇُتو ٻئي ڀائر پٽ الهڏني جا. ميربحر. وينل موري منگر، تعلقو هالا، ضلعو حيدرآباد. ڏٽي بخش ميربحر، عمر 45- 50 سال. ڳالهه جو اڳواڻ. پنهنجي پيءُ کان ڳالهه ڪٽڻ سکيو. ڪجهه ڳالهه صفر ريلائي ميربحر کان سکيو. جيڪو ڳوٺ ناهيجاڻي مياڻ جو وينل هو. صفر جو استاد خميسو ڪاتڙي (وينل ڪتڙ جو ميربحر هو. صفر ميربحر 80 ورهين جي ڄمار ۾ سال 1950ع ڏاري گذاري ويو ۽ خميسو ميربحر 20- 22 سال ٿيا جو 60 ورهين جي عمر ۾ گذاري ويو. صفر ۽ خميسو يڪتاري ۽ دلي تي ڳالهه ڪٽندا هئا. صفر ٽالهي (ڪنجهي جي) تي به ڳالهه ڪٽندو هو. ڏٽي بخش جو ننڍو ڀاءُ ڇتو جنهن جي عمر هن وقت 1964ع ۾ 30- 35 سال آهي. اهي ٻئي ڀائر به ڳالهه يڪتاري ۽ دلي تي ڪٽن، ۽ 'لوڙائو جي سُر' مان ڳالهه ڪٽن. هتي ڳالهه اوتري قلمبند ڪئي ويئي آهي، جيتري کين ياد هئي. هر بيت جي پڇاڙي ۾ "هڪ هادي الله، تون منو الله" جي وراڻي آلاپيندا آهن. نْ - ب]

شروع ۾ ساراهه جا بيت

ساراهه ڪريان سبحان جي، جنهن جوڙ به جوڙيو جهان
'وڏو پيـر' ولات ۾، جنهن جو عرش ۾ اوتـارو
'پٽائي' سُچي تو پٽ ۾، جنهن جو قبو آهي قرارو
'ڪريم' سُچي تو لاڙ ۾، جنهن جو وريو آهي وارو
'ساڄن سوائي' ڪنڌيءَ ۾، جنهن جو آ ويس موچارو
'محموداڻي' ملڪ ۾، جنهن تي آ غوث جو آرو
'شمس تبريز' ڪَلڙي ڪلائي، جنهن تي تعزيرو آيو
'نظر محمد' نوراني جنهن ڏاريو آهي ڏارو
'شيخ پرڪيو' آچاري ڪري ڪُل جي موچاري
'محبوب شاهه' منٺيارين ۾، جنهن جو هر ڄمندي ڳالهايو

’حاجي هاشم‘ ننگر وارو، جنهن سان هو رسول ڳالهايو
قطب تارو آسمان ۾، جيڪو ڏسين جو ڏيو
امام يار حسن لاءِ، سائو ويس لتو
امام يار حسين لاءِ، ڳاڙهو ويس لتو
اهڙا لڌي ويا لوڪ مان، تڏهن امت ڪندي ڪوه
’بادشاهه پير‘ بغداد ۾، جيڪو نر هٽي نعرو
رسول الله آهي پلي ولايت ۾، اچن حاجي حاج ڪيو
تارن ۾ تو چنڊ سونهين، تيئن بديٽن ۾ ڪتاڙو [1]
ڪيهر شينهن گجي بينو، اهو بديٽن وارو
هڪ هادي الله تون منو الله!
لال قلندر لاڏڪا، منهنجا لالَ قلندر پير
جهڙيون جن جي من ۾، تهڙيون پڄاءِ ڪٽي پير
اُميدون عالم جون، ڪٽي ڪُل جي آس پڄاءِ
لعل هندوري تون لڌين، تنهنجي چائنٽ چمن امير
سنڌ وسي سهٽي لعل جي، جنهن جا ضامن پير فقير.

---

اول نام الله جو، تون پانهان ٻيءَ مَ لڳ
ري تنيين ري توٽيئن، آهي عرش بنايو اُپ
لڳ پَلي جي آسري، جنهن پسِر چتن جڳ.

---

دودي ڪتاب هٿ ۾، تو پڙهيو يار ڏسي
اَدائي قلندر جڳ ۾، آهن ادائي ڪل جهيڙا
هڪڙو جهيڙو امامن سان، ٻيو لڳو دودن سان
اڏ جهيڙي جو سنڌ ۾ پوءِ ٿيندي ڪاري قيام.

چنيسر ويو شڪار تي تہ پائرن فيصلو ڪيو تہ پڳ ڪنهن کي ٻڌائجي؟ دودو ماٺهو گهرائي فيصلو تو ڪرائي دودي ماٺهو هلايا:

---

[1] ڪتاڙو = ڪتهڙو.

هڪڙا ڪَچ پَچُ ڪا چيلي ويا، ٻيا ٻُورهون ٻنگالي ڏانهن
چوتان اُماٽيائين اَبڙي ڏانهن، جيڪو ابڙو راڄ سنديان.

راڄ سڀ اچي گڏ ٿيو، هاٿي تا پڳ جي صلاح ڪن:

مردن ٻڌو هو مامرو، پيڙهي پڳ مٿان
سوا لک جي پڳ هئي، سوني ٿالهہ مٿان
چيئون: چنيسر پٽ لوهاريِ جو، سيڪنهن سڌ سماءَ
دودو سچو ٿي سونَ جو، جنهن کي رَند رُپي جو ناهہ
پڳ ٻڌايو دودي مير کي، جنهن سر جوڙ جڳاءِ.

اِتي ستر ڄڻن اميرن جي گڏ تي ويني هئي. هنن جي اِها ڳالهہ سڻي، دودو تو راڄ وارن کي چئي:

ستر ڄڻن ۾ سومري، اُتي دودي ڪيو ڏڏڪا
تہ پڳ ٻڌايو چنيسر مير کي، جيڪو آهي وڏو ڀاءُ.

پوءِ دودو خط لکي خاطي کي تو موڪلي تہ چنيسر ٻيلي ۾ شڪار تي هوندو، تنهن کي وجي وني اچ.

خاطي خط کڻي ويو ڄام چنيسر ڏانهن
خاطي خط کڻي آيو، ورنَهہ ٻيلي ڏانهن
خاطي خط کڻي آيو، ڀهڳڻ ٻيلي ڏانهن
خاطي خط کڻي آيو، وري مرد مهراڻي ڏانهن.
چئي: ٻلي آئين منهنجا منگتا، توکي آندو يار الله
ٻلي آئين منگتا، مون کي خبرون يار ٻڌاءِ
چئي: خبرون اتئي اِنهن خطن ۾، سي پڙهي پنهنجون ڏس.

—

پڙهيو خطڙا دودي جا، تو مرڪي مير مُنهانءَ
ٻلي ڄائين دودا سومرا، تو کي نَپج ڄايو ماءُ
پاڻ ياٿر سرجون پاڻ ۾، پاڻ کي راڄ ڪندا ڇا.

—

چنسير سَئيس اُتاريو، منهنجو نيلو چوڙي آءُ
لعلون وجهي لغام ۾، هار هيري جا پءِ

جامان جـَـتڙينس جانِ تـي، ڪرينس جنهور جو جنسار
پنج سَنجـي تـي پھلوان ڪي، اُتي لعل لڱن تـي لاءِ
سـَـئيس پلاڻيـو گھـوڙو، بيـنـو چنيسـر سـڏ ڪـري
وجهـي پيـر رقيـب ۾ چڙهيـو هــو چنيسـر راءَ
گھوڙو ڪاهيـائين تڪڙو، هليـو سـامهون وڳهـ ڏانـہ
سمـان اُتيـا سـپ سـومرا، اُتيـا ڪـل اُمـراءَ
ڪري تڙيون پون تا تنگ ڏي، ڪي دنبچي ڏانهن دانـاءَ.

دودي چيو تہ:

ڏيئي پير پلنگ تي اچي ويھہ مَنجي موبي ياءَ!

ٻئي ڀائر گڏ پلنگ تي وينا. بادشاهي دربار هئي. ڪئين ڳائڻ وڄائڻ لڳا پيا هئا. چنيسر چيو: شڪار تان موٽئي مون ڪي گھٽا ڏينهن ٿيا آهن، جو گھر نہ ويو آهيان. چو نہ هيڪر گھران ٿي اچان، اهو دل ۾ خيال ڪري دودي ڪان گھر وڃڻ جي موڪل ٿو گھري، سان ڪيئن ٿو گھُري:

وڃـن مرليـون واپـُـتڙا، جيئـن دهلـن جـا ڏَمچـر
ادا! موڪل ڏينم خوشيءَ مـان، تـہ گھـر وڃان هيڪـر.

دودي دل ۾ خيال ڪيو تہ اڳئي ڀائر هن جي پڳ ۾ ناراض بينا آهن، اهي چوندا تہ هي بادشاه ٿيو تہ هر فيصلو گھران پڇي ڪندو. تنهن ڪي دودو هدايت ٿو ڪري:

ڳـل ڳرهـاٿيون تـو وجهـي، دودو يـاڪر پـائي پـاءَ
تـہ ادو اَبـو تـون تئيـن، مريـم[1] پانيـان مـاءَ
ڏوئـرن ڏٺ پـُـسيءَ ۾، توڪـي يـاڳي پانيـان پـاءَ
هتـان ڪئيـن خان ڪپي ويـا، جـَـنگ ڇـڏي ويـا جـاءِ
مـَـهتر سليمان هـو، جنهـن جـو تخـت اُڏايـو تـي واءَ
توڪي عقـل آهي آڱـارن جـو، ٻيـو سـڪ سنداڻن سـاءَ
توڪي ڏنـي ڇـس سـراڻ، تـون بادشـاه ٿينديـن ڪيـاءِ

چنيسر گھر ۾ سِراٽيون ناهيون وينو هو. تلوارون ۽ ٻيا هٿيار پنهنجا پاڻ پيو تکا ڪندو هو. دودي هن ڪي اهو طعنو هنيو. چنيسر دل ۾ خيال ڪيو تہ آءٌ

---

[1] مريم، چنيسر جي زال.

چنيسر پنهنجي وڏي پٽ محمد کي چيو تہ: پُٽ! دودي سان پڳ تان جهيڙو آهي. انهيءَ کي گهربو هو تہ اُهو مونکي پرچائي ها. تون مون کي نہ روڪ! هاڻي محمد کان گهوڙو ڇڏايو چنيسر کهڙي طرح ٿو وجي:

نڪتو شهر وڳهہ مان، لاڳاپا سڀ لاهي
ترسندو آيو واٽ تي، من ادو ڪا ميڙ مُنجي
پر ميڙ منجئين ڪانڪا، ڪري راڄ رياءَ.

چنيسر گهوڙو ڪاهي ٻيلي ۾ آيو. روجهہ ماري حلال ڪري، گهوڙي جي پِرٽي ۾ وجهي اڳتي هليو.

ميهر ڏنئين مينهن ۾، آيو ميهر تي ڪاهي
ڪير آهين، ڪاڏي وڃين، ڪهڙي ذات جوان؟
چئي: سُوڌو آهيان سومرو، چنيسر منهنجو نام.

تڏهن ميهر تو چنيسر کي چوي:

مڙس ڏسجين تو ناهوڪو، رڳو ڪوڙ نہ ڳالهاءِ
چنيسر اُهو بادشاه جيڪو چڙهي تو لشڪر ساڻ
تون آيو آهين هڪڙو، توسان لشڪر ناهي ساڻ.

دل ۾ خيال ڪيائين ميهر مونکي ڪوڙو ٿو ڪيو وجي، سو چيائينس تہ:

آءٌ نہ آيو هوس هڪڙو، آيس لشڪر ساڻ
روجهہ نڪتي هئي رڻ مان، ڇڏيم گهوڙو تنهن پٺيان
ڊوڙائي تنهن روجهہ کي، مون اڄي ماريو هن هنڌان.

اِنهيءَ ڪري آءٌ اڪيلو تيس ۽ لشڪر پوئتي رهيو. ميهر جو نالو هو "دريا خان"، تنهن چيس تہ:

نالو اٿئي الله جو، هرين ٻہ تون ڳالهاءِ
شنيهن سُڃي تو ٻيلي ۾، تو ماڻهن لاءِ واجهاءِ.

تڏهن چنيسر چيس تہ:

جي پيارين مَٽ کير جو، تہ توکي ماري شينهن ڏيان.

ميهر ڏنو تہ هي آهي ڪو پيٽي، سو هن کان شينهن ڪونہ مرندو. تڏهن چيائينس تہ:

ڦر ٿيا اٿم وٿاڻ تي، آءٌ مينهرن ڪيئن ميڙيان؟
چئي: پلي مينهن ڏس مون کي، آءٌ پاڻهي تو ميڙيان.

ميهر هڪڙي سَگهي مينهن ڏانهن اشارو ڪيس ته ٻلي مينهن سڱن سان چلهي ماريس.

ڪاري بيني هئي ڪُنڍڙي، جيڪا ڀوريءَ جي ڀَران
وڏئين هٿ مينهن ڪي، جيڪا ڇوڙون نتي ڇوري
چار ئي بازو چُور ڪري، وينو مينهن ميڙي
ڇئي: ڏهيو چاٽان تو ڪينڪي، متان ونانس نه ٽڻ پٽي
اصل جو هي ميهر مون ڪي مينهن ڏهي ڏي.

ميهار ڪير ڏهي ڏنس، جيڪو چنيسر ٻي ڊوُ ڪيو. پوءِ ڇيائينس ته: شينهن ڏيڪار ته هلي ماريان. ميهار ڊپ ڪان وڃي وڻ تي وينو. پوءِ چنيسر هڪل ڪئي شينهن کي:

هڪل ڪري ڇيائين شينهن کي، تون ٻِلا اوري آءُ
ٻج مَ وڻ ٻيلي جا، تون ساوا ڪيم سُڪاءُ
تڏهن شينهن ڊوڙي آئيو سڌو چنيسر ڏي
شينهن مارئائين مُڪ سان ٻينو ڪن ٻچ يار ڪپي!

اتي ميهر ڪي پڪ ٿي ته هي سومرو پهلوان آهي، پوءِ چنيسر ڪان معافيون گهريائين.

ميهر تو آزيون ڪري، پاند ڳچيءَ پايو
ته نالو اتئي الله جو، مون ڪان ڪچو ڪم ٿيو
تون آهين بادشاهه اسان جو، اسين رعايا آهيون تو
هاٽي هيڪر هل منهنجي جاءِ تي باتي ٻير ٻري.

ميهر گهر اچي چنيسر جي نيڪي ڪئي، سا ڪيئن تو نيڪي ڪري:

راڄن ۾ راٽي اڳيان وڃي دانهيو دريا خان
ته هو جيڪو شينهن ٻيلي ۾، سو ماريو هن جوان.

چنيسر دعوت ڪائي هليو ته رستي تي هڪ ماڻهو مليس. ڇڇيائينس ته: ڪيڏانهن تو وڃين؟ ڇيائين ته: دليءَ تو وڃان. جواب ڏنائينس ته: هي ٻه رستا آهن. جيڪو رستو ٿورو تنهن تي آدمخور آهي، باقي ڦيري وارو آهي. چنيسر ويو آدمخور واري واٽ سان. واٽ تي ٻَدُو مليس، جنهن سان هٿين خالي تي

وڙهڻ جو سانباهو ڪيائين. پر اڏو جامڙد هن کي ڏسي پڇيو تہ: اها ونگڙي ونگڙي ڇا اٿئي؟

اِها تراڙ آهي مرتضيٰ جي، جا توکي وڍيندي.

وري پڇيائينس تہ: اهي پريان ڇا چوڙي ڇڏيا اٿئي؟ چيائين:

اِهي ڦهري ڪانَ بندوق جا، جيڪي تير توکي لڳندا.

وري آدمخور پڇيس تہ: اهو پريان ڇا کوڙي ڇڏيو اٿئي؟ چئي:

اِهو جهندو آهي جنگ جو جيڪو حامي مون سان يار.

بَدُو چيو تہ: پهرين تنهنجو وارو. پر چنيسر کيس پهريون وارو ڏنو. چنيسر وار گُسايو ۽ پوءِ پنهنجي واري تي وٺي ٻکن ۾ ڦيرائي ڦيرائي ڪٽي پٽ سان هنيائينس تہ ٽنگن سوڌو زمين ۾ گپي ويو. پوءِ اُتان ٻڌل ماڻهو کي ڇوڙي، اڳتي روانو ٿيو ۽ هلندي هلندي ڪنهن ٻيلي ۾ آيو.

ٻـ شينهن ماريئين ٻيلي ۾، گهوٽ وڃائي گهاءُ
اُٺ اڃي ماريئين وڳ ۾، اُتي عالم ڪير پيتا
ماريائين راڪاس دليءَ ۾، جنهن ماڙهو تي ڪاڏا
ماريائين هاٿي راءُ جو، جيڪو ڪَڪو ڪست منجها
نَوَ مٽو نيرَ پير ۾، جنهن جي نيرن ڪيو ڪڙلا
پوءِ ڏنيئن اچي ڪلهو گهنڊ کي، ڪليا دليءَ دروازا.

گهنڊ جي آواز تي عالادين نڪتو. اُن کي دانهن ڏنائين، ۽ پنهنجا هڪيٺي ۾ بادشاهي اقرار ڪري، ٻاگهيءَ جو سڱ ڏيڻو ڪيائين. پوءِ قاصد عالادين جو خط ڪٽي دودي وٽ ويو تہ: يا سڱ ڏي ٻاگهيءَ جو، ۽ تخت ڏي چنيسر کي، يا جنگ ڏي!

رات وهامي ڏينهن ٿيو، اُڀريو تارو
پره ڦٽي پريات جو ٻانگي ٻولايو
سج اڀري سَنئون ٿيو، دودي وٽ خط آيو
راڄ رُنيون تي سومريون، جتي دودي ڪيو سعيو
ننگر جي چاڙهائڻ جو راڄ ٻـَدو ڪٺي رايو
تہ وڃي پيءُ پرچائي پنهنجو، اچي ڪٺي خير خدا.

دودي پنهنجا پائر ۽ راڄ گهرائي چيو تہ: ادا توهان مونکي پڳ ٻڌائي آهي، پر هاڻي هي جنگ جو خط ڪڇي آيو آهي. هاڻي ڪهڙي صلاح آهي؟ پائر دودي کي چا تا چون!

پائر مڙيو پيڙا ٿيو، دودي کي تا چون
اسين تائب آهيون تنهنجا، اسان کي راوَ ڏئين رشخت [1]
ڦريون عالادين کان وڃي مڏيون محلاتڪ
وڃي کُهون چنيسر ڄام کي، ڏيئي سِسيءَ لت.

پر دودي جي وزير 'دوسو' دودي کي چيو تہ:

دوسو دودي کي چيو: ننگر چاڙهي مُنج
مُنجينس ميڙ ابل ڏي، اچي پيءُ کي پرچائي.

دودي، دوسو کي چيو تہ:

ادا! ننگر منهنجو ننيڙو، جو تو وَنِي کير پيي
اڳيان لڪ لشڪر حبا، سي نہ هنباري ذاري
تو چريي جو چيو ڪري، چڏيان ڪيئن ننگر مارآئي!

تڏهن پائرن صلاح ڏني تہ: جي ننگر ننيڙو آهي تہ ڏيءَ جو سڳ ڏيئنس. سندس پيت هتي شروع ڪر. هو هٿن پيرن کي ميندي مَکي. ڳانا ٻڌي، پيءُ کي پرچائڻ وڃي. پيءُ پٽ جا اهڙا لاڳ ڏسي پرچي پوندو. ڪن اميرن چيو تہ: توهين هتي پيا نلهيون ڳالهيون ڪريو. پهرين ننگر سڏائي پڇو تہ پيءُ جي پرچائڻ تي وڃي ٻہ تو يا نہ؟ هاڻي پاڳو پان کي تو دودو چئي تہ: وڃي ننگر کي ڪوني آءُ.

دودي پانُ هلائيو تہ وڃي ننگر ڪوني آءُ
جهنگ مان آڻجئينس ڪينڪي، وڃي موڪلاءِ ڪوئن ماءُ
پاڳو هلي آئيو، تو ننگر سڏ ڪري
چئي: ڪُويلا سڏڙا ڪرين، منهنجا پاڳو پان وري
چئي: مائي! دودي آهي موڪليو تہ ننگر ڪوني آءُ.

اِتي مائيءَ کي خبر پئي تہ دودي، ننگر کي پرچاءُ ڪرائڻ لاءِ گهرايو آهي. سو چيائين تہ: پاڳو! ننگر ننيڙو، ان کي پيءُ جي ڪهڙي خبر، ڪيئن پرچاءُ ڪندو؟

[1] رشخت = رخصت.

ننگر منهنجو ننڍڙو، تو وٺي ڪير پيي
اڳيان لڪ لشڪر جا، سي آهن هنياريءَ ڏاري
سو وڙهندو ويرين سامهان، پر وڳهه جي واري.

ابا! جڏهن عالادين وڳهه ۾ دودي سان جنگ ڏيندو تڏهن ننگر وڙهندو. ياڳو يان خيال ڪيو تہ آءُ تہ بادشاهہ جو نياپو ڏيان، پوءِ وڃي يا نہ وڃي. چئي: مائي! ويو ڪيڏانهن آهي؟ جواب مليس تہ: تڙ تي ويو آهي وهنجڻ لاءِ.

ڏورو دودل راوَ جو تو ڪپر ڪوڪاري
ننگر يار پنجاه سان بينو ڏائيءَ راند ڪري
آءُ ننگر ميان سومرا! توکي چاچل ڪوٺائي
وير وهنجڻ ڇڏيو، بينو ڏائيءَ راند چني
ڪليو ڪري تو ڪپڙا، تو يارن کان موڪلائي
يار! پرتا آهيو الله کي، مون کي تو چاچل ڪوٺائي.

اِتي هن کي خبر ٿي تہ جنگي خط آيو آهي، سا خبر سندس يارن کي بہ پئي، تن چيو تہ: اسان جو پڳ مٽ يار تو وڃي جنگ تي، اسين هتي تا ڏائي راند ڪريون. پوءِ يارن پڇيس:

وهنجدي وير بيهي رهين، ڪهڙيون خبرون خط چون
چئي: اِهي عالادين چاڙهيو، اُتان چڙهيا اُڙد اچن
چئي: اِهو عالادين هڪڙو، پلي چاليهہ چڙهيا اچن
سر هلي ڪنداسين صدقو، جيئن گهورون گهوٽ وجهن.

ادا مڙس مڙس جي مدد آهي. پهرين سر اسان جا، پوءِ تون. اسين بہ توسان گڏيا هلنداسين. پنجاهہ جوانن پاڻيءَ مان نڪري ڪپڙا ڪيا آهن. اِتي يانَ تَڪڙ بڌي آهي تہ: سِگها تي هلو! تڏهن يان کي تو ننگر چئي:

ترس تڪڙ ڪر ڪانہ ڪا، اسان کي وار سُڪائڻ ڏي
چئي: وار سُڪائجئين واٽ تي، متان عالادين اچي
پلٽي پيو آهي پنڌ ۾، جيئن تو لڳي پورب واءُ
پوءِ وار سُڪائيندي واٽ تي، اچي وڳهہ در پهتو.

چوڏهن سال تيا جو پٽس ڪاوڙجي ويو هو، جو بنگلي جو دروازو ڪونہ کليو هو. سو ڪولي پنجاه يارن کي ويهاريائين. بنگلي جا دروازا ڪيئن تا کلن، ۽ ڪيئن تو يارن کي ننگر ويهاري:

پٽيا در بنگلي جا، اچي تن امرائن
تنپ ڪامون هيون سهٽيون، تن تي عطر ليپ لڳن
ڪٽ تي يار ننگر جي تا هنڌ فراش وجهن
ڪٽ تي يار ننگر جي تيون لعلون جهرڪا ڏين
هاٽي سڏيو ياڳو يان ڪي تا خبرون خان پڇن.

پڇيائين تہ: ياڳو! اڌ خبر قاصد ڪي بہ ٿيندي آهي. مونکي بڌاءِ تہ چاچي مونکي ڇا لاءِ گهرايو آهي؟ چيائين: مون کي ٻي تہ ڪابہ خبر ڪانهي، باقي دودي چيو تہ ننگر جي موڪل ماءُ ڪان وٺي اچجئين. مائي چيو تہ منهنجي پٽ کي دودي ڏي وٺي نہ وڃجئين، پر مون چيو تہ بادشاهي نياپو ڏٺي ڇڏيان، پوءِ وڃي يا نہ وڃي سندس مرضي. اتي ننگر ڪاوڙجي يان کي چا تو چئي:

تنهنجو ڪم اسان مردن سان، زالن سان تنهنجو ڇا؟
ڏس رنن راڄ رُلايا، جيڪي جهليون نہ رهن جهل
تون ويهي بابي جي بنگلي، مون کي خبرون يار بڌاءِ.

ياڳو چيو تہ: دودي جي مون کي ٻي ڪابہ خبر ڪانهي. باقي تون اسان جو بادشاه آهين، آءُ تنهنجو منگتو آهيان، مون کي ڪو دان ٻچن ڪاڻ ڏين تہ وڃي ٻچن پيٽو ٿيان. ننگر منگتي کي دان ٿو ڏئي:

ننگر سَئيس اُتاريو، منهنجي ڇِٽڪي[1] چوڙي آءُ
لعلون وجهينس لغام ۾، جنهن کي هار هيري جا پاءِ
جامان جڙينس جان تي، ڪرينس جمر[2] جو جنسار
پنج سنجي تنهن پهلوان جي، اُتي لال لڳن تي لاءِ
بيا منهنجا ياڳو يان کي، اتي ڏيو ڪي ويس وڳا
چُنيون بڌائجوس چيلهہ سان، سونيون بيون روپيون
آءُ سَران تو ايترو، بيو ڏيندئي خير خدا.

ائين چئي کيس تيار ڪري گهوڙي تي چاڙهيائين.

---

[1] چِٽڪي = گهوڙي جو نالو.
[2] جَمر = زمرد.

## گوني ۽ ماتلي طرف جي روايت

هن روايت ۾ هيٺ چار ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن: (1) رمضان جوکيي (تعلقو گوني) جي ٻڌايل ڳالهه (2) ملوڪ ڪوري (تعلقو ماتلي) جي ڪنيل ڳالهه (3) علي محمد لغاري (تعقلو گوني) جي ڪنيل ڳالهه. ۽ (4) سهگڙ حاميد خاصخيلي (تعلقو ماتلي) جي ٻڌايل ڳالهه. محمد ملوڪ ڪوري جي ڪنيل ڳالهه، ساڳي رمضان جوکيي واري آهي، ڇاڪاڻ ته محمد ملوڪ، رمضان جوکيي جو ٻالڪو آهي، ۽ ان کان ئي ڳالهه سکيو. اهي چار ئي ڳالهيون هڪڙو ته اڻپوريون آهن ۽ محمد (يا ننگر) جي جنگ تي چڙهڻ واري واقعي تي ختم ٿين ٿيون. ٻيون ته انهن ڳالهين ۾ بيت ساڳيا آهن، ٿيون ته وراڻي وارا لفظ پڻ ساڳيا اچن ٿا، انهي ڪري يانئجي ٿو ته اها هڪڙي ساڳي ڳالهه آهي، جيڪا ڪنهن آڳاٽي راوي کان گوني ۽ ماتلي جي تر ۾ مشهور ٿي ۽ مختلف راوين وٽان هلندي آئي آهي. جيئن ته رمضان جوکيي واري ڳالهه ۾ قدري تفصيل آهي ۽ منجهس بيتن جو تعداد به زياده آهي، تنهن ڪري ان کي بنيادي روايت طور منڍ ۾ رکيو ويو آهي.

# 1- رمضان جوکيي (تعلقو گوني) جي ٻڌايل ڳالهه

[هيءَ ڳالهه اسان جي دوست محترم عبدالخالق سومري (وينل ڳوٺ جَنَهاڻ سومرا، تعلقو گوني)، رمضان ڄوکيي وينل جوکين جو ڳوٺ، لڳ جنهاڻ، تعلقو گوني جي زباني قلمبند ڪرائي، تاريخ 30- ڊسمبر 1960ع تي موڪلي. رمضان جوکيي جي ٻالڪي محمد ملوڪ ڪوري جي روايت موجب رمضان (رمو) جوکيو، ڳوٺ ڏاڏون (بلڙي ڪان تي ڪوهه پري) جو وينل آهي، ۽ (1965ع ۾) سندس عمر 70- 75 ورهيه ٿيندي. يڪتاري ۽ گهڙي تي ڳالهه ڪٿي.

ڳالهه جي شروعات ساراهه وارن بيتن سان آهي ۽ آخر ۾ اٽپوري آهي، جيڪا محمد جي جنگ تي چڙهڻ واري واقعي تي ختم ٿئي ٿي. ڳالهه ۾ هر بيت ڪان پوءِ "الو الله هادي، تون الله" وراڻي طور چوي. ن - ب]

ساراهه جا شروعاتي بيت

اول نـــام الله جـــو، ٻانهـــان ٻـــيءَ مَ لـــڳ
لـــڳ پلـي جـي آسـري جنهـن پـَـر ڇتنـدو جـڳ
سنڌ وسي سهڻي لعل جي جنهن ۾ ضـامن پيـر فقيـر
جهل دامـن دسـتگير جـي، جـو مهنـدان پونـدءِ ضـامن.

—

منـــو محمـــد ڪـــارڻي منـــا چـــار ئـــي يـــار
ري تنييـــن ري تونييـــن عـــرش اڏايـــو آسمـــان
انـــڌو ســـڪي اکڙيـــن لاءِ، لـــُـولهو گهمـــڻ لاءِ
ڪنواري سـڪي ڪانڌ کي، جنهن جي سُرهي سيج وڇاءِ
ڪـلر ويـري ڪـوٽ جـو، مـيڇيءَ ويريـاڻي ڇـار
مـــرد ويريـــاڻي ننـــڍڙي، زال ويريـــاڻي ســـنيگار
ســـُوئا ســـانوڻ نـــه مـري، مـري نـــه هـــاري ڏانـــد
مينهـن ڌارائجـي سـوئر ڪـي بـــه ســندو سـوئر ڦـر
اُٺ پـــــــيڙهي ڇيڇـــڙو، زال پـــــــيڙهي جنـــڊ
گڏهـــه گهـــوڙو نـــه ٿئـــي زيـــن رکـــي چڙهـــي

اڪ آمون نہ ٿئي، ڦُٽي جهلي نہ ڦر
اُميدون الله تون وڏا پير پڄاءِ
مَدي جن جي من ۾ پلئي تن کي پاءِ
لال قلندر لاڏلا سُڻ سيوهاڻي شهباز
ڪوڇي بيٺ ڪنڌين تي ٿئي ساجن سوايي
پيرن ۾ پير پڌرو قادر جيلاني
ميون ڪريم سنڌ ۾ آهي ڏين سندو در
نَوَ نيلون نيل ڏٺي سخي سرور پير
مينهن جيئَن تو موجون ڪري، ڪري جڳ پوريون
ڪيهر شينهن تو گَجي، گجي بديڻن وارو پير
الو الله، هادي الله، تون الله.

---

سُتي پونگر راءِ کي ٻہ تي ڏينهن گذريا
سمان گڏ ٿيا سومرا سوڙها ٿيا اُمراءُ
مردن ٻڌو مامرو آٿي پڳ متان
چنيسر پٽ لوهار جو هر ڪنهن سُڌ سماءُ
دودو سچو سون جو، جنهن کي رَند رُپي جي ناهہ
پڳ ملي دودي سومري کي آهي پيڙهي راءُ.

---

راڄ کي دودي چيو تہ: ادا ترسو، جو چنيسر شڪار تي ويو آهي، اچي تہ ان کان پڇان. پوءِ چنيسر کي گهرائڻ لاءِ خط تو لکي:

ويهي 'ٻالنگ ڪوٽ' تي دودي خط لکيا
ڪچ پيچ ڏانهن، شهر ٻنگالي ڏانهن
هوڏانهن دنگ لاهور جو، هوڏانهن بيلي ڀهڳڻ ڏانهن
خاطي خط پَچنديا، ويا چنيسر جي مهندان
پڙهيو پروانا ياءُ جا مُرکي تو مُنهنا
پلين چائين دودا سومرا، نچ وياڻي تو ماءُ.

---

چنيسر ٻانکو اتاريو ڇٽڪو ڇوڙي آءُ
سونا سنج سنجاف تي ڪر ماڻڪ جي مٽيا
داڻا ڪَر دُمچي تي، ڪَر زُمرد جي جڙاءَ
ڪپر ٻڌ ڪٽورڙي، سونهري سر پاڳ
رات وهامي ڏينهن ٿيو، اُڀريو آهي تارو
سُرخي يار سنجاف جون واڳون وڳهہ واري.

دودي کي راڄ ۽ ڀائرن زور رکيو تہ: پڳ ٻڌ، نہ تہ جواب ڏئي! راڄ ۽ ڀائرن کي جواب ڏنائين تہ: ترسو آءُ ٻالنگ ڪوٽ چڙهي نگاه ٿو ڪريان تہ من ڀاءُ اچي!

چڙهي ٻالنگ ڪوٽ تي دودي نهاري
سنهي رائي اُڏري منهنجي اَدي وٽان آئي
تيسين دودي جي پرسان چنيسر ڪيو ڳالهاءُ
لڙڪي پيو لغام ۾ ڪڙا ڪيائين قابو
لهندي دير ڪيائين ڪينڪي، لهي پٽ پيو.

دودو ڳالهہ ڪري ڀاءُ کي ٻڌائي ٿو تہ: مون توکي پڳ لاءِ گهرايو آهي.

وڏن جي وڏاندري آئي تو متي
چئي: ڀاءُ آهين ڀائرن جهڙو، گهران ڀيڇڻ ڏي.

تڏهن دودي چيو تہ:

بخت ڀيڙو نہ آهي توسان جُنگ جَڏي اتئي جاءِ
ڪارو نيل لاءِ ۾ اُدمان ڏي آڙاهہ
عقل اتئي اڳارن جو سيڪ سنداڻ جو ساءُ
ڏيو چَس سراڻ کي، لُهر لجائين تو ماءُ.

پر چنيسر چيو تہ: ادا! آءُ پڳ ماءُ جي پيڇڻ کان سواءِ ڪونہ ٻڌندس.

چوکر وجن ٿا راند تي ڇو نہ پُڇن ماءُ
اڳتي هلان ٻُڏي مران، پويان ساڙي باهہ
ڏي زمين جاءِ گهڙي پاڻ وڃان.

تڏهن دودو نا اميد ٿي موٽي آيو. راڄ وارن ڪٺي دودي کي پڳ ٻڌائي.

ساڏو سنيري هليو واڏو وِک وجهي
پيچ پڳ پٽڪي جا دودل ٻينو ڏي
پڳ ڪٺي دودي سومري جو آهي پيڙهيءَ راءُ.

چنيسر جي ماءُ ٿالھ هيرن جواهرن جا ڀريا تہ آءُ هلي ٿي گهور وڃهان. تہ دودي جي ماءُ چيس تہ: ترس ادي، ٻانهي موڪليون تہ خبر آڻي تہ ڪنهن پڳ ٻڌي آهي تہ پوءِ هلي گهور وڃهون. ٻانهي موڪلين تيون، جنهن اچي ٻڌايو تہ پڳ دودي ٻڌي.

گهمــــي آءُ گهومٽــــي ميڙاڪــــن منجهـــــان
کهـــڙي پـــڳ ٻـــڌي، کهـــڙو پيڙهـــي راءُ؟
پنبٽيـــون پـــُـسي آئيـــون ڳـــل وهـــاءِ ڳوڙهـــا
پـــڳ ٻـــڌي دودي ســـومري جـــو آهـــي پيڙهـــي راءُ.
چنيســـر کـــي مـــاڻس طعنـــو هنيـــو تـــہ:
هندي پاڙهي مئين، سنڌي پاڙهي مئين، پاڙهي مئين فارسي
عقــل جــو اڪـابر هئيــن تــو ڪــان ويــران ڪيئــن ويئــي
دودي ســـومري تڙيئـــي، ڪِ تڙئيـــن راڄ منجهـــان؟
چئــي: نڪــي تڙيــو دودي ســومري، تڙيــو پــاڻ خــدا
ٻيٺـــو هئـــس تخـــت تـــي، ٻخـــت متـــي بادشـــاه
عزرائيـــل اٿلائيـــو تـــڏهن تخـــت هيٺـــان بادشـــاه

اتي چنيسر جي زال پنهنجي سس کي چيو تہ: چاچي! منهنجي مڙس ڪان اهو بادشاهي وارو ڪم ڪونہ پڄندو. آءٌ تي ڪم ڏسيانس:

اڳي هنيو سين بہ ڇٽيون هـاٿـي ٽلـي تيـون سين تـي
چڱــو چــو ڪــو جــوان کـي ڳـاڙهو ارٽ گهڙائـي ڏي
هٿيـا، مـُـونان عـاج جـا، چـَـتـُـون چاڙهـائي ڏي
ڪپهَــــ لاڙ ملـــڪ جـــي اُنـــن تـــي آٽـــاءِ
پـــاءُ ڪتيـــو پـــَـهر ۾ ســـير ســـوير لاهـــي.

تڏهن سس، نُنهن کي چيو تہ: منهنجي پٽ ڪان اهو ڪم بہ ڪونہ ٿيندو. سولو ڪم ٿي ڏسيانس:

ڏمـــان پيچـــان دانگـــي، پـــالا پيچـــي ٻـــار
ســـنجاف گهـــوڙي وڪٽـــي ڏڻ ريڻ جـــو ڏار

جوڻس ٿي چوي تہ: چاچي! مڙس کي بک لڳي آهي، ڇڏ تہ ماني کارايانس.

مريـم مـاني موڪلـي، جهجهـا ٻـُـوڙ پـُـلاءَ
وَ رَ مـون وِلهـي جـا، ويهـي مـاني کـاءَ!

تڏهن چنيسر جواب ڏنو:

مريم! مـاني کـائيندس ڪينڪي، ڍاڪن ري پانيـان
اڄ اڇوڪـي ڏينهـڙي آڻـي عـالادين ٻـارڻ ٻاريـان

تڏهن اتي زال چيس تہ:

راڻيـون هنـدورن هيريـون، جـُتـِـي پيـر نـہ پـائبن
رسـو ڪٽـي تنـپ سـان وجـي مـُـهر ڦـاهو کـاءِ
اڄ اڇوڪـي ڏينهـڙي چنيسـر مريـم پيـڻ پـاءِ.

اتي چنيسر ڪاوڙجي نڪري وجي ٿو. پٺس ننگر کي خبر ملي تہ اُهو پيءُ وٽ اچي ٿو.

چوڪـر پڳـو رانـد مـان جهلـي گهـوڙي جـي واڳ
نـالي نـام الله جـي ڇـڏ ننـگر گهـوڙي جـي واڳ
هڪڙا مهڻـا ڏنـا ڏاڏهيـن، ٻيـو سـاڙيـن تنهنجي مـاءُ
انهـن مهڻـن کـان سـُيان پـالن ٽنگـائيندس پـاءُ.

تڏهن ننگر پيءُ کي جواب ڏنو تہ:

قـادر قلعـو هـٿ ۾ حـامي حضـرت شـاه
اسين مريد محي الدين جا اسان کي لڳي نہ ڪوسو واءُ
اهـو عـالادين هڪـڙو پـر چاليهـہ چـاڙهي آءُ.

اتي دودي جي زال ٻيني هئي، جنهن جي ڪڇ تي ذيءُ 'سونل' هئي، سا چنيسر کي منٿ ٿي ڪري:

وجهـي گنـدي ڳچـيءَ ۾، 'پٽـول' پيرڻـن پئـي
'سـونل' ذي ننـڍڙي پيـرن تـي اُجلـي
هڪڙن جو موڙهو سـُٽ، تنهنجو ڪپہ ڪهڙو مـُـنڊو
مري هر ڪو جـُدا ٿئي، اوهيـن جيئري نہ ٿيـو جدا
چئـي: رنـن مونکـي سـاڙيو، جـن ويـڻ ڏنـا ڏاڍا
هـاٺي دودل ۽ منهنجـون ڳـالهيون ڳـوٺ ڪنـدا.

اتي پيڻ ٻاگهي بہ خبر ٻڌي آهي تہ چنيسر ڪاوڙيو وڃي، سا دودي کي ڏوڙي چوي ٿي تہ: چنيسر ڪاوڙيو وڃي، تون وڃي منٿ ڪري موٽاءِ!

ٻاگهي مٿو اگهاڙو آئي ڏوڙي دودي اڳيان
تہ چنيسر وڃي ڪاوڙيو، وڃي عالادين ڏانهن
منٿ مڃي تو ڪانڪا، چئي ڀالي ٿنگائيندس ڀاءُ
سڱ ڏيندس سونل جو، ڀائر نہ ٿيو جدا.

اهو ٻڌي دودو اچي ٿو چنيسر کي منٿ ڪري:

ڳل ڏيو ڳراهڻيون ڀا ڪر وڃيو ڀاءُ
ادو ابو توکي چوان، مريم ڀانيان ماءُ
پنجاه صوبن جي ڀاڳڙي آهي تو مهندان
ننگر ناني منهنجو، سونل نُنهن سندياءِ.

تڏهن چنيسر جواب ڏنو تہ:

هڪڙو ڏنو اٿماڻ دڙڪو تہ ڇڏيئي ڀاڳ پچار
ٻيو ڏنو اٿم دڙڪو تہ ڇڏيئي راڄ پچار
ٽيون ڏنو اٿم دڙڪو تہ باسيئي وير وهاڻ
چئي: اُتي پٽ لهر جا، ڏيئي لٽون نہ ساه ڪڍاڻ.

وري دودي صلاح ڏنيس تہ:

رُلج چُلج ڪينڪي نڪي وڃائج سونهن
ٻيو چڙهندو ڪينڪي وري اچج مون.

اهو ٻڌي چنيسر ڀاءُ کان ڪاوڙجي نڪري ويو ۽ جهنگ ۾ پنهنجي منهن ڀاءُ کي چوي ٿو:

دودي چڙهندي وڳهہ مان وڻ ڇڏيندا واءُ
اُٻتا واهہ وهي ويندا، مڃيون ڪائيندئون ٿاهہ
ڏُٽ پُسي ڏؤنرو پڪو، مون سان ڀاڳي هو ڀاءُ.

دودي کي پويان ڏک ٿيو تہ ڀاءُ کي موٽايان، سو ست ويهون سومرن جون پويان موڪليائين. چنسير هڪ ڍنڍ ۾ گهوڙي کي چرڻ لاءِ ڇوڙيو تہ اهي اچي پهتا.

سَتئي چڙهيا سومرا 'هولاڻي' ڀاڙو
ڏسيو ساوِي چَنڙِي ويرو ونَگ وڃهي

ميهار چيس تہ: ادا! تون آهين ساھ کان ورتو. هاڻي اچ تہ توکي شينهن ڏيکاريان. پوءِ ميهار ڊپ کان پاڻ کي هڪ وڻ تي پٽڪي سان ٻڌي ويهي رهيو ۽ چيائين: او هُن ڍُٻيءَ ۾ شينهن وينو اٿئي. هاڻي وڃي مار!

بانوا نہ کر بانوڙيون، ساوا کيم سکاءِ
اڳ ۾ ساوا تو سڪايا، اڄ سکو تنهنجو ساھ
شينهن کاوڙجي ڪشت مان اُيري آيو آدم تي
مکن سان ماري وڌائين، متان ورايائين لت.

تڏهن ميهار چيس تہ: هي تہ بلڪل متي جو ڪوئٽرو هو. مون رڳو پئي مينهن کي تاپو ڏنو. هاڻي ڪو بيو شينهن آهي تہ آءٌ ماريانس؟ جنهن تي چنيسر چيو تہ: هائو اجا شينهڻ آهي، پڇي اچي هن کي مار. هاڻي لهي آيو آهي. جڏهن شينهڻ اچي گوڙ ڪيو تہ ميهار اتي پڳو ۽ وڃي لڪو. چنيسر کي چيائين مهرباني ڪري اچي مار. چنيسر ان کي بہ مُکن سان هٽي ماري وڌو. چنيسر اتان نڪتو تہ هڪڙو بائو پئي آيو. جنهن کان پڇيائين تہ: دهلي جو شهر گهڻو پنڌ آهي؟ بائي چيس تہ: هتان ڦيري تي گهڻو پنڌ اٿئي، مگر وچان پنڌ ٿورو آهي. چنيسر پڇيس تہ: پوءِ ڪهڙي سبب کان ايترو ڦيرو ڪري آئين؟ جواب ڏنائين تہ: اڳيان شينهن ٿو وڙهي ۽ پويان آدمخور ٿو وڙهي، تنهن کان پريان هڪڙو اُٺ ٿو هالار ۾ وڙهي. باقي هتان بيت ڏيندو وڃ، ڪوبہ خطرو ناهي. چنيسر چيو تہ: واٽ ئي اها وٺبي، جتان ڦيرو گهٽ هجي.

پائي پير رڪيب ۾ گهوڙي گهوٽ چڙهيو
گدڙ، بگهڙ، پولڙا ماريندو وڃي
گهڻي ٿوري ڏينهڙي وڃي آدمخور وٽ لهي.

آدمخور صبح جو اٿيو تہ ماڻس کي چيائين: امان! دعا ڪر تہ ڪو شڪار لڳي. ماڻس دعا ڪيس، جنهن تي آدمخور خوش ٿيو. ٿوري دير ۾ ڏنائين تہ هڪڙو گهوڙي سوار پيو اچي. دل ۾ چيائين تہ: ماءُ جي دعا لڳي، ماڻهو آءٌ کائيندس ۽ گهوڙو امان کائيندي. جڏهن ويجهو آيو تہ آدمخور چيس تہ: تو وٽ ٽيڙ ڪهڙا آهن؟

سائو سائو بيٺ ۾ انهيءَ جو نالو ڇا؟
ڇٽي: جهندو حضرت شاھ جو پالن کائي پڙڪا

ونگـڙي ونگـڙي بيـٺ ۾ انهـيءَ جـو نـالو ڇـا؟
چئـي: تـرار ڇئونـس جيڪـا تکـي تيـر منجهـان
ڪـارو ڪـاٺ ڪلهـي تـي انهـيءَ جـو نـالو ڇـا؟
چئـي: بنـدوق ڇئونـس ٻچـڙي، جنهـن ۾ تکـا تيـر وڏا
هـڻ تيـر مـون ۾، تنهنجـا تيـر ڇپـا ٿينـدا.

آمخور چيو تہ: اڇئي ٿو منهنجو ڏنبو. جنهن تي چنيسر چيو: ادا، اڄ تہ پاڻ ۾ ڪشتي وڙهون. هاٿي سندرا ٻڌي تيار ٿي ويا. اتي آدمخور کي شڪ پيو تہ دودن مان متان هجي، ڇو تہ ڪيس ماڻس جو چوڻ هو تہ دودن سان متان وڙهين، جنهن تي خبرون پڇيائين تہ:

ڪيـر آهيـن ڪـاڏي وڃيـن، ڪهـڙي ذات جـوان؟
چئـي: دايـو آهيـان دودن جـو، در سـندو دربـان
نوڪـر آهيـان دودي جـو، آهيـان گولـن جـو غـلام.
مـرد وڙهيـا پـاڻ ۾ جيئـن ماهيـا سـانَ ڪَـسن
مـرد ڪنيـو مـرد کـي، مـرد تـي ڪئـي دانهـن
ڪڙل ڪرايون تنهنجـون، مونکـي لوهيا ڪـِير لڳا
ڌوهيـا ڌوه ڪيئـي، آهيـن دودو يـا چنيسـر راءِ
مـاري وڏائيـن مسـتانو تـي ڪيـائينس سـاهہ.

آدمخور کي ماري انهيءَ ڏِس تي ڪٽي هليو، جتي آدمخور جي ماءُ هڪڙو ڪَـن هينان وجائي هڪڙو متان ڪري ستي پئي هئي. پري کان ڏنائين تہ ڏاڍي خوش ٿي تہ گهوڙو ڪائيندي آءٌ مڙس ڪائيندو پُٽ. چنيسر جڏهن ويجهو آيو تڏهن آدمخور جي ماءُ ڏنو تہ پٽ تہ مئو پيو آهي، جنهن کي ڏسي ڇتي ٿي پيئي. هٿندي ڪُنو پٽ تي ڪاهي پيئي چنيسر جي پنيان. چنيسر بہ ڪيس لت مڪ هٽي ڪيو پورو.

پـائي پيـر رڪيـب ۾ گهـوڙي گهـوٽ چڙهيـو
گهٽـي تـوري ڏينهڙيـن اڃـي لڪـي بـاغ لٿـو.

'لکي باغ' ۾ لهڻ تي خبر مليس تي تہ هڪڙو مست اُٺ آهي، جيڪو ماڻهن سان وڙهندو آهي ۽ ماريندو آهي. باغ مان هڪ لڪڻ ڪٽي ٻاهر نڪتو تہ اُنن جو وڳ ايندي ڏنائين. جَـت ڏنو ڪالهہ بہ ماڻهو اُٺ ماري وڌو، اڄ هن ماڻهو کي بہ ماريندو، هاڻي سڌي چوانس تہ ڀڄ، اُٺ ماريندءِ!

ڪير آهين ڪاڏي وڃين، اُٺ واٺهڙو ماري
لوهيڙو لڪڻ هٿ ۾ اُٺُ ڪي ور ڏيو تو واري
هنيائين بانئو چاهہ مان وڏئين ڪاڇي ڪي ڪيري.

جت پڇيس: تون ڪير آهين جو بادشاهہ جو اُٺُ ماري وڌءِ! چنيسر تو چوي تہ: مون کان گناهہ ٿيو آهي، پر اوري آءٌ تہ چَسِي ڏيون. وني ڏنائين سَٽَ تہ جت جي ٻانهن ڪلهي کان نڪري پيئي. اتي ٻانهن ڪٽي وٺي ڀڳو. دهلي جي شهر جي سامهون، عالادين جو پٽ سلطان، بادشاهہ کان لشڪر وٺي اُٺ مارڻ پئي آيو. جت گڏيس، خبر پڇيائين تہ: اُنيون سُڃيون ڇڏي آيو آهين؟ جواب ۾ جت وراڻيو تہ: هڪ پهلوان هو جنهن اُٺ کي ماري وڌو ۽ منهنجي بہ ٻانهن ڪڍي وڌائين. اوهين سڀ پوئتي موٽو نہ تہ سيني سان اهڙو حال ڪندو جهڙو مون سان. هاٿي سڀ دهلي جي شهر ۾ واپس آيا. چنيسر بہ دهلي جي شهر ۾ گهوڙي سميت پهتو ۽ دربارن کان ٿو پڇي:

ٻيلي! ڪر خبر، منهنجي دهلي دانهن ڪيئن لڳي؟

چئي: سَو مڙس ميڙي آءٌ تہ گهنڊ جي لار لڳي
مڙس جو ميڙيان، گهنڊ پاٽهي يار وڃي
هنيائين تريون حڪم سان گهنڊ رکيائين پٺي.

عالادين کي اها خبر ملي، سو متي اگهاڙو ڊوڙي آيو. دربان کان پڇڻ لڳو تہ: گهنڊ کي ڪنهن ڪيرايو آهي؟ ڪنهن کي طاقت نہ هئي جو سؤ مڙسن کان سواءِ گهنڊ کي وڃائي، هي ڇا ٿيو؟ دربان چويس ٿو تہ: سائين! اهو جُوان ٻينو آهي. آءٌ ڊپ کان پُڇي ڪونہ ٿو سگهان، اوهين پڇوس.

ڪر خبر ٻيلي، گهنڊ يار ڪنهن سان وڃي؟
چئي: اُتر کان آيو آدمي، تنهن سان گهنڊ وڃي
ٻينو اتئي پرسان ڏيو ميناڪاري پيچ.
ڪير آهين، ڪاڏي وڃين، ڪهڙي ذات جُوان؟
چئي: صحيح آهيان سومرو، وڳهہ جو وريام
پُٽ تہ دودل راءِ جو پائنيو پونگر راءِ
آيو آهيان دانهين دودل تي هل مون سان يار چڙهي.

عالادين ڳالهه ٿي نه ٻُڌي ۽ ائين ڇئي محلات ۾ هليو ويو تہ: دودا ڏاڍا جوان آهن. چنيسر هاٿي دهلي جي بازار مان وجي پيو. ڇا ٿو ڏسي تہ هڪ رن زال روئي بہ ٿي ۽ ڳيچ بہ ڳائي ٿي. اتي روئڻ بند ڪري چنيسر کان پڇڻ لڳي:

ڪير آهين، ڪاڏي وڃين، ڪهڙي ذات جُوان؟
ڇئي: صحيح آهيان سومرو، وڳهہ جو وريام
نوڪر آهيان دودل ڄام جو گولن جو غلام.

مائي کان پڇي ٿو تہ: تون ڪير آهين ۽ روئين ڇو ٿي؟

ڇئي: شهر ڪاٽي ۾ سومرا! سُڃي ٿو راڪاس
ڇهہ پٽ ڪاڏا اڳي، ستين پٽ جُمن جو وارو.

چنيسر، مائي کان راڪاس جون خبرون پڇي ٿو. مائي چوي ٿي تہ: ابا! راڪاس خرار جي ديڳ کائيندو آهي. اوڙو پاٽي جو پيئندو آهي، هڪ ماڻهو کائيندو آهي ۽ هڪ سانَ پاڏو کائيندو آهي. تيهہ ئي روز راڪاس جو اهو طعام آهي. بادشاه جو اعلان آهي تہ راڪاس کي ڪير بہ ماري تہ اڌ راڄ اڌ ياڳ مان ڏيانس ۽ دلي ڌيءَ دادلي ڏيانس. چنيسر ٿو چوي تہ: مائي! مون کي ماني کاراءِ، اڄ تنهنجي پُٽ جي عيوض آءٌ ٿو وڃان. مائي ست اَٽ مانيون پچائي ڏنيون. هي ماني کائي سمهي رهيو ۽ مائي کي چيائين تہ: راڪاس جنهن مهل اچي، مونکي بڌائج تہ آءٌ وڃان. پر مون کي پري کان بيهي سڏ ڪج، ڇو جو متان پڙڪو ڏيئي اُٿان ۽ تنهنجو خوف کان هنيون نہ ڦاٽي پوي. ڳيچ دير کان پوءِ در تي سڏ ٿيو تہ: هلي آءُ رنڙيءَ جا پٽ! اتي پوڙهي چنيسر کي سڏ ڪري اٿاري ٿي. بہ ٽي سڏ ڪيائينس پر جواب ڪونہ مليس. اتي پوڙهيءَ کي باهہ ڪنيو تہ ماني اجائي وڃايم! سو مهٺو ٿي ڏئي تہ:

پنج ڪاڏءِ پـِڙي ٿي، ڏهن جو ڪيو سعيو
ڏهہ ڪاڏءِ پـِڙي ٿي، پنڌرهن جو ڪيو سعيو
گهٽا هٽين ٿو گهوگهرا، راڪس مارينديـن ڪيئن؟

اتي چنيسر جي ڪَن تي پڙاءُ پيو تہ پوڙهي مهٺو ڏنو آهي، سو ٽپ ڏيئي اٿيو. پوڙهيءَ کي ڏندڻ پٺجي ويا هئا. تنهن جا ڏندڻ پڇي، چيائين تہ: اما! تو مون کي جيڪي چيو سو مون سڀ ٻڌو. پوڙهيءَ چيو تہ: اَبا! مون ڪجهہ ڪونہ چيو. تيسين در تي وري آواز آيو تہ: هلي آءُ رنڙيءَ جا پٽ تہ ديڳ لاهيون! سوءُ مڙسن

جو ڳڻ ٿيندو تڏهن ديڳ لهندي. چنيسر آيو ۽ يڪي سر ديڳ لاهي رکيائين. اتي بادشاه جي ماڻهن چيو تہ: هي پهلوان آهي، پڇي ويندو، تنهنڪري هن کي ٻڌنداسين. رنڙيءَ جو پٽ ٻڌو. هي پڇي ويو تہ راڪاس شهر سڄو ۽ پينگ ڪري وڃهندو. چنيسر چيو تہ: نہ مون کي ڇڏيو، آءٌ ڪونہ ڀڄندس. تڏهن انهن چيو: توکي زنجيرن ۾ ٻڌنداسين، جي قبول ڪرين تہ ٻڌون؟ چنيسر منظور ڪيو. چنيسر کي زنجيرن ۾ ٻڌي، مضبوط ڪري سڀ ويا هليا. اتي دل ۾ خيال ڪيائين تہ دودي مون کي چيو هو تہ سوڙهي پوئي تہ مونکي سنيارڻ تہ منهنجو زور بہ توکي مدد ڏيندو، سو هاڻي زور ڏيئي پاءُ سنياري ڏسان تہ من زنجير ٽُٽن.

جيءُ وڌائون زنجيرن ۾ سوگهو ڪيو اتن ساهہ
سنياري حضرت شاه کي سارياڻين دودل پاءُ
ڏنائين زور نيڻن کي نَرَ نيَرَ پڳا.

چنيسر نيَر پڇي پَٽ غريبن مسڪينن کي ورهائي ڏنو ۽ چيائين تہ: پلي راڪاس اچي. ايتري ۾ راڪاس مينهن واچ ڪري اچي لٿو. ڏسي تہ دستور موجب ڪجهہ بہ ڪونهي، خالي پوٺو لڳو پيو آهي. سڃاتائين تہ چنيسر بادشاه وينو آهي. راڪاس چيو تہ: آءٌ اچ ڏينهن ڪان وٺي هن شهر ۾ ڪونہ ايندس. مونکي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ دودن مان ڪو هجي تہ متان سامهون ٿئين. چنيسر چيو تہ: اوري آءُ تہ بہ ٿي ڳالهيون ڪريون، پوءِ هليو وڃ. راڪاس سِرڪي اوري ٿيو تہ چنيسر نڪاءُ ڪيس ترار، سَتئي سسيون پري وڃي پيس. پوءِ ڪَن پچ وڍي اچي پوڙهيءَ کي اتاريائين. پوڙهيءَ چيس تہ: اَبا! تون پڇي آئين، هاڻي شهر سان سُج پينگ ڪرائي ڇڏيئي. پوڙهيءَ کي دِپ وڃان رات وهامي وئي.

صبح جو حسڻ گاهيو گاهہ تي پئي ويو. ڏسي تہ راڪاس مئو پيو آهي. ڇا ڪيائين جو ٻئي رنبا ڪنڌ ۾ هٽي چيائين تہ: گهڻا ڏينهن تو ماڻهو کاڌا آهن. پوئتي وريو ۽ اچي عالادين کي چيائين: سائين! راڪاس مون ماريو آهي، هاڻي تخت مان اَڌ ڏي، پاڳ راڄ اڌ ڏي، پوءِ شادي ڪراءِ، واعدو پار! اتي ٻين گاهين کي ويچار ٿيو تہ حسڻ سؤ گاهين جو گاهہ ڪندو هو، هاڻي اهو پاڻ تي ليٽِي پيو. پر يار ٻئي خبر تہ ونو، جنهن مڙس کي زنجيرن ۾ ٻڌو هئوسون، سو

ڪتي؟ حال احوال ته ونون. سو چنيسر وٽ هلي آيا تہ: راڪاس تو ماريو يا حَسڻ گاهِي ماريو؟ اسان کي خبر سُڻاءِ! جواب ۾ چنيسر چيو تہ: حسڻ کان ڪَن پيچ گهرو تہ پاڻهي خبر پئجي ويجي. حسڻ کان ڪن پيچ گهريائون، چيائين تہ: ڪَن ڪوسي ديگ ۾ سڙي ويا ۽ پيچ جبل ۾ چاپرو پيرن ۾ ڪُسي ويس. بادشاه چيو تہ: برابر ڳالهہ اها آهي. گاهيا وري موٽي آيا ۽ چنيسر کي وري ٻڌايائون تہ: وجي حَسڻ کان هي جواب مليو آهي. چنيسر وري چين تہ: وجي حَسڻ کي چئو تہ بادشاه جو مکنو هاٿي ٿا ڇوڙيون، اهو ماريئي تہ تون برابر سچو آهين، نہ تہ ڪوڙو.

· هاٿي ڇُٽو راوڙو ڪڪو قَهر منجهان
نَوَ مڻ نيَر پير ۾ ڪَڙي جو ڪڙڪاءُ
واڻين هٽڙا پوريا سوڪو لڳي ويو ساهه
حسڻ چيو يارن کي، جهجهي مون تان لڏ وارجاڻ
پچي چڙهو پتُن تي، اوهان جو آهي خُدا.

چنيسر وهنجڻ ويو هو، سو بازار مان پئي آيو. هٽ ۾ تاسري هيس. اَنباري تي ماڻهو هو.تنهن پڇيو تہ: هٿيار ڪهڙو پلو؟ جواب ۾ چيائين تہ: جيڪو هٽ ۾ هجي. اتي پيلبان هڪل ڪيس تہ پڇي پري ٿي:

بيٺو آهين بازار ۾، پرائو پَرهي پَٽَ
چئي: بيٺو آهيان بازار ۾، پَرهي پنهنجو پٽ
ماريان تنهن مردود کي آهي نہ منهنجو مَٽ
آءُ تہ پہ قدم اوري تہ ندين وهايان رت.

چنيسر نڪاءُ تاسري ڪئي تہ هاٿي کي اڌ چيري وجي ٻاهر نڪتي. مبارڪون ملي ويون تہ حسڻ گاهئي هاٿي ماري وڌو آهي. اتي ٻہ شخص ڊوڙي آيا، جن چيو: حَسڻ گاهيو اسان لڏ ۾ پوريو آهي، هلو تہ ڪڍي ڏيون. ان کي لڏ مان ڪڍيائون تہ رنبو ڪٽي اتي پڳو. چنيسر خيال ڪيو تہ مون هيڏا انصاف ڪيا تہ ٻہ عالادين ڪونہ ٿو چڙهي. هاٿي دودي ڏانهن خط لکان تہ هيترا انصاف ڪيا اٿم. سو خط ٿو لکي.

شينهن شينهڻ ماريم ٻيلي ۾ جتي گُجرن گاهه چِنا
آدم خور ماريم واٽ تي، رستا ڇُوٽ وهيا

اُت مــــاريم هـــالاري ۾، عـــالم کيـــر پيتــا
گهنــڊ لوڏيـــم دهلـــي شـــهر ۾ مجـــرا راڄ ڏنـــا
راڪـاس مـاريم دهلـي شـهر ۾ عـالم خـوف لٿـا
هـــاتي مـــاريم راوڙو ڪڪـــو ڦهـــر منجهـــان.

تنهن تي دودي جواب ۾ لکيس:

شـينهن شـينهڻ مـار بـاغ ۾ تـہ توسـان يـار چڙهـي.

باغائي کان چنيسر پڇيو تہ: شينهن شينهڻ باغ ۾ آهن؟ چيائين: هائو. تڏهن چيائين: شراب جون ڪونديون پـري بـاغ ۾ پيار تـہ غريب ٿيـن. جانورن شراب پيتو تہ صبح جـو سڄي بـاغ جا وڻ اُلوڙي اُجڙ ڪري ڇڏيائون. باغائي دانهـن کڻي عالادين وٽ پڳو تہ: سائين! جانور ڇٽا تي پيا آهن. بادشاه جي اعلان تـي پٽڪي ور سڀ خلق اچي گڏ ٿي. چنيسر چيـو تـہ: عـالادين بادشاه! مـون سان دودن سان جنگ تـي چڙهيـن تـہ شـينهن شـينهڻ ٻـڪريـن وانـگر مـاري ڏيـان ۽ پنهنجي وڏاندر پيڻ ٻاگهل جو سگ بہ ڏيان. جي نہ ڏنائون تہ لڙائي ڪنداسون، مون سان چڙهہ. اتي عالادين لکي ڏنو ۽ چيائين تہ: گهنڊ مـون کي ساڳي جاءِ تي لڳائي ڏي ۽ شينهن شينهڻ ماري ڏي. پوءِ تـہ چنيسر ڪاهي پيـو بـاغ ۾. شينهن شينهڻ ٻنهين جا مٿا پاڻ ۾ هٽي ماري وڏائين. گهنڊ کي ڪُـلهو ڏيئـي ساڳيءَ جاءِ تي ڪـوڙي ڇڏيائين. پوءِ بہ ڏينهـن ترسي عـالادين کي چيائين تـہ: چڙهہ نہ تہ تخت پڇي ڇڏنيدوسانءِ.

عـــالادين خـــط لکيـــا چئـــن ڏســين چـــوڏار
اتـــر کـــان وريـــا آدمـــي مغـــل ســـپ پٺـــاڻ
اچـــي لٿـــا پـــــٽَ تـــي زره وارا جـــوان.

چنيسر چيـو تـہ: اها خلق ايتري آهي جو آءٌ اڪيلو ئـي مـاري وجهـان، تـڏهن عالادين وري ٻيو لشڪر گهرايو:

عـــالادين خـــط لکيـــا چئـــن ڏســين چـــوڏار
اتـــر کـــان وريـــا آدمـــي مغـــل ســـپ پٺـــاڻ
هڪڙيـــون بندوقـــون ٻڇڙيـــون، ٻيـــا ڏقـــا ڏور هٽـــن
اچـــي لٿـــا پـــٽ تـــي زرهـــن وارا جـــوان.

عالادين چيو تہ: هاٿي خلق ايتري گڏ ٿي آهي جو اڳيان پاٺي پيئندا پويان گپ چٽيندا. پوءِ لشڪر چڙهيو.

پـــائي پيـــر رڪيـــب ۾ گهـــوڙن گهـــوٽ چڙهـــن
اڳيـــن گـــاه وات ۾ پويـــان لـــڏ چٽيـــن
گهٽـــي ٽـــوري ڏينهـــڙي اچـــي روپـــاه تـــڙ لٿـــا.

روپاه تڙ تـي بہ مرد دودن جا سنگتي وينا هئا. هڪ 'ڍولو' ٻيو 'ڍڪڻ'، جن لشڪر کان پڇيو: ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ جواب ۾ چيائون تہ: دودن سان جنگ تي ٿا وڃون. ڍولو ۽ ڍڪڻ انهي تڙ تي ملاح ٻيڙي وارا هئا. لشڪر کي بہ پتڻ پـار ڪرڻو هو. هنن چا ڪيو جو ماڻهو ڪٽيو وچ درياءَ ۾ ٻوڙيو واپس وريو اچـن. گهٽي وقت کان پوءِ عالادين کي خبر پيئي تہ لشڪر سڀ ملاحن ٻوڙي ڇڏيو. اتـي وٿ وٿ ٻيڙياتين تي ٿي.

وٿ وٿ تـي ٻيڙيـاتن تـي، جيئـن مڪـڙ روه وريـا
ڪـاهي پيـا ڪٽـڪ ۾ جيئـن منگهـہ وجهـن مـارا
ڪٽـڪ ڪارونيـار ڏسـجي، سـج نـہ پئـي سمـاءُ
وڙهنـدي تـن ويريـن سـان ويـڙو ڏينهـن لنگهـي
ڍڪـڻ چيـو ڍولـي کـي هـڻ ادلِ جـا يـار
اهـا سـٽي ڳـالهڙي توکـي دودو جَـس چـوي
مغـل مـاري مـاندا ٿيـا، پيـا پـاٽي کـن
پنـج چليـون مـاريون، مـرد وڏائـون مـاري.

آخر 'ڍولي' ۽ 'ڍڪڻ' کي ماري پتڻ پار اُکريا:

پـــائي پيـــر رڪيـــب ۾ گهـــوڙن گهـــوٽ چڙهيـــا
اڳيـــن گـــاه وات ۾ پويـــان لـــڏ چٽيـــن
گهٽـــي ٽـــوري ڏينهـــڙي اچـــي ٻڪـــرار وٽ لٿـــا.

هاٿي ٻکرار خبرون وني ٿو تہ: ڪير آهيو، ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ چيائون تہ: دودي سان جنگ ڪرڻ ٿا وڃون. تڏهن ٻڪرار چوي ٿو تـہ: ڀهريائين لڙائي منهنجي آهي جو دودي سان پريٽ ورهن کان ياري آهي، پوءِ اڳتي وڃو. ٻکرار پهلوان جي ساک هن طرح آهي تہ: اڏ مڻ ڍيري هٿ ۾، جيئرو ٻبر ڪلهي تـي، سـوَ قَـرن جو ڪانبي ۾.

رکيو ڊيري پٽ تي کانبو بيٺو چوڙي
کاهي پيو کٽکن ۾ جيئن مکڙ پيو ماري
ٻکرار هٿي تو کينکي جنهن جو وير کيو وارو
ٻکرار هٿي تو کينکي جيئن پورب واءُ وري
ٻکرار هٿي تو کينکي جيئن دريا، دوڙ کري
وڙهندي تن ويرين سان ويڙو ڏينهن لنگهي
مهاڙ يار اُکاريو وجي پيو 'علي علي' کري
نديون نير پلوٽيون کڙکن وڳهه ڏي
کٽک کارونيار ڏسجي سج نہ پئي سماءُ
ڏڙ تن جا ڏوڙ ۾ اتي تا ليٽن
نکو پاٽيءَ اوڏيءَ چڪ ۾ نکي مينهن وسي
وڙهندي تن ويرين سان ويو ڏينهن لنگهي
ست چليون مارئين، يار مرد وڏائون ماري.

اهو حال ڏسي عالادين، چنيسر کي جواب تو ڏي تہ: اڳتي کونہ هلندس، جو گهٽو لشکر تہ اتي ئي ختم ٿي ويو آهي، دودا اجا پري ٿيا چنيسر چيو تہ: دل نہ لاھہ، هڪڙي منزل هل، هاڻي اڳتي کير بہ کونهي.

پائي پير رکيب ۾ گهوڙي گهوٽ چڙهن
اڳين گاه وات ۾ پويان لڏ چٿين
گهٽي توري ڏينهڙي تا 'لکي باغ' لهن.

باغائي اتيو، ڏسي تہ کٽک بيٺو آهي. پڇي ٿو: کير آهيو؟ چيائون تہ: پناڻ آهيون، دودن سان جنگ کرڻ تا وڃون. باغائي چيو: يار! ڳالھ ٻڌو، دودا پري تيا، مون وٽ هٿيار بہ کونهي، ڏاٽو آهي، تنهن سان جنگ کندس، متان دودا چون تہ باغائي سست دل ٿيو. تنهنکري وڙهان ٿو، ماشاءالله:

کڏيو ڏاٽو دانَ مان، لنب جو گاه لٽي
سٿيون تن صوبن جون تڙن منجهہ لڳن
وڙهندي تن ويرين سان ويڙو ڏينهن لنگهي
مغل مري ماندا تيا پيا پاٽي پاٽي کن
بہ سوءِ مارئين، يار وڏائون مرد ماري.

تڏهن وري عالادين دانهن ڪئي تہ: يار چنيسرا مون توکي چيو هو تہ لشڪر سڀ مارائي ڇڏيندين. چنيسر چيو تہ: هاڻي رات جو هلنداسون. رات جو نڪتا، هڪڙي، ٻي ۽ ٽين رات جو اچي بکار شهر ۾ لٿا. بکار شهر ۾ لهڻ تي دودي کي خط لکيائون. دودي خط پڙهي چيو تہ: پاڻ هو، نہ مُڙيو، هاڻي عالادين کي نذرانا موڪليان ٿو، جي سڌوسنئون هوندو تہ پوئتي وري ويندو.

ٻولايــون ۽ ٻڪرُيـــون دودو گهوڙيـــون گهرائـــي
ڪــن پـــچ گهـــوڙن جـــا جنوهـــر ســاَن جڙائـــي
مـــاڻهو نـــاهيو ســونَ جـــا بينـــو ٻـــانهون ٻڌائـــي
پيتـُـون ڪٽـي هليـو 'مـر ڳـــاهو' پـــڙ دودو ســالو
هڪـــڙي ٻــي تــي واٽ تــي، چوٿيـــن خـــان رسـيو
لهـــي بڪــــار شـــهر ۾ دوســـت وڏو ديـــرو.

عالادين، چنيسر کي گهرائي چوي ٿو: ههڙي ماڻهو سان وڙهڻ مناسب نہ آهي، جنهن ههڙيون پيتون موڪليون آهن:

دودي پيتـــون اُمـــاڻيون پـــڙ تنهنجـــي پـــاڻُ.

تڏهن چنيسر چيس تہ:

دودي پيتـــون اُمـــاڻيون ڪـــري چتـــر تـــو متـــان
ايـــڏا ڏانَ دودو ســـــومرو فقيـــرن کـــــي ڏي.

اتي عالادين کي چڙ لڳي ٿي تہ دودو مون کي فقير سمجهي واپس وارڻ جي ٿو ڪري:

ڪــن پـــُـچ تــن گهـــوڙن جـــا ڇـــڏيو ســـي لاهـــي
جنهـــن نـَــر گهوڙيـــون آنديـــون تنهـــن نـَــر ڏيـــو ڦـــاهي
وَٽ وٽ تـــي 'مـــر ڳـــاهي' تـــي مڪـــڙ روه وريـــا
ڪـــاهي پيـــو ڪـــٽڪـــن ۾ منگهـــ وجهـــي مـــارا
سســـيون تـــن صوبـــن جـــون لوهيـــڙن منجهـــ لـــڳن
نديـــون نيـــر پلوٽيـــون لوهيـــڙو تـــار وهـــي
ڪـُـٽـڪ ڪارونيـــار ڏسجي سـج نــہ پئـــي سمـــاءُ
وڙهنـــدي تـــن ويريـــن ســـان ويـــڙو ڏينهـــن لنگهـــي
پنـــج چليـــون مـــاريئين يـــار مـــرد وڏائـــون مـــاري.

وار سڪائيندي واٽ تي ننگر دودي جو ڪيو سلام
اتي دودا داناء سومرا جهل ننگر جو سلام
دودي اُٿئي ڪان پوءِ اُٿي ساري خلق.

دودو تو چوي: ابا! مر ڳاهو مري آيو اٿيئي، هاڻي تنهنجي ڪهڙي صلاح، منهنجو ٿيندين يا پٺهين جو ٿيندين؟

خوني خط خلل جا وڳهه در آيا
چاچا! من ۾ پون مانڊاڻ آندن ولوڙا
ڦاڙي پاڳ پرزا ڪري، تخت ڪريان تالان
ڏنئي سڱ سونل جو لهيو لڙ وجن.

دودي چيو تہ: پڳ توکي ٿو ڏيان:

وڏن جي وڏاندري آئي تو متي
چئي: ابي کي ڏنئي ڪينکي، ڪيئن ڏيندين مون کي
ياء ويو تي پر مان تڏهن ورتئي نہ واري
هاڻي هٽين تو هتڙا، آيو اُڙد متي چاڙهي.

دودي چيس تہ:

متو رت ابي جو، تون ويندين يار ڦري
چئي: ڦرندس چاچا فوجن وچ ۾، ويندس ماڳ مري
سوئن هلئي تو ننڍڙو تنهن جي پارت اٿئي گهڻي
دعا ڪندس دل سان ڏي عمر رب گهڻي
گڏ مرنداسون گدار ۾ سوئن بہ سوئن تي.
چيائين: ماريان 'مدن' مير کي نظر بيگ ڏسان
سري عالادين جي چنبن ساڻ چٽان.

اُتي ننگر جي ماءُ کي ڪاوڙ لڳي تہ منهنجو مڙس پڳ تان ڪاوڙجي ويو ۽ منهنجو پٽ وري تو جنگ تي وڃي، ڪونہ ڇڏيندس.

مري ماءُ ننگر جي ريهون ڪري راڻي
ادا دودل سومرا! سڄ سڻي اٿئي هاڻي
نانی مارائيندين ننڍڙو، ولهي ڪندين نياڻي

وَنــــي جنهـــن جـــي ونواهـــ ۾ پئـــي نتـــي پـــاٽي
مـــاڻهن تنهنجـــن ميـــدو ڏيـــان، گهـــوڙن گـــاه پـــاٽي
راه ونـــــي راضـــــي ٿيـــــو چڙهـــــي دودو پـــــاڻ.

اتي ٻاگهي ٻه ويني هئي، سا تي مهڻو ڏئي:
چوه وڏي اٿئي ڇوڪرين، ڪانئر ٻارين ڪان.
تڏهن ننگر ڪاوڙ مان جواب ڏنس:

چمنـــدي رات مـــري وڃيـــن هـــا، راڄ رلايـــو تـــو
مـــڙس ڏيندوسـئين سـومرو، مـــاري ڀڄيندئـــي پـــونءِ
جيئرو اڃان وڳهه ڪوٽ ۾ ڏينـدس قبـر سـان لائـون.

ٻاگهي چيو ته: مون اڃي متي واريءَ کي ڇوڪرو کير پياڪ ٿو مهڻا ڏئي، سو پاراتو ڏنائينس ته:

ڪـــارِي توکـــي ڪيئـــن ڪـــاڏو، اهـــڙا ويـــڻ هنيئـــي
وڃيـــن تـــو ميـــڙ مغـــل جـــي، هـــاٽي جيئـــرو وريـــن جـــي
اينديـــن وڳهـــ ڪـــوٽ ۾ کهـــــُـنبن ۾ ڪڇـــي.

هاٽي ننگر ٿو چوي:

مـــــوڙَ جامـــــان منهجـــــا ســـــيئي ڇـــــڏيو ســـــاڙي
رتـــــل مـــــاڄ منهنجـــــا ســـــيئي ڇـــــڏيو ســـــاڙي
راڻـــي! ڇـــڏ آسـرو لاهـــي، ڇـــڻ تـــه ڄـــائو ڪونـــه هـــو.

دودو چوي ٿو ته: ننگر وڃي ٿو پنهنجي پيءَ ڏانهن، آءٌ پنهنجي پٽ کي جهليان.

ڪونـــــدر ڪنـــــد متـــــي ڪٽـــــي دودل ڳالهـــــايو
توکـــي مـــارائيندا ننـــڍڙو، ســـڙئي پئـــي نـــه سمـــاءُ.

تڏهن پٽس پونگر جواب ڏنو:

آءٌ وهنـــــدس ڪينکـــــي، توکـــــي گهنـــــډ گـــــُــــڙن
ننـــــگر ۽ منهنجـــــا لاشـــــا گـــــڏجي ڳـــــوٺ اچـــــن.

اتي ننگر آيو ۽ پونگر کي چوي ٿو ته: ادا! اڄ ته جاءِ گهمي ڏسي اچون ۽ مڱ ٻه ڪانه ڏني اٿم، سا ٻه هلي ڏسان.

جنبـــا چنبـــن ۾ ڏيئـــي ويـــا ٻيليـــڙا ٻيئـــي
ٽنـــپ ٽوٽيـــون ٽڙڪـــي ويـــون، پيـــا پـــَـٽين ۾ واڪـــا

ڪٿ بار نہ جهلي، هندورو ڪائي لوڏا
نڪري ٻانهي ٻاهر تي، متان عالادين آيو!
دانهہ دائي در متي ڪلي ڪير مُنهان
تہ نڪو عالادين بادشاهہ، ڪيو خير خدا
سو ڪنگڻ ٻانهن ۾، ڪنن ۾ لُڙڪا
مون ورايو سومرو 'سونل' ور تُنهنجو.

ننگر جي مگ تي چوي تہ: سڏ ڪريوس تہ آءُ موڪلايان.

مگ ننگر مير جي روئي رت ڦُڙا
سوٽ! وڃين تو جنگ تي، ڏج ساري سنيهڙا
چئي: لوهيڙو وهايا رت جو، وڳهہ جي وچان.

---

سوٽ! وڃين تو جنگ تي، ننڍڙا ننگر راءِ!
مريد محي الدين جا، توکي لڳي نہ ڪوسو واءُ
وڃين تو ميڙ مغل جي، تنهنجو پير ڪندو پرچاءُ
چئي: دانهہ ڏيءُ دودل جي، ادب ڪري ڳالهاءُ
جي سوڙهيءَ پائنين جنگ جي، لکج پرزو دودل ڏانهنءُ.

مگ تي چويس تہ: اسان کي ڪهڙي خبر تہ توکي سوڙهي پيئي آهي؟ ننگر چوي تو تہ: اسان مريد محي الدين جا آهيون، تو کي نشاني تو ڏيان، جي پار لڳن تہ پائنج تہ لڙائي لڳي پيئي آهي. وڃان تو ابي کي ميڙ منٿ ڪرڻ.

وڃان تو ميڙ ابي ڏي، پير ڪندو پرچاءُ
ويندس ورندس ڪينڪي، گهوٽ ٻَڌان گهاٽا
چند چوڏهينءَ رات جو، ڏس تارن جا تجلا
سهي ڪجانءِ سومري! تہ جوتي جنگ آهي.

ننگر خيال ڪيو تہ حياتي بي بقا آهي، تنهنڪري ماءُ کان موڪلائي وڃان. پر ڏينهن جو نہ وڃان، متان چاچو دودو ڏسي تہ هي بہ پٺس وانگر ٿيو آهي. رات جو آڌي ڏيئي وڃان.

آڌي ڏيو راتڙي، بيٺو جيجل جاڳائي
ٻنيهہ ذارون تج جون مون کي اَمان بخش ڪر.

تڏهن ماءُ چيس تہ:

پنيو هئم پيرن کان، توکي ڏاتر هٿ ڏنا
تنجيو هئم تارين لاءِ، توکي ڏُکا کين وڏام
وجين تو ميڙ مغل ڏي، توکي پير کندو پرچاءُ
نہ تہ وڃان واڳ طنبوءَ جي، کجان وير وڏاءُ.

ننگر اتي خيال کيو تہ هاٽي چاچي دودي کي 'اَمان' جي پارت کري وڃان. ننگر ويو تہ اُن کان اڳ دودو تو ننگر کي چوي:

کُونڌر کنڌ متي کٽي دودي ڳالهايو
پونگر مارائيندين ننڍڙو، سَڙي پئي نہ سَماءُ
چئي: پونگر ماراياں کينکي، پونگر گڏ مران
پونگر منهنجا گڏجي لاشا ڳوٹ ايندا.

ننگر وري تو دودي کي چوي تہ: چاچا!

هکڙو سور اهو رهيو، رڏل طعام رهيا
ٻيو سور اهو رهيو، اڏيل مَنهَن ڊنا
ٽيو سور اهو رهيو، منهنجا ڳاڙها ڍُهل بينا
چوٿون سور اهو رهيو، منهنجا ٻڌل اکيا چڙيا
پنجون سور اهو رهيو، منهنجا دعوتو خان رهيا
هاٽي آيل پرتي اتئي، متان تئي جيجل جوڳياٽي.

چاچا هاٽي امان جي پارت اتئي، پر ٻڌاءِ تہ کهڙي ڏينهن چڙهان؟

چاچا! بي خبر ڏي تہ ڏينهن کهڙي چڙهان؟
چئي: چنچر چڱو ناهي، آچر نہ چڙهجان
سومر ڏينهن چڱو ناهي، اڱاري نہ چڙهجان
اڱارو ڏينهن چڱو ناهي، اربعا نہ چڙهجان
اربعا ڏينهن چڱو ناهي، خميس نہ چڙهجان
چڙهجانءِ ڏينهن جمعي جي، پر پهر جمعو ٽاري.
زرهہ ڏيڊ مڻ جي ننگر يار وڏي
زرهہ هکڙي مڻ جي پونگر يار وڏي
پنجاهہ يارن پاڻ سان نر هٽي بينو نعرو

پـُـورو هـاٿي پونـگر جـو، نـر ننـگر چوڙايـو
زرِ گـاديون گلـم سـان متـي پـوش وجهـو
چـِـٽکي گهـوڙي منهنجـي، اوهـا بـہ چـوڙي اچـو
پـائي پيـر رکيـب ۾ گهـوڙن گهـوٽ چڙهـن
ننـڍي وڏي وائـي وات ۾ بينـا 'علـي علـي' ڪـن
چاچـا! پرتيـن الله کـي، اسـان جـي الله واهـي آهـي
ڏکيـو سـُـکيون ڳـالهيون مڙئـي رهيـون روح ۾.

—

پهريـن مـنزل ميـر جـي 'جويـا' شـهر چـون
ٻـي مـنزل ميـر جـي 'راول' کـي رسـن
ٽـي مـنزل ميـر جـي 'گـُـنگڙو تـَـر' چـون
چوٿيـن مـنزل ميـر جـي 'لوهيـڙو' تـا بـہ لنگهـن
پنجيـن مـنزل ميـر جـي 'بکـار' شـهر چـون
لهـي بکـار شـهر ۾ وڏو ديـرو دوسـتن.

اتي هڪڙو واٽيو ڊوڙي آيو ۽ فرياد ڪيائين تہ: سائين! اوهان جي بادشاهيءَ ۾ اسان کي هاٿي ڏاڍي تنگي ٿي آهي، جو رات جو ڪاٺون تہ ڏينهن جو ڪونهي، جي ڏنمهن جو ڪاٺون تہ رات جو ڪونهي. عالادين جا سپاهي ڦُر ڪرڻ ٿا اچن، اهو ڪونہ ڇڏيو اٿن جو لولي کي لوڻ وجهون! ننگر پڇيو تہ: عالادين سان خلق ڪيتري آهي؟ واٽئي چيو تہ: مون کي فقط ونڻ وارن جي خبر آهي، باقي ٻئي لشڪر جي خبر نہ آهي:

پنـج لک اٺئـي واٽيـن جـا، هـاٿين متـي هـَـت
ڇهـہ لک واڍن جـا، جـي ڪـاٺ ڪلـو ڪوڙيـن
سـت لک لوهـار جـا، جـي روز ترارِيـون نـاهين
اَٺ لک ڪنيـارن جـا، جـي مـاٽيون مـٽ جوڙيـن.

ننگر وري پڇيو تہ: ڪيڏيءَ مهل شهر ڦرڻ ايندا آهن؟ چئي: سائين! اها خبر آءٌ توکي ٻڌائيندس. ٿوري دير کان پوءِ واٽيو ڀڄندو آيو، چئي: سائين! هينئر آيو آهيان تہ نارُون وارو هٽ ڦري، پوڇـو جي هٽ تي آيا آهن تہ آءٌ پڳو آهيان. ننگر پنهنجي يارن کي هڪدم گهوڙن تي چڙهڻ جو حڪم ڏنو.

پـــائي پيـــر رڪيـــب ۾، گهـــوڙي گهـــوٽ چڙهـــن
نـنـدي وڏي وائـي وات ۾ بينـا 'علـي علـي' ڪـن
ڪيـر آهيـو، ڪـاڏي وجـو، ڪهـڙي ذات جـوان؟
چئـي: مـاڻهو عـالادين جـا، شـهر ڦريـون ٻڪـار
چئـي: ٻڪـار شـهر پلـي ڦريـو، پـر نـر نبيريـو وجـو
مَـٿَ ڳڌيا تـي مَـٿَـنَ ڪي، جن کي ڪڙيون پني لڳن.

انهن ماڻهن ويندي ساڻ عـالادين کي چيو تـہ: سـائين! اوهان چيـو تـي تـہ دودو ڪونہ چڙهيو آهي، پر دودو چڙهي آيو آهي. اتي چنيسر چيو تـہ: ويهہ تـہ آءٌ توکي دودي جا پار ڏيان.

مـڙس اتيئـي مـُـني جيـڏو، متـو مـَـٽ چـون
ڪـارايون اتـي دودل جـون، مونـا بيـڙيءَ جـا
دودو چڙهنـدو وڳهہ مـان تـہ سـڪندو تنهنجـو سـاهہ.

واڻئـي ڪـان ننگر پڇيـو تـہ: آءٌ عـالادين وٽ ڪيئن پهچندس؟ واڻئي چيـو تـہ: سـائين! سـت صوبـا آهـن، سـتن ڏينهـن ڪـان پوءِ پهچنديـن. پهريـون صوبـو آهـي عـالادين جو پٽ سلطان پنـاڻ، ٻيو صوبـو هـَنبل پنـاڻ، ٽيـو صوبـو اتئـي گوهرو پنـاڻ، چوٿـون صوبـو اتئـي سـالار پنـاڻ، پنجـون صوبـو اتئـي نظر پنـاڻ، ڇهـون پلتيدار پنـاڻ، سـتون صوبو اتيئي تالا تمر وزير.

پـــائي پيـــر رڪيـــب ۾ گهـــوڙن گهـــوٽ چڙهـــن
ننـگر گهوڙيـون ڪـاهيون، هليـو ڪشـت منجهـان
ننـگر گهوڙيـون ڪـاهيون سـلطان پنـاڻ متـي
ڪـاهي پيـو ڪـٽـڪ ۾، پيـو ڏائـي سـلام واري
ڪيـر آهيـن، ڪـاڏي وجيـن، ڪهـڙي ذات جـوان؟
تـون اُڏائيـن گهوڙيـون، اسـين اُڏايـون ڪـانَ.
چئـي: اتـي بينـو اُلـرون ڪريـن، لهـي آءٌ سـلطان
ڪيـر مـصري ڪنـدون ڏئيـن، ٻيـا ڏيهہ پڪـا پڪـوان.

---

هـيءَ ڪچهـريءَ ڪنهـن جـي، هنبـل پنـاڻ صوبـو
ننـگر گهوڙيـون ڪـاهيون، هليـو ڪشـت منجهـان

ڪاهي پيو ڪٽڪ ۾، ڏائي سلام واري
طاقت ٽيس ڪانڪا، جو جهلي ننگر جو سلام
بسم الله ڪري ورتائين پاڻهي پنهنجو سلام
هنبل چيو ماڻهن کي، مات ڪريو مڙيئي
مات ڪريو مڙي وجي، آهي دودو ديمين ساڻ.

—

هيءَ ڪچهري ڪنهن جي، آهي گوهر پناڻ
ننگر گهوڙيون ڪاهيون، ڪاهيئين ڪشت مان
ڪاهي پيو ڪٽڪن ۾، ڏائي سلام واري.

گوهرو پناڻ چيس تہ:

چوڪر چڙهيو آهين ننڍڙو، توکي ٻڌي ٻانَ ڪندا
چئي: چوڪر چڏي دهلي شهر ۾، چوڪر ڪنيئي ساڻ
سيان انهيءَ چوڪر جون، ڱوڏا ڱالهيون ڪندا
چوندي ڪيان ديمين مان، جيئن ڪنگ ڪيي ڪُرڙي.

—

هيءَ ڪچهري ڪنهن جي، سالار پناڻ صوبو
ننگر گهوڙيون ڪاهيون، ڪاهيئين ڪشت مان
ڪاهي پيو ڪٽڪن ۾، ڏائي سلام واري
طاقت ٽيس ڪانہ ڪا جو جهلي ننگر جو سلام
بسم الله ڪري ورتائين پاڻهي پنهنجو سلام
سالار چيو ماڻهن کي، مات ڪريو مڙيئي
مات ڪريو مُڙي وجي، آهي دودو ديمن ساڻ.

—

هيءَ ڪچهري ڪنهن جي، نظر پناڻ صوبو
ننگر گهوڙيون ڪاهيون، ڪاهيئين ڪشت منجهان
ڪاهي پيو ڪٽڪن ۾، ڏائي سلام واري
بسم الله ڪري ورتائين وعليڪم السلام.

—

سَل سچي ڪر سومرا، تون پرٽيل ڪي ڪنوارو؟
چئي: مَنهن چنا منهنجا، ڳاڙها ڌُهل وڄن
ادو محمد ويو دعوتو، جنهن ڪي چوتون چند ڏنو
وڃان ميڙ اَبي ڏي، من پير ڪري پرچاءِ.

نظر پناڻ چيس تہ:

قِتل پرچندو ڪينڪي، جنهن ڏاڙهي قول ڏنا
تون وڃين وني ماڻ، جنهن پهرئين رات نڪاح.

ننگر پاڳو پان ڪي اڳ ۾ موڪليو تہ خبر وٺي اچ تہ ابو ڪٿي آهي. پاڳو اچي چنيسر اڳيان بيٺو. چنيسر چيو تہ ڳوٺ جو ماڻهو آيو آهي، ڳوٺ جي خبر تہ پڇانس، سو چيائين:

چڱيون پليون هيون راٽيون، چڱو پلو دودو پاءِ
ننگر ڇڏيو هوم ننڍڙو، پورا پار ڏي
چئي: پائي پير رڪيب ۾، گهوڙيءَ گهوٽ چڙهيو
ڪاهي پيو ڪٽڪن ۾، ڪيهر ڪُلها موڙي.

چنيسر چيو تہ: منهنجي ڪٽڪ ۾ چو ڪُلها پيو موڙي! پوءِ پاڳوءَ کي ٻہ ٽي ٽڦ هٽي ڪديا، پوءِ چڻي لکي، روانو ڪيائين عالادين ڏانهن. جنهن پاڳو کي چيو تہ:

پنج سؤ ماڻهن جو تنو ڏيان، مون کي دايا داغائي ڏي
چئي: پنج سؤ ماڻهو تنهنجا، دايو مُکن سان ماري
دايو داغايان ڪينڪي، دايو دهلي کي داغي
اسين دايو چئون ان کي، جو سومرن سان کير پيئي.

پاڳو جو جواب ٻڌي، عالادين ٻہ ڪاوڙ ۾ اچي پاڳوءَ کي ٻہ ٽڦا هٽي ڪديا. اتي ننگر پڇيو تہ نظر پناڻ صوبي کان تہ: بابو ڪهڙي وهي آهي، مون کي پار ڏي. تنهن چنيسر جا پار ڏنس تہ:

ڪارو طنبو پٺهين جو، ڪارو ويس سنداس
سائو پالو هٿ ۾، ميناڪاري پيچ
پيءُ سڃاڻج پنهنجو چوندي ديمن مان.

ننگر، چنيسر جي ڳولا ۾ عالادين جي لشڪر ۾ ڪاهي پيو. ۽ وجي پلتي دار پناڻ صوبي جي طنبوءَ تي بيٺو. ۽ پڇا ڪيائين تہ:

هيءَ ڪچهري ڪنهن جي، پلتي دار پناڻ
ننگر گهوڙيون ڪاهيون، ڪاهيئين ڪشت مان
ڪاهي پيو ڪٽڪن ۾، ڏائي سلام واري
طاقت تيس ڪانہ ڪا جو ننگر جو سلام جهلي
چئي: ماٺ ڪريو مُڙي وڃي، دودو ديمن سان.

ننگر وري اڳتي هليو تہ تالا تمر پناڻ جي لشڪر ۾ اچي پيو ۽ پڇا ڪيائين تہ:

هيءَ ڪچهري ڪنهن جي، تالا تمر پناڻ
ننگر گهوڙيون ڪاهيون، ڪاهيئين ڪشت مان
ڪاهيو پئي ڪٽڪن ۾، ڏائي سلام واري
طاقت تيس ڪانہ ڪا جو جهلي ننگر جو سلام
چئي: ماٺ ڪريو تہ مُڙي وڃي، دودو ديمن سان.

ننگر پڇا ڪندي ڪندي آخر وڃي چنيسر جي طنبوءَ ۾ لٿو.

پائي پير رڪيب ۾ گهوڙي گهوٽ چڙهيو
وجهي گندي ڳچيءَ ۾، پيءُ ڪي پيرين پيو
هڪڙن جو مُوڙهو سُٺ، تنهنجو ڪپاه ڪهڙو مُنڍو؟
مري هرڪو جُدا ٿئي، اوهين جيئري نہ ٿيو جُدا
سونل جهڙيون سوين ڏين، ڪانہ پانيان ٿاني
چئي: پونگر ماريان ننڍڙو، دودي پئي سَماءُ.

ننگر جواب ڏنس تہ:

پونگر مارايان ڪينڪي، پونگر گڏ مران
پونگر ۽ منهنجا گڏجي لاشا ڳوٺ ويندا.

چنيسر چيو تہ: ابا! آءُ هيڏو عالادين بادشاهہ چاڙهي آيو آهيان، تون ان ڪي پرچاءِ!
ننگر چيو تہ آءُ ڪيئن پرچايان؟ چيائين تہ: جمعي جي ڏينهن پرچاءُ ڪنداسين.

چنيسر چني لکي عالادين کي موڪلي تہ ٻہ دايا چوڪرا آيا آهن، جن ڪان تون ٻاگهي جو سڳ گهر ڪج. جمعي جي ڏينهن ننگر ۽ پونگر ٻہ مسجد ۾ آيا. عالادين بادشاهہ انهن ڪان ٻاگهي جي سڳ جي گهر ڪئي:

جلــوو ڏينهـــن جمعـــي جـــو، ٻـــانگي ٻولايـــو
مســيت بکــار شـــهر جـــي نيـــل ڏٺـــي نـــروار
ويهـــي مســيت وچ ۾ پيڙهـــيءَ جوکيـــون پرچـــاءِ
يـــاءِ پرچـــو پـــاڻ ۾ ٻـــاگهل مونکـــي ڏيـــو
پـــَـٽ پرهيـــان ســـومرا، دهلـــي دکـــن ســـُـوڏا
ٻـي جهجـي ڏيندوســانءِ پــُـونءِ وينـدي وڳهــ تـائين.

ننگر چيو تہ: ادا پونگر، تون جواب ڏي! پونگر چيو تہ: آءٌ ننڍڙو آهيان، هتي ڪيترا وڏا پڙهيا علماء وينا آهن، تون مون ڪان وڏو آهين، تون جواب ڏي! تڏهن ننگر، عالادين کي جواب ڏنو تہ:

تـون تـرڪ، اسـين سومرا، اهـا ڪيئـن جـوڙ جـُـڳاءِ
مکـڻ سـونهي تـو منـڌي تـي، ۽ ڏوئـرو سـونهي لاٽ
دلـي تنهنجـي ڏيءَ دادلـي منهنجـي پونـگر مـوڙ ٻـڌاءِ
پيــڻ تنهنجـي وڏانـدري منهنجـي محمـد مـوڙ ٻـڌاءِ
مــاءُ تنهنجـي وڏانـدري منهنجـي پـاڳوِيـان پرڻـاءِ
ماسـي چـاچي تنهنجـي، منهنجـي پنجـاه يـارن پرڻـاءِ
تـون گهريـن تـو هڪـڙي، آءٌ تـو گهـُـرين سوءُ سـوا
مـٽ منهنجـو نـہ ڪريـن تـوڙي سـڳي ڏينديـن مـاءُ.

عالادين کي اتي ڪاوڙ آئي تہ چوڪر مونکي لکن ماڻهن ۾ گهٽ وڌ ڳالهايو آهي. سو دڙڪو ڏئي تو تہ:

اهـا خبـر هيـم ڪانڪـا، اتهيـن ڪونـہ چڙهـان
سـَـوَ گهـوڙن جـا چاڙهيـان، ڪريـان اُڙدن جـي اڳيـان.

ننگر تو چوي تہ:

ســَـــوَ گهـــوڙن تنهنجـــا، آءٌ موچـــڙن ســـان ڪٽيـــان
پچـــان دَر دلـــي جـــو، پچـــي ڪلـــف ڪـــڙا .

—

عـــالادين مـــاڻهو موڪليـــو گوهـــرو ٻنـــاڻ متـــي
ٻـہ چليـون ڪنيـائين پـاڻ سـان، چڳـدن سـاڻ چڙهـي
وٺ وٺ تـي ننـگر تـي چـڻ مڪـڙ روه وريـا

ڪاهي پيو ڪٽڪ ۾ جيئن منگهه وڏا مارا
پنهنجا مُهاڙا اُڪاري، وجي ڏئي مدد يارن کي
هٽو ڪنا ائين، جيئن وڇڙيون ڪن وارا
ڪٽڪ ڪارونيار جو سج نه پئي سماءُ
وڙهندي تن ويرين سان ويڙو ڏينهن لنگهي
سسيون تن صوبن جون مسيت منجهه لڳن
ڌڙ تَن جا ڌوڙ ۾ اُتي تا ليٽن
پنج مارايائين پنهنجا، ننگر ڳچ بيٺو ڳاري
ڏيئي قيرو اُڙد کي پِڙ ڪيائين واندو
ساري حضرت شاهه کي پلو چڏيو پالو
گُڏيائين گوهرو کي، جنهن جو ڊونڊيو ڪُتن ڪاڏو.

هاٽي مسيت کان آجا ٿي، رڻ مُنهن تي طنبو هٽي، لوهيڙي تي هڪ مُنهان تي ويهي رهيا.

عالادين ماٺو موڪليو هنبل پناڻ متي
پنج هزار ڪنيائين پاڻ سان، ڇڳدي سان چڙهي
اچي بيٺو رڻ مُنهن تي، تو 'ننگر ننگر' ڪري
ساري حضرت شاهه کي ننگر ٻيءَ چوٽ چڙهي
ڪاهي پيو ڪٽڪ ۾ جيئن منگهه وجهي مارا
مُهاڙا پار اڪاريو وجي مدد يارن ڏي
نديون نير پلوٽيون، لوهيڙو تار وهي
وڙهندي تن ويرين سان ويڙو ڏينهن لنگهي
نڪو پاٽي اوڏيءَ ۾، نڪو مينهن وسي
ڪٽڪ ڪارونيار ۾، نڪو پئي سج سماءُ
ست مارايائين پنهنجا، ننگر ڳچ بيٺو ڳاري
ڏنو قيرو اُڙد کي، پڙ ڪيائين واندو
ساريو حضرت شاهه کي، پڙ اُجليو پالو
ريهه ڪري راڻو ڪريو، جيئن ڇڇهري ڪري ڇٽڪو
سسي تنهن صوبي جي، پيو نيزي پاند رکي.

ننگر کي پونگر چيو تہ: ادا! ڪٽڪ گهڻو آهي، پنهنجي مارڻ کان زور آهي، محمد کي لکون تہ اهو اچي تہ ٿيئي گڏجي لڙايون ڪريون تہ ڪتي هلون. ننگر چيو تہ مس بہ ڪانهي، خط ڪيئن لکان؟ پونگر چيس تہ: ڪيئن بہ ڪري لک! ننگر پنهنجي سوٽ پونگر جو ارادو نہ ٿو پچي:

ڪـڍيو رت بـدن مـان ننـگر خـط بينـو لکـي
خـط لکـي راس ڪيـائين، اچـو طيـب سـڏي
طيـب ڊوڙي آئيـو، کهـڙا سـڏ ڪيئـي؟
خـط کڻـي وڃ ڳـوٺ ڏي، محمـد کونـي آءُ
چئـي: آءٌ وينـدس ڪينکـي، چونـدا گيـدي ٿـي پڳـو.
چئـي: گهوڙي منهنجي چٽڪي، نِـيلي سُـچي نـروار
چوٿيـن پهـر وري اچـي، پـاڻ جـوان ڪريـون جنـگ.

—

گهـوڙي ٿـي ڳالهـايو، ڳالهايـائين طيـب سـان
هڪـڙا سـور ننـگر جـا. بيـو مـارين تـون متـان
چـرج ڦـُـرج ڪينکـي، نکـي هٽـج اڙي
نـاڻ سـجاڻج پنهنجـو تـون سـوڌي وڳهـ تـي
ويـرم ڪيـائين ڪينکـي، اچـي وڳهـ شـهر رسـي
اچـي بينـو در تـي، بينـو ’دودل دودل‘ ڪـري
ريهـــ ڪـري راڻـو اُٿيـو. آيـو در متـي
ڪـر خبـر تـہ منهنجـو پونـگر چڱـو پلـو هـو؟
چئـي: اجـا تـائين چڱـا پـلا. پـر وينـدءِ يـار مـري.

دودي پڇيس تہ: طيب! ٻڌاءِ تہ ڪيئن آيو آهين؟ طيب چٺي ڪڍي دودي کي ڏني ۽ چيائينس تہ:

پليـن چڙهـي بادشـاه، چڙهـي محمـد راءِ
سانـَـن سـگَ سـنوان ڪـري، ونـگن لاهـي وَر.

اها خبر ننگر جي مگَ کي بہ پيئي تہ ننگر لڙائي جوٽيو بينو آهي.

اهـا خبـر سـڻيو ڳـالهڙي، تـي روئـي رت ڦـڙا
اَهـا سـڻيو ڳـالهڙي بينـي ڪـارو ويـس ڪـري
تـہ جيئـرو اينـدو ڪينکـي، وينـدو خـان مـري.

اها خبر ننگر جي ماءُ کي بہ پيئي آهي.

مري ماءُ ننگر جي، ريهون ڪري راتي
اندر آرام نہ اچي، منهنجا جوش جلن جيرا
ننگر منهنجو ننڍڙو، وٺي ڪير پيئي
ننگر منهنجو ننڍڙو، ڪهڙي جنگ ڪري
خاوند آڻجان خير سان، اکين شال ڏسان!

جيسين انهن جون خبرون ڪيون تيسين رات جو باقي هڪڙو پهر وڃي رهيو. گهوڙي ٻن پهرن ۾ ويندي هئي. دودي کان طيب پڇيو تہ: هاڻي ڇا ڪريان؟ دودي چيس تہ: تون هاڻي ڪاري گهوڙي تہ چڙهي وڃ، جنهن جو داٻو پنجاه ڪوهہ تي ٻڌبو آهي. گهڻا ڏينهن ٿيا آهن جو ڪاري جو تنگ ڪونہ پريو اٿم. طيب انهيءَ ڪاري گهوڙي تي چڙهي روانو ٿئي ٿو:

گهوڙو سٺيو جنگ جا بينو نيهہ ڏٻائي
ڪئين ورهيہ گذري ويا، ههڙو تنگ نہ پريو
پائي پير رڪيب ۾ طيب خان چڙهيو.

پري کان گهوڙي جي سنبن جو دٻڪو ٻڌي، پونگر چيو تہ محمد پيو اچي:

گهوڙو پنهنجو ڪارو اهو پيو اچي
ويرم ڪيائين ڪانڪا، اچي خان رسيو
السلام عليڪم سوڍڙا، و عليڪم سلام
سُل سچي ڪر سومرا، محمد تون آهين؟
چئي محمد آهيان ڪينڪي، آهيان طيب خان
گوڏا پيچي ويهي رهيا، چئون پنهنجو نصيب!

رات وهامي ويئي. ڏينهن ٿيو تہ عالادين جو لشڪر لڙائي لاءِ ٻاهر نڪتو:

عالادين ماڻهو موڪليو، سالار پناڻ متي
نَوَ هزار ڪنيائين پاڻ سان، چڳدي سان چڙهي
اچي بينا رڻ مُنهن تي، تا 'ننگر ننگر' ڪن
ساري حضرت شاه کي ننگر تيءَ چوٽ چڙهيو
ڪاهي پيو ڪٽڪ ۾ جيئن منگهہ وجهي مارا
وڄ چمڪي ديس تي ڪِڙيا ڇڻ تارا

ڪٽڪ ڪارونيار ۾ سج نہ پئي سماءِ
ننگر هٿي تو ڪينڪي، جيئن پورب واءُ وري
ڪئين ننگر ماريا ڪئين تي ماريا گهوڙي
وڙهندي تن ويرين سان ويڙو ڏينهن لنگهي
نڌيون نير پلوٽيون، لوهيڙو تبار وهي
سسيون تن صوبن جون لوهيڙي منجهہ لڳن
ڏڙ تني جا ڏوڙ ۾ اُتي پيا ليٽن
مغل مري ماندا تيا، 'پاٽي پاٽي' ڪن
ڏهہ مارايائين پنهنجا، ننگر ڳچ بيٺو ڳاري
ڏنو ڦيرو اڙد ڪي، پِڙ ڪيائين واندو
ساريو حضرت شاهہ کي پالي ڏور ٻڌي
سسي تنهن صوبي جي نيزي پاند رکي.

---

خط عالادين لکيا، پلٽي دار پناڻ تي
هڪڙيون بندوقون ٻچڙيون، ٻيا ڏقا ڏور هڻن
اچي تہ بيٺا ويڙهہ تي بيٺا 'ننگر ننگر' ڪن
ساريو حضرت شاهہ کي ننگر چوٽين چوٽ چڙهيو
ڪاهيو پئي ڪٽڪ ۾ ننگر منگهہ وجهي مارا
ڪئين هٿا ننگر ماريا، ڪيئن پونگر ماريا
ڪجليون اکيون اُت ڪري پونگر ڏنو جواب
تہ نکي ڏونگر ڏور ڪري، نکي جبل ڏئي جاءِ.

اتي ننگر تو پونگر کي چئي تہ:

متان ادا ماندو ٿئين، بابو هتي آهہ
چئي: بابو ڇڏيئي وڳهہ ۾، هت چريو چنيسر راءِ
هي ڇڏيندو ڪينڪي، جنهن ڏاڙهي قول ڏنا.

---

ننگر هٿي تو ڪينڪي، جيئن پورب واءُ وري
ننگر هٿي تو ڪينڪي، جيئن دريا دوڙ ڪري

نڪو پاڻي اوڏيءَ ۾، نڪو مينهن وسي
وڙهندي تن ويرين سان ويڙو ڏينهن لنگهي
، ويهه مارايئين پنهنجا، ننگر ڳچ بيٺو ڳاري
ڏنئين قيرو اُڙد کي، پڙ کيائين واندو
ساريو حضرت شاه کي پڙ اُجليو پالو
ريهه ڪري راڻو ڪريو، ڇڇهري ڪري ڇٽڪو
سسي تنهن صوبي جي نيزي پاند رکي.

—

عالادين ماڻهو موڪليو سلطان پناڻ متي
نوي هزار ڪنيا پاڻ سان ڇڳدي سان چڙهي
اچي بيٺو رڻ منهن تي، تو 'ننگر ننگر' ڪري
ساريو حضرت شاه، ڪي ننگر پنجين چوٽ چڙهي
ڪاهيو پوي اُڙدن ۾، هستي هوڏ هٽي
ڪاهيو پوي ڪٽڪ ۾، بازو يار پڇي
ڪُونج وجين تي ڪاهلي، دودي ڏج سلام
ننگر پونگر ٻئي ماريا، هُو جي هئا همراه
ويهي وڳهه ڪوٽ تي ڪونج ڪرڪو ڪيو
ريهه ڪري راڻو اتيو، اُيو دَر متي
پڳي ٻانهين ڪوٽ جي، پڳي دودل جي ڪٽ
مون ڪي نام الله جي، رات وهامڻ ڏي
پوءِ اسان ۽ عالادين جون ڳالهيون ڳوٽ ڪندا.

—

مري ماءُ ننگر جي، ريهون ڪري راڻي
اندر آرام نه اچي جوش جلن جيرا
ننگر منهنجو نيڙو وتي ڪير پئي
اها سٽيو ڳالهڙي بيٺي ڪارو ويس ڪري
جيئرو ايندو ڪينڪي ويندو هاڻ مري
ڏسيو موڙ ننگر جا ريهون ڪري راڻي.

ننگر کي ڪونج جو نياپو پهتو، جيڪو دودي موڪليو هئس. پوءِ تہ:

ڪاهيو پوي اُڙدن ۾، جيئن مڪڙ ماري
نديون نير پلوٽيون، ڪڙڪن وڳهہ ڏي
وڙهندي تن ويرين سان، ويڙو ڏينهن لنگهي
بائيتاليهہ مارائي پنهنجا، ننگر بيٺو ڳچ ڳاري
چنيسر نالي نام الله جي، پاٽي ڍُڪ پيار
چئي: پاٽي ڏيانوَ ڪينڪي، منهنجا قول ڪچا تيندا
اتي ماراين اوهان کي، ڏُر ماريان دودو.

—

ڪٽڪ ڪارونيار ۾، سج نہ پئي سماءُ
وڙهندي تن ويرين سان ويڙو ڏينهن لنگهي
ڏنائين ڦيرو اُڙد کي، پيڙ ڪيو واندو
ساريو حضرت شاه کي پالي ڏور ٻڌي
سسي تنهن صوبي جي، نيزي پاند رکي.

—

پوءِ عالادين ماٺهو موڪليو، تالا تمر متي
ڪئين ڪنيائين تي ڪيترا ڪٽڪ ڪارونيار
ڳڻي ڳڻنديون ڪيترا لکين لک هزار
ڪاهي پيو ڪٽڪ ۾ منگهہ وجهي مارا
مهاڙا يار اُڪاريو، بيٺو 'علي علي' ڪري
سي مارائي پنهنجا ننگر بيٺو ڳچ ڳاري
وڙهندي تن ويرين سان ويڙو ڏينهن لنگهي
ست ويهون ست ڏڪ، ننگر يار جهليا
پنج ويهون پنج ڏڪ، پونگر يار جهليا
وڙهندي تن ويرين سان پونگر ريهہ ڪئي
چئي: تون ويهہ منهجي ڇانوَ ۾، آءٌ تو جنگ ڪريان.

پونگر ڇانوَ ۾ ويهندي دانهن ڪئي. تڏهن ننگر چيس تہ: تون ماندو نہ ٿي. مون کي ننڍي هوندي ماءُ هيرو جواهر کارايو هو، تنهن جو تجلو آهي. تڏهن

نـــالي نـــام الله جـــي، ســـاران زرهـــــ آٹـــي ڏي
دســـتانا ڏلـــي جـــا مـــون كـــي مـــائي آٹـــي ڏي
چئي: مون کان کڇي کانـ کا، تون پنهنجي پائي آءُ.

اتي دودي خبر ٻڌي تہ محمد چريو تيو مقام ۾ پيو آهي. پنهنجي زال ساران کي مائي پيو سڏي. تڏهن محمد کي آڻڻ لاءِ ماڻهو موڪليائين:

دودل مـــــاڻهو موكليـــــو، محمـــــد كونـــــي آءُ
قـــاصد ڊوڙي آئيـــــو، محمـــــد ســـــڏ كـــــري
چاچـــا! تـــون چريـــو تئيـــن، چڙهـــي تـــون بـــہ وئيـــن
جـــان لكيـــن هـــا مـــون ڏانهـــن، چڙهـــي آءُ وجـــان
چوكـــر ماريـــا نـــنـــڍڙا، وڳهـــ كيـــئي وانـــدو.

دودي اتي محمد کي چيو تہ: منهنجي صلاح آهي تہ راڻيون سڀ اَبڙي وٽ سامون چڏي اچ تہ پوءِ هڪ ٻئي پنيان چڙهون.

پـــائي پيـــر ركيـــب ۾ محمـــــد خـــان چڙهيـــو
كـــارا كيـــائين كپـــڙا، كـــارو ويـــس كيـــو
پـــائي پيـــر ركيـــب ۾ گهـــوڙي گهـــوٽ چڙهيـــو
تيـــزڻ پيـــر تكـــا كيـــا، جهليـــائينس لال لغـــام
انـــدر آرام نـــہ اچـــي، جـــوش جلـــن جيـــرا
هكڙيـــون بـــاهيون نـــگر جـــون، انـــدر ۾ آڙاهـــــ
هكـــڙي، ٻـــي، ٽـــي، واٽ تـــي، چوٿيـــن خـــان رسيـــو
اچـــي بيـــنـــو در تـــي، ابـــڙي خـــان ســـڏي
ابـــڙو ڊوڙي آئيـــــو، كهـــــڙا ســـــڏ كـــــري!
چئي: چـاچي مـون كـي موكليـو، تـو ڏي ميـڙ كـري
ســـامون چـــڏيان تـــو وٽ، چڙهـــي جنـــگ وجـــان
چئـــي: پليـــن آئيـــن ســـومرا، پليـــن آئيـــن پـــاءُ
ســـر ڏينـــدس صدقـــو، ســـامن جـــي متـــانءُ.

ابڙي ماءُ کي چيو تہ: اَمان! دودي محمد کي موڪليو تہ سامون جهل، مون جواب ڏنو، محمد هليو ويو. تڏهن ماءُ ٽي چوي تہ:

تـون منهنجـو پٽ آهيـن كينكـي، كتـان خـان جهليـن
مـــاڻهو موكـــل محمـــد ڏي، محمـــد كونـــي آءُ.

——

## 2- محمد ملوڪ ڪوري (تعلقو ماتلي) جي ڪنيل ڳالهه

[هيءَ ڳالهه محمد ملوڪ پٽ طيب، ذات ڪوري، ويٺل ڳوٺ جعفر بوزدار تعلقو ماتلي، ڪڇهري ڳوٺ ينيي لغاري لڳ تلهار ۾ تاريخ 4- ڊسمبر 1965ع تي ڪنئي، جيڪا ان وقت قلمبند ڪئي وئي. ان وقت سندس عمر 32 سال ڪن هئي. لوڙائو ۾ ڳالهه ڪنيائين. محمد ملوڪ هيءَ ڳالهه رمضان (رمون) جوکيي کان سکيو. هيءَ ڳالهه پڻ اڻپوري آهي ۽ ننگر جي جنگ تي چڙهڻ واري واقعي تي ختم ٿئي ٿئي. ن - ب]

ڪاري دودي جو پٽ پونگر. پونگر جا پٽ دودو ۽ چنيسر. پونگر وفات ڪئي، ٻہ ياٺر ٻچيا. قدرت جو راض ٿيو، چنيسر لاهور شهر ۾ هو. دودي کي راڄ چيو تہ پڳ تون ٻڌ. چيائين منهنجو ياءُ وڏو آهي، سو پڳ ٻڌندو. سومرن جي زور ٻڌڻ تي دودي چيو تہ آءٌ پاڻ چنيسر کي خط تو لکان، جي اُهو آيو تہ واه، نہ تہ آءٌ پڳ ٻڌندس. دودي خط لکيو.

چڙهيو "ٻالنگ ڪوٽ" تي، دودل خط لکي
ڪچ پچ ڪاچيل ڏانهن، شهر بنگالي ڏانهن
هوڏانهن دنگ لاهور جو، هيڏانهن ابڙو راڄ
هوڏانهن دنگ لاهور جو، هيڏانهن ڀهڳڻ ٻيلي ڏانهن
خاطي خط پچندياا اڇي چنيسر جي مهندا
پڙهيو پروانا ياءُ جا، مُرڪي پاڻ مُنهان
تہ يلي چائين دودا سومرا، تو نِيچ ويائي ماءُ.

خط پڙهي چنيسر تياري ڪئي.

چنيسرِ بانڪو اُتاريو تہ چِٽڪيو چوڙي آءٌ
سونا سنج سنجاف جا، ڪر ماٽڪ جيئن مٽياءِ
داٿا تنهن دمچي ۾، ڪر جوهر جي ٻہ جڙاءُ
ڪپڙ جي ٻڌ ڪٽورڙي، سونهري سروپاءِ
رات وهامي ڏينهن ٿيو، اُيريو هو تارو
سُرخي تنهن سجاف جون وڳهہ ڏي واڳون واري.

دودي چيو راڄ کي ته: ڏسان، منهنجو ياءُ اچي ٿو يا نه؟

سنهڙي سنهڙي رائي، اُتي اَدل وٺان آهي
چنيسر کي خبر پئي، ڪڙا ڪيائين قابو
لهندي دير ڪيائين ڪانه، لهي پٽ پيو.

دودي چيس ته:

ادا! وڏن جي وڏاندري، آئي بہ تو متي
چئي: ياءُ ته آهين ياٿرن جهڙو، مون کي گهران پڇڻ ڏي
چئي: تخت توسان پيڙو ناهي، جُنگ چڙي تئي جاءِ
ڪارو نير سَچي تو لاڙ ۾، اُدما ڏي آڙاهہ
توکي عقل اگارن جو، سيڪ سَنداڻ جو ساءِ
ڏيو چَس سِراڻ کي، لوهاري لچائين تو ماءِ.

تڏهن چنيسر چيو ته:

چوڪر وچن تا راند تي، چو نہ پچن تا ماءُ
اڳتي هلان تہ ٻڌي مران، پويان ساڙي باهہ
ڏئي زمين جاءِ، وڃان زمين منجهہ گهڙي.

چئي، جيسين امان کان پڇندس تيسين پڳ نہ ٻڌندس. راڄ وارن دودي کي ورايو تہ جيڪو ماءُ کان ٿو پڇي، سو ڪهڙو راڄ هلائيندو. تون هلي پڳ ٻڌ. تڏهن دودي پڳ ٻڌي.

ساڏو سنيري هليا، راڏو وڪ وجهي
پيچ تہ تنهن پٽڪي جا بينو دودل يار ڏئي
پڳ ٻڌي دودي سومري، جيڪو آهي پيڙهي راءِ.

بانهيءَ کي چنيسر جي ماءُ موڪليو تہ ڏسي آءُ تہ ڪنهن پڳ ٻڌي؟

گهمي آ گهومِٽي، تون ميراڳن منجهانءُ
ڪهڙي پڳ ٻَڌي، ڪهڙو ٿيو پيڙهي راءِ.

بانهي ڏسي اچي چيو ته:

پنبٽيون جنهن جون پُسي آيون، ڳل وهائي ڳوڙها
پڳ ٻڌي دودي سومري، جو آهي پيڙهيءَ راءِ.

چنيسر ماءُ وٽ آيو. ماءُ چيس تہ:

ابا! هندي سنڌي پاڙهي مئين، پاڙهي مئين فارسي
عقل جو اڪابر هئين، تو ڪان ويران ڪيئن وئي
تڙئين دودي سومري، ڪر تڙئين راڄ منجهان؟

ماءُ کي چيائين تہ:

نڪي دودي تڙيو، مون کي تڙيو پاڻ خدا
ٿيو بينو هوس تخت تي، تخت متي بادشاهہ
جڏهن عزرائيل اُٿلائيو، تڏهن تخت هينان بادشاهہ.

اهو ٻڌي چنيسر جي زال سَسُ کيءَ چيو:

اڳي هيون سين ٻہ چڙهيون، هاٿي تلي ٿيون سين تي
چگو چوکو جوان کي، ڳاڙهو اَرٿ گهڙائي ڏي
هتيا مُنا عاج جا، چپَ تُون چاڙهائي ڏي
پهر ۾ ڪتيندو پاءُ ءِ سير ٻہ سويلي.

تڏهن وري ماءُ چيو چنيسر کي:

دانگيون، ڏَاما، پالا پڇي هَٽ ٻار
سنجاف گهوڙي وڪٽي، تون ڏڻ رڍن جو ڏار
لوهيڙو لڪڻ هٿ ۾، تون گهڏکي گهيٽا چار
ٻيلي پاس ڪنڌين جي، تون ڪَڪَڙ[1] کي پوڪار
ماٺهين ڪندي مباهيڙو، ويندي دودل جي دربار
تون ڪٽنڌين دودو ڪائيندو، ٽيندين دودن جو ٻڪرار.

چنيسر جي زال وري سَسُ کي چيو تہ:

مينديا ويڙهہ ملوڪ جا، ڳچي ٻڌينس ڳانا
نٿ بولو سُونهينس نڪ ۾، جَهمٽ ڪن ڪُرڪُون
چلا وجهينس اگرين ۾، متان تن مُنديون
هِن ونيءَ جا ور گهٽا، پاٺي گهر ويني گهرندا.

وري ماءُ چيو تہ مونکي ڳالهہ جو سور آهي، پڳ جو نہ آهي.

---

(1) ڪَڪَڙ= ڪُتو.

نَـوَ ڪُـڙهُـون نـِيـَرن جون، جتي نـِيرا تـا بـ نچن
بـُـــهرون شـهزورون هيـون، ڪـُـميتون بـ منجهـن
ســوناريون ســرخيون هيـون، ســونا ســاز سـنـدن
ڊڊا، ڏاڪـــرا، ڏاڏرا، گاهيــــا ڳاهـــــ ڪٽــــن
آءُ مـران تـي ڳالهـ ڪـي، جـو گهـوٽ پڇـي تـو گهـران!

چنيسر جي زال مريم، سَسُ کي چيو تہ:

ور تـ مـون ولهـي جـو، اٿئـي ڪـيـَـڻ جـو بـ ڪـرو
اَن مــان ڏاپــي ڪينڪـي، مــاريو جهــڙو جــي ڏرو
مــڻ گجـرن جـو گـوڏ ۾، پڇـي واڙيءَ جـو بـ پـرو
اچيـــو ويهـــي چنـــي وچ ۾، هٽـــي وچـــون وَرو.

ماءُ چيو نـُنهن کي تہ:

امــان! پـٽ ڇـاوَر هـڪڙو، جنهـن کـي ڇـون آدمخـور
سـٽيو گـوڙون شـينهن جـون، وجـي هــٽ نلهيـو
مـاريو اڇـي مـُـڪن سـان، متـان ورائـي تـو لـت.

پوءِ زال ماني تي موڪلي.

مريــم موڪلــي مــاني، موڪليئيــن ڀــوڙ پــلاءُ
چئـي: ور تــ مــون ولهــيءَ جـا، ويهــي مــاني کـاءُ.

اِتي چنيسر کي ڪاوڙ آئي، چئي:

مـاني کـائيندس ڪانڪـا، تنهنجي ڏاڪن زهـر پانيـان
اچ اچوڪـي ڏينهـڙي، وجـي عـالادين ٻـارڻ ٻاريـان.

چنيسر راڻين کي چيو تہ:

راڻيــون هنــدورن هيريــون، جـُـتي نــ پــائين پيــر.

پر زالن چيس تہ:

رســو ڪٽــي تنــپ ســان، وجــي موهــر ڦــاهو ڪــاءُ
چئـي: مريـم پانيـان تـو مـاءُ، ننـگر پانيـان تـو پـاءُ.

ائين چئي چنيسر ڪاوڙ مان اُٿي هليو. ننگر ننڍڙو هو، تنهن گهٽيءَ ۾ رانـد پئي ڪئي. ننگر ڊوڙي اچي واڳ ورتس.

تڏهن چنيسر چيو:

ننگر! نام الله جي، تون چڙ گهوڙي جي واڳ
هڪڙا ويڻ ڏنا ڏاڏهين، ٻيو ساڙيس تنهنجي ماءُ
اِنهن مهڻن جي مرم ڪان، پالي ٽنگايان پاءُ.

ننگر چيو:

بابا! قادر قلعو اسان هٿ ۾، حامي حضرت شاھ
مريد محي الدين جا، اسان کي ڪوسو نہ لڳي واءُ
اِهو عالادين هڪڙو، اهڙا چاليھ چاڙهي آءُ
تڏهن ٻہ ڏيندوسئين اُهي مُڪن سان ماري.

دودل جي پٽول، راڻي، سونل کي هنج ۾ ڪٽي چنيسر کي منٿون ٿي ڪري.

پايو پاند ڳچي ۾، ٻيني سونل ڏيءَ کي ٻيرن تي اُڇلي
ٻين جو سُٽ مُنڊو، اَهنجو ڪپھ ڪهڙو مُوڙهو؟
مري هرڪو جدا ٿئي، اَئين جانب جيئري ٿيو نہ جدا.

چنيسر چيو تہ:

هڪڙا ويڻ ڏنا تَنِ ڏاڏا، ٻيو ساڙيو آهي رنن
اِنهن مهڻن کان آءُ پالي ٽنگائيندس پاءُ.

ٻاگهي ڊوڙي دودي وٽ آئي، تنهن خبر ڪئي:

ٻاگهي جو متو اُگهاڙو، ڊوڙي آئي دودي اڳيان
چئي: چنيسر وڃئي ڪاوڙيو، عالادين ڏانهن
منٿ مڃي تو ڪينڪي، چئي پالي ٽنگائيندس پاءُ
هاڻي ڏئي سڱ سونل جو ونينس ٻہ واري.

دودو ڦري چنيسر کي منٿ ٿو ڪري:

ڏيو ڳل ڳراهٽيون، پاڪر پائي پاءُ
اَدو، اَبو توکي چوان، مريم پانيان ماءُ
پنجاه واري پاڳ آهي چنيسر! تو مهندا
ننگر تہ منهنجو ناني، سونل نُنهن سندياءِ.

چنيسر چيو تہ:

ادا! هڪڙو ڏنومئين دڙڪو تہ ڇڏيئي پاڳ پڇار
بيو دڙڪو ڏنومئين تہ ويرا! باسيو تئي وهاڻ
ٽيون دڙڪو ڏيندوسئين تہ ڇڏيندين راڄ پڇار.

اتي دودي کي ڪاوڙ آئي، سو چنيسر کي چيائين:

اُتي لوهاري جا، ڏئي لتون ڪڍئين نہ ساه!

چنيسر ڪاوڙجي روانو ٿيو تہ دودي وري چيس تہ:

رُلج ڇُلج ڪينڪي، نڪي وڃائج سُونهن
بيو چڙهنديءَ ڪنيڪي، وري اڇج مون.

اڳتي هلي چنيسر دل ۾ چيو:

دودل چڙهندو وڳهہ مان تہ وڻ ڇڏيندا واءُ
اُبتا واه وهي ويندا، مڇين پُوندو تاهہ
ڏٿ پُسي ڏوئرو ٿيو، ياڳي هئم پاءُ.

چنسير ساوَڙِي ڍنڍ ۾ گهوڙي کي ڏاڻ ڏئي سمهي پيو. دودي ياءُ سمجهي سَت ويهون سومرن جون صلح لاءِ موڪليون:

ست ئي چڙهيا تئي سومرا، هُولاٽي پاڙو
ڏسيو ساوڙي ڍنڊڙي، ويرو ونگ وجهي
ڪِڍيو ڏاتو دانَ مان، جيئن لنب جو گاه لُٽي
سيئي ماريئين تي سومرا، جيئن هاري ڳاهہ بڌي.

پوءِ اتان گهوڙي تي چڙهي چنيسر روانو ٿيو.

پايو پير رڪيب ۾، گهوڙي گهوٽ چڙهيو
گدڙ بگهڙ پولڙا ماريندو ب وجي
توري گهٽي ڏينهڙي اڇي ميهر وٽ لٿو.

ميهر کي چيائين تہ کير پيار. چئي: ڏينهن جو کير ڪٿان آيو؟ ميهار جون مينهون ٻيلي ۾ چرڻ لاءِ ويون هيون. چنيسر کي ڇٽ سمجهي ڪُنڍي مينهن جو ڏس ڏنائين، جيڪا شينهن سان وڙهندي هئي تہ ٻير تي چڙهي ميهر ڏسندو هو:

ڏسيو ڪاري ڪُنيڙي، بينو هتڙا يار ڦيري
ٻئي چنبا وڌائين چُوڙ ۾، مينهن چوڙ نئي چوري

چـار ئــي بــاز بنـدي چـڏيئين، مينهــن آئــي اُلڙي
ميهـار! مينهـن ڏهـي ڏي، متـان وجهــانس ٽـڻ پٽــي!

ميهار خيال ڪيو تہ حجم آهي، ڪا سيڪت ڏيانس، سو چيائين تہ: جي اهڙو پهلوان آهين تہ شينهن ماري ڏي.

متـا ڪـوڙي مـَـهتن جـا، توڪـي عقـل ڪيئـن آيـو!
چئي: متا ڪوڙيون مهتن جا، ڏس پاڪين جا پورهيا
رُڪ تـي راسـوڙا ڪيـا، اُتــي بانڪــا تــي ڊوڙيــا
تــوري گهٽــي ڏينهــڙي وجهنداســين شــينهن مــاري.

ميهار کي چيائين تہ هلي شينهن ڏيکار. ميهار چيو تہ: آءٌ ببر تـي تـو ويهان، تون ويڙهہ ۾ وجي مار. چنيسر ٻيلي ۾ اچي هڪل ڪئي:

بانڪــا ڪـر نــہ بــانوريــون، تــو ســاوا ســُــڪايا
اڳــي ســُــڪايا تــو، هــاٺي ســُــڪو تنهنجــو ســاهہ
ڪاوڙجي نڪتـو ڪسـت منجهــان، اُيـري آيـو آدر تــي
مــاري رکيــائينس مــُـڪن سان، متـان ورايــائينس لـت.

جڏهن شينهن ماريائين تڏهن ميهر چيو تہ: شينهن جا متا ڪي ٻنهہ ڪچا آهن. چنيسر چيو تہ: اجا هڪ شينهن اٿئي، اُهو مار. ميهار ويو شينهن مارڻ تہ هن گوڙ ڪئي تہ مرگو ساهہ تـي نڪتس، تـڏهن چنيسـر ٻيو بہ شينهن ماريو. اِتي دهلي جو هڪڙو واٽيو آيو، پڇيائينس تہ: دهلي پنڌ ڪيترو آهي؟ واٽيي چيو تہ: ٻارنهن ڪوه ڦيري تـي، ۽ وچان چار ڪوه. پر وچين واٽ تي آدمخور ۽ هالار ۾ بادشاه جو اُٺ وڙهن ٿا، انهن گس ڇڏايا آهن. چنيسر چيو تہ: وچان وچان تہ مارجي وڃان، تہ ياءُ تي عالادين نہ چڙهي. پوءِ گهوڙي تہ چڙهيو:

پــايو پيــر رڪيــب ۾، گهــوڙي گهــوٽ چڙهيــو
گــدڙ، بگهــڙ، پــولڙا هــو مــاريندو بــہ وجــي
تــوري گهٽــي ڏينهــڙي آدمخــور وٽ اچــي لٿــو.

آدمخور چيو تہ ماريانس پوءِ ٿو، پهرين پڇانس تہ ڪير آهي. چنيسر ڪان پڇئين تہ:

ڪيــر آهيــن، ڪــاڏي وڃيــن، ڪهــڙي ذات جــوان؟
چئــي: دايــو دودن جــو آهيــان، در ســندو دربــان
نوڪـر دودي ڄـام جــو آهيــان گولــن جــو غــلام.

آدمخور چيو تہ: ماريانس پوءِ تو ڀھرين ھٿيارن جون خبرون پڇانس آدمخور چيو تہ:

اهو سائو سائو بيٺ ۾ تنهن جو نالو ڇا؟
چئي: ڀالو چون حضرت شاه جو، جيڪو ڪائي ڀڙڪا.

وري پڇيائينس تہ:

اھا ونگڙي ونگڙي دان ۾، تنهن جو نالو ڇا؟
چئي: ونگڙي ونگڙي دان ۾، سا تکي چون ترار.

وري پڇيائينس تہ:

ڪارو ڪاٺ ڪلهي تي، اُن جو نالو ڇا؟
چئي: بندوق چون تا بچڙي، جنهن ۾ تير تکا.

آدمخور چيو تہ:

اهي تيئي هڻ مون منجهہ، تنهنجا ڇپا تير ٿيندا.

آدمخور چيو تہ: اڄئي تو سوا مڻ جو ڏنبو. چنيسر چيو تہ تون بہ ھٿيار ڇڏ، آءٌ بہ ھٿيار ڇڏيان. ملهہ وڙھنداسون.

مرد وڙهيا ٿي پاڻ ۾، جيئن ماهيا سانَ ڪَسن
مڙد ڪنيو مڙد کي، جنهن جي نڪري وئي دانهن
ڪُڙل ڪرايون تنهنجون، مونکي لوهيا تير لڳن
جان آهين دودو سومرو، جان آهين چنيسر راءُ
ڪدي مٿي مستاني جو ڇڏيئين اُت پساهہ.

چنيسر آدمخور کي ماريو. اتي لکي باغ ۾ اُت بيٺو هجي سلطان سالار جا اُٺ هالار ۾ چرندا هئا. انهن ۾ هڪڙو اُٺ هو جيڪو ماڻهو کائيندو هو. تنهن ماڻهن جا گس ڇڏائي ڇڏيا. جت ڊوڙندو اچي تہ چنيسر لوهيڙي جو لڪڙ پڇيو بيٺو آهي. هڪل ڪيائينس تہ:

لوهيڙو لڪڙ هٿ ۾، اُٺ واٺهڙو ماري
مرد بيٺو آ ميدان ۾، اُٺ کي ور ڏيو واري
هٽي بانو چاهہ مان، رکيئين ڪاڇيءَ کي بہ ڪيري.

اُٺ کي ماريئين. جت چيس تہ: اٺ ماريو اٿئي سلطان سالار جو. چنيسر چيس تہ: چَسِي ڏي. چسي ڏنئين تہ چنيسر سٺ ڏئي ٻانهن پٺي ڪڍيس. جت وني پڳو تہ سلطان سالار ھٿيار پنهوار ڪنيو ماڻهن سميت اُٺ کي مارڻ لاءِ گس تي بيٺو هو.

جت چيس تہ: چنيسر اُٺ ماري ڇڏيو. اوهين وينديؤ تہ اوهان جون ٻانهون ڀڃي ڇڏيندو، مانڙي ڪري ويهي رهو. چنيسر اُٺ ماري آيو دهلي جي شهر منجهہ. دربان کان ٿو پڇي تہ:

ڪر خبر درواڻ تہ منهنجي دلي دانهن ڪيئن لڳي؟
چئي: سوءُ مڙس ميڙي آءُ، گهنڊ جي لار لڳي.

چنيسر چيو:

سوءُ مڙس ڪوهہ ميڙيان، گهنڊ جي پاڻهين لار لڳي
پوءِ هٽي تريون حڪم مان، ڇڏيئين گهنڊ ڪي پٽي.

گهنڊ جو آواز سڄي بادشاهي مان تي وريو. عالادين کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن ڏوتيو ٻڌي پوتيو ٻڌي، پوتيو ٻڌي ڏوتيو ٻڌي. پڇيائين تہ: هي گهنڊ ڪنهن وڄايو؟ دربان چيو تہ: اِهو پير ۾ بينو اٿئي، انهي وڄايو آهي. هاڻي عالادين ٿو خبر پڇيس تہ:

ڪير آهين ڪاڏي وڃين، ڪهڙي ذات جَوان؟
چئي: صحيح آهيان سومرو، وڳهہ جو وريام
دانهين آهيان دودن تي، هلجئين يار چڙهي.

چيئين تہ: آءُ ڪو چريو آهيان ڇا، جو دودن تي چڙهي هلان! ائين چئي ڪٽي پئي وراياڻين. عالادين پٺ ورائي تہ هي موتي شهر ۾ آيو. گهمندي گهمندي ڏسي تہ هڪڙي رنڙي آهي جا روئي بہ ويني ۽ کلي بہ ويني، تنهن کان پڇيئين. پوڙهي چيو تہ: هن شهر ۾ اڳي منهنجا ڇهہ پٽ راڪاس ڪائي ويو آهي، سانجهي ستين جو وارو آهي. تنهن ۾ جوڙو ڍڳن جو، آواڙو پاڻي جو، ڪارو مانين جو، ديڳڙو دال جو ۽ هڪڙو ماڻهو، راڪاس ڪائيندو آهي. چنيسر چيو تہ: مون کي ماني ڪارائي ڍؤ ڪراءِ، آءُ پاڻهي اوڏانهن ٿو وڃان. ماني جي پور تي چنيسر سِر تي ڏنو، سو پوڙهي ورائي ڪٽي گهر ۾ ويهاريس. ماني ڪائي خوش ٿيو، تڏهن چيائين تہ: اسين آهيون مديني جي مير جا ڏنل. جنهن مهل قهاري اچي، تنهن مهل مون کي هڪل ڪج. قدرت جو راز قهاري آيو ۽ هڪل ڪيائين تہ: رنڙيءَ جاپٽ! رنڙي ڊوڙي آئي. چنيسر کي هڪڙو بہ سڏ ڪيائين. چنيسر کي اَن جو نشو هو، سو ننڊ اچي ويس. تڏهن پوڙهي طعنو هنيس:

پنج مانيون کائي پڙيءَ تي، ڪيئي ٿي ڏهن جو سعيو
ڏهه مانيون کائي پڙيءَ تي، ڪيئي ٿي پنڌرهن جو سعيو
پنڌرهن مانيون کائي پڙيءَ تي، ڪيئي ٿي ويهن جو سعيو
ٺلها هٽين ٿو گهوگهرا، تو ڪيئن راڪاس ماريو!

ڇنيسر پڙڪو کائي اُٿيو تہ پوڙهي ٻُڌي وئي ڇئي: جن مهڻن کان پڳس اهي ٿي منهن ۾. ڦهاري بينا هئا، تن هڪل ڪيس تہ: هل رنڙيءَ جا پٽ ڇئي، رنڙيءَ جا پٽ آهيو اوهين. ڦهارين چيو تہ: اڄ رنڙيءَ جي پٽ جو مغز خراب ٿي ويو آهي. هڪڙن چيو تہ: اڄ ويچاري جي مرڻ جو ڏينهن آهي، پلي ڳالهائي. اتي چيئون: توکي هڪڙي شرط سان وٺي هلنداسين جو توکي نيئرن ۾ پينڌن ۾ ٻڌي وٺي هلنداسين، ڇو تہ تون اوڦتو ماٺهو ٿو ڏسجين. متان پڇي وڃين. چنيسر قول قبول ڪيو. چيائين تہ: مون واعدو ڪيو آهي.

جنهن ڏينهن چنيسر ڳوٺان ڪاوڙجي نڪتو هو، دودي چيس تہ: جڏهن بہ توکي ڪا اوکي رسي، تڏهن منهنجو نالو وٺي، پير سنيالـج تہ منهنجو زور توتي چڙهي ويندو. ڦهاري هن کي نيئرن ۾ ٻڌي، ديگڙو دال جو، کارو مانين جو، آواڙو پاٽيءَ جو ۽ جوڙو ڍڳن جو، راڪاس جي کائڻ لاءِ ڇڏي ويندا رهيا. چنيسر چيو تہ:

جـيءُ وڏئـون جنجيـرن ۾، سـوگهو ڪيئـون سـاهہ
ڏنئيـن زور نيئـرن کـي اُت نـر نيئـر هئـا پڳـا.

نيئر پڃي بينو تہ جهڪ لڳي، متان آيو راڪاس. چنيسر چيو تہ: هاٽي مون جهڙو آهي، پاٺهي خبر وٺندو سانس. راڪاس آيو، چنيسر کي سڃاتائين، ۽ چيائين تہ: مون کي مائٽن جو چوڻ آهي تہ جنهن ملڪ ۾ دودا هجن، اوڏانهن منهن بہ نہ ڪج. اتي چنيسر دل ۾ خيال ڪيو تہ ڪنهن حرفت سان وڙهان. سو ڪيس ويجهو سڏي چيائين تہ: چاچا! ٿورو اوري اچ. راڪاس چيو تہ: حضرت سليمان جو قسم ٿو ڏيان تہ وري هن شهر ۾ نہ ايندس. چنيسر ويجهو وڃي، ڌڪ هڻي راڪاس جي سِسي لاهي ڇڏي. راڪاس کي ماري جوڙو ڍڳن جو ڇوڙي، ڪن پڇ وڍي، وڃي رنڙيءَ جي گهر ستو. رنڙيءَ جون هنيون هيٺ مٿيون مٿي، ڇئي: هي موٽي آيو، هاٽي بادشاهہ مون کي ڦاهي تي چاڙهيندو جو راڪاس هاڻ سڄو شهر کائيندو.

حسڻ گاهيو گاهہ ڪندو هو. عالادين جو حڪم هو تہ جيڪو راڪاس ماريندو تنهن سان وڏي ڏيءَ جي شادي ڪندس. حسڻ گاهيو، فجر جو رنبو هٿ ۾ ڪنيو، سؤ ماڻهن سان اتان اچي لنگهيو، سو مئل راڪاس ڏسي، اُن کي ٻئي ڏڪ هڻي، اچي عالادين کي ٻڌايائين تہ: راڪاس ماري آيو آهيان. عالادين ٻن ماڻهن کي اُماڻيو تہ ڏسي اچو تہ حسڻ سچ ٿو ڳالهائي! ماڻهن ڏٺو تہ برابر راڪاس مئو پيو آهي.انهيءَ مهل سرد گرم پاڻي تي ويا. حسڻ کي بادشاهي وڳا ڏئي پاڻ سان گڏ تخت تي ڪٺي ويهاريائين.

قَهاري، جن چنيسر کي ٻڌو هو، تن کي پڪ هئي تہ ماريو انهيءَ آهي جنهن کي ٻڌي آيا هئاسين، سو ڊوڙي اچي چنيسر سان حقيقت ڪيائون. چنيسر چيو تہ: حسڻ کان پڇو تہ راڪاس جو ڪن پڇ ڪٿي آهي. عالادين کي ٻڌايائون، سو پڇيس ٿو تہ: راڪاس جو ڪن پڇ ڪٿي؟ حسڻ چيو تہ:

ڪن وڃايس واءُ، پڇ ٺوڙيس چانيرو ٻيرن
مون ڏنو موڏو، رکيومانس رنبن سان گڏي.

انهيءَ عذر تي قهاري وري آيا چنيسر وٽ. چنيسر چين تہ: وڃي چئوس تہ بادشاهہ جو مکنو هاٿي، جنهن کي نو مَٽو نيرَ ٻيرن ۾ آهي، سو حسڻ ماري تہ پوءِ بلاشڪ راڪاس ماريو هوندائين. اها حقيقت عالادين سان ڪيائون. چئي: ماريندس چو نہ؟ هاٿي ڪهڙي ڳالهہ آهي. بادشاهي پڙهو هليو تہ مکنو هاٿي سياڻي ڇڻندو. هٿ - تاڙ ٿئي، حسڻ گاهيو ماريندو. خيرن جو سج اُبريو. چنيسر رُڪ جي تاسري ڪٺي تلاءَ تي تڙ ڪرڻ ويو. مکنو هاٿي ڇٽو:

پورو هاتي راورو، ڪکو قهر منجهان
نو مڻ نيرَ ٻير ۾، ڪَڙيءَ جو ڪڙڪاٽ
واٽين هٽَڙا پوريا، سؤکو لڳن ساهہ
حسڻ چيو يارن کي، مون تي جهجهي لڏ ورايو
اوهين پڇي چڙهو ٻِٽن تي، اوهان جو آهي الله.

چنيسر وار چنڊيندو پريان ٻئي آيو. رڪ جي تاسري هٿ ۾، چنيسر دل ۾ خيال ڪيو تہ هتيار اُهو پلو جيڪو هٿ ۾ آهي. سو هاٿي هاٿي کي هڪل ڪيائين تہ:

بيٺو آهين بازار ۾، پَرهو پائي پٽ
ماريان تنهن مرجوٺ کي، جو منهنجي ناهي مَٽ
آءُ ٻہ قدم اورتي تہ نديون وهايان رت.

نڪاءَ جو ڪيائين تاسري تہ آرپار هلي ويس، ۽ هاٿي پٽ تي ڪري پيو. سيني چيو تہ: حسڻ گاهيي ماريو. پر ٻين چيو تہ: اسان تہ توکي هٿن سان لڏ ۾ پوريو هو، سو تو ڪيئن ماريو. هاٿي ماري چنيسر عالادين وٽ آيو، چئي: راڪاس ماريم، هاٿي ماريم، هاٿي تون چو نہ تو دودن تي چڙهائي ڪرين؟ عالادين چيو تہ: آءٌ چريو ڪونہ آهيان، سِر ڪونہ وڃائڻو اٿم جو دودن تي چڙهائي ڪريان! سو ياءَ ڏي خط لکيائين تہ:

شينهن شينهڻ ماريم واٽ تي، ڳُجرن گاهہ چنا
آدمخور ماريم واٽ تي، رستا چُوٽ وهيا
اُٺ ماريم هالار ۾ جتي عالمن ڪير پيتا
گهنڊ لوڏيم دليءَ شهر ۾، مونکي راڄن مجرا ڏنا
راڪاس ماريم دلي شهر ۾، عالمن خوف لٿا
پورو هاٿي ماريم دليءَ شهر ۾، ڪڪو قهر منجهان.

اهي مون انصاف ڪيا تہ بہ عالادين توتي چڙهائي نٿو ڪري، تنهن جو سبب ڪهڙو؟ دودي لکي موڪليو تہ: بادشاهہ عالادين جي باغ ۾ شينهن شينهڻ وينا آهن، اُهي مار تہ پوءِ عالادين چڙهائي ڪري. باغ جي راکن کي شراب خراب پيار. چنيسر نوڪر کي چيو تہ: توسان شينهن نٿا نهن؟ نوڪر چيو تہ نہ. چيائين تہ شراب جي بوتل ۽ خراب جي بوتل ٻئي گڏي پيار. شينهنِ شراب خراب پيتو. ڪلاڪ ڪن گذريو تہ نشي ۾ پجرا پجي باغ ۾ ڪاهي پيا. نوڪر ڀڳو عالادين ڏي، چيائين تہ: شينهن جا دماغ خراب تي پيا آهن، تنهنجو لکي باغ سج ڪري ڇڏيو اٿن. عالادين پڙهو گهمايو تہ: جنهن پٽڪي جو ور ڏنو هجي، سو اچي. جيڪو ماڻهو باغ ڏي وڃي، شنيهن تنهن ڏي رومڙ ڪن. هر ڪنهن کي ساهہ پيارو آهي، سو سڀ پچي پري تيا. اتي عالادين چنيسر ڏي ماڻهو اماڻيو تہ: مونکي شينهن ماري ڏي. چنيسر چيو تہ: هيڏي بادشاهي پٺي اٿئي. آءٌ ڇو ماري ڏيان! مون هيترا انصاف ڪيا، تو دودن تي چڙهائي ڪانہ ڪئي، هاٿي تون وڃي مار! عالادين چيو تہ: آءٌ چڙهائي ڪريان تو، اهو بادشاهي اقرار آهي. شينهن شهر ۾ ڪاهي پيا تہ ڪئين نقصان ڪندا. چنيسر سڏو ويو شينهن تي، اُنهن جا متا جهلي، پاڻ ۾ ويڙهائي ٻئي شينهن ماري آيو. چنيسر دل ۾ خيال ڪيو تہ بادشاهي اقرار ڏنو اٿس پاڻهي چڙهائي ڪندو.

پر عالادين کي اها ڳالهہ وسري وئي هئي. چنيسر پڇيس تہ: ڇو تون دودن تي چڙهائي ڪانہ ڪئي، جي چڙهائي نہ ڪندين تہ آءٌ سچي بادشاهي اونڌي ڪري ڏيندوسئين. تڏهن عالادين جنگ جي تياري ڪئي. چنيسر بہ هن کي واعدو ڏنو تہ: آءٌ پچاڙي سوڏو بہ توکان ڪونہ ڦرندس. اتي عالادين فوج گڏ ڪرڻ لاءِ خط لکيا:

عالادين خط لکيا، چئين ڏسين چوڏار
اُتر کان آدمي وريا مغل سڀ پٺاڻ
اچو لهن تا پٽ تي زرين وارا جوان.

عالادين چيو تہ: هاڻ ڏس. چنيسر چيو تہ: اها منهنجي نيرن ٿي ڪانهي دودن تي تو چڙهائي ڪرين، اجا ڪٽڪ گڏ ڪر!

عالادين خط لکيا، چئين ڏسين چوڏار
هڪڙيون بندوقون بچڙيون، بيا ڏڦا ڏور هٽن
اچو لهن تا پٽ تي، زرين وارا جوان.

چئين تہ: هاٿي ڏس! چنيسر چيو تہ: هاٿي تياري ڪريو.

گهوڙا گهوٽ پلاڻيا، سنيري ٿيا ساڄا
پائي پير رڪيب ۾ گهوڙن گهوٽ چڙهن
اڳيان گهوڙا گاه کائين، پويان لڏ چٽين
توري گهٽي ڏينهڙي اچي ’گونگڙي تڙ‘ لهن.

’ڍوليو‘ ۽ ’ڍکڻ‘ ٻئي ياٿر هئا پاٽڻي، تن کي چنيسر چيو تہ: لشڪر اُڪاري پار ڪر! پڇيوئن تہ: وڃو ڪيڏانهن ٿا؟ چنيسر چيو تہ: دودن تي. ڍوليي ۽ ڍکڻ چيو تہ: مون دودن جي پريٽ ياري مچي آهي. پهرين اسان سان جنگ ڏيو پوءِ اڳتي وڃو. ڍوليو ۽ ڍکڻ بہ ٻئي پهلوان هئا. چنيسر خيال ڪيو تہ منهنجو تہ ڪوبہ ماڻهو هُن پاسي ڪونهي. ڍوليو ۽ ڍکڻ ٻئي پهلوان آهن، آءٌ نہ ويس تہ اِهي منهنجو سڄو ڪٽڪ درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيندا. ڍوليو ۽ ڍکڻ پُور پرڻ آيا تہ چنيسر حڪم ڪيو:

وٺ وٺ ٿي ڍوليي ڍکڻ تي، جيئن مڪڙ روهہ وريا
ڪڪر ڪارونيار جا، سج نہ پئي سماءَ
ڍوليي چيو ڍکڻ کي، هڻ دودل جا يار

ڏڙ تنـــي جـــا ڏوڙ ۾، گڏهـــ وانـــگر ليٽـــن
وڏئـــون اُت ڊوليـــي ۽ ڊکـــڻ کـــي ٻــ مـــاري.

ڊوليي ۽ ڊکڻ ٻـ هنن جا کي لک ماريا هئا، پر نيٺ انهن کي ماري ٻيڙا پنهنجا ڪيائون. ڪنڪ اُڪاري درياءَ مان هن پاسي ڪيائون. واٽ تي آيا پئي تـ هڪڙو ٻڪرار ٻبر ڪلهي تي ڪنيو آيو، ٻڪريون پويان چرنديون اچن. ٻڪرار چيو تـ: ڏيو خبر، ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ چيئون: وڃون ٿا دودن تي. چيئين تـ: مون ڪان خبرون وني پوءِ اڳتي وڃو. ٻڪرار، ٿاري رکي، نهي جڙي چيو تـ: پهرين لڙائي آهي منهنجي، پوءِ اڳتي وڃو.

وٺ وٺ تـي ٻڪـرار تـي، جيئـن مڪـڙ روهـ وريـا
ڪڪـر ڪارونيـار ڏي، سـج نـ پئـي سمـاءُ
مغـل مريـو تيـن مـاندڙا، جيڪـي پـاٽي پـاٽي ڪـن
وڙهنـدي اُت ويريـن کـي ويـڙو ڏينهـن لنگهـي
ڏڙ تنـــي جـــا ڏوڙ ۾ گڏهــــ وانـــگر ليٽـــن
ڊونـدين ڊيـر لڳـي ويـو، وڏئـون ٻڪـرار کـي مـاري.

عالادين چيو تـ: جيسين دودن وٽ پهچون تنهن ڪان اڳي ڪو مون کي ئي ماري ڇڏيندو. چنيسر چيو تـ: هاٽي رات جو هلنداسون. رات جو چڙهائي ڪري اچي ٻڪار شهر وٽ طنبو ڪلا هنيائون. هنـن دودن ڏي خـاطي اُمـاٽيو. دودو وري پيٽون ٿو اُماٽي بادشاه عالادين ڏانهن. دودي تياري ڪئي. 'مر ڳاهو' پڙ سالو دودي جو، سو پيٽون ٿو ني. دودي چيو تـ: مڙس هوندو تـ موٽي ويندو.

گهوڙيـــون دودي گهرايـــون، ٻگڙيـــون ٻولاهيـــون
ڪـن پـچ تـ گهوڙيـن جـا ٻينـو جنهـور سـان جڙائـي
مـاٿهو نـاهيو سـان جـا، ٻينـو ٻـانهون ٻڌائـي
وچ ممڳاهـــا پيٽـــون ڪڻـــي اڳيـــان عـــالادين ڏي
گهـــوڙو گهـــوٽ پلاٽيـــو، ســـنبري تيـــو ســـاجو
پـائي پيـــر رڪيـــب ۾، گهـــوڙي گهـــوٽ چڙهيـــو
تـوري گهـٽـي ڏينهـــڙي اچـــي عـــالادين وٽ لٿـــو.

اتي عالادين دل ۾ خيال ڪيو تـ: ههڙي مڙس سان وڙهڻ واجب ناهي. عـالادين جو طنبو جدا هو چنيسر جو طنبو جدا. هاٽي چنيسر ڏانهن تو لکي:

گهوڙيون آهن بگڙيون، تيز منجهان تکيون
ڪن پيچ تہ گهوڙين جا، جنهور سان جڙيل
ماٺو ناهيو سون جا بينو دودو پانهون ٻڌائي
ههڙي مڙس سان چنيسر، وڙهڻ واجب ناهي!

چنيسر، عالادين وٽ آيو. چيئين: تو کي خبر آهي تہ اسين دودا سومرا پيٺون ڪنهن کي ڏيندا آهيون؟ عالادين چيو تہ نہ. چنيسر چيو تہ: اسين پيٺون ڏيندا آهيون لنگهي کي، توکي لنگهو ڪري سمجهيو اٿس. چنيسر خيال ڪيو تہ ڪاوڙ ڏياريانس، من وڙهي. عالادين ڪاوڙجي پنهنجي ڪٽڪ کي چيو:

ڪن پيچ گهوڙين جا، ڇڏيو مرد سيئي لاهي
وٽ وٽ تي ممڳاهي تي، جيئن ماڪڙ روهہ وري
اهو مرد ڏيو ڦاهي، وڏئون ممڳائي کي بہ ماري.

ممڳاهو ماري، گهوڙين جا ڪن پيچ ودي، لاش پيتين ۾ ڪَڙي، راتو واهہ دودي ڏي روانو ڪيائون. چنيسر رات پيٽ ۾ وڳهہ وٽ ڇڏي ويو. صبح جو دودو اُٿي تہ اُٺ پيو چري. دودي اُٺ کي ويهاري، پيتي کولائي، لاش ڏٺائين، ذودي خيال ڪيو تہ: خاطي ڪنهن ڪونہ ماريا، پر عالادين خاطي ۽ منهنجا ماٺو ماريا. اتي جوش چڙهيس. ننگر، پونگر سان گڏ راند تي ويو هو. ٻئي ننيڙا هئا. پاڳو پان، دودن جو مگٺهار هو، پاڳو پان کي دودي چيو تہ:

ڪونڌر ڪنڌ ڪٺي، متي دودي ڳالهايو
وج پاڳو پان، مونکي ننگر نهاري آڻي ڏي
سُرندا ساز ڪنيائين، بينو ڪپر پار پڪاري
چل بابا ننگر ننيڙا! توکي دودل پڪاري
سٺيو سڏ پاڳو پان جا، ننگر ڏائي راند ڇڏي
تڙ تکڙ ڪر ڪامَ ڪا، مونکي وار سڪائڻ ڏي.

پاڳو پان چيو تہ:

وار سڪايون واٽ تي، متان عالادين اچي
چئي: عالادين اچي هڪڙو، پلي چاليهہ چاڙهي
آءُ بہ ڏيدو سئين مُڪن سان مغل سڀ ماري.

جُوتو يار ننگر جو، سؤ سوا بہ چون
جوتو يار پونگر جو، پنجاه جو بہ چون
لُنگهي يار ننگر جي، جنهن ۾ ٿوٽر يار ٽلن
پنجاهي ويس هڪڙو، زريءَ پاند زرڪن.

جڏهن ڪپڙا پائي بينا، تڏهن عالادين جو خاطي خط کڻي اتان اچي لنگهيو. تنهن کان خبرون تا پڇن. ننگر پڇيو تہ:

ڪير آهين، ڪاڏي وڃين، ڪهڙي ذات جوان؟
چئي: ماڻهو عالادين جو، آهيان مغل پٺاڻ.

تڏهن ننگر چيو:

ڪُر خبر خاطي، تنهنجا خط اِتي پڙهبا
چئي: خط ڏيندو سئين ڪينڪي، منهنجو اُجورو پڇي
ڪڍيو ننگر ڪاتي بيٺ مان، خاطي ڏي بہ وري
ڪوليو بدوڪيون باڪريون، خاطي خط بينو اُجلي
پڙهيو پروانا پيءَ جا، پُٺ خط بينو اجلي
وڃ خاطي! اٿئي ڏينهن گهٽا، ڏج سلام ابي کي.

ننگر کي خبر ڪانہ هئي تہ ڪو ممڱاهو مارجي آيو آهي، سو چاچي جو سلام تو ڪري:

وار سڪائيندي وات تي، ڪيئين چاچي جو بہ سلام
اُتي دانهہ دودي سومري، جهليو ننگر جو بہ سلام
دودي اُٿئي ڪان پوءِ اُتي ساري خلق.

دودي کان سواءِ ٻئي کي حشمت ڪانہ هئي جو ننگر جو سلام جهلي. دودي چيو تہ:

ابا! وڏن وڏاندري، آئي بہ تو متي
چئي: ڏنئي ڪانہ ابل کي، مون کي ڏيندين ڪيئن
ياءُ ويو هُئي پر مان، جنهن کي وتئي نہ واري
هاڻ هٿين تو هٿڙا، جڏهن آيو اُڙد چاڙهي.

دودو سچو هارجي ويو تہ ننگر پيءُ جو پاسو ورتو، منهنجو طرف نہ ڪنيئين. دودي چيو تہ: منهنجو ٿيندين يا پنهنجي پيءُ جو ٿيندين؟

ڪونــڌر ڪنــڌ متــي ڪٽــي، اُت دودي ڳالهــايو:
تـــ مـــــنو رت اَبــل جــو، ويندـيــن يــار ڦـــري
چئي: ڦــران تــ ڦـُـرجي مـران، وجـي مـاڳهين مـري
پوءِ بـ گڏ مرنداسـون گـدار ۾، سوڻ بـ سوڻن تـي.

دودي چيس تہ: پڳ آءٌ توکي تو ڏيان. ننگر چيو تہ:

چاچـا! پــڳ تــ آءٌ تنهنجــي ڦــاڙي ڪريــان پــرزا
تخــت چاچــا آءٌ تنهنجــو، پجــي ڪريــان تــالان
ڪريـان جنــگ وڳهــ ۾، منهنجـا مــاڻهو مجـرا ڏســن
ڏنـئــي سـڱَ سـونل جـو، هــاٿي لهيــو لـُــڙ وجــن.

چاچي ڪان ٿي پنهنجي مڱ ڪان موڪلاڻ ويو تہ جنگ جو مـُنهن آهي، اَلاجي وران يا نہ وران! ننگر پونگر ٻئي سوڻ وڳهہ گهمڻ جو بهانو ڪري ٿا وجن.

چنبــو چنبــي ۾ ڏنــي، هليــا ٻيليـئـــڙا ٻيئـــي
ٽوٽيــون ٽنــپ ٽڙڪــڻ لڳــا، پيــا پٽيــن ۾ واڪــا
منجــا نـــ جهليــن بــار، هنــدورن ڪـــاڌا لــوڏا
ســونل اُمــاٽي بـــانهي تــــ متــان عـــالادين آهــي
دانـَـهہ آئـي در تـي، جنهـن ڪـان نڪـري ٺهــڪ ويــو
نڪــي عـــالادين بادشـــاه، ڪيـــڙو خيـــر خـــدا
ننــگر اتئــي ننـيڙو، جنهــن ڪــي لـڏن ٿــا لـُــڙڪا
ننـــگر اتئــي ننــيڙو، جڪيــو وٺــڙي ڪيــر پئــي
ســون ورايــو ســومرو، ســونل! ور تنهنجــو آهـــي.

سونل چيو تہ: آءٌ ٻڌان ٿي تہ منهنجو سوڻ وجي ٿو جنگ تي، تنهن کي اورتي وني اچو تہ آءٌ موڪلايان. ٻانهين ننگر کي آندو. سونل چيو تہ:

سوڻ! وڃيـن تــو ابـل ڏُي، تنهنجـو پيـر ڪنـدو پرچـاءُ
پاڻ مريد محي الدين جا، توکـي ڪوسـو نــ لڳـي واءُ
چئـي: دانـــَهہ ڏيءَ دودل جــي، ادب ڪــري ڳالهــاءِ.

تڏهن سونل چيو تہ:

ســوڻ! مـــون ڪـــي ڏج ســنيهڙا سمـــورا ســـاري.

ننگر چيس تہ: جنگ جي ميدان ۾ بي تہ ڪا سوڪڙي تو ڏي ڪونہ اُماڻيندس، باقي.

چوڏهين رات جو ڏسجئين، تارين جا تجلا.

ننگر مڱ ڪان موڪلائي هليو، پر دل ۾ خيال ڪيئين تہ جيجل ماءُ ڪان بہ موڪلائي وڃان. سو آڌيءَ رات جو چاچي ڪان چوري ماءُ ڪان موڪلائڻ ويو.

ڏيو آڌي اڌ رات جو، جيجل ننگر جاڳائي
ٻتيهہ ڌارون تج جون، جيجل بخش ڪجان.

ماءُ چيو تہ:

پني ورتو مئين پيرن ڪان، توڪي ڏاتر هٿ ڏنا
تنجيو هئم تارين لاءِ، توڪي دُڪا ڪين وڏا
وڃين تو ميڙ ابل ڏي، تنهنجو پير ڪندو پرچاءُ
وڃئين واڳ طنبوءَ جي، مڙس تي مرجان.

دودو ۽ ننگر چنبو چنبي ۾ ڏيو ٻاگهل وٽ آيا. هاٽي ٻاگهل تي دودي ڪي چئي:

ڪانٺر ٻاريندي ڪينڪي، چو وڏي اٿئي چوڪر؟

تڏهن ننگر ڪاوڙ مان چيس:

رن! چمندي مري وڃين ها، راڄ رُلايو تو
مڙس ڏيندوسئين سومرو، جيڪو ماري پجندئي پون.

پوءِ بہ قبر سان لائون ڏياريندوسئين، متان سمجهين تہ مغل ڪي سڱ ڏئي ايندس. اتي ٻاگهل چيو تہ: چا ڪالهوڪو چوڪرو ۽ چا مونکي مهٽو ۽ طعنو هنيو آهيس. تڏهن ٻاگهل تي چئيس:

ڪاريءَ تي پير پوئي، مونکي اهڙا ويڻ هنيئي
ويندين ميڙ ابل ڏي، تون جيئرو وربدين ڪيئن
ايندين ڪهنبن ۾ ڪجي، آءٌ اکين سان بہ ڏسئين

ننگر جوش ۾ آيو، چاچي کي چيائين تہ: آءٌ ڪيئن بہ لڙائيءَ تي ويندس، مونکي موڪل ڏي، پر ٻڌاءِ تہ ڪهڙي ڏينهن لڙائي شروع ڪريون! دودي چيو تہ:

چنچر ڏينهن چڱو ناهي، آچر نہ چڙهجا
آچر ڏينهن چڱو ناهي، سومر نہ چڙهجا
سومر ڏينهن چڱو ناهي، اڱاري نہ چڙهجا

اڳـاري ڏينهـن چڱـو نـاهي، اربعـا نـہ چڙهجـا
اربعـا ڏينهـن چڱـو نـاهي، خميـس نـہ چڙهجـا
خميـس ڏينهـن چڱـو نـاهي، جمعـي تـي چڙهجـا.

دودي چيو تہ: جمعي ڏينهن پهر جو ٿاري پوءِ يلي جنگ تي چڙهجانءِ. اتي ننگر جي ماءُ ڊوڙي آئي آهي، سا دودي کي ٿي چوي:

انـدر آرام مونکـي نـہ اچـي، آنـدن ولـوڙا
گاهہ پاڻي تنهنجـن گهـوڙن ڏيـان، ماڻهن ميدا ڏيـان
ننـگر مـارائيندين ننـيڙو، ولهـي ڪنديـن نيـاڻي
دودا وڳهہ ڪـوٽ ۾، سُـج سِـتي تئـي هـاڻي.

ننگر چيو تہ: دودا! اول لڙائي تي آءٌ چڙهندس، آءٌ مارجي ويس تہ پوءِ تـون چڙهندين. دودي پٽ جي پارت ننگر کي ڪئي تہ:

سوٽ هلئي تو ننيڙو، جنهن جي پارت اتئي گهٽي
دعا ڪندو سانوَ دل ۾، بي عمر ڏيندو رب گهٽي.

ننگر چيو تہ:

گـڏ مرنداسـون گـدار ۾، سـوٽ بـہ سـوٽن سـان.

انهيءَ ڳالهہ جو ڪوبہ فڪر نہ ڪر، آءٌ سوٽ اڪيلو ڪونہ مارائيندس. ننگر لڙائي جي تياري ڪئي، پنجاهہ يارن سان.

پـورو هـاتي راورو، نـر پونـگر جـو چـوڙي اچـو
زيـر گـاديون گلـم، جـن جـي متـان پـوش وجهـو
چـِمڪي گهـوڙي منهنجـي، اوهيـن چـوڙي يـار اچـو
پنجـاہ ڪنيئيـن تـي پـاڻ سـان، نـر هٽيـو نعـرو
نـنـدي وڏي وائـي وات ۾، بينـا 'علـي علـي' ڪـن
پـائي پيـر رڪيـب ۾ اُتـي گهـوڙن گهـوٽ چڙهـن
آيـل پرتـي الله کـي، متـان، جيجـل تئـي جوڳيـاڻي
سـکيون ڏکيـون ڳـالهڙيون، مڙئـي روح ۾ رهيـم
پهريـن ميـزل ميـر جـي تـا 'جويـا' شـهر چـون
ٻـي تـہ ميـزل ميـر جـي تـا 'مُـهراڻو' بـہ مـَتين
ٽـي تـہ ميـزل ميـر جـي 'گونگـڙي تـڙ' لهـن

چوتيــن ميــزل ميــر جــي، تــا ’ويــرا واهـــ‘ لهــن
اچــو لهــن شــهر ’بڪــار‘ ۾، دوســت وجهيــو ديــرو.

شهر بڪار ۾ آيا تہ بڪار جي مُـکي ڊوڙي اچي ننگر کي دانهن ڏني تہ: عالادين جي لشڪر اسان جي سڄ وجهي ڇڏي آهي: لولي لُوڻ ڪونہ تا ڇڏين، ماڪڙ وانگر سڄو شهر ڦريو وڃن. ننگر چيو تہ: هاڻي جڏهن اچن تڏهن مون کي ڄاڻ ڪجئين، پر ڪٽڪ جو شمار ڪيو اٿئي؟ چئي: سائين! لشڪر جو شمار ڪونہ ڪيو اٿم، باقي جيڪي ڪم ڪار وارا تن جو شمار بنديءَ تي لکي ڇڏيو اٿم. ننگر چيو تہ: ٻڌاءِ! تڏهن مکيءَ چيو تہ:

نــو لک لوهـــارن جـــا، جيڪـــي ترارـيـــون جوڙيـــن
اٺ لک واڍن جـــا، ڪـــاٺ ڪـــــــلو ڪوڙيـــن
ســـت لک ڪنيـــارن جـــا، مـــاٽيون مـــٽ جوڙيـــن
چـــار لک پخـــالين جـــا، پـــاڻي پريـــو پهچـــائين.

مکي وڃي وري اڌ مان موٽيو ۽ ننگر کي چيائين تہ: آيا آهن، نيٺو وارو هٽ ڦري، اچي ناڪو واري تي بيٺا اٿئي. ننگر يارن کي چيو: مارجون نہ، متان منهنجو پيءُ ڪاوڙجي پوي ۽ نہ پرچي. سو لانگها شهر جو جهلي بيٺا تہ مغلن کي ’ها ها‘ ڪري ڇڏجي، جيئن وري نہ اچن. ننگر جي يارن هنن کي شهر مان تڙي ڪڍيو. ننگر بيٺو هو دروازي تي، سو هنن کان پڇندو اچي:

ڪيــر آهيــو، ڪــاڏي وڃــو، اوهيــن ڪهــڙي ذات جــوان؟
چئـــي مـــاڻهو عـــالادين جـــا، ڦريـــون شـــهر بڪـــار.

تڏهن ننگر چيو تہ:

يلـــي ڦريـــو شـــهر بڪـــار جـــو، نـــر نبيريـــو پـــوءِ
پوءِ مـَـٽ گڏيا مـَـٽن کي، جن جونَ ڪڙيون پنيءَ لڳن.

ننگر، ماڻهن کان پڇيو تہ: آءٌ بابي ڏي گهٽن ڏينهن ۾ پڇندس. ماڻهن چيس تہ: جي ڏاڍي گهوڙيون ڪاهيندي تہ گهوڙيون وينديئي مري، پوءِ جي هري هري ڪاهيندين تہ ستين ڏينهن وڃي رسندين.

ننـــگر چيـــو تـــہ يـــارن کـــي، اوهيـــن پلاڻيـــو گهـــوڙا
گهـــوڙا گهـــوٽ پلاڻيـــا، ســـنيري ٿيـــا ســـاڄا

پـائي پيـر رڪيـب ۾ گھـوڙن گھـوٽ چڙھـن
تيـزن پيـر تڪـا ڪيـا، جھليئـون لال لغـام
السـلام عليڪـم سـپرين، وعليڪـم سـلام.

عالادين جي پٽ پڙ سالار ننگر کان پڇيو تہ:

سَـل سچي ڪر ڇوڪرا، تـون پرٽيـل ڪـي ڪنـوارو؟

ننگر چيو تہ:

ڇوڪرا ڇڏيا اٿئي دلـيءَ ۾، بيـا ڇوڪـرا اٿئـي سـاڻ
اڄ تـورو اورتـي، ڪـارايئين ڏيھـ سـندا پڪـوان.

پڙ سالار جي ايتري حشمت ڪانہ ٿي جو اُٿي ننگر جي سلامي جھلي يا ھٿ ڏئي. ننگر سلام بہ پاڻ ورايو ھو ۽ جھليو بہ پاڻ ھو. اتي ماٺھن ڊوڙي وڃي عالادين کي چيو تہ: آھي دودو پاڻ، جو اسان کي ايتري حشمت ڪانہ ٿي جي اُٿي سلام جھليون. اتي عالادين چنيسر کي لکيو تہ: تو چيو ٿي تہ ھڪڙو دودو آيو آھي، پر ھي تہ سڀي ڪٽڪ سان آيو آھي، منھنجي لشڪر جي حشمت ئي ڪانہ ٿي جو رڳو سلام اُٿي جھلي. ھاڻي منھنجي الله واھي اٿئي دليءَ ڏي. اتي چنيسر آيو عالادين وٽ، ان کي چيائين تہ: جيڪي آيا آھن، سي آھن دودن جا دايا. اتي عالادين چيو تہ:

پنج سؤ ماڻھن جـا ڏيئيـن، مونکـي دايـا داڳـائي ڏي
ڇـئي: پنـج سـؤ مـاڻھن جـا رڳـو ٺڦـڙن سـان مـارين
دايـا داڳبـا ڪينڪـي، ھـي دلـيءَ کـي داڳيـن
ڇئي: ڏھ سؤ ماڻھو ماڻھو ڏيئين، مونکي ڇوڪر داڳائي ڏي
ڏھـ سـؤ مـاڻھن جـا رڳـو مڪـن سـان مـارين
ڇوڪـر داڳايا تيندا ڪينڪي، ھي دلـيءَ کـي داڳيـن
اھـي پڄـي در دلـيءَ جـا، ڪُـرف ڪـڙا لاھيـن.

چنيسر چيس تہ: اھو ننگر اٿئي ننڍڙو جيڪو وٺئين کير پٽي، جنھن جي دڙڪي کان تو ڪٽي دليءَ ڏانھن اڳياڙيون ۽ وڳھ ڏانھن پڇاڙيون ڪيون آھن.

پـائي پيـر رڪيـب ۾، اُتـي گھـوڙن گھـوٽ چڙھـن
السـلام عليڪـم سـپرين، وعليڪـم سـلام.

چنيسر جو يار گوهرو پناڻ، تنهن ننگر جو سلام جهليو. ٻئي ڪنهن کي حشمت ڪانه ٿي. گوهرو پناڻ، ننگر کي چيو تہ:

سَل سچي ڪر چوڪرا، تون پرٽيل ڪي ڪنوارو؟
چئي: چوڪر چڏيئي دليءَ ۾، ٻيا چوڪر اٺئي ساڻ.

ڏنئين ائين ننگر سچي نہ ڪندو، سو چيائينس تہ:

سَل سچي ڪر سومرا، تون پرٽيل ڪي ڪنوارو؟
چئي: چاچا! اهو هڪڙو سور اٿم، منهنجا ساز سڙن
ٻيو سور اهو اٿم وني منهنجي ونواه ۾، پئي نٿي پاٽي.
ٽيون سور اهو اٿم منهنجا دعوتو خان رهيا
چوٿون سور اهو اٿم منهنجا ڳاڙها دهل بيٺا
پنجون سور اهو اٿم منهنجا چنا يار ڊٺا
وجان ٿو ميڙ ابل ڏي، منهنجو پير ڪندو پرچاءُ.

گوهرو پناڻ چيو تہ:

ابا! پٺهين ڪونہ پرچندو، جنهن ڏاڙهي قول ڏنا
مات ڪري وجي ونڙي ماڻ جنهن جا ميندي هٿ رتا.

ننگر چيو تہ: چاچا! مون کي پار بابي جا ڏي، چو تہ آءٌ ننڍڙو هئس تڏهن بابو ڪاوڙجي ويو هو. هاٺي الاجي سڃاڻان يا نہ سڃاڻان. چئي: ابا!

سائو پالو هٿ ۾، ميناڪاري پيچ
ڪارو طنبو نر جو، جيڪو سيني ڪان نروار.

انهن پارن ۾ پٺهين هوندو، وجي ڏسي اچينس. اتي پاڳو پان کي چيئين تہ: تون هلي ڏس تہ بابو ڪهڙن پارن ۾ وينو آهي، آءٌ اچان ٿو پنيان. جڏهن پاڳو پان طنبو ۾ ويو، چنيسر ستو پيو هو. پاڳو پان سلام ورايو تہ چنيسر ٽپ ڏيئي اٿي ويهي رهيو. اتي چنيسر ڏاڍو خوش ٿيو تہ هتي پاڳو پان آيو ڪيئن، سو خبرون ٿو پڇي:

چڱيون ڀليون منهنجون راڻيون، چڱو ڀلو دودل ڀاءُ
ڪر خبر پاڳو پان، چڱو ڀلو منهنجو ننگر راءُ.

پاڳو پان چيو تہ:

چڱيون ڀليون تنهنجون راڻيون، چڱو ڀلو دودو ڀاءُ
چوڪر چڏيو هئئي ننڍڙو، چڱو ڀلو ننگر راءُ

سو پائي پير رڪيب ۾ گھوڙي گھوٽ چڙھيو
ڪاهي پيو اتئي ڪٽڪ ۾، جتي ڪيھر ڪلها موڙي.

چنيسر کي ڪاوڙ اچي وئي تہ پنهنجي ڪٽڪ ۾ وجي ڪلها موڙي، منهجي ڪٽڪ ۾ چو تو ڪلها موڙي. ڪاوڙ مان بہ تي موچڙا ياڳو يان کي هٽي ڪڍيائين. تيسين مٿان ننگر بہ پنجاه يارن سان اچي نڪاءُ ڪيو. ننگر پنهنجي پيءُ چنيسر کي چيو تہ: بابا! منهنجو وناھ بڌو پيو، مگ وناھ ۾ ويني آهي. تون ڪاوڙ ڇڏي هلي پرچ. چنيسر چيو تہ: ميڙ وني آيو آهين، منهنجي تو سان ڪاوڙ ڪانهي. هلون ٿا عالادين وٽ، اهو توسان پرتو تہ آءُ اڳي پرتو پيو آهيان. چنيسر ڦيرو ڏئي عالادين کي چيو تہ اهي اتئي دودن جا اڳواڻ. انهن ٻاگهي جو سڱ قبول ڪيو تہ دودو بي ڪانہ ڪندو. خيال ڪيائين تہ عالادين سڱ گھرندو، هي ڏيندا ڪين. جنگ ائين ئي لڳندي، هونئن لڳندي ڪانہ. نماز پڙهي فارغ ٿيا، تڏهن عالادين تو مسجد ۾ ننگر ۽ يونگر کان سڱ گھري.

يائر پرچو پاڻ ۾، مونکي ٻاگهيءَ سڱ ڏيو
پَٽ پھرايان سومرن، بي جھجھي ڏيانوَ پُون.

پيا وليو ۽ ڪائو. ننگر دل ۾ خيال ڪيو تہ هي تہ اسان-کي گار ڏئي ويو. تڏهن يونگر کي چيائين: ادا! تون جواب ڏينس. مسجد ۾ ننگر ۽ يونگر بہ ڇٽا هئا، بيا پنجاهي ڇٽا لوهيڙي واھ تي طنبو هنيو وينا هئا. مسجد ۾ بيو رڳو ڪٽڪ عالادين جو هو. اتي يونگر وري ننگر کي چيو تہ: ادا! تون جواب ڏينس، وڏو آهين. آءُ ننڍڙو آهيان مٿان مون کان غلط جواب اچي وجي. تڏهن ننگر جواب ڏنو تہ:

مڪڻ سُونهي منڊيءَ ۾، ڏونرو سونهي لاٽ
تون ترڪ اسين سومرا، اها جوڙ بہ ڪين جڳاءِ
وڏاندري تنهنجي ڏيءَ دادلي، منهنجي يونگر موڙ بڌاءِ
وڏاندري تنهنجي پيڻ دادلي، منهنجي محمد موڙ بڌاءِ
چاچي ماسي تنهنجي، منهنجي پنجاه يار پرڻاءِ
سڳي تنهنجي ماءُ، منهنجي ياڳو يان پرڻاءِ
تون گھرين هڪڙي، آءُ گھران سوءُ سوا.

اتي عالادين بادشاه کي ڏاڍي ڪاوڙ چڙهي وئي. يڪدم ماڻهو موڪليائين هنبل پناڻ کي.

عالادين ماڻهو موڪليو، هنبل پناڻ متي
سٽ چَلِي پاڻ سان، جيڪو چغدي ساڻ چڙهي
اچي بيٺو موهر تي بيٺو ’ننگر ننگر‘ ڪري
ساريو حضرت شاه کي، ننگر پهرين چوٽ چڙهي
وٽ وٽ تي ننگر تي، جيئن ماڪڙ روهه وري
ڪڪر ڪارونيار ڏي، سج نه پئي سماءَ
سنيالي پنهجي پير کي، ننگر پڙ اُڇلايو پالو
مغل ماري ماندڙا، جيڪي پاڻي پاڻي ڪن
وڙهندي اتي ويرين کي، ويڙو ڏينهن لنگهي
ڪاهيو پوي اُڙدن ۾، جيئن پورب واءُ لڳي
ننگر هٿي تو ڪينڪي، چڻ درياه دوڙ ڪري
اُڪاريو وجي مُهاڙا، ڪري پڙ واندو
سسيون تن صوبن جون لوهيڙي منجهه لڳن
ڪٽيو ننگر پنهنجي هٿن سان نيزي پاند رکي
ڌڙ تني جا ڌوڙ ۾ گڏهه وانگي ليٽن
نديون نير پلوٽيون، وڳهه ڏي ڪڙڪن
چوٽين ڏينهن واندو ٿيو، ڇڏيئين اُڙد ماري
ساريو حضرت شاه کي بيٺو پالي ڏور ڀڌي.

---

## 3- علي محمد لغاري (تعلقو گوني) جي ڪنيل ڳالھ

[اسان هيءَ ڳالھ مرحوم شاعر سوني خان لغاري جي پٽ علي محمد لغاري جي زباني 7- ڊسمبر 1958ع تي قلمبند ڪئي. علي محمد ۽ سندس ڀاءُ عيسي هيءَ ڳالھ يڪتاري ۽ دلي تي ڪنئي. چيائون تہ سندس پيءُ سونو خان وڏو سگهڙ ۽ شاعر هو. سو پاڻ هيءَ ڳالھ ڪٿندو هو. هيءَ ڳالھ اڻپوري آهي ۽ ننگر جي جنگ تي چڙهڻ واري واقعي کان شروع ٿئي ٿي. ڪٿي ڪٿي بيت بہ اڻپورا آهن ۽ ڇڻ جدا جدا بيتن جون سٽون ملائي بيت پورا ڪيا ويا آهن.

ن - ب]

اول نـــام الله جـــو، ٻانهـــا ٻـــيءَ نـــہ لـــڳ
لـڳ انهـي جـي آسـري، جنهــن جــو ســارو جــڳ.
ري ٿنييــن، ري ٿوڻييــن، جنهــن عــرش اڏايــو اُپ.

—

ڪـلر ويــري ڪــوٽ جــو، مڇــيءَ وپريــاڻي ڇــار
مــڙس ويرياڻي نـــنڌ ڇــون، زال ويــري ســينگار
ڪــوءِ قــراري[1] ڪــامڻي، ڪــوءِ لـــَلــهاڪو ٻــار.

—

ســانوڻ ســُـوئا نـــہ مــري، مــري نـــہ هـــاري ڏانـــد
ڳـــوٺ وڏيـــرو نــــہ مـــري، متـــي جنهـــن مـــدار
هــاڻي هرهيــاڙو نـــہ ٿئــي، ســجو نـــہ ٿئــي ســردار
اهي پنجئي ئي ٿـول ٻـن پيـا، تـوڙي حاصل ٿيـن هزار.

—

اول نـــام الله جـــو، جنهـــن نــــہ جيـــڏو ڪـــو
پـــاڪ ڏٺـــي پيـــدا ڪيـــو، محمـــد ميـــر منـــو
چـارئي يـار رسـول جـا، ڪيـائون صدقـا سـاہ پسـاہ

---

[1] قراري = سمهنڊڙ ۽ سست. لَلهاڪو = ڪاپاري وارو.

چاچا! ڪر حقيقت حال جي، چا لکيا چنيسر چام
لکيا چنيسر مير جا، ننگر ڪي تو ڏي
پڙهيو پروانا پيءُ جا، ننگر ڦاڙيو خط ڇڏي.

چنيسر ڪي بہ پٺ هئا: محمد وڏو ۽ ننگر ننڍو. پهريائين پيءُ چنيسر جو پاسو ڪٽي دودي وٽ ايندا ويندا ڪين هئا. پر دودي پوءِ پنهنجي ڌيءَ سونل جو سڱ ننگر کي ڏنو، تڏهن چاچي کي خير خواه سمجهي وٽس اچڻ لڳا. اهو خيال ڪري، دودي ننگر کي چيو تہ: ابا! جنگ چڙهندين پر متان پيءُ جو پاسو وٺي ڦري وڃين! تنهن تي ننگر ڪيس خاطري ڏني:

مَنا رَت اَبن جا، متان ننگر پئيم ڦري
چئَي: ڦران تہ ڦُرجي وڃان، چاچا! ويندس ماڳ مِري
سڱَ ڏَنو اتئي سونل جو، ويا لُڙ لُهي
سُوڙهہ نہ ڏجئين سومري، متان ڪچي سِيل ڪرين
چاچا! لاهج ننگر توءُ آسرو، ايندءِ وڳہ ڪين وري.

ننگر جي جنگ تي چڙهڻ جو ٻڌي سندس ماءُ دودي وٽ دانهون ڪندي آئي.

آئي ماءُ ننگر جي، ريهون ڪري راٽي:
سهجئون ڏاج ننگر جا، مون رڱايا هاٽي
دودل! مان سان ڪيئن ڪندين، سُج هيڏي هاٽي!
وَني جنهن جي وناهہ ۾، پيئي نتي پاٽي
ناني مارائي ننڍڙو، پنهنجي ولهي ڪندين نياٽي.

تڏهن ننگر ماءُ کي جواب ڏنو تہ:

آءُ تہ مران قربان ٿيان، منهنجو چاچل نا بہ مري
چاچي مُئي ڪان پوءِ اوهان سجيون ڪندؤ سَيي.

اهو ٻڌي دودو سرهو ٿيو، ۽ ننگر کي گهوڙو ڏنائين ۽ پنهنجي سروپاءُ پهرايائين، ۽ چيائينس تہ وڃي پنهنجي پيءُ کي پرچائي وٺي اچ تہ جنگ ٽري، ۽ تون اچي پڳ ٻڌ.

اتي ننگر چوڻ ڪيو، تڏهن ريڌو متس راءُ
گهوڙو گهوٽ کي بخش ڪيائين، ٻي سونهري سروپاءِ
ابا! پيءُ پرچائي اچ پانهنجو، هيءَ پاڳ بہ تنهنجي آهہ.

ننگر جو جواب دودي کي:

چئي: چاچا! مصلحت مورکن جئن تو کان وئي ڪڇيءَ چئائي
نہ تہ ياءُ رُنو هُئئي پَر مان، تنهن کي ورتئي نہ پرچائي
هان هٽين تو هتڙا، جڏهن آيو عالادي ڪاهي!
آءُ هٽان تہ عالادين کي چوڙنگ منجهہ چڙهي
پر سُوڙهہ نہ ڏجان سومري، متان ڪچي سيل ڪرين
چاچا! لاهج ننگر توڻن آسرو، اينديءَ وڳہ ڪين وري!

اتي دودي جو پٽ پونگر جو ٻاهر هو، سو اچي پهتو ۽ پيءُ کان پڇيائين تہ:

ابا! سوٽ ننگر کي، مُنجين تو ڪاڏي
چئي: سوٽ وجئي تو جنگ تي، سو وريو ڪين وري
چئي: آءُ پڻ ويندس اوڏهين، جيڏنهن سوٽ وجي
هڏ ڏوکي اتس ڪونکو، جي آئي مهل لُڏي [1]
اسين گڏجي مرون گَدار[2] ۾، ٻئي سوٽ ٻہ سوٽن تي.

پونگر ننڍو هو، تنهن کي ننگر سمجهايو، پر پونگر چيو تہ آءُ بہ گڏجي جنگ تي هلندس:

پونگر! آهيين ننيڙو، اڳيان ديوَن دَز پوي
چئي: ادا! ننيا وڏن جي آسري، هلن ڳاٽ ڳچين لائي
هڏ ڏوکي اتوَ ڪونڪو، جو آئيءَ مهل لڏي
پاڻ گڏجي مرون گدار ۾، ٻئي سوٽ بہ سوٽن تي.

پوءِ ننگر پونگر ٻئي هٿ ۾ هٿ ڏيئي اُٿيا ۽ تياري ڪرڻ لڳا تہ آڏو باگهي ساٽن ڳالهيو:

ننگر پونگر پاڻ ۾، هليا چنبو چنبي ڏيئي
امر ساڻ الله جي، تن کي باگهي مُنهن پيئي
باگهي ڏنن مهڻو، اهو طعنو تپائي
تہ: دودا! چوڪيئي چوڪرن سان، تو ڪانئر ٻاري ڪانہ!

---

[1] جو آئيءَ مهل لڏي = جنهن جي دل ڏکي وقت ۾ لوڏو کائي.
[2] گدار ۾ = جڳهن ماٿهن ۾، فوجن ۾.

حور آئي جڏهن هوش ۾، تڏهن نيٽين نهاري
پاڻي پاڪ اکين مان، ڏاتي لئي ڏاري
مري ويندس مينڌرا سوڍل! تو ساري
پوءِ وڃج تون جنگ تي، پهرين وجهه مُنيءَ کي ماري.

تڏهن ننگر چيس تہ:

جنگ کي وڃان ڪينڪي، ٿو اڃان بابل کي پرچائي
ميندي جا محبت جي، مون کي لعل اچي لائي
سپيئي سميون سومريون، ڳيچ چڱا ڳائي
اچي پاڻ هتن سان، مون کي بابل پرڻائي.

تڏهن سونل وري چيس تہ:

ننگر! نام الله جو، مون سان ساري سچي ڪر
ٻيو اٿئي سُنهن رسول جو، جيڪو پاڪ پيغمبر
ٽيون اٿئي قسم قرآن جو، جيڪو اعليٰ آهي اپر
چوٿون چئن يارن جو، توکي سُنهن ڏيان ساجهر
پنجون پنجن تنن جو، جيڪي ڪُڏايا قادر
ڇهون ڇُڳيرن جو، جيڪي چاچا پيغمبر
ستون صحابين جو، جيڪي اعليٰ نور اپر
هاڻي سُل سچي ڪر سومرا، جيڪا اٿئي منجهہ اندر.

---

هاڻي وڃين ٿو جنگ تي، جانب منهنجا جت
ڳجها پالها پانهنجا، مان ڏي لکجو خط
تہ پڙهي پروڙيان، ڳالهڙي، اچي هنئين فرحت
چئي: واهہ نِي وَهندءِ واهڙيون، جڏهن روپاه وهندءِ رت
تڏهن پانئج مير ننگر جا، اڄ مان ڏي آيا خط
پڙهي پروڙج ڳالهڙي، اچئي هنئين فرحت.

جڏهن ننگر کيس پنهنجي مرڻ جو اهڃاڻ ڏنو تہ سونل چيو تہ: آءٌ بہ مردانا ڪپڙا ڪري توسان گڏ جنگ تي چڙهنديس.

ننگر! نام الله جو، هڪ منهنجو سڻ تون ڪم
ڪري مردانا ڪپڙا، تن ڪي ڪارو ڏيان رڳ
ترار ڪريان هٿ ۾، تازي چڪيان تي تنگ
مردن جي ميدان ۾، هلي ڪريان راماڻا رنگ
دشمن ماريان تو سندا، ويرين پائي ونگ
آءُ مران، قربان ٿيان، تو جيئين منجهه جڳ.

---

ٻانهي! پڇي ڪڍ مون سندا، هي ڪنگڻ ۽ ڪڙيون
سڄڻ سفر هليا، جنهن سان هُنُر جيءَ جَڙيون
ٻيا تہ پڇي ڪڍ مون سندا، هُو جي ويندا ۽ واليون
سڄڻ سفر هليا، جنهن سان ڳجهيون هيون ڳالهيون.

---

ٻانهي! پڇي ڪڍ مون سندا، هي جي ٻيڙا ۽ ٻانهي
سڄڻ سفر هليا، هن وِلهي جا واهِي.

---

ٻانهي! پڇي ڪڍ مون سندا، چندن ۽ چوڙا
سڄڻ سفر هليا، آءُ ويني رت رُئان.

---

ٻانهي! پڇي ڪڍ مون سندا، پنڙا منجهؤن ڪَن
ماڻهو شهر وڳ جا، سڀ سڏيندم رن.

پوءِ ننگر پنهنجي ماءُ کان ٽج بخشائڻ ويو:

امڙ! توکي تو چوان، مون کي بخش ٿيهہ ٽجن
چئي: ابا، مائرن ٽجيون بخشيون، پنهنجي کي بہ پٽن
پٽن حق بخشيا، پنهنجي کي مائن
زالن حق بخشيا، پنهنجي کي مڙسن
مڙسن حق بخشيا، پنهنجي کي زالن
هڪ خبر انهن کي، جنهن جي ولر کان بہ وجن

ٻي خبر انهن کي، جن جي ڇانگن مان ٻہ ڇڇن
ٽي خبر انهن کي، جن جا وڇڙيا يار وڇن.

پوءِ ننگر، پونگر ۾ امراءَ ۾ لشڪر سان گڏجي چڙهيو:

وجهي پير رڪيب ۾، گهوڙي گهوٽ چڙهيا:
پهرين منزل ڪري اچي 'وڏڙي واهہ' لٿا
ٻي منزل ڪري اچي 'وڏي ڍنڍ' لٿا
ٽي منزل ڪري اچي 'موراڙي' ٻہ لٿا
'موراڙي' تنهن وچ ۾، آٽي خان طنبو کوڙيا.

موراڙو مٿي اچي لٿا تہ ڪو قاصد ويندو ڏٺائون، جنهن کان خبرون پڇيائون:

ڇون يار ننگر جا، ڪو رهبر پيو وڃي
اُٿيا يار ننگر جا، آيا خاطي ڪَنياٽي:
ڪر خاطي خبرون، ڪنهن جا خط ڪنيئي
چئي: خط چنيسر مير جا، ويندا وڳہ ڏي.

ننگر خاطيءَ کان چنيسر جو لکيل خط ورتو ۾ پڙهيو:

خط تہ ڏئيم اَبل جا، هت پروانا پڙهبا
خط ڏيندوسئين ڪينکي، منهَنجا اَزُورا[1] پڇندا
خان وجهيو هٿ کيسي ۾، مُهرن مُٺ ڀري
چنيون چپاٽيون چَم جون، ساريو بَدوڪا[2] ڏئي
پڙهيو پروانا پيءَ جا، ننگر ڦاڙيو خط ڇڏي
وچ خاطي! اٿئي ڏينهڙا، نہ تہ ڇڏيانءِ مارائي.

پوءِ ننگر خاطي کي خط ڏنو تہ وڃي چنيسر کي پهچائي.

خاطي يار! ابل کي، منهنجا جوان! پرچ جانا:
سهٽو اچئي تو سومرو، ٻانهن ٻڌيو ڳانا
تنهن کي دوست سڄاڻ دل سان، لاهي تِرهہ سندا طعنا [3]
خاطي خط اُنائيا، تهدل پروانا

---

[1] ازورا = اجورا.
[2] بدوڪا ساريو = ٻندون ڪوليون ڦوليو.
[3] تِرهہ سندا طعنا (اصل ائين) = طَرح سندا طعنا = مختلف قسم جا مهڻا.

لکيا ننگر مير جا، تو چنيسر کي ٻه ڏئي
پڙهيو پروانا پُٽ جا، وينو گوڏي هيٺ ڌري
ڏنو عالادي بادشاه، پڇيائين ڪنهن جا خط وَر يَئي[1]
چئي: خط تہ دودل مير جا، جنهن دايا[2] ميڙ مُڪي.

اهو ٻڌي عالادين بادشاه ڪاوڙيو تہ دودو اهڙو ٽيو آهي جو داين کي تو اسان ڏي ميڙ ڪري موڪلي. حڪم ڪيائين تہ دودي ڏي بادشاهي پروانو لکو:

عالاديءَ خط لکيو، ڪاغذ کھڙيءَ ڪار:
'پڳ ڏي چنيسر کي دودا! دام وڏي دهڪار
توکي عالادين بادشاه جي ڪانہ سجهي سرڪار
تون ويهج ڪيم وڳہ ۾، وجي پُر چتاءِ پيو پار.'

چنيسر دودي تي دڙڪو سهي نہ سگهيو، سو بادشاه کي چيائين تہ:

توکي عالادي! تو چوان، اِهين ڪيمَ ڳالهاءِ
منهنجو پاءُ وِڳهہ ۾، اتئي دودو نر نواب
ڪُتي ڪَتبن سان، ڪندءِ قيمون منجهہ ڪباب
هٽندءِ هنباريءَ ۾، دودو پير نہ پانهون پاءِ.

ائين چئي چنيسر ڪچهري مان اٿي ويو. عالادين بادشاه ڳالهہ ٻڌي چنيسر کي گهرايو ۽ سمجهايو.

عالادي ماڙهو موڪليو، تون چلي چنيسر آءُ
پائر ٻُڌي مرو وجي پاڻ ۾، منهنجي الله واهي آهہ.

چنيسر چيو تہ:

سيري آندومئن سنڌ ۾، هاڻ هتان ڪيئن وڃين
جيڪي ڳالهائي ادل کي، سو اڄ ساري سور ڪَڍئين
پر ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وڃان، مون وڏي هٿ ڏنا

---

(1) وريَئي = توکي موٽي مليا.
(2) جنهن جو تو ڏي ڪي ديا (ننگر ڏي اشارو) ميڙ ڪري موڪليا آهن.

ويهي شهر دليءَ ۾ مون ڏاڙهيءَ قول ڏنا
نہ تہ کو اَدن تي اِئين چڙهي، آءُ انگ انهيءَ ساڙيان
باگهي راٺين وچ ۾، آءُ هتي گهرايان!
ياءُ ٽنگيو يالن ۾، تنهن جي اکئين رت ڏسان
ياءُ مٿي کان پوءِ تو کي جيئرو کونہ ڇڏيان
ڪَن ڪَجئين تون بادشاهہ! تو کي ڪَڇيءَ بولايان.

عالادين چنيسر کان پڇيو تہ: تنهنجي ڪهڙي نيت آهي؟ چيائين تہ: ڳالهيون ڪر ۽ پڳ مون کي وني ڏي تہ توکي باگهيءَ جو سڳَ ڏيان. عالادين چيو تہ: يلاچا ڪجي، بکار شهر قُرجي؟ چيائين تہ: نہ، دودي ڏي لکي موڪل تہ باگهي جو سڳَ ڏي. سڳَ ڏنائين تہ پڳ بہ ڏيندو. پوءِ عالادين پڙهو ڏياريو تہ:

وڪيل وزير اوهين، سپيئي سٽو تا
اهڙو ڪو اَن ۾ آ، وجي سو چڙهي وڳہ ڏانہ
سڳَ تنهن سومري ڪنان، آٽي باگهي بانهہ
انعام تنهن کي آءُ ڏيان، جيڪي گهُري سو ڏيان.

جڏهن اميرن جواب ڪونہ ڏنو تڏهن 'مانڌان ملڪ' وزير عرض ڪيو تہ:

وڳہ ويندا سون ڪينڪي، اسين وجون دِليءَ ڏانهن
هَل تہ پرٺايون توکي، تنهنجي ڏاڏي - پوٽي بانهن
تنهنجا انعام پون اوڙاهہ ۾، تنهنجي نوڪريءَ ڏيون باهہ
اسين وجون شال وطن تي، من ڪري خير خداءِ.

تڏهن محمد مغل جو عالادين جو سالو ۽ چنيسر جو دوست هو سو اٿيو ۽ چيائين تہ آءُ دودي ڏي ويندس.

محمد مُرڪي آئيو، عالادين اڳيان
وجان تو آءُ وڳہ ڏي، چڙهي دودل ڏانهن
سڳَ تنهين سومري ڪَنا، اجها آٽيان باگهي بانهن
آٽيو ڏيَسئين تو اِتَهِين، ان چنيسر اڳيان.

محمد چيو تہ: آءُ وجان تو، پر مونکي لشڪر ساڻ ڏيو. تڏهن چنيسر منع ڪيس تہ: نہ وڃ، پر مون کي پنج لک لشڪر جا ڏي. لشڪر روانو ڪري هاٿي محمد

پاڻ ٿو چڙهي تہ چنيسر منع ٿو ڪريس تہ:

محمد! توکي ٿو چوان، وڃ مَ وِڳهہ ڏانهن
سگ نہ ڏيندءِ سومرو، جنهن جو دودو آهي ناڻ
ڪندو تعدي توسان، هيڏانهن سٺي ٿو بادشاهہ.

محمد مغل ڪونہ مڙيو، چڙهي روانو ٿيو ۽ اچي وڳہ ڪوٽ پهتو:

محمد اُٺ اتاريو، هٺي ڪست منجهارئون ڪام
بيلي بانهان پاڻ سان، ڪنيائين طنبو ۽ طولان
اچي جهيڪيو اُٺ ڪي، وڳہ ۾ ب وريام
اچي دودل مير جو، جهليئين سچي هٿ سلام.

دودي جي دربار ۾ آيو تہ ادب سان سچي هٿ سان سندس سلام جهليائين.

ڪير آهين، ڪاڏي وڃين، آ چا تنهنجو نام؟
چئي: آهيان مغل دليءَ جو، آهي محمد منهنجو نام
اوهان ڏانهن سلام آهن مڪا چنيسر ڄام.

## 4- حاميد خاصخيلي (تعلقو ماتلي) جي ٻڌايل ڳالهه

[هيءَ ڳالهه سگهڙ حاميد خاصخيلي، ويٺل ڳوٺ ملهڻ تعلقو ماتلي جي زباني 7- ڊسمبر 1958ع تي قلمبند ڪئي وئي. ان وقت سندس عمر 60 سال هئي. هيءَ ڳالهه اڻپوري آهي ۽ ان ۾ فقط ننگر جي جنگ تي چڙهڻ وارو واقعو بيان ٿيل آهي. هر هڪ بيت کان پوءِ "يلو الو الو، هادي الله، تون يا الله" وراڻي طور چيائين ٿي. ن – ب]

اول نـــام الله جـــو، بانهـــان ٻــــيءَ نــــه لـــڳ
لـــڳ يلـــي جـــي آســري، جنهـــن پـــر ســـارو جـــڳ
وهـــج ســـات رســول جـي، جنهـــن پــر چتنـــدو جـــڳ.

ياڳو يان کي دوسُو چيو تہ: وڃي ننگر کي وٺي آءُ. پر سڌو ٻاهران ڪٿان نہ وٺي اچجانس، پر سندس ماءُ مريم کي حال ڏيئي، موڪل وٺي، پوءِ ننگر کي آڻجان.

دوســـُـــو يـــانُ هلائيـــو، وڃـــي ننـــگر ڪوٺـــي آءُ
جهنـگ مـان آڻج ڪينڪـي، تـون مريـم کـان موڪـلاءِ
ســاز ڪٺـي ســُـرندو هليـو، وڃـــي ڏيـديءَ در وڄــاءِ
اُٿــي مـــاءُ ننـــگر جـــي، ســا بيـنـــي مريـــم ڳالهـــاءِ:
تنهنجـو ڪـم مـردن سـان، ياڳو! زالـن سـان ڪم ناهـه
هـاڻ سـڻاءِ خبـر خيـر جـي، تــہ ڪــم ڪهـڙو آهــہ!

ياڳو سچي خبر ڪري ٻڌائي تہ عالادين سان جنگ آهي ۽ ننـگر جنـگ تـي چڙهندو. تڏهن مريم چيو تہ: اجان ننگر ننيڙو آهي، ڏاڙهيءَ جو ريهہ بہ ڪونہ آيو اٿس ۽ رڳو پاسن وارا چُوٽاچڙهيا اٿس تڏنهن تو وڏو لڳي. جڏنهن عالادين وڳهہ ڪوٽ تي چڙهي ايندو، تڏهن ننگر بيشڪ وڙهندو.

ننـــگر منهنجـــو ننـــيڙو، اجـــا وتـــڙي کيـــر پئـــي
مـــُنهن تـان مَـس نـہ لٿـي، رڳـو چـُـوٽن چاهـہ ڪـري
وڙهنـــدو برابـــر بادشـــاهہ، پـــر وڳهـــہ جـــي واري.

ياڳو اهو ٻڌي موٽي ويو ۽ وڃي دودي کي حال ڏنائين. ننگر يارن سان گڏجي تڙ ڪرڻ ويو هو. اتي ننگر کي ٻُڌايائون تہ تنهنجي ماءُ ياڳو يان کي نلهو موٽائي ڇڏيو. اهو ٻڌي ننگر ڏاڍي راند ڇڏي ڏني ۽ يڪدم ٻاهر نڪري يارن کان موڪلائڻ لڳو. تڏهن هنن چيس تہ تڪڙ نہ ڪر، اسين تو سان پيڙا آهيون. اهو تہ هڪ عالادين بادشاه آهي، پر جي چاليھ چڙهي اچن تہ بہ مقابلو ڪنداسين.

ننگر پنهنجي يارن کان، بينو ڏاڍي راند ڇني
ترس، تڪڙ ڪر ڪام ڪا، اسان کي وار سڪائڻ ڏي
اهو عالادين هڪڙو، مَر چاليھ اچن چڙهي.

ننگر پنهنجي پنجاهن ئي يارن کي پوشاڪون پهرائي، پاڻ ويس وڳا ڍڪي، دهلن دمامن سان چاچي دودي جي ڪچهري ۾ ويو ۽ وڃي ادب سان گوڏا پيچي وينو:

ننگر پنهنجي يارن کي، بينو پنجاهہ نـي پهرائي
زري ۽ زربفت جا تو وڳا ويس ڪري
دهل دماما ڏوڪڙي، بيا ناچو نچائي
بَڌي ٻانهون رومال سان، تو گلم گوڏو ڏئي.

دودو حيران ٿي ويو تہ گوڏي ڪوڙڻ جو عقل هن کي ڪنهن سيکاريو. انهيءَ حيراني ۾ هو جو سندس دوست محمد اچي سلام ورايو ۽ ان جو سلام ڪونہ جهليائين. انهيءَ تي محمد پانيو تہ ننگر جي ڪري منهنجو سلام ڪونہ جهليائين. سو دودي کي چيائين تہ:

ننگر تنهنجو ننيڙو، جنهن کي وَهي کير مُنهان
جنهن کي ڇڏي نہ سيڪ سانڊاڻ جو جنهن جا لوهر ناناٽا!

يعني تہ هن ننيڙي ننگر جي ڪري جنهن جي لک نسبت ۾ رولو آهي ۽ جنهن جي پيءُ جا ناناٽا لوهار آهن، دودا! تو منهنجو سلام نہ جهليو. اتي ڪاوڙ مان ننگر بہ محمد جو سلام ڪونہ جهليو ۽ ڏانهس نهاري چيائين تہ:

پٺهين - پيڻ تو پـُقي، سا منهنجي سڳي ماءُ
لـَڄ اچِنهان ڪانڪا، جو ڏنان سومرن[1] ڏانہ.

سومرن جلسو ڪيو هو، جنهن ۾ پائر گهرايائون تہ ڪو مڙس اچي سانَهن جا

---

[1] هن مان گمان نڪري ٿو تہ محمد ذات سومرو نہ هو ۽ نڪي لوهار هو. شايد گجر هو. ۽ چنيسر گـُجرن مان شادي ڪئي هئي.

سڱ سنوان ڪري. محمد سڱ سنوان ڪيا هئا. پنهنجي اها پهلواني واڪاٽيندي ننگر ڪي جواب ڏنائين ته:

سومرن سومار ڪيو، مڙيو گهوڙن لک لشڪر
سانَ ــ ـــ ـهنِ سڱ سنوان ڪري، ونڱن لاهي ور
قــ ـ ـ ـري فوجن وچ ۾، ساران وَر سـ ـ ـتر.[1]

تڏهن دودي چيو ته: هڪ ٻئي ڪي رنن وارا مهڻا نه ڏيو. اسان وٽ ارڙهن مَڻ چُڪُ پيو آهي، جو آءٌ ۽ چنيسر ٻئي کڻندا آهيون. ٻنهين مان جيڪو کڻي سو ٻئي کي سلام ڪري. محمد چيو ته: مون زور لاتو آهي پر مون کان نٿو کنيو ٿئي. ننگر هلي کڻي ته آءٌ سلام ڪريان. ننگر چيو ته: آءٌ کڻندس.

اتيو ڪوئر ڪچهريءَ مان، نَهرو ننگر راءُ
ڇنبو ڏنائين چـُـڪ کي، ساري حضرت شاهه
کڻي پير اُپي رهيو، پيو سارايائين حضرت شاهه
تَـرِي متي تَـرندي آيو، ڪوئر ڪچهري ڏانـه
چئي: آءٌ محمد! چڙهه چُڪ[2] تي، ٻي ساڻ وٺي آ ماءُ.

ننگر جون اهي پهلوانيون سيني ڏٺيون هيون. دودي به تڏهن ڪيس جنگ تي چاڙهيو. پر متان اتي پيءُ جو پاسو کڻي ڦري وڃين:

چاچو پيو نه ٿئي، سوٽ نه سڳو ياءُ
مـ ـنا رت اَبن جا، متان پرين ڪرين پرچاءُ.

تڏهن ننگر جواب ڏنو:

ڦـِران تان ڦـُرجي وڃان، مون کي کڻندو ڪيئن خدا
وڃان ٿو ميڙ اَبل ڏي، مون سان پرين ڪندو پرچاءُ
پر پـِـٽيل پرچندو ڪينڪي، ايندس کهنبن منجهه ڪچي.

ننگر کي دودي تڏهن ئي روانو ڪيو. جڏهن عالادين اچي بـَـڪار ڦـُري. جڏهن ننگر چڙهيو ته پير ڏڪاءُ تيو ۽ 'روبا - ماڙي[3]' جي پر مان اچي گهوڙا ڪڏايائين. سندس مڱ، دودي جي ڌيءَ سونل، جا ونواهه ۾ ويٺي هئي، تنهن

[1] يعني ساران جو وَر 'محمد'.
[2] چڪ = ترڙيءَ جو بار (پٿر)
[3] هن ڳالهه جو راوي چئي 'وڳه ڪوٽ' ۽ روپاه - ماڙي کي هڪ ڪري ٿو ڄاڻي.

پانئيو تہ عالادين اچي ويو آهي. سا تي چوي:

تنپ ٽوٽيون تـِڙڪـي رهيا، ٻانهي! پـَٽـيـن ۾ واڪا
هيبـت هنـدوري گهٽـي، منهنجـي ڪـٽ ڪـري دَهڪـا
آٽـي وڏائـون عـالادين ڪـي، وڳـہ ڪـوٽ وِڃـا؟
تڏهن ٻانهي ننگر کي ڏسي، سندس پار تي ڏئي:
ميناڪـاري اٽـس مولهيـو، ميناڪـاري پيـر
پـٽ چنيسـر راءَ جـو، وَنـي! تنهنجـو ور.

ٻانهيءَ کي چيائين تہ: سڏي هن دري وٽان بيهارينس. سونل ونواهہ مان اُٿي اچي دري وٽان بيني ۽ چيائينس:

سڄڻ! پنهنجي سور جي، مون کي سوٽ ڏي سـَماءُ
توکـي بـابل ڪونـايو، تـو کهـڙو ڪيـو ڳالهـاءُ
تن مان وجي تو ڪونہ ڪو، جيکي ڪائين ٻوڙ پـُلاءُ
تـون وجيـن تـو اوڏهيـن، ڏينديـن کهـڙا نياپـا!

ننگر جواب ڏنو تہ:

سـور ٻـڌا اتـم سـندرا، سـونل! مـوٽ بـہ مولهاتـا
طبـل اسـان جـي تخـت تـي، آهـن قلعـي قبيـلا
’چـَنـُـو‘ مـامي[1] ڪينڪـي، ڏس ’جـاڙي‘ جـا جلـوا
تڪـو تـاءُ تـرار جـو، بـي ٻچـڙي بندوقـن ٻاهـہ
جـانب ويـل جنـگ جـي، مونکـي ايمـان ڏينـدو الله
روپاهہ! واهيندس رت مان، تنهنجو ڪـڙيو ’خان واهہ‘ [2]
بيـرا تنهـن ننـگر جـا، اچـي لـُـڙهي سـي لنگهنـدا
قولـي ڏسـجئين رت ۾، ڪـي ننـگر نپايـا.

اهو ٻڌي سونل بيهوش ٿي ويئي. سجاڳ ٿي تہ چيائين:

ڪـَنين سـُـٽندس ڪينڪـي، لڳيئي نـہ ڪوسـو واءُ
ڪـَئين خـان ڪپـي ويـا، هـن ڏٺـي متـان دانـاءُ
ميـڙي محمـد ڄـام جـي، ٽينـدو اسـان جـو نڪـاح.

---

[1] مامي = ماپي، ’چنو‘مان غالبا مراد چنيسر آهي.
[2] ’خان واهہ‘ روپاهہ محل اندران وهندو هو.

ننگر جڏهن ٻاگهي جي محل جي سامهون آيو، تڏهن ٻاگهي چيس ته:

وجين تو وکيل تيو، ننگر پورو کچ نياءُ
جي پائين پـَر ڏاڪڙو، ته منهنجو سـِر ڏجاه
مون ڏني جڳ چـُتي، ته مڙس نه مارائجاءِ.

تڏهن ننگر جواب ڏنس ته:

مرندين شال 'وڳه' ۾، تنهنجو سـِر چـُمي چايان
مڙس ڏيندوسئين سومرو، جو پنهنجو مٽ پانيان
رکندوسئين 'ماروئڙي' مقام ۾، ڏيئي سامي سان لاوان.

پنهنجي مريم ماءُ وٽ آيو ته کانئس پڇيائين. تڏهن ننگر ڇڻ طعني طور جواب ڏنس ته: ڇاڇي سان ائين ڪري آيو آهيان، جيئن ابي ڪيو. اتي ماڻس هاءِ هاءِ ڪري چيو ته:

پـِنيو هئو مئين پـِيرن وٽان، پـُٽ! دستگير هتا
هادي پنهنجي هدايت سان، توکي پرور ڪيو پيدا
تـَنجيو هئومئين تلوار تي، پـُٽ! ڪانَ جي ڏنام دعا
ري وضـُو، ري مسحي، مون بـُبا نه توکي ڏنا
پر سائين جي سرڪار ۾، منهنجا پورهيا صاب نه پيا!

انهيءَ ڏک ۾ ته ننگر دودي کي پٽس وارو جواب ڏيئي آيو آهي، مريم ويس وڳا، ڳهه ڳنا لاهڻ لڳي:

ڳهٽيءَ ڳهه ڇڏيا، هوري ڇڏيا هار
مينديا تنهن مريم جا، لـُڙ ۾ لتيا وار
ڇئـِي: وَر وڃايم وَلـَهو، پر پـَسو پـُٽ جا پار!

تڏهن ننگر سمجهايس ته:

نٽ نه لاهج ڪينڪي، اڇا بابل جيئرو آه
وَڃن جي وَچ - واهـُرو، اڇا دودل وينو شاه
جو مون مـُئي ڪان پوءِ ڏيندو دلـيءَ کي داب.

پوءِ ننگر کيس ٻڌايو ته هو شادي کان به اڳ جنگ تي تو ڇڙهي ۽ سورهيه تي وڃي سر ڏيندو. جڏهن سندس مڙهه ڪڇي اچي ته ان سان سنوڻ ساٺ ڪري:

جي جيجل ڏاج رڱايئي سي،تنهنجا رَتا پيا لُڙبا
مَنَهن مانيون ٿيون هلن، تنهنجا رڌا طعام رهيا
ننگر پونگر هليا، آڏو دلِيءَ جي بادشاهه:
آءٌ ماريندس کن کي، تہ کي مونکي بہ ماريندا
ايندءِ مَڙهہ اُنن تي، جيجل! ننگر پونگر جا
ساري سات کَجام کي، آيل! مڙهن جا.

ماءُ اِهو ٻڌي ڍڪرجي وئي. دودي جي زال پَٽول راڻي، اهو حال ڏسي دودي وٽ وئي ۽ چيائينس:

پا ڳ قاڙي پُرزا ڪريئين، تنهنجي ڇٽ وجهان ڇائي
هَڏي تي هوڏ ڪري، ڪَيئي جانب جُدائي
هاڻي سر وجي ڪر صدقو، عالادين اڳيان ئي.

# بدين طرف واري روايت

هيءَ روايت ٻن مکيه ڳالهين تي مشتمل آهي: (الف) بدين تعلقي جي ماڇين واري روايت، جنهن ۾ چار ڳالهيون شامل ڪيون ويون: (1) يار محمد ماڇي (تعلقو بدين) جي ڪنيل ڳالهه (2) جمعي مهاڻي (تعلقو بدين) جي ٻڌايل ڳالهه (3) دودي مهاڻي (تعلقو بدين) جي ٻڌايل ڳالهه، ۽ (4) احمد خان نظاماڻي (تعلقو ماتلي) جي ٻڌايل ڳالهه. جن مان پهرين ڳالهه قدري سربستي آهي، باقي ٽيئي ڳالهيون اڻپوريون آهن. (ب) تاج محمد (تعلقو بدين) جي ٻڌايل ڳالهه. جيڪا پڻ اڻپوري آهي، ۽ ان جا فقط بيت شامل ڪيا ويا آهن. مواد ۾ سٽاءُ جي لحاظ کان اهي جملي ڳالهيون اصل ۾ ساڳي هڪ ئي ڳالهه جون جدا جدا روايتون آهن، جيڪي مختلف راوين وٽان هلنديون اسان تائين پهتيون آهن.

# (الف) بدين ضلعي جي ماڇين واري روايت

## 1- يار محمد ماڇي (تعلقو بدين) جي ڪنيل ڳالهه

[هي ڳالهه يار محمد ۽ سندس ساٿين بدين ۾ يارهين جي ميلي (19 - 20 ڊسمبر 1964ع) تي ڪنئي. يار محمد پٽ ڪاندبيرو ماڇي، وينل ديهه ڪُنياري (لڳ حاجي غلام جوڻيجو)، ان وقت عمر 45 سال ڪن. چيائين تہ: آءُ اڃان ننڍو هوس جو عَلو مهاڻي (وينل چار جي مياڻ، تعلقو ميرپور بٺورو) اچي اسان وٽ ڳالهه ڪنئي. اڳ اسان جي ملڪ ۾ ڳالهه ڪانہ هئي. پوءِ بارهن مهينا وٽس رهي مون ڳالهه سکي. ڇهن مهينن کان پوءِ استاد خود منهنجو جهيلي ٿيو. علو پڪو مڙس هو. جڏهن مون ڳالهه سکي تہ بہ هو 55 ورهين جي عمر جو هو. ڏيڍ سال کن ائين گڏجي ڳالهه ڳائيسون. پوءِ علو گذاري ويو. ان کان پوءِ ٻين مون کان ڳالهه سکي، جن مان 1- علي محمد ماڇي وينل ڪڙيو گنهور، عمر 40 سال، 2- ڪَمُون مهاڻو وينل غلام شاه تعلقو ٽنڊو باڳو، عمر 25 سال، 3- ولي محمد ماڇي وينل ڏندو تعلقو بدين، عمر 30 سال. هن وقت يار محمد جا جهيلي حسين بخش ماڇي، محمد هاشم ماڇي ۽ اسماعيل ماڇي آهن. يڪتاري ۽ ٻن گهڙن تي لوڙائو مان ڳالهه ڪنيائون. ن - ب]

يارو اول ساراه سائين جي!

اول نــــام الله جـــو، ٻيــــو رســـول هـــو
ٻيــو تـــہ پيــر مڪــي ۾ جــت حــاجين حــج پڙهيــو
ٽيـون پيــر محــي الديــن جنهــن جــو نــالو موچــارو
وڏو تـــہ پيــر ولايــت ۾ آهــي ڪـــُـرسيءَ ڪنـــارو
پٽـائي سـُـڄي پـٽ ڏٺـي، جنهــن جــو قبــو ڪــرارو
ســدار شــاه ســُـڄي گاجــاه تـــي، ســيد ســوڀارو
ميـــون ڪريـــم لاڙ ۾ آهـــي پيـــرل پاڳـــارو
محمـوداٺـــي ملڪـــن ۾ ســـُـڄي اُويــس موچــارو
تنهــن تــان لال لڪـيءَ ۾ ســـُـڄي صــدر ســوڀارو
ڪوئنڇي پـاس ڪنڌيـن، جـي ســُـڄي سـاجن سـوائي

مؤجون ڪري مينهن وانگر، ڪُل جون ڪري پوريون
لکياري سُچي لاڙ ۾ سو غلام شاه غازي
ڪيهر شينهن گجي بينو بديڻن وارو پير
پاون شاهه بديڻن مان عليءَ قطب لڌيو
اهڙا لڏي ويا لوڪ مان، تنهن ڪي امت ڪندي ڪوه
سوا لک نبين جو ساري ڪل ۾ ڪرارو
بادشاه پير جيلان ۾، جنهن جو عرش ۾ اوتارو
صديق محمد پير تي غوث جو آرو
نظر محمد نوراني جنهن جو ڏاريو آهي ڏارو
ابوبڪر، عمر، عثمان، چوتون علي ڪرارو
تيندو اڳ ۾ محمد مصطفيٰ، پٺ ۾ جڳ سارو.

---

مالڪ تن ملڪن تي صاحب اُياري سچ
ساري هن امت لاءِ صاحب خلقيو سچ
ري ٽنيين ري ٽوٽيين آگي عرش اڏايو اُپ
قطب تارو ڪتين ۾ تيئن پيرل پاڳارو
چنڊ سونهي تو تارن ۾ تيئن بديڻن جو ڪنڌارو [1]
شيخ پرڪيو آچاري جنهن جو وريو آهي وارو
عليءَ جي هڪل سان ڏڪي ڪوٽ هو ڪِرندو
علي پنهنجي پٽن جو ڪيو شادي جو سعيو
شاديءِ مان غمي تي جنهن تي امر تي آيو
امام حسن ۽ حسين لاءِ سائو ويس لٿو
ويس وڏو تي حسن، جنهن کي زهر ڪٽي ورتو
پري پيالو زهر جو امام حسن تي پيتو
ڪربلا ۾ شهيد ٿيو وجي ڏوهٽو رسول جو
حاجي شاه تو عرض پني منهنجا قادر ڪَج ڪَنو

---

[1] ڪنڌارو = ڪنهڙو.

رک سنج سنجاف تي کر هيري ساڻ هَنا
سرخي يار سنجاف جي، چڏ وڳ واڳ وراءِ.

چنيسر چڙهيو ۽ وڳ ڪوٽ کي ويجهو آيو ته هتان دودو به استقبال لاءِ اُتيو.

دودو نگاهون ڪري، منهنجو ادل تو به اچي
رَئي ڏنائين آسمان ۾ نر چنيسر جي آهي
ڪوئر ڪچهريءَ وچ ۾ ڪيو چنيسر اچي سلام
ته ڪئين لڙڪي پيا لغامن، پيا دانَ دُنبچين ڏانه
لهڻ چنيسر کي پَٽ تي تئي ڪانه جاڳاهه.

پر قدرت کي جيئن ڪرڻو هوندو تيئن تيندو. هاڻي تي قدرت تئي ائين جو پائرن چيو ته:

ويهه چنيسر سومرا، توکي پڳ جو پير ڏيون.

چنيسر چيو ته: گهڙي کن موڪل ڏيو ته بنگلي مان تي اچان ۽ ماءُ کان به پڇان.

خوشيءَ مان موڪل ڏيو، بنگلي ڪم آه.

اتي دودي هڪل ڪري چنيسر کي چيو ته:

ڪارو نير نراڙ ۾ توکي اُڌما ڏئي آڙاهه
پٺيهه تندون توکي سيني ۾، ساهين تيڏانهن ساهه
سَت پاڙيُون[1] سلطان کي بارين تيڏانهن بار
چار ئي ڪندون وڳ جون وارين تيڏهن وار
نه ته ويهه وِڳ جي شهر ۾ تيءُ ڪاريگر لوهار.

دودي طعنو هنيس پر چنيسر نه سَمڌو ۽ روانو تي ويو.

رکي ڳالهه دل ۾ مير هليو مَحلي
- هَلي ويو چانئٺ تي پنيان پير ڪيو ڏڪاءُ.

جو ته پائرن پير وجائي دودي کي پڳ بڌائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پڳ جو پير ڏنو. چنيسر موٽي آيو ته ڪنهن بڌي پڳ، ڪنهن جو ڪن سلام؟

چيائون ته دودي بڌي پڳ، دودل جو ڪن سلام
چيائين: شڪر ڪريان الله جو آئي اسان جي گهر ڏانه.

[1] ست پاڙيون = تون وڏي طاقت وارو آهين، جو تنهنجو سينو ست پاڙيون آهي.

چنيسر جي محلي ۾ بہ پئي خوشيون ٿيون تہ دودي جي محلي وارن بہ پئي خوشيون ڪيون. دودي جي ڏيءِ ساران، چنيسر جي وڏي پٽ محمد جي گھر هئي. پنهنجا پاڻ ۾ هئا. چنيسر وري موٽيو پنهنجي محلي ڏي تہ ڳاوڻ پئي ٿيا. چانئڻ تي بيهي رهيو. ٻانهين پئي جهاتيون وڌيون، ڏنائون تہ نلهو بيٺو آهي. ٻانهي موٽي آئي چنيسر جي زال ڏانهن، چيائين تہ: مائي مريم سومري! خوش نہ ٿي، پڳ دودي ٻڌي آهي.

موٽي آئي ٻانهي دائي در متاءُ
پڳ ٻَڌَئي دودي، سا دودي جي درٻار.

مريم هلي آئي سس وٽ ۽ چيائينس تہ:

چاچي! اڳ هيوسين ٻہ ڄڻيون، هاڻي ٽلي ٿيوسون ٿي
ڪيهہ ملڪ لاڙ جو انن تي آٽاءِ
ارٽ گھرائي ڏي ڳاڙهو، تنهن تي ڇَتُون چاڙهائي
پاءِ ڪَتيندئي پهر ۾، سير بہ سويرو.

اتي ماءُ مڙهِي کي وڃي خبر پئي. لٺ تي ڏُٻي ڏُٻي اُٿي تہ آءٌ وڃي پُٽ ڪان منهن سان خبر وٺان:

تہ نارنان گَڏِي نَر کي اچي مَنگِهہ گَڏِي ماءُ
پُٽ! تو کي دودي لوڙيو، ڪين لوڙئين پاڻ خداءُ؟

چنيسر ماءُ کي جواب ڏنو تہ امان:

نڪي ادي دودي لوڙيو، نڪي لوڙيس پاڻ خداءُ
پلي تہ مون سان پاءُ ڪئي، لاهي ڏنائين موچا پيرن جا
پر مون چيو ادي سومري کي پڇندس پنهنجي ماءُ.

اهو ٻڌي زال چيو تہ: منهنجي مڙس پڳ تہ پاڻ وڃائي آهي. سس کي چيائين تہ:

چاچي! منهنجي ڪانڌ کي اهڙا ويڻ نہ پاءُ
نت بولو وجهنيس نڪ ۾، متان ڇُني اوداءِ
مينديا ويڙهہ ملوڪ جا ڪنين نسبيون پاءِ
ڪُڇج پڇج ڪينڪي تو ڪان هوءِ پاڻهي اچي پڇندا
اچ وڳہ جي شهر ۾ ٿيندا انهيءَ جا گھوٽ گھڻا.

هڪڙي نہ ٻئي پرٺائي ڇڏيناسون، گهنگر لهي ويندو. ماءُ چيو تہ:

امان! پٽ منهنجو هڪڙو شينهن جهڙو
ماري شينهن مُڪن سان منهنجو چنيسر اهڙو
۽ سڙيو مران تي سور ۾، جو پڇي تو گهوٽ گهران!

وري ماءُ ٿي چنيسر کي چوي:

پُٽ! نيري گهوڙي وڪڻي، ڏڻ رڍن جو ڌار
ٻيلي ٻن ڪنڌين ۾ ڪَڪَڙ ڪي ڪُوڪار
لوهيڙو لڪڻ هٿ ۾ ڪري، گهڏڪي گهيٽا چار
ايندو ويندو چوندو تہ آهي دودي جو ڌرار
آءُ ٻہ ڪري ڇڏيئين ماهيڙو، دودي جي دربار.

چنيسر جي زال چيو تہ: ماني ڪارائي ڇڏيانس، پوءِ ڪيڏانهن وڃي تہ وڃي هليو.

اٿي مريم ڪٽ تان وڃي ٻَنگارو ڍاڪُون ڪنيو
مريم ماني آندي، آندئين ٻوڙ پلاه
اڃي منهنجا ڪانڌ هيءَ ماني مير ٻہ ڪاءُ
اي هي رسو ڪٽي هٿ ۾ هُن ٻَبر ڦاهو ڪاءُ.

اٿي چنيسر زال کي ورندي ڏني، سان ڪهڙي تہ:

ماني ڪِيندوسئين ڪينڪي، تنهنجن ڍاڪن وِھ ٻانيان
چاڙهيان عالادين ڪي ٻارڻ وڏا ٻاريان
ٻاءُ ٽنگائي ٻالن ۾ تنهن جو اڪيين رت ڏسان
ولهيون ڪريان سومريون دودو داڳايان
هاٽي وهان وڳہ شهر ۾ توکي مريم ڪريان ماءُ.

اٿي گهوڙو چوڙڻ ويو تہ گهوڙو بہ چڻ غم ۾ هو. تڏهن پڇيائينس تہ: ڪر گهوڙا خبر، توسان خير آهي؟ چئي:

چنيسر توکي چوان جي منهنجي دل ۾ رکين يار
دودي مٿي ڪان پوءِ تنهنجا وڻ ويري ٽيندا
راٺيون تنهنجيون سومريون رنڙيون ڪيم رلاءُ
پٽ تنهنجا نيڙا ڪونڌر ڪين ڪهاءِ.

چنيسر گهوڙي تي چڙهي هليو. اڳتي پنهنس محمد ٿو ملي:

پائي پير رڪيب ۾ گهوٽ چڙهيو گهوڙي
گهوڙو ڪاهيائين تڪڙو سرخو سنب هڻي
هلي آيو واٽ تي محمد مير مليو
لڙڪي پيس لغام ۾، جنهن ڪڙا ڪيس قابو
ڏاڏهينءَ جي مهڻن ڪان ماريس تنهنجيءَ ماءُ
چيم ماڻهين جي مهڻن ڪان وڃي پالن تنگايان پاءُ
ڏيندس دانهه دهليءَ کي تکو رکي تاءُ.

تڏهن محمد، پنهنجي بابي کي کهڙي ٿو ورندي ٻڌائي:

چو بابا چتو آهين، چاچو ڪير ڇڏي
اهو عالادين هڪڙو، اهڙا چاليهه چاڙهي آءُ
سر ڪريون چاچي تان صدقو، گهورون گهوٽ مٿاءُ.

چنيسر گهر کان نڪري ٻاهر ٿيو آهي تہ ٻانهيءَ جي مٿس نظر پئي آهي. ٻانهيءَ ڊوڙي وڃي دودي کي ٻڌايو، سا ڇا ٿي چوي:

ٻانهي ڊوڙي آئي تي ورنهه وينجهاري
ادا دودا سومرا، تنهنجو ڪاوڙيو پاءُ وڃي.

دودو ڊوڙي اچي چنيسر کي پهتو. چئي:

ادو تي ابو تي تنهنجي مريم پانيان ماءُ
ڏوئري ڏٿ پُسيءَ ۾ توکي پاڳي پايان پاءُ
ٻيلي ويهه هلي پوئتي تہ ڏيئين ننگر پرڻاءُ.

تڏهن چنيسر پاءُ کي مُنهان ورندي ٿو ڏئي تہ:

دڙڪو ڏنو اٿم ٿي هڪڙو، ڇڏي اٿئي سڱ پچار
ڏيندوسئين دڙڪو بيو ڇڏيندين پاڳ پچار.

دودي گهڻئي چيس پر نہ مڙيو ۽ چنيسر روانو ٿيو:

وجهي پير رڪيب ۾ گهوٽ چڙهيو گهوڙي
ڪاهيو آيو ٻيلي مان ميهر مُنهن پيو
ميهار ٻيلي يار! مونکي خان ڪير پيار
چئي: ڪير آهين، ڪيڏانهن وڃين، کهڙي ذات جوان؟

تڏهن چنيسر جواب ڏنو تہ: حجام آهيان دودن جو، وجان ٿو دليءَ جي شهر.
مهيار چيس تہ:

تو ڏاڙهيون ڪوڙيون آهن مهتن جون، توکي اٿر اهوئي آه
هرين هرين ڳالهہ ڪر متان وڃئي پاڪي بہ ڇڏائي.

هاڻي ميهار کي چنيسر ورندي ٿو ڏئي تہ: ميهار! ٻيلي مونکي ڳالهہ ٻڌائي نہ تہ وڏا ٿو ڳالهاءِ ڪريان. تڏهن ميهار چيو تہ:

اسم اٿئي الله جو مونکي ٻہر تي چڙهڻ ڏي
ٻہر تي چڙهان مون پنکي جا ور بہ ڏي
ميهار پاڻ ٻڌايو تہ شينهن شينهڻ پيو ڏسي
ڪاهي آيو شينهن تي شينهن ستو پيو آهي
ٻولائي وڙهان انهيءَ ٻلي سان، تہ ماڙهُون ڏين مزرو.

پوءِ هڪل ڪيائين تہ:

دُونِ تنهجي جهنگراڙ ٻلي جهڙي، ٻوٽ ٻلِيءَ جهڙو
ڪيهر شينهن گجي اٿيو پڇ کي نڪاءَ ڏياري
وڻ ٽڻ جيڪو وجهہ ۾ شينهن پاڙان پيو پَٽي
ٻَهڻ نہ پَٽ ٻَهٽيُون، ساوا ڪيم سُڪاءَ
مُڪ هنيائين هيڪڙي ڪدي ميچالو وڌائين.

---

رات وهامي ڏينهن ٿيو، اُپريو جي تارو
خوني خط خلل جو ڪچي در وڳ آيو
راڄ رُنيون سب سومريون، دودي ڪيو سعيو
پائر مڙي پيڙا ٿيو متان عالادين آيو
سوا لک سومرن جو مڙي ٿيو پيڙو
اسين تائب تنهجا، اسان کي راءِ ڏيين رشڪت [1]
قريون عالادين کان مڏيون مالا تَڪ
نہ تہ ڪُهون چنيسر مير کي هلي ڏيئي نڙيءَ لت!

---

[1] رشڪت = رخصت.

دوسو نالي سومري امير چيو ته: دودي کي ڀائرن سهڻي صلاح ڪانه ڏني، سو صلاح ڏنائين:

دوسو چئي دودي کي، تون ننگر ڇاڙهي منج
ته ڀيءُ پرچائي اڇي پنهنجو، چوان قادر جي ڪرمن
اتي ٻُڌندي سان ٻُتجي ويو، دودو ڳوڙها ٿو ڳاڙي
ادا! آهي ننگر منهنجو ننڍڙو، ٿو وٺيءَ ڪير پٺي
هوڏانهن لک لشڪر جا آهن هنباريءَ ڏاري
آءٌ ڇريءَ جو چيو ڪري وڃهان ننگر ماريائي!

ڀائرن چيو ته: جنهن ۾ جهجها راضي، الله به ان ۾ راضي.

دودي يان موڪليو، منهنجو ننگر نهاري آءٌ
ننگر پاڻ پنجاه سان ٿو ڏائيءَ راند ڪري
يان هلي آيو پر ۾ پيو ننگر سڏ ڪري
ته آءٌ ننگر سومرا، توکي ڇاچو ڪوٺائي
وير وهنجڻ ڇڏيو ٿو ڏائيءَ راند ڇني
ڪليو ڪري ڪپڙا پنهنجي يارن کي چوي:
ادا! پرتا آهيو رب کي، مون کي ٿو ڇاچو ڪوٺائي.

يار ٿا خط جون خبرون ننگر کان پڇن. ڪيئن ٿا يار خبرون پڇن ۽ ڪيئن ٿو يارن کي خبرون ٻڌائي:

وهنجندي ڇو بيهي رهيين، ڪهڙيون خبرون خط ڇون؟
چئي: ابي عالادين ڇاڙهيو، ڇڙهيا اڙد اڇن.

تڏهن چيائونس ته:

اهو عالادين هڪڙو، اهڙا ڇاليهه ڇڙهي اچن
سين سِر مٿائين ڪريون صدقو، جيئن گهورون گهوٽ پون.

وريو ننگر کي يار ٿا چون:

ترس تکڙ ڪر ڪانه ڪا، اسان کي وار سڪائڻ ڏي
چئي: ادا! وار سڪائجو وات ٿي متان عالادين اچي
وار سڪائيندي آئيو، ڪيائين ڇاچي جو سلام

وڃــان تــو ميــڙ ابــل ڏي، مــن پيــر ڪــري پرچــاءُ
جيئرو اڇان وڳهہ ڪوٽ ۾ تہ مڙس ڏيئين سومرو.

ننگر جا اهي ويڻ ٻڌي، ٻاگهي ڪيس پاراتو ڏنو تہ:

ڏيءُ پونــگر راوَ جــي مــائيءَ ٻــاگهيءَ ڳالهــايو
وڃيـن تـو مـُـنهن مغلـن جـي، شـل جيئـرو نــہ اچيـن
وڃيـن مـُـنهن تـرارن جـي، اکيـن سـان ڪيـن ڏسـين
سـر ٻـہ تنهنجـو صنـدوق ۾، ڪهنبـن منجهـہ ڪچـي.

ٻاگهي ائين چيو مس تہ محلات ڏڪڻ لڳو. تڏهن ننگر، دودي کي چيو تہ: چاچا! پاراتو اگهي ويو. محلات جي لُڏڻ تي سونل پنهنجي ٻانهي کي چيو تہ: ٻانهي، ڏسي اچ تہ هي گهوڙ گهمسان ڇا جو آهي، متان عالادين اچي ويو!

دڙ ٻڙ دوئنس درياهہ جي، ڏس ٻانهي! ڪهڙو وريو واءُ
تنـپ توٽيـون تڙڪـڻ لڳــا، پٽــن ۾ واڪــا
هنـدورو هيبـت نــہ جهلـي، ڪـٽ پئـي لـوڏا ڪـائي
ٻــانهي! ٻــاهر نڪــري ڏس متــان عــالادين آ؟

---

سـا ٻـانهي ٻـاهر نڪريـو، ڪلـي ڪيـر مـُـنهان
نڪـو عـالادين بادشـاه، تنهنجـو ڪيـڙو خيـر خـدا
سـونا ڪنگـڻ ٻـانهنَ ۾ ڪنـن ۾ لـُـڙڪا
ثـابت آهـي سـومرو، مـائي سـونل ور تنهنجـو.

ٻانهي، سونل سان حقيقت ڪئي، تنهن تي سونل اُٿي، ۽ ننگر کي چوڻ لڳي تہ:

وڃ جيئـن ولِـــي اُٿـي، ڪـري نـاز نينـگر
ڪـانئي تـي ڪنوٽيـن وانگـي، سـا ڏيءَ دودي دختـر
سونل جنهـن جـو نـالو، سـا سرتين جـو سـِينگرَ
چنـڊ سـج ڪـان سـهٽي آهـي حـورن بروبـر.

---

سـوُٽ ننـگر! توکـي ڳالهـہ چـوان، دل لائيـن دانـاءُ
سـڪر ٻکـر روهـڙي، هوڏانهـن سـنڌ ڪنـدءِ سـلام

تَنبي ترارون تون هٽين، وڃين عالادين اڳيان
وڄ واڳ طنبوءَ جي، پٽ وڃي ڪج وير وڏاءُ.

ننگر جي پيڻ کي خبر پئي، اُها ننگر کي تي چوي:

منا رت ابل جا، ادل اوري آءُ
آءُ ادل سومرا، توکي 'سنڌ ٻائي' سڏ ڪري
مريد آهيون محي الدين جا، پنهنجي مهڙ رکندو الله
مارج پڙ سالار کي، اسان جي هينئري نار نرن.

ماءُ پيڻ کان موڪلائي، ننگر پنهنجي چاچي دودي سان ڪهڙي خبر ٿو ڪري:

چاچا! اَبي شهر وڳ مان، وئي چوڏهون ورهه چون
اَبو چڏي ويو تنجڻن ۾، مونکي نپايو مريم ماءُ
سانير ٻاروتڻ جي، مونکي خبر توري چار
سونهون ڪدي ڏي سردار، جو هلي پيءُ سڃاٽي ڏي.

تڏهن دودي چيس ته:

ڪارو طَنبو پڻهين سندو، سائو چنيسر ويس
سائو پالو هٿ ۾، نيرو گهوڙو هيٺ
پيچ سڃاڻجئيس پاڳ جو، ميناڪاري پير
چئي: چاچا ميناڪاري مولهيا، اُتي لکين لک ٻڌن
سُونهون ڪدي ڏي سردار، جو هلي پيءُ سڃاٽي ڏي.

دودي، ننگر کي 'ٻهرو منگتو' سونهون ڪري ڏنو:

دودي سڏايو منگتو تون 'ٻهرا' اوري آءُ
ٻهروِ هلي آئيو، دودي جي مهندان
اِهي مهلون مردن تي، سي مرد ٻه مَهلون ڪن
گڏجي وڃ ننگر سان، پيءُ سڃاٽي ڏي.

ٻَهرو منگتو، دودي کي چوي ٿو:

ويندس رهندس ڪينڪي، منهنجو اول ڪم اِهو
پائي پاند ڳچيءَ ۾، وڃي چنيسر کي چُوندس
وڏا وس ڪندوسينسِ من منٿ مڃي منهنجي.

نہ مڃئين تہ پوءِ ننگر کي سونهون ڪندس. اتي ننگر دودي کي ٿو چوي:

چاچا! هڪڙا سور انهن کي، جن جا ويڙا ڪونہ ورن
ٻيو سور اُنهن کي، جن جا چانگن مان ڇڇن
ٽيون سور اُنهن کي، جن مان موڙن منجهہ مَرن
چوٿون سور اُنهن کي، جن جا ڪونڌر ٿا بہ ڪُسن
پنجون سور اُنهن کي، جن آڏيل ڇَنا ڍَهن
ڇهون سور اُنهن کي، جن جون ڇڙهليون ڏيڳون لهن
ستون سور اُنهن کي، جن جا ڳاڙها ڌُهل ٻيهن
اٺون سور اُنهن کي، جن جا ٻذل اکيا ڇُڙن
نائون سور اُنهن کي، جيڪي اُميدون ٻہ رکن
ڏهون سور اُنهن کي، جيڪي ڪارا ويس ڪري وڃن.

دودو، ننگر کي ڏڍ ٿو ڏئي:

دودو تنهن ننگر لاءِ ٿو بنگلا بنائي
دَر دِڪا سونَ جا، تن جَنهور جڙائي
گلم غاليچن سان ٿو ڪٿون وڇائي
شيشا حوض گلاب جا عطر ڇٽڪاري
پٽ! سک ماڻيندين سومرِي، ڏيندوسئين مَنَهَن موڪلائي.

اتي ننگر چيو دودي کي تہ:

چاچا! هڪڙو سور اَبل جو، جيڪو ڪَلها ڇڏي ويو ٻار
ٻيو سور راڻين جو، جيڪي رُلي ويندين ڏار
ٽيون سور وڳهہ ڪوٽ جو، سڄو ٿيندو شهر
چوٿون سور اتم تنهنجو، وڃي هڪڙو رهندين يار
محمد منهنجي ياءُ ڏي، اوني مُنججئين يار
لڳيءُ ويل همراه ٿئي، محمد مون سان ياءُ.

دودي جو پٽ پونگر، تنهن کي پوءِ خبر پئي تہ دودو، ننگر کي ٻيءُ جي پرچاءُ لاءِ ٿو مُنجي. سو ٻيءُ کان ٿو خبر پڇي:

بابا! دوهي اتئي الله جي، منهنجو سوٽ مُنجئي ڪاڏي؟
چئي: وڃي ٿو ميڙ ابل ڏي، اڇي ٻيءُ کي پرچائي

بابا! منجهئين تو مُنهن مغلن جي، اُتان جيئرو ڪي نہ اچي
هڏ ڏوڪي ساٽس ڪونڪو، لڳڙي ويل لُٽي
گڏجي مرون گدار ۾، سوٽ بہ سوئٽن متي.

تڏهن دودي چيو تہ: تو ڪي منع ناهي. اتي ننگر، دودي کي موڪلائڻ لڳو:

ويجهو ياڪر دودي کي ڪيهر ڪر موڙي
چاچا! جيڪي هوندا جيئرا، ايندا باتي پير پري
جيجل جوڳياڻي جڳ ۾، تنهن کي دلاسو ڏجئين يار
پارت اتئي وِلهيءَ جي، جنهن جو وارث ڪونہ وري.

ننگر، ماءُ جي پارت ڪري، پنجاه يارن سان تيار ٿئي ٿو، پر ڪهڙي طرح:

گهوڙو يار ننگر جو ننهن پر بينو نچي
گهوڙو يار پونگر جو هرڻ حيران ونی
تازي جنهن جا 'توز[1]' پرينا، وجن واءَ گڏيا
ستاويهہ ڪوهہ وڳهہ ڪان، چڙهن پنڌ پري.

ستاويهہ ڪري مهراڻي ملڪ تي لٿا ۽ اُتان دودو موڪلائي واپس وڳهہ ڪوٽ روانو ٿيو. هڪڙو خاطي، چنيسر جو خط ڪٺي دودي ڏانهن وڳهہ ڪوٽ پئي ويو. ننگر انهي قاصد کي پڪڙي خط پڙهي ڦاڙي ڇڏيو، ۽ پيءُ ڏانهن پيغام ڏياري موڪيائين:

مرد مُهراڻي وچ ۾ بينو طنبو ڪوڙائي
ننگر پنهنجي يارن سان، بينو ڳالهيون ڳالهائي
ننگر چيو يارن کي، پانيان تو رهبر پڳو وڃي
اُتيا يار ننگر جا، آيا رهبر کي پڪڙي
سَل سچي ڪر منگتا، تو ڪنهن جا خط ڪنيا؟
چئي: خط چنيسر مير جا، در دودي وينيدا
خط ڏي اسان کي، تنهنجا خط هتي پڙهبا
چئي: خط ڏيندس ڪينڪي، منهنجو اُجورو پجي
تڏهن ڪدي ڪٺارِي بيٺ مان ڏنائين خاطيءَ کي

---

[1] توز = تڪا.

خاطي گهڻو خوش ٿيو، ڪوليو بـَدوڪا ڏئي
چينـِيـُون چـَمنـِيـُون ڇم جون ساريو سڀ ڏئي
پڙهيو پروانا پـيءُ جا، ڦاڙيو خط ڇڏي
وڃ خاطي ڏينهن اٿئي، متان داڳيئين نہ دليءَ ڪي.

اِتي قاصد هٿ ٻڌي ننگر کي چيو تہ: قاصد جا ڪـَن ڪپڻ مناسب نہ آهي، هو خط لکندا تہ اوهان کي ڏينداسين، جي اوهان لکندؤ تہ هنن کي ڏينداسين. ننگر چيو تہ: منهنجو خط چنيسر کي ڏج، پڙ عالادين اڳيان، جيئن يلي اُهو بہ ڏسي:

پـٽ لکـي تـو پـيءُ ڏي، پانـَهه پروانـا
خاطي' چنيسر مير کي، منهنجا جوان پرج جانـا
پـر هلـي وڃـي عالادين اڳيـان، جـوان پـرج جانـا
پـٽ اڃـي تـو پرچـاءُ تـي، ٻانهن ٻڌيـو ڳانـا
سمجهـ رکـج دل ۾، ڇـڏ طـرح جـا تانـا.

هاڻي خط ڪنيو، ڪهڙيءَ طرح اُڙدن ۾ تو اچي:

خـاطي خـط انـائيو، هلـي اُڙدن منجهـ آيـو
خاطي خـط اُچلـي وڌو، پيـو چنيسـر جـي مهنـدا
پڙهيـو پروانـا پـٽ جـا، پيـو گـوڏي هيـٺ رکـي
اتـي عـالادين بادشـاه، ڳهلـي ڳالهـائيو
سُـل سچي ڪـر سومرا، تـو وٽ ڪنهن جـو خـط آيـو
چئي: قبلا! توکي ڳالهہ چوان، منهنجي دل لاٿين داناهہ
تـہ ادي دودي سـومري پنهنجـو قـدر ڪونـہ سـڃاتو
نڪـو ڇـاڙهيئين بادشـاه، نڪـو ڇـاڙهيئين اُمـراءُ
پـر تـو ۽ منهنجي پرچـاءُ جـو، پيـٽ مـُنجئين دايـو.

عالادين کي اِنهيءَ ڳالهہ تي ڪاوڙ آئي، سو چنيسر کي چيائين تہ دايو داڳائي اچ. چنيسر چيو تہ: دودن جا دايا آهن، جيڪو لشڪر موڪلبو، سو هو رڳو مکن سان ئي ماري ڏيندو.

پنـج سؤ لشـڪر جـا ونـي، وڃـي دايـو داڳـائي آ
چئي: پنج سؤ لشـڪر جـا ڇڏي مـُکن سـان مـاري
تـڏهن ڏهـ سـؤ لشـڪر جـا ونـي وڃـي دايـو داڳـائي آ

چنئي: ڏهہ سؤ لشڪر جا چڏي چنبن سان ماري
اهي ڏهہ سؤ لشڪر تنهنجي جا، ويا تان نہ ورن
اسين دايو چئون انهن کي، جيڪو گڏجي تڄ پئي
دايو داڳي ڪونڪو، دايو گهٽن کي داڳي
ڏينڊءِ داڳ دليءَ کي، وڃي ڪٽنڊين دليءَ ساهہ.

تڏهن عالادين چيو تہ: جيڪڏهن رڳو دايا اهڙا آهن تہ پوءِ دودن سان پڇڻ پيٽي منهنجي ٻہ ڪانهي. ائين چئي گهوڙن جون اڳياڙيون دليءَ ڏانهن ۽ پڇاڙيون وڳهہ ڏانهن ڪيائين. مُهڙ متي هڪل ٿئي تہ هليا وڃون. ننگر ٻئي جمعا ويهي رهيو تہ من بابي جو ڪو خاطي اچي. خط ڪونہ آيو تڏهن ننگر چيو تہ: ٻيلي اڳيرو هلي ڏسون.

رات وهامي ڏينهن ٿيو، ٻانگي ٻولايو
اجان هليو اچي اڳتي، پُرس پنجاه سان جوان
هڪڙي ميزل واٽ تي، "گنگڙي تر" لٿو
ٻي ميزل سر ميزل ڪري، "ويرا واه" لٿو
ٽي جا ميزل واٽ تي، "وڏيءَ ڍنڊ" لٿو
چوٿيءَ خان "بڪار" ۾ دوست وڌو ديرو.

بڪار جو شهر سرحد تي هو. اورئين پاسي دودا هئا ۽ پرئين پاسي عالادين جي حڪومت هئي. عالادين جا پنج سؤ پناڻ جمعي تي ايندا هئا ۽ بڪار جي شهر ۾ ڍَر ڪري ويندا هئا. بڪار جي ماڻهن چيو تہ خيري بادشاه ڏينهن جو اچي لٿو آهي، دانهن ڏيون تہ پاڻ تان ڍر معاف ٿئي. ننگر کي دانهن ڏنائون. جنهن چيو تہ: پنجاه يارن جو وڃي پهرو ڏي، ٻلي پنج سؤ لشڪر هليو اچي. يارن چيو: پنجويهہ پهرو ڏين ۽ پنجويهہ هليا وڃن.

ننگر چوڻڪيون موڪليون، ويرا واه وينيون
هو تا اچن هيڏانهن تن کي آڏا هاڻ ڍرو
السلام عليڪم سپرين، وعليڪم السلام
ڪير آهيو ڪيڏانهن وڃو، ڪهڙي ذات جوان؟
چنئي: ڪٽڪ عالادين جو ڍرڻ بڪار وڃون
چنئي: هتان نر نبري پوءِ ڍريو بڪار

ننگر ٿو صوبي کي خبرون ٻڌائي تہ:

دودو آهيان ڪينڪي، آهيان دودي جو دانا
دودو شهر وڳهہ ۾، منهنجو خان چڙهيو ٿئي ڪٿ
دودي جي دربار مهندان، آلا ڪاٺ ٻرن
پڇنس پانچيڙن ۾، جنهن جو قيمو ٿئي ڪباب
اول ٿولهہ ڪَرائي، جنهن ٿئي ڇاتي ڇَپر ڪٺ
مَڙد اٿئي مُني جيڏو، مٿو جنهن جو مٺ
آن جا مُنهن ڏني مطلب ٿيندا، هلي يار ڏسو.

تڏهن اِنهيءَ صوبي، ننگر کي چيو تہ: مون ۾ طاقت ڪانهي. آءٌ ڪانير ڪانير جو پٽ آهيان. مون کان اڳي "عظيم صوبو" وينو آهي، اُهو تنهنجو سلام جهليندو. ننگر ويو عظيم صوبي وٽ:

اُرهاتي اُڙدن مان ڪيائين 'عظيم' جو سلام
طاقت ٿيڙس ڪانڪا، وني ننگر جو سلام
ننڍي وڏي وائي وات ۾، 'دودو دودو' ڪن
ماٺ ڪريو مڙي وجي، آهي دودو پاڻ جوان.

ننگر چيو تہ اِنهيءَ صوبي کي بہ خبرون ٻڌايان، تڏهن چيائين:

دودو آهيان ڪينڪي، آهيان دودي جو دانا
دودو چڙهندو جنگ تي، تڏهن وڻ ڇڏيندا واءُ
مرون جهنگ ڦٽو ڪندا، ٻيلي لڳندي ٻاه
مَيو چڙهي موجون ڪندو، ڏٻجي ويندا درياهہ
نديون جر ڇڏي وينديون، مڇيون ڇڏينديون ماهہ
دودو چڙهندو جنگ تي، تنهنجو ڏيميون ڇڏينديون ساه.

تڏهن اِنهيءَ صوبي چيو تہ: مون ۾ طاقت ڪانهي سلام جهلڻ جي. مون کان اڳي 'تمر صوبو' وينو آهي، جيڪو سَت ڳڙهيون ٿو ڪائي. پڇا ڪيائين: ڪهڙا ڳڙهہ ٿو ڪائي؟ عظيم صوبي جواب ڏنو تہ:

ڳڙهہ 'پالهي' ڳڙه 'جوڌپور'پهريون ڳڙهہ تمر
ٻيو تہ ڳڙهہ تمر کي آرياٽي اجمير
ٽيو ڳڙهہ تمر کي ست صوبو سلطان

چوٿون ڳڙهه تمر کي ’ڪائو پير‘ چون
پنجون ڳڙهه تمر کي سونا پيا روپا
ڇهون ڳڙهه تمر کي، ڳلهڻ وارو واءُ
ستون ڳڙهه تمر کي، چاڙهي نو سوءُ هرلا نار.

ايترا مُلڪ تو کائي، تڏهن به ڏيي ڏاڪر جي پورائي ڪانه ٿي ٿئيس. ننگر، تمر وٽ ويو.

اُرهاتي اُڙدن مان، ڪيو تمر جو سلام
چئي: تو جيڏا تو سرتا، مون ڪُنا ڪونڌر جوان
آءُ آرس مرندي نه اُٿان، توڙي چڙهي اچي سالار.

تمر چيو ته: عالادي جو پٽ سالار اچي ته به آءُ ان جو سلام نه جهليان! تنهنجو ڪيئن جهليان. ننگر کي انهيءَ تي ڪاوڙ آئي، سو چيائينس:

سٽيئين شاه ڪِلن سان، ڪوڙايائين ڪاڏو
بانوَر ڪيو اٿئي بچڙو، تنهنجو لهي واءُ ويندو
جنهن جو تڪبر ڪرين، تنهن جا تورا ڏينهن ٿيندءِ
سياٽي يار ننگر جا، منهنجا ڳوڏا ٻڌندءِ ڳاهه
اٿين چوندي مارينديوسئين، جيئن ڪنگ چُوندي ڪُرڙي.

تالا تمر وزير اهي گفتا ٻڌي، مٿان ٿي ڪري پيو. بانڀهڻ، ننگر کي چيو ته: ’نامي نظر بيگ‘ جو سلام ڪر. نامي نظر بيگ پرپٽ دودي جي ياري مڃي هئي، ننگر وٽس وڃي سلام ڪيو.

اُرهاتي اُڙدن مان ڪيئين نظر بيگ جو به سلام
بسم الله ڪري ورتئين ننگر جو سلام
ڪير آهين، ڪيڏانهن وڃين، ڪهڙي ذات جوان؟
چئي: چاچا! سائو آهيان سومرو، سوڍو صوبيدار
پٽ چنيسر پڌرو، پائيٽيو دودل راءُ
سڌ پڌ آهيان سومرو، ننگر منهنجو نانءُ
چئي: پيچ سجاتو اٿم تنهنجي پڳ جو، ميناڪاري پير.

ڏسيو يار ننگر کي، هي اڪيون تو پوري
خان ستو تسي ڪٽ تي ڏکها پير ڪري
سُتو هٽي تو گهوگهرا، ڇڻ ڪالهه ستو آهي
پايو پاند ڳچيءَ ۾ ننگر پيءُ کي پيرن پئي
ابا! نالي نام ڏٽيءَ جي مونکي ڇڏج نه موٽائي
پيو اٿئي نام الله جو، آيس وڏي ميڙ ڪري
ابا! ماڻهو پٽ گهرن الله کان، توکي ترس نٿو پوي
پر مُنو مجي ڪينڪي، اُڇليو ٻانهن ڇڏي.

—

پائي پاند ڳچيءَ ۾ ننگر ٻيهر پيرين پيو
ڏاڏي ڏاڏو ڪونه ڄمندو، تو کي ياءُ ڄڻي ڏيندا
دودي مئي کان پوءِ تنهنجا وڻ ويري ٿيندا
اسين مئاسين گهوريا، اسان جو چاچو ڪين مري
اسان جهڙا پٽڙا توکي شاه ٻيا ڏيندو
اسان مُئي کان پوءِ، شٽ يائر پرچاءُ ڪندا؟

چنيسر ٿوري خبر ٿو وٺي ننگر کان:

پٽ! توکي چاچي موڪليو ڪهڙي ڳالهه ڳٺي؟
چئي: چاچي مون کي موڪليو وڏي ميڙ ڪري
ته پيءُ پرچائج پنهنجو، اچي اُميدون ڏسي.

تنهن تي چنيسر چيس ته:

ڪريل ڪاري موڪليس، تون ڪريل جو وياءُ
چئي: چاچو ڪريل ڪنيڪي، ڪريل تون ابا!
تڏهن لوهيڙو لڪڻ هٿ ۾ ڪري آيو ننگر تي اُلري
بينا يار ننگر جا، ويس اوڏيءَ ويل چڙهي.

تڏهن ننگر پنهنجن يارن کي چيو: .

نالو اٿانوَ الله جو، منهنجي اَبي کي ڏڪ نه هڻو
چنيسر پرتو ڪينڪي، مون سان رُڪ نه ٿيو راضي

پيءُ کهائي کير، هرکو دل ۾ کري قاضي
مهندان ڏينهن محشر جي، منهنجي کنڌ تي آهي کاتي

يارن چنيسر کي ڇڏيو، تڏهن پٽکو ڪٽي اٿيو ۽ ننگر کي چيائين ته:

پٽ! ياءُ کيون هيون بچڙيون، مون سان سروسر ساري
'سنڌراڻي' سروسر مون سان، ويتر ويڙ کيا
ڏاڏهين جي ويٺن کان، ماريس تنهنجيءَ ماءُ
ماڙهين جي مهڻن کان پالي تنگايان پاءُ
نکتس شهر وڳهه مان سپ لاڳاپا لاهي
ترسندي آيس واٽ تي من ادل ميڙ مُنجي
ميڙ مُنجائين کانه کا، کيو هو راڄ رياءُ
لتس وجي بيلي ۾ ميهر جي مهندان
ماريم شينهن شينهڻ کي، تڏهن مينهڻ گاه چنا
ماريم آدمخورکي جنهن رستا هئا روکيا
ماري آدمخور کي مون روان کيا رستا
اُٺ ماريم راوَ جو جنهن جا عالم کير پيتا
ماريم راکاس رات جو گهوٽ وڃائي گهاءَ
هاٿي ماريم راوَ جو ککو کست منجهان
نوَ مٿو نير پيرن ۾، جنهن جي کڙيءَ کيو کڙلا
ڏنم کُلهو گهنڊ کي کُليا دلي دروازا
ڏئي کلها گهنڊ کي مون کڍيو لاڙ منجهان
هٿ چوڏهن ورهه ڇکاسون کري مونکي لهي سچ ويا
ادو دودو سومرو مون کي وساري وينو
هاٿي قري قلب کارو ٿيو، مٿجي مست ابا
هاٿي منهنجي پڳ مون کي ڏيو، سگ ڏيو سلطان
ته سيي پسان تو سومرا، آن کيو هو راڄ رياءُ.

اها ڳالهه ٻڌي ننگر ماٺ ۾ رهيو، اٿين ڏسي چنيسر خيال کيو ته متان منهنجو تي پوي، سو چيائينس ته:

پٽ! قري تي پيءُ جو، توکي چاچو کم نه اچي
جيکو وني آئين پاڻ سان، توکي جهٽ مارائي ڏيان

چٺي: ابا قِران تہ قُرجي وجان، تنهن ڪان ويندس ماڳ مري
آءٌ قِـرندس فوجن وچ ۾، جت ڪندس ڏونڊين جا ڍير
اڄ شـهر وڳهـ ڏي منهنجـو مـري ميـت وجـي.

اِتي پونگر چيو ننگر کي تہ: تو پٺي ڳالهايو. هاٺي چاچي کي جواب آءٌ تو ڏيان.

چـاچي پنهنجـي چـاڳلي کـي پونـگر خـان چـوي:
چاچـا! پـارنهن شـهر بنگـار جـا، کـٿ هلـي کـاءُ
چارئي ڪندون اٿئي وڳهہ جون، توکي چوٿين ڏني پاءُ
سمان اچي سپ سومرا تـو وٽ ڪؤنر ڪچهريون ڪندا
بـاقي بـاگهي مورئـون نـہ ڏيئيـن، بـاگهي مـون پـائي
پڳ پيڙهي سندي ڪانہ ملندءِ، هلي وهـان راڄ وسـائي.

اٿين چٺي بئي سوٽ ڪاوڙجي هليا. چنيسر چين تہ: ڪاوڙجي نہ وڃو، سياٺي جمعو آهي، جامع مسجد ۾ پرچاءُ ڪنداسين. ننگر ۽ پونگر، پنجاهہ يار طنبن ۾ چڙي پاڻ گهوڙن تي چڙهي نظر بيگ وٽ آيا. عالادين جو پٽ سالار هنياري تي وينو هو، تنهن هنن کي دڙڪو ڏنو:

ڪيـر ڪـُڏايو گهوڙا، اوهيـن چـوريءَ هٺـو تـا ڪـان
چٺي: يلي ڪـُڏايون گهوڙا، اسين جيءُ هٺون تا ڪان
هنباري تي تـو هـل ڪرين، جي تـون هيٺ لهين سالار
مـاٺهو ڏسـن مـُـزرو، سـنڌ وڏا پـَـڪوانَ.

ننگر ۽ پونـگر، عـالادين جـو پڄائي وڃـي مسـيت ۾ نڪتـا. عـالادين نماز تـي پڙهي، اتي ننگر سندس سلام ڪيو.

اُرهـاڻي اُڙدن مـان، ڪيئيـن ڪبـي هـَـتُ سـلام
ڪيـر آهيـن، ڪـاڏي وڃيـن، ڪـرين ڪبي سـاڻ سـلام؟
چٺـي: سـائو آهيـان سـومرو، آءٌ وڳهـ جـو وريـام
پـٽ چنيسـر ميـر جـو آهيـان پـائٺيو دودي راءِ
سـائو آهيـان سـومرو، آهـي ننـگر منهنجـو نـام
رکنـدءِ تـاب تـرار جـو، اجـان محمـد منهنجـو پـاءُ
آءٌ سڄي هٿ سلام ڪريان تن جو، جن جو مديني ۾ مـُقام
تـو جهـڙن ترڪـن کـي ڪنديـون تـرارون سـلام.

اها ڳالهہ ٻڌي عالادين حيران ٿي ويو. ويچاريائين تہ چنيسر چيو هو تہ آءٌ پرٽيل ڪونہ آهيان، هي ننگر ۽ محمد بہ پٽ ڪٽان آيا! عالادين، چنيسر کي سڏايو ۽ کيس چيائين:

عالادين سڏائيو، تون چڙهي چنيسر آءُ
چڙهي چنيسر آئيو، عالادين اڳيانءُ
رُڪ چنيسر لعنتي تو رُليا! رب ڪيا
ڪري مهَ[1] منگتن جا، تو دودا ديم هنيا
هاٿي تنهنجا منهنجا ماريا، سي پرتا پيرن کي
آئين يائر ٻڌي مرو پاڻ ۾، منهنجو واهي الله.

چنيسر ڪوڙ گهڙي ٻڌايو تہ:

ديميون ڏسي اچي دَهليو، چوڪر سُڪو اٿئي ساه
اُج مرندي آئيو، پچائيندي منهنجو ناءُ
پُٽ سڏايان چنيسر جو متان مارائي نہ بادشاه.

---

ڪونڌر ڪنڌ ڪٽي نر ننگر ڳالهايو
تہ رُڪ چنيسر لعنتي، واتون ڪين وجاءِ
هي جي چايون سومريون، تن کي اهڙا ويڻ نہ پاءِ
تون صحي هجين ها سومرو تہ سگ نہ آچين ها
تو هت لڄايا سومرا، ٻي لوهر لڄائي ماءُ
تو کي عقل اگارن جو، ٻيو سيڪ سنداڻن ساءُ
تو پُرس ڪرايو پدرو عالادين اڳيانءُ
توکي چَس ڏني آ سِراڻ تنهنجا لوهار ناناڻا.

ننگر جي انهي جواب تي چنيسر، عالادين کي چيو تہ: هيءُ پٽ برابر منهنجو آهي، پر هاٿي ٻاگهيءَ جو سگ گهرينس. هن مڃيو تہ دودو رد نہ ڪندو. تڏهن عالادين ننگر کي چيو:

يائر پرچو پاڻ ۾ آئين ٻاگهي ڏيو مون
آءٌ سيئي پهرايان سومرا، ڏيان دهلي سندي پون.

---

[1] مهَ = بهانو.

ننگر وراڻيو تہ:

تون ترڪ، اسين بادشاه، اهڙا ويڻ مَ پاءِ
چرئي چنيسر چَئي لڳي، تو ڪٿ ڪ چو ڪنيا
تو سوءِ ڪا ڏنا هئا سومرا، لاهي پڳ ڏيندا
هاٿي پڳ ترارن وچ ۾، جو ڪٽندو سو ڪائي
ٻاگهي مُورهون نہ ڏيئين، ٻاگهي مون مائي
تون ڪڍ نہ عالادين بادشاه اها وات منجهان وائي.

چنيسر عالادين کي چيو تہ: ڇوڪرو ڊنو بينو آهي. سڱ گهرينس ٻہ. هڪ پنهنجي لاءِ ۽ هڪ پٽ لاءِ، تڏهن عالادين نينگر کي چيو:

اوهين ٻائر پرچو پاڻ ۾، ٻاگهي ڏيو مون
هڪڙو سڱ مونکي ڏيو، ٻيو سڱ ڏيو سالار
تہ آءٌ سيئي ڀهرايان سومرا، ۽ دلي ڏيان پُون.

ننگر جواب ڏنس تہ:

مون ٻانيو تون بادشاه، تو ۾ عقل ذري جو ناهہ
تون سالو، دودو ڀيٽيجو، اهڙا جوڙ جڳاءِ
دادلي آندي هوندءِ دلي مؤن، ٻونگر کي پرڻاءِ
آءٌ هلي آيو آهيان تو وٽ، ڪٿي مونکي موڙ ٻڌاءِ
ماسي چاچي مامي هُونئي، مونهنجو پنجاه ڇَٽو پرڻاءِ
پوڙهي سوڙهي ڪاڪي هُونئي، منهنجي ٻَهري کي پرڻاءِ
آءٌ ڊڃان تو در مسيت جي، نہ تہ قري تخت ونئين
آءٌ ٻاٽاري مَت نہ ٻانئيان، جيڪر ڏئين سڳي ماءُ.

اتي عالادين کي ڪاوڙ آئي، سو ننگر تي ٿو بچ ڪرائي:

ڪَوُنر ڪچهريءَ وچ ۾، مونکي ڇوڪر چاتو ڇئي
آهي ڪو مڙس ماڻهو، وني ننگر کي
ڇئي مرد ڏسان تو ڪونڪو، مونکي آڏو ڪير اچي
اتي وٽ تي ننگر تي، جيئن مڪڙ روه وريا
ڏئي چابڪ چيلهہ کي، ڪيئن نِيري کي نروار

اُڙدن ڳنڍيي پاڻ ۾، وري طنبن اچي لٿو
يار! ٿيو نه ويسلا، ڪريو جنگ جو سعيو.

ننگر پنهنجن يارن کي جنگ لاءِ تيار ٿو ڪري:

پري ڏنگ دارونءَ جا ڏنا هٿا ڪلان
وَٺي ننگر جي هٿ ۾، ٿو ورچون يار ڪري
وٺي ننگر جي هٿ مان پيئندا پاڻ اچن
نر نشي نروار ڪيا ٿا 'ايلي ايلي' ڪن
'ايلي' جن جي من ۾ ٿا ياعلي يار رکن
ات يارن چيو ننگر کي، جوڙ جنگيون ڳنڍ يار
چئي: ائين وڙهان مهٺو لڳي، منهنجا ڪچا قرب چون
اوليا ءِ امرائن سان ٿا چوريءَ چور وڙهن
آءٌ ٽپي پوان چورنگ ۾، پلي دودي ڳالهيون ڪن.

ننگر پهرين جنگ ڏني مهندل وزير سان:

چڙهي آءٌ تون سنڌ تي، تون مهندل مُلڪ وزير
چڙهي آيو سنڌ تي ستن لکن ساڻ
سنيالي حضرت شاه کي، پهرينءَ ٿيو نروار
ڪاهجي پيو اُڙدن ۾، جيئن ڪارو ککر گڙيو
مردن منجهان شينهن جيئن ٿا ٿهري ڪانء وسن
بجلي چمڪي اُپ ۾، تيئن تان ترارون ڪن
مغل ڦريو ماندا ٿيو، پيا پاٽي پاٽي ڪن
پاٽي ملين ڪونڪو، مغل ماندا ٿيو مرن
سَتيندي اُڙدن مان، وجي مهندل کي پهتو
سنيالي حضرت شاه کي ڏور بڌئين پالو
سنيالي حضرت شاه کي اُجلي هنيائين پالو
ڪلنگي سان ڪري پيو، جنهن جي ڇڄهري ڪيو ڇٽڪو
ڪاٽيو سِسي مهندل جي، اچي سوني ٿالهه ڪَنيو
ٿي ڏينهن پڙ واندو ڪري، ست لک ڇڏيئين لاهي
اچي لٿو طنبن ۾ پنهنجا يارهن مارائي يار.

ٻي جنگ ڏنائين عظيم مَلڪ وزير سان:

چڙهي آءُ تون سنڌ تي، عظيم مَلڪ وزير
چڙهي آيو سنڌ تي نَون لکن ساڻ
سنياري حضرت شاه کي ننگر پيهر تيو نروار
ڪَاهجي پيو اُڙدن ۾، تيو مرد وجهي مارو
اُپ رَئي سان لٿيو، ناهي سج سماءُ
جنگ لڳي جانگاه تيو، مانجهي ڪين مُڙن
وڏ ڦڙو واڪا ڪري، تيئن ڪَڙڪا ڪانَ ڪن
سيون سلطانن جون تيون ڪلر منجهه ڪرن
ڏڙ جني جا ڏوڙ ۾، تا لوهُو ۾ لُڙهن
ستيندي اُڙدن مان وجي عظيم کي پهتو
سنيالي حضرت شاه کي، ڏور ٻڌئين پالو
سنيالي حضرت شاه کي اچلي هنيئين پالو
ڪلنگي ساڻ ڪري پيو جنهن جي ڇڇهري ڪيو ڇٽڪو
ڪاٽيو سِسي عظيم جي، اڇي نيزي پاند ڪنيو
پنجين ڏينهن پڙ واندو ڪري نَوَ لک ڇڏيئين لاهي
اڇي لٿو طنبن ۾ پنهنجا پنڌرهن مارائي يار.

ننگر تي جنگ ڪئي تالا تمر وزير سان:

چڙهي آءُ تون سنڌ تي، تالا تمر وزير
چڙيو آيو سنڌ تي يارهن لکن ساڻ
سنيالي حضرت شاه کي، ننگر ٿيهر تيو نروار
ڪاهجي پيو اُڙدن ۾ جيئن بحري باز ڇُڙيو
بانشي ڏني بانِولي، لغڙ جيئن لڙيو
اُڙدن ائين اونداه ڪئي، جيئن وِڄون وسن گهمسان
'هڻ هڻ' وائي وات ۾، جنهن جو پوئتي ڪونه سَٽي
ڏڙ جني جا ڏوڙ ۾، لوهو ۾ لوڙهينِ
جوانن سندي جان مان سمنڊ وهيو سارو
ويرن نديون وهائيون، تيون وڳهه پاس وهن

مورچــا عــالادين جــا اُتــي ڪپيــو ڪيرائيــن
ســتيندي اُڙدن مــان وجــي تمــر ڪــي پهتــو
ســنيالي حضــرت شــاه ڪــي ڏور ٻڌئيــن پــالو
ســنيالي حضــرت شــاه ڪــي اُڇلــي هنيــائين پــالو
ڪلنگي سان ڪري پيو، جنهن جي ڇڄهري ڪيو ڇٽڪو
ڪــاتي ســِســي تنهن تمر جي، اڄيُ سوني تالهہ ڪنيو
ستين ڏينهن پڙ واندو ڪري، يارهن لک ڇڏيئين لاهــي
اڄــي لٿــو طنبــن ۾ پنهنجــا ســيئي مــارائي يــار.

ننگر جا سپ يار مري ويا ۽ باقي ٻہ سوٽ پاڻ ۾ وجي بچيا. هاڻي نظر بيگ جي جنگ جو وارو ٿيو، سو ڪيئن ٿو ننگر ڏي خط لکي:

نظــر لکــي خطــڙا ويجهــو روئــي زار زار
منهنجــو وارو جنــگ جــو، آءُ ڪيئــن اچــان توتــي
وينــو آهيــان طنبــو ۾، اڄــي مــاري يــار وجينــم
خــاطيءَ خــط اُنــائيو، اڄــي در داخــل ٿيــو
خــاطيءَ خــط اُچلــي وڌو ننــگر جــي مهنــدان
پڙهيــو پروانــا نظــر جــا، تــو مرڪــي ميــر مــُنهان
اسان ڪي ڏِسيو ٻہ ڇٽان اسان جا هــِنيان تــو پرڪيــن
هــاڻي ڊوهــي اٿئــي خــدا جــي، چڙهــي پــڙ ۾ آءُ.

نظر بيگ خيال ڪيو تہ چنيسر ڏي خط لکان، ڏسان تہ ان جي ڪهڙي مرضي آهي:

نظــر لکــي خطــڙا، واريــو چنيســر ڏانهــن
تــون آءُ ننــگر ٽيئــي ونــون عــالادين ڪــي
تــون وري وج پــُٽ سان تنهنجــو وڳــہ ڪــوٽ وســي
آءُ وري وجــان پوئتــي دهلــي تخــت وجــان
ننــگر جهــڙا پٽــڙا، ڪونــڌر ڪيــن ڪهــاءِ
ننــگر جهــڙا پٽــڙا مــر حيــاتي هــون.

چنيسر جواب ڏنو تہ:

لڳو تئي لب ننگر جو، توڪــي تــَڪن ڪيــو تــُورو
چئي: نڪي لڳو لب ننگر جو، نڪي تڪن ڪيو تــُورو
سياڻي ويــل سويل جــو اڄــي مڙهــہ ڪٽجئيــن يــار.

اتي ننگر پونگر ڪي چيو تہ: پاڻ گھوڙا ماري ڇڏيون ۽ طنبو ڪٽائي ڇڏيون، متان مغل گھوڙن تي چڙھن ۽ طنبن ۾ اچي ويھن.

ننگر پيرين تي پيو، ٻولائي مھندان
ٻولايا ٻہ الله جا، ڏاڍي رب رضا
گھوڙن ڳوڙھا ڳاڙيا، اسان جي چڙھڻ وارا مرندا
چئي: مار تہ ماريون گھوڙا، پاڻ ڪي گھوڙا ڪوہ ڪندا
ڪائين تہ ڪائون طنبو باقي طنبو ڪوھہ ڪندا
گھوڙا ماري هليا، بيليئڙا بيئي
رات جني ڪي پڙ ۾، پھرين جا پيئي.

ننگر ۽ پونگر نظر بيگ سان جنگ:

چڙھي آءُ سنڌ تي، ناميا نظر بيگ
چڙھي آيو سنڌ تي پنڌرھن لکن ساڻ
ساري حضرت شاہ، ڪي، ننگر چوتينَ تيو نروار
ڪاھجي پيو اُڙدن ۾ جيئن واءُ ڪري وايو
لشڪر عالادين مان ڪڍيو پَھو وچن
ستيندي اُڙدن مان وجي طنبوءَ ڪي پھتو
اِتي عالادين بادشاہ، ڳھلي ڳالھايو
ور چنيسر سومرا، مونکي ويري تو واھي
اِتي چنيسر سومرو آڏو تي بيٺو
چئي: ڪيئن ڪريان، ڪيڏي وڃان، مونکي بابو تو مارائي
تيسين ڪوجھو ڪانُ ڪپار ۾، لڳو خان پونگر کي
روئي پونگر رڙ ڪئي، ور ادل جا يار
سوٽ جي تہ ساڙ ۾ پڙ ڪيئن پالھو
اچا ڪپڙا ننگر جا، ڳاڙھو رت وھيو.

ننگر ۽ پونگر کي ڪانَ لڳا، ڪري پيا. چنيسر کان پاڻي گھريائون، پر ھن انڪار ڪري ڇڏيو.

چئي: پاڻي ڏيندوسئين ڪونکو، منھنجا ڪچا تيندا قول.

تڏهن وري نظر بيگ کان پاڻي ڏک گهريائون:

نالي نام الله جي مونکي چاچا! پاڻي پيار
نظر کريو گهوڙي تان، ڊوڙيو پاڻي کڻيو اچي
پاڻي پي ڏک ٽريا ننگر پونگر جا
جمعي ڏينهن اڳينءَ جو آهي ڪونڌ ڪُلهو ڪوڙيو.

هاڻي چنيسر پٽ ۽ ڀائٽي جا مڙهه کڻي وڳهه تي ٿو رسائي:

ڪارو ويس ڪيائين اُٺ جو، ڪارو چنيسر ويس
ميت ڪاڻ ماٺهو، هليو راوت رڻ ڳولهي
پهرين مڙهه کنيائين پٽ جو، ٿو روئي زارو زار
پوءِ کنيائين ڀائٽيي جو، هئي پيو هٿ هٽي
وٺي مهار اُٺ جي هليو وڳهه ڏانهن ڪاهي
باگهي چڙهيو نگاهون ڪري منهنجو اَبل ٿو اچي
رئي ڏنائين آسمان ۾، پانيائين ننگر جي آهي.

پر جڏهن ننگر ۽ پونگر جا لاشا ڏٺائين، تڏهن چنيسر کي چيائين:

رُک چنيسر لعنتي، تو کهڙو ڪم ڪيو!
پٽ مارايئي پنهنجو، تنهنجو کهڙو ڪاڄ سريو
هاڻي نکر ڏانير ڏيهه مان، متان اکيون ڪڍايئين.

اُٺ جي مهار وڳهه در ٻڌي چنيسر پنتي موٽيو. ٻانهي ٻاهر نڪري ڏسي ته ننگر ۽ پونگر جا مڙهه ڪَڙيا پيا آهن. ننگر جي ماءُ کي ٿي ٻانهي خبر ٻڌائي:

ٻانهي ڊوڙي آئي، ٿي مريم سڏ ڪري
چئي: ڪُ ويلڙا سڏڙا مونکي ٻانهي ڪوه ڪرين؟
جي آيو هجي ننگر جيئرو ته ڏيئين مُهرن ٿالهه ڀري
چئي: مُهرون مون نه قبوليون، آيا کهنبي گهوٽ ڪڇي
'پَتُل' پَٽ پيجي ڇڏيا، مريم ڪوماڻي
گڏجي آئي مريم سان سونل سياڻي
سونل سوٽ ننگر سان، جنهن پيجي ڇڏي ٻانهين
چئي: سوٽ! تنهنجي سونهن ڏسيو آءٌ سڙيو وڃان جاني
سڙيو مران ٿي سور ۾ مون سان ڳجهه ۾ ڳالهائين.

ڏورو منگتو، دودي کي تو خبر ٻڌائي:

ڏورو ٻوڙي آئيو، تو دودي سڏ ڪري
چئي: ڪُويلڙا سڏ مونکي ڏُورا ڪوه ڪرين؟
آيو هجي ننگر جيئرو ڏيئين وڳهہ نام ڪري
چئي: وڳهہ مون نہ قبولي، آيا کهنبي گهوٽ ڪڇي
سُڻندي ڳالهہ ننگر جي، دودي ڪاري ڪفني ڪئي
روئندي ٽڙندي آئيو، سمهون راڻين ۾
ڏکي چڏيو سپ ڍولڪون، جهومڪ مڙ لاهي
سڀڄي پنهنجي شهر ۾ آيو ننگر اَونيڙو.

—

قرهو آنداٿون حد تي، ٻارنهن هٿ چون
ڏئي تڙ تازا ڪري رکيٿون ڳاڙهين ڪٽن تي
نَوَ ويهون آيا سومرا، لونگيون لڪائي
لونگيون مون نہ قبوليون، آيا کُهنبي گهوٽ ڪڇي
نَوَ ويهون کهنبن جون ڪيون سام ننگر تان
دودي ڪٽي رکيون جوٽ تي ڪلمون پاڪ پڙهي.

—

ڪٽي ڪتولا هليا، ماروئڙي مقام
ماروئڙو مقام هئو اصلي دودن جو
لَتيو لوڙهہ گهوٽن جو، چاچي اڇن وريا
ڪٽي هٿ خدا ڏي تو دودو دعا پني
سوڪو هوندين جهان ۾، توکي سوڪو رکندو پاڻ
پرتو آهين الله کي، اتئي پارت پونين جي.

محمد ٿي مهينا ٿيا جو شڪار تي ويل هو. کيس ننگر پونگر جي خبر ڪانہ هئي. دودي ساهڙ سومري کي موڪليو تہ وڃي محمد کي ڳولي وٺي اچ.

دودي يار سڏائيو ساهڙ! اوري آءُ
ساهڙ هلي آئيو دودي جي مهندان

اِهي مهلون مردن تي، سي مرد بہ مهلون ڪن
وچ محمد جي پنيان، تون محمد ڪوٺي آءِ.

ساهڙ سومري ورندي ڏني:

ويندس رهندس ڪينڪي، منهنجو اول ڪم اِهو
صبح جو سويل ساهڙ گهوٽ پلاڻيو گهوڙو
پائي پير رڪيب ۾، گهوٽ چڙهيو گهوڙي
لتو اڇي ڪنهن ويڙهہ ۾، پنهور جي پاڙي.

پنهور ڪان پار پڇائين. پهنور پار ڏنا تہ:

مون ڏنو محمد سومرو، جنهن جا سُڻ تہ سٺا ئين پار
وڙڪندي آيو بيلن مان، ڪندي ڪانن جا ڪڙڪا
جڏهن محمد تي هڪل ڪئي، تڏهن ڏڪيو وڻ ويا
مون ڏنو محمد سومرو، تو لهي نِمن جي ڇانوَ.

هاڻي ڪهڙي طرح سان تو ساهڙ سومرو، محمد سان ملي:

صبح جو سويرو، ساهڙ گهوٽ پلاڻيو گهوڙو
پائي پير رڪيب ۾، گهوٽ چڙهيو گهوڙي
ڪاهيو آيو بيلي مان، سامهون محمد تي
اتي محمد چيو يارن کي اهو مرد اچي ڪهڙو؟
سارو خير وڳهہ ڏانهن منهنجو چاچو چڱو ڀلو؟
چئي: سارو خيرَ وڳهہ ۾، تنهنجو چاچو ئي چڱو ڀلو
ننگر پونگر منهنجا ننڍڙا اهيَ چڱا ڀلا؟
چئي: ننگر پونگر ننڍڙا تنهنجا بئي چڱا ڀلا
باقي چاچي چائي موڪليو، اچ محمد کي وني.

محمد يار سنيرائي وڳهہ وڃڻ لاءِ:

محمد چيو يارن کي: پلاڻيو گهوڙا
گهوڙا پلاڻي گهوٽ، سنبري تيا ساڄا
پائي پير رڪيب ۾، گهوٽ چڙهي گهوڙن
محمد چيو يارن کي: هتان هلنداسين.

تہ چاچي ماڻهو موڪلي گهرايو آهي، سو ضرور ڪو قصو ٿيو آهي. ساهڙ نٿو ٻڌائي تہ پاڻ مارونڙي مقام تان خبر وٺي هلنداسين. مقام تي پهتا تہ مجاور ٿو چويس:

روئي مجاور ريهہ ڪئي، جنهن جا ڳريو ڳچ پون
محمد! وئين تون شڪار تي، تئي مهيني آئين
تہ هو اتئي لوڙهہ پونگر جو، تنهنجو سڳو سوٽ چون
هو اتئي لوڙهہ ننگر جو، جنهن جا لـئي تي موڙ لڏن.

—

سڻندي ڳالهہ ننگر جي محمد گهوڙي تان ڪريو
لٿا قاڙي ليڙون ڪري، مٿجي مست ٿيو
وجهو پاڪر لوڙهہ ڪي تو راڻو رت رُئي
نڪري آ ادا لوڙهہ مان، پاءُ اڃي پاڪر پاءُ
ڪڏهن تہ ڳاڙهو گهوٽ هئين، ڪڏهن مڙهہ مقام
ڪڏهن عالادين بادشاه کي تو جـُنگ ڏنا جواب
ڪڏهن ڪـُڏئين ڪنڪن ۾، هينئر ڏگَ رکيو آهين ڏوڙ
آءُ ساڙيان انگ اُنهن جا، جيڪي تو مٿي آيا
آءُ هجان ها وڳهہ ڪوٽ ۾ تہ توکي مور نہ مارايان
پر اِها رضا مجون تا رب جي، جا باب بـَندي جي آه.

محمد سومري خيال ڪيو تہ وڳهہ ڪوٽ تي ڪهڙو وڃان، ٻاهران ئي هٿيار پنهوار ڪٺي جنگ تي وڃان.

محمد سـَنئيس موڪليو، منهنجو ڇٽڪو ڇوڙي آءُ
زره محمد جي بت جي وڃي ساران ڪان گهري آءُ
هٿيار محمد جي هٿن جا وڃي ساران ڪان گهر يار
سـَنئيس ڇٽڪو ڇوڙيو، تو ساران سڏ ڪري
چئي: ڪُ ويلڙا سڏڙا ڪوه ادا سئينس ڪرين؟
چئي: زره محمد جي بت جي، مائي ساران آڻي ڏي
چئي: زره پنجن مٽن جي ڪنهن ڪان ڪانہ ڪڃي
موڪل محمد مير ڪي، اڃي پنهنجي ڪٺي پاڻهي.

محمد اڇي هٿيار پنهوار ڪنيا. زال سان ڳالهايائين ٻولهايائين. ٻاگهي، محمد ۽ ساران ڪي ڏسيو ڇا ٿي چوي:

ڏيءَ پونگر راءِ جي مائي ٻاگهي ڳالهايو
پڇي آيو اٿئي پڇڻو، تو ساران لڄايا سيڻ
تون ۽ محمد ائين سونهون، جيئن پيڻ سڄن ۽ پاءُ

ساران وراڻي ڏني تہ:

تو ڏاڏي ڏنو ڏوهيڙو، مون سارو آهي سمجهو
آءٌ مورت جهڙي ونگ کي ڪارايان ڇورو
سانن سگ سنوان ڪري، محمد ونگن لاهي ور
ماري شينهن مُکن سان، منهنجو محمد آهي اهڙو
محمد ويندو جنگ تي سوپ کٽي ايندو
هٿ پري ايندو رت سان، تنهن مان رڱايان ڪَنجرو.

وري ٻاگهي ٿي چوي ساران کي تہ:

ڏيءَ پونگر راوَ جي اتي ٻاگهيءَ ڳالهايو
تہ محمد ويندو جنگ تي، اڌ ڪان لڳي ورندو
رڍ ماري رڻ ۾ تنهن جو رت مَکي ورندو
تنهن مان ڪونج رڱائجئين ڪنجرو، تنهنجو محمد ڪين مرندو
اهو محمد گهر ويني گهائبو، جنهن کي هٿنديءَ ڏوئي ڳن.

ساران جواب ڏنو ٻاگهيءَ کي تہ:

ڏيءَ دودي راوَ جي تہ ڏهن ساران ڳالهايو
ڏاڏي! تو ڏوهڙو، مون سارو آهي سمجهو
تونکي لوڏيو پينگهو ٻار جو، نکي مرد ڏنئي پاسو
آءٌ هجان ها پٽ اَبي جو، توکي ڇڏيان ها پرڻائي
اڇن ۾ تي گهريو ونين مڙس عالادين بادشاه.

محمد هٿيار پنوهار ڪٽي پاءُ ۽ سوٽ جو وير ونڻ لاءِ تيار ٿيو. هاسو سوڍو، محمد جو پڳ مٽ يار هو. تنهن جي شادي جا ٻہ ٽي ماٽهو مهندئي آيا. محمد ڪونہ هو. دورو منگتو. هاسي جي شادي جي دعوت محمد کي ٿو ڏئي:

ڏورو ڊوڙي آئيو، محمد ڪي سڏ ڪري
ڪُ ويلڙا سڏڙا مونکي دورا ڪوه ڪرين؟
چئي: هاسي جي شادي آهي تو ڏي دعوت موڪلي يار.

محمد جواب ڏنو تہ:

ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وڃان، منهنجو ڪونڙ ڪالهہ ڪُنو
ڪيئن ڪريان، ڪاڏي وڃان، مون سان ڳالهيون ڪير ڪندو
ٻيو اٿم سور سوئٽ جو ننڍڙو ماريو
هاڻي اول يارانو يار جو، آءُ پوءِ ونندس وير
محمد گهوڙو چوڙيو سنپري ٿيو ساڃو.

محمد پنهنجي يار هاسي سوڍي جي شادي تي آيو.

پائي پير رڪيب ۾، گهوٽ چڙهيو گهوڙي
گهوڙو ڪاهيئين تڪڙو سامهون سوڍن ڏي
سيڪو سوڍو هليو اڇي محمد ڪي ملڻ
چني چٽيهہ ٽوٽيون، جنهن ۾ ٻتيهہ ڏيا ٻرن
ويهاريئون محمد ڪي ڳاڙهي ڪٽ متي.

ڏوري منگتي چيو تہ محمد يار جي شادي تي آيو آهي، راڳ ڪريان تہ دان ڏئي. تڏهن دوري ڪي محمد چا تو چوي:

يَلي آئين منگتا، مون ڪي سرهو سات سڻاءِ
چوليءَ مان چاڙهي ڪڍيو، ڏوري رُڪ جو طنبورو
طرح چاڙهيئين تند ڪي، جنهن طبل رکيو تاب
راڳينڊڙ تان راڳ ڪري، دوري راڳ ڪيو پورو
محمد چوڙائي ڏنو سونن سنجن سان گهوڙو
ڏورا! دان سران تو ايترو، جو ويو لالن ڪالهہ لڏي
نہ تہ ڏيئين ڪن ڏيهن جو، تنهنجي پونير ڪونہ پنيو.

---

هاڻي ڪئين تان ناچو آئيا، لکين سناسي سڄاڻ
وڄن شرنايون سوز مان ڌڪڙ ڌمالون ڪن
محمد گهورون ائين ڪري، جيئن موتي مينهن وسن

سائـــي مليــر ڪلهــن ۾ هاســي محمــد ســين وڏي
قيمتـــي هـــو ڪپـــڙو، جنهـــن ۾ موتـــي لڪ لـــڏن
ڏيـاريو لائـون گهـوٽ کـي هليـو چنـي پـاس ويهـن.

هاسو سوڍو وڃي لائن تي ويٺو. محمد گهوڙي تي چڙهي تيار ٿيو. ڏورو ڊوڙيو ۽ هاسي کي لائن تي خبر ٿو ٻڌائي:

ڏورو ڊوڙي آئيــــو، هاســـــي ســــــڌ ڪـــــري
ڪُ ويلـــڙا ســـڏڙا، مونکـــي دورا ڪـــوه ڪريـــن؟
چئي: محمد تنهنجو يار هو، سو چڙهيـو يـار وجـي.
پيـر پـٽ تـي، پيـر ڪـٽ تـي، هاسـو ڳنـڍين سـان وري
ڊوڙي اچـــي هاســـو محمـــد کـــي پهتـــو
تنهنجي منهنجي ڳالهہ جو مونکي لڳـو آهـي تماشـو
هڪـڙي ڊوهـي اٿئـي الله جـي ٻـي ڊوهـي ننـگر جـي
چئي: جنهن جون ڊوهيون ڏئين سو لالن ويو ڪالهہ لڏي.

تڏهن هاسي سوڍي چيس:

ســَل سچي ڪـر سومرا، منهنجو ننـگر ڪنهن مـاريو؟
چئي: سٽنڊين ڳالهہ سچڻ جي تـہ چـَنا هٽنديـن پـٽ
ونـي مـاٽيندين ڪينڪـي، نڪـي خـان چڙهنديـن ڪـٽ
ٻـُـڌان تـو ڪنـن سـان اٿئـي نظـر ننـگر مـاريو.
چئي: نريون نظر بيگ جون، محمد! هٿـن سـان پڄـان
ماريـان پـڙ سـالار کـي منهنجـا هنييـن نـار نـرن.

هاسو سوڍو، محمد کي چـَني تي وٺي آيو. ڪنوار جيڪا لائن تي ويٺي هئي، تنهن هاسي کي چيو:

ڏيءَ اَهــَلي وِيـرَ جـي، مـائي "مــَهـــلان" ڳالهـايو
اهِـــا نـــہ ويـــل وجـــڻ جـــي متـــان ور وڃيـــن
ور وڃيــن تــو ننـڊڙو، توکــي لڳــي نـــہ ڪوســو واءُ
هاســا! ڳالهـــہ چـــوان، تـــون دل لائيـــن داناهـــہ
ســـچو يـــارانو يـــار جـــو اڳـــي تـــي گذريـــو
هيلوڪـــن يـــارن کـــان تـِـــي مـــُـــني پـــَـــلي

اول تڪينـــدءِ گهـــر ڪـــي، پـــوءِ ســـڏيندا يـــار.
چئـي: محمد جهڙن يارن تـان هـي سر ڪريـان قربـان
ســچو يــارانو يــارن جــو مونڪــي آخــر ڪــم اينــدو.

ڪنوار چيو:

مينـديءَ رڱيــم هٿــڙا، ســي ڪيئــن ڪريــان ڪــاڏي
چئي: نـُنهن رڱاءِ وڃي نير مان، پاڻءِ ڪيـن پرڙيـو.

پوءِ هاسي سوڍي، محمد کي چيو تہ: منهنجي ڪنوار کي بہ وٺي وڃي پنهنجيـن سومرين سان گڏ تہ سيئي وِلهيون گڏ هجن.

وِلهــي وڃ گــڏ وِلهيــن ســان، وِلهيــون ســور سـلين
وِلهــي وڃ گــڏ ولهيــن ســان، ولهيــون وريچ ونــدين
گڏينس وڃي پنهنجين سان، جيڪي ڏيئي ٻاٽ ٻرن.

هاٽي هاسي سوڍي چيو تہ پهرين جنگ تي، آءٌ چڙهان، پر محمد چئي تہ آءٌ. ڏورو منگتو يان هو، تنهن چيو: ههڙا سورهہ مري ويندا، تنهنڪري چو نہ آءٌ وڃان! توهين وينا هجو، مونکي موڪل ڏيو.

ڏورو وڃهيو پاڪر محمد کي، ڪيهر ڪـر مـوڙي
محمد! دعا ڪرينم دل مان منهنجو مُـهت تي وڃـي
هٿـي هــت پنــن تــي محمـد دليــؤن دعــا ڪيـس
ٻئيهہ تندون توکي سيني ۾، جيڏانهن ساهينس تيڏانهن ساه
ســت بــاڙيون ســلطانن کــي، بــاري تنهــن ڏانــہ بــار
چــارئي ڪنــدون وڳهــ جــون، واري تنهــن ڏانــہ وار
وائـي نـہ ڪـڍجئين وات مـان بـاڳهي جـي سـڳ جـي.

ڏورو جنگ تي چاڙهيو:

گهــوڙو ڏوري يــان جــو نـــُنهن پــر نچــي تــو
تــازي جنهــن جــا تــوڙ پـــَريا، وجــي واءِ گــڏيو
هڪــڙي ميــزل وات تــي ’گــُـنگڙي تــر‘ لڻــو
ميـــزل ســـر ميـــزل ڪـــري، ’وايـــو واه‘ وينـــو
ٽـــي ميـــزل وات تـــي ’وڏيءَ ڍنـــد‘ لڻـــو
چوتيـــنءَ ڪـــان ’بڪـــار‘ ۾، ڏوري وڌو ديـــرو.

ننگر پونگر جي مٽي کان پوءِ عالادين ۽ مغلن بکار جو شهر ڦُري پينگ ڪري ڇڏيو هو. اهو ڏسي دوري چيو: مُڙسن مٽي سُڄون آهن. اڄ ڪو عالادين جو مغل ڏسان تہ موڙاتي ڪنڌ پڃانس. هڪڙي جو مکڙ وانگر ڪنڌ پٽيائين. دل ۾ خيال ڪيائين تہ آءُ وڳهہ جو منگتو. متان هن ويس ۾ دليءَ جو بادشاه مونکي راڳ نہ ڪرائي، سو وڳهہ جو ويس لاهي، مُغل جو ويس ڪري هليو:

مغل ماري پڙ ۾، هليو مغل جو ويس ڪري
ڪَهندي هن ڪٽڪ ۾، تيو پنڌرهون ڏينهن دُوري
سورهين ڏينهن سلطان جي وجي چوُرنگ تي ڊريو
اتي عالادين بادشاه ڳهلي ڳالهايو
پِلي آئين منهنجا منگتا، مونکي سُرهو ساز بڌاءِ
چوليءَ مان چاڙهي ڪڍيو، دُوري رُڪ جو طنبورو
طرح چاڙهي تند ڪي، طبل رکيو هو تاءُ
راڳيندل دوري راڳ ڪري، راڳ ڪيئين پورو
دوري آندو دل ۾ اِتي نوڪينس طنبورو
سنيالي حضرت شاه ڪي دوري نوڪيس طنبورو
ڏک لڳو ڪينڪي، هڪڙي رتيءُ ڦير تيو
جن کي ڄائون اولاڻ جون، تن کي ڏک لڳن تا ڪين
وٺ وٺ دوري يار کي ويا مکڙ روه وري
تپ ڏئي تپڪا ڏئي، چوُرنگ تي ڊريو
پنج ماريائين پڙ تي، ڏهہ ڏاڪڻ تي پورا
چاليهہ ماري چٽ تيو. پڇي پيس طنبورو.

عالادين بادشاه جو رُڪ جي طنبوري جي ڏک کان بچيو هو، سو خير خيراتون ڪيائين، چنيسر کي سڏائڻ جو خيال ڪيائين تہ هاٿي ويني چڱائي ڪانهي:

عالادين ماٺهو موڪليو تہ چڙهي چنيسر آءُ
چڙهي چنيسر آئيو عالادين اڳيان
رُڪ چنيسر لعنتي، رُليا ريب ڪيئي
ڪري مهَہ منگتن جا دودا ديم هنيئي
تنهنجا مَنهنجا ماريا، پرتا پيرن ڪي
پائر بڌي مرو پاڻ ۾، منهنجو واهي شاه.

چنيسر خيال ڪيو تہ سچي ٻڌائيندوسانس تہ ويهندو، نہ تہ ڪونہ ويهندو. سو چيائينس تہ:

چوري آندو اٿم توکي سنڌ ۾، توکي هاٺي ڪير ڇڏي
پٽ مارايم پنهنجو، پانئين تو وير ڦٻي ويندو!
پهرين پاءُ ٺنگائي پالن ۾، تنهن اکين رت ڏسان
ولهيون ڪريان سومريون، دودو داڳايان
دودي مُئي کان پوئتي توکي جيئرو ڪونہ ڇڏيان
لوهيڙو لکڻ هٿ ڪري، لک تنهنجا لاهيان
ماريان پڙ سالار کي، منهنجا هنيڙي نار نرن
ڪن کر عالادين بادشاه! توکي ڪچيءَ ڳالهايان.

هاٺي هاسو سوڍو جنگ تي چڙهيو:

لوهيڙو لکڻ هٿ ڪري، هاسو ڪڏي پڙ ۾ ليکو
جنهن کي جُوفو جنگ جو، سو نڪري جوان اچي!
ستر جوانن پڙ ۾ اچي سوڍي سان بيٺا
اسين تائب تنهنجا، راوَ ڏيو اسان رخصت
تہ ڦُريون عالادين کان، مڏيون مال ملڪ
ڪُهون چنيسر مير کي، ڏئي نڙيءَ لت.

هاسي يارن کي چيو تہ: مائٽن کان موڪلائي اچو.

مردن حق بخشي ڇڏيا وجي پنهنجي کي زالن
زالن حق بخشي ڇڏيا پنهنجي کي مردن
پٽن تيجون بخشائيون، پنهنجي کان مائن
مائرن تيجون بخشي ڇڏيون پنهنجي کي پٽن
پٽن جهڙا وجوڙا وڏي پاڳ ملن.

---

وجهيو پاکر محمد کي، هاسو ڪيهر ڪر موڙي
محمد! دعا ڪرينم دل مان تہ منهنجو مُهت ٿئي
هٽي هٿ پنن تي محمد دليوز دعا ڪيس
ٻنيهہ تندون سيني ۾ جيڏانهن ساهينس تيڏانهن ساه

ست ٻاڙيون سلطان کي، ٻاري تنهن ڏانهن ٻارِ
چار ڪندون وڳهه جون، واري تنهن ڏانهن وار
وائي نه ڪڍجئين وات مان، ٻاگهي جي سڱ جي.

—

اتي گهوڙو هاسي سوڍي جو نُنهن پر بينو نچي
گهوڙو هاسي سوڍي جو هرڻ حيوان وني
تازي جنهن جا توڙ پريا وجن واءِ گڏيا
هڪڙي ميزل وات تي، 'گنگڙي تر' لتو
ميزل سر ميزل ڪري وجي 'ويرا واه' وينو
تي جا ميزل وات تي، 'وڏڙيءَ ڍنڍ' لتو.

اتي هڪڙو صوبو پاسي سان وينو هو، تنهن جا نوَ سوءُ پخالي، سي اچي پاڻي پيا پرين.

هاسو چئي يارن کي، هي چپ چپ تئي کهڙي؟
اُتيا يار هاسي جا ويا پخالين کي پيڙي
سسيون پخالين جون پُٽا گپن ۾ گارِين
نوَ سوءُ پخالين جا چُٽيو بينا مارِين
پخالي چڏيئون ڪونڪو، جيڪو ساندارو پري.

هاسي سوڍي چيو ته: پهرين لڙائي جي چوٽ اُنهيءَ سان ڏيان، جنهن ننگر ماريو.

رات وهامي ڏينهن ٿيو ٻانگي بولايو
پرهه ڦٽي پريات جو اُتي نر هنيو نعرو
اجا هليو اچي اڳتي ستر جوانن ساڻ
چڙهي آءُ تون سنڌ تي ناميارا نظر بيگ
چڙهي آيو سنڌ تي يارنهن لکن ساڻ
سنيالي حضرت شاه کي پهرين ٿيو نروار
ڪاهجي پيو اُڙدن ۾ جيئن ترت ڪڙيو تارو
جنگ لڳي جانگاه ٿيو، مانجهي کين مڙن
وڏ ڦڙو واڪا ڪري، تيئن ڪڙڪا ڪانَ ٻه ڪن
بجلي چمڪي اُپ ۾، تيئن تانَ ترارون ڪن

سر واهيون ترڪن ڪي واريو وات هٽن
مغل ڦريو ماندا ٿيو، 'پاٽي پاٽي' ڪن
پاٽي مليـن ڪونـہ ڪو سي ماندا ٿيو مرن
سَتيندي اُڙدن ڪي وجي نظر ڪي پهتو
سنيالي حضرت شاه ڪي هاسي ڏور بڌو پالو
ڪلنگي سان ڪري پيو، جنهن جي ڇڇهري ڪيو ڇٽڪو
ڪاٽيو سِسي تنهن نظر جي اڇي سوني ٿالهہ ڪنيو
پنجين ڏينهن پڙ واندو ڪري، ڇڏيئين يارنهن لک لاهي
اڇي لٽو طنبن ۾ پنهنجا پنڌرهن مارائي يار.

هنبس پناڻ هاسي سوڍي کي جيئرو جهلڻ لاءِ بادشاه کان موڪل وٺي چڙهبو، سو هاسي کي دڙڪو تو ڏئي:

پنج سؤ بانشن وارا، منهنجو روز ٿا شڪار ڪن
نو سؤ ڪتن وارا، روز ٿا لوڏ بچين
تون سَت جهليندين ڪينڪي، محمد چاڙهي آءُ!

تڏهن هاسي سوڍي جواب ڏنس تہ:

سٽيئين شاه ڪلن سان ڪوڙايئين ڪاڏو
بانور ڪيو ٿئي بجڙا! تنهنجو لهي واءُ ويندو
تَنبيو تو تڪبر ڪرين، تنهنجا تورا ڏينهن ٿيا
دوهي اتئي الله جي، تون پڙ ۾ چڙهي آءُ.
چڙهي آيو سنڌ تي پنڌرهن لکن ساڻ
سنيالي حضرت شاه کي بيهر تيو نروار
ڪاهجي پيو اُڙدن ۾، جيئن ڪارو ڪڪر گُڙيو
پندرنهن لک پناڻ سان تو ماڙهُو ماس گهري
سگهو آءُ سودا، توکي جيئرو جهليان يار
اُپ رَئي سان لٽيو، ناهي سِچ سماءُ
مردن مٿان مينهن جيئن ڦهري ڪانَ وسن
ڏڙ جني جا ڏوڙ ۾ ُوهوءَ ۾ لوڙهين
سِيون سلطانن جون ڪلر منجهہ ڇرن

ســتيندي اُڙدن مـــان وڃـــي هنبــس كـــي پهتـــو
ســنيالي حضــرت شـــاه كـــي ڏور ٻڌئيـــن پـــالو
ســنيالي حضــرت شـــاه كـــي اُڄلـــي هنيـــائين پـــالو
كلنگي ساڻ كري پيو، جنهن جي ڇڇري كيو ڇٽكو
كـاٽيو ســـي پناڻ جي اڄـي نيـزي پـاند ركيـو
ستين ڏينهن پڙ واندو كري، پنڌرهن لک ڇڏيائون لاهي
اڄـي لتــو طنبــن ۾ پنهنجــا ويهــ مـارائي يـار.

هاٽي هاسي سوڍي سان جنگ جو وارو آيو صوبي سالار جو، تنهن كي هاسو - سوڍو ٿو چئي تہ:

چڙهــي آئيــن ســنڌ تـــي، تـــون پـــڙ ســـالار آءُ
ســالار پـــٽ عـــالادين جـــو، چوٿـــون پـــايو ســڏاءِ
ســڏي پنهنجــي پــيءُ كــي تـو كهـڙي ڳالهـ چـوي
تـ بن پئي تنهنجو سگ ابا، بـن پئـي تنهنجـي پـاڳ
وينـا هٿاسـين دهلـي تـي، ٿيـو مـالك ملـك جـا
چئـي: ابا! چڙهي تـون بـ وڃ، ڏيوئيـن ڇليـون لتـائي.

---

چڙهــي آيــو ســنڌ تــي ســورنهن لكــن ســان
ســنيالي حضــرت شــاه كــي هاســو ٿيهــر ٿيــو نــروار
كـــاهي پيـــو اُڙدن ۾ جيئـــن بهـــري بـــاز چڙيـــو
بانشـــي ڏنـــي بـــانولي، لغـــڙ جيئـــن لڙيـــو
لشـــكر عـــالادين جـــي مـــان ڦهوكـــديو وجـــن
مـــردن متـــان مينهـــن جيئـــن قهـــري كـــان وســـن
بجلـــي چمكـــي اُپ ۾ تيئـــن تـــان تـــرارون كـــن
ســـرواهيون تركـــن كـــي واريـــون وات هٽـــن
ڏڙ جنـــــي جـــــا ڏوڙ ۾ لوهـــــو ۾ لڙهـــــن
ســـسيون ســلطانن جــون كــلر منجهــ كــرن
جوانـــن ســـندي جـــان مـــان سمنـــڊ وهيـــو ســـارو
ويـــرن نديـــون وهـــايون، ٿيـــون وڳهـــ پـــاس وهـــن

ســـٿيندي اُڙدن ڪـــي وجـــي ســـالار ڪـــي پهتـــو
ســـنيالي حضـــرت شـــاه ڪـــي ڏور ٻڌئيـــن پـــالو
ســنيالي حضــرت شــاه ڪــي اُجلــي هنيــائين پــالو
ڪلنگي ساڻ ڪري پيو، جنهن جي ڇڄهري ڪيو ڇٽڪو
ڪـاٺيو ســـِـــي ســالار جـي اڇـي نيـزي پـاند رکيـو
نائين ڏينهن پڙ واندو ڪري ڇڏيئين سورنهن لک لاهي
اڇـي لتـو طنبـن ۾ پنهنجـا مڙئـي مـارائي يـار.

عالادين پڇيو چنيسر کان تہ هي ڪير آهي؟ ۽ چيائينس تہ: هاسو سوڍو، محمد جو پڳ مٽ يار اهو اتئي. پوءِ چنيسر آيو هاسي وٽ ۽ پڇيائينس تہ، سوڍن جي پَر تي وڙهندي يا دودي جي؟ اسان دودن جي پر اها آهي تہ جڏهن يار مرن تہ نيرَ پيرن ۾ وجهي، اکيون آسمان ۾ ڪري، ڪَتڪ ۾ ڪاهي پئون. هاسي سوڍي چيو تہ: آءٌ دودن جي پَر ڪندس.

نـــيرَ ٻڌائيـــن پيـــرن ۾، اکيـــون ڪيـــائين آسمـــان
ڪَـــاهجي پيـــو اُڙدن ۾، جيئـــن واءُ ڪـــري وايـــو
لشـــڪر عـــالادين جـــو مـــان پهـــو ڪـــديو وجـــي
ســـٿيندي اُڙدن مـــان وجـــي طنبـــو ڪـــي پهتـــو
اتـــي عـــالادين بادشـــاه ڳهلـــي ڳالهـــايو
تـہ ور چنيسـر سـومرا! مونکـي ويـري ٿـو واهـي
اتـي چنيسـر سـومري ڪٽـي جنـگ جـو ويـس ڪيـو
چنيسـر ڏَڪ لڪـي ڇپـي اڇـي هاسـي ڪـي هنيـو
ڏڪ لڳـي ويـو جـان ۾، ويـو ڦــَـرنا ويهـہ وَهـي
ڏڪ جهلينـدي جـان جـو، اڇـي چنيسـر ڪـي پهتـو
چاچا! ماري هوند مَـٽ ڪريئين، پر محمـد ڏينـدو مهٽا
جمعي جي ڏينهن اڳينءَ جو آهي ڪونڌ ڪـُلهو ڪوڙيو.

---

ڪونجـن پيـرو ٻـڌو اڇـي هاسـي سـوڍي تـي
هڪـــڙي ڪونـــج اڇـــي ڦنگهـــن ڇـــانوَ ڪئـــي
هاسي پڇيـو ڪونـج ڪـان، تـو مـون تـي ڇـا ڏنـو
چئي: مون کي پاڻ ڏٽيءَ موڪليو، مون ڦنگهن ڇانو ڪئي.

---

هاسو لکي تو خطڙا رويو زارو زار
تون وجي مائي ڪونجل! منهنجي محمد ڏج سلام
ٻئي تان ماريو ڪونڪو، مونکي ماريو چنيسر پاڻ.
ڪونج اُڏامي آئي ٻارهين پهر روپاهه
تون تہ آئين مائي ڪونج! پر منهنجو ور ڪٿي؟
چئي: وير تنهنجو ور هئو، سو رڻ ۾ شهيد ٿيو
سڻندي ڳالهہ هاسي جي، مائي سڏڪندي ساهہ ڏنو.

---

ڪونج اُڏامي آئي، وڳهہ ڪوٽ متان
ڪونج اُتي ڪرڪو ڪيو، سارو جڳ اُٿيو
تون جا مائي ڪونج! منهنجو يار ڪٿي آهي؟
ادا! تنهنجو يار هو، سو رڻ ۾ شهيد ٿيو
سڻندي ڳالهہ هاسي جي، محمد ڪاري ڪفني ڪئي
روئندي ٽڙندي وات تي انڌو تي پيو
ڪونج ونيو محمد کي گس بيٺي لائي
آءُ محمد هيڏانهن، هيءُ يار پيو آهي
هٿ چميو تو پير چمي محمد هاسي جا
ڪيئن ڪريان، ڪيڏانهن وڃان توکي ڪنهن ويريءَ واهيو؟
چئي: ٻئي ماريو ڪينڪي، مونکي ماريو چنيسر پاڻ
محمد جي هٿن ۾ ڪٽي هاسي ساهہ ڏنو.

---

ڪيئن ڪريان، ڪيڏانهن وڃان، منهنجو گهوٽ شهيد ٿيو
ڪيئن ڪريان، ڪيڏانهن وڃان، مون سان ڳالهيون ڪير ڪندو
ڪٽي پنن تي مڙس کي هليو وڳهہ ڏانهن ڪاهي
دودو چڙهيو نگاهون ڪري، منهنجو ابل تو اچي
رئي ڏنائين آسمان تي، پانيائين محمد جي آهي
پرهہ ڦٽي پرڀات جو مڙهہ ڪڇي آئيو
ٻہ پُرهہ ڦرهو آٽي، رکيوئن حد متي

ڏئـي تـڙ تـازو ڪـري، رکيـۇن ڳـاڙهيءَ ڪـٽ متـي
نـَـوَ ويهـون سـوڊن جـون، آيـا لونگــون لڪـائي.

تڏهن دودي انهن کي چيو تہ:

لونگيـون مـون نـہ قبوليـون، آيـو ڪـُـهنبن گهـوٽ ڪڇـي
نــَـوَ ويهـون ڪـُـهنبن جـون پيـون سـام سـوڍي وٽـان
دودي ڪٽي رکيـو هـو جـوٽ تـي ڪلمـون پـاڪ پڙهـي.

—

ڪٽـــي ڪتولـــو هليـــا مـــاروئڙي مقـــام
مـــاروئڙو مقـــام هـــو اصلـــي دودن جـــو
لٿيـــو لوڙهـــہ گهـــوٽ جـــو، چـــاچي اچـــن وريـــا
ڪٽيـــو هـــٿ خـــدا ڏي، تـــو دودو دعـــا پنـــي
سـؤڪو هونديـن جهـان ۾، توکـي سـوکو رکنـدو پـاڻ
پرتـــو آهيـــن الله کـــي، اتئـــي پـــارت پوئيـــن جـــي.

هاڻي دودو محمد کي ٿو چوي:

محمد چڙهي ويهہ تخت تي، هي قلعـو ڪـوٽ وسـي
خوشـــي ســـان موڪـــل ڏي آءُ وجـــان پـــاءُ ڏي
وات جـــي ڳالهـــہ جـــا وجـــي وڏا گهـــاوَ وجهـــان
چنيســـر پرچـــي ڪينڪـــي آءُ وري اچـــان پوئتـــي
حـال احـوال جـون ڳـالهڙيون اچـي سـُـڻايان توکـي.

محمد وراڻيو تہ:

چاچا! چڙهي ويهہ تخت تي، تنهنجـو قلعـو ڪـوٽ وسـي
خوشـــي ءَ مـــان موڪـــل ڏي تـــہ آءُ وجـــان پـــيءُ ڏي
مـاٺهو ڏينـدا مهڻـا، چونـدا محمـد تـہ مـُـئو آهـي
محمـد تـان مـري ويـو، تـڏهن دوڊو چڙهيـو جنـگ تـي،
نـَـوَ لکـو گهـاٽو ڪٽـي، تنهـن جـا لشـڪر وجـي پيڙيـان
ماريـان عـالادين کـي، ڪريـان پلنـگ تـي پـورو.

دودي چيس تہ: وجي ننگر جي قبر تي ويھ، پوءِ اُتان جيئن احوال ملي تيئن ڪر.

ونيو مجاور ڪي مقام تي، جاڳو يار ويھي
ٽي راتيون ٽي ڏينھڙا، ھن جواب ڪين جڙي
چوٿين رات اَسُور جو آواز اِھو آيو:
محمد•پڇي وڃ منھنجي پرسان، تون بابي ساڻ وڙھين.

—

محمد! پاڻ ٻہ ڄڻا آھيون چنيسر جو ٻہ پگھر
پيءُ پنھنجو ھڪڙو مريم پنھنجي ماءُ
چئي: ٻابو اڇي ويجھڙو، تنھن پڇيو تج پري
مھندان ڏينھن محشر جي مَتان ڪانيارو ٻہ ٿئين.

اُتلي آيو دودي وٽ، جنھن جي پڇڻ تي خبرون ٿو ٻڌائي.

ابا ڪھڙي وھي واپري، مونکي سڻاءِ سُڌ سڌر
چئي: جيڪو حوال تي گذريو، مون ورتو سڀ ساري
ورتم واٽ حبيب جي ڪعبي سندي ڪَر
ننگر مون کي ائين چيو، ھن جا لشڪر وجي پِيڙ.

دودي چيو تہ: ابا! ياڻن ڪان خبر ونون تہ پنھنجن سومرن ٻاھرين ڪنھنکي سڳَ ڏنو! حيدر ھولاٽي فقير ھو، تنھن ڪان ٿو دودو پڇي:

گھٽيون پيڙھيون ٿو سنيرين، تون حيدر ھولاٽي؟
چئي: ٽي پيڙھيون ٿو سنيران، ٽي ڪارا دودا پيڻءَ
نڪو سڳَ ڏنو سومرن، نڪو ڪنھن ڪُوئن ورتائون
راڄ ڪَڇو اسان ڪونہ ڏنو، نڪا سومري ڏنائون سلطان.

دودي پڇيس تہ: اسان جي ستن پيڙھين جي خبر ڪير ڏيندو؟ حيدر ھولاٽي چيو تہ: چَندٻ فقير مگڻھار. دودو اُنھيءَ ڪان ٿو خبر وٺي:

گھٽيون پيڙھيون ٿو سنيرين، چندٻ مگڻھار فقير؟
چئي: ستئي پيڙھيون ٿو سنيران، ست ڪارا دودا پيڻءَ
نڪو سڳَ ڏنو سومرن، نڪو ڪنھن ڪان ورتائون
راڄ ڪَڇو اسان ڪونہ ڏنو، نڪا سومري ڏنئون سلطان.

فقير کي چيائين تہ: اھڙي ڏر ڏس، جيڪا اسان جي سام جهلي. فقير ٿو پهرين ڏُر ڏسي:

پهرين ڏسيئين ويجهڙو، 'اوڍر' ڪوٽ آڏيو
اوڍر تنهن جوان جا تو سڻ سٺايان پار
اوڍر تان اڳي هئو، سَمن جو ڌراڙ
سمن مال بخشيو، تنهن مان اوڍر ٿيو شاھوڪار
ماٺھو ڏيندا مهٺا، چوندا سام جهلي ريدار.

—

ٻيو ڏسيئين ٿو ويجهڙو، 'ڪَندير' ڪوٽ اڏيو
ڪندير تنهن جوان جا، توکي سڻ سٺايان پار
نَوَ چليون، ڏهہ صوبا، ٽپي جهليندا تاوَ
ست جهليندو ڪينڪي، پڇي ويندو پاءُ.

—

ٽيون ڏسيئين ٿو ويجهڙو 'موريل' ڪوٽ اڏيو
موريل تنهن جوان جا سڻ تہ سٺايئين
نَوَ چليون ڏهہ صوبا، جڏهن ٽپي رکندا تاوَ
ستُ جهليندو ڪينڪي، ٻاري ڏيندا باھہ.

—

چوٿون ڏسيئين ٿو ويجهڙو، سَهتي ڪوٽ اڏيو
سهتي تنهن جوان جا توکي سڻ سٺايان پار
سهتو پٽ مَهتي سندو، سام جهليندو ڪين
ماٺھو ڏيندا مهٺا تہ سام جهلي واٺئي.

—

پنجون ڏسيئين ٿو ويجهڙو اٿئي لال قلندر پير
مڙني موچارو اٿئي "ابڙو" جوان وري.

پوءِ دودو ۽ محمد، ابڙي ڏي خط لکن ٿا.

دودي لکي خطڙو، واريو ابڙي ڏانهن
پينرون اچن ٽيون پائرن ڏي، تن جو ابڙا تي پاءُ

خاطي خط اُنايو اڇي در داخل ٿيو
خاطي خط اُڇلي وڏو ابڙي جي مهندان.

—

پڙهيو پروانا دودي جا، روئي زار و زار
روئندي ٽڙندي آئيو، سَمهون راڻين ۾
ڏکي ڇڏيو ڍولڪون، جُهمڪ مڙ لاهي
سڄي پنهنجي شهر ۾ آيو دودي اونيڙو.

ابڙي خيال ڪيو تہ راڻين کان اُنت وٺان راضي آهن يا نہ؟ سو پهرين ماءُ کان پڇيائين:

روئندي ٽڙندي آئيو، سمون مائي ماڻس وٽ
ڪُ ويلڙا پٽ! مون وٽ آئين ڪهڙي منشامن پائي
چيائين سامر آيون سومريون، مون ڇڏيون آهن موٽائي
چئيِ: ابا! واري آ واڳ ولهين جي، تہ پَٽ ٻُهاريان آءٌ.

وري زال کان ٿو پڇي:

روئندي ٽڙندي آئيو، سمون مائيءَ "مکڻ"[1] وٽ
ڪُ ويلڙا منهنجا ور! ؟آئين ڪهڙي منشامن پائي؟
سامر تي آيون سومريون، مون ڇڏيون آهن موٽائي
تڏهن مينديا تيل قليل جا، تي مکڻ چوڙائي
تہ مڙي اڇو ڏاڏي پوٽيون، اڄ ابڙو مئو آهي
تون واري آءُ واڳ ولهين جي، آءٌ پخالڻ ٿيان.

وري ياچائي جو اُنت ٿو وٺي.

روئندي ٽڙندي آيو، سمون مائي ياچائيءَ وٽ
ڪُ ويلڙا منهنجا ڏير آئين ڪهڙي منشا من پائي
سامون تي آيون سومريون، مون آهن ڇڏيون موٽائي
چئي: ادا هري هري اهِا ڳالهہ ڪر، متان سپڙ ڳالهہ سڻي
سر تنهنجو ابڙَا ادا، متان ڇڏي ڪنن سان ڪائي
تون واري آءُ واڳ ولهين جي، من جنڊ ڪيان آءٌ.

---

[1] مکڻ = ابڙي جي زال.

ابڙي ياڄائي کي چيو:

سومريون آيون آهن ڪينڪي، اڃان منگتو آيو آهي
اتي ياڄائي لاهي ڏنو ستين سوين جو هار
ادا! هي وڃي ڏي منگتي کي، جنهن جي زال سندو سينگار
تہ ڳائي وڳهہ ڪوٽ ۾! ابڙو ههڙا دان پيو ڏئي.

سيفل، ساهڙ ۽ سپڙ، ٽيئي ابڙا هئا.

باگهي نڪتي وڳهہ مان، آگر لائي راڄ
هلي آئي اڳتي، ڪوٽ ڪُنگرو ڏنائين
پڇي پٽ محمد کان، هي ڪنهن جو سائين؟
ڏاڏي! الله نتو پُلائي، آهي ڪندير ڪنڌاٺي
پُٽ! لهہ تہ ڪريون ويلڙو، متان پوءِ ٻتاڪ هٺي.

---

ڪندير پلتي پيو، ويهہ مڻ رڏائين انَ
لشڪر پوري ڪين پيو، چڌي پاڌي ڪن
تہ بہ پوري ڪين پيو، بچيا پنج ٻانهيءَ جا.

---

اتئين اُتي هلي ڳوٺ وڏيري، آگر لائي راڄ
پڇئين پٽ محمد کان، هي ڪنهن جو سائين؟
چئي: ڏاڏي! الله نتو پلائي تہ اوڍر ڪوٽ اڏيو
ابا! ڪاهي ڏس اوڍر کي پوءِ هٺي نہ ٻتاڪ
ڏاڏي! اوڍر پٽ ريدار جو، سام ڏيندوسانس ڪين
ماڙهو ڏيندا مهٺا تہ سام جهلي ريدار.

---

اتئين اُتي هلي راڄ وڏيري آگر لائي راڄ
باگهي نڪتي ڪجاوي مان ڏنئين ڪنگرو
پڇي پٽ محمد کان هي ڪنهن جو سائين
الله نتو پلائي تہ ابڙي ڪوٽ اڏيو
سومريون سام پيون، ابڙي جام وٽ.

سومريون سامر چڙهي ابڙي وٽ، محمد وري آيو وڳھ ڪوٽ تي.

لوهيڙو لڪڻ هٿ ۾ ڪريو، ڪڏي پڙ ليڪو
جنهن ڪي جوفو جنگ جو، نڪري يار اچي
نوي جوانن پڙ ۾ اچي محمد سان بينا
اسين تائب تنهنجي راوَ ڏئين رشخت
ڦريون عالادين ڪان، مڏيون ۾ ملڪيت
ڪُهون چنيسر مير ڪي، ڏيئي نڙيءَ لت.

اِنهيءَ ڳالھ کي ڪجھ وقت پئي ويو:

گهوڙو يار محمد جو بينو نُنهن پر نچي
گهوڙو سيفل يار جو هرڻ حيوان وني
گهوڙو يار ساهڙ جو، جنهن تازي تنگ ڪيا
ستاويھ ڪوه وڳھ ڪان پين پنڌ پري.

---

عالادين ۽ چنيسر خط لکيو محمد ۽ دودي ڪي تہ يا جهيڙو ڏين يا پڳ ۽ سڳَ ڏين. محمد ۽ دودي جي شبيھ ۽ بت ڪاني هڪ جهڙي هئي.

خاطي آيو سيگھ مان ڪيائين محمد جو سلام
جان آهين دودو سومرو، جان آهين دودي جو ياءُ
جان آهين چنيسر سومرو، جان تون محمد آهين پاڻ
ڏمڻ لٿو پيو اٿئي واٽ تي، جنهن سان ست لک چٽا
آهي تنهنجي ميزل تي، تون سِگهي لهينس سنڀال.

---

رات وهامي ڏينهن ٿيو، ٻانگي بولايو
پرهہ ڦٽي پريات جو اُتي نر هنيو نعرو
اجان هليو اچي اڳتي نوي جوانن ساڻ
هڪڙي ميزل واٽ تي 'گنگڙي تر' لٿو
ميزل سر ميزل ڪري وڃي ڏمڻ ڪي پهتو
سيفل پيو ستڪا ڪري، پئي عرشن ۾ اوچنگار
ساهڙ پٽ پهلوان جو بينو واڄٽ وڄائي

اُتيو جيڪي پڇن تن کي محمد ورائي
اونارو واري انين کي، بينو وڳ ورائي
جهليو ڏمڻ کي تنگ مان سپڙ ڦيرائي
ٽئين ڏينهن پڙ واندو ڪري، ڇڏيئن ست لک لاهي
اچي لٿا طنبن ۾ هن کي جيئرو جهلي.

ڏمڻ چيو ته: مون کي اسم الله جي جيئدان ڏيو. آءٌ ڪٽڪ ۾ ڪونه تو وڃان، بيو پاسو ڏئي وڃي ٿو بني بارو ڪريان. محمد چيو ته: ڇڏيوس ته وڃي.

اتي سنيالي حضرت شاه کي محمد پيهر تيو نروار
چڙهي آءٌ تون سنڌ تي، ”نانوان خان“ وزير
چڙهي آيو سنڌ تي نَون لکن ساڻ
ڪاهجي پيو اُڙدن ۾ پيو مرد وجهي مارو
جنگ لڳي جانگاه تيو، مانجهي ڪين مُڙن
وڏ ڦڙو واڪا ڪري، ڪڙڪا ڪان ٻه ڪن
بجليون چمڪيون اُڀ ۾، تان تراڙون ڪن
سرواهيون ترڪن کي واري وات هڻن
سٽيندي اُڙدن مان وڃي نانوين کي پهتو
سنيالي حضرت شاه کي ڏور ٻڌئين پالو
سنيالي حضرت شاه کي پر هنيو پالو
ڪلنگي سان ڪري پيو، جنهن جي ڇڄهري ڪيو ڇٽڪو
ڪاٽيو سِسي ’نانوين‘ جي، اچي نيزي پاند رکيو
پنجين ڏينهن پڙ واندو ڪري، يارنهن لک ڇڏيئين لاهي
اچي لٿا طنبن ۾ پنهنجا پنڌرهن مارائي.

---

چڙهي آءٌ سنڌ تي، تون ”تاهو خان“ وزير
چڙهيو آيو سنڌ تي ٻارهن لکن ساڻ
سنيالي حضرت شاه کي ٽيهر تيو نروار
اُتلي پيو اُڙدن ۾، جيئن ترت ڪڙيو تارو
اُپ رئي سان لٿيو، ناهي سج سماءُ

مردن متان مينهن جيئن قهري كان وسن
بجلي چمكي اُپ ۾ تان ترا ون كن
سرواهيون تركن كي، ڌريو وات هڻن
ويرن نديون وهائيون، وڳهه پاس وهن
سٽيندي اُڙدن مان وڃي ٿاهوءَ کي پهتو
سنيالي حضرت شاه کي ڏور ٻڏئين پالو
سنيالي حضرت شاه کي پڙ هنيو پالو
كلنگيءَ سان كري پيو، جنهن جي ڇڇهري کيو چمكو
كاٽيو سسي ٿاهوءَ جي، اڃي سوني تالهه كٽيو
ستين ڏينهن پڙ واندو كري، ڇڏيئين بارنهن لک لاهي
اڃي لٿا طنبن ۾ پنهنجا پنجويهه مارائي.

---

چڙهي آءُ سنڌ تي، تون 'فتح خان پناڻ'
چڙهي آيو سنڌ تي پنڌرهن لكن ساڻ
سنيالي حضرت شاه کي چوٽيڻءَ ٿيو نروار
كاهجي پيو اُڙدن ۾ جيئن واءُ كري واكو
سيفل سٽكا كري، پئي عرش منجهه اوچنگار
ساهڙ پٽ پهلوان جو، بينو واڄٽ وڃائي
جيكي اُٿيو پيچن، تن کي محمد ورائي
اونار واري وڳن کي، تيئن وڳ پيو ورائي
ستيندي اُڙدن مان وڃي فتح کي پهتو
سنيالي حضرت شاه کي پڙ هنيو پالو
كلنگيءَ سان كري پيو، جنهن جي ڇڇهريءَ کيو چمكو
كاٽيو سر فتح جو اڃي نيزي پاند ركيو
نوين ڏينهن پڙ واندو كري، پنڌرهن لک ڇڏيئن لاهي
اڃي لٿو طنبن ۾ پنهنجا ٿيهه مارائي.

---

چڙهي آءُ سنڌ تي ’احمد خان پٺاڻ‘
چڙهي آيو سنڌ تي ارڙهن لک ساڻ
سنيالي حضرت شاه کي پنجينءَ ٿيو نروار
ڪاهجي پيو اُڏدن ۾ جيئن بحري باز پڙيو
بانشي ڏني بانولي لغڙ جيئن لڙيو
جنگ لڳي جانگاه ٿيو. مانجهي ڪين مڙيو
وڏڦڙو واڪا ڪري، ڪڙڪا ڪانَ ٻه ڪن
بجليون چمڪيون اُپ ۾ تانَ تراروُن ڪن
سرواهيون ترڪن ڪي واري وات هڻن
مغل ڦريو ماندا ٿيو، پاٽي پاٽي ڪن
پاٽي ملين ڪونڪو ماندا ٿيو مرن
ڏڙ جني جا ڏوڙ ۾ لوهو منجهه لوڙهين
سيسيون سلطانن جون پيون ڪلر ۾ ڪرن
جوانَن سندي جان مان سمند وهيو سارو
ويرن نديون وهائيون، پيون وڳهه پاس وهن
مورچا عالادين جا نر ڪپيو ڪيرائين
سٺيندي اُڙدن کي، وجي احمد کي پهتو
سنيالي حضرت شاه کي ڏور ٻڌو پالو
سنيالي حضرت شاه کي پڙ هنيو پالو
ڪلنگيءَ سان ڪري پيو، جنهنجي ڇڄهري ڪيو چمڪو
ڪاٽيو سِسي احمد خان جي اچي ٻسوني ٿالهه ڪنيو
يارهين ڏينهن پڙ واندو ڪري، ارڙهن لک ڇڏيئين لاهي
اچي لٿو طنبن ۾ پنهنجا مڙئي مارائي.

---

هتان آيا محمد تي مغل نوَ جٽا پهلوان
ٻه وري ويا پوئتي ستن ڏک هنيو
ڏک لڳي ويو جان ۾، ويو ورنهه وهه وهي
ڏک جهلي جان ۾، پٽيئين ٻبر پاڙان

واريئيــن ٻهــر ســتن تــي، ســتئي كيــائين پــورا
پــوءِ خــان ســتو كــٽ تـــي ڏگهــا پيــر كـــري.

اِنهيءَ كانپوءِ دودو رات جو جنگ تـي چڙهندو هو. سندس گهوڙو اُڏامندو هو، ۽ رات جو عالادين جي لشكر ۾ مارو كندو هو، لشكر كٽندو ويو. عالادين پڇيو چنيسر كان ته: هي ڇا آهي؟ بنان جنگ جي لشكر كيئن پيو كٽي! چنيسر چيس ته: دودو رات جو گهوڙي تي اچي ٿو ۽ اچي ٿو مارو كري. پوءِ صلاح ڏنائين ته: كوه كٽائي پالا اُپا هٽائي ڇڏ. عالادين ائين كيو. رات جو دودو چڙهيو. عالادين پالن واري كوه وٽ ويهي چيس ته: مڙس وانگر مقابلو كر، رات جو چورن وانگر نه وڙهه. دودو كاوڙيو ۽ گهوڙو كڏائي آيو ته واٽ تي كوه ۾ كري پيو. پالا گهوڙي مان پار تي دودي كي لڳا. پوءِ عالادين ترار سان سر وڍيو. اِتي عالادين جا باقي پنج ست ماڻهو وڃي بچيا. چنيسر چيو ته: هي سڀ مون كيو آهي، نه ته ههڙا كونڌر كي تو كان مرن ها! پوءِ عالادين كان سڀ كجهه ويو، سو پوئتي موٽڻ بدران سنگتين سميت گوري كائي مري ويو.

## 2- جمعي مهاڻي (تعلقي بدين) جي ٻڌايل ڳالهه

[هيءَ اڻ پوري ڳالهه جمعي پٽ سومار ملاح جي زباني، يارهين واري ميلي جي موقعي تي، پير ملوڪ شاه جي اوطاق ۾ تاريخ 18- ڊسمبر 1964ع تي قلمبند ڪئي وئي. جمعو پٽ سومار ملاح ڳوٺ محمود ملاح تعلقي بدين ضلعي جو وينل آهي. اندازا سن 1924ع ڌاري ڄائو. ڳالهه ڪٿڻ ۾ سندس جوڙيوال پيرو پٽ جمعو ملاح ٿئي. يڪتاري ۽ دلي تي 'سورٺ' مان ڳالهه ڪٿڻ. ن - ب]

اول نـــام الله جـــو ڏوجهـــا محمـــد مصطفـــيٰ
ري ٿنيبيــن ري ٿوٽئيــن هــو آڳــي بنــايو آسمــان
ســاراهه ڪريــان تــو سيد جــي، ســا ســاراهه سـٽيجاه.

—

ڪــلر ويــري ڪــوٽ جــو، زال ويــري ســينگار
مـــڙد ويـــري ننـــدڙي، ميجـــيءَ ويـــري ڄـــار
ســانوڻ ســواري نـــہ مـــري، مـــري نـــہ هـــاري ڏانـــد.

—

دودو چنيســـر پـــاڻ ۾ هـــو ييـــڙا هئـــا يـــاءُ
ڪريـــو ويـــس وچيـــنءَ جـــو، هـــو وانـــدين تـــي وڙڪـــن
ڪريـــو ويـــس وچيـــنَ جـــو، هـــو وڳهـــہ تـــي وڙڪـــنْ.

هڪڙي ڏينهن چنيسر چيو تہ: دودا، رات ستي مون خواب لڌو آهي تہ:

تـــہ مـــون ڪبوتـــر ڏٺـــو هيڪـــڙو، وڳهـــہ تـــي وينـــل
جنهن ڄا پـــک هئـا رت سـان ڳاڙها، چهنب هئي پسيل
چيو ڪبوتر تہ آهيان ابن جو، آيس وڳهہ ڪوٽ تاڻـــي
هـــاڻي تـــوري گهـٽـــي ڏينهـــڙي، وڳهـــہ جنـــگ لڳنـــدي
وهنديـون نديـــون رت جـــون، هــــت واهـــڙ وهـــي وينـــدي.

دودي کي چنيسر چيو تہ: ٿوري گهٽـي ڏينهـن وڳهـہ ۾ جنـگ لڳنـدي. تـون پنهنجي پُٽ جي شادي ڪرين تہ اُميدون جيئري ڏسون. تڏهن دودي چيو تہ: منهنجي توکي اختياري آهي. خط لکي خاشا ڪر، ڪڇ، ڀڄ، ڪڪراڙو، احمد آباد ڏانهن ياڻرن کي روانو ڪر.

ٻــارهن تــڙ ٻنگـــار جـــا پـــائر ڪـــر پيـــڙا
خـط لکيــو خاشــا ڪريــو. پيــو خــاطيءَ سڌ ڪــري
خــاطي آيــو جلــدي، هـــو تـــر تئــون پيـــر پـــري
خـــط ڪڍـــي وج خـــاطي، وجـــي پـــالهٽپور پڄـــاءِ
تـــہ تـــوري گهٽـــي ڏينهـــڙي اچـــي پـــائر ٿيـــا پيـــڙا
پلـــي ڪـــري، جـــيءَ ڪـــري، منهنجـــا پـــائر پلـــي آيـــا
هـــاٽي ويهـــي ڪـــوٽ وڳهـــہ اڻيـــن ســـڳَ ڪريـــو پـــڌرا
تـــڏهن ســـاران ڏيءَ دودي جـــي ڏنئـــون محمـــد ڪـــي
ســـونل ڏي دودي جـــــي ڏنئـــون ننـــگر ڪـــــي
مـــــَـــهناز ڏي چنيســـر جـــي ڏنئـــون پونـــگر ڪـــي
پـــوءِ پڙهـــا ڏنئـــون ملڪـــن ۾ آهـــي شـــادي ننـــگر راءِ.

جنهن ٿاٽي سڱاوتيون چٽيون ڪيئون، تنهن ٿاٽي ٻاگهيءَ چيو تـہ: هڪڙي کي پڳ ٻڌايو، سو ڪريو تخت جو مالڪ. ٻاگهي، دودي چنيسر جي پيڻ ۽ ڪانئڻ وڏي هئي. پائرن جي مرضي تہ:

پڳ ٻڌو دودي کي ٻيڙهيءَ ڪريو دودو راءِ.

پر دودي پائرن کي چيو تہ:

پڳ ٻڌو چنيسر کي، نہ تہ ٿيندا وير وڏاءِ.

اتي پائرن صلاح ڪئي تہ دودي کي نشو پياري پڳ ٻڌايو:

شيشـــا گهرائـــي شـــراف جـــا پـــَـــت پـــَـــت پيـــاريو
نـــــر نشـــــو پيـــــاري، وجـــــي دودي پـــــڳ ٻـــــڌو
نـــــر نشـــــو پيـــــاريو پيـــــا دودو دودو ڪـــــن
تـــہ چڙهـــي ويهـــہ منبـــر تـــي توکـــي ور ٻـــہ ورايـــون.

پر دودي نہ مڃيو. جڏهن چنيسر کي پڳ ٻڌائڻ آيا، تڏهن چيائين:

پـــــرم رکـــــو پـــــائرو، آءُ پڇـــــي اچـــــان امـــــان
هـــي ٻنهـــن مڙيـــو ڪينڪـــي ويـــو ســـورهيہ پـــار ســـتي.

چنيسر ويو ماءُ کان پڇڻ تہ پڳ ٻڌان يا نہ؟ پٺيان پائرن دودي کي پڳ ٻڌائي ڇڏي.

چنيـــسر رهيـــو وچ تـــي، تيـــسين پيرين ٿيا پيـــڪا.

چنيسر جي ماءُ ۽ دودي جي ماءُ سچن موتين جا ٿالهہ پريو، لکي در تي بيٺيون هيون تہ جيڪو تخت تي وِهي اُن تان گهوريون. پيرين جا ڏڏڪا ٿيا تہ پڇيائون:

ڪنهن ٻڌي پڳ، ڪنهن تان گهورون گهوٽ ڪريون
چئي: شڪر الحمدالله ٿيو پيڙهيءَ دودو راءُ.

تڏهن ماءُ چنيسر کي چيو تہ:

پُٽ! مڪڙي گهوڙي وڪٽي، وجي ڏڻ رڍن جو ڌار
ويهي شڪارين وچ ۾ تون ڪَڪڙ کي ڪُوڪار
پوءِ ماڻهين ڪري ماهيڙو، تون گِهٽڪي گهيٽا چار.

اتي چنيسر جي زال آئي ۽ سس کيَ چيائين:

ماسي! منهنجي ڪانڌ کي، ولها ويڻ نہ ڏي
اڳي هنيونسين بہ چٽيون، هاڻي تلي ٽيونسين تي
اڳي گَنديون آٽين بہ، هاڻ تلي آڻ تي
اڳي ڪَتيندي هيئين پاوڙو، هاڻ سير سويرو لاهہ.

پوءِ اوير سوير جي توڻ آهي، من چُلهہ جون ڪانيون پيو سيري. تڏهن چنيسر چين تہ:

رنون رهيون ڪينڪي، جيسين وير ڪيا وڏاءُ
جيرا ٻُڪيون ڦِقڙ، منهنجا جوش جلائي جڏيا
آءٌ چاڙهي عالادين اچي هاڻي دودو داڳايان
سسي دودي سُومري اچي سُوريءَ ٽنگايان
هاڻ بنهہ مڙيو ڪينڪي ويو سُورهيہ يار سٽي
تہ دودي پاڻ هٿن سين، بيٺي خان چنبي ڪٽ
چيئين: دودا! السلام عليڪم، چئي: وعليڪم السلام
دودا، منهنجي ڳالهڙي تون ڪن ڏيئي سٽجئين
تہ پڳ منهنجي پيءُ جي، واري ڏي مونکي
نہ تہ چاڙهي عالادين اچي تو دودا داڳايسان
تنهنجي سِسي سومرا! اچي سوريءَ ٽنگايان.

دودي چيو تہ:

پـائر ونـي پيـڙا ڪـر تـہ پـڳ بـہ واري ڏيـان
نہ تـہ ست تـارا آهـن توڪـي، وجـي پٺيـن چـاڙهي آءُ
اسـان عـالادين جـون هـاٿي ڳـالهيون راڄ ڪنـدا.

دودي چيو چنيسر کي تہ:

اهـا سـنهرَ اٽـي وچ تـي، هـاڻ ڪٽنـدا سـي ڪـيندا
پـوءِ ڪَـاوڙجي ڪـارو ٿيـو، چـڙيو چنيسـر راءُ
ڪـاهي آيو ڪُـڙهہ ۾، ڪيئن چوڏهن گهوڙيـون چٽ
تنـگ وجهيـو تٽـڪ ڏي تـہ ڪـا نـہ جهليس تـي سـٽ
سُرخو بيٺو هئو محمد جو، تنهن هن جي تٽڪ جهلي
پـوءِ پـائي پيـر رڪيـب ۾ هـو گهـوٽ چڙهيـو گهـوڙي.

چنيسر گهوڙي تي چڙهي روانو ٿيو تہ ننگر پرسان بيٺو هوس، تنهن چيو:

گهــوڙي وارا گهوٽيــا، تــون گهــوڙو پــاهون وار
تہ پڳ پيڙهي تنهنجي پيءُ جي ونـي چاچا ڪان ڏيئـن
چئـي: دودو پـڳ ڏينـدو ڪينڪـي عـالادين سـواءِ
ننـگر! چـاڙهي عـالادين اچـي هـاٿي دودل داڳايـان.

ننگر چيو تہ دودي کي داڳي ڪير، دودو هر ڪنهن کي داڳينڊل آهي. چنيسر نہ ورپو.

ســو ڏيئــي راتــا رات ۾، پيــڙي يــار رهيــو
رات جٿينــدي ڪيتــرو جــا پهــرن تــي پيئــي
پرهہ ڦٽـي پريـات تـي، جـت بـانگي ڏنـي بـانگ
سج اُڀري سَـيلي ڪـدي، گڏيو ميهـار مـُنهن منجهہ
تـہ آءُ اُجـايو آهيـان، مونکـي پـاٽي يـار پيـار.

تڏهن ميهار چيس تہ:

هـريـن هـريـن ڳالهاءِ، هـو شيـنهـن ستـو بيـلـي.

پوءِ ميهار چيس تہ: جي وڏو ڳالهائين تہ پهرين مونکي هن وڻ تـي چاڙهہ، پوءِ پلي تون وڏو ڳالهاءِ ڪر تہ شينهن اچي تہ توکي ماري. تنهن تـي چنيسـر ونـي وڏو ڳالهاءُ ڪيو. شينهن گجگاه بيلي ۾ ستو پيو هو، سو متس ڪـاهي آيو، جنهن کي چنيسر مڪ سان ماري ڇڏيو.

هنيـس مـُٺ مـتي تـہ مـٿـو پـيـس ڦسـي.

اتي ميهار لهي آيو. چنيسر چيس تہ: يار، هاڻي پاڻي پيار! تڏهن ميهار چيو تہ:

مون وٽ نڪو اٿئي پاڻي، نڪو دلاسو.

مونکي خبر ڪانہ هئي تہ شينهن مٿي جو ڪڇو آهي، نہ تہ آءٌ مهند ماري ڇڏيان ها. اهو ڳالهاءُ سٽيو شينهڻ پٺي آئي، تڏهن چنيسر چيس تہ: هاڻي هڻ مُٽ انهيءَ شينهڻ کي، جو انهي جو بہ مٿو ڪڇو اٿئي. اتي شينهڻ اچي ياڪر وجهي ميهر کي ڪنيو. تڏهن چنيسر کي چيئين تہ:

شينهڻ تي ماريو وڃينم، اچي جند ڇڏائينم
جهجها توکي پاڻي پياريان، جهجها مَهيا ڪير.

تڏهن چنيسر چيو تہ:

اسين ماديون ماريون ڪينڪي، چوندي نر ماريون.

اتي ميهار منٿ ڪيس تہ:

وجهئين نام الله جو، جند ڇڏائينم
هن جو مٿو ڪڇو آهي ڪونڪو، ماريو ئي وڃينم.

پوءِ چنيسر شينهڻ کي ماري، ميهار کان پاڻي پي، اُتان روانو ٿيو.
تڏهن چنيسر ياءُ کي مُنهان ورندي تو ڏئي تہ:

اُتان مَٿي پراهون ٿيو، گڏيس ڪرد جال
کي ڏهاڙا ٿي ويا، مونکي ماڻهو ماه ڪيندي
هت مران تو آءٌ، هُت مري تي پوڙهي ماء
هيءَ انگونگڙي پاسن سوڙهي، تنهن جو نالو ڇا؟
چئي: هي ترار آهي تکڙي، جو گڏجندي ڪري تي گهاء
هي ڏگهہ بہ ڏگهڙي، تنهن جو نالو ڇا؟
چئي: هيءَ بندوق اهي بيڙي، جا پري ڪان ڪري گهاءِ
هي ڏگهہ بہ ڏگها لوهڙا، تن جو نالو ڇا؟
چئي: اهي يالا ٻٽيون بيڙيون، جيکي ڦري ڪان سجهن
ڪل رهي ڪانڪا، تيسين ياڪرين پئجي ويو
وجهي ياڪر ڪرد جال کي، چنيسر مٿي ڪنيو.

چنيسر ڪرد جال کي ڪنيي ڪٽي ڪنيو ۽ زور ڏنائينس. تنهن تي ڪرد جال چيس تہ: ادا! مونکي زور ٿورو ڏي.

چنيسر چيو تہ:

انهي هاٿي جي مٿان مران تہ لهان جُنگ ثواب
تہ نہ مرنمر سون ورنيون سومريون، نہ رليمر دودو پاءُ.

چنيسر ائين چيو تہ درو پيلوان مڪني مان ڪٽي هٿ ڪديا. ۽ هڪل ڪيائين: هاٿي پوندئي خبر!

اتي ڪاوڙجي ڪارو ٿيو، چڙيو چنيسر راءِ
هنيائينس مُٺ مٿي ۾، جنهن جو ميڃالو پيو ڦسي
پيلوان بنهہ مڙيو ڪنيڪي، آيو تخت مٿي ڪاهي.

عالادين ڪي پيلوان ڊوڙي اچي چيو تہ: سائين! ماڻهو هڪڙو درياءَ تي بيٺو آهي، جنهن هاٿي ماري ڇڏيو. اتي حڪم ٿيو مغلن ڪي تہ ٻڌي وني اچوس!

بنهہ مُڙيا مغل ڪينڪي، آيا سورهيہ يار سَتي
تڏهن ڪاوڙجي ڪارو ٿيو، چڙيو چنيسر راءِ
گهڙي پل گذري تہ تي وٺ وٺ جي بولي
مغل هٽيو هڪبين تي ٿو ڪري ڍير وڏا
مغل ماري مُڙيو ڪينڪي، آيو تخت مٿي ڪاهي
چيئين: سنڌي آهيان سومرو، وڳهہ جو وريام
دودي پڳ آهيم ڦُري، سا وني هلي ڏي.

عالادين چيس تہ: گهڙي پل ترس تہ آءُ توکي پڳ هلي تو وني ڏيان. تڏهن عالادين کي چيائين تہ: ايترا مغل مون ساڻ گڏي ڇڏجو، جو مونکي دودي کان هلي پڳ وني ڏين. هاٿي چنيسر، عالادين کي چاڙهيو، دودي تي ڪاهيو وڃي.

ڏيئي راتا رات پيڙي يار رهيا
رات جٺيندي ڪيترو جا پهرن تي پيئي
سج اُبري سَيلي ڪدي، اچي ’بنگار‘ تي لٿا
هاڻ خوني خط خلل جا پيو چنيسر لکي
خط لکيو خاشا ڪريو، پيو خاطي سڏ ڪري
خط ڪٽي وج خاطي، وڃي وير وڳهہ پڇاءِ
خبرون وڳهہ ڪوٺ جون مون کي جلد آڻي ڏي
خط ڪٽي خاطي هليو، هو سنيري ٿيو ساڄو

چيئين: پار ڏيئين دودي جا، خاطي سٽيو وڄ
پري ڪنان توڪي ڏسڻ ۾ ڪڪر ايندو ڪارو
مڙس اٿئي مَنهَن جيڏو، جنهن جو مٿو مَٽ
سينو دودي مير جو اٿئي ڳاڙهي ڪٽ
ٻانهون دودي مير جون اٿئي ٻيڙين سندا ٻَر
شهپر دودي مير جا اٿئي ماهيا پُور
دودو سالن سڳَ سنوان ڪري وِنگن لاهي ور
پوءِ لڪي ڇپي وڃي سُوڏا ڪِڄ سلام.

---

خط ڪٺي خاطي هليو، سنيري ٿيو ساڄو
ڏيئي راتا رات ۾ هو پِيڙي پار رهيو
رات جٺيندي ڪيترو، جا پهرن تي پيئي
پره ڦٽي پريات تي، جت ٻانگي ڏني ٻانگ
ٻِنهه مڙيو ڪينڪي، ويو سورهيه پار سٽي
پري ڪنان هن ڪي هو ڏسڻ ۾ آيو ڪڪر ڪارو
مون ڪي چنيسر پار پورا ڏنا، هو دودو راءِ
دودو هو فجر ۾، تيسين خاطي خط ڏنا
دودي لوٽو ڦيريو هن دهشت ڪانه جهلي
چئي: هي موڙي وٺ پنهنجي، منهنجي الله توهار اٿئي.

---

گهڙي پل گذري، دودي نمي خط ڪنيا
پڙهيو پروانا پاءِ جا، دودو روئي رت ڦڙا
عالادين چڙهي آيو، تڏهن ڪهڙا خير ٿيندا
پڙهيو پروانا پاءُ جا، پيو دوسوءَ سڏ ڪري
دوسُو آيو جلدي، هو ترتوئن پير پري
چئي: عالادين چڙهي آيو، اچي 'تار بنگار لٿو'.

---

اُڙد عالادين جا اچي پَٽ پري وينا
اُڙد عالادين جا، جنھن ۾ مرون منھنجيو مرن
اُڙد عالادين جا، جنھن ۾ آلا ڪاٺ ٻرن
پکي پٽين عالادين کي، جن کي ڇڏائين واھيرا.

—

ننگر ويو آ راند تي، تنھن کي ڳولي يار اچو
دوسُو پاڳو پاڻ ۾ ھُو ڳوليندا اچن
پڙھا ڏيو ملڪن ۾ ھو ڳوليندا يار گھمن
ڳوليندي قوليندي وڃي ارڙھين ڏينھن ڏٺئون
ننگر پانيو ماڻھو شھر جا، آيا ڏائيءَ راند ڏسڻ
دوسو چيو پاڳو کي وڃھ تندن منجھ تنوار
من ساڃ سڃاڻي سومرن جو، پڇي وڳھ جا اھڃاڻ
تندن وائي وات ۾، ھئي ڪلمي جي ٻـ پچار
ساڃ سڃاتئين سومرن جو، ساڳئين دوسو پاڳو پانَ
پـڙ پڇي پاڪر وڏا، خوشيءَ منجھارا خان
چئي: اوير ڏسجو اونيا، مونکي خيري خبر ڏيو
مون ڪُوڙين ڪنين آھي خبر ٻڌي، چڙھي عالادين آيو
کھڙا ڪٽڪ عالادين سين، کھڙا ديمين مُنھن؟

—

ننگر تو نالا پري، دوسُو جي مھندا
تہ وجھان نام الله جو، مون سان سُوڏا ڪر سچي
کھڙا ڪٽڪ عالادين سين، کھڙا ڪٽڪن مُنھن؟

—

چئي: پنجاھ لک ترڪن جي آھن ھيڪاندا ھمراھ
پنجاھ لک پناٺن جي، آھن پائر سي پيڙا
پنجاھ لک ايلچن جي. جيڪي زرھين ساڻ جوان
پنجاھ لک پڙھلين جي. جيڪي بانگا ٻوليون ڪن
سِر سِر ڪريو توبري ۾ ھو گھمندا يار گھمن

نوَ سوءِ نوَ مسيتون، هُت ڏينهان ڏينهن اڏجن
پنجاه لک چرين جي، جيڪي ماڻهوءَ ماه گهرن
پنجاه لک اٺئي گازرين جي جيڪي گز ڪمان هٿن
پنجاه لک شڪارين جي، جيڪي ڏقا ڪٽيو گهمن
پنجاه لک راڏارن جي، تہ بہ ماڻهو بک مرن
پنجاه لک پخالين جي، تہ بہ ماڻهو اُڃ مرن
مهنديــن گهوڙن پاٽي آ، پويان گپ چٽن
پنجاه لک واٽين جي، جيڪي بازو جوڙ ٻڌن
ايڏا اُڙد عالادين جا، جنهن ۾ آلا ڪاٺ ٻرن
اُڙد عالادين جا، جنهن ۾ مرون منجهيو مرن
ننگر! مونکي خبر اٺئي ايتري، پر اجان سرس چون.

# 3- دودي مهاڻي (تعلقي بدين) جي ٻڌايل ڳالهه

[ڳالهه جا هي شروعاتي بيت دودي مهاڻي جي زباني ڪڇهري ڳوٺ محمود ملاح تعلقي بدين ۾ تاريخ 14- فيبروري 1959ع تي قلمبند ڪيا ويا. دودو مهاڻو اندازا سنه 1924ع ڄاري ڄائو. هن اها ڳالهه پنهنجي چاچي ٻانهي مهاڻي کان سکي، جنهن وري مجني ماڇي کان سکي، جيڪو لاڙ ۾ گهمندو ڳائيندو وتندو هو ۽ وڏو قابل شخص هو. ن - ب]

اول نـــام الله جـــو، جنهـــن نـــه جيـــڏو ڪـــو
ري ٿنييـــن ري ٿوڻئيـــن، آڳـــي عـــرش بنـــايو
تـــارا قطـــب ڪتيـــون، هـــيءَ جـــوڙ بنـــائي جنســـار
ڪـــلر ويـــري ڪـــوٽ جـــو، زال ويـــري ســـينگار
مـــرد ويـــري نـــدڙي، ۽ مڇـــيءَ ويـــري ڄـــار
ســـانوڻ ســـواري نـــه مـــري، مـــري نـــه هـــاريءَ ڏانـــد
آس ڪندي ڪو مَ وڃي، شل ڪنواريءَ سندو ڪانڌ.

---

جهڙيون جني جي من ۾، ڪندو پوريون حضرت شـاه
اسين شاعر آهيون ڪينڪي، آهيون سگهڙ وير سُـيا
جيڪـا رضـا رب جـي، تنهـن تـي راضـي رهـڻ جڳـاءِ.

---

دودو چنيســـر پـــاڻ ۾ پيـــڙا هئـــا پـــاءَ
ڪريـــو ويـــس وڇيـــنءَ جـــو، وِڳهـــڙي وڙڪـــن پيـــا.

چنيسر دودي کي چيو ته: مون خواب لڌو آهي ته وڳه تي جنگ لڳندي:

وهنديون نديون رت جون، واهـڙ وهـي ويـندا.

محمد ۽ ننگر ٻئي چنيسر جا پٽ هئا ۽ دودي جو پٽ پونگر هو. چنيسر چيو ته ننگر ۽ پونگر جون شاديون ڪريون: تڏهن دودي خط لکيا:

ڪـــَـــچ پـــُـــچ ڪڪـــراڙو، احمدآبـــاد چـــون
بـــارهن تـــڙ ٻنگـــار جـــا، پـــائر ڪريـــو پيـــڙا

خط لکيو خاشا پيو خاطي سنڌ کري
تہ خاطي آيو جلدي وهلو پير پيري
خط کڻي خاطي وڃي تون پالهڻپور پڄاءِ
خط کڻي خاطي هليو، سنيري ٽيو ساڄو
ڏيئي راتا رات ۾، هو پيڙي يار رهيو
تنهن کي کيئن راتيون رڻ، لکين سڄ لتا
توري گهڻي ڏينهڙي وڃي پالهڻپور پڳو
پائر پالهڻپور جا، اچي پيڙا ٽيا
ڏيئي راتا رات ۾، پيڙي رات رهيا
رات جتيندي کيترو، جا پهرن تي پيئي.

---

## 4- احمد خان نظاماڻي (تعلقو ماتلي) جي ٻڌايل ڳالهه

[ڳالهه جا هي بيت احمد خان نظاماڻي وينل نري، تعلقي ماتلي جي زباني سنه 1958ع ۾ قلمبند ڪيا ويا. ان وقت سندس عمر نوي سال هئي. احمد خان نظاماڻي جواني ۾ دودي چنيسر جي ڳالهه ڪٺندو هو هنيئر وڏي عمر هئڻ ڪري ڪيس بيت وسري ويا آهن. هيءَ ڳالهه اصل ۾ وريام ماڇي کان سکيائين، جو 'ديري محبت' (تعلقو ماتلي) جو وينل هو. وريام، تالهي ۾ دلي تي ڳالهه ڪٺندو هو ۽ چوندو هو ته: 'لنيون ڏُڪا پاسي ڪريو، متان آءُ ڳالهه ڪٺان ۽ هٽي هڪبئي کي ڦتي وجهو'. ن - ب]

سَمان گڏ تيا سومرا، تنَ جا سوڙها تيا اُمرا،
راڄن تي به صلاح ڪئي: اڄ پڳ ٻڌين دودا راءِ!
چيو ته دودل سومري، منهنجو وڏو آهي سو ياءُ
آهي چنيسر سومرو، اڄ چڙهيو تي شوق شڪار
خان هوند به ڪڏٽي ڏانهي، اڄ مير مُهاڙي متا.

---

خاطي خط ڪٽي هليو، ڀڳڻ ٻيلي ڏانه
مير مُهاڙيءَ متي وينو، خان به ڪڏٽي ڏانه
خاطي خط به اُچِليو، وڃي چنيسر اڳيان
سو پڙهيو پروانا ياءُ جا، وينو مُرڪي مير مُنهان
ته: ادو ابو يانئيان، مونکي راڄ کندا پوءِ ڇا.

---

اتي سڏ ڪري ٿو سئيس کي، منهنجو ڪُنهڪَت ڪاهي آ
سونا سنج سنجاف تي، ڪري موتي جي به جڙاءُ
چڙهيو چنيسر سومرو، اڄ وڳ متي وريام
آيو چنيسر سومرو، جڏهن دودي جي دربار
اُتيو دودل سومرو، جنهن جهلي ڳلي گهوڙي آ
چئي: ادا! پڳ اٿئي به پنجاهه جي، اڄ سوني تالهه وڇا
ٻَڏين چنيسر سومرا! تنهنجو آهي نه جوڙ جڳاءِ.

تڏهن چنيسر دودي کي چيو تہ: پڳ ٻڌندس، پر اول امان کان وڃي تو پڇي اچان:

چئي: پهرئين پڇئين تو ماءُ کان، پوءِ ٻڌئين تو پاڳ
ستَ وهاري سومرا، تو لوهر لڄائي ماءُ
آيُئي سيڪ سنڌاڻ جو، ڪ آيُئي اڳارن ساءُ
پَک ڪَيئہ پنهنجا پڌرا، تو لوهر لڄائي ماءُ.

جڏهن چنيسر ماءُ کان پڇڻ آيو تہ پويان پير تي ڏونڪو لڳو ۽ دودي پڳ ٻڌي.

اها خبر جڏهن حويلي ۾ پهتي تہ ماءُ چنيسر کي چيو:

نيري گهوڙي وڪڻي، تون ڏڻ رڍن جو ڏار
سائو چابُڪ ڇڄ ۾، تون گهڏيو گهيٺا چار
ٻيلي ٻنهي ڪنڌيين، تنون ڪَڪَڙ[1] کي ڪوڪار
ماٺهين ڪندي ماهيڙو، دودل جي درٻار.

پوءِ وري چنيسر جي زال چيو تہ:

اڳي هيونسون ٻہ ڇڙيون، هاڻي ٿلي ٿيونسون تي
اڳي ڪتيون پاءُ، هاڻي سير ٻہ سويرَي.

---

[1] يعني ڪتو، ڪَڪڙ رنگ ڪتي جو.

## (ب) تاج محمد (تعلقو بدين) جي بڏايل ڳالھ

[اسان کي هيءَ ڳالھ تاج محمد پٽ ابراهيم پٽ بچل پٽ ابراهيم پٽ حبيب الله پٽ سالار پٽ چيڙ پٽ ڪالي خان، اصل وينل ڳوٺ هتونگو لڳ راڄ واهـ سنہ 1958ع ڌاري ٻڌائي. جيئن تہ ڪيس سربستي ڳالھ ياد نہ هئي، ازنسواءِ بيتن جو سلسلو بہ اڻپورو هو. تنهنڪري فقط بيت قلمبند ڪيا ويا، جيڪي شامل ڪيا ويا آهن. ن – ب]

رات وهامي ڏينهن ٿيو، اُڀريو تارو
گاهي هليا گاه تي هٽي هاڪارو
رکج رب راڪاس کان گھمون جھنگ سارو.

—

عالادين اچي پيو، جنهن سان آلا ڪاٺ ٻرن
جتان عالادين اچي پيو لڏيو راڄ وڃن
واهڙ آڏا واهڙيون، تنهن جو پتڻ ڪين پڇن
ڏهہ سوءِ ڏقيرن جا بينا 'دودو دودو' ڪن
نوَ لکيون ڏهہ چليون، سي ٿيون چڳدي سان چڙهن
'باڪر واهہ' بيهي رهيو اچي 'روپاهہ' روڪيو جن
'سابران' ندي سُڪي ويئي، لنگھہ 'ڪنيات تا ڪن
اڄ سيان اچن تا ويني ڳڙهہ ونن.

—

خوني خط خلل جا در وڳهہ آيا
ڪاتب شهر وڳهہ جا دودي عامل ڪوٺايا
پڙهيو پروانا ياءَ جا بينو مُرڪي مير مُهان
لاتي لُنءُ لڳن کي خط ادل جا آيا
وڃڙيا آهيون ورهين کي، ڪندو هادي هيڪاندا
وري تہ وڳهہ ڪوٽ ۾، ادا آڻيندا ٻہ الله.

—

والي وڳهہ جو سومرو توڪي سُجهيو نٿي دودو راءِ
جا پر وڻندي راءَ ڪي سا پر ڪندس آنءَ.

—

ريدار بيٺو اڳتان جيڪو ڦر چاري
ڏسيو صورت سوار جي، جو تو نوڙيو نهاري.

—

ادا منهنجا عالادين ڪي وجي ساري ڏج سلام
ريدار وڙهندءِ اڳتان جيڪو لائي ڏيندءِ ماتام
نَوَ سؤ کهاڙي سنڌ ۾ منهنجي لڳي ڏهاڙي لام
قادر ڪم پورا ڪندو جيڪي ڪَهان تو بہ ڪلام.

—

وڳهہ قلعو قادر جو، جنهن ڪي لڳي نہ ڪوسو واءُ
پلي تہ دودا چائين، تنهنجي نج ويائي ماءُ
اڳيان عالادين جي منهنجا ڪيا اتئي ڪوڙ سچا
مونکي مغل مجيندا هئا ڪينڪي هاٿي اکين سان ڏسندا.

—

خط پَٽ ڪاچي ڏي ويا، ڪي ويا بنگالي ڏانہ
ڪي تہ مُڪائين قنڌار ڏي، ڪي باهڙ مير متان
ڪي ويا اجمير ڏي، ڪي روم ولايت ڏانہ
راڄ روڪي چڙهيو دودي جو اُمراءُ
پيل 'پاهوڙي' جي پوي، دودا! چڙهہ تہ ڏسون بادشاهہ
ننگر چاڙهينءِ سومرو ڪري خير خدا.

—

چند ٻُڪي چوڏهينءَ پيو آ ننگر ڪي بہ نڪاح
ننگر ڳانو ٻانهن ۾، جنهن جي ونِي ويهي وَنواهہ
دهل دمامان پيا سي جهٽ نا جهليا
مُڪي اٿس ڪوٽ قنڌار ڏي، جنهن جا ڄاڃي مَنَهہ آيا
مَنَهين مانيون هلن جنهن طعام رڌا رهبا

سما ڪُتا نڪي سومرا، نڪي ٻيا تہ ڪُتا اُمراءَ
تن مان چڙهندو ڪونڪو، آءٌ پاڻ چڙهندس بادشاھہ.

—

سو دودي داناءَ سان اچي ڪيو 'دوسوءَ' مير ڳالهاءُ
ننگر جي چڙهڻ جو ٻَڌو اتئي راڄ رياءُ
اهو ننگر چاڙهين سومرو سياڻي ڪندو خير خدا.

—

ساز ڪٺي سرندڙو آيو پاڳو ڏيديءَ ڏانہ
طرح چاڙهيَئين تندن کي، جنهن جي تندن رکيو هو تاءُ
اندر حويليءَ ۾ وڄي پيو سندي ساز سمَاءُ
راڻيءَ ٻانهيءَ کي چيو چيو دائي کي داناءُ:
ٻانهي! در آيو اتئي منگتو، لهي آءٌ سندي ساز سماءَ.

—

آءٌ اسان جا منگتا، ويهي سرندو ساز وڄاءِ
خوش هو دودو سومرو، خوش دودي جا دايا
موچي اسان جي ملڪ جا، خوش پَرثَ، پچارا
تون ڪيئن خوش هئين، خوش دودي جا دايا
بادشاھہ ٻُڌان تي ٻڪار ۾ جنهن روڪيو تڙ روپاھہ
وَرَ تان منهنجي وِلَهي وڃي برحال ٻاري باھہ.

—

ٻي مُهتو تي موتيو جيڪو ماڳهين مريم ڪان
ٻگل اُت ٻيهي رهيا، جنهن جي سرندي ڇڏيو ساءَ
وُڙهو تو واهو وهي جيڪو ڪڙيو خان ٻہ واھہ
چوڪر روشني راند جي جن کي ڏائِي جي آھہ ڏاھہ
سما هئا يار ننگر جا، جن ڏني هيس سڌ سماءُ
در آيو اتئي منگتو، جيڪو موتايو تنهنجي ماءُ.

—

ترس تڪڙ ڪر ڪام ڪا، جيتر تنهنجا وارَ سُڪن
اهو عالادين هڪڙو، پر چڙهيا چار اچن
تو لکي بادشاهه، اسان ليکي لنب جو گاهه
ائين لُٽون بادشاهه کي جيئن لٽجي لنب جو گاهه
سياڻ ڦُريون عالادين کي، هلي لتاڙيون بادشاهه.

---

زرِهُن جا چولا ڍکي جنهن بيني هول ڍکيا
موزا وڏائيَن پير ۾ جي لهندا هٿا لک سوا
وڏي هٿائين پاڳ متي ۾، متان چوٽري ڏاڍو چاهه
پاٽيءَ جيئن پلٽيو اچي جيئن دور ڪري دريا
پورب جئن پلٽيو اچي جئن واڪا ڪري واءُ
ڪُڏي تو ڪيهر شينهن، جِئن تو هرڻ ڏي لاهه
پاڪر پاتائين پانَ کي، ادا مونکي ڳالهه ٻڌاءِ
تنهنجو ڪم آهه مردن سان، زالن سان ڪم ناهه.

---

سڏي چيائين سئيس کي، منهنجو ڪئينت ڪاهي آءُ
لعلون هئن لغام ۾، ۽ دُمچيءَ تي داٽا
سنج سچو هوئيس سونَ جو، ڪمي ڪُميتن ناهه
گل سهٽا گادي تي، ٻيا موتين جا جُهوڙا
آٽي پاڳوءَ پان کني ڏيو تان ويس وڳا
ائين پهرائين پان کي، جيئن پهرائجي بادشاهه
آٽي پاڳو پان کي ڏيو تان سونهري سروپاءَ
اهو اسان توکي ڏنو، ٻيو ڏيندءِ پاڻ خدا
سلام منهنجا ڏج چاچي کي، چاڻ نه پهتا تو وٽ يار.

---

چڙهيا مير ننگر سان پلا عالم لوڪ اچن
لارين لاهه وڏا ڏنا، جنهن سان بس نه بندقون ڪن

تڪا تماچا چـُـڙيا، جنهن سان تاءُ رکيو توبن
مزا هئا 'مـُـڳرن' جا، جنهن سان مـُـگريان وڄن
ڪارابين بہ ڪـَـهڪيا، جنهن سان قرنايون ڪرڪن
سـنڪو پييو ستارن تي، ڪٿي ڏان ڏان دنبورن
وڄيا ٿي بگل بهادري، جنهن سان ڏڪڙ ڏمالون ڪن
ڊوليا هلي توتي ڊرندي، مٿان چوٽري رکيو چاهن
ٻـَـڌي ٻانهون رومال ۾ ڏناٿين گوڏو اچي گلمن.

---

پونم پـُورا اَبل جا، مونکي جذبا تا جاڳن
هيـنئون ڦاٽيو اڌ ٿئي، منهنجا ڦقڙ تا ڦڙڪن
ڪـِـٿ نہ اچنم ڪومچا، مونکي وهـِـ ٿيو طعام پون
ماٺهو ڏينم مهٺا مونکي جذبا تا جاڳن
ڪريـَـٿين هوند ويڙهہ وڳهہ سان، منهنجا مجرا راڄ ڏسن
تختا تختن تي ڪريـَـٿين آڏو اُمرائن
ڏنو اٿئي سگَ 'سونڻ' جو، منهنجا لـُـڙهيا لـَـڙ وڄن
اڃلاٿي وجهـ آڙاهـ ۾ ننگر سوڏو نوابن.

---

سڻ تون ننگر سومرا، جيڪا ڪٿي هـُيـَـم پوٺائي
چيم چنيسر راءَ ڪي وات ڪـديو وائي
ويهہ ڪچهريءَ وچ ۾ پـڳَ مـَـتهـُـون آئي
ست نہ وينو سومرو، هليو ماڳ پڇڻ مائي
ڪوڙي ڳالهہ ڪري ويو، مون سان ياڳي نہ ٿيو يائي.

---

جڏهن چڙيو هو چنيسر سومرو، تڏهن وينا هئا تہ امين
پيڙهي پڳ جهل پانهنجي ڪٽي ٻـِي سان ڏينس زمين
هوند ويهي وڳهہ ۾ رهيو، ٻولي ٻوليٿين ٻـِي نہ.

---

ننگر! پنهنجي پيءُ کي اچج ورائي
ٻارهن شهر ٻنگار جا پلي خان کٽي کائي
نوين لکين جي سنڌڙي اچي هٿ سان هلائي
پلئو نہ ڏيندس پڳ جو ٻيا راڄ ٻہ پائن کي
سر منهنجي تي سُهٽي سا ٻَڌِي نہ ڏيان لاهي.

—

پيڙهيءَ وينين پانهنجي، چاچا! وينين ڏيان ڏري
پڙ تنهنجي موييءَ پاءَ کي کڏيو هُوءَ پاڻ پري
پوءِ توکي دنيا ديوانو کيو، هُو وِيهي کيئن کري.

—

ننگر! پنهنجي پيءُ کي ابا! ساري ڏج سلام
پائر مارائيندين پائتيا کسر پوندءِ کان
سجيون کندين سومريون، کندين مُلکن ۾ ماتام
کڏهن وَلهو وڳهہ ۾ مارائيندين دودي جهڙو ڄام.

—

کارو طنبو آهي پٺهين جو، کارو پٺهين جو ويس
سائو پالو هٿ ۾، جنهن کي نيرو گهوڙو هيٺ
پيچ سڃاڻج پڳ جو، جيکو ميناکاري پير.

—

چاچا! ميناکاري مولهيا هُت لکين لاک ٻڌن
پکا ڏنيم پار اَبل جا، جيکي صحي سڃاڻن.

—

'ادو' کيائين وات ۾ وجي کيو اتس ڏڙ ڏکاءُ
اُتليو ءِ کريو پوي کُونهٺ کٹ متانءُ
اڄ پُچاڻا کهڙو، جنهن ڏنا هوندا ڏولاوا
قد قوت مون جهڙو ٻي طرح طبعيت ناهہ
مُنهن ماهہ کڙئي جئن، جنهن جو بت ٻري ٿو باهہ

سونَ پٽهين جي سر تي سونَ بہ شرمندو آهہ
سنئون هوندو سِرهَل وڻ جئن، ڪابُولي ڪٽڪ مٿان
بيو جهڙس هوندو ٿي ڪونڪو عالادين امراءُ.

—

چنچر چيهہ نہ وچڻو، اُلهندي آچار
آگارو اَولو اٿئي، پُٽ! سومرو سولو وار
اربعا ڏينهن اُتم اٿئي نالو مٿس نار
خاصو ڏينهن خميس جو، جنهن کي جهان چوي ٿو جوءِ
ڪجئين جڌبو ڏينهن جمعي جي، پهر ڏينهن کان پوءِ.

—

صاحب لائي سانوڻي، جئن دُرس وهي درياءُ
بيلا ٻُڏن ٻوڏ ۾، اُتي وهن واهڙ واهہ
هاري چاڙهين نار کي ساريو حضرت شاهہ
وجهن ٻج ٻنيءَ ۾ ڪن الاهي توهار
ائين نپائين سلڙا، جن تان هُڙ هيا هڪلين ٻار
چوئنڪ ڍڍي گلقاڙ ۾ تن کي والي لاءِ مرَواءُ
ابو چڏي ويم تنجڻن ۾، مون کي مريم نپايو ماءُ
آءُ ماريندس جن کي سي سياٽي مون کي ماريندا
ههڙو ڪونڌر ڪسندو هلي عالادين اڳياءُ
سا جيجل جوڳياٽي ٿيندي جيڪا مِني مريم ماءُ
آيل اونيڙا ڪندي وڳهہ ڪوٽ وچان
ساسام پرتي اٿئي سومرا، جنهن جو پٽ نڪو اٿئي ياءُ.

—

ابو چنيسر ياڻئيان، مريم ياڻئيان ماءُ
پٽَ راٽي پورهيت ڏيان، ڏيانءِ ساران ڏيءَ اڳياءُ
ڏيانءِ سونڻ ڏي هاج ۾ جيڪا لوڏي هندورا.

—

ساري حضرت شاهہ کي هُو گهوٽ چڙهيو گهوڙي
سونهري سروپاءَ کي ڇڏيئين ڇڻڪيءَ کي ڇوڙي
تازيءَ تَوَ ڏاڍا کيا متان کيهر ڪُلها موڙي.

—

راڻيءَ ٻانهيءَ کي چيو، چيو دائيءَ کي داناءُ
تنبي ڪامون ٽڙڪي ويا، جنهن جي پٽين ۾ واڪا
هيبت هندوري گهٽي، منهنجي ڪٽ ڪائي دهڪا
ٻانهي! ڏس متان عالادين اچي پيو وڳهہ ڪوٽ وچان.

—

مُنهن تي ناهيس مسَڙي، اچا چوٽن اتس چاهہ
سونا ڪنگڻ سومري، جنهن جي ڪنن ۾ لُڙڪا
ڪڏائي تو ڪيڪان کي پُٺ چون چنيسر راءُ
اهوَ ور آهي تنهنجو وَلهو، جيڪو نالي ننگر راءُ.

—

وِلتي اُتي آ وچ جيئن، ناز پري نينگر
سج سورجُ جيئن سهٽي جيڪا مَلڪن برابر
ڪانئي تي ڪنوڻ، جيئن دودي ڏيءَ اَپچر.

—

سونڻ سور پرايا جڏهن ننگر ڏنائين
آڻي آب اکين مان رت تي رُنائين
مدد تيندءِ مصطفيٰ سوٽ! حامي حضرت شاهہ
اڳيان عالادين جي جيڪا لڳئي سا پلي لاءِ
قوڪ تہ لڳي اَنبرين، تنهنجو اُڌمان ڏي آڙاهہ
سر ڪجانءِ صدقو اسان گهوريون لڄن تان
جهوليءَ پايو جهليان ڪيدان اوچا پار متانءِ
سر تنهنجي سهرا هوند ٻڌاءِ جُڙيا
هاڻي ميڙي منجهہ محمد جي اسان تو بہ نڪاح.

—

وجان تو وڪيل ٿيو، من بابو ڪري پرچاءِ
جي پٽيل پرتو ڪينڪي، ڪيائين جهيڙي جو وڏاءِ
پوءِ مون آهن ڪاٿ قبوليا عالادين اڳيان
هيڏانهن سانَ ڪرندا سومرا، هوڏانهن مغل تيندا پَها
ڏيو ڏاڪ مريو ويندا، آڏو هوندس اُمراءَ
ڪَٽِيا ايندءِ ڪاڇن ۾ مڙهه ننگر مُنگر جا
قولهي ڏسجو رت ۾ هوندَو ننگر جا نياپا.

—

ننگر پُٽ! بادشاهن سان هيٺي راهه هليج
جي مون ڏني ڏيهه چُتي ته مڙس نه مارائيج.

—

جئن ڪو سُوڙهو سومرو، تئن توڪي پانيان
مڙس ڏيندوسانءِ سومرو، جيڪو مٽ پنهنجو پانيان
مرنديِنءِ شال وڳهه ۾ توڪي سر چمي چائيان
رکئين 'ماروڙي مقام' ۾ ڏيئين سامي سان لاوان.

—

ڪنون ڪيت اسان جو، جيڪا وڏن پوکي آهه
طبل ڪريون تختن تي، ڪائون ٻوڙ پلاءُ
رائر ونون تا روڪڙ، پيو لاڳو سنڌ مٿان
سما ڪُتا نکي سومرا، نکي ٻيا ته ڪٿا امراءُ
تن مان چڙهندءِ ڪونڪو اسان جي ته پُٺان.

—

ڳوريءَ لاتا ڳهٽا، هوريءَ لاتا هار
ڏوڙ پاتائين منهن ۾، رچ پاتائين چار
وَرَ وجايم پانهنجو، پيم پُٽ جا پار.

—

ڏهه مهينا پيٽ ۾ مون تنهنجا سور سَنا
ڏهه مهينا گذريا تڏهن پرور ڪيئي پيدا

روزا ٿيهه رسول جا، پنجئي وقت پڙهيا
ري وضوءَ ري مسحي مون ڏنا توکي کين ٻـُبا
تـَنجير توکي تلوار سان، ڏُکا توکي کانَ وڏا
مون تہ ڇاڻو هٿر رُڪ جو، شايد سِجَ سَنو اٿئي تاءَ
خدا جي دربار ۾ڪئين پورهيا کين اگهيا
ڪئين آهن سکندر اُتي ويا هن ذرتيءَ مٿان بادشاهہ
مِهتر سليمان لنڌي ويو، جنهن جو تخت هلايو واءَ
نکي هوندين هميشہ جيئرو، نکي هلندين سلامت سان
مارج بابا جنگ ۾ ڪڏان اوڇا پار مٿان
آڏو پنهنجيءَ ماءَ سان ڪيو ننگر تي ڳالهاءِ:
اڄ اڄوکي راتڙي آهيان جيجل تنهنجي جاءِ
سياڻي تہ صبوح جو چڙهي روڪيان تڙ روپاهہ
چڙهندس وڳهہ ڪوٽ مان ساري حضرت شاهہ
ذرتي تامي جي ٽيندي، جتي وڻ ڇڏيندا واءَ
اُپ رَئيءَ سان لـَتبو، پوندو سج جو ڪونہ سماءُ
سج نيزي پاند ايندو تنهن عالادين بادشاهہ
لاهہ ننگر تان آسرو ايندءِ کهنبن منجهہ ڪچي.

---

آڏي جا آغاز ٽيا، بينو جيجل جاڳائي
پٽيهہ ناريون ورٽيون بخش ٻـُبا مون کي
چئي: بخشيم تو ننگر کي هتي ۽ هـُتي
اکين کي هـُئس اوڏڙو، تسين سُرهو هُيَڙس ماءُ
اکين کان تہ پري ٿيو وڃي کيو اٿس ڏڙ ڏکاءُ.

---

دايون درمانديون گهٽيون ٻايون حويليءَ ڏانهن
مريم سا ماندي گهٽو تنهن جو سڙيو وڃي تو ساهہ
جنهن جي مَنَ ۾ ماناٽيون پيون ۽ آندبن ولوڙا.

---

مريم ماءُ ننگر جي آئي ريهون ڪندي راڻي
ادا ڙي دودا سومرا! توکي هيءَ نه وڻي هاڻي
رڱيا ڏاج ننگر جا جيڪي هي ته رنا هاڻي
ونيِ جنهن جي ونواهه ۾ پئي نتي پاڻي
ناني مارائين تو ننيڙو، ڪرين تو ولهي نياڻي.

---

حمال حيران هئا جيڪي ڏوليواڻ چون
چار سؤ ڪونيدار هئا جيڪي دارون تا جوڙين
پنج سؤ پلتي باز هئا جيڪي پڳي ٽُٽي جوڙين
ست سؤ هئا واڍن جا جيڪي ڪلا ڪوٺ جوڙين
چار سؤ هئا چمارن جا جيڪي وينا دُوال ڳنڍين
پنج سؤ پخالين جا جيڪي پخالون ته مَڪين
گُل ميخون گاڏين کي بينا جوان جنجير جوڙين
سوا سؤ چيڙو هليو، هلي مڳ ميدان گهَڙين.

---

هيڪلڙو وڻ ڪانهرو، توڙي درخت هئي بابا
لڳيءَ ويلي جنگ جي ننگر هڪڙو ڪندو ڇا
اسين جوڙو سونهون جنگ ۾ عالادين اڳيان.

---

ڇاڇو بابو نه تئي، ماسي تئي نه ماءُ
ڀاڄائي نه گهُري ڀيڻ جيئن، نڪي سوٽ سڳو تئي ڀاءُ
سونڻ نينگر ننيڙي رُليا رن ڪياءِ
آئي اتئي لت آندن تي ڳاڙين تو ڳوڙها.

---

پکين ويري باز ٿيو، مڇين ويري ڄرڪو
ڀائرن ويري دودو سومرو، راڄ! اکين ساڻ ڏسو
جنهن ڀاءُ سَنو هو ڪينڪي، تڙي ڪديائين ڀائٽيو.

---

چٽي: ننگر چڏيو هوءِ ننڍڙو، گهوٽ چڙهي گهوڙي
دودي جي دربار ۾ پسٽون ڇڇلو چاڳ ڪري
سون ورٽو سومرو جئن تو مور ٽلي
دودي مُڪو اٽئي تو ڳَر ننگر ميڙ ڪري.

---

مهٽ پئي آهي ملڪ ۾ ڪونه بچيو امراءُ
دودي آهن دايا چاڙهيا، ڪن اسان جو پرچاءُ
قدر سڃاڻئين ڪونڪو، تنهن دانهه دودي راءَ.

---

ست پين، ست پونگر، ست سنيران دودا راءَ
ٿي ستا ايڪيهه تيا، لنگهيا وڳهه جا بادشاهه
اهڙو ڪريو ڪونڪو، جئن ڪريو نَهري دودو راءِ
مائٽن ڪان رسي وڃي هو ٿڪيو پاڻيڻ واهه
سئو مٽن جي سراڻ هئي، سا چِڪي دودي راءِ
تڏهن پُنو عدت لوهارِ جو، سا پرٽي دودي راءِ
تنهن مان تون پيدا ٿيئن، مائٽن جيءُ وٽاهه
تون سائين، آءُ منگتو، نڪري باهر آءُ
نه ته پُريون ڪندوسئين پڌريون، عالادين اڳياءِ.

---

اسين دايا سي چئون، جيڪي تج تا گڏ پين
ياءَ اسان جا سومرا تا ماڻهن ماس گهرن
ماڪڙ وانگي مينهن جي ڌڪو دوداڻين
ڏينديءِ دايا داغ دليءَ ڪي، سياٽي ڪَن تنهنجا ڪپڇن.

---

اتر آگر تو ڏسان، مونکي پئي تو ڪونه سماءُ
مُند ناهي مينهن جي، نڪي ساڻونڻ جو ئي واءُ
سومرا! پنهنجي سنڌ جو لهي ڏي سُڌ سماءُ.

---

ڪَنين ٻُڌا ھُئائي سومرا، جن جا ڏيل اڪيين ڏسجن
واسوڙا وڳھہ جا اوھيرا تہ انھن
ياٿر اسان جا سومرا تا ماٺوءَ ماس گھرن.

—

بادل جئن برسيو اچي، ڪريو مينگھہ ملار
ڪنوڻ تجلو جُھڙ ۾ جامڪين جنسار
اھي اتئي ڏاڏاٽي ڏيھہ جون جيڪي بجليون بس نہ ڪن.

—

منگر چيو ننگر کي: ادا! اُتي ننڊ مان، بابو آيو آھہ
سمي چيو منگر کي: بابو اوھان جو ڪوٽ ۾، اھو چريو چنيسر راءِ
پاڳ نہ پائي متي ۾، جنھن کي جُتي پيرن ۾ ناھہ
پڙ اچي پيا پاڪرين، اتي ڪنھن جي ناھي جاءِ
ڪنھن کان چٽن ڪينڪي، جُنگن ناھي جاءِ
اُتيو اُمرائن جا عضوا چني ڪيائين جدا
اتي ننگر ويو ھو نڪري، منگر قابو آھہ.

—

پايو پاند ڳچيءَ ۾ بيٺو پيءُ کي پرچائي
آندو اتم نام الله جو، پاند ڳچيءَ پائي
ميڙ آندو اتم مصطفيٰ، چڏ نہ محمد موٽائي
جيڪو ميڙ مجي پاٿرن جي، تنھن سان راضي رب آھي.

—

پلي آئين، جيءُ آئين، نچ آئين تون يار
تن ۾ طلب ھيم تنھنجي ساري سپ جمار
سي رب ميڙينم سپرين، سباجھا ستار
ننگر پٽ! بادشاھہ ڏي ھلين جي ھيڪار
سورھيہ تنھنجي سر تي ڏيان سونھري سنيگار.

—

آرڻ اُپت انھن جو، آھي ڪنون ڪيٽ سندون
مصرين منھن ڪڍيو اسان فصل موڪ پڪون.

—

پائر پرچو پاڻ ۾، آھي ٻاگھي منھنجو مت
سڀ پھرايان سومرا جھجھو ڏيئي پت.

—

ٻاگھي سوڙھہ ئي نہ ڏيان، آھي ٻاگھي مون مائي
ٻاگھل جو جيڪو نانءُ وني، تنھن جي وات وڍيان وائي
ڪپيان سر سلطان جو، چڌيان ڪنن سان ڪائي.

—

اوھين پائر پرچو پاڻ ۾، ٻاگھي ڏيو مون
سڀ پھرايان سومرا جھجھي ڏيئي پون.

—

اوچا اوچي ذات جا، تون اوچو نہ ڳالھاءِ
ڍولي آنداءِ ڍٽ مان، مون ڪي مرڪي موڙ ٻڌاءِ
پائتي ھجيئي پاٽيجي، ڪٿي محمد ڪي تہ مڱاءِ
وڏي ھجئي ڏيءَ وڏاندري، ڪٿي منگر ڪي پرڻاءِ
سڀ چوڙيليون قريئين، ڪٿي پرٽايان پنجاھ
تون سالو، دودو پيٽويو، تو اھڙو جوڙ جڳاءِ
گولا! بادشاھن سان تو ڪيو ويڻ وڏاءُ
خبر پونديءِ ڪانڪا جڏھن قري ويندوسين ساءِ
ھاٿي سنڌ تراڙين وچ ۾، جيڪو ڪتي سو ڪاءِ.

—

منگر ڳوڙھا ڳاڙيا، سي ننگر پاڻ ڏنا
وَھي تي سِير سمونڊ جي، پنھنجو پنجاھ ڪندو چا
چئي: متان منگر ماندو ٿئين، پاڻ سان حامي شاھ
اَبو وينو اَتن آگر سان، جيڪو سوسي ڪڍندن ساھ
وِڱڙيو ديھہ وگھہ جو، جيڪو جھليو اچي نہ جاءِ.

—

موزون جي مهميز جون پيو گلم متي غوغاءُ
هنيائين لت منجيءَ کي، وجي باهڙيو بادشاه
چوڏاري چوڙنگ کي کيائين دريون دروازا
سرخ پَتو هو سومري، چوڙنگ لاتئين چاهه
ياڪر پاتائين ننگر کي، کيائين منگر کوڙي ڏانهن
گهوٽ چاڙهيائين گهوڙن تي، آيا اُڙدن مان هليا
هُو تان چوڙنگ اَهنجو تان اَهنجي لهڻ جاءِ.

---

ماريم شينهن هالار ۾، جنهن جي بيلي هر وهيا
اُن تي ماريم وڳ جو، کير عالم تي پيتا
ماريم آدمخور کي جتان روان کيم رستا
روکيم راڪاس کي جنهن کان ماري ملڪ چٽا
پڳم در دليءَ جو، جنهن تي لڳو هو لک سوا.

---

ساريون ويڙهي سومرو، آيو هو ڊارا ڊول ڊکي
وڏا وير وزير هئا، منهنجا لڏڻ ويا لڏي
اُڙد بـه انڌوڪار هئا، مون کي چانگون ويو چڙي
هينئڙو دودل راءِ هو، جيڪو لهرين منجهه لڏي
کيئن وڙهان سر ويرين، مون کي مانجهي مصلحت ڏي.

---

رنبن تي راهون مُنديون، ڏس کيڏ کڙين جي آهه
هڪلون حسڻ بيگ جون ويني پاڻ ٻڌيون بادشاهه
سَرسي سليمان جي، جيڪو اڳ ۾ رسيو آهه
پنگلي تي پرواز کيا، مَتي راڪاس متان
رڳ رڳيائون ڪپڙا، رڳيئون مولاهاتا
ڏينهن تہ ٿيندو هڪڙو، بيون مڙئي راتا
چٽندا سي ايمان سان، ڪلمون جي پڙهندا.

---

# حيدرآباد تر جي ميراثين واري روايت

هن روايت هيٺ ٽي ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن: (1) سگهڙ علي محمد مري (تعلقو کپرو) جي ٻڌايل ڳالهه (2) سگهڙ ماڻڪ چانديي (تعلقو شهدادپور) جي ڪنيل ڳالهه، ۽ (3) فقير مولابخش ميراثي جي ڪنيل ڳالهه. سگهڙ علي محمد مري هيءَ ڳالهه 30- 35 سال اڳ ٺاروشاه مان آيل ميراثين کان ٻڌي ۽ سکي، ۽ ماڻڪ چانديي، جمعي فقير ميراثي کان ڳالهه سکي. فقير مولابخش ميراثي کي وري هيءَ ڳالهه ورثي طور پنهنجي وڏن کان ملي. انهي لحاظ کان اهي ٽيئي ڳالهيون ساڳي ميراثي فقيرن واري آڳاٽي ڳالهه جون مختلف روايتون آهن، جيڪي اسان تائين پهتيون آهن. البت پهريون ٻئي ڳالهيون اڌوريون آهن. فقط مولابخش فقير واري ڳالهه سربستي آهي. علي محمد مري هيءَ ڳالهه ياد ڪئي پر ڪنيائين ڪانه، پر ماڻڪ چانديو ۽ مولابخش ميراثي هيءَ ڳالهه اچ ڏينهن تائين ڪٽندا اچن ٿا.

## 1- سگهڙ علي محمد مري (تعلقو کپرو) جي ٻڌايل ڳالهه

[سگهڙ علي محمد ولد حاجي مير محمد بدائي مري (عمر 58 سال) وينل ڳوٺ حاجي عيسيٰ خان مري (تعلقو کپرو ضلعو سانگهڙ) هيءَ ڳالهه اسان کي تاريخ 8 جولاءِ 1966ع تي حاجي عيسيٰ خان جي اوطاق تي ڪچهري ۾ ٻڌائي. چيائين ته: هيءَ ڳالهه 25 يا 30 سال اڳ، نارو شاه مان آيل ميراثين ڇهه ست راتيون لاڳيتو ڪئي، ۽ مون انهن کان سکي ۽ ياد ڪئي. هي روايت، مولابخش فقير واري ڪنيل ڳالهه سان ملندڙ آهي. ن - ب]

دودو وڏو تنهن جو پٽ پونگر ٿيو. ان کي ڏاڏي پوٽي مان ٻاگهي نالي ڏيءَ ٿي. ڪنهن ڳالهان گهران رسي نڪتو. سندس ترار کي ڪکر پيو. لوهار وٽ ويو. جنهن جي ڏونڻ سوءِ ماڻهو چڪيندا هئا. البت لوهار جي ڌيءَ يڪي سر چڪيندي هئي، ان جو قول هو ته جيڪڏهن ڪنهن اڪيلي سر اچي چڪي ته ان سان شادي ڪنديس. پونگر کي اها خبر ڪانه هئي، تنهن ڪکر لهرائڻ لاءِ ڏونڻ اچي چڪي، جنهن تي لوهار کيس پنهنجي ڌيءَ پرڻائي، جنهن مان کيس چنيسر ڄائو. ٻي بادشاه زادي سان شادي ڪيائين، جنهن مان کيس دودو ڄائو.

پونگر کان گجرن ٻاگهي جو سڱ گهريو. حملو ڪيائون جنهن ۾ هارائي موٽيا. ٻيو ڀيرو حملو ڪيائون جنهن ۾ پونگر زخمجي پيو ۽ هاٿي جو مڙهه ٻه مٿان ڪريس جنهن تي مري ويو. ٻاگهي کيس مصالحو ڏياري ڪرسي تي ويهاريو. دودو ۽ چنيسر اڃان ڇيرو هئا، جيستائين وڏان ٿين تيستائين گجرن جي جنگ جو دپ هو جيڪي پونگر کان دٻيل هئا. ڪي ٻه چار سال سومرن ڏي منهن ڪونه ڪيائون، جو پونگر پانيائون ته جيئرو آهي. آخر پنهنجو جاسوس موڪليائون ته جانچ ڪري ته پونگر جيئرو آهي يا مري ويو. جاسوس آيو، ڏنائين ته پونگر وينو آهي. ترسي پيو روزانو ڏسندو هوس. هڪ ڀيري ڏٺائين ته ڪانءُ اچي مٿس وينو تڏهن پڪ ٿيس ته مڙس مئل آهي. وري وڃي گجرن کي خبر ڪيائين، گجر وري ٽيون ڀيرو جنگ تي چڙهيا. چنيسر ۽ دودو هاٿي جوان هئا، شڪار تي ويل هئا. ٻاگهي ماڻهو موڪلين ته گجرن جو لشڪر چڙهي آيو آهي، انهيءَ تي اچي پهتا. گهاٽو اندر ڪوڙيائون ته جئن اندر گجر گهڙن ته ڪين پيڙيندا وڃن. چنيسر چيو ته آءٌ پيڙيندس ۽ تون پاڪر پري اچين.

پوءِ ائين ڪيائون ۽ گجر گهٽا مارجي ويا ۽ وري سومرن تي حملو نہ ڪيائون. ان ڪان پوءِ سومرا ۽ ٻيا راڄ گڏ ٿيا تہ ڀونگر جي پڳ جو فيصلو ڪن.

ستي ڀونگر راوَ ڪي ڀاتي ڏينهن لڳا
مردن لاٿا مامرا اچي پڳ متا
سمان ۽ سومرا سوڙها ٿيا امراءَ
امرائن پڻ ڀي پاڻ ڪئي سردارن صلاح
دودو سارو سونَ جو جنهن ڪي ريهہ رُپي جو ناهہ
پڳ ٻڌايون دودل دانا ءَ ڪي، جنهن سر جوڙ جڳاءَ.

اتي دودي خاطي موڪليو چنيسر ڏانهن، جو ٻڪار ڏانهن شڪار تي ويو هو.

خاطيءَ خط اُنائيو، ٻارهين ڀهر ٻڪار
ميڙ مُهاڙيءَ وچ ۾ هو خان تہ ڪُنڌٽي دار
پڙهيو پروانا پاءَ جا مرڪي مير مُهاءَ
چئي: تون ادو ٿئين، ابو ٿئين، ٻيو راڄ ڪندو ڇا!

چنيسر آيو ۽ ٻئي ڀائر گڏجي ڪچهري ۾ پڳ جي فيصلي لاءِ آيا. دودي کي چيائون تہ پڳ ٻڌ! دودي چيو تہ آءٌ پڳ ڏيان ٿو چنيسر کي. چنيسر هڪ ور ڏيئي چيو تہ ٻيهو تہ آءٌ امان ڪان پڇي اچان. اتي راڄ چيو تہ چنيسر جو ماءُ ڪان ٿو پڇي سو راڄ ڪين هلائيندو! دودي تي زور آندائون تہ پڳ ٻڌ، پر نہ مڃيائين. اتي ڪيس شراب پياري، نشي ۾ آٽي، پڳ ٻڌائي ڇڏيائون ۽ پير تي ڏونڪو هنيائون. چنيسر اهو گهر جي در تي ٻڌو ۽ ارمان مان ٻيهي روئڻ لڳو.
اتي دايون ٻايون پڇي آيون ۽ اچي پڇيائونس. چيائين تہ:

نڪي دودي لوڏيو، آهي لوڏيو پاڻ خدا
پنجاهہ روپئي واري پاڳ آٽي رکيائين مون اڳيان
آنڌائين سبلي[1] سوٽ لاءِ تالا تخت متاءَ
اگهيو ڪو غور غريب جو، يا ڪنهن سين ڪُيم ايذاءَ
هاٿي اڳي اچان تہ ٻڌيو مران، پويان ساڙيم باه
ضايع ٿيان زمين ۾، جي ڏرتي ڏيويم جاءِ.

---

[1] سبلي = سوڪڙي.

چنيسر ڪاوڙجي گهوڙو سنجي اتي هليو. دودي بہ نشي مان سجاڳ ٿي پڇيو تہ مونکي زوري نشي ۾ ڪنهن پڳ ٻڌائي؟ چيائون تہ راڄڙ راڄ هو، ڀوڙ راڄ هو، چنو راڄ هو، انهن سڀني راڄن توکي پڳ ٻڌائي. تڏهن دودي ورندي ڏني تہ:

راڄــــڙ روهيــــن رُليــــون، رُلنــــي ٻــــار ٻچــــا
چَــــنا! ڪــــا چـُـوڙي پـَـوئـي، هنـڌ نــہ جهلـئـي جـاءِ
پــــاهوڙي پــــرزا ٿئيــــن، وڳــــہ ڪــــوٽ وڇــــاءَ
اوهـان هـڏي تـي هـوڏ هٽـي منهنجـو جـانب ڪيـو جـدا
هاٽي خـاوند ڪٽنــدَو ڪينڪـي، صاحب رب سبحان.

اتي ٻاگهيءَ دودي ڏانهن ماڻهو ڊوڙايو تہ چنيسر ڪاوڙيو تو وڃي، تنهن ڪي ورائي تہ سندس روپهريون لهرائي سونهريون ٻڌايان. سَتَ پائر سومرا، هولياٽي[1] پاڙي مان، سي چوندا هئا تہ هڪ دودو ۽ هڪ چنيسر اسان ڪان ڏاڍا آهن، باقي ٻين ڪان اسان بہ ڏاڍا آهيون، سي ستئي ٽپو ڏيئي اٿيا.

ســــت پــــائر هئــــا ســــومرا ڦهريــــائين ڦهلــــوان
پڇــــن تــــا دربــــان، تــــہ چنيســــر ڪتــــان لنگهيــــو.

دربان ڪين چنيسرَ ڏانهن اشارو ڪيو. هي اڃي ڀهتا. چنيسر گهوڙي تان لهي پيو ۽ پڇيائين تہ ڪيڏانهن تا وڃو؟ چيائون تہ:

آنــــدو ســــون نــــام الله جــــو، پــــاند ڳچــيءَ پــائي
ميــــڙ آندوســــون مصطفــــيٰ، چــــڏ نــــہ موتــــائي
هاٽي جيئن تيئن توکي سومرا، ويندآسون وڳہ ورائي.

چنيسر چيو تہ: "چي" اسان سومرن ۾ آهي ئي ڪانہ:

اتــي ســاري حضـرت شـاه ڪـي گهـوٽ لتـو گهـوڙي
سرخي يـار سنجاف ڪـي چـڏيائين چٽڪـي ڪـي چـوڙي
هتيــار ڏريــا هئــا ســومري، پــرٽي ۾ جــوڙي
بينــــو مــــرد ميــــدان ۾ ســــورهيہ ســــڏ ڪــــري
ســــت پــــائر هئــــا ســــومرا، آيــــا صــــف ڪــــري
چنبــي چــــُرن ڪينڪــي، خــوف چنيســر ڪــان

[1] هولياٽي يا هوٿياٽي

ائين ستيا هئا سومري، جئن هاري ستي گاه
چيائين: مون منٿ دودو سومرو جو وڳ وينو آه.

اتي ستئي موتيا پوئتي ۽ اچي دودي کي خبر ڪيائون. دودي چيو تہ: آءٌ تو منٿ ڪري پاءُ کي ورايان. چنيسر وٽ آيو پر هن نہ مڃيو. آخر دڙڪو ڏنائين:

دودو ديمين سان چڙهيو، فرش ڪيو ڦڙڪو
چنيسر جهليو ڪينڪي، دودي جو دڙڪو
وينو مير ميدان ۾ ڏانئي سو گهوڙو.

چنيسر چيو تہ:

جوءِ وڏيون جاڙون ڪيون وڳ ڪوٽ وچاءِ
سڄڻ انهيءَ سور ۾ پاڳين تيون نہ پاءِ.

دودي سمجهيو تہ هن کي طعنن ڪاوڙايو آهي، تڏهن چيائين تہ:

دودل چيو دروان کي: وڃ هوت حويلي ڏانہ
جي لڏن هندورن ۾ ويهن ڪٽ متاءِ
سي پيرن پيادين پنڌ ۾، جن کي جتي پيرين ناه
نا محروم پري تيا، چليون چوڙنگ ڏانہ
’سونڻ‘ نينگري ننڍڙي، ’ساران‘ سا پر ساءِ
’ٻاگهي‘ ورتي ٻانهن ۾، ڪيا ’پتول‘ وس وڏا
تڏهن بہ پٽيل پرتو ڪينڪي، ماڳهن موٽيو ناه.

چنيسر چيو تہ:

اڳ بہ ڏيندو هئين مهڻا، بابي ئي هوندي
تہ تنهنجو پونَير ڪٽندس ڪينڪي جو پيدا پوءِ ٿئي.

تڏهن دودي چيو تہ:

دودي چيو دروان کي، وڃ قاضي ڪوني آءُ
ننگر جو تنهن سونڻ سين، نَر جو پاءِ نڪاح
ننگر نياڻو منهنجو، سونڻ، ننهن سندياءِ
پائر مارائيندو پائٽيا، تہ بہ ڪٽر ايندس ڪانہ
سُجون ڪندو سومريون، ڪندو ملڪن سان ماتام
ڪندو سُجا ڳڙهہ وڳ، مارائي دودل جهڙا ڄام.

منهنجو من تئي داد دليءَ ۾، توسين ائين چڙهي بادشاهه
هتيار چوڙج ڪينڪي، ۾َ ڪو ڪج سلام
ڪاڻ ڪيجانس ڪيم ڪي، نہ ٻئي راجا تون رکجان
جي توسان بادشاه چڙهي ڪينڪي تہ وري اچج مون ڏانهن
پاڻ چڙهنداسون شوق شڪار جي، ساري حضرت شاهه
ڏرتي تامي جئن ٽينديِ، وڻ چڏيندا واءُ
سج نيزي پاند نظر ايندو، انهي عالادين بادشاهه
وينا اُتندس ڪينڪي، سُتا ڏيندا ساهه
ڏيو ڏاک مريو ويندا، جيڪي آڏا هوندس امراهه
آءُ لڪڻ سين لاهي وجهان، اهو تخت متئون بادشاهه
پڳ ٻڌايان تو پرين، ڪريئين دليءَ جو بادشاهه.

چنيسر چيو تہ: ڳالهيون، تنهنجو لکن جون، پر ويندس يڪي سر. پوءِ اتي هليو.

ساري حضرت شاه ڪي گهوٽ چڙهيو گهوڙي
سرخي يار سنجاف ڪي چڏيائين چٽڪي ڪي چوڙي
پهريائين 'جالوراڻي' راڄ جي، ٻي جي 'خان تہ واهہ'
ٽي جا پئي 'هالار' ۾ جتي اٻڙو هو بادشاهه.

اتي چنيسر کي ميهار مليو جو چٽن مينهن سان هو. خبرون پڇيائين تہ ميهار جواب ڏنو:

آيَن پُڇجي اڳهين، ويَنِ پڇجي پوءِ
بنا صوبي ري سردار ڪيئن اچي رليون
تون ڏسجين تو بادشاه ملڪ جو.

چنيسر جواب ڏنو تہ:

نڪي آهيان دودو سومرو، نڪي وڳهہ جو وريام
ٻِسَر پٽ دودي کي جائو غيلاتي غلام
ڏيندس مبارڪون بادشاه کي دليءَ ڪيندس دام.

يعني تہ آءُ ميراثي آهيان، وڃان ٿو دلي مبارڪي وٺڻ لاءِ. مهيار چيو تہ هتي شينهن رهي ٿو جنهن مينهون ماري ڇڏيون. هي چار پينرون آهن، ڳڏجي سامهون ٽيون ٽين تڏهن بچيون آهن. چيائين تہ مونکي ڪير پيار. ميهار چيو تہ مينهن مهل

اتي نرڙ ڪنڌ ٻه نائيو شينهن ٻه شير اڳياءَ
ساري حضرت شاه ڪي هن ديو هنيس دستا
هن جا مُڪ سين ميڇالا ويا، ڪيو آهس ڏڙ ڏڪاءَ.

شينهن مري پيو. ڪن ۽ پڇ وڍي نشاني ڪنيائين. مهيار ڪان موڪلائي روانو ٿيو. اڳو عالادين جو وڳ، جنهن ۾ مست اُٺ آدم خور هو.

ساري حضرت شاه ڪي گهوٽ چڙهيو گهوڙي
سرخي يار سنجاف ڪي ڇڏيائين ڇٽڪي ڪي ڇوڙي
اوٺر بيٺو اُٺن ۾ اُيو سڌ ڪري
جي ٿو پڇي ڪنهن پيٽي لهين، نه ته واٺهرو ٿو مري
اتي لڪڻ لال لوهيڙل جو بيٺو ارڏو آزمائي
هنيائين ڪشي ڪام ڪرهي کي وڌائين پٽ ۾ ڪيرائي.

پوءِ اونار وٺان ڪير پي نڪتو ته دليءَ ڏانهن ٻه واٽون ٿيون. چٽن سوارن ٻڌايس ته هي واٽ ٻارهن منزل واري جا اسان ڦري آيا آهيون. هي سڌي رڻ واري واٽ ٻارنهن پهرن جي پر ان تي آدم خور ٿو رهي. چنيسر چين ته:

اڳ نه هوو چتائٹو، مونکي ڏيٺو تان نه پرو
آءُ آهيان داڻو دودل راو جو، مون ۾ زور ذرو
هاٹي ورندي انهيءَ واٽ سان، اڇجوُ لاهيو خوف ڪرو.

ائين چئي رڻ جو رستو ورتائين.

رڻ جو ورتائين رستو، ڪٹي رند ورتائين راه
اوڏاهون تي هليو جيڏاهون آدم خور ته آه
اڪ پيس آدم خور تي جڏهين ڏنائين تي ڏوراه
ويو آه ايمان امير ڪوئن، بخت نه پيڙو آه
چئي: نيرا! مصريين ٿي پاٹي پيتئي، سنڌ ۾ داٹو گاه
هاڻ هلي روان ٿيون انهيءَ راه تي، جتي گڏياسون عالادين امراه.

ائين چئي ڪٹي پوئتي گهوڙو ورايائين. پر ٻه - واٽي تي آيو ته ياد پيس ته مون سوارن کي چيو هو ته ورندي وقت بنان خوف جي هن واٽ تان اچجو. هاٹي ڪوڙو ٿي انهن کي مارايان ۽ ٻيو ته:

متان من ماندو ٿئين، سرها تجئين ساه
مَحمد ڪيائين مُنهن ۾ ڪيائين پيغمبر مهندا

يا علي نياڻو جنهن جو، حسن حسين ڏوهٽا
پنجن تنن جهڙو خلقيو ڪون خدا
هي تہ آهي آدم جو پٽ آدمي، ڏيئي لت ڪيانس هوند ساه.

اهو خيال ڪري وري گهوڙي کي آدم واري گس ڏانهن ورايائين. آدم خور پنيرو پئي ويو، پويان اچي گهوڙو هنيائين تہ گهوڙو پوئتي باهڙجي ويو پر آدم خور ٽڙيوئي ڪونہ. پوئتي نهاري آدم خور ڪليو. چنيسر چيو تہ: ڇو تو ڪلين؟ آدم خور چيو تہ:

اٺ ڏينهن لنگهي ويا، منهنجو ائين ڀري آڙاه
رزق رازق هٿ ۾، ڏئي خلق کي ٻ خداءُ
ماڻهو جنهن تنهن ماس لاءِ، منهنجي مڙهي سڪي ٿي ماءُ.

چنيسر چيس تہ بيهہ تہ گهوڙو ٻڌان تہ پوي خبر! هٿيار ڇوڙي رکيائين. تڏهن آدم خور پڇيس تہ:

اها ڪاري لٺ ڪلهي تي تنهن جو نالو ڇا؟
چئي: اهي آهن ڦهري ڪانَ اندر ۾ رکندا تپاچا تاءُ.

تڏهن آدم خور چيس تہ:

هڻ تون مون کي سپرين، ڪر پنهنجا آزمودا
تنهنجا ڪانَ لنگهندا ڪينڪي، تِير ڇپا ٿيندا.

چنيسر ڀالو ڪوڙيو هو. آدم خور پڇيس تہ:

جيڪا ڪاني ڪوڙيئي پر ۾، تنهن کي سائو مٿي ۾ ڇا؟
چئي: هي جهنڊو آه عليءَ جو، ڀالو ڪري پڙڪاءُ.

تڏهن آدم خور چيو تہ:

هڻ تون مون کي سپرين، ڪر پنهنجا آزمودا
ان جا ڪامل لنگهندا ڪينڪي منهن مُڙيو پوندا.

وري ڪٽاري چنيسر ڪڍي رکي تہ آدم خور چيو تہ:

تہ جيڪا ڇوٽي ڇوڙي رکيئي، تنهن جو نالو ڇا؟
چئي: ڪاتي ڪٽاري اسين چئون، آهي هيٺن جو همراه
دشمن ويجهيءَ ۾ ڏسون، ڪٽيو ڏيونس آنڊن ڪانءُ.

تڏهن آدم خور چيس تہ:

هڻ تون مون کي سيرين، کر پنهنجا آزمودا
تنهنجا کانَ لنگهندا ڪينڪي، منهن مڙيو پوندا.

چنيسر چيو تہ: آءٌ اهي هٿيار توتي ڪٿان ئي ڪونہ تو، هٿين نلهو ايندس. تڏهن آدم خور چيو تہ: هيءَ لٺ ڪٽندي (جيڪا سٺن ماڻهن کي سمهاري مٿان رکندو هو تہ اتي ڪين سگهندا هئا) مون کي بہ شرم تو اچي.

. پوءِ آيا مڳ ميدان تي، نڪري ٽيا نروار
وريون ڪارايون ڪُڙهن جون جن کي لوها ڪيل لڳا
آدمخور تہ ڪڙڪيو، جنهن ڪڙڪي ڪيو ڳالهاءُ
تہ ڊوها ڊوهي ملڪ جا، تو ڊوها دوه ڪياءُ
جان آهين دودو سومرو يا پٽ دودي جا ياءُ.

آدم خور کي ماڻس چوندي هئي تہ دودي چنيسر کان پاسو ڪجئين، ٻيو توکي ڪونہ ماريندو. چنيسر آدم خور کي ماري اڳتي هليو، پوڙهي ماڻس کي بہ ماريائين. پوءِ:

رڻ جو ورتائين رستو، رند ورتائين راه
ڪوٽ ڏٺائين ڪنگرا، ڏٺائين دلي دروازا
تنهن ۾ شرع هئي ويجهڙي، روئڻ ٻڌو راوَ.

روئڻ جو آواز ٻڌي پيچا ڪيائين. چيائونس تہ ديو ايندو آهي، جنهن کي هڪڙو ماڻهو، ديڳ دال جي ۽ مانين جو ڪارو ڏبو آهي. اڄ وارو آهي پوڙهيءَ جي پٽ جو، سو اُها پئي روئي. آيو مائي جي گهر.

مائي! نالي نام خدا جي مون کي پاڻي جو ڏي پياءُ.

مائي ورندي ڏنيس تہ:

اڳيان پڪا کوه اتئي بادشاه جا، ٻيا مَٽ مسيتن لاءِ
مون کونہ پاڻي پريو، تو ئي مسافر لاءِ.

چنيسر جواب ڏنو:

زال تہ ڏيوي سيندڙي، واٽئي مچ قرار
مردن جي تنهن ڳالهہ تي، ڪجي ڏاڙهيءَ تي اعتبار

پـــير ڏيـــائين تـــو وچ ۾، عـــالم جـــو ســـردار
وارو تنهنجـــي پـــٽ جـــو، اول ڏينـــدس آءٌ.

مائي خوش ٿي چنيسر کي ترسايو.

پـاوند وجهي تـي پيرڙيون، ڏئي تـي گهـوڙي داڻـو گـاه
ڳهٽـو لاٿـائين ڳچيءَ مـان، هلـي آهـي مـوديءَ ڏانـہ
چئي: مـودي مونکـي ميـدو ڏي، مـون گهـر آه امـراه
دمـي چاڙهيـائين ديڳـڙا، چاڙهيـائين بـوڙ پـلاه
سـت - رڇيـون سـوڙهيون ٿيـون، نـال چنيسـر لاءِ
پيـا توکـي بيٺـا ڏيـان، هـيءَ نيـرن تنهنجـي آه.

چنيسر ماني کائي سمهي پيو. مائيءَ جي پٽ کي شهر گهمائي آندائون. گهر ۾ بوڙ پلاه چڙهيل ڏسي، ماءُ کي چيائين تہ: اما! تنهنجي سُکا باسيل هئي چا تہ پُٽ راڪاس جي منهن ۾ وجي تہ خوشيون ڪريان؟ مـاءُ چيس تـہ: هـڪڙو متيـن مُـوڙهو تنهنجي پاران سر ڏيڻ لاءِ آيو آهي، انهي جي ماني ڪئي اٿم. مائيءَ چنيسر کي اُٿاريو:

زال تـــہ ڏيـــوي ســـينڌڙي، واٽئـــي مـــچ قـــرار
مردن جي تنهـن ڳالهہ تـي، ڪجي ڏاڙهيءَ تـي اعتبـار
پيـــر ڏنـــو هوئـــي وچ ۾، عـــالم جـــو ســـردار
پريـن پـارج پنهنجـا، تـــج ســخن جــو بـــہ ســچار.

چنيسـر ننڊ مـان سجاڳ ٿيو، آرس ڀڳائين، هٿ مـائيءَ کي لڳو تـہ ڏنڊڻجـي ڪري پئي. سجاڳي ٿي چنيسر کي چيائين:

پنجـاه کـاڏا اٿئـي پـڙ ۾، تـــو چاليهـہ چـٽ ڪيـا
اجـا گيـدي هٽيـن پيـو گهوگهـرا، کـايو ڏهاڪـا.

چنيسر اڳئي طعنن جو تايل هو، سو ٽپ ڏيئي اُٿيو. راڪاس جي جاءِ تـي آٿـي لوهي سنگهرن سان ٻڌائونس. چنيسر دل ۾ چيو:

متـــان مـــن مـــاندو ٿئيـــن، ســـَرها تجئيـــن ســـاه
هتي آدم ٻڌا هٿائون آدمـي، اڄ ديهـــَ ٻـڌا هـن جـاءِ
سـاري حضـرت شـاه کـي هـن کيهـر کلهـا موڙيـا
هن تـان لوهـہ سـپ لهـي ويـا، جيڪـا جنجيـرن جڙاءُ.

ترار هٿ ۾ ڪٽي وينو. راڪاس کي مارپائين. شهر ۾ آيو ۽ هڪڙي خالي جاءِ ۾ گهوڙو ٻڌي ويهي رهيو. بادشاه جو چوڻ هو تہ جيڪو راڪاس کي ماريندو تنهن کي بہ پهر بادشاهي ڏيندس. صبح جو بادشاه جو گاهي حسڻ نڪتو. راڪاس مٿل ڏسي رنبا هٽي، پاڻ کي بہ رت هاڻو ڪري بادشاه وٽ آيو، چيائين تہ راڪاس ماريو اٿم. بادشاهہ هن کي بہ پهر بادشاهي ڏني.

حسڻ گاهي پالڪيءَ تي چڙهي، بازار مان پئي آيو تہ عالادين پيادو نظر آيس. موچڙو لاهي عالادين کي هٽي، پٽڪو لاهي وڌائين. بادشاه چيس تہ تو راڪاس نہ ماريو آهي. پڇا مان چنيسر کي هٿ ڪيائين. چنيسر بادشاه کي راڪاس جون نشانيون ڪن ۽ پچ ڏنا. بادشاه چيس تہ بہ پهر بادشاهي ڪر. چنيسر انڪار ڪيو ۽ تيل ميٽ ڪٽي تلاءُ تي وهنجڻ ويو. مڪنو هاتي مارپائين. عالادين چيو تہ آءٌ دودي تي ڪاهيان پر لشڪر ڪيترو هلايان. چنيسر چيو تہ پاڏو کهائي ڪل وڃايو مٿان لشڪر لنگهايو، وار بہ نہ بچي.تہ اهو لشڪر مارينڊو. پاڏي جي ڪل مٿان ماڻهو اُڪريا، چوڙي جا وار ڪُتا ۽ لشڪر جو شمار ڪيائون تہ:

نَـــوَ چلين ڏهہ لڪ، جيئن چئين تيئن چڙهن
ڪي گهوڙيا گهوڙن تي، ڪي پيادا پنڌ ڪن
تنين مٿو ناهہ ڪو، جتي سپر ڍرن
اڳيان وڃن پيئندا، پويان گپ چٽين
ڪارهن سوءُ قرنائيون، نو سوءُ نغارن
ايڏا هُل هلن، تہ بہ دودو هليو ڪنيڪي.

لشڪر تي ڪُتي پوئڪي پوئڪي مري وئي، لشڪر جو چيهہ نہ آيو. وڳهہ جي ڪوٽ کان ٻاهران لٿا. عالادين پنهنجو خاطي نظر محمد پناڻ موڪليو. حجام سندس مٿو ڪوڙيو. نظر محمد چيو تہ:

آين ڪجهن آڏرون، ڪجهن نہ وير وڏاءُ
گلم تو گندو ڪرين، تڏي رکين تو تاءُ
توکي مغل مجيندا ڪينکي، سٽي ڪچي ڪندئي بادشاه.

دودي جي ورندي:

مون ڪونہ ماڻهو موڪليو تہ تون ڪو مون ڏي آءُ
وير وڳهہ جي ڪوٽ جو، توکي سُڌو نٿي دودل راءُ!

دودي، ٻاڃو ٻان کان صلاح پڇي تہ سامُون ڪنهن وٽ ڇڏجن. ٻاڃو ٻان چيو:

ابڙاٽيــن جــو ابــڙو، ســُـــجهي ڪـَــند ڪــلاه
ســامون ڏي تنهيــن کــي، ســـِـر ســَـــٽ منجهـــاءِ
تنهيــن جــي اڳيـــاءِ، بيهــي ســـڳهي ڪونڪــو.

دودي چيو تہ ننگر کي سڏيو تہ صلاح ڪريون. ٻاڃو، ننگر جي در تي سڏ ڪيو. جواب مليو تہ ننگر ننڍڙو آهي، ڪچهري جهڙو ڪونهي، ٻارن سان وهنجڻ ويو آهي. ٻاڃو ٻان موٽيو ٿي تہ:

سمـــا يـــار ننـــگر جـــا، جـــن ڏنـــي ســُــد سمـــاءِ
ڇوڪـر روئنشي رانـد جي، جن کي ڏائيءَ جي هئي ڏاه
ڇئـي: اگـــڻ آيـــو منگتـــو، موٽـــايو تنهنجـــي مـــاءُ.

ننگر تڪڙ ۾ ڪپڙا پائڻ لڳو. محمد چيس تہ:

ترس تڪڙ ڪـر ڪينڪي، تنهنجا جاسين وار سُـڪن
اهو عـالادين آهي هڪـڙو، پلي اهـڙا چڙهيـا چـار اچـن
تـو ليڪــي بادشــاه، مــون ليڪــي لنــب جــو گــاه
آءُ لٽـان بادشــاه کــي، جيئـن لٽجـي لنـب جـو گـاه
ڏيـــان داغ دلـــيءَ کـــي، هونـــد لتاڙيـــان بادشـــاه.

ننگر چيو تہ مونکي بادشاه جو خوف ڪونهي، پر ٻاڃو ٻان وريو ٻيو وجي، ان کان پڇٽو اٿم. ٻاڃو ٻان کي اچي رسيو:

ٻـاڪر ٻـائي ٻـان کـي، هليــو پنهنجــي ڏيـديءَ ڏانــہ
ڇئـي: تنهنجو ڪم مردن سين، زالـن سين ڪـم نـاه.
سڏي ڇيائين سئيس کي، وجي ڪـَنيڪٽ ڪاهي آءُ
جنهـن تـي سـنج سـيئي سـون جـا، دنبچـيءَ تـي داٽــا
لالـــون لتـــس لغـــام تـــي، موتيـــن جـــا جهـــُــوڙا
آڻـــي ٻـــاڃوءَ ٻـــان کـــي، ڏي تـــان ويـــس وڳـــا
ائيــن پهرايــائين ٻــان کــي، جيئــن پهرائجــي بادشــاه
چيئين: سلام ڏجائين چاچي کي، چاڻ تہ ننگر تو وٽ آه.

ٻاڃو ٻان دودي وٽ آيو. دودي چيو تہ عالادين ڏي ڪنهن کي موڪليون؟ ٻاڃو ٻان چيو تہ ننگر کي موڪليو. دودي چيو:

ننگر تہ منهنجو ننڍڙو، جنهن کي وهي تي تج مُــها
چند ٻُــکيءَ چوڏهيـنءَ پئـي تـو ننـگر جـو بـہ نکـاح
مکـي سون کوٽ قنڌار ڏي، ڇاجي مـَنـَهـــن ايندا
دهــل دمامــا وڄــن تــا، جهـــــمٽ نــا جهلبــا
مـــَنهـــَـــن مـــانيون هلنديـــون، رڌا نـــا رهبـــا
رَتــا تـــ ڙي ڏاج ننــگر جــا، رگيــا نــا لـُــڙبا
هـاٿي بيـو چڙهـي کونکـو، آءُ پـاڻ چڙهـان بادشـاه.

---

ننــگر ميـر چڙهيــو، لـُــڏندا عـــَلم طـوق اڇـــن
لاريـــن لاه وڏا ڏنـــا، بـــس نـــہ بندوقـــون کـــن
تـــــکا تپاچــا چوڙيـــا، تـــاوَ رکيـــا توفـــن
تـَـهہ تـَـهہ تـَــکورين جــان، مـزا ٻـڌا مرليـــن
وڄـــن تـــا بگـــل بهـــادري، ڏکـــڙ ڏمـــالون کـــن
ٻـانهون ٻڌئيــن رومــال ۾، اڇـي گـوڏو ڏنـائين گلمـن.

دودي چيس تہ متي ويهہ کٽ تي. ننگر ورنـدي ڏنـي تـہ: چاچا! کٽ توکي ڏنـي سون، اسان رعيت لاءِ آهي پٽ. دودي چيو تـہ: ننگرا! تنهنجـو مـُنهن لتل آهي.
ننگر ورندي ڏني:

مـاٿهو ڏينـدم مهڻـا، مونکـي جـُـلبا تـا جـاڳن
پـــون پـُــور ابـــل جـــا، جيـــرا تـــا بـــ جلـــن
هـــــنيون هنـــڌ نـــہ هکـــڙي، ڦڦـــڙ تـــا ڦڙکـــن
کـــائڻ نـــہ اڃـــن کومچــا، وه تيـــو طعـــام پـــون
سمهـــڻ نـــہ ســـيج بنـــدن تـــي، آرام نـــہ اکڙيـــن
کريـان هونـد ويڙهـ وڳهــ سـين، مـُـزرا راج ڏسـن
پــر ڏنئــي ســگَ ســونڻ جــو، لـُــڙهيا لـــَت وجـــن
اُجلـــي وجهـــان آڙاهـــ ۾، ســـوڏو ننـــگر نوابـــن.

دودي جواب ڏنو تہ:

ســڻ تــون ننـگر سـومرا، جيکـا کئـي مـون پوٽـائي
چيـــم چنيســـر راوَ کـــي، وات کـــدي وائـــِـــي

تہ ويھہ ڪچھريءَ وچ ۾، تو پڳ متي آئي
سَت نہ وينو سومرو، هليو ماڳ پڇڻ مائي
ڪُوڙي ڳالهڙي ڪري ويو، پاڳي نہ تيو پائي.

ننگر ورندي ڏني:

جڏهن چڙهيو چنيسر سومرو، تڏهن وينا هئا امين
پيڙهي پڳ جهلين ها پنهنجي، هُن کي ڏين ها زمين
تہ وينو وڳهہ جي ڪوٽ ۾، بولي بوليائين ہي نہ.

دودي، ننگر کي چيو:

هينئر بہ چڙهي وڃ بابهين ڏي، اچ بابهين کي پرچائي
بارهن شهر بنگال جا، پلي خان قريو پيو کائي
پلئہ نہ ڏيانس پڳ جو، جيڪا ٻڌم سو نہ ڏيانس لاهي.

ننگر موڪلائي روانو ٿيو گهر ڏي. پونگر چيو تہ آءٌ بہ وڃان. بيت چيائين:

هيڪلڙو وڻ ڪانهرو، توٽي درخت هوءِ بابا
لڳيءَ ويلي جنگ جي، ننگر ڪندو ڇا
اسين سونهون جوڙو جنگ ۾، عالادين اڳيا.

دودي چيو تہ: تون ننڍو آهين، توکي موڪل نہ ڏيندس. پونگر رڪ جون قٽيون نهرائي، ڳلن ۾ هنيون. دودي انڪار ڪيو. پونگر چيو:

ڇاچو بابو نہ تئي، ماسي تئي نہ ماءُ
پاڇائي گهري نہ پيڻ جيئن، سوٽ سڳو نہ پاءُ
آيئي لت آندن تي، تڏهن ڳاڙين تو ڳوڙها.

---

ڪلر ويري ڪوٽ جو، جر ويري جرڪو
پائرن ويري دودو سومرو، راڄ اکين ساڻ ڏسو
پاءُ سنائين ڪينڪي، اڄ تڙي ڪديائين پائيتو.

دودي ڏنو تہ ڪونہ رهندو، بوءِ موڪل ڏنائينس. ٻئي سوٽ گهوڙن تي چڙهيا. وڳهہ جي ڪوٽ ۾ تامي جو فرش هو. گهوڙا هڪليائون. ننگر جي ٻُڪي پيل هئي، ڪنوار ونواه ۾وينل هئي. تنهن ڏنو تہ جاءِ ڏڪڻ لڳي.

صبح جو تہ سويرو اُٺي، روپيندس روپاه
جن کي آءٌ اڄ ماريندس، سي صبح مونکي بہ ماريندا
پوءِ ڪَٽيا ايندا ڪاچين توڻ، مڙهہ ننگر مغل جا
لاٿون ڏجئين تن سين، وينِي سِهڙيو ساٿ ڪجاڻ.

—

آڏيءَ جا آرام ٿيا، بينو جيجل جاڳائي
تہ ٻئيهہ تارون ورنيون، امڙ بخش بُبا مونکي
چئي: بخشيم تو ننگر کي، هِتي ۽ هُتي
اڪين کي هئين اوڏڙو، سرهو هيڙم ساهہ
اڪين کان پري ٿيون، ڪيون آ ڏڙ ڏڪاءُ
مريم سا ماندي گهٽي، جنهن جو سڪيو وجي تو ساه
جنهن جي من ۾ مانڌاٽيون گهٽيون، آهن آندي ولوڙا.

ماءُ کان موڪلائي ننگر نڪتو. ننگر پونگر ٻئي روانا ٿيا. عالادين جي ڪچهري ۾ آيا. عالادين ننگر کان پڇيو: ڪير آهين: ڪنهن جو پٽ آهين؟ ننگر چيو تہ: نالو ننگر اٿم، پٽ چنيسر جو آهيان. چنيسر عالادين کي ڏنو. چنيسر چيو تہ:

دومُون ڏسي دهليو، سُکو نينگر ساه.

ننگر چيو تہ:

تُڪ چنيسر لعنتي، تون واٺئون ڪيم وجاءُ
پُٽ ڪريئين تو پڌري، آهي لوهر تنهنجي ماءُ.

عالادين کي چيئون تہ: اسان پاڻ ۾ پرتا آهيون، چنيسر کي راڄ ڏيون ٿا. عالادين بہ ٺاهہ ۾ خوش هو، تنهن قبول ڪيو. ننگر ۽ پونگر موٽيا. عالادين چيو تہ: چنيسر! ننگر ۽ پونگر جهڙا مڙس ڪي مارائجن؟ چنيسر چيو تہ: بادشاه! سنو تيو جو اسين پائر پاڻ ۾ پرتاسين. پر هاٿي باگهي جو جهڙو دودو پاءُ، تهڙو آءٌ پاءُ. هاٿي چو نہ پنهنجي بہ مِٺي ٿئي، تنهنڪري باگهي جو سڳَ توکي ڏيون تہ تنهنجو بہ پنڌ سڄايو ٿئي. هاٿي ننگر کي سڏي، باگهيءَ جي سڳَ لاءِ چئون. عالادين ننگر کي چيو:

اوهين پائر پرچو پاڻ ۾، باگهيءَ سگ ڏيو مون
سب پهرايان سومرا، ٻي جهجهي ڏيانوَ پُون
هاٿي وهلو وجي تون، سعيو ڪجان سگ جو.

ننگر ورندي ڏني:

باگهي مُورهئون نہ ڏيان، باگهي مون مائي
آءُ ڪپيان سِر سلطانن جو، ڇڏيان ڪنن سين ڪائي
جيڪا وڏي هجئي وڏاندري، سا ڏيان مغل کي پرڻائي
جيڪا پائٽي هجئي پاٽيجي، سان ڏيان محمد کي پرڻائي
جي پيون بہ هجنئي گهٽيون، تہ ڇڏيان پنهنجا پنجاہ نوڪر پرڻائي.

## 2- سگھڙ ماڻڪ خان چانڊئي (تعلقو شهدادپور) جي ڪنيل ڳالهہ

[ماڻڪ فقير ولد جادو خان ولد ماڻڪ ولد جادو ولد هيبت خان ولد جهان خان چانڊيو بلوچ، پاڙو ميراڻي، ويڙهل ڳوٺ نبي بخش چانڊيو، تعلقو شهدادپور. ماڻڪ فقير کان هيءَ ڳالهہ 1965ع ۾ لکائي وئي جڏهن سندس عمر اٽڪل 65 ورهيہ هئي. ان کان ٽيهارو سال اڳ ماڻڪ فقير ميراثي فقيرن کان سکيو، جن جو اڳواڻ جمعو فقير ميراثي هو. ماڻڪ فقير سان گڏ مير محمد راهو ڳالهہ ڪٽائيندو آهي، ۽ سندس ٻالڪو آهي. مير محمد پٽ عبدالرحيم پٽ فقير محمد پٽ راڄ محمد پٽ الهہ ورايو پٽ منديو پٽ عباس ذات راهو. پاڙو آساڻي، ويڙهل ڳوٺ پانڌي هگورو، تعلقي هالا، (اترئون ياڳو) ضلعي حيدرآباد جو آهي. ماڻڪ فقير ايتري ڳالهہ لکائي جيتري کيس ياد هئي. جيتوڻيڪ ماڻڪ فقير واري ڳالهہ اهائي ساڳي ڳالهہ آهي جيڪا هو ميراثي فقيرن کان سکيو، پر ٻنهي ڳالهين ۾ ٿورو فرق آهي. تنهنڪري هن ڳالهہ کي ڌار رکيو ويو آهي. ماڻڪ فقير هيءَ ڳالهہ سورٺ جي سر مان ڪنئي. ن - ب]

اول نام الله جو، اي ٻانهــا! ٻـي نـہ لـڳ
لـڳ پلـي جـي آسـري، جنهـن پـر سـارو جـڳ
ري ٿنييـن ري ٿوڻيـن، آڳـي عـرش اَڏايـو اَپ
جنهن ۾ تارا ڏيـوَن تجـلا، ٻيـو چـوڏس خلقيئـن چنـڊ
مـالڪ سـاري ملـڪ تـي، ٻيـو صـاحب جوڙيـو سـج
ميـر مدينـي مصطفـيٰ، پـانڌين اوڏهيـن پنـڌ
پـانڌين پنـڌ پـورا ڪـري، حـاجين بخشـي حـج
اڳ ۾ هلنـدو مصطفـيٰ، پنيـان عـالم سـارو جـڳ
تون بہ ونج راهہ رسول جي، جيڪو ڏيـن سنڌو آ ڏڳ.

---

لال قلنـدر لاڏلا! تنهنجـو قبـو آ قـرارو
ٻڌجـي ٻـن ڪنڌيـن ۾ تنهـن نـر جـو نغـارو

عـرش ۽ كُـرش ۾ تنهـن جـو طبـل طومـارو
بـِيسـِي ڄـام پِـتن ۾، جنهـن جـو ڏينهـڪ پانـدارو
نـوح مخـدوم هـالن ۾ آ سـرور سـويارو
پنجتـن پـاڪ پيـارا، جـن اسـلام آ اُجـاريو
بيـو خـاصو يـار رسـول جـو آهـي اويـس سـويارو
پڙهو كلمو كريم تي، جنهن پر ڇٽي جڳ سارو.

دودو ۽ چنيسر ٻئي ڀائر، نهري دودي جا پٽ هئا. نهري دودو ۽ ڏونگر راءِ، اهي ٻئي پونگر راءِ جا پٽ هئا. پونگر راءِ جي مرڻ کان پوءِ پڳ ملي دودي کي، جنهن جو پيءُ نهري دودو گـُجرن واري جنگ ۾ مارجي ويو هو. نهري دودي کي ٻه زالون هيون: هڪ ڏاڏي پوٽي ۽ ٻي لُوهاري ذات جي هئي. نهري دودي کي ڏاڏي پوٽي مان هڪ ڌيءُ ٻاگهي هئي. گجرن جي لڙائي تي وڃڻ کان اڳ نهري دودي پنهنجي ڏاڏي پوٽي زال، جنهن کي انون مهينو پيٽ هو، تنهن کي چيو تہ: منهنجي مرڻ کان پوءِ جي پٽ ڄمي تہ متس منهنجو نالو رکج. جڏهن نهري دودي جي جنگ ۾ مري وڃڻ جي سڌ ملي ۽ سندس ڏاڏي پوٽي زال کي پڻ پٽ ڄائو، تڏهن هن پنهنجي مڙس جي چوڻ موجب نئين ڄاول ٻار جو نالو 'دودو' رکيو. نهري دودي کي سندس حياتيءَ ۾ لـُهاري زال مان هڪ پٽ 'چنيسر' نالي اڳهين ڄاول هو. 'دودي' جي ڄمڻ تائين ڏاڏس پونگر راءِ جيئرو هو. 'دودو' جڏهن وڏو ٿيو تہ پونگر راءِ مري ويو. پونگر راءِ جيستائين جيئرو هو تيستائين پڳ جو ڪوبہ سوال اٿي نٿي سگهيو، پر پونگر راءِ جو پاسو ڪوڙڻ تہ يڪدم پڳ جو مامرو متو.

ٻـ - تـي ڏينهـن لنگهيـا، مـُـئي 'پونـگر راءَ'
مـردن ٻـڌو مـامرو، آٿـي پـڳ متـاءَ
تـڏهن ويهـي خـط خيـال سـان لکيـا دودي راءَ
هڪ ڪَـچ پـَـچ ڪاڇي ڏي ويـا، ٻيـا مـاتيلي متـاءَ
هڪـڙا جيسـلمير ڏي، ٻيـا ٻـاهڙمير متـاءَ
جـڏهن آيـا هـا اجميـر ۾ ڏئـي جاڙيجـا جـُلبا
چنـون چڙهـي آيـو، پٿـي جنهـن جـو پـاءَ
راڄـڙ روڪـي آيـو ٻـاڪو بنگلـي ڏانهـن

هوڏانهن دنگ لاهور جو، گنگا وهي درياءَ
دودن ديميون آئيون وڳهہ ڪوٽ وهي وڃاءَ
مڙدن کي ميدان ڏيوي بيا گهوڙن داڻا گاه
سما مِليا سومرا، ڪل گڏ ٿيا امراءَ
پائرن پيهي پاڻ ۾ ڪئي سردارن صلاح:
دودو سچو آهي سون جو، جنهن کي ريهہ رُپي جو ناهہ
هُن ۾ لَيچَ لوهار جي، ساري عالم ۾ اوگياءُ
پڳ ٻڌايو دودي راءَ کي، جنهن سر جوڙ جڳاءُ.

دودي راءِ لاءِ ڪچهريءَ ۾ پڳ ٻڌائڻ جو فيصلو پئي هليو ۽ چنيسر شڪار تي وڃڻ ڪاڻ سنيري تيار ٿيو. ڪيس پڪ هئي تہ وڏو آءٌ آهيان تنهنڪري پڳ مونکي ئي ملندي، پر جڏهن سڏ مليس تہ دودي کي پڳ ٿا ٻڌائين، تڏهن انهيءَ خيال کان يڪدم شڪار تي هليو ويو تہ متان اسان پائرن جي وچ ۾ ڪو ڏقير نہ پيدا ٿئي، پلي تہ پڳ ٻڌجي وجي تہ پوءِ ايندس. دودي راڄن کي چيو تہ: چنيسر منهنجو ڀاءُ آهي، اوهين جي مون کي پڳ ٿا ٻَڌايو تہ آءٌ وري وڏي ڀاءُ کي اها پڳ تو ٻڌايان.

دودي ماڻهو موڪليو وڃي اَدل نهاري آءٌ
خاطيءَ خط اُنائيو ويو ٻارهين پهر ٻڪار
مير مهاڙي[1] وچ ۾ هو وينو چنيسر راءُ
خاطيءَ خط ڏنو هو تنهن چنيسر هٿاءَ
پڙهيو پروانا ڀاءَ جا، پيو مُرڪي مير مُنهاءَ
ڪِلي تون ويهہ ڪٽ تي چڙهي منجيءَ موپي ڀاءَ
هيءَ پيڙهي، هيءَ پاڳڙي آ تخت پرين تولاءِ
پلي بابي کي ڄائيُن، تنهنجي نِچ ويائي ماءُ
پاڻ پائر پرچون پاڻ ۾، بيا راڄ ڪندا مونکي ڇا!

---

مير مهاڙيءَ وچ مان، چڙهيو چنيسر راءُ
آيو وير وڳهہ ۾ جتي هو دانَهہ دودو راءُ

[1] مهاڙي = شڪار جو ڪڏڻو.

امراءُ اُتيو ڪونڪو، خود پاڻ اُتيو بادشاهه
تڏهن ڪي لڙڪي پيا لغام ۾، ڪي دانهه دُنبچيءَ ڏانهه
چون چنيسر راوَ ڪي، شل لهڻ نه تيو ئي جاءِ.

—

وڳا بِگل بهادري، جتي ڏوڪڙ ڏان ڏان ڪن
ناز نَفيلون وڳيون، ٻَڌا سَتڪا ستارن
چنگ اُپنگ اُتي وڳا، ٻي ڏان ڏان دنبورن
ڪئين پَٽ پانَ هئا جيڪي کهندا ڪَبت اچن
پنجاهه ور پاڳڙي آئي سوني منجهه تالهن
پهريون پيچ پريت جو ڏنو دودل پاڻ هٿن
ڪِلي تون ويهه ڪٺ تي، چڙهي مير متي منجن.

—

ادا! پوءِ ٻڌان پاڳڙي، هيڪر پڇان جيجل ماءَ
پرم رکجو پائرو! آءٌ اندران تي اچان
وڏڙي ماءُ ورهين جي، تنهن کان پڇڻ واجب آهه
پوءِ ٻڌان تو پاڳڙي، اول پڇان جيجل ماءَ.

تڏهن راڻي چيو ته:

لهيو تخت تان جو وجي سو نه ٿئي بادشاهه
ٻار وڃن تا راند تي، سي نه تا پڇن ماءَ
پائو! وڃئي تي ويل هٿن مان، پوءِ هٽنديِن هٿڙا.

—

بس بگل بيهي ويا، جن جنّي تارن چڏيو تاءُ
راڻيءَ جي رنگ محل ۾ پيو سازن جو ٻه سماءُ
راڻيءَ چيو ٻانهيءَ کي، در دائيءَ دانا ءَ
ته کهڙو وينو پڳ تي، کهڙو ٿيو بادشاهه؟
متان پائر وڙهيا پاڻ ۾ تن جو لهي آ سُڌ سماءَ.

—

ٻـــانهي ٻڪنـــدي آئـــي ڏنـــائين چريـــو چنيســـر راءِ
سائين! چو ڪوماڻين گل جيئن، بينو روئين رت ڦڙا؟

چنيسر جواب ڏنو تہ:

اڳـــي تيـــان تـــہ ٻـــڌي مـــران، پـــوءِ ســـاڙي آڙاهـــہ
دائـــي! داخـــل تيـــان تـــہ زميـــن ۾، ڏي شـــل ڏرتـــي جـــاءِ!

ان تي ماءُ چنيسر کي طعنو هنيو:

ڏيـــو مبـــارڪون مـــون کـــي، مـــون پـــُـــٽ پڑهـــايو آ
هنـــدي، ســـنڌي، فارســـي، جنهـــن کـــي علـــم توريتـــي آ
پشـــتان پشـــت پنـــاڻ جـــي، جنهـــن کـــي عربـــي بولـــي آ
قـــابل آهـــي قـــرآن جـــو، جنهـــن کـــي قبـــر نـــہ ڏينـــدي ايـــذاءَ.

—

اڳ هيونســـين بـــہ چٽيـــون، هـــاٿي ٽلـــي تيونســـون تـــي
واڍا وڳهـــــہ ڪـــــوٽ جـــــا، آ ڪاريـــــگر ڪونـــــي
جوٿـــا جيســـلمير جـــا آٿـــي ڪـــُلئي ڪـــر ڪنـــي
اڳ ڪتينديون هيونسين پاءُ پورو هاٿي سير سويري.

—

هڪـــڙا تـــاچي گهـــر ۾، ٻيـــو ڪـــوري پيـــرو مڱ لاهـــہ
ڊڊا ڊاڪـــــــــر وڪٽـــــــــي ڏڻ رڍن جـــــــــو ڏار
رڍون چـــرن ريـــل ۾، تـــون گهـــــڏيو گهيتـــا چـــار
ونيـــو واهـــڙ ڪنڌيـــون پيـــو ڪـــَـــڪڙ کـــي ڪوڪـــار
ڳـــاڙهو لڪـــڻ هـــت ۾، پـــٽ! ڍليـــو ڍيـــري ڍار
مـــاءُ مـــَـئـــــيندي مـــاهيڙو وجـــي دوداٽـــي دربـــار.

زال جو جواب سس کي:

ڪـــانڌ ڪچهـــريءَ ڪـــُوڙو، جـــو چـــَـبي ســـُـــڪو آن
مايـــا چـــڌي ملـــوڪ کـــي جنهـــن ڏتـــاري ويـــو ڏن
تـــون راجـــا، اســـين رنـــون آهيـــون، پـــرور رکجـــان پـــن
گهـــر وينـــي پـــُـــٽ گهائـــبـــُـــئـــي، جهلـــي ڏوئـــي ڳـــن.

—

ڪانڌ ڪچهريءَ ڪُوڙو ڪائڻ جو آهي ڪرو
جنهن کي مڻ گجرن جو گوڏ ۾ پيو نهاري واڙيءَ پَرو
هاٿي گهر ويني پُٽ گهائيبَئي، ڪرندس ڪام ورو.

جڏهن چنيسر کي زال ۽ ماءُ گهڻا طعنا هنيا، تڏهن ڪاوڙجي اُٿيو. چيائين تہ: آءٌ دهليءَ جي بادشاهہ عالادين کي وٺي ٿو اچان ۽ ضرور پڳ هٿ ڪندس. ڪاوڙ ۾ باهر اچي گهوڙي جا تنگ چڪڻ لڳو. ڪاوڙ مان جنهن گهوڙي جو تنگ چڪي سو اتي اُقٽ مريو پوي. هن جي ڪاوڙجڻ جي سُڌ سندس وڏي ڀيڻ 'ٻاگهيءَ' پئي، تنهن ڊوڙي اچي پاءُ کي پاڪر پاتو.

ٻاگهي ڊڪندي آئي اچي پاڪر پاتائين پاءَ
تانتي[1] تَوڙ مَ تنگڙا، توکي ڪونہ اچي کهڪاءَ
ڪاوڙجي ڪارو ٿيو هُو چڙيو چنيسر راءَ
مؤزن جي مهميز جو پيو ڌرتيءَ تي گوگياءَ
ڏيان دانهن دهليءَ ۾ چاڙهيان عالادين بادشاهہ
پاءَ ٽنگايان پالن ۾، جنهن جو اڪئين رت ڏسان
ثابت وڳهہ ڪوٽ ۾ ٻرڻ نہ ڇڏيندس ٻاهہ.

ٻاگهيءَ وري اچي دودي کي ٻڌايو تہ چنيسر ڪاوڙجي گهوڙي تي چڙهي هليو ويو آهي. دودي ڪيس ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. تنهن تي ٻاگهيءَ 'دوسو چَناٽيءَ' کي پٽيو ۽ ٻاراتا ڏنا. چاڪاڻ تہ دوسو چناٽيءَ، دودي کي شراب پياري پڳ ٻڌائي هئي. دودي ٻاڻ رضا خوشيءَ سان پڳ نہ ٿي ٻڌي.

ٻاگهي ڊُڪندي آئي دانهنَ دودي ڏانهن:
پٽراٽي پير ڊگها ڪري آهين سُتو کهڙي ساءَ
پاءُ وڃيئي تو پَرمان، توکي ڪونہ اچي کهڪاءَ
سنڌ سُجي ڪيو وڃي سومرو، سندو راٽين راءُ.

---

ٻاگهيءَ جا دودي کي پيا ڪن متي پڙلاءَ
اُتي آ اُيو تيو ڪونڌر ڪت متان

---

[1] تانتي = چڪي.

سهٽي تاج متي ۾ ڏنئين اکين سان
چَناٽي! ڪا چُوڙي پوئي، توکي نه جهليندو جاءِ
راڄڙ! رُلين روهه ۾، تنهنجا رُلن ٻار ٻچا
دوسوءَ کي ڦاهي ڏيان جنهن ڪيو جدا جانب ياءِ.

ٻاگهيءَ جا پٽا پاراتا ٻڌي، دودي اعلادن ڪيو ته: آهي ڪو اهڙو جو چنيسر کي موٽائي اچي؟ پر ڪنهن کي به همٿ ڪانه ٿي جو چنيسر جي ورائڻ جو ٻار پنهنجي سر تي کڻي، ڇاڪاڻ ته چنيسر به هڪڙو بانڪو بهادر هو. اتي ڪچهريءَ ۾ هڪڙا ست ڀائر سومرا ويٺا هئا، تن هام هنئي ته اسان مان رڳو هڪ کي موڪل ملي ته اهوئي چنيسر کي ورائي ايندو. پر دودي ستنئي ڀائرن کي اجازت ڏني ته ستئي وڃو چنيسر موٽائي اچو! هيءُ به ستئي ڀائر هڪلي اچي چنيسر کي رسيا. پهريائين منٿون ايلاز ڪيائونس، جڏهن نه مڙيو تڏهن چيائونس ته: جي نٿو هلين ته اسان توکي ڪيئن به ڪري پنتي نينداسين. "ڪيئن به ڪري" جا اکر ٻڌي چنيسر کي ڏاڍو جولان چڙهي ويو. ڀومرن کي چيائين: لهي اچو ميدان تي ته مقابلو ڪريون! پوءِ پلي مون کي وني هلجو. هنن وني متس حملو ڪيو پر ستئي مڙس ٻڌجي پيا، متان دودو به گهوڙو ڊوڙائيندو اچي نڪتو. چنيسر کان ستنئي سومرن کي آجو ڪرايائين. پاڻ کي منٿون ڪيائين ته خدا جي واسطي پوئتي موٽي هل! پر چنيسر نه مڙيو سو نه مڙيو ۽ گهوڙي کي اڳتي هڪليائين.

آياسون نانءُ الله جو وني، ڀيو پاند ڳچيءَ پائي
ميڙ آندوسون مصطفيٰ، تون محمد ڪين موٽائي
نه ته جيئن تيئن توکي سومرا! هلنداسون وڳهه ورائي.

—

ستئي آيا سومرا، ستئي صف ڪري
ستئي سَتيا هئا سومري، جئن هاري گاهه ستي.

اتي دودي چيس ته:

سونڻ جو ننگر سان تون ادا پڙهاءِ نڪاح
ننگر نياٽو منهنجو، سونڻ نُونهن سندياءِ
هڪ پرزو نه ڏيانءِ پڳ جو، ٻي سنڌ سڄي پيو کاءُ.

تڏهن چنيسر چيس تہ:

دڙڪو ڏنو مَئين هڪڙو، سُڪي ويو اتئي ساهہ
ڏيئي دانهن دهليءَ ۾، چاڙهيائين عالادين بادشاهہ
تہ هينئر سگ ڏنئي سونڻ جو، پوءِ وجئي ها پَٽَلَ[1] پاسي مان.

دودي ڪاوڙ مان چيس تہ:

لڙي وڃ پُٽ لوهار جا، منهنجي اکين جي مهندا
نہ تہ ڏيئي لت چَڏن تي چيري ڪيدانءُ نہ ساهہ
تو کي عقل اگارن جو آيو سيڪ سنداڻن ساءِ
مڙد وڙهن ميدان ۾ پوي سانن جو بہ سماءُ
سَت زهُون اتئي سِيگ کي، جيڪا ڪاهين سا وجي ڪاهہ
پيءُ چاڙهي آ پانهنجو، پنهنجي آجي لُهر ماءُ
هاٿي سنڌ ترارن وچ ۾، جيڪو ڪٽي سو نر ڪاءِ
آهن سويون وس سَتار جي، جن ڏياري پاڪ الله.

اهو ٻڌي چنيسر بہ گهوڙو ڪاهي ٿيو روانو:

پهرين منزل سومرو نڪتو هوت حويليءَ مان
ٻي جا منزل سومرو آيو گونگي تر متان
ٽي جا منزل سومرو آيو 'جهولاٽي' راءِ
چوٿين منزل سومرو آيو تڙ تلوڪ ڏانهن
پنجين منزل سومرو آيو 'ويرا واهہ'
ڇيهن منزل سومرو آيو 'ابڙي شهر' ڏانہ
ستين منزل سومرو آيو ڀڳڻ بيلي ڏانهن.

چنيسر جڏهن بيلي پهتو تڏهن ڏاڍي اُڄ لڳس، ڪوشش ڪيائين پر پاڻي ويجهڙائي ۾ هٿ ڪونہ چڙهيس. اتي هڪڙي ميهار، مينهون پئي چاريون. ان کان پيئڻ لاءِ کير گهريائين. ميهار وٽ هڪ ويڙهاڪ مينهن هئي. چيئن تہ متارو تہ گهٽو ئي لڳو پيو آهين، هل هوءَ مينهن جهلارائينم تہ کير ڏهي ڏيانءِ، نہ تہ چڪ پنڌ ڪي! چنيسر کي ڏاڍي چڙ آئي سو ان مينهن جي پير ۾ وجي، ان کي سگن کان اهڙو قابو جهلي بينو جو مينهن ڪيڏانهن بہ چري نہ سگهي، تان

[1] پٽل = دودي جي راڻي.

جو سڱوئجي پئي. ميهار ونگ وجهي ڪير جو ڪٽورو ڏهي چنيسر کي ڏنو. جو پي خوش ٿيو. هوڏانهن ميهار هن جي طاقت ڏسي حيراني ۾ پئجي ويو هو. ڪانئس پاڇيتا، نانءُ نشان پڇڻ لڳو. چنيسر چيو تہ: آءٌ دودي جو دايو آهيان. ميهار چيس تہ: تون جي دودي جو دايو آهين ۽ تو ۾ ايتري قوت آهي تہ هن ٻيلي جي پر ۾ هڪڙو شينهن تو رهي، جنهن ڪئين پهلوان ڪائي ڪپائي ڇڏيا، آهن ۽ منهنجون مينهون بہ ڪونہ ٿو ڇڏي، ان ڪير جي محابي هنن جو ڪو بچاءُ ڪر! چنيسر دل ۾ چيو تہ ڏاڏائي ڪري ڪير پيتو اٿم ان جو بدلو اوس ڏيو. اهو خيال ڪري جنهن مينهن جو ڪير پيتو هئائين، ان ڏي منهن ڪري چيائين تہ اي پٽاري! اڄ مون تنهنجو ڪير پيتو آهي، هاڻ تون منهنجي ماءُ ٿي چڪينءَ. شينهن ڪان تو ماءَ جو بچاءُ ڪرڻ پُٽ جو فرض آهي، هي ٻيلو پڻ توکي بخش ڪيم، پئي چـَـر ۽ ڪاءُ! پوءِ ميهار ڪان شينهن جوڏس پتو پڇي اوڏانهن رخ رکيائين. ڪجهہ اڳيرو وڌي ڏسي تہ برابر شينهن گجڪارون پيو ڪري. چنيسر بہ ويندي شرط وجي ڳچيءَ ۾ ٻک وڌس ۽ مکن سان شينهن هٽي پورو ڪري ڇڏيائين.

ڪاري ڪنديءَ ڪـُـوڙليءَ کي هـٽ بيٺـو ڦيـري
چنبو وڏائينس چـُـوڙ ۾ لاٿئيـن اوهــ منجهـان سيري
ڏهيـو ڇاٽـان ڪينڪـي متـان اوهــ وجهـان جهـوري
ڪٽورو ٿئي تو شڪدان ۾، مون کي ميهر ڏي ميڙي.

ميهار پڇيس تو:

ڪيـر آهيـن، ڪاڏي وڃيـن، ڪـهـڙي ذات جـوان؟

چنيسر جواب ٿو ڏي:

آهيـــــان دودي راءِ جــــو آءٌ پـــــاڻ حجـــــام
آهـي پسـر دودي کـي ڄـائو، وجـان دهلـيءَ ڏيـڻ دام
هو مون کي ڏيڻ سي ڏاڏا ڪندو اڳيان کي انعـام.

ميهار پنهنجو بيان ٿو ٻڌائيس، ان شينهن جي بہ خبر ٿو ڪري:

هتي اٺ ٻڪرين جي ڪمي هئي ڪانڪا، هئي گوئرن ڪاهو ڪاهہ
ڪڏهن ڪٽڪ پچندي هئي ڪيتري، ڪڏهن پبڻ ٿيندي هئي نـار
ابڙي جـي طـاقت ڪانـہ هلـي، مارايـائين مـڙس سوءُ سـوا
ڪيهـر ڪنڌئيـن تـو ڪـُـڏي، ڀهڳـڻ! ٻيلـي ڏانهـن.

چنيسر جو ميهار کان پڇڻ:

چنيسر ڇيو ميهار کي، تون ڪيئن پيو جوان جـئين؟
جان هٿيار آهي تنهنجي هٿ ۾ تنهن تي دل کي ڏاڍ ڏئين.

چنيسر جو مينهن کي چوڻ:

تون تہ منهنجي امان تـئين، جو پياريئي کير مـُنها
مارِيان شينهن مـُـکن سـان سـتي ڪـدانس سـاهہ
ڀهڳڻ ساري ٻيلـي جا پئـي گـُـجر چرجـان گاهـہ.

چنيسر شينهن کي للڪاريو:

اُتـي پـُـٽ ٻلـي جـا، توڪـي سمهـڻ آيـو سـاءُ
گجي اٿيـو گجمير جئن، ڪـري آگـر مينگهہ ملهـار
بـاهڻ پـَـٽ مَ بـاهٽيون، سـاوا ڪيـم سـڪاءِ
تنهنجـو ڪـمَ اسـان سـان، تـون هلـي هيـڏانهن آءُ
نـامئي نـرڙ نوايـو آهـي شـينهن بہ شـير اڳيـان
اول وارو تـو ڏيـان، وٺـي پنهنجـو پچـاءُ
سـر نمـايو سـومري هـاڻ وارو تنهنجـو آ
هنيـائين هـٿ هـول تـي، پيـو لڳـي لوهہ مٿـان
چنبو ڪيهر جو چوُر ٿيو بينو ڪيهر ڪـَر سـاهہ
بيهـر نـہ بيٺـا هـڻ، هـاڻي وارو منهنجـو آهـہ
پوءِ ساري حضرت شـاهہ ڪـي آهـن ڏ ڳَ هنيـا دسـتا
مـُڪ سان ميچالو ڪيئينس، جنهن جي ڪلين ڪيا ڪڙڪا
عضـوا تنهـن ڪيهـر جـا بيٺـو اُڇلائـي پـورا.

چنيسر کي بادشاهي ويس ۾ ان جي بهادري ڏسي ميهار کي شڪ پيو تہ هيءُ ڪو رواجي ماڻهو ناهي، سو هٿ جوڙي چيائين تہ: توڻ ڪو راجا تو ڏسجين، سچي ڪر تہ ڪير مڙس آهين؟ چنيسر سچي ڪري ٻڌايس تہ: اسين سومرا ٻئي پائر پڳ تان وڙهي پيا آهيون، هاڻ آءٌ دانهن ڪٽي دليءَ جي بادشاهہ ڏانهن پيو وڃان. ائين ٻڌائي اُتان اٿي اڳتي هليو.

مـوزا تنهنجـن پيـرن ۾ جيڪـي لهـن لک سـوا
ڪلنگي تنهنجي ڪاپار تي، جنهن تي موتين جي مڙها
آهـي راجـا رُليـو ڪنهـن راڄ جوسـپاهين سـواءُ.

آدمخور چنيسر کان پڇيو تہ:

وِنگــي جيڪــا وَنــگ جهــڙي انهــيءَ جــو نــالو ڇــا؟
چئي: اهو ڪَنون آ علي شير جو، جيڪو ڪري دشمن تي ڌڪا ءُ.

وري پڇيائينس تہ:

اهــا لاري تــي للڪــارون ڪــري، انهــيءَ جــا نــالو ڇــا؟
چئي: بندوق چئون انهيءَ کي، جيڪا ماري دُشمن کي ڏوران.

آدمخور وري چنيسر کي چيو:

اهــو اُيــو آهــي اويــالي جهــڙو، انهــيءَ جــو نــالو ڇــا؟
چئي: اهو ڀالو آهي بهادرن جو، جيڪو ماري دُشمن دُوران.

تڏهن آدمخور چيس تہ:

اهــي هــڻ منهنجــي بــت تــي، ڪــر پنهنجــا آزمتــا
ســي ويــر وهنــدا ڪينڪــي تيـنــدن مـــُـنهن ڇبــا.

چنيسر ميدان تي لٿو:

ســاري حضــرت شــاھ کــي آهــي گهــوٽ لٿــو گهــوڙي
ســونهري ســروپاءُ جــا چــڏيئين زرهــہ ڳــَـــلا ڇــوڙي
وارو دسيــن ويــريءَ کــي هــاڻ ڪـَــرَ بينــو مــوڙي
زور ڏنــس ظلمــات جــا هــن بــہ جـُـنگ اتــي جــوڙي
سَــي سهي ويو سومرو، جنهن جو وار نہ مُڙيو ڪو ڙي.

—

پــَــڙَ پيــا آهــن پــاڪرين، جــن کــي ٿيــو پهــر سنوا
پاســريون لنگهيــون پاسـرين مــان، ڪنڊ ڪيــو نڪــاءُ
اتــي آدمخــور ڪــُـڙڪيو، ڪــَـڙکي ڪيــائين ڳالهــاءُ
ٻوهــا مــاريئي ٻوهــہ ســان، مــون کــي ڪونــہ ڏنئــي سمــاءُ
جــان آهيــن دودو ســومرو، جــان پــڙ دودي جــا پــاءُ.

چنيسر آدمخور جو ڪم تمام ڪري اڳتي هليو. هڪڙي هنڌ پهچي ڏسي تہ اُنيون پيون جهنگ چرن. انهن ۾ هڪ مست اُٺ هو. جو چنيسر کي ڦري آيو. چنيسر پڇا ڪئي تہ هيءُ ڪنهن جو وڳ آهي؟ اونار چيو تہ: هيءُ عالادين جو وڳ آهي. چنيسر اونار کي چيو تہ: پنهنجي اُٺ کي پــَـل! اونار چيو: اهو اٺ

مست آهي، مون ڪان نٽو پليو ٿٺي. چنيسر جوش ۾ اچي نڪاءَ ڪرايس لوهڙي واري ڪام تہ اٿ اتي جو اتي مري پيو.

اُنيـــون عـــالادين جـــون ويڙهـــہ ۾ وڳ چـــري
جـــَــت بينـــو آ جـــوءِ ۾ اُيـــو ســـڏ ڪـــري
پـــچ، پـــري تـــيءُ پـــانڌيڙا، تـــو مســـافر مريـــن!

—

جـوان اڳيـان تنهـن جـوءِ جـُـو جـَـت بينـو ڳالهـائي
تـہ آهي مـوت مسـافرن تـي، ڪـي اُٺ بـہ مرٺـو آهـي!
جيڪو ماري هن اُٺ کي، سو بيشڪ مـُـنهن مرڪائي.

—

پـوءِ تـہ مـَـيو آيـو مستانو ڪـَـرهو ڪـُـڏ ڪـاهي
تـڏهن لڪـڻ لوهيـــڙي جـــو هنيـــس اَرڏي اچلائـــي
اُٺ ڪـــي اڏو اڌ ڪـــري وڏئيـــن ليـــڙو ليتـــائي.

چنيسر اُٺ ماري، منزلون پٽيندو هڪ شهر ۾ اچي پهتو. اتي شهر جي هڪڙي گهر مان روئڻ پٽڻ جو آواز پئي آيو. باهر بارن جو گوڙ تيل هو. چنيسر بارن کان پڇيو تہ: هيءُ ڪهڙو روئڻ آهي؟ بارن ٻڌايس تہ شهر جي باهران هڪڙو راڪاس رهندو آهي، جو هر رات هڪڙو بار ڪٽي وڃي ڪائيندو آهي. اڄ رات هن عورت جي پـُـٽ جو وارو آهي، جا روئي رڙي پٽ ڪان موڪلائي رهي آهـي ۽ چوڪرو بہ ماءُ کي ڳـُـر لڳي هنجون پيو هاري.

ڪـــوٽ ڏنـــائين ڪـــُـــنگرا، بيـــا دلـــيءَ دروازا
بار رهيا تي راندڙي، جن جو چـِـڏي سان هـو چاهـہ
اتـــي تـــن بـــارن ڪـــان پيـــو پڇـــي چنيســـر راءُ
ڪهڙو روئـڻ انهـيءَ رن جـو، اُن سـان ڪهڙو مـاتم آ؟
چئي: راڪاس هريو هـن شـهر ۾، جنهـن ڪاڏا لک سوا
مـاءُ روئـي تـي پـُـٽ لئي، جنهـن جـو سـانجهيءَ وارو آ.

چنيسر کي جڏهن بارن کان اهڙي سـُـڌ ملي تہ سڌو ان مائي وٽ لنگهي آيو. ان کي آٿت ڏنـائين تـہ تـون رو رڙ ڪيـم، اڄ رات آءُ تنهنجـي پـٽ پـاران صدقـو ٿيندس، اتي مون کي ٻاٽي پيار، ماني ڪاراءِ، سانجهيءَ مون پـَـئـِـي راڪاس

آڏيءَ جـا آڳـام ٿيا، آيـو راڪـس راڙ ڪـري
سـاري حضـرت شـاهه کـي ٿـو ڪيهـر پيـر پـري
لوهـه لڳـن تـان لهـي وجـي پـرزا پيـا پـري.

سـويون ڏج سـچا ڏٺـي، پـرور پـاڪ خـدا
ڪـري دودل دل ۾ گهـوٽ وهـايس گهـاءُ
پهرين سان پورو ٿيو، جنهن جو سٺي ڪديائين ساهه.

چنيسر ديو کي مارڻ کان پوءِ اچي ڪوٽ جو در کڙڪايو. ڪوٽ اندر ماڻهن سمجهيو تہ راڪاس کي جيڪو مسافر کائڻ لاءِ ٻڌي ڏنو سون سو شايد نہ وٺيو آهيس، هاڻ ڪوٽ تي ڪاهه ڪئي اٿس، تن اندران جواب ڏنو تہ در ڪونہ لاهينداسون، تون ٻاهران غريب آباد ما اڄ رات گذران ڪري هليو وڃ، صبوح جون ڳالهيون صبوح سان. اهي اکر ٻڌي چنيسر ڪوٽ جي در کي اهڙي عزم مان تري هنئي جو دروازو ڪَڙ ڪَڙ ڪري وجي پري پيو.

هيءُ لکي دروازو آهي لکن جو، جنهن ڪاڏو لک سوا
لوهہ جنهن جو هر ذات جو اٿس پِتل بير ڪڙا
اٿئي گهر غريب آباد سي تون وجي ڪاءُ.

لاٿائين لاک لکيءَ جي، جيڪو لهندو لک سوا
ڪاهي پيو ڪوٽ ۾ جتي عالادين بہ آ.

هڪڙا گهڙي ويا گاهن ۾، پيا گهوڙن اولڙ ڏانهن
ڪنگهن ڪُڙڪن تا ڪينڪي نکي گَهرو ڪٽن ساهه
ڪاهي پيو ڪاڪوس ۾ عالادين جو همراهه
چئي: اٿئي ٻاهر گهر غريبن جا جن کي ڪرڙن جا لوڙها..
مون کي آهي مرضن ماريو تون عالادين وجي ڪاءُ

چنيسر ان همراه کي چيو:

سمان ڳاڙها سومرا، ننگر راڄ رهن
پٽ دودي راءَ جا پوٽا پونگر جا ٻُڌجن
مون کي وڳهہ ڪوٽ ۾ تا چريو چنيسر چون.

ٻئي ڏينهن سويل صبوح جو بادشاهه جا گاهي گهوڙن جي گاهه ڪرڻ لاءِ ڪوٽ کان ٻاهر نڪتا. جڏهن غريبن جا جهڳا ڇڏي اڳيرا ٿيا ته ديو پليت مٿن ڏنائون. گاهين جي جمعدار حسڻ بيگ اچي بادشاهه کي ديو مارڻ جي سُڌ سڻائي.

گاهي نڪتا گاهه تي، سان عالادين اَمرا
راڪس ڏنئون رت سين پوءِ سيني ڪئي صلاح
هڪلون حسڻ بيگ جون پاڻ ٻڌيون پاتشاهه
جي پري رَنبا رت سان آيا عالادين اڳيان.

چنيسر ڪوٽ ۾ رهڻ لڳو. چنيسر جي بهادري جي خبر بادشاهه کي ملي ته هن راڪاس ماري شهر تان آفت ٽاري آهي، تنهن هن جي وڌيڪ آزمودي لهڻ لاءِ پنهنجو مست مڪنو هاٿي ڇوڙائي هن جي گهر واري گهٽيءَ ۾ ڇڏرايو. سج اُبرئي سان جئن چنيسر تڙ پاٽي ڪرڻ لاءِ تيل ميٽ ڪٽيو پئي ويو ته اوچتو هاٿيءَ مٿس جُلهه ڪئي. چنيسر وٽ هٿ ۾ جيڪا تاسري تالهي هئي، جنهن ۾ تيل ميٽ پيل هو، سا ڪَشي هاٿي کي هنيائين ته تاسري هاٿيءَ جي سُونڊ کپي وڃي پول کان نڪتي ۽ هاٿي ڦٿڪي مري ويو.

مڪنو هاٿي مست ٿيو، جنهن جا دور سُڄن ڏڏڪا
نَوَ مٽو نيرَ پير ۾ جنهن جي ڪڙين ڪيو ڪڙڪا
ٻڌي ڏڏڪو ديوَ جو گاهي ڪُل پڳا.

---

آيو پئي بهادر بازار مان، جنهن کي هٿ ۾ هو پَٽ
هٽيو ڪين هاٿيءَ کان، هو جنهن جو پاڻ مَٽ
هنيئينس تاسرو تارونءَ ۾، جو ڪري پيو پٽ.

ڪوهستان جي نَئن مان ٻه شينهن لڙهي بادشاهه جي باغ ۾ ٽپي پيا، سڄو باغ هٽي اُجڙ ڪري وڌائون. مالهين ڊوڙي وڃي بادشاهه کي خبر ڏني. بادشاهه حڪم ڪيو ته لشڪر تيار ٿي وڃي شينهن سان مقابلو ڪري. اوڏي مهل چنيسر به بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ ويٺو هو، جنهن چيو ته: اي عالادين بادشاهه! اسان وٽ شينهن سان هڪ هڪ همراهه ٿي لڙندو آهي، شينهن تي لشڪر نه چڙهندو آهي. تون شنيهن لاءِ فوج ٿو موڪلين، سو انهيءَ ڪري ته لشڪر گهٽو اٿئي ڇا؟ اهو تُنڪو بادشاهه کي ڏکيو لڳو، چيائينس ته: جي

اهڙو بهادر آهين تہ تون اڪيلو مقابلو ڪري ڏيکار. چنيسر سنيري هٿيار ٻڌي باغ ۾ آيو. ڏسي تہ برابر شينهن پيا ٻچن. چنيسر ويندي شرط ٽپ ڏيئي هڪڙي شينهن کي هڪ ڪن ۾ هٿ ۽ ٻئي کي ٻئي ڪن ۾ هٿ وجهي، هنن جا مٿا ٽڪرائي کين ماري ڇڏيو.

ڪَرڙي نئن ڪوهستان جي، جنهن مان شينهن لڙهي آيا
بادشـاهہ جـي بـاغ ۾ اچـي جـُـنگن ڏيـرا ناهيـا
سـاري حضـرت شـاهہ کـي چڙهيـو چنيسـر راءِ
شـينهن بينـا آهـن، شـوريا، اُڇلائيـن پيـا پـوڙا.

چنيسر هڪل ڪئي تہ:

اچـو پـُـٽ ٻلـيءَ جـا، پـوي سـانن جـو بـہ سمـاءُ
ڪيهـر ٻئـي قـابو ڪيـا وجهـي ڪنـن هـٿ وچـان.

اتي عالادين کيس انعام جي آڇ ڪئي:

رانـــول وٺ تـــون روڪـــڙا اوڇـــا انعامـــا
آءُ صوبـا ســـنڌ جـــا تـــون عـــالادين اڳيـــان.

چنيسر عالادين کي چيو:

نـاهي درڪـار دنيـا جـي، نـہ ڪپـي مـون ڌن اٿاهـہ
پيائر وڙهيا آهيون پڳ تان، مون کي چون چريو چنسير راءِ
جي پڳ وٺي ڏين مون کي، توکي ٻاگهيءَ ٻانهن ڏيان.

چنيسر جي شرطن تي عالادين لشڪر ڪنو ڪري، وڳهہ ڪوٽ تي حملي لاءِ هليو. لشڪر سان هلندو اچي روپاهہ جي ميدان تي ديرو دمايائين. اتي هڪڙو خط لکي نالي محمد خان پناڻ کي ڏنائين تہ قاصد تي دودي جي دربار ۾ وڃ ۽ اسان جي اچڻ جي سُڌ ڏينس.

عـــــالادين اُتـــاريو پهريـــــــنءَ رات پڙهـــــو
راجـا پنهنجـي رعيـت تـي ڪيـنـو خـان ڪـڙو
تـہ هلي ويڙهہ ڏيـو وڳهـہ کـي روڪـي دودي دڳ دڙو.

---

تيـــڏي مهـــل تيـــار تيـــا عـــالادين اُمـــراءَ
بـــارود ڪٺـــي ســـيئي ســامان ڪيئـــون ســوڙها

حاڪمن ڪي هاڻي هٿا، غريبن اُٺ گهوڙا
آيا وير وڳهہ ڪوٽ ڏي سيئي سنيوڙا
ٻيو ملڪ سيئي ماڻيئون، اچي لنگهيا لاهوران.

محمد خان پناڻ جو قاصد ٿي وڳهہ ڪوٽ ۾ اچي عالادين جي لشڪر جي واڪاڻ ڪرڻ ۽ دودي کي ڊيڄاڻ:

آيو عالادين بادشاهہ، جنهن وٽ آلا ڪاٺ ٻرن
اڳين پاٽي پيٽ ۾، پويان چڪ چٽن
اڳين گهوڙن گاهہ وات ۾، پويان لَنڌ چَرن
ڪارا ڪوهہ ڪُتيو وڃن، مِنن پاٽي نہ لهن
سابرمتي سڪي ويئي، جيڪي ڪنياتئون اچن
دادلي درياءَ جو ڪڌهن پتڻ ڪونہ پجن
جتي رهي تو راتڙي تان لڏيو شهر وڃن
عالادين بادشاهہ کي آهي پِتيو پڪيڙن.

—

آيو عالادين بادشاهہ، جنهن سان اُڙد اچن
ڪڪا، ڪارا، ڪاغذي اَنت نہ امرائن
ڏيمن وائي وات ۾ بينا 'دودو دودو' ڪن
سگهہ اوهان کان سومرا! هو تا ٻاگهل ٻائي گهُرن
جي ڏي ٻانهن ٻاگهيءَ جي تہ اوهان جي رچيو راڄ رهن
نہ تہ نَوَ لک ڏهہ چليون، آهان جي سنڌ روڪي آ تن.

دودي خط پڙهي ۽ محمد خان پناڻ جي لباڙ ٻڌي هڪدم حجام کي گهرايو. محمد خان جون ڏاڙهي ميچون متو ڪوڙائي، سندس ڪارو منهن ڪرائي، موچڙن جي ڪنڌي ڳچي ۾ وجهي عالادين ڏي روانو ڪيائينس.

دودي ماٺهو موڪليو وجي نائي نهاري آءُ
ڪديئين ڪسبت ڪُلهي مان بيا يانيون ۽ پالا
رڪ ڙاسيون آهن ڪوڙيون، ڏس پاڪي جا پورهيا
جنهن جي پنبٽن پيا نچڪٽا، بيا يرن ۾ پالا
ڊگها شهپر تنهن جا ڪٽي ڪاتيئين ڪلهن کان.

محمد خان چيو:

آيـن ڪجـن آڏرون، تـون دودا ڪريـن تـو ڪـم ڪچـا
پنهنجـو ڳُـن تـو گهـٽ ڪريـن، تـڏي رکيـن تـو تـاءُ
سمـا نـہ ڳٺينـدءِ سـومرا، توکـي چڱـو نـا چونـدا.

تڏهن دودي چيو:

مـون نـہ مـاڻهو موڪليـو، هلـي تـون ڪـي مـون ڏي آءُ
خـاطن ڪَـتا هيـٺ ٻـُـڌن، ٻيـا ڪلهـن بدوڪـا
جـا ٻـَـرِ مـون ڪـي وٽنـدي سـا ٻـَـرِ ڪندوسـانءِ.
پوءِ ماڻهو موڪليائين موچيءَ ڏي، آڻ پراڻا پادر پويـو
مـاڻهو موڪليـائين دائـي ڏي، آءُ ڪـارو ڳڏهـ ڪـاهيو
ڪـارو روغـن زُلفــي جنهنڪـي لڙ لڱـن لايــو
گهٽيون وڳهہ ڪوٽ جوٺ چاڙهي گهوٽ ڪري گهمايو.

جڏهن محمد خان، دودي وٽان بـي آبـرو ٿـي بيحڙي حالت ۾ عـالادين ڏي واپس پئي ويو تہ هن کي اوڍر ڏرار ايندي ويندي ڏٺو هو. اوڍر دل ۾ چيو تہ هي ماڻهو ڪالهہ سڻئون سپانو دبدبي سان پئي هتـان ويـو. اڄ هن حال سان پيو وڃي، شايد ڪو ملڪ ۾ مانڌاڻ پـوٽو آهي!

مهـارون مهـريءَ جـون چـڏيون هٿـائين ڊاتـيءَ کـي ڊاري
اوڍر بينـو آهـي اڳتـي، جيڪـو قـَـريو قـَـرَ چـاري
سـنوارت تنهـن سـلطان جـي بينـو نوڙيـو نهـاري.

اوڍر ڏرار ان قاصد کي نياپو ڏنـو تـہ: عـالادين کي چئج تـہ پهريـائين هٽ مـون سان مقابلو ڪري ڪٽي وڃي تہ پوءِ دودي سان مُنهن ڏجانءِ.

منهَنجـا عـالادين کـي، مغـل! سـاري ڏيـج سـلام
هـيءُ اوڍر وڙهنـدءِ اڳتئـون، جيڪـو لائينـدءِ ماتـام
منهنجي بہ آهي نَوَلک فوج ڪهاڙين واري. جا لهي ڏيهاڙي لام
منهنجا قـادر ڪـم پـورا ڪندو، آءٌ ڪريان تـو ڪـلام.

جڏهن محمد خان عالادين جي ڪچهريءَ ۾ پهتو تہ ماڻهن کان ڪل نڪري وئـي، جن بادشاهہ کي چيو تـہ: سائين! اهـو محمـد خـان الاجي ڪيڏانهن گم ٿـي ويـو آهي، جنهن هٽ چيو هـو تـہ مـون کي قـاصد ڪـري موڪليـو تـہ سومريون ڏسـي

پسند ڪري اچان، اتي ٻاگهيءَ جي حُسن جي بہ مون کي خبر پئجي ويندي. ان کي واهہ جو مور ڪري موڪليو اٿن. جڏهن محمد خان پري ڪچهري ۾ سومرين جي ڏسڻ جا اکر چيا هئا، تڏهن چنيسر نُهن چوٽيءَ باهہ تي ويو هو. پر پڳ جي معاملي لاءِ عالادين کي جو اڳي دانهن ڏني هئائين، تنهن لالچ سببان سُن ڪاٽي ويو. هاڻ جو محمد خان باندر بنجي آيو هو، تنهن تي ڏاڍو خوش ٿيو تہ پل مغل کي بہ خبر پوي تہ اڳيان دودو ڪهڙي شيءِ آهي. چنيسر عالادين کي دانهن نہ ڏيئي وينو پر پوءِ ڏاڍو پڇتاءُ ٿيس تہ مويي پاءُ تي ٻچ ڪري ڏارين فوج تو چاڙهيان، جنهن کي رتيءَ جيترو بہ عالادين جو ڀؤ ڪونهي، جو انهيءَ قاصد کي جوڳي سيڪت ڏئي روانو ڪيو اٿس. پاڻ چنيسر ڪري بہ چا تي سگهيو. ڏڌو ڪير ڪيئن ٽٽين پوي! تنهن ڪري عالادين کي وڏيڪ هر ڪانڻ لاءِ چوڻ لڳو:

پلي بابل کي چائين، تنهنجي نيچ وياني ماءُ
گيلاني گمراهيءَ ۾ تيندءِ حامي حضرت شاهہ
اهو آهي وڳهہ قلعو قادر جو، جنهن کي لڳي نہ ڪوسو واءُ
مغل مجيندا ڪينڪي هاڻ اڪين سان ڏسندا.

پوءِ دودي کي دعائون ڪري چنيسر عالادين وٽ آيو ۽ محمد خان ڏانهن اشارو ڪري بادشاهہ کي چوڻ لڳو:

ڳهہ ڏس ڳوريءَ جا ڪي پوتل چندن هار
جهامڪين[1] جهانءِ چڏي، جنهن جا ڪريا ڪن ڪپار
اڳ چوٽو پوندو هوس چيلهہ تي، جنهن جا نزلي نيا وار
اها پانهن اٿئي ٻاگهيءَ جي، ڪر مون تي اعتبار.

محمد خان درٻار ۾ پهتو تہ ماٿهو وني ڪليا. عالادين هن کي نہ سڃاتو ۽ ڪانئس خبرون پڇيون.

ڪير آهين، ڪاڏي وڃين، ڪهڙي ذات جوان؟
رهين ڪهڙي راڄ ۾، اٿئي ڪهڙو ملڪ مڪان؟

جواب محمد خان جو:

دهلي ديس اسان جو، ملڪ چون ڪُستان
پاڙو حاجي زئيءَ جو، منهنجو نالو محمد خان

[1] جهامڪيون = ڪنن جا ڳهہ جهومڪ.

يــارهن لڪــن اُمرائــن جــو آهيــان ســر صوبــو ســلطان
آءُ بــرادر تـــو بادشـــاهه جـــي، اوچـــي ذات پنـــاڻ.

جڏهن محمد خان پنهنجي سجاڳپ ڪرائي تہ امير وزير ڪل بند ڪري ماٿ ٿي ويا ۽ بگڙي چيائون تہ: اهو ڪهڙو دودو آهي جنهن اسان جي پاءُ ڪي بي مانو ڪري ڪڍيو آهي! اسين سومرن جو جڻ ٻچو پيڙهينداسون. مغلن ڪي طيش ۾ ڏسي عالادين چنيسر ڪي گهرائي چيو:

عــــالادين آڻـــــايس، چلـــــي چنيســــــر آءُ
بگڙيــا پــائر پنــاڻ جــا، ســي جهليــا نـــہ اڇــن جــاءِ
پيچ تـہ ڪا پـيٽي لهيــن، نــہ تــہ پيحــڻ نــہ ڏينئي پــاءَ.

تڏهن چنيسر سينو تاڻي عالادين ڪي چيو:

اوڏو تـــي عـــالادين ڪـــي چيـــو چنيســـــر راءُ
تــو ليڪــي لشــڪر آ، آءُ پانيــان لـَـنب جــو گاهـــ
لڪــڻ ڪٽــي هڪــڙو تــن جــو ســَـتي ڪــيان ســاهہ.

هن جي ايتري چوڻ تي چنيسر ۽ اميرن جي جنگ شروع ٿي ويئي.

چوطـــرف چوُرنــــگ ڪــــي قــــري ويـــا امــــراءَ
هيــڏانهن ڪــاوڙجي ڪــارو ٿيــو، چــڙي چنيســـر راءُ
بگڙيــو دايــوُ وڳهـــ جــو، ســو جهليــو اڇــي نـــہ جــاءِ
پــائي جامــان جــانِ تــي، ٻيــا زرهـــ ســندا چــولا
ٻــڌي ڪٽــاريون ڪــاتيون، ســر ســونهري ســروپاءِ
سوني سـيگَ ڪمانگري، ٻـَتِــي ڪــانن هــٿ وڇــاءِ
ڊگهــو پــالو هــٿ ۾ اهــو ســانگ ســومري ڪـــي آ
مــوزن جـــي مهميـــز جـــا پيـــا ذرتـــيءَ تـــي دهڪـــا
ڪــاهي پيــو ڪٽــڪ ۾ جيئــن، واچ ڪــري واڪــا
ڪــڏي ڪيهــر شينهن جيئــن، جيويــن ڏي هــرڻ لاهـــ
پــورب جئـــن پلتيـــو پـــوي، واچـــوڙي واءَ ڪـــان
آيــا لڪ لـــُـڙهي ويــا، ڊجــي خــوف چنيســر داءُ
لڪ ماريـــا، لڪ لــُــتيا، ويـــا اُلٽـــي اوهيـــرا.

محمد خان کي جڻ ڪري ڪڍڻ بعد دودي هڪڙي ڀان کي گهرائي چيو: تون وڃي ننگر کي رضامند ڪري مون وٽ وٺي آءُ. اڳي دستور هوندو هو تہ ڪنهن بادشاهہ سجاده نشين کي يا ڪو ٻيو راجا يا بادشاهہ پاڻ سان شامل ڪرڻ گهرندو هو تہ پيٽ ڀان گهرائي، انهن کي حقيقت ٻڌائي، پوءِ ان کي راڳ ۾ واڪاڻ سان خوش ڪري، پاڻ سان ٻَڌي ايڪي ۾ آڻيندو هو. تنهنڪري ننگر ڏانهن بہ ڀان راڳيندڙ موڪليو. ننگر جي ماءُ جو نالو 'مريم' ۽ ان جي دَر جي دائِي جو نالو 'لکمان' هو.

دودي ڀــان امــاڻيو، وڃــي 'ننــگر' نهــاري آءُ
بنگلي آڇ ڪينڪـي، نڪـي ريءَ موڪلائـي مـاءُ.

ڀان سرندو کڻي ٿو نڪري، ننگر جي وڏن جي ۽ بنگلن محلاتن جي ساراهہ ٿو ڪري. واڪاڻ هلندي ڪيترا امير نواب 'ننگر' وٽ اچن ٿا. جن کان ننگر خبرون چارون ٿو پڇي:

سرندو ڪنيائين سوز مان، جنهن جي تـارن رکيـو تـاءُ
راڻيءَ جي رنـگ محـل ۾ ٻيـو سـرندي جـو بـہ سمـاع
راڻـيءَ چيــو ٻــانهيءَ کــي، در دائــيءَ کــي داناهـہ
'لکمـان' پاڳــو آئيـو، تنهـن جـو لهـي آ سـُـڌ سمـاع.

ڀان، دائي کي هيءَ سڌ ڏني:

دودي مــون کــي موڪليــو، مــاڳهين 'مريــم' ڏانهــن
ننـــگر جـــي چڙهــڻ جــي رکـــي ســـاري راڄ صـــلاح
مـائي! ڏي پـُـٽ پنهنجـو، ڪـري چـاچي سـان پرچـاءُ.

ننگر جي ماءُ مريم جواب ڏنو:

ننـــگر منهنجـــو ننـــيڙو، لـــڏي وڃ پينگهـــوڙي لاءِ
جنهن کي مَـسڙي ناهي منهـن تـي، ڇـوٽن سان آ چاهہ
ننـگر وڙهنـدو ننـگن لئـي، هـُـنن ولهـن جـي پـاران.

ننيڙن سنگتين ننگر سان وڃي اها خبر ڪئي.

بــس بگــل بيهــي ويــا، جــن جــي تــارن ڇــڏيو تــاءُ
ننــيڙا يــار ننــگر جــا، آيــا ســرندي ســاز مٿــان
ويا ٿـي رونشي راند تـي، جن کي ڏائــِـي جوهـو ڏانءُ

وجي ڪيئون حال ننگر سان، سارو ساز سماع
تہ ڏيڍيءَ آيو منگتو، تنهنجي مُهت نہ ڏنو ماءُ
تڏهن وير وهنجڻ ڇڏيو، نڪتو ساري حضرت شاهہ
ڪُڏي ڪيهر شينهن جئن، واڪا ڪري واءُ
پَڙا! ورايو 'پانَ' ڪي، تو پاند ڳچيءَ ڳل پاءُ
تنهنجو ڪم اسان سان، تون اسان سان ڳالهاءِ
رن راڄ رُلايا، سي رُليا نہ اچن ڪنهن جاءِ.

جڏهن پان کي ننگر پرچايو تہ پان پلٽي ماري ننگر جي محلاتن جي واکاڻ ڪئي:

باغ چڙهيا بنگال، اُچي اڏاوت تن
ٿنڀ، ڪامون چندن جون، جن کي مشڪ تہ لِنيپ لڳن
ڪٽون شيشم عاج جون، جن تي هنڌ فراش وِڇن
گلم تہ دوداڻين جا تا جواهرن سان جڙجن
نَوَ ڪُڙهون تو نَرَ جون، جتي نيرا ناز ڪرن
هڪڙا زور ٻيا شهزور ٽيان ڪُميت تا کهن
هڪ سرخا ٻيا سمنڊ تن تي سونا سنج پون
مَهري تنهن ميدان ۾ اچيو ڊاتي ڊول ڊرن
سنڌ جا سورهيہ سومرا! تو وٽ ڪوئر ڪچهريون ڪن
خان پڇي پيو خبرون، ننگر ڪنان نوابن.

---

چئي: عالادين بادشاهہ، جنهن سان اُڙد تا اچن
ڪڪا ڪارا ڪاغذي آهي اُونت نہ امرائن
ديمين وائي وات ۾ ٻينا 'دودو دودو' ڪن
سگّ اوهان ڪان سومرا! تا ٻاگهيءَ ٻانهن گهرن
جي ڏيو ٻانهن ٻاگهيءَ جي تہ اوهان جا رڄو راڄ رهن
نہ تہ نَوَ لک ڏهہ چليون، اَن جي سنڌ روکي آ تن.

تڏهن ننگر چيو تہ:

انهيءَ عالادين کي هتي آندو آهي الله
مرد نہ مرد جو پاٺي سياڻ پوندو سماع

باادل وسن رڪ جا، پلي ڪان بہ ڪن ڪڙڪا
ننگر تنهن جا پلي ڳوڏا وهن ڳاهہ.

ننگر جو چاچي وٽ اچڻ:

رات وهامي ڏينهن ٿيو، اُڀريو تارو
غوث بهاؤ الحق جو نر هنيو نعرو
وڳا بگل بهادري، ڏڪڙ ڏان ڏان ڪن
ناز نفيلون وڳيون، پَڏا ستڪ ستارن
شرنايون ۽ سرندا بيجهي پاس سرن
ڪئين يٽ يان هٿا سي ڪهندا ڪبت اچن
ايڏي الغار سان اچي ننگر گوڏو ڳجو گلمن.

دودي ڳالهہ ڪئي ننگر سان:

چيم چنيسر راءَ کي، ابا! وات ڪدي وائي
ويهہ ڪچهريءَ وچ ۾، ادا پڳ متهين آئي
سو سٽ نہ وينو سومرو، ويو ماڳ پچڻ مائي
مون سان ڪوڙي ڳالهہ ڪري، پاڳي نہ تيو پائي.

ننگر جو چاچي کي جواب ڏيڻ:

چاچا! تنهن بابل جا تا پلتيو پور پون
کائڻ نہ اچن کومچا، وهہ تا طعام لڳن
سمهڻ نہ اچي سيج تي، منهنجي آرام نہ اکين
ماٺهو ڏين مهٽا، مون کي جُلبا تا جاڳن
هينئون ڦاٽيو اڌ ٿئي، منهنجا ڦڦڙ تا ڦڙڪن
ڪَيَئين ويڙهہ وڳهہ سان تہ منهنجا مُزرا راج ڏسن
اهي تختا هٽي تختن تي، ڪَيَئين آڏو امرائن
پر ڏٺي سگ سونڻ جو، منهنجا لَهيو لُڙ وجن
هاٽي اُجلي هڻ آڙاهہ ۾ آيو ٿئي ننگر نوابن.

دودي جو ننگر کي چوڻ:

منو آ رت اَبل جو متان ننگر وجين ڦري؟
چئيَ: چاچا! ڦران تان ڦُرجي وجان، ويندس ماڳ مري
لاهہ ننگر تان آسرو، ايندءِ کهنبن منجهہ ڪچي.

اڌ آکيائين وات ۾ تہ ڪيس ڏڙ ڏڪاءِ
اُلٽيو ءِ ڪريو پوي ڪونڌر ڪٽ متاءِ.

پوءِ ننگر کي دودي چيو تہ:

ننگر! سون پٺين جي سر تي، اهو سون بہ شرمندو آهہ
اڄ نہ چاڙان ڪهڙو، جنهن کي چوڏهن ورهيہ ٿيا.

---

ڪارو طنبو پٺين جو، هوندس ڪارو ويس
ميناڪاري مولهيو، هوندس نيرو چڙهيءَ هيٺ.

---

چنيجر چيهہ نہ وججي، اُلهندي آچار
منگل ٽئي مامرو، سومر سولو وار
اُتم ڏينهن اربعا جو، نالو جنهن جو نار
خاصو ڏينهن خميس جو، جنهن کي جوان چون تا جوءِ
چڙهجان ڏينهن جمعي جي، پچاڙان پوءِ.

---

راڻيءَ چيو ٻانهيءَ کي، در دائي کي داناهہ
هندوري هيبت گهٽي، منهنجي ڪٽ ڪائي دهڪا
ٽنپ، ڪامون ٽڙڪي ويا، پيو پٽين ۾ پڙلاءُ
متان عالادين اچي ويو، لڪيءَ در متانءُ.

تڏهن دائيءَ سونڻ کي ٻڌايو تہ:

سوني ڪنگڻين سومرو، جنهن ڪنن ۾ لڙڪا
پُٽ چنيسر راءَ جو، نالي ننگر راءُ
آهي مير مگيندو تنهنجو، ور ونيءَ جو آ.

---

وِلتي اُتي وڃ جئن، ناز پري نينگر
ڪِوٽنِ جئن ڪائي وجهي، ڏيءَ دودي دختر.

---

ندين رت پلوٽيان، وڳهه وهايان واهه
لُڙهيو لوهوءَ جٺن وهي، ڪڙيو خان ٻه واهه
پُرزا ننگر مُنگر جا لُڙهيو اچي لنگهندا
پئي ڦولهيو ڏسجاءِ رت ۾، ايندءِ ننگر نياپا.

اتي سونل تي چئيس تہ:

جهولي پائي مون جهليا، ڪيان اوڇا پار متان
پرين! توکي پرديس مان آڻيندو ٻه الله
اچي وَرَ گڏبين ونيءَ کي، سُرهيءَ سيج متان
متان ڪارا اچنم ڪپڙا، ڪندو ائين ڪيئن خدا
آيل ڏيج رڱائيا سي رتا ڪيئن رهبا
سهرا تنهنجي سر تي موڙ بدل ڪيئن ڇُڙندا
ننگر! ميڙي محمد مير جي، پنهنجو نبي پڙهندو نڪاح.

---

آڏيءَ ننگر آئيو، بيٺو جيجل جاڳائي
ٻٽيهہ ڏارون مون پيتيون، امڙ بخش مون کي.

تڏهن ماڻس چوڻ لڳي تہ:

ٻيڙا تو ننگر کي، مون هت هَت بخش ڪياءِ
مارج مانڊل ملڪ وزير کي ڪٽڪ ۾ ڪاهي
مارج تالا تمر وزير کي ڀڄڻ ٻولائي
متان جهنگ ٻيلو ڏئي ڀڄي اچين، مُٺي ماءُ لڄائي.

---

ناحق ننگر ڄائيين، تنهنجي ڄمڻي تيو ڇا
ڏهہ مهينا گذريا پيٽ ۾ مون ناحق سور سَنا
ڏهہ مهينا گذريا پُٽ پرور ڪيئن پيدا
تنجو مئين تلوارن سان، توکي ڏکين ڪانَ وڏا
پينگهي ڇاڙهي پُٽڙا، توکي لولي ڏني ماءَ
ڪنون ڪيٺ اوهان جو، اصل سمن پوک اها

جــوان اوهــان جــي جنــگ جــي، اهــا آڌ وڏائــي آ
هٽيــــن تلــــوار تکــــڙي عــــالادين متــــان.

موکلائڻ وقت ٻاگهي ننگر کي چيو:

آءُ ٻــــاگهيءَ پائٽيــــا، کــــاکل تــــون کرهيــــج
ننـــــگر! نوابـــــن ڏي هيٺـــــيءَ راهـــــــ هليـــــج
جــي سـگ ڏنــي بادشـاهہ پرچـي تــہ مـرد نــہ مـارائيج.

تڏهن ننگر کاوڙ مان جواب ڏنس تہ:

مــڙس ڏيندوســانءِ ســومرو، جيکــو مـــَـت پانيــان
نہ تہ مرندينءَ وڳهہ کوٽ ۾، تنهنجي ڪٽ چمي چائيان
مــاروئڙن جــي مقــام ۾ ڏيــانءِ ســاميءَ ســا لاوان.

ننگر کي ويندو ڏسي دودي جو پٽ منگر پيءُ کي چوڻ لڳو:

چــاچو ٻــابو نــہ تئــي، نکــي ماســي تئــي مــاءُ
پاڇائي نہ گهـُري پيڻ جيئن، نکي سوٽ سڳو تي ڀاءُ
جـــَـر ويــري ڄرڪــو تئــي، پکيــن ويــري شــڪار
کــلر ويـــري کـــوٽ جـــو، ميجـــيءَ ويـــري ڄـــار
مـــــرد ويريـــاٽي نـــــدڙي، زال ويـــــري ســـــينگار
پـائرن ويــري دودو ســومرو، مــون اکئيــن هــاڻ ڏنــوءَ
پــاءُ تــہ اگ اُمــاٽيئي، ٻيــو پــائيتو تنهــن پــُــنوءِ.

ننگر سيني مٿن مائٽن راٽيـن ٻانهين کان موکلائي توکلائي، لشـکر تيـار کري، عـالادين تـي چڙهائي کئي. تلوارن جا تجـلا، نعـرن جـون للڪـارون، لشکر جي رَئي اڏامندي پئي اچي. وڳهہ کوٽ کان چمکات ۽ گوڙ گهمسـان اُتيـل ڏسي، عــالادين چنيسـر راءِ کـي گهرائـي پڇيـو تـہ: مينهـن جـي منڌئـي کانهي، پوءِ وڳهہ کوٽ ڏي ڇا پيو پسجي؟

عــــــــالادين آٿــــــــايس، آءِ چنيســـــــــــر آءُ
نـــاهي منـــد مـــــينهاڻ جـــي، نکـــي ســـانوڻ واءُ
اويــر ســان لـُــڙ لاٿـــِـيو، پئـي سـج کونـہ سمــاءُ
صحيــح ســجاڻج ســومرا! وريئـــي وطـــن جـــو واءُ!

تــڏهن اڏو تــي عــالادين ڪـــي چيـــو چنيســـر راءِ
تـہ نـاهي منـد مينهـاڻ جي، نڪـي وريـو سـانوڻ واءُ.

عالادين چيو تہ: پوءِ اهو ڇا آهي؟ چنيسر جواب ڏنو:

دودا ٻڌئـي ڪنـن سـان، تـن جـا ڏيـل اکيـيـن ڏسـجن
والـــي وڳهـــ ڪــوٽ جــا تــا دوداڻــي ڏوئڪـــن
آهـــن گوڙيـــون غبـــارن جـــون، ٻيـــا تجـــلا تـــرارن
اڄ تـــ ڏاڏاڻـــي ڏيهـــ جـــون بجليـــون تيـــون پڙڪـــن.

---

جـڏهن چڙهنـدو وڳهـ ڪـوٽ مـان پــٽ منهنجـو پـاءُ
ڏرتـــــي ڏان ڏان ڪنــــــدي، وڻ ڇــــــڏيندا واءُ
ٻــِـلا تنهنجـي ٻنـاغن جـا ٻولــي ڪانـــ ڪنـدا
وينـــل وڙهنـــدءِ ڪينڪـــي جـــن ڪـــاڏو ٻـــوڙ پـــلاءُ
ســـُتل اٿنـــدءِ ڪينڪـــي ڦتڪـــي ڏينـــدءِ ســـاهه
اهـــي اُهجـــاڻ دودي راءِ جـــا ســـُيـاڻ اکيـــن ڏسـبا .

عالادين چيو تہ: دودو ڪيئن سڃاڻبو؟ چنيسر سمجهايس:

مـــڙس مڙنـــي آ ڊگهـــو، متـــو جنهـــن جـــو مــــَٿ
ٻـــانهون ٻيـــڙيءَ اولـــِـوا، چيلهـــ چوپـــائي ڪـــٽ
داتـــَـهـ دودي راءِ جـــي هتـــي ڪونـــ ســـهندءِ ســـٽ.

چنيسر ڪان خبرون وٺي عالادين سگَ ونڻ جي پڇر ئي ڪٽي ڦتي ڪئي:

ڪـُڙهو ڪـَنبيو ڪـُستان جو، بينـو روئـي رت ڦـڙا
تہ انهيءَ ٻاگهيءَ سندي ٻانهن جي، مون دليئون ڇڏي دعويٰ
اوهيـن يـائر پرچو پـاڻ ۾، اوهـان جـو ڪـري خيـر خـدا
تون مير موٽي وڃ مـُلڪ تـي، آءُ پنهنجي ديس وڃان.

ننگر پنجاهہ سوارن سان اچي روپاهہ واهہ تي لٿو. چنيسر جي خبر ونڻ لاءِ پاڳو پان کي تيار ڪري موڪليائين. چنيسر کي اچي ڊپ لڳو تہ پان موٽي وڃي منهنجي ڪـُوار ڪندو، تنهنڪري هن سان حالي حوالي ٿيو.

ٻـــچ ڪيـائين پـانن تـي، هـو آيـا ڪسـت منجهـا
تـن کـي روپـا ڏئـي تـو روڪـڙا، ٻيـا آڇـي مـال متـاع

نـَـرَ نـاٽي نوازيـا، تـن جـا لهـي لـُـڙ ويـا
وات چوي ويهو ڪينڪي، هٿ چون هلو هـُـن جاءِ.

چنيسر طنبو مان ٻاهر نڪري آيو ۽ ڀاڳو ڀان کي چيائين:

ڀلي آئيـن تـون منگتـا، ڀـاڳو اسـان جـا ڀـان
خـوش هئيـن تـون وڳهـ ۾، خـوش توسـان جـوان
خوش هئا موچـي مـُـلڪ جـا، خـوش وڳهـ جـا وڻـاڻ
خـوش هـو دودو سـومرو، خـوش دودي راڄ سـندانِ
مـون ننـگر چـڏيو هـو ننـيڙو، سـو ويـر وڏو پهلـوان!

تنهن تي ڀاڳو ڀان احوال ڏنا تہ:

ننـگر ڳانو ٻانهن ۾، جنهـن جـي وَنـي ويـني ونواهـ
چندٻ ٻـُـڪي چوڏهيـن جـي آهـي ننـگر جـو ٻـہ نڪـاح
موڪليئون ڪوٺ ڪنڌار ڏي، جنهن چاجي مـَـنـَـهـ آيا
دهـل دمامـا اتـي رهيـا، جنهـن جـا رڌا پـَـڪا رهيـا
جنهـن جـي آيـل ڏيـج رڳائيـا، سـي رتـا اتـي رهيـا
سـر جنهـن جـي تـان سـهرا، مـوڙ ٻـَـڌا چـُـڙيا
اڄ اڄـي ويـرا واهـ تـي طنبـو ننـگر جـا ڪڙيـا.

چنيسر چيو تہ:

’سونڻ‘ سندي سڳَ جو، مون کي مورهون ڪونہ سماءِ
نـہ تـہ مـُـور نـہ مغـل چاڙهيـان دلـيءَ جـو بادشـاهہ
هـاٿي مغـل موتـي ڪينڪـي، بنـان ڀـاڳهيءَ ڀانـہ.

انهيءَ تي ڀاڳو ڀان چيس:

ڪـَـرَ چنيسـر لعنتـي، تـو ڪهـڙا ڪـم ڪيـاءِ
ڳـار ڏنئـي ڀـاڻ کي، توکـي ڪـو نـہ اچـي ڪهڪـاءِ
توکـي عقـل اڳـارن جـو، سـيڪ سـنداڻن سـاءِ
ڀـڳ وڃايئي ڀنهنجي، جـڏهن ڀيـڻ هليـو هئيـن مـاءِ.

---

ڪيـر نهـي منجهـہ مـاتيين، ڏڏ نهـي منجهـہ لاٽ
ڪـاهي ڀوي جـو ڪـَـنـڌِ ۾ چـڏي ابـي ڏاڏي وات.

---

سِڌيون هٽئين هوند سيني ۾، جي لڳيون ڪَنئي نڪاءُ
پر آءُ منگتو اوهان جو، مون ڪي نہ جوڙ جڳاءُ.

ياڳو يان، چنيسر کي ننڍڻ کان پوءِ خبر پئي تہ ننگر اڇي روپاہ واهہ تي وارد ٿيو آهي. اهو ٻڌي چنيسر ننگر سان ملڻ لاءِ نڪري هليو، ساڻس گڏ کي پناڻ بہ ننگر جو اتالو ڏسڻ لاءِ نڪتا.

صاحب لاهہ مَ سج کي، نڪي ڏينهن تپي تاءُ
آندا ڏين اُدما منهنجو سڙيو وجي ساهہ
هيڪر ڏسان يار ننگر کي، پوءِ پورا ڪج پساهہ.

چنيسر ۽ پناڻ، ننگر جي لشڪر ۾ آيا. پناڻ ننگر جو دٻدٻو ڏسي چوڻ لڳا:

آهن طنبو دوداٽين جا اڇي ڪُتا ويرا واهہ
جنهن کي سورنهن نيلون سون جون، ڪمي قناتن ناهہ
هِتي طنبو دوداٽين جا، هُتي دهليءَ جو بادشاهہ.

چنيسر مُنگر کان ننگر جي پڇا ڪئي، منگر کيس ڏسي چيو:

وِلهن واهر واهرو، منهنجو اَبل آيو آ
ابل آهي ڪينڪي، آهي چريو چنيسر راءُ.

منگر جو ننگر کي اطلاع ڏيڻ:

ننگر جاڳج ننڊ مان، تنهنجو ابل آيو آ
نازڪ جاڳيو ننڊ مان پَٽُ ڏٺي پڙڪا
پوءِ پَٽ پيا پاڪرين، جن کي ٽيڙو پهر سوا
وريون ڪرايون ڪُلهن کان، جئن لوها ڪير لڳا
پيءَ روئي تنهن پُٽ کي تي ڏوراپا بہ ڏنا:
تہ آئي مهل پڳ جي مون سان پيڙو نہ رهيو ياءُ
بيو راڄ محابو ڇڏيو، منهنجا ويري توڙان ٿيا
جوئِن تي جاڙون ڪيون، وڏيءَ ڪيا وٺاهہ
نار چيو مون نر کي ”آءُ پيڻ، چنيسر ياءُ“
پاسو نہ ڏيئين پلنگ تي مون کي ، اٿي پاڪ الله
تنهن دِليان آندم دادلو دهليءَ جو بادشاهہ

تيرهن سال دليءَ ۾ منهنجو تولو تيڙو ساهه
هاڻ مغل موتي ڪينڪي بنان ٻاگهيءَ ٻانهه.

چنيسر ڪي ٻنس جوش مان جواب ڏنو:

آيو اتئي عقل اگارن جو، سيڪ سنداٽن ساءِ
پڳ وجائي پانهنجي جڏهن پڇڻ هلئين تون ماءِ
هاڻ پورو آڻ پناٽن ڪان منهنجو گهوڙن داٽو گاهه.

ساٽس گڏ آيل پناٽن چنيسر ڪي چيو:

پُٽ پائنيو ڏسيو تنهنجا تو سڙي اسان جو ساهه
هيءُ ڪونڌر سي ڪُسندا هلي عالادين اڳيان
تن جيجل جوڳياٽي تيندي وڳهه ڪوٽ وڃان
آيل اوسيڙا ڪندي، جنهن جو پٽ ناهي ٻيو پاءِ
اوهين پائر پرچو پاڻ ۾، اوهان جو ڪري خير خدا
مير! موٽي وڃو ملڪ تي، عالادين جو ذمو اسان تي آه.

چنيسر ڪي ٻُنس جيڪا جوڙي جٺ ڪئي، سو منهن سُڃائي ويندو رهيو. ننگر پنجاهه سوارن سان گڏجي، عالادين جي لشڪر جي وچ مان لنگهيو. هن 'تالاتمر' ڪي، جيڪو عالادين جو ننڍو وزير هو سلام ڪيو.

تالاتمر وزير جو ڪيو ننگر جوان سلام
سلام جهليئين ڪينڪي، ٻيو آڏو ڪيائين ڪلام
تو جهڙا ڳل ڳاپرو آءُ ڪُهان روز جوان
آرس مرندي تو ڪريان آءُ سلطاني ٻه سلام.

ننگر، تالاتمر جي هٺ وڏائي ڏسي چيو:

ٻانور ڪيو آهين ٻچڙو، تمر ڏينهن تورا تئي تيا
هجئي سور لڳن ۾ تنهنجو ڪدي ڇڏيان واءِ
تو وجان آءُ وڪيل تيو، من ٻابو ڪري پرچاءِ
جي ٻابو پرتو مون سان ته ڪندو خير خدا
پر جي پتيل پرتو ڪينڪي ڪئين جهيڙي جو وڏاءُ
ته جنگ جا نيزا ڪوڙيان، ڳوڏا وهن ڳاهه
سانَ ويڙهايان سومرا، ڪيان پٽي مغلن پاهه

پيڙهي پناڻن جو آءُ ستي ڪيدان ساهه
نَديون رت پلوٽيان وڳهه وهايان واهه
اتي سري تنهنجي ڪاٽيان، تمر اکئين رت ڏيکانءُ.

ننگر، تمر جي طنبوءَ وٽان هلي سالار فتح خان پناڻ جي طنبوءَ وٽ پهتو.

اڳيان ڪچهري ڪنهن جي، آهي فتح خان پناڻ
اُرهاتيو عظيم ڪي ڪري ننگر خان سلام.

سالار فتح خان پناڻن کي چيو:

مات ڪريو مُڙي وجي، اهو دودو اٿو ڀاڻ.

پوءِ وڏي اچي ننگر کان احوال ورتائين:

ڪير آهيو، ڪاڏي وڃو، ڪهڙي ذات جوان؟
چو ڪُڏايو گهوڙا، ڪوهه تا ڪُڏايو ڪيڪان
طنبو اڳيان عالادين جو، تنهن جو لهي ڪيو سلام!

ان تي ننگر، فتح خان سالار کي جواب ڏنو:

پلي ڪڏايون گهوڙا، نچ ڪُڏايون ڪيڪان
عالادين پناڻ کي اسان جون تراريون ڪن سلام
متي وينو ورنديون ونين، آءُ هيٺ لهي سلطان!

ان تي عالادين پاڻ پڇڻ لڳو:

ڪير آهيو، ڪاڏي وڃو، آهيو ڪهڙي ذات جوان؟
رهو ڪهڙي راڄ ۾، اوهان جو ڪهڙو ملڪ مڪان؟
چئي: وڳهه ويڙهه اسان جو، جتي سومرا سُجهن سانَ
ڏيکڻ توکي آيا آهيون عالادين پناڻ.

ننگر جو جواب سڻي عالادين هڪدم چنيسر کي پاڻ وٽ گهرائي چيو:

عالادين آٽايس ته آءُ چنيسر آءُ
چوڪر آهن ٻه چٽا، تا سڏائين تنهنجو وياءُ
سي پُرس ڪَنئي تا پڌرو، تنهن عالادين اڳيان.

---

اوڏو تي عالادين کي چيو چنيسر راءُ
ته مورهين مگّيس ڪينڪي مونکي ڪاتئون تيڙو وياءُ

ڪَنين ٻڌم ڪينڪي نڪي مُلي پڙهيو نڪاح
اُج مرنـدي آئيـا آهـي نينـگرن سـڪو سـاهه
اهِي ڏيميـون ڏسـي دهليـا، سـڏائين منهنجـو ويـاءُ
اهَـي دايـا دودي راءِ، جـا مـُـلڪ پنهنجـي جـا.

عالادين پڇيو تہ: دايو ڪنهن کي تا چئو؟ تڏهن چنيسر چيو:

اسين دايا چئون انهن کي جيڪي اسان سان گڏ کير پين
پنـج سـوَ پنـاڻن جـا تنهنجـا وتـائن ڪيـن ورن
دايـا ڏينـدءِ داغ دلـيءَ کـي، ديميـون ڪـل داڳيـن.

---

ولَـهہ پئي وڳهہ ڪوٽ ۾، جنهـن ۾ ڪونہ بچيو امراءُ
يـائر مـِـنا هئـس يائـتيـا، مــنا ڪـڙم قبيـلا
تـڏهن دودي دايـا موڪليـا، تـو عـالادين اڳيـان.

تڏهن ننگر وراڻيو تہ:

اهي دايـا آهـن ڪينڪـي، سـڳَـرَ ڏسـجن سـانَ
سـڱَ نـہ ڏينـدا سـومرا آهــن وڳهـہ جـا وريـام
اهـي چـارا چوڙنـگ ۾ ڪنـدا، جـَـنوهر وجهنـدا جـام
ڏيندا لاڳ لکن کـي، رسندا چـَـلن کـي بـہ خـُـنام.

اتي وڏي وزير مانڌل تپ ڏئي عالادين جي اڳيان چوڪرن کي چيو:

ڪـڏهن عــالادين جــو آءُ اُنهيـَــر تــي اينــدوس
ويجهيـون وڳهـہ ڪـوٽ کـي اچـي فوجـون ڦيرينـدوس.

اتي ننگر، مانڌل وزير کي تڙي ڪـيـي:

بــاگهي بــاگهي مَ چئــو، بــاگهي آ مــون مــائي
باگهل جو جيڪو نانُ وني، تنهن جي وات وڍيان وائـي
وڍيـان سـر سـلطان جـو چـِـنان چڪـن سـان کـائي.

مانڌل وزير، عالادين کي چيو تہ: سڱَ گهرڻ وزير جو ڪم آهي، تنهنڪري پهريائين هنن کان سڱَ جي گهر تو ڪريان، پيون ڳـالهيون آهـن پـوءِ. سـو چوڪرن کي ريبڻ لاءِ چوڻ لڳو:

منگر کي، ننگر دلداري ڏيئي چيو:

تو ليکي لک لشکر آ، آءُ پانيان لـَنب جو گاهه
لکڻ کٽان هيڪڙو تن جو ستي کيدان ساهه
پيو وِلهين وارو واهرو منهنجو اَبل بينو آهه
سو مرد مارائيندو کينکي کندو پنهنجا سخن سچا.

---

ڳوڙها ڏنائين ڳلن تي، سڙي ويس ساهه
کاوڙجي کارو ٿيو چڙيو چنيسر راءُ
موزون جي مهميز جا ٿيا ڏرتيءَ مٿي ڏڏکا.

ننگر ۽ منگر کي کنهن اٽکل سان چنيسر اُتان ٽرکائي ڇڏيو. پوءِ عالادين سيئي امير امراءُ گڏ کيا ۽ صلاحکار ۽ خدمتگار بہ اچي گڏ ٿيا. بادشاهه کي وياکل ڏسي نِنڊو ماڇيءَ چيو:

هوئي شوق شکار جو، توکي عالادين بادشاهه
مَل مُهاڙيون اسين پـَڌون، کـُڏٽا ناهيون خاشا
سوئر کڍي ڏيوئين سامهون، جو کڍي اُجل سان آندا.

چندوءَ ٻالي چيو:

توکي عالادين بادشاهه، جي هووي لڳن ۾ سـُور
ستي کڍئين سڳين سان، چاڙهيئين ڄـَرُن پهريون ٽـُور
سڻ تون منهنجي من جو بادشاهه اهو مذکور.

وري اِڇوءَ ڇـُهڙي چيو:

کـُنديءَ قرب اسان جو، پيا پـَڌون پهارا
کاکوس کڙهيو ميڙيون، پيا ڇـڄ پـڌون کارا
ويهڻ ڏين تہ ويهون، نہ تہ وجي کريون پنيون ۽ پارا.

بگوءَ شکاريءَ چيو:

جنگ ننگر سان اهي ڏيندا، جيکي کائن پوڙ پلاءُ
پـَڌن کٽاريون کاتيون، سر سونهري سروپاءُ
ڏِگها پالا تن کي هٿن منجهہ هٽڻ لاءِ هٿا
اسين روٽي کائون رُکڙي رڳو اَٽـِي پاءُ سوا.

عالادين، بگو شڪاريءَ جي ڳالھ ٻڌي خوش ٿيو ۽ ڪيس لشڪر جي سالاري ڏنائين ۽ حڪم ڪيائين تہ: بگو شڪاري اڄ ڪان ڏولي ۽ ٻين امرائن وانگر هلي ۽ ننگر سان وڃي مقابلو ڪري.

ڏولي ملي ڏقير کي بينو ڪٽڪ ۾ ڪُڏي
ننگر نينگر ڇا ڪندو، آءُ وڙهان دودي ساڻ وڏي.

—

سچ اوپارُو لَڌيا تنهن شڪاريءَ جا سامان
ٻارهن ويهون بگين جون، هئا گاڏن جا گمسان
اچي لٿو آ اُتي جتي هو مردن جو ميدان.

—

رات وهامي ڏينهن ٿيو، اُپريو وهائو تارو
پَيڪي پير دليءَ جي، وڄايو شڪاريءَ نغارو
غوث بهاؤ الحق جو اتي نرن هنيو نعرو
'علي علي' وات ۾، پڙهن حسيني ڪيڏارو.

—

ڏچر ٿو ڏان ڏان ڪري، آءُ ننگر تون آءُ
اُتيا يار ننگر جا آهن ساري حضرت شاھ.

—

پَٽ پوٺا پونگر جا، بينا رونشي راند رهن
هڻ وڙهہ وائي وات ۾ آهي ننگر بيلٽن
گاڏي گَجيا ها گُرزڙا، پلي تاءُ ترايون ڪن
پئي ڏيکر بيچ ڏقير جي، بينا 'دودو دودو' ڪن
پنج ڏهاڙا پَٽ ۾ اجان ڪي ڪي ڏسجن
ستين ڏينهن شعاع ٿيو ۽ سچ ڏنو رائن
ننگر سنديءَ جنگ ڪان بينا توبہ توبہ ڪن
ڏري رکيائون ڏوڙ ۾، پيسا ناري ڏس پون.

جڏهن بگوءَ شڪاري جي شڪست جي خبر عالادين کي ملي، تڏهن بانڪي برخوردار شيدي ڏانهن ماڻهو موڪليائين.

صاحب راهب تاپرو، سنيري هليا کان سلطان
تازي چوڙيائون تکڙا، ڪڏايائون ڪيکان
بانکي برخوردار جي اڳيان دانهن ڪئي دربان
تہ ڪائي ستو آهين خومچا شيدي منجھ آرام
سياڻ سويرو ڪندين هلي سلطاني سلام.

بادشاھ جي تاپرن صبوح سان سويل اچي بانڪي برخوردار کي بادشاھ وٽ هلڻ لاءِ سڏ ڪيو:

شيدي پٽ شنگور جا، گولا پٽ غلام!
ڪائي ستو آهين ڪومچا، بيا ڏاڍا ڪاڏءِ طعام
هٿ مغل ماني نہ وٺي، جنهن اَن پاٽي حرام.

بانڪو برخوردار شيدي، صاحب راهب تاپرن سان گڏجي عالادين بادشاھ جي ڪچهري ۾ حاضر ٿيو. سلام ڪيائين. بادشاھ، ننگر جي لڙائيءَ جي ڳالھ ٻڌايس، جنهن تي بانڪي برخوردار بادشاھ کي روبرو چيو:

ننگر ماءُ ٿڻن تي، جنهن کي وهي ڪير مُنهان
جنهن کي مَسڙي ناهي مُنهن تي، جنهن جو چُوٽڻ سان آه چاھ
آءُ وڙهان دودي راءَ سان، ننگر ماتي منهنجي ناھ.

اهو جواب چنيسر کي نہ وڻيو، تنهن چيس:

شيدي پٽ شنگور جا، اَوَلو نہ ڳالهاءِ
آءُ ڏيئين لت چَڏن تي، چيري ڪڍئين نہ ساھ
آڏو عالادين جي ڪر نہ ويڻ وڏاءُ.

شيديءَ چنيسر تي مُڇ بہ ڪانہ چندي، چيائينس:

تُلها پيو تتڪين گهٽو، آءُ ڊڄان نہ تنهنجي داءُ
تون پيڙو تي ننگر سان، وڃي تن جو تيءُ همراھ
آءُ سياٽي سويل چڙهي اچي ويڙهيان ويرا واھ.

---

سچ اويارُو لڏيا شيديءَ جا سامان
بارهن سوءِ ٻگين جا بيا گاڏن جا گهمسان
شيهي ۽ دارونءَ جي بي ڪمندن ڪمي ڪان

ڳــل ميخــون ڳــاڏي ڪــي جڙيــن بيٺــا جــوان
اڇــي لٺــا ويــرا واهــ تــي رُوپاهــ جــي ميــدان.

---

رات وهــامي ڏينهــن ٿيــو اُڀريــو وهــائو تــارو
پيڪــي پيــڙ دلــيءَ جــي، وڳــو شــيديءَ نغــارو
هڪـل ڪيـائين ننـگر ڪـي، آهـي ويـر تنهنجـو وارو.

---

اٿيــو يــار ننــگر جــا مــرد ميــدان اڇــن
وڳــا بڳــل بهــاڏري، ڏُڪــڙ ڏان ڏان ڪــن
هــي ڳــڏيا هنــن ڪــي، هــُـو ڳــڏيا هــُـنن
هــڻ وڙهــ وائــي وات ۾، ٻــي نــا ٻولــي تــن
وڙهيــو ڪنــارين ڪــاٽئين، تــا ٻڻيــون پــال هڻــن
سسيون تــن شــيدين جــون ٿيــون پــَـها پــٽ پــون
هوڏنهــن ســانَ ڪــرن تــا ســومرا، اڇيــو پــٽ چڻــن
ننــگر سنديءَ جنــگ ڪــان بيٺــا تويــ تويــ ڪــن
لاريــــن لاءَ وڏا ڏنــــا، دونــــاليون ڏڏڪــــن
مــاڪڙ وانــگر مينهــن جــان اچيــو ڪبــانَ ڪــرن
تڪــا تــي چوڙيئــون تماچــا، ننــگر ٻيلئــڙن
پــَـڙ ٻوٽــا پونــگر جــا تــا رونشــي رانــد رهــن
ساڙيو وجهن پيا سومرا، جيئن لــَنب جــو ڳاهــ لٽن
رات رهــي پيــا رڻ ۾، گهــوڙا تــَــن گهوٽــن.

---

عــرض ڪيــائون الله ڪــي ســيني ســومرن
مــُـهت ڏي تــون مــون ڏٽــي، مولــيٰ مســڪينن
پــالڪيون پــرزا ڪــري اڇــي هــوُد پڳئــون هــاتين
تيرهــن ڏينهــن تــرار ســان، ڪيــو مقــابلو مــردن
چوڏهيــن ڏينهــن ميــدان ۾ ڪــي ڪــي پيــا پســجن

پنڌرهين ڏينهن پيڙ ۾ آ سج ڏنو رائن
شيدي هو ٻچيو ڇهن سان، ننگر ساڻ نون.

—

چنيسر چيو ننگر، ابا شيدي جيئرو آهه
مرد ماريوس ميدان ۾، ويڙهيو ويرا واهه
مون کي پاٽي ڏک پيار، بابا لڳ ناءِ الله
اَن نہ پاٽي پيٽ ۾، مون کي سورهن سج ٿيا!
ابا! تون ماهه وڏي ماني کر، اتئي رت مباح
تڏهن هٿ ڪٽيو هڪلون ڪري، هلي تون منگر آءُ
ڏي بانولي پٽ دودي ڇا، اڃا شيدي جيئرو آهه.

مُنگر بہ شيدي سان بر نہ آيو. تڪي تُتي پيو. اُج اچي تپايس، تڏهن وري وري چنيسر کان پاٽي گهريائين:

چاچا! نام الله جي، مون کي پاٽيءَ جو ڏي پاءُ
منهنجي نيري ناز ڦتا ڪيا، جُنگ نہ ڇڏي تو جاءِ
پير پڇي پرزا ٿيم، ناهي سنڌن ۾ ساهہ.

پُٽ ۽ پائتي جون پاٽي لاءِ هڪلون ٻڌي، چنيسر وس کان نڪري ويو ۽ لُوهہ ڪري شيدي کي ڪٽي ستيائين.

تڏهن ڪاوڙجي ڪارو ٿيو، ڇريو چنيسر راءُ
وڳڙيو ديهہ وڳهہ جو جهليو اچي نہ جاءِ
چنبو وڌائينس ڇوڙ ۾ تيس اَمر ڏانهن الله
ائين پچاڙيائينس پيرن سا، جئن ڌوبي ڌوئي ڪپڙا
گگها، گيگهاتيون تو ڪرين تو ڪڳل هٿا ڪاڌا
آڏو عالادين جي تو هٿا ڪيا ويڻ وڏاءَ
سر وڏي شيديءَ جو ڪاتيئين ڪلهن کان.

—

هُل پيو حبشاٽين ۾، پيو ڌهڙيو ڏقيرن
آڏو عالادين جي اچيو لُڏڙي جئن ليٽن
بادشاهہ! وارث اسان جا ماريا ڪر غور بہ غريبن.

لام ٻڌي لشڪر لتو، اچي پيڙ ۾ پنباٽن
طنبو ڪوڙيائون تاب سان مهل انهي مردن
سي وِير لتا ويراواهه تي، چاهه منهنجا چُغدن
رات وهامي ڏينهن ٿيو مرد ميدان اچن
جهنڊي ڦڙڪي ميدان ۾، ڪيو سعيو سلطانن
مُهت ڏيارج مون ڏٺي پرور پهلوانن
پڙ پوٺا پونگر جا تا رونشي راند رهن
پوءِ پڳو پُورن جو، ڪَڪا ڪيهون ڪن
رُڪ جا ٻيانا هٿ ۾، جهانگي جهنگ هڻن
پرزا پناٽن جا تا اُڏريو عرش وڃن
ڏڱ ليتايئون ڏوڙ ۾ لَلهنگ پيا ليٽين
مر سي مائن ڄائيا، ڪُونڌ اورانگهيو اچن
ايراني توارن جا ڪَنان خوب ڪڙن
ڪاڪڙيجا ڪاهه ڪيو اچيو حاجي زَئي هڻن
ڏُزيبا دانهون ڪريو تا سليماني سڙن
سي دوداٽين جي جنگ ڪان بينا توبه توبه ڪن
مرد سيئي مارجي ويا، ڪونه بچيو مان تن.

چنيسر جنگ ۾ هار جو سارو احوال رَتي راجپر هتان ياٽس دودي راءِ ڪي لکي موڪليو تہ لشڪر مدد ۾ موڪل ۽ هيڏانهن بہ جنگ چالو هئي.

خوني خط خلل جا آهن در وڳهہ آيا
لکيا چنيسر سومري هٿا دودي پڙهايا
آٽي آب اکين موڻ دودي پَنا پسايا
ڪاتب گهرائي ڪوٽ جا دودي پنا لکايا.

هيڏانهن هَنبس سالار، عالادين جي حڪم تي سنيري ميدان تي نڪتو. هنبس ڪي سندس ماءُ چيو:

بيا ٻڌن تا هڪڙي، هنبس! تو ٻڌيون آهن ڏون
ڏاڍو تَوءُ ترارن جو، من موٽي اچي ملين مون!

هنبس پنهنجي ماءُ کي جواب ڏنو:

آيـــل! ڏي نـــہ مهڻـــا، مـــون سَـــاڙي وڏءِ ســـاهہ
ڏوڪـــڙ جيئـــن گهورجـــي وجـــان عـــالادين متـــان
جـان جنـگ فتح ڪريـان، نـہ تـہ مڙهہ ڪڇـي اينـدءِ مـاءُ.

—

هـَـنبس پنهنجـي هيـج مـان سـورهيہ ڪيـو سـعيو
سـامان سـيوئي ڪٽـو، آهـي وارو پنهنجـو آيـو
اڄـي لتـا ويراواهـــ تـي جـن ويـران وسـايو.

هنبس جي پيءُ نظر بيگ، چنيسر کي چيو:

چيـائين چنيسـر راءَ کـي، توکـي هجـي جـس
ڪـانَ هٿجـان ڪينڪـي ڪجـانءِ بندوقـن کـان بـس
هنبـس منهنجـو ننـيڙو، سـو وڙهنـدو ڪهـڙي وس.

نظر بيگ جي منٿن تي ننگر پٽس کي چيو:

اسـين نظـر بيـگ جـا آهيـون پچـن سـوڏا ٻانهـان
آڏو تنهـن منهنجـي اڄـي جـواب پريـا جانـا
تـہ ڪـانَ هٿجـانءِ ڪينڪـي ڪجـانءِ بندوقـن کـان بـس
هنبـس هنـن جـو ننـيڙو وڙهنـدو ڪهـڙي وس.

—

رات وهـامي ڏينهـن ٿيـو اُڀريـو وهـائو تـارو
پيڪـي پيـر دلـيءَ جـي، وڳـو هنبـس نغـارو
آءُ تـون مـرد ميـدان ۾ اڄ ننـگر ٿئـي وارو.

—

اتيـا يـار ننـگر جـا سـاري حضـرت شـاهن
پـڙ پوتـا پونـگر جـا بينـا رونشـي رانـد رهـن
هـڻ وڙهـــ وائـي وات ۾ ننـگر ٻيليئـڙن
لاريـن لاءَ وڏا ڏنـا، ٻڌيـون بـس نـہ ڪـن
پهلـوان پـرزا ٿيـا اڃيـو پهـا پـَـٽ ڪـرن.

ننگر جي سنگتين مان سوائي گهوڙو ڪڏائي پڙ ۾ آيو.

’سوائيءَ‘ گهوڙو ڪاهيو ساري حضرت شاهه
هنبس چيو هسوار کي، ادا هاتي جهٽ جهڪاءِ
هو ٻيلائي اچي تو ڀهڪندو، تنهن جنگ جي ناهه جاءِ
ويرن وڙهندي پاڙ ۾ تيڙو پهر سوا
پنج ڏک ترار جا لڳا سوائيءَ متي ڏانهه
سوائي هٿي ويو پوئتي، آيو موٽي نيري ڏانهه
هنبس چيو هسوار کي ته ترسي گهوڙو ڪاهه
يڳي پويان آءُ نه پوان، مون کي لولي ڏني نه ماءُ.

’سوائي‘ جي هارائڻ کان پوءِ ڇتو جاڙيجو گهوڙي تي چڙهي نڪتو:

ڇتي گهوڙو چوڙيو ساري حضرت شاهه
هنبس چيو هسوار کي هاتي جهٽ جهڪاءِ
هو ٻه مرد اچي پيو ميدان ۾، تنهن جو پوي تو ڪونه سماءُ
ويرن وڙهندي پاڙ ۾ ٻتي پهر لنگهيا
نَوَ ڏک ترار جا لڳا ڇتي متي ڏانهه
ڇتو هٽيو پوئتي گهِڏکي گهوڙي ڏانهن
هنبس چيو هسوار کي ترسي گهوڙو ڪاهه
يڳي پويان آءُ نه پوان، مون کي لولي ڏني نه ماءُ.

ڇتي جاڙيجي کان پوءِ حيدر هولياڻيءَ ڪُڏڪارا ڪيا.

حيدر گهوڙو ڪاهيو دانَهه ڪٽڻ داءَ
هنبس چيو هسوار کي، آيو دشمن منهنجو آه
وِيرن وڙهندي پاڙ ۾ ٻه ٽي پهر ٽيا
يارهن ڏک ترار جا لڳا حيدر متي ڏانهه
حيدر ٻه هٽيو پوئتي مُڙي مُشکي ڏانهن
هنبس چيو هسوار کي ترسي مُشکي ڪاهه
يڳي پويان آءُ نه پوان، مون کي لولي ڏني نه ماءُ.

حيدر جي هارائڻ کان پوءِ ننگر پنهنجي ساٿين محمد کي سنيرائي ميدان ۾ موڪليو، جو سندس پيٽويو هو:

محمد مارا وڏا تن ۾ جئن نريون پيچي نرُ
سانن سڳ سنوان ڪري، ونگن لاهي ورُ
محمد چڙهندو جنگ تي جڏهن ايندا دليءِ در
ڦرندو فوجن وچ ۾ سگهڙ 'ساران' ور.

نيٺ جنگ ۾ محمد جي بہ نہ چلي، يڪدم پوئتي موٽي آيو. محمد ۽ بيا سومرا ننگر وٽ صلاح مصلحت لاءِ گڏ ٿيا تہ اسان جي هار پئي ڏسجي، هاڻ ڇا ڪريون! تنهن تي ننگر چين:

ننگر ڏنن صلاح، سڀ گڏ ٿيا اچي يار
دستا دانائن ڪي ڪريو هنن منجهان پار
ڪنون اهڙو ڪوڙيو جو مري گهوڙي سوار.

صلاح ڪرڻ بعد دودي جو پٽ منگر ميدان ۾ ڪيڪان ڪاهي آيو.

منگر گهوڙو ڇوڙيو ساري حضرت شاھ
داهوڙيئين ديمين ڪي جتي هو هنبس جو هڳاءُ
هنبس چيو هسوار ڪي هاتي جهٽ جهڪاءِ
جان آهي ننگر سومرو، جان آهي دودو راءُ
ٻيلائي اچي تو ٻهڪندو جنهن جو پوي تو ڪونہ سماءُ
وين وڙهندي پاڻ ۾ تيو پهر سوا
اَرڙهن ڏڪ ترار جا لڳا منگر مٿي ڏانھ
تہ بہ تَڪَر تَري تو ڪينڪي جيوين جبل نہ ڏئي جاءِ
سوئٽ نہ ڏنائين پير ۾، هن جو سڙي ويو ساھ.

---

اوير ڪان جنگ لائي اولھ ڏي آيو
ڏڪڻ ڪان باهي وري اچي اتر تي ڪاهيو.

---

وِچلي ڪِڙي ڪينوڻ، جيئن ڏينهن ڪِڙي تارو
ڪري پالو هٿ ۾ اچي مڳ وڏو مارو
منگر سوپارو، جو پالهو ڪيائين پڙ ڪي.

اتي هنبس هڪل ڪئي:

هڪ جيڏو هڪ سرتو مون ڪي ماريندو ڪير؟
ماريان دودي راءَ ڪي، وٺان چنيسر ڪان وير.

منگر جواب ڏنس:

اُن ڪي عقل اڳارن جو، سيڪ سنداٽن ساءُ
پڳ وڃائين پانهنجي، پڇڻ هليو هو ماءُ
لڳي چٺي چنيسر جي سيان ڪنڌ ڪلهن لهندا.

---

ساري حضرت شاهہ ڪي گهوٽ لٿو ڪان گهوڙي
سونهري سروپاءِ جا زرهہ ڳلا توڙي
هٿيار ڍاري چڏيا سومري پرٺي ۾ پيڙي.

---

آيو مغل ميدان ۾، نظر سيڪنهن نگاهہ
هن وڏا تي وس ڪيا هو لُڏڻ بہ ڏي تو لاهہ
جڏهن چنبو پيس چُوڙ ۾ آيس اَمر الله
پَچاڙي پرزا ڪيئين جئن ڌوبي ڌوئي ڪپڙا
سر ڪَپيَئين سالار جو، ڪاٽيئين ڪنڌ ڪلهن ڪان.

هنبس جي مرڻ جي ساري سُڌ عالادين ڪي پيئي، جنهن وري پنهنجي وزير تالا تِمر ڪي جنگ تي وڃڻ جو حڪم ڏنو.

سج اويارُو لَڏيا تمر جا سامان
بارهن سؤ ٻگين جا هٿا ڳاڏن جا گهمسان
شيهي ۾ دارونءَ جي هٿي ڪَمند ڪمي ڪانہ
هِنيؤن سِينؤن سي ٻَڌيو جَڙين بينا جوان.

---

بادل جئن برسي چڙهيو ڪري مينگهہ ملار
جيئن ڪينوڻ ڪِڙي آسمان ۾ تئن سرس ڪري سينگار
ويڙهيائين ويراواهہ ڪي بينو روپاهہ ڪري الغار.

---

راتِ وهامي ڏينهن ٿيو اُڀريو وهائو تارو
پيڪي پير دليءَ جي، وڳو تمر نغارو
ڏچر تو ڏان ڏان ڪري، هلي ننگر تون آءُ.

—

اتيا يار ننگر جا ساري حضرت شاهه
پَٽ پوٽا پونگر جا پيا رونشي راند رهن
هڻ وڙهه وائي وات ۾، آهه ننگر بيليٽن
شيشا لعل شراب جا ڪيا ڪلالن
نَرَ نشي نهوڙيا، بينا علي علي! ڪن
لاريون لاءِ وڏا ڏنا، دونااليون ڏڏڪن
ماڪڙو وانگوءِ مينهن مان اڇو ڪوڙين ڪانَ ڪرن
ڏڙ جن جا ڏوڙ ۾ اتي للهنگ پيا ليٽن
عضوا اُمرائن جا لوهوءَ منجهه لُڙهن
پالڪيون پرزا ڪري ننگر هول پڳا هاتين
پوءِ پڳوءِ پورن جو، ڪَڪا ڪيهون ڪن
رڪ جا بيلهانگ هٿن ۾ جٽن جهانگي جهنگ هڻن
سَتريون وجهن سومرا جٽن لَنب جو گاهه لٽن
ننگر جي جنگ ڪان بينا توبه توبه ڪن
مرد ماريئون ميدان ۾، رڻ پيليو راوَن.

—

هنيائين هٿ هاتيءَ کي، پيو پلٽي پَٽ متان
ڪريس چُلم چَپن تان، جنهن جي تاندن ڪاڏو تاهه
يار! هيءَ نه ويل وڙهڻ جي، منهنجو وقت عمل جو آهه.

—

اڳيان تنهن امراءَ جي ننگر ڪيو ڳالها
اڄ تو لاهيئين آرس اکين مان، مون جيڪي قول ڪيا
چنبو وڏائينس چُوڙ ۾ تيس امر ڏانه الله

پڇاڙي پيرن سان سَتي ڪديائينس ساھ

سر وڍي وزير جو ڪَتيائين ڪنڌ ڪلهن ڪان.

تِمر وزير جي مرڻ بعد چنيسر بيو خط دودي کي لکيو تہ: يا تہ تون اچ، چوڪرن کي نہ ماراءِ، يا مدد موڪل. پهرين خط ملڻ تي دودي مدد موڪلي، پر پهچي ڪانہ سگهي هئي جو وچ ۾ رسد ڪٽي پين. هي خط اوڏي مهل دودي کي تي مليو، جنهن مهل دودو شڪار لاءِ سنبهي نڪتو هو. بادشاھ جي نڪرڻ جي توف پڻ پڄي هئي.

# فقير مولا بخش ميراثي (تعلقو حيدر آباد) جي ڪنيل ڳالهه

[هيءَ ڳالهه اسان فقير مولابخش پٽ فضل پٽ محمد علي پٽ رڪيل پٽ فضل پٽ پيڙو فقير ميراثي، وينل ڳوٺ محمد علي ميراثي لڳ مسو پرڳڙي تعلقو حيدرآباد جي زباني، حيدرآباد ۾ اسان جي طرفان سڏايل ڪچهري ۾ تاريخ 22/23 سپٽمبر 1964ع تي قلمبند ڪئي، جنهن ۾ پنهنجي ساٿين نواز علي، دوست علي، نبي بخش، محمد يوسف عرف ڪالو ۽ قلندر بخش ميراثين سان گڏ ڪنيائين. ان وقت مولابخش جي عمر 42 سال هئي. يڪتاري ۽ پڪواز تي، "راڻي جي سُر" مان ڳالهه ڪنيائين. ڳالهه ڪڻڻ ۾ فقير مولابخش اڳواٽي ڪئي ۽ ساڳئي وقت پڪواز تي وڄت پڻ پاڻ ڪيائين. ميراثين جي گهراڻي ۾ اها ڳالهه نهايت آڳاٽي وقت کان هلندڙ آهي. هن وقت (1976ع ۾) مولابخش سان محمد يوسف عرف ڪالو ۽ قلندر بخش (پٽ مولابخش) جوڙ ۾ ڳالهه ڪڻائين. ن - ب]

اول نام الله جو، بانهان! ٻيءَ نه لڳ
لڳ پلي جي آسري، آهي جنهن پر سارو جڳ
ري تنيين ري توٽئين، آڳي عرش اڏايو اُپ
تارا ڏيون تجلا، چوڏس خلقيئين چنڊ
مالڪ تنهن ملڪ تي آهي صاحب جوڙيو سڄ
آهي مير مديني ۾ مصطفيٰ، پاڻ تيڏانهن پنڌ
پاڻ پنڌ پورا ڪري، وڃي حاجين بخشي حڄ
ونجئين راه رسول جي، ڏيهن سندو اٿئي ڏڳ.

سالڪ چيو آهي ته: اي ٻانهان الله جا! ساراه پنهنجي رب العالمين جي ڪر، جنهن جوڙي جڳت جهان پيدا ڪيو آهي. محابي مني محمد مصطفي صلي الله عليه وسلم جي سڀ ڪائنات ان جي محبت ۾ پيدا ڪيائين. وري ساراه انهي پيغمبر ڪي جنهن جي ڪري سڀ لولاڪ تيار ڪيائين. هي دنيا سڀ گذر جو مڪان اٿوَ. تنهن ۾ ڪئين بادشاهه ڪيائين، ڪئين قطب اولياءِ ڪيائين. ٻيا سورهيه، غازي، سخي ڪيائين. ڪي مرد ڪيائين، ڪي نامرد ڪيائين. سيڪو مري هي جهان ڇڏي ويندو. مگر ڳالهه نه مرندي! چڱو هوندو چڱي ڳائبي، مدو هوندو مَدي ڳائبي. سالڪن چيو آهي ته دنيا گذر جو

مڪان: "رهندي وجي ڳالهہ هاڙي ۾ هوتن جي".

مرد گذاري ويا، الاجي ڪهڙي سنہ ۾، انهن جي پِـي هينئر آهي ڳالهہ، جا شاعر ڳائي آهي. سَمان ۽ سومرا، وڳهہ جا وينل. دودو ۽ چنيسر ٻئي ڀائر، جن جو پيءُ "نَـهرِي دودو" گذاري ويو. ڀونگر راءُ جو پٽ هو نهري دودو. چنيسر وڏو هو، لوهاري جي ٻنياد مان هو ۽ دودو ڏاڏي پوٽيءَ منجهان هو. تـِـي هنن جي پيڻ هئي شهزادي ٻاگهي.

چنيسر اها ڳڻ ڪانہ ڪئي تہ اسان جو تخت غيرآباد آهي. آباد ڪجي، دودي اها ڳڻ ڪئي تہ ڪيترا ڏينهن گذر تي ويا تہ چنيسر ڪابہ ڳڻ ڪانہ ڪئي. راڄ ڀاڳ گهرائي تخت آباد نہ ڪرايو، هاڻي آءٌ ڀائرن ۾ خط لکي پنهنجا ڀائر گهرائي تخت آباد ڪريان، راجا راڄ ڪري، رعيت سُک وٺي. سو دودو ڀائرن ڏي خط لکي ۽ شاعر بيت ڪري:

بـاتي بـاتي ڏينهـڙا، لڳـا ڀونـگر راءُ سـُـتي
مـردن آٺـي مـامرو، ٻـڌو ڀـڳ متـي
خيـري خـط خلـل جـا لکيـا دودي راءُ
ڪـڇ ڀـُـڄ ڪـاڇي ڏي ويـا، ٻيـا مـاتيلي متـاءُ
هـڪ ويـا جيسـلمير ڏي، ٻيـا 'ٻـاهڙمير' متـاءُ
آيـا سـي اجميـر ۾، ڏيئـي 'جاڙيجـا' جـُـلبا
'چـَنـُـو' چڙهـي آئيـو، 'پـِتـي' جنهـن جـو ڀـاءُ
'راڄـڙ' روڪـي آئيـو، ٻـانڪو ٻنگلـي ڪـان
دودي ديميـون آئيـون، وڳهـہ ڪـوٽ وڃـان
دودو مـردن ڪـي مـَـيدا ڏيـوي گهـوڙن داڻـو گاهـہ
سمـان مليـا هئـا سـومرا، اڇـي گـڏ تيـا اُمـراءُ.

دودي پنهنجا ڀائر گهرايا، اِهي راڄ ڀائر سڀ دودي جا سلامي هئا. جنهن امير ۽ صوبي کي جتي خط مليو، اُهو اُتئون تيار ٿي، پنهنجي اميرن ۽ وزيرن سان پهچي ويو. لاکئون لاک امير وزير، سما سومرا، جاڙيجا پتي، گـُجر، چنا، راڄڙ، خفيف ۽ هولياڻي اچي گـڏ ٿيا. انهـن جي خدمت ۽ رسائي ۾ اڳيان پي هزار ۽ لک اُتي تـَجوا ڪرڻ لڳا، ۽ جهڙا آيا مير تهڙيون ناهيئون مهمانيون. ٻوڙ ۽ پلاءُ، شيرا ۽ حلوا، چاشني ۽ قورما، دم پـَساه گرم مال تيار ٿيا. اهڙي

قسم جون مانيون ناهيئون جو غريب ڏپ تي مَڇي وڃي، پوڙهو ڪائي تہ جوانِ تي وڃي. اهڙي مال مان ڳراھہ ناهي رڪ ڇَپ تي، ٽَپِي چڙهي ڇپَ تي، پِيلڪ ۽ نِهيرٽِي سان نهڪو ڪري آندي ۾، جيئن ننڍڙو ٻار ڪٽي ڪوهہ ۾ يتر ڦتو ڪري تہ ٿئي 'تِيئون'. اهي ڪاڏا پيتا تيا. هلي خبر چار. پائرن چيو تہ: دودا، اسان راڄ ڪي گهرايئي، ڪهڙي حقيقت آهي، اُها خبر ٻڌاءِ! دودي سوال ڏنو تہ:

"پائر وڏي وڪري، جڳ جيونتا هُون
جيهو ميلو پائرو، الله ڪري سو".

اوهان پائرن ڪي گهرايو اٿم تہ اسان پاڻ ۾ بہ پائر آهيون، تي آهي اسان جي پيڻ شهزادي ٻاگهي. پيءُ اسان جو گذاري ويو. پڳ اسان جي ڏاڏي جي رکيل آهي، جا گُجرن جي جهيڙي سببان منهنجو پيءُ بہ ٻڌي نہ سگهيو. هاڻي اوهان پائرن ڪي گهرايو اٿم تہ اوهان پنهنجو راجا ناهي، تخت آباد ڪريو جو غير آباد ٿيو پيو آهي تہ راجا راڄ ڪري ۽ رعيت سک وٺي. اها ڳالھہ ٻڌي پاڻ ۾ پائر پَهي دودي ڪي بيت چون، شاعر چئي ٻڌائي:

پائر پَهيو پاڻ ۾، ڪئي سردارن صلاح
دودي ڏاڏي پوٽي مان، چنيسر لِيچ لوهاريءَ آه
پڳ ڏيون دودل راءَ ڪي، جنهن سِر جوڙ جڳاءِ.

اها راڄ ڳڻ ڪئي تہ چڱا چوندا آهن تہ:

پاڳ ڦڙڪو جو ٻَڌي، ڪناريءَ جُهوڙو
پڳي ڪنڪ اُهو وڙهندو جيڪو مهمانين پورو
تنهن ڪي ڏجي ٻانهڙي، رَءِ رگيس چوڙو.

سالڪن چيو آهي اصل ۽ نقل جو تفاوت آهي. چيو اٿن تہ: 'جنهن جي ناني نياڳي، انهيءَ جو ڏوهٽو ڏاتار نہ ٿيندو'. پيءُ ڪائيندس ڪُني ۾، پُٽ ناهي ڍڪڻ جي ٻيڙي ٻوريندس. چنيسر لوهار جو بنياد آهي تنهنڪري پڳ دودي ڪي ڏينداسون جو ڏاڏي پوٽي منجهان آهي، ۽ ٻيو تہ سالڪ ۽ سالم آهي. چنيسر وڏو آهي، ڏاڍو جوان بہ آهي بہ ٻَنڌيو، پر آهي بيوقوف ۽ پر متڙيو. ان وٽ ڳَڻَ ناهي. دودي وٽ ڳڻ آهي، تنهنڪري پڳ دودي ڪي ڏينداسون.

اها خبر وڃي چنيسر جي ڪنين پيئي. چنيسر دل ۾ ويچار ڪيو تہ پڳ

مون کي نہ ملندي ۽ پڳ دودي کي ڏيندا. جو پائر گهرايا آهن دودي، مون نہ گهرايا آهن. تنهنڪري غصو ڪاوڙ جو روح ۾ رکي، گهوڙي تي زين ڪيائين، بهانو شڪار جو بڌايائين. پاڻ گهوڙي تي سوار تي بيلي ۾ اچي پهتو. پوئتي دودي پڇا ڪئي تہ: هتي چنيسر وينو هو سو ڪيڏانهن ويو؟ تہ هن زماني ۾ يار ۽ پائر درجا آهن ٻہ. هڪڙا جاني يار ٻيا ماني يار. جاني يار جيڪي سر جا سچا، لڳي پڳي مهل سر گهوري ڏين، جئين ڏوڪڙ گهوريا آهن ۽ مانــر يار جيڪي سِيري جا ڪُتائو ۽ ٻوڙ جا پِلڪائو. اُهي ٻوڙ کائڻ وارا نہ ڪَـچيا، باقي جيڪي جاني يار هئا، انهن ٻڌايو تہ ڪاوڙجي بهانو ڪري شڪار جو، ويو آهي بيلي ۾. اها ڳالهہ ٻڌي دودو پنهنجي پاءُ ڏي خط لکي، روانو ڪري، شاعر بيت چئي ٻڌائي:

خيـــري خـــَــطُ خيــر جـــو، لکيـــو دودي راءِ
هـــي پيڙهـــي، هـــي پڳـــڙي، تـــو ســر جـــوڙ جڳـــاءِ
اچي ڏي تـون پيـر پلنگ تـي، ويهہ مَـنجي موپـي پـاءُ
پـاڻ پـائر پرچـون پـاڻ ۾، راڄ ڪنـدا مـون کـي ڇـا.

اهو خط لکي دودي چنيسر ڏي روانو ڪيو. خاطي خط کڻي چنيسر کي آٽي بيلي منجهہ ڏنو. خط چنيسر کي مليو، خط کولي پڙهي خوش ٿيو ۽ گهوڙي تي سوار ٿي وڳهہ ڏي هلڻ لڳو ۽ دودي کي دعا ڪرڻ لڳو:

دودا! پلي بـابل کـي ڄائيين، تنهنجي نـچ ويـائي مـاءُ
گيلانـي غـم لاهي جـو، توسـان حـامي حضـرت شـاهہ
وڳهہ قلعو قادر پير جو، جنهـن کي لڳي نہ کوسو واءُ
کونـــہ ڏســـندين کـــڏهن، قبـــر عاذابـــا
ادو بـہ ٿييـن، اَبـو بـہ ٿييـن، راڄ ڪنـدا مونکـي ڇـا.

چنيسر گهوڙي تي سوار ٿي، اها دعا ڪري گهوڙي جون واڳون ڇڪيون. گهوڙو بادشاهي هو، جنهن يڪدم سٽڪو ڪيو وڳهہ ڪوٽ جي دروازي تي تہ اڳيان نوڪر هزارين وينا هئا. سڀ سڙي ويا تہ چنيسر ناحق آيو. هڪڙو ڪونہ اُٿي جو گهوڙو جهلي. دودي دل ۾ ويچار ڪيو تہ راڄ جو رضامندو نہ آهي تہ چنيسر پڳ ٻڌي. اڳيان گهوڙو ڪير ڪونہ ٿو وٺيس. هاٺي گهرايو آهي مون، آءٌ نہ مانُ ڏيندوسانس تہ ڪير ڪونہ مان ڏيندو. دودو پاڻ تيار ٿيو گهوڙي جي واڳ

جهلڻ لاءِ. جڏهن دودو اُٿيو ته هزارين اُٿي پيا. راڄ دل ۾ ويچار ڪيو ته هو پائر هڪ آهن، اسين راهه گناهه تا ڏنا ٿيون. پوءِ چنيسر کي پٽ تي پير نه رکڻ ڏنائون. ممتي کڻي آڻي تخت تي وهاريائونس. جڏهن چنيسر اچي تخت تي ويٺو، تڏهن دودي حڪم ڏنو ته پڳ ڪچي اچي. شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي بڌائي، پلي بيت پُڪائي:

بـــگل وڳـــا بهـــادري، ڏڪـــڙ ڏمـــالون ڪـــن
نـــاد نفيلـــون وڄيـــون، مـــزا بـــڌا مـــُـرلين
ســتڪا پيــا هٿاســتار جــا، بـــَـڌي ڏان ڏان دنبــورن
سوين يـــَـٽ پـان هٿـا، جـي ڪـــهندا ڪـَـبـــَـت اچـن
پنجاهــ ورنــي پڳـــڙي، آئــي ســوني ٿالهــ منجهـــا
پهريـــون پيـــچ پريـــت جـــو ڏنـــس دانـــه دودي راءُ
عقـل نـه هئـو امـيـر کـي، جنهـن سـان بخـت نـه پيـڙو آ
کڻي لاٿو ابليس تخت تان، نه ته هو پيڙهي مٿي پتشاهه
پـوءِ بڌنـدس پڳـــڙي، پهريـــان پـــُـڇان جيجــل مـاءُ.

اهڙا راڳ تماشا ٿيا. پڳ ڪچي آئي سوني ٿالهه ۾. دودو اُٿيو، پڳ جا ور چونڊي هٿ ۾ ڪري، چنيسر کي چيائين ته: سـُـهماڻي، سـُـهـــُـ چوڙي، ادا! بَڌ پڳ. پڳ دودي کڻي ڏني، پر چنيسر جي بـه قسمت ۾ ڪانه هئي، جو ساعت ٿني پيس، انهي ٿـــتي جو ارادو شيطان اچي روح ۾ رکيس. عقل جي ڳالهه ڇڏائي ويس جو بخت موڪلائي ويو، عقل هارجي ويس ۽ روح ۾ ارادو پيس ته سيڪو ٿو چوي ته پڳ بڌي دودو، هڪڙو دودو ٿو چوي تـه پڳ بڌي چنيسر هاڻي، الله ڪان سواءِ ۽ امان ڪان سـواءِ منهنجو سجڻ هٽ نه آهي، امان ڪان پڇان ته پڳ بڌڻ سُک يا ڏک. اهو ارادو آڻي، پڳ لاهي کڻي تخت تي ٿني ڪيائين. پڳ ٿني ڪري ماءُ جو نالو وني، دودو چنيسر کي بيت ڪري، شاعر چئي بڌائي:

متــان آيئــي عقــل اڳــارن جـــو، ســيڪ سـنداڻن سـاهه
چڙهيـو تخـت تـان لهـي پـوي، سو وري نـه ٿئـي پتشـاهه
بـــار وجـــن ٿـــا رانـــد تـــي، ســـي نـــه پڇـــن ٿـــا مـــاءُ
هـي ويـل وڃئـي تـي هـٽ منجهـا، پـوءِ هٽنديـن هتـڙا.

دودي هڪل ڪري چيس تہ: ٻَڌ پڳ، مهل اَتئي، جي نہ تہ هزارين حيلا ڪندين، پڳ نہ ملندئي! چنيسر مڙس هو خارباز، ڏاڍو جوان، تنهن چيو تہ: اَمان جي پڇڻ کان سواءِ حرام جو وَر وجهان. دودو چوڻ لڳس تہ: ننڍڙا ٻار راند تي ويندا آهن سي بہ ماءُ کان پڇي نہ ويندا آهن، تون پڳ ٿو ٻڌين تہ ماءُ کان ٿو پُڇين! چنيسر چيو تہ: اَمان کان نہ پڇندس تہ پڳ نہ ٻڌندس. تنهن تي دودو چوڻ لڳس تہ: سالڪن چيو آهي.

تـــل جـــي گٿـــي، ســـوءِ چوٿـــان ڪـــاوي
ڳـــَـَــئي مصلحـــت، وَل نـــہ هـــٿ آوي
اڳـــي دي مصلحـــت، پـــــيڇي آوي
ڪـــاري ڪـــر، تـــان ٻئـــي نَـــہ ڪـــاوي.

پر چنيسر پڳ ڦٽي ڪري هليو وڃـ ڪوٽ جي دروازي تي. خوشي جا وڄندڙ ساز بند ٿي ويا. اندر سومرن جي ڪوٽ ۾ لکين هزارين عورتون گڏ ٿيل هيون، جو خوشيءَ جو ڏهاڙو هو. بادشاهہ ٿي ناهيائون. چنيسر جي ماءُ عام خلق کي گوشائتي بيٺل هئي، جنهن کي خبر پئي تہ وڄندڙ ساز بند ٿي ويا، تنهن ٻانهيءَ کي سڏ ڪري چيو تہ: ٻاهر نڪري ڏس تہ خوشيءَ جا ساز بند ڇو ٿيا؟ سو شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

بـــس بگـــل بـــيهي رهيـــا، طـــَـبل ڇـــڏي ويـــو تـــاءُ
ٻـــائي چيـــو ٻـــانهي کـــي، انـــدر دائـــيءَ کـــي دانـــاءُ
تـــہ ڀـــائر ٽڪربـــا پـــڳ تـــا، لـــَڪمان! لهـــي آ ســـُـڌ سمـــاءُ.

ٻانهي جو نالو ’لڪمان‘ هو، انهيءَ ٻانهيءَ کي شهزادي چيو . سا ٻاهر نڪري ڏسي تہ چنيسر سومرو هڪڙو اڪ ٿو ڪٽي تہ هزار هنجون ٿيون وَهنس، سو چنيسر کي ٻانهي بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

آ چنيســـر ســـومرا! توکـــي کـــلڻ نـــاهي مـــُـــهان
کوه کـُو ماڻين گـُل جيان، بينـو روئـين رَت مـُهان
متـــان تـــَـڙئين ڪنهـــن ســـومري، يـــا دانـــہ دودي راءُ!

ٻانهي چوڻ لڳيس تہ: چنيسر! ڇو ٿو روئين، متان ڪنهن طعنو هنيو اٿئي، تڏهن ٿو روئين؟ سو چنيسر ٻانهيءَ کي جواب ڏئي فقير چئي ٻڌائي:

اڳيـــان دور دريـــاه جـــا، پنيـــان ٻـــري ٿـــو آڙاهـــ
پيـــر وجهـــان پـــاڻيءَ ۾، مـــون کـــي ٻـــوڙي ٿـــو درياهـــ

پيـر ورايـان پوئتـي، مونڪـي سـاڙي تـو آڙاهـ
هاٿي ڏرتي جي مون جاءِ ڏئي، تـيوان زمين ۾ ضايع.

چنيسر ٻانهيءَ کي چوڻ لڳو تہ: رب کي سوال ڪر، پيرن ڪان ڏرتي قـاتيم، زمين ۾ گـوڻ تي وجان، نہ اڳتـي وجان نـہ پوئتي وجان. چنيسر جي ماءُ بہ يڪدم پنيان آئي، تنهن کي بہ پڪي خبر پئجي ويئي تہ هي پڳ قتي ڪري آيو آهي. سا پنهنجي پٽ چنيسر کي طعنو هڻي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

پورهيـا صـاب نـہ پيـڙا، سـائينءَ جـي دربـار
توڪـي ڏهہ مهينـا پيـٽ ۾ نـاحق مـون سـور سـَـنا
هـاديءَ هـَـت هدايـتـون، پـرور ڪـيـُـئي پيـدا
توڪـي تـَنجيو هئم تـرار سين، پـر ي دُڪـا ڪـانَ وڏا
جـُـوان! اوهـان جـي جنـگ جـي اصـل آڏ وڏائـي آه
ڪنـو آهـي ڪيـٽ اوهـان جـو، سـَـمن پـوڪ اهـا
ڍَڍا ڍاڪــر وڪـٽـي چـڏ، وجــي ڏڻ رڍن جــو ڏار
تنهنجـون رڍون چرنديـون ريـل ۾، گهـڏيو گهيـتـا چـار
ڪـڻ ڳـاڙهو لـڪـڻ هـٿ ۾، تـون ڍِليـو ڍيـرِي ڍار
مـاٿهين ماهيـاڙو ڪنـدي، دودل جــي دربـار
پيا پيٽ پـَرنداسـُون، ڪنداسون لسي وِڪئي جي ڪار.

ماءُ هن کي چوڻ لڳي تہ: اَبا! گهوڙا ۽ جوڙا سورهيہ جنگ جا، چو تو روئين؟ تـو جڏهن ڄائو هئين تہ توکي مون سَوَڻ ۽ سَهَـج ڪيا ۽ مون جبل جيڏيون پيڙون سَنيون هيون. جڏهن تون ڄائو هئين تہ مکڻ جا ڪانَ پـري تنهنجي وات ۾ وڏا هئم تہ ڪانَ گهٽـا جهلي. توکي تـرار سان تـَنجيو هئم تـہ تـَراريون گهٽيون جهلي. هاٿي اُهي تراريون جهليندا آهن "يَـڙ" ۽ تون تئين "ريـيڙ"، تنهنڪري گهوڙا ۽ جوڙا وڪٽي چڏ، ڦـري تي "ريدار". سالڪن چيو آهي تہ:

ڪـڏهن ڳاڙهـا گهـوٽ، ڪـڏهن مـڙه مقـامن ۾
واريءَ سـنـدا ڪــوٽ، آڏي اڏينديـن ڪيتـرا.

هاٿي تون رڍون چار، ڏڻ ڪٽي ڏار، جوٽهين قـَرَ قيري ايندي، آءُ وجي ماهياڙو ڪنديس دودي بادشاهہ جـي بادشاهي ۾، پيٽ پيا پـَرنداسون. رو نہ! چنيسر

جي زال بہ مٿان اچي ويئي. ان پنهنجي چاچي سَسُ کي چيو تہ: پُٽ ڇايو تو آهي، پر پار مڙيئي مون وٽ اٿس. سو شاعر بيت ڪري فقير ڇئي ٻڌائي:

اڳي هُيونسون بہ ڇٽيون، هاڻي تَـلي تيونسـون تـي
واڍا وڳـــ ڪـوٽ جـا، آ ڪاريـــگر ڪوٺـــي
چرخـا چنـدن عـاج جـا، تـاڙيون تـون چيـراءِ
جوتـا جســيلمير جـا سـي اوڏاهــون آڻـاءِ
اڳي ڪَـتيوسون تي پاءُ ساڻ، هاڻي سير بہ سويري
هڪڙي تـاجي گهر ۾، ڇئبس ڪوري! پيـرو مَ لاهہ
اهو ڪَـتيو چنيسر راوَ جو، چاچي! گهر ويني ويني ڪاءُ.

شهزادِي مريم جا چنيسر جي جوءِ هئي، پنهنجي چاچِي کي چوڻ لڳي تہ: پٽ تنهنجو اهڙو بي همت اهي جنهن کان ڙدون تہ گدڙ ڪٽي ويندا، مال ڻي مـارائين. هي بہ پاڻ جهڙي جوءِ آهي ڇو تہ مرد صلاح ڪن مردن سان، زالـون صلاح ڪن زالـن سـان هـاڻي تـڏي ڇانو جو پورهيو، گهر ويـني جي ڪـار، چرخـو نهرائـي ڏينس. ٻتي ڏينهن هٽ مُنجهندس، ٽئي چوٿين ڏينهن کان پوءِ سيرن کي ڏڪ هٽندو. ڪوري جي گهر ۾ تاجي رکي هوندي تہ بہ سعيو ڪري ڇڏبس تہ پيرو نہ لاهج، روز ايندين تہ تـاجي کنيـو ايندين. تـہ بـہ چنيسـر ڪيـن ڪُـڇيو ڏسـي تـہ 'هٽان مون پيئي، ڪَڇو ڪيڇين کي ڪيئن چوان'؟ سو ڪونہ ڪُڇيو. چنيسر کي سندس زال وري طعنو هنيو:

ڪـانڌ ڪچهـري ڪـُـوڙو، ڪـاوڻ جـو ڪـَـرو
مـڻ گجـرن جـو گـوڏ ۾، لــهي واڙيــن جـو پـرو
گهر ويني پـُـٽ گهائبئـي، چاچي! پوندس ڪـام وَرو.

چاچِي کي چوڻ لڳي تہ: اهڙو آهي جو مڻ سوا گجرون پاڻ وٽ هونـدس، تـہ بـہ ارادو ڪندو تـہ واڙيءَ تـان ڪـي ٻتـي گدرا ڪـائي اچـان. پوءِ واڙيءَ تـي ايـندو، ڪاري واري ڪاڌ ڪندو. ڪـاڌ ڪـري اچي جاءِ جي انـدر سمهنـدو. آڌيـن نـاهين مرد. هن کان نهرائي نہ پڄندي، جا مائٽاڻي پراڻي جاءِ، ڪامَ ٻـُتِـي تي ايندي، جڳهہ مٿا وري پوندس، ائين گهٽجي مري ويندو. تہ بہ چنيسر ڪونہ ڪڇيو. تڏهن ورائي ٽيون طعنو تي ڪريس:

ڪانڌ ڪچهري ڪُوڙو، چَبي سُڪو اَن
ويئي مايا ملوڪ ڪان، جنهن ڪان ويو ڏُتاري ڏَن
گهر ويني پُٽ مارُون ڪائيندئي، مون ڪان جهلي ڏوين جا ڳن.

شهزادي چوڻ لڳي تہ: ڪُرڪُريو پتار ڪندو چلهہ تي چَڪر. ٻيو ڪاڏي ڪان سواءِ هن جي سرندي ڪانہ. پيٽي ۾ پَڪي تائين دم نہ ڪائيندو. چوندو جيسين پيهي ۾ پچايو، تيسين ڪو پَڻُ بہ ان جو [1] ڏيوم تہ چار ڪٽا ڦَڪي وندريو وينو هجان. جڏهن ماني پچندي تڏهن چوندو تہ اها مڙيوئي مونکي ڏيو، ٻيا سيئي سمهي رهن. پوءِ سومرن جي سنهي ڏوئي تہ بہ ساڍا ستٽيهہ سير [2] ، ڦيرائي ڪنن جي وچان ڏيندي سانس. ٻيا ڦهہ چلهہ جي پاسي سان. ائين ڏوين جا ڏڪ ڪائي مرندو، هي سورهيہ تي نہ مرندو. تانِ پِي چنيسر صبر ۾ رهيو. پوءِ اُهو طعنو هنيائينس جنهن جيئري جاني جدا ڪري وڌا. ديس ڇڏائي پرديس ڏيڪاريئينس. سو شاعر بيت ڪري ۾ فقير چئي ٻڌائي:

مريم مينديا چوڙيا، سندُر ڳُترا وار
زري ۾ زربفت جا، لُٽ ۾ لوڙهيئين سينگار
تہ هنِ ور ري ولِهيون ٿيون سُون، اسان جي پِير رکندو پن
ڏيانس نہ پاس پلنگ تي، چاٽي هڪ الله
نار چيو نر ڪي: آءُ پيڻ، چنيسر پاءُ
هاٽي چنيسر سومرا، ادا! ويهڻ تو نہ جڳاءِ.

شهزادي مريم، پنهنجي بادشاهيءَ جي فخر جا ويس وڳا ۾ هار سينگار پهريو بيني هئي، جنهن کي ٻانهيون بيڙا، چُوٽا چندن، مشڪ ڪتوريون، عطر عنبير لڳل هئا. اهي پنهنجا سينگار زمين تي اُڇلائي، چنيسر کي چيائين: اڄ ڏينهن ڪان وني جيڪا توکي پاسو ڏئي، سا ياءُ کي پاسو ڏئي. مڙس هجين تہ ملڪ ڇڏي وڃ نہ تہ ٻڏي مر. اسان جو ننگ الله تي آهي! اتي چنيسر کي پيرن ڪان وني چوٽيءَ تائين باهہ لڳي ويئي، سو سندس شهزادي کي بيت ڪري:

مريم! ڏي نہ مهٽا، منهنجو ساڙي وڌئي ساهہ
دانهن ڏيندس دلبيءَ ۾ علاالدين اڳيانءُ

---

(1) پڻ = ان پرڻ جو ماڻ.
(2) يعني تہ سومرن جي ڏوئي جو وزن بہ ڳرو.

يـاءُ ٽنگايـان پـالن ۾، جنهـن جـو اڪيئـن رت ڏسـان
سنڌ سُجي ڪندس سومرن جي، لايان مـلڪن سان ماتم.

چنيسر ڪاوڙجي جي چوڻ لڳـو تـہ: وڏيڪ طعنا مهڻا نـہ ڏي. ترار مان ارڙهن ٽڪر ڪري ڇڏيندوسئين. جنهن راڄ ۾ دودي مون ڪان پڳ کسي آهي، اهو ياءُ ۾ راڄ پالن ۾ ٽنگائيندس. هتي نـہ ويهندس. وڃان ٿو دلي، عالادين بادشاهہ وٽ. اها ڳالهہ ڪري، چنيسر وڃي گهوڙي تـي زين ڪئي ۽ وڃڻ جي تياري ڪيائين. سو شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ڪـاوڙجي ڪـارو ٿيـو، چـڙيو چنيسـر راءُ
اڄـي بگڙيـو ديهـُـ وڳهـ جـو، جهليـو اڄـي نـہ جـاءُ
هـولَ ڪنگـول تـو وجهـي، پـايو زره سـندا چـولا
ٻـَڌي ڪٽاريون ڪـاتيون، ٻـَڌي سـونهري سـَروپاءُ
ڏگهـو پـالو هـٿ ۾، سـانگ سـَـمي ڪـي آهہ
جنهن جي دونالي دَهڪا ڪري، ٻي بغل بندوق پـي آهہ
سونـي سِيگَ ڪَمانگـِري، ٻـَتـي ڪانن هٿ وڃا.

---

سـَـت هتيـار سـومرو، پهـري بينـو پـٽ
جنهـن جـو آهـي ننـگر ننڍڙو، تـو لـُڏي پـَنگهوڙي وٽ
اڄـي چـُمـي ڪنيائين چـُوڙَ تـي، روئـي رت ڦـڙا
ننگر! مٺا سهسائي سـيڪو، جيئري جاني ٿئي نـہ جدا
وري وڳهـ ڪـوٽ ۾ اڄـان تـو ننـگر نينـگر لاءِ.

چنيسر پنهنجي جان تي زرهہ پائي، سيئي هتيـار ٻڌي، سڄي وڳهہ جي ڪوٽ مان ڪنهن ڪان پـي نـہ موڪلايائين. سندس پٽ نالي ننگر تيرهن ڏينهن جو معصوم پينگهي ۾ پئي لڏيو، انهي معصوم کي کڻي پنهنجي هٿـن تي، بيهي رت جا لڙڪ هارڻ لڳو. چوڻ لڳو: ننگر! آندن ڇڪ ڪائي، تنهنجي لاءِ هن وڳهہ ۾ وري اچان تـہ هڪڙي ڳالهہ آهي، نـہ تـہ ساري سـي چمـار طلاق آهـي وڳهہ جي ڪوٽ کي. اها ڳالهہ ڪري گهوڙو ڇڪي وڳهہ جي دروازي کان ٻاهر نڪتو.

جڏهن چنيسر پڳ تخت تي ڦٽي ڪري آيـو هـو، پوئتـي راڄ پاڻ ۾ صلاح ڪري دودي کي شراب جو نشو پياريو، جنهن ۾ دودو گرفتار ٿي سمهي رهيـو.

دوسُو نالي دودي جو سالو، پنهنجي مٿي تي پڳ ٻڌي ۽ دودي ڪي مٿي تي ڦيرايائين. مٿان بادشاهي ڇٽ جهُلايائينس. پير ڏڪاءُ ڪيو تہ دودو بادشاهہ بادشاهي ڪري، سو پير جو ڏڪاءُ چنيسر بہ ٻڌو. هيڪاري ڀڪ ٽيس تہ هاٿي ڀڳ مون ڪي ڪانہ ملندي، سو گهوڙي تي سوار ٿي دلي ڏي هلڻ لڳو. شهزادي ٻاگهي دل ۾ ويچار ڪيوتہ 'ٻہ تہ ٻارهن، ٽي تہ ٽيهہ- هڪڙو وڻ ڪانهلو، توڙي تُڙ تلهو'. چنيسر ڪاوڙجو ٿو وڃي، دودو هڪڙو ڇا ڪندو؟ چو نہ وڃي دودي کي ڄاڻ ڪريان! سا ڀڙڪو ڪائي ٻاهر نڪتي. سڌي ڪچهريءَ ۾ هلي آئي. اچي ڏسي تہ دودو ستو پيو آهي، سا پاسي کان بيهي پنهنجي ڀاءُ کي بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي، سو پلي بيت پُڪائي:

ٻـــاگهي رُونـــدي آئـــي، اچـــي پـــاڪر پاتـــائين پـــاءُ
پٽراڻـــي پيـــر ڏگهـــا ڪـــري، ســُـتين کهـــڙي ســـاءُ
پـــاءُ وڃئـــي تـــو پـــر منجهـــان، پوئـــي تـــو ڪونـــہ سمـــاءُ
ســنڌ ســڄي ڪيـــو ســومرو وجـــي ســندو راڻيـــن راءُ.

شهزادي دودي کي هوشيار ڪيو تہ: تون ستو پيو آهين، چنيسر ڪاوڙجي ويو. ڀاءُ کي وراءِ! دودو ڀڙڪو ڪائي اٿيو، ڏسي تہ تاج منهنجي مٿي ۾، مٿان ڇـَـٽ تو جـُهلي، دودو سڙي ويو، خار لڳس. پڇا ڪيئين پنهنجي ڀائرن کان تہ: هي ڪم ڪنهن ڪيو؟ راڄ چوڻ لڳو: تنهنجو سالو دوسُو، انهيءَ ڪم ڪيو آهي. دودي دل ۾ ويچار ڪيو تہ هڪ هٿ جي تاڙي نہ لڳندي، سڄي راڄ جي حرڪت آهي. اها صلاح نہ چئبي، اها حرڪت چئبي. دودو چوڻ لڳو تہ: جن اسان ڀائرن کي ٽوڙيو، اُهي بہ ٽُـٽي مرندا. پر اهڙو ڪو جوان آهي جو منهنجي ڀاءُ کي ورائي اچي! سو بيت چوڻ لڳو:

آهـــي ڪـــو اُتـــي وجـــي منهنجـــو ادل ورائـــي
سيڪنهن کي سونيون ڏيوان، چڏيان لوهيـون لهرائـي
ديـــرا ۽ جـــاگيرون، خـــان ڪٽـــي ۽ ڪـــائي.

دودي چيو: اڄ ڪو منهنجي ڀاءُ چنيسر کي ورائي، سونَ جا هٿيار ڏئي، رُڪ جا هٿيار لهرايانسِ. ڪڙيا ۽ جاگيرون ڏيانسِ پر ڪو منهنجي ڀاءُ کي ورائـي. هوليائي پاڙي ۾ ست ڀائر هئا. انهن کي ڪوٽ دل ۾ هوندو هو. دل ۾ چوندا هئا تہ دودو يا چنيسر پنهنجي منهن اڪيلا ٿي اسان ستنئي ڀائرن سان ڪا راند

يا ڪا لڙائي ڪن تہ هڪڙي ڪي ماري ٻئي ڪان زوري پڳ ڪسي وڃون. انهن ستنئي اتي سلام ڪيو تہ: اسان ڪي موڪل ملي تہ چنيسر ورايون. دودي حڪم ڏنو: بيشڪ ورائي اچو. اُهي ستئي چڙھيا، چنيسر ڪي ورائڻ جي لاءِ اُٿيا، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ست ڀائر سومرا، ستئي جُنگ جوان
تازي جوڙيئون تڪڙا، ڪڍائيون ڪيڪان
پڇن تا دربان ڪان آهي ڪٿي چنيسر راءُ
او اهو چنيسر سومرو، دودي سندو ڀاءُ
وني آياسين نام الله جو، پاند ڳچيءَ پائي
ميڙ آندوسون مصطفيٰ، ڇڏ نہ محمد موٽائي
جيڪو ميڙ مڃي ڀائرن جو، سو خطا نٿو ڪائي
نہ تہ جِين تِين سومرا! هلنداسون ٿي وڳهہ ورائي.

اهي ستئي ڀائر گڏجي آيا، دربان ڪان پڇا ڪيئون تہ: چنيسر ڪيڏانهن ويو. دربان ڏس ڏنو تہ: هو وڃي ٿو. ڊوڙي اچي ميڙ منت ڪيئونس: الله جو اسم وني آيا آهيون، ميڙ ڪي مان ڏي، وري هل. ميڙ مڃڻ ڀائرن جي عزت آهي. هلندين تہ بہ هلندين، نہ هلندين تہ بہ جين تين بہ وني هلنداسون. چنيسر چيو: ادا! اهڙي ميڙ ڪئي هئوَ. منهنجي دل پٿر هئي سان مڪڻ ڪان بہ ڪونئري ٿي پئي. پر ميڙ ناهي ڦِـتائي ڇڏيو اٿوَ. هاٿي پاڻ ۾ نبري پوءِ هلنداسون. هنن ستنئي ڪي بانور ٿي جهيڙي جو هو. سي ستئي چوٽ ڪن چنيسر تي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

هُل ٿيو هولاٽين جو، آيا ستئي صف ڪري
لڳي ڇَنبي ڇُريا ڪينڪي، ڏڪي ڏنئون ساهِ
ستن ڪي سوڙهو ڪيئن، جيوين هاري ستي ڳاهہ.

هنن ستنئي چوٽ ڪئي. چنيسر پنهنجي گهوڙي تان لهي چڪر ڪري سَٽ سَٽ جو چماٽ ڪري تہ ستئي پهلوان، جهڙا ٻارهن مهينن جا مئل. ٽنگ ۾ هٿ وجهندي مڙس مڙس تي اٿين ستيائين، جيئن هاري ڳاهہ ستي. اهو چنيسر جو انصاف هڪ الله ڏنو. جو هر هنڌ حاضر آهي، ٻيو ڏنو در جي دربان. دربان جُتي هٿ ۾ ڪئي ۽ وني ڀڳو دودي بادشاهہ وٽ. اچي چوڻ لڳو تہ: دودا! هو

تون لڙي وچ پٽ لهاري جا، منهنجي اڪين جي مهندان
متان ڏئي لت چڱن تي آءُ چيري ڪنديئين ساهه
آهي تو ۾ لڇ لهار جي، ساري عالم کي اوگاهه
وجي پيءُ چاڙهي آ پنهنجو، آچي لُهر ماءُ
توکي ست زهُون آهن سيگ تي، جيڪا ڪاهين سا وجي ڪاهه
پورو آٿجئين پناڻ سان، منهنجو سندو گهوڙن گاهه.

دودو دڙڪو ڏئي چوڻ لڳو چنيسر کي تہ: تنهنجي ناني آهي نياڳي. هاٿي منهنجي اکين جي اڳيان تري وچ تہ چڱو چڱي کان چيري جدا نہ ڪري وجهئين. وچ پنهنجي عالادين بابي کي وني آءُ، وجي ماڻهين جو سڱ آچينس، پوءِ وني اچينس رڻ ميدان ۾، آءُ اوهان جو مهمان آهيان. منهنجو گاهه ۽ داڻو پورو ڪجئو، متان ڪُٽين ڪتائي نہ ماريانو! اها ڳالهہ ڪري دود پوئتي وارو ٿيو. چنيسر دليءَ ڏي هلڻ لڳو. دودو پنهنجي لڪي دروازي تي ترار اُگهاڙي ڪري اچي بيهي رهيو، متان ڪا رن وجي چنيسر کي ميڙ منٿ ڪري. ايتري ۾ باگهي ٻوڙي آئي، دودي کي چوڻ لڳي: اسان کي موڪل ملي تہ نياٽيون ميڙ ڪري چنيسر کي ورايون. دودي چيو تہ: چنيسر جي حد پوري ٿي ويئي. دنيا دم گذر آهي، پلي پنهنجي بابي کي وني اچي تہ ڪي مردن جون ڳالهيون هلن. اتي چنيسر کي عقل ڦري سامهون ٿيو تہ هي چا ڪيم! راڄ ۽ پاءُ مانُ تي ڏنو، انهي مانَ جي پنيان نہ ٿيس، اڳيان ٿيس. پوئتي واجهائڻ لڳو تہ من ڪا پَهر ڏسڻ ۾ اچي ۽ پاٺهي پاڻ کي بيت ڪرڻ لڳو:

ڪَر چنيسر لعنتي، تو ڪيڏا ڪم ڪيا
تو ۾ لڇ لهار جي، ساري عالم کي اوگاه
پڳ وڃائي پنهنجي پچڻ هليو هئين ماءُ
هاٿي هُونهين هوند وري پوان، ڪنهن واهِي نينگر سان.

چنيسر پوئتي واجهائڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ "مڙئي آهي مون ڏي، هوتن ڏي نہ هڪڙي". نکي مانَ گهورو ٿيس، نکي نانَ گهورو ٿيس، ٻئي ٿولَ مَٽ جا مون کان ويا. هاٿي کو واهِي جو بار پويان رڳو اشارا ڪري تہ بہ وري پوان. پر دودي پنيان ڪُتِي بہ رواني ڪانہ ڪئي، سو جذب جوئنش ڪري چنيسر ڪاهه

دليءَ تہ ڪئي. چيائين "راتو ڏينهان ڪاهہ، ناهي ويل وهڻ جي". سو منزل ڪري هلي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

پهرين منزل سومرو، آيو گُونگي[1] تَڙ متان
ڏوجهي منزل سومرو آيو روپهڙي روپاهہ
ٽيجهي منزل سومرو آيو تڙ 'تلور' متان
چوٿين منزل سومرو آيو 'آجهورن' متان
پنجين منزل سومرو آيو ڀهڳڻ ٻيلي ڪان
ڇهين 'ڇٽڪارَن' ۾ ستين 'اَبل ڄام هالار'.

چنيسر سومري جذب جوُنش ڪري ڪاهيو. راتو ڏينهان ڪاهو ڪاهہ ڪيئين. تنهن ۾ ڪاٺڻ پيٺڻ پنهنجو ۽ گهوڙي جو واجبي طريقي ڪيائين. ستون سج آياريئين هالار جي ملڪ، اَبل ابڙي جي بادشاهي ۾. سج اُبرئي جو ڏسي تہ ملڪ ۾ آبادي جام، پڪا تڙ، وڏا شهر، گهاٽا راڄ، نوان گهر، تازا پاڻ ۽ دونهان، پر نہ ماڻهو نہ مال. صبح ڪان وني ٻن پهرن تائين گهوڙو ڪاهيئين. ماڻهو جي وسئن هن کي ڏسڻ ۾ نہ آئي. ملڪ آبادي جي ڪري آباد ۽ ماڻهن جي ڪري قِنو. پوءِ شهرن جي دعوي ڪٽي قِتي ڪيائين. درياءُ جو ڪنارو ۽ ٻيلي جي ڪَس سان هلڻ لڳو. گهوڙو ڪاهيندو آيو. ٻيلي ۾ اندر نڙ جو آواز ٻڌائين. خيال ڪيائين تہ نڙ ماڻهو وڄائيندا آهن، انهي نڙ جي آواز تي چنيسر گهوڙو ڪاهي اندر آيو. اڃي ڏسي تہ برابر مڙس وينو آهي. چوٻڪو گهوٻاٽو، ڪُلها سوڙها، ڍَڍر موڪرو، پيٽ پهرات مينهن جيترو اٿس، ڪن ڊگها، متو ننڍو، ڪنڌ جون ٻَنڌيون سُڪل، لُوطي نمونو. وِيهي ڪتي جي ڪانپ ٻڌيو، ٻانهن جيڏو نڙ اٿس چپ تي، 'سُرڙُو سُرڙُو' جي ڏَم پئي پويس. وٽجو سٽجو نڙ ڪان گُر پيو وني. چنيسر متان اڃي سلام ورايو، ڏسي تہ پنج ست مينهون بہ اٿس، ميهار آهي. چنيسر کي پليڪار ڏنائين تہ: ادا- پلي آئين جي آئين! چنيسر چوڻ لڳو ميهار کي تہ: تنهنجي ملڪ ۾ کهڙي واڪا وٽي، جو ماڻهو نہ مال! صبوح ڪان وني ٻنپهرن تائين توکي اڃي ڏٺو اٿم. سو پنهنجي وطن جو ميهار بيان ڪري، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

---

[1] گونگڙو واهہ، ٻلڙي شاهہ ڪريم ڪان اوريان.

أنـن ڪمـي هئـي ڪانڪـا، ڳـنوَن ڪـارو ڪـار
رڍن ڪمي هئي ڪانہ ڪا، ڪٽڪ پـَڪـِي تـِي ڪار
ڪيهر شينهن ڪـُڏي پيو وچ ۾، وڏئين ڏيهـن ۾ ڌڪار
ملڪ ابل ابڙي جو جنهن جا سڻ تہ سـُٽايئين پار.

مهيار چوڻ لڳو چنيسر کي تہ: ادا! منهنجي ملڪ جي ڪهڙي خبر ٻڌايئين؟ چا ماڻهو ۽ مال، آبادي ڏسجي، تقدير سان ڪيهر شينهن ملڪ ۾ اچي پيو، اچي مارو وڏئين. ماڻهو ۽ مال خوف ڪان لڏي پڇي ملڪ ڇڏي ويا. آهيان آءُ پي پڇڻ ۾، پر ٻيلي ۾ ڪک آهن، پاڳئي جو روح، سو ڇڏي نٿو سگهان. مون تاڻـِي آيو بہ ناهي، ٻئي پاسي مار پيو ڪري. اڄ سياڻي آءُ بہ پڇي ويندس. اسان جي ملڪ سان تہ اها واڪا وٺـِي آهي. پر سالڪن چيو آهي تہ "بنان لشڪر خزاني جي، تيڻ سلطان مشڪل آهہ" سو ميهار چنيسر کي بيت ڪري، شاعر چئي ٻڌائي:

مـــوزا تنهنجــي پيـــر ۾، لهـــن لک ســوا
جامـــان تنهجـــي جـــان تـــي زمـــرد جـــي جـــڙاءُ
بـــدَل تنهنجـــي چيلهـــ تـــي ســـونهري ســـروپاھ
ڪلنگـــي تنهنجـــي ڪاپـــار ۾، مـــاڻڪن مڙهـــاءُ
ڪيئـن راجـا رلئيـن راڄ جـو، بنـا سـپاهين سـردار!

ميهار چوڻ لڳو تہ تو ساڻ گڏ لشڪر سپاھ ڪونہ تو ڏسان، بادشاھ تو ڏسجين، بادشاهن جا روح ڏٻل ٿيندا آهن. پنهنجي بادشاهي هوندي ٻي رٿ ڪندا تہ ٻئي دنگئي بادشاہ کي ماري اُنهي جي هڙ بہ پنهنجي هينان ڪريون، متان ڪنهن بادشاہ تي ڪاھ ڪيئي، لشڪر مارجي ويئي، پـِڙ ڦاڙي پڳو آهين، هاڻي ٻيلي ۾ پيو لڪين؟ چنيسر چيو تہ: نہ. ميهار چيو: پلا، ٻي ڳالهہ، شڪار تي چڙهئين، لشڪر کان واٽڙو تي نڪتو آهين، هاڻي اچي ٻيلـي ۾ پاجوڙا وڌا اٿئي؟ چنيسر چيو تہ: نہ. ميهار چيو: اجا تـِي ڳالهہ بہ آهي. سڱن تان، پڳن تان، ٻنين تان مڙس وڙهندا لڙندا اچن. جهيڙو آهي زر، زمين ۽ زال تي. متان ڪنهن ورثي تان ڪاوڙجي ڪيڏانهن دانهين تو وڃين؟ چنيسر دل ۾ چيو تہ: واھ ميهار واھ! اڳڪتي ڳجهارت پڇڻ. پر چنيسر دل ۾ ويچار ڪيو تہ پنهنجي ذات هن کان لڪايان. اهو ارادو ڪري، ميهار کي دڙڪو ڏنئين تہ:

آيل ڪان خبر چار ونبي آهي، يا اڳڪتيون ڪبيون آهن! ميهار چيس تہ: ادا! ڀلا مهرباني ڪري ٻڌاءِ تہ ڪير آهين ۽ مون وٽ ڪيئن آيو آهين؟ چنيسر چيس تہ: دايو آهيان. ميهار چيس تہ: ڀيلي! ڳالهہ ٻڌ .... مڙس تو ڏسجين چيڙاڪ، چڱن ويچارن چيو آهي تہ ”ڪوڙ هٽڻ آهي ايمان جي ڪتر“. ڇو تو پنهنجي ذات لڪائين. تون بادشاه تو ڏسجين. دايا هتي اسان وٽ بہ آهن، گڏهہ تا لڏين، پير اگهاڙا، گوڏن تي، ڪانچ، پُنا اگهاڙا، پنج هٿ پٽڪو، ٻري ڪان ڏسڻ ۾ ايندا تہ جن ڪاري صدري پايو گهمن. هڪڙو هڪڙو پير ڪوٺبن تہ ڊِڪڻ ڊِڪڻ ڪندن جو نڪرندو، تنهنجا هٿ ۽ پير، ماڻهن جا منهن ۽ زبانون، تہ بہ تنهنجا هٿ پير نازڪ آهن. تڏهن سمجهان ٿو تہ ڪير ڇوي توکي دايو؟ ۽ تون ڇو تو پنهنجي ذات ڪي تِڪو لائين؟ چنيسر چيس تہ: لُڦا! آءٌ گڏهہ لاڏو دايو ناهيان، آءٌ دايو آهيان دودي بادشاه جو. قد بُت ڏسي ڀليو آهين. ڪم ڪار ڪونہ ڪريان. ماني ٻوڙ پُلاهہ ڪاوان، جنهن ۾ قد بت تي ويو. دودي بادشاه ڪي پٽ ڇايو آهي، اُنهي مبارڪ ۾ هي گهوڙو سنجن سوڏو ۽ پوشاڪ هٿيارن سميت مونکي بخشيش ڪيئين، ۽ ياراني اتس عالادين بادشاه سان، اوڏهين مبارڪي ڪنيو تو وڃان. بُسڪارو ۽ اُجارو آهيان، مڙس تو ميهار ڏسجين، ڪوڪير پيارينم، تڏهن تو وٽ آيو آهيان. ميهار چيس: ادا! ڀلي آئين، جيءُ آئين، هلي ترس منهنجي پاڻ ۽ وٿاڻ تي. جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پريان. سانجهي ڏاڍا ڪير ۽ ڪتا ڪارائيندوسئين. چنيسر چيو تہ: آءٌ ترسڻ وارو ناهيان. هينئر ڪير پيارينم تہ هليو وڃان. ميهار چيو تہ: تڏهن حق دايو آهين. اتي چنيسر ڪي خار لڳو. چنيسر چيس تہ: ڪيئن سمجهئي تہ دايو آهيان؟ ميهار چيو: سائين! گڏه ذات دايا ٿيندا آهن، جو گڏهہ تا لڏين. انهن ڪي عقل بہ ٿيندو آهي گڏهن وارو. ٻن پهرن جو تو ماهيو ڪير گهرين! رڍ ٻڪري آهي ڇا جو ان ڪي ٽنگ ۾ هٿ وجهي توکي ڏهي ڏيان! چنيسر ڪي خار لڳو. دڙڪو ڏيئي ڇوڻ لڳس: ميهار! ڪير پيار، نہ تہ ويني ڏاڙهي پٽجي ويندئي. ميهار دڙڪو سهي نہ سگهيو. مڙس ڳري لت، ٻبريزي ڊِيڪڻ، پڙڪو ڪائي اٿيو. پير وڇڙي ويس، وڃي هيٺ ڊنو. چنيسر ڪي ڇوڻ لڳو تہ: ڀيلي دايا! ڳالهہ ٻڌ. منهنجي مينهن آهي اڻ پهري. سَنڍٽيل آهي. پاڙو نہ ڪنيو اتس. اهڙي آهي جو رِيجهي تہ مڙي تہ پاڳيو پري، ڀلا جي ٻِگڙي تہ پاڳيو داهيو وجيو ڏٽيءَ ڪي

دسي. چنيسر چيو: چڱو. تون ورائي اچينس، آءٌ پاڻهي تو کير ونانس. ميهار مينهن ڪاهي آيو ميدان ۾. چنيسر گهوڙي تان لهي، گهوڙي کي ٻڌي، اچي مينهن جو پاسو ورتو. سو چنيسر مينهن کان کير ونني، شاعر بيت ڪري:

ڪارِي ڪُنڍِي، ڪُڙلِي کي بينو هٿ ڦيري
اچي چنبو وڏائينس چُوڙ ۾، آڻي ترڻ سائي سيري
وٺو اٿئي ڪٽوري دان ۾، ڪٽي آءٌ ميهر اوري
ڏهيو چاڻان ڪينڪي، متان وجهانس ترڻ جهوري.

چنيسر سومرو مينهن جي سڱ ۾ هٿ وجهي، ونني جو سڱ ۾ زور ڏئيس ته مينهن جو سارو ساهه آڻي پنهنجي مُٺ ۾ ڪيائين. مينهن جو سڱ ڪُنڍو هو. زور سان سنئون ڪري وڏئين. مينهن ڪَنبِي اوهه کير سان پري بيهي رهي. چنيسر، ميهار کي چيو ته: ڏوهيو ناهيان، باقي چوين ته مينهن جو اوهه پٽي ڏيکاريئين! ميهار ڏسي ته بَلي، وڏي آفت آهي. چوڻ لڳس ته: اشراف جا پٽ! مينهن کان هٽي پري ٿي. چنيسر چيس ته: منهنجي گهوڙي جي پسرٽي ۾ ڪٽوردان ۾ وٺو رکيو آهي. ڪٽي آءٌ ته مينهن ڏهي ڏيئين. ميهار وٺو ڪٽي مينهن ڏهڻ لڳو. کير چنيسر کي ڏيندو ويو. چنيسر کير پيئندو ويو. مينهن کير ڏئي دنگ ڪيو، چنيسر پي ڍؤ ڪيو. سنن ڏينهن جي بک لاٿئين، اک کليس ۽ خدا جو خوف ٿيس ته جيئري جاني جدا ڪري ديس ڇڏي پرديس ٿو وڃان، ٻيو ته واٽ تي کير پيتو اٿم قهر جو. الله جي سرڪار ڏاڍي آهي، متان مون تي مينهن فريادي ٿئي. کير جو عيوض مينهن کي ڏئي، پوءِ اڳتي وڃان. سو چنيسر مينهن سان واعدو ڪري، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ڪاري، ڪنڍي ڪُڙليءَ تي بينو هٿ ڦيري
ڪارا ڪانهن ڪنڌين جا وجي چرچان سويري
آءٌ ماريندس انهي شينهن کي، نه تان شينهن مونکي ماري
لاهيان ڳانءُ ڳُجر تان، وجي صدقو ڪريان ساهه.

اهو مينهن سان واعدو ڪري، چنيسر ميهار کي چوڻ لڳو ته: اوهان جو بادشاهه شينهن سان مقابلو چو نٿو ڪري؟ ميهار چيو سائين! اسان جي بادشاهه واعدو ڪيو آهي ته اڪيلو مرد جيڪو شينهن کي ماريندو، انهي کي اڌ بادشاهيءَ جو ۽ پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏيندس. چنيسر چيس ته: پلا، شينهن ڏٺو اٿئي؟ ڏسي

ميهار ته واهه واهه! هي مرد شينهن جي وڙهڻ جهڙو آهي. تنهن تي ميهار چوڻ لڳو ته: هائو سائين، نه اعتبار ٿيئي ته هل ته ڏيکاريائين. هُن لَڙهه ۾ ستو پيو آهي. چنيسر چيس ته: يلا، شينهن جا پار ڏي! ميهار چيو ته: تياس پاڏي جيترو آهي. اُتي ويهي ڪيئن؟ ميهار چيو ته: ڪکن ۾ ڪانن جو مَنڊ ناهيو وينو آهي. ميهار چوڻ لڳو ته: ٻيلي يار دايا! گهٽا ڏينهن دائپا اُڳاڙيا اٿئي. انهي شينهن کي تو مارين ته آءٌ تنهنجو شاهد توڙ سوڌو نه ڦرندس. چنيسر چيو ته: هلي ڏيکار. اڳيان ميهار پٺيان چنيسر، شينهن ڏي وڃڻ لڳا. واٽ تي ميهار چنيسر کان پڇيو: يلا، هي هٿيار ڪنيا اٿئي، هٿي ڇاٽندو هونديـن؟ چنيسر چيو ته: سڀ هٽي ڇاٽان. ميهار هن کي هزار وک تي آٽي بيهاريو ۽ صلاح ڏنئينس ته: بندوق اٿئي جوهردار، هاٽي اٿئون باهه ڏينس، جيرا بکيون ساڙي ويندس. پر هو به ڪيهر شينهن آهي، انهي بندوق جي ڊاهڻ جو ناهي، ست ويهون ڪانَ ڪمان تي اٿئي، جيڪي هنيا ٿينئي سي هٽجانس، سَنڌ سنڌ مان ڪان متي ويندس. ويهي رهندو، پر هو به شينهن آهي، اِهي ڏڪ جهلي اوري اچي ته پنجن وِکن ۾ هٽينس پالو، زيري (جيري) مان چڙهي پوندس اجا به زوري اچي ته اَڊائن وِکُن تي سِپر منهن ۾ ڏيئي هڻ ترار - سـر جدا ڌڙ جدا، مري ويندو. يلا هو به ڪيهر شينهن آهي اڳيان، اجا به اچي ٻَکين پوندئي ته ڪاتين جي ڪيڏ ڪجانس، آنڊا ڪڍي وجهجانس. مروتي ڊائيس ته تَنگ ۾ هٿ آءٌ به وجهندوسانس. چنيسر چوڻ لڳو ته يار! ڳالهه ٻڌ، هو آهي شينهن شير خدا جو، آءٌ آهيان علي جو پهلوان، هو آهي بي هٿيارو، آءٌ به بي هٿيارو تي وڙهندس، پوءِ ميدان مولئ جو، جنهن کي سوڀ ڏياري. وڙهندوسانس هٿين خالي. ڏِسي ميهار ته مڙس سِر مان ڪڪ آهي. ميهار چيو ته: ٻيلي دايا! ڳالهه ٻڌ، تنهنجو ڏوهه ناهي. تو ڪير پيتو آهي ماهيو. رت ويو اٿئي ڦـتي، ۽ تنهنجي بغل ڪئي آهي ٻـوءِ، هٿيارن سان ماريئي ته به تنهنجي سوڀ آهي. چنيسر چيو ته: نه، هڪڙو هٿيار هٿان ته وڳه مهٽا ڪائي. چنيسر ارادو ئي اهو ٻڌو ته اڄ بنان هٿيار مقابلو ڪريان، جي شنيهن مون کي ماري وجي ته پويان ڏک نه ڏسندا. سو هٿيار لاهي لڳو گهوڙي جي پـرٽي ۾ وجهڻ. هڪڙي جانِ تان زره ۽ متي تان هول نه لاٿئين، جو سچي فولاد ۽ هر ذات جو هو. ڏسي ميهار ته مڙس سر مان ڪڪ ۽ مرڻ جا پيو هنڌ ڳولي، تڏهن چيئينس ته: يار! توکي جي

مرڻو هو تہ ٻئي ملڪ ۾ وڃي مرين ها، هتي، شينهن کي بگيڙي ڀاڻ بہ مرين تو ۽ مونکي بہ تو مارائين. شينهن توکي ماري لڱندو منهنجي پنيان تہ وٺ انهي ميهار کي، حرڪت ٿي انهي جي آهي. هاٿي هٿ جهل تہ ڪو چانگيل وڻ جاچيان. اتي چنيسر کي لڱو پوڳ. ميهار ڏنو تہ هي هڪل ڏيندو، هاٿي جيسين چانگيل وڻ ڳوليان، تيسين اڻ چانگيل ٿي ڪار، سو ٻڌي ٻوٽ جُتيءَ سان ائين چڙهي ويو وڻ تي، جيئن نوريئڙو ٻبر تي چڙهي وڃي. وڻ چانگيل ڪونہ هو، سڄي جانِ ڪندن ۾ سيلهجي پيس. متي چڙهي، وڻ جي ٻيلهنگ ۾ ويهي، پنهنجو پٽڪو لاهي، وڻ جي ڏار سان پنهنجو پاڻ ڇڪي ٻڌي، ڏاڍيون ڳنڊيون ڏيئي، قانون موجب پڪو ڪم ڪري ويهي رهيو تہ متان جانِ لُڏي ۽ ڊهي پوان. چنيسر هٿيار ڇوڙي ميدان ۾ ويهي پنهنجي موليٰ کي ياد ڪيائين: يا موليٰ! ميدان بہ تنهنجو، سوڀ بہ تنهنجي، سو شينهن کي هڪل ڏيئي اٿاري، شاعر بيت ڪري، فقير ڇٽي ٻڌائي:

اُٿي پٽ ٻلي جا، توکي سمهڻ آيو ساءُ
دايو سڏئي دودل جو، تون هلي هيڏانهن آءُ
ڳجي اٿيو ڳجمير جيئن، ڌرتي ڪيئن ڌڪاءُ
ڪارا ڪانهہ ڪنڌين جا، پٽيو اُڇلائي ٻوڙا.

چنيسر شينهن کي هڪل ڪئي: اُٿي ٻلي جا پٽ! شينهن تي ٻلي جي چيڙ آهي. تنهن سمڌو تہ مونکي ٻلو ڪنهن چيو. وني پڙڪو ڏنئين تہ پنج ست هٿ متي چڙهي پوءِ اچي پٽ تي لٿو. چوڌاري نظر ڪيائين تہ ڪير تو ٻلو چوي. جيڏي مهل نظر ڦري چنيسر تي آيس تہ شينهن جا ڪن ڇپا ٿي ويا ۽ سمڌائين تہ انهي جي اڳيان آءُ برابر ٻلو آهيان. پر انسان آهي، ڪَچي ٿڃ اٿس پيٽ ۾، دل اٿس ننڍڙي، دهشت ڏيڪاريانس، سست ٿئي ۽ هٽي وڃي. جهيڙو نہ ٿئي تہ ڏاڍو چڱو! سو شينهن سَر جي ٻوڙي ۾ وات ۽ ٻئي چنبا وجهي وني جو ستٽ ڏي تہ منڍ متي پاندُر هيٺ. سانوٽي جي مينهن واري گوڙ ڪري ۽ جيئن تو پيچ کي نڪاءُ ڏياري، تيئن ميهار جو ٻبر تي ساه سوڙهو. چنيسر دل ۾ ويچار ڪيو تہ شينهن هران پران تو سَر سُڪائي، هيڏانهن اچي تہ ڪاوڙ لهي وڃيس. سو ورائي ٻي هڪل چنيسر ڪئي شينهن کي ٻِي هڪل شينهن بہ نہ سَني. تن

بادشاهي جو مليم ها ۽ شهزاديءَ جو سڳ. اها مهل مون کان وئي. هاٿي ڇڏ تہ پِٽيان. سو ورائي ريهہ ڪري ڀڄي ويو. چنيسر چيس تہ: مُڪ هٿندي ڏسي متان پليو آهين. شينهن جا سرِ جبل آهن. پر جبل کي بہ وڏاڻ پچيو وجهن. تڏهن ميهار چوڻ لڳس: قسم اتئي الله جو. سچي ذات ۽ سچو نالو ٻڌاءِ. چنيسر چيس تہ: لهي آءُ تہ ٻڌايئين. ميهار چيو تہ: هاٿي چانگي لاهيندين. چنيسر چيس تہ: سويري ڪيئن چڙهي ويو هئين؟ ميهار چيو تہ: سويري خوف هو شينهن جو. هينئر شينهن مري ويو. خوف لهي ويو. هاٿي مونکي وڻ چانگي لاهہ. تڏهن چنيسر چيس تہ: لهہ. نہ تہ وڻ تو پٽيان. ميهار کي پڪ ٿي تہ جنهن مڪ سان شنيهن ماريو آهي، سو وڻ پٽيندي دير نہ ڪندو. سو ڪجهہ رهڙجي چڙهيو ۽ رهڙجي لٿو. شينهن سان وڙهيو چنيسر. ميهار راهہ گناهہ رت مان ڳاڙهو. سچي جانِ پلي وانگر چيرجي پيس. چنيسر کان ٿورو پري ٿي چوڻ لڳو تہ: هاٿي پنهنجو نالو ۽ ذات ٻڌاءِ. ڪير آهين جو مڪ سان تو شينهن مارين؟ چنيسر چيس تہ: هيڏانهن آءُ تہ ٻڌايئين. چنيسر کي چيئين تہ: ويجهو آءُ ڪونہ ايندس، جي تنهنجي مُنهن جو تاب آءُ جهلي ڪونہ سگهان. چنيسر چيس تہ: سويري تہ گڏ بيٺو هئين. چنيسر کي چيئين تہ: سويري تنهنجو ٻيو خيال هو. هينئر تو ميدان ملهايو آهي، تڏهن گهُور جهلي سگهان نٿو. جيڪا ذات اتئي سا سچي ٻڌاءِ. سو چنيسر پنهنجو نالو ۽ ذات ٻڌائي، شاعر بيت ڪري:

هڪ سمان ٻيا سومرا، ننگر راڄ رهن
پٽ پوٽا ننگر جا، وري وڳهہ ۾ ويهن
دودو چنيسر پاڻ ۾، ٻئي پٽ دودي ٻڌجن
پائر تڪريا پڳ تان، راءُ رُنو راڄن
مونکي وڳهہ ڪوٽ ۾ تا چنيسر چون.

چنيسر اهو بيت ڪيو تہ ميهار ونئي ريهہ ڪئي. سارو ٻيلو وڃائي ڇڏيئين. پوءِ چوڻ لڳو چنيسر کي تہ: هاٿي وڌ شينهن جا ڪن ۽ پيچ، ڪڻ پاڻ سان، آءُ تنهنجو شاهد آهيان، توڙ سوڌو ڪونہ مڙندس. چنيسر چوڻ لڳو تہ: آءُ پڳ تان ڪاوڙجي وڳهہ ڇڏي دليءَ ۾ عالادين وٽ دانهين تو وڃان. ميهار چيو: اها حڪومت تو کان وئي. دانهن ڏيندين عالادين بادشاهہ تنهنجي دانهن ٻڌندو ۽ تنهنجي پاران وڙهندو. پر بہ وڙهندا، هڪڙو ڪرندو. اها حڪومت توکان وئي، هاٿي هل تہ هيءُ

انعام توکي ونني ڏيان. چنيسر چيو تہ: ”جيڪي وجان وجان ڪن، سي راهہ ۾ رهندا ڪيترو“ ميهار چيو: پوءِ تنهنجو هي انصاف؟ چنيسر چيو تو: مون توکي بخش ڪيو، اها موج تون وجي ماڻ. اها ڳالهہ ڪري، گهوڙي تي سوار ٿي، چنيسر دليءَ ڏي هلي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ساري حضرت شاهہ ڪي، تو گهوٽ چڙهي گهوڙي
تازي تيز وڏا ڪيا، تو ڪيهر ڪلها موڙي
سرخي تنهن سنجاف ڪي، ڇڏيئين ڇٽڪي ڪي ڇوڙي.

—

باغ ڏٺئين بر ۾، جيڪو سارو سڪل آ
تنهن ۾ لڪڻ لوهيڙل جو سائو بيٺو آ
ڪڏي ڪات ڪُٽت مان هنيو چنيسر راءُ
لڪڻ دخل نہ ٿيو، پڇي ڪات بيٺو ٿيو آ.

—

ڪات منهنجو وڄ سار جو، جوڙيو ڪنهن جونجهار
ڀڃڻ ڪي پرزا ڪري، لوهہ ٻہ ڏارو ڏار
ڪاوڙجي ڪارو ٿيو، آيو وڻ مٿي ٿهار
لڪڻ لوهيڙل جو، چيري ڪيائين ڏار
وڌي ٽڪي ڪيئين هٿ ۾، ٽيس ڏهن سيرن جو بار.

چنيسر گهوڙي تي چڙهي، گهوڙو ڪاهيندو اچي. ٻر ٻيابان جهنگل آهي، انهي جهنگ ۾ هڪڙو باغ لوهيڙي جو ڏٺئين. سڄو باغ سُڪل، هڪڙي سڪل وڻ ۾ ڇيچ جهڙو تلهڙ، اهو سائو بيٺو آهي. چنيسر دل ۾ ويچار ڪيو تہ هن ۾ ٻہ ڪو راز آهي. باغ ٻہ سڪل، وڻ ٻہ سڪل، لڪڻ سائو بيٺو آهي. ارادو ڪيائين تہ وڌي هٿ ۾ ڪريان جو انهي ۾ ڪا امانت آهي. چڙهئي گهوڙي ڪات ڪڍي، نڪاءُ لڪڻ کي ڪرايئين. ڪل ڪي ٻہ ٽُڪو نہ آيو. ڪات وري ٻيٺو تي پيو. چنبسر دل ۾ ويچار ڪيو تہ: بلي، هي منهنجو ڪات اهڙو آهي، جبل ۾ هڻان تہ ٻہ نہ مُڙي، لوهہ کي هڻان انهي مان چڙهي پوي، پلا لڪڻ تنهنجي مستي! توکي ڪات ٻہ نٿو ڪپي. اهو غصو آٽي، 'علي علي' ڪري، لڪڻ ۾ هٿ وجهي سَٽ ڏنئين تہ لڪڻ وڻ مان چيرجي نڪتو. پوءِ مُڇا ٽُڪا

ڏيئي وڏي هٿ ۾ ڪيائين. اهو ڇيچ جهڙو لڪڻ هٿ ۾ تڪيئين تہ ڏهہ سير بار نظر ۾ قدر آيس. خيال ڪيائين تہ ست هٿيار اڳي اٿم، اٺون هٿيار هي بہ انهن جهڙو آهي. اُها ڪامَ تلهڙ هٿ ۾ ڪٽي، گهوڙي کي ڪاهيائين. ڪاهيندو ڪاهيندو اچي، اڳيان رستا بہ ڏنئيين، جي پاڻ ۾ اچي گڏيا هئا. انهي گڏيل رستي جي چوُبندي تي بيهي ويچار ڪيئين تہ دليءَ تي رستو الائي ڪهڙو ويندو! چنيسر انهي چوُبنديءَ تي بيٺو هجي تہ سندس اڳيان سوَ گهوڙي ساڻ گڏ هجي عالادين بادشاه جو صوبو. جيڪو شڪار تي چڙهيل هجي. اُنهي سوَ گهوڙي جي جڏهن نظر پئي چنيسر تي، حشمت ڇڏي وين، ڊپ ۾ ويهي رهيا. اهڙو پهلوان هنن اڳ ۾ ڏٺو ئي ڪونہ هو. بيو تہ انهي ملڪ ۾ خوف هو آدمخور ۽ راڪاس جو. تڏهن پلجي پيا تہ آهي تہ راڪاس، نہ تہ آدمخور تہ آهي. مري وياسين. تپ نہ سُور، بنا تپ جي موت هلي اچي جهنگ ۾ ڪاڏوسُون. مارينده سپ پلا ڪو مَوادي بچي وجي تہ بيلي يار! اهو ڳوٺ دعائون ۽ سلام گهٽا چئي. سو انهي حقيقت جو شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ڪُـڙهو ڪَـنبيو ڪُـستان جـو، روئـي رت ڦُــڙا
راڪـس روڪـي آئـيو، مَـن بـَـندَيـن تئـي بچـاءُ!

جڏهن خوف ۾ بيهي رهيا، چنيسر هڪل ڏئي هنن کان پڇا ڪرڻ لڳو تہ: اوهين پليل آهيو ڪِـي رڳو آءُ پليل آهيان؟ هنن ورندي ڏني تہ: اسين پليل آهيون، جيڪي وٺئي سي اچي کاءُ! چنيسر چيو تہ: آءُ ڪو راڪاس آهيان، يا ڪو آدمخور آهيان؟ پڇئونس: پلا ڪير آهين، ڇو اسان جي گس تي بيٺو آهين؟ چنيسر چيو تہ: آءُ ماڻهو آهيان، دليءَ ڏي وڃڻ وارو آهيان. رستا ڏنا اٿم ٻہ. هڪڙو آهي وَهندل، بيو آهي ڦِٽل. دلي تہ الاجي ڪهڙو رستو ويندو؟ هنن چيو تہ: ٻئي دلي تي ويندا. چنيسر چيو تہ: سگهو ڪهڙو رستو پهچائيندو؟ تہ هنن ڳالهايو تہ هي جيڪو وَهي پيو وَهندل، انهي سان اٽئي ٽن ڏينهن جو پنڌ ۽ انهي ڦِٽل رستي سان اٽئي ڇئن پهرن جو پنڌ. چنيسر چيو تہ: جيڪو ڇئن پهرن ۾ پهچائي اُهو ڦِٽي ڇو ويو؟ هنن چيو: انهي رستي تي آدمخور ٿو وڙهي. اُنهي جي خوف کان ڪير اوڏهين وڃي ئي ڪونہ. ٽن ڏينهن جو پنڌ بہ هِن رستي تان ويندا آهن. اتي چنيسر چيو تہ: آءُ تـو وڃان انهي رستي. اسين ۽ آدمخور وَٽي ڪائينداسون پاڻ ۾. هُنن چيو تہ: آهين بہ تون ۽ ايڏانهين وڃ بہ تون.

چنيسر گهوڙو ڪاهيندو اچي. وڏي ڪنهن جهنگل ۾ آيو. جنهن ۾ آدمخور رهندو هو. آدمخور کي ڏپ آئي ماڻهوءَ جي، سو وڏو هڪڙو ڏندو هوس اڌ ٻير جو ڪاٺ، اهو لَڙهو رکي ڪلهي تي، اگهاڙو ئي اگهاڙو، رڙ ڪري چنيسر تي چوٽ ڪيائين. چنيسر ڏٺو تہ بلي، مڙس تو اچي پر مون ڪان، منهنجي گهوڙي ڪان، ٻہ - ٽي نَريون قد بلند اٿس. سو ڪجهہ ايمان لُڏي پيس. چڱا تا چون تہ "ايمان آهي مهمان، وقتي رهي وقتي نہ رهي". چنيسر لڳو گهوڙو ڀڄائڻ. سو آدمخور پنيان بيت ڪري، شاعر چئي ٻڌائي:

روز وس الله جـــي، ڏيـــوي خلقـــن کـــي خـــدا
منهنجو ست ڏينهن آڙاهہ ٻريو، خالي ٻري پئي باهہ
ماڻهو سندي ماس لئي، مَڙهِـي سـِڪي ويني ماءُ.

آدمخور ريهہ ڪري چنيسر کي چوڻ لڳو: ڪيڙي کي ڪَڻ ۽ هاٿي کي مڻ، سائين سويري روز پهچائيندو آهي. مونکي ست ڏينهن گذر تي ويا آهن تہ شڪار لڳو ڪونہ اٿم. انين ڏينهن تون مليو آهين، سو ڀہ ڀڳو تو وڃين! ماءُ اٿم مڙهي، سا سچو ڏينهن اوباسيون ويني ڏئي ۽ جهِرڪيون ويني جهٽي. چوي ٿي تہ ڪو ماڻهو ٻچڙو آڻ تہ ڳيهي چڏيان. نہ ڀڄ، بيهہ، ڪائنيدوسئين. اتي چنيسر کي بہ ايمان اچي ويو. ويچار ڪيئين تہ شينهن کان نہ ڀڳين، هاٿين ۽ راڪاس کان نہ ڀڳين، ماڻهو ڪري ٿئي آدمخور، ماڻهو کان ڀڳو تو وڃين! جذبو اچي ويس، يڪدم گهوڙو جهلي لهي پيو، گهوڙي کي ٻڌي، پنهنجي جانِ تان هٿيار لاهي، گهوڙي جي پِرٽي ۾ ٽنگڻ لڳو تہ آدمخور بہ مٿان اچي سٽڪو ڪيو. آدمخور هن کان پڇا ڪرڻ لڳو تہ:

ڪَچُون ڪنيون اٿئي ۽ ڪَچوٽيون، هي تو ڪهڙا پَهہ ڪنيا؟

چنيسر چيو تہ: اهي منهنجا هٿيار آهن، جو توکي هزار وِک کان بہ ٻهر وڙهن ها. توکي ذرا ذرا ڪري واٽ تي اُڇلائي ڇڏيان ها. پر هاڻي موليٰ جو آهي ميدان، هٿيار ڇڏي پاڪر جو جهيڙو ۽ زور آزمائينداسون. اها ڳالهہ ٻڌي آدمخور کي جيڪو ڏندو هوس ڪلهي تي، اُهو پاڻ بہ ڪٽي اڇلائيين. چنيسر پنهنجي جانِ تان زرهہ ڪانہ لاٿي هئي، ۽ جنگ جو هوئل بہ مٿي ۾ هوس. آدمخور کي چوڻ لڳو: ماڻهو ڪيئن تو مارين؟ آدمخور چيو تہ: سائين! مون سان ڪير ڳالهائي ڪونہ. پري کان ڏسان، هَڪل هوڪَر ڪريان، ۽ ٻيو هي

ڏندو اچلائي هٽان. لڳيس ڪونہ. باقي ڪجھہ هڪل هوڪَر، ڪجھہ انهي ڏنڊي جو گهوگهٽ ٻڌيو ڍهيو پوي. ڊوڙيو وجي ڪٽان تہ اڱئي مريو پوي، جو هانءَ ڦاٽيو پويس. چنيسر چيس تہ: گهڻا ڏينهن ماڻهو ماريا اٿئي، هاڻي هلي آءُ! چنيسر ٻئي هٿ پنهنجي مٿي تي رکي، آدمخور کي چيو تہ: مونکي ياڪر وجهي، پنهنجي جانِ سان گڏي ۽ زور ڏي. جي ماري وئين تہ ڪٽي وجي مَـڙهيءَ کي ڪارائج، ۽ حياتي هوندي ۽ بچيس تہ وارو وٺندوسئين. چنيسر کي آدمخور چيو: اٿين جي مونکي وارو ٿو ڏين اڳ ۾، مون ڪانہ پرائيندين ڪونہ. چنيسر چيو تہ: اسين سدائين وارو ويريءَ کي اڳ ۾ ڏيندا آهيون. پلي تہ هو پنهنجي مراد پوري ڪري وجي، متان بي مراد تي مري. تڏهن آدمخور ريھہ ڪري، چنيسر کي ياڪر وجهي اهڙو زور ڏنو جو چنيسر جي جانِ جو پڳهر وَهِـي موزن ۾ اچي پيو، جو جُتيءَ ڪان بہ ٻهر نڪري ويو ۽ چنيسر جي زرهہ آدمخور جي پاسراٽين مان چڙهي پئي. آدمخور چنيسر کي چيو: جهڙا ٻيا قرب ڪيا اٿئي، اها صدري بہ لاهي ڇڏ. چنيسر چيو تہ: جيترو نہ تو زور ڏنو آهي، ايترو زور آءٌ بہ ڏيان، پوءِ اها صدري بہ لاهي ڏيندس. آدمخور چيو تہ: يار! اها تہ آءٌ اڱئي ڳالھہ ڪريان پيو تہ پهرين تون وارو وٺ. آدمخور پنهنجي مٿي تي هٿ رکيا، سو چنيسر آدمخور سان زور آزمائي، شاعر بيت ڪري:

ساري حضرت شاه کي، ديو وڏا دَستا
پَـڏريُـون⁽¹⁾ پورا ڪيئينس، ڪرنگي ڪيس نڪاءُ
آدمخور ڪڙڪيو، ڪَـڙڪي ڪيئين ڳالهاءُ
ڊوها! ماريئي ڊوهہ سان، ڏنئي ڪونہ سماءُ
جان آهين دودو سومرو، جان سندو دودي پاءُ.

چنيسر موليٰ کي سنياري، ڇاتي سان گڏي، ياڪر وجهي وٺي جو زور ڏنيس تہ پڏسراٽيون پاسراٽين منجهان چڙهي پيون، ڪرنگهو ٿي ٺُـڪر. اِتي آدمخور رڙ ڪري چوڻ لڳو تہ: يا دودو سومرو آهين، يا دودي جو پاءُ آهين. اِئين مونکي پيو ڪير سُجهي ڪونہ ٿو. جي سويري اها ڳالھہ ٻڌائي ها تہ آءٌ سومرو آهيان تہ آءٌ هي ملڪ ڇڏي وڃان ها. ڊوهہ ڪري ماريو اٿئي. چنيسر چيو تہ: توبہ

---

(1) پڏريون = پاسراٽيون.

گهڻا ڏينهن ماڻهو ماريا آهن. جيڏيءَ مهل ياڪر مان ڪديئينس، جيئن ڪانگڙ ڪانو پڇي پوي، ائين اُلٽام ٿي وڃي ڊهي پيو.

آدمخور کي ماري، گهوڙي تي سوار ٿي، چنيسر دليءَ تي ڪاهيندو آيو تہ گس ۾ ڏسي تہ اُٺ جو وڳ پيو چري. اُهو وڳ عالادين بادشاهہ جو هو، جت جو نالو هو ”ڳاڙهو“. انهي ڳاڙهو جت ڏنو تہ رستي سان گهوڙي سوار ٿو اچي. وڳ ۾ سانَهہ آهي ڏنگو، جي اُٺ جي مُنهن پيو تہ مارجي ويندو. اُهو جت چار تي مٽي چڙهي، چنيسر کي بيت ڪرڻ لڳو:

اُنيـــون عـــالادين جـــون، ويڙهيـــن وڳ چـــري
جـَــت بيـنو آهـي ويڙهہ تـي، بيـنـو اُيـا سـڏ ڪـري
پيچ تـہ ڪـا پيـٽـي لهيـن، نـہ تـہ گـهـوڙي ءسوار مـري.

جَت، چار تي مٽي چڙهي، چنيسر کي چوڻ لڳو تہ: توکي گهوڙي جو زور آهي يا جوانيءَ جو زور آهي؟ وڳ ۾ اُٺ آهي مست، اُٺ جي مُنهن پِئين تہ چڻ ماءُ نہ ڄائو هئين. چنيسر چوڻ لڳو: رڳو اُٺ ماريندو يا اُٺ جي بہ مـارڻ جو حڪـم آهي؟ جَت چوڻ لڳو: يار! جي اُٺ ماري وجهين تـہ عـالم آسودا تـي ڪيـر پيـن، اهڙو زور آهي جو جتن کي ڏاچي بہ ڏهڻ ڪانہ تـو ڏئـي. تـہ چنيسر چوڻ لڳس: پوءِ پل هليو اچي. ايتري ۾ اُٺ کي بہ ماڻهو جي ڏپ آئي. سو اُٺ چنيسر تـي چوٽ ڪري، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

مـــَــيو مســـــتانو تـــي، آيـــو ڏُوڏُو ڏڏڪـــاري
لڪـــڻ لوهيـــڙل جـــو تـــو اَرڏو اُڇلائــــي
لنگهي تـُـوهي پـار پيـو، وجـي ڏرتـي ڪيئـن گهـاءُ
اڳُ ڪريـــس اڳتـــي، پوئتـــي پولهـــہ پـــري.

اُٺ چنيسر تـي چوٽ ڪئي. چنيسر جي هٿ ۾ اهـو لڪـڻ هـو، اُٺ جـي سامهين سِير ڪرڻ تي چنيسر گهـوڙي کي پاسي سـان مـوڙي ’علي علي‘ ڪري، اُٺ کي تُـوهي برابر لڪڻ قـَـتو ڪيئينس. اُٺ مان ائين لڪڻ وهـي ويو، جيئن ڏاڳي مان ترار وهي وجي. اڳيون اڌ اڳتي، پويون پوئتي. ڳاڙهو جَـت پنهنجو پاڻ کي چار ۾ قـَٽو ڪيو. سمجهئين تہ جهڙي بلا آهي، پلي تـہ ٿري وجي ۽ چيئين تـہ: پلا لـَڪـُڻ، تنهنجا وَهڻ! چا اُٺ، چا لڪڻ! پر اها لڪڻ ۾ حڪمت ۽ برڪت هئي.

چنيسر گهوڙو ڪاهيو دليءَ تي. ڪاهيندو آيو پري ڪان دليءَ جا ڪوٽ دروازا ڏسي، شاعر بيت ڪري:

ڪوٽ ڏنا هئين ڪنگرا، ڏٺئين دلي دروازا
بار بينا هٿا راند تي، جن کي چڏي جو چاه
بانهن ونيو هڪڙي جي، تو پاڻ پڇي پتشاه
چوکر، ڏي سماءُ، پاڙي روئڻ کهڙو؟

چنيسر گهوڙو ڪاهي آيو دليءَ جي دروازي تي. ڪوٽ جي ٻهران ڏسي تہ چوڪرا ٻيا راند ڪن. ڪوٽ جي اندر روئڻ جو آواز ٻڌائين. انهن چوڪرن مان هڪڙو وڏو چوڪرو ڏسي، چنيسر اُنهي چوڪري ڪان پڇا ڪرڻ لڳو تہ اهو کهڙو روئڻ آهي؟ سو چوڪرو حقيقت چنيسر کي ٻڌائي، شاعر بيت ڪري:

لڳو راڪس دلي شهر کي، جنهن ڪاڏو لک سوا
اڄ وارو انهي گهر جو، تي پُٽ لاءِ روئي ماءُ.

چنيسر اها حقيقت ٻڌي، جو چوڪري چيو تہ: سائين! دلي شهر کي راڪاس لڳل آهي. عالادين بادشاهہ گهر گهر تي ماڻهو رکيو آهي. اڄ انهي گهر جو وارو آهي. اُها آهي رن زال، پُٽ اتس هڪڙو، ٻيو وصي وارث اتس ئي ڪونہ. اها رنڙي تي ريهون ڪري. چنيسر دل ۾ خيال ڪيو تہ هڪ تہ جيئري جاني جدا ڪري آيو آهيان، هتي جنهن وٹ دانهين انهي جي شهر کي راڪاس لڳو پيو آهي، جو راڪاس سان پوري ڪونہ ٿو پوي، هُن جو چندو پري وينو گهر گهر تي ماڻهو. ٻيو تہ رن زال جي پوڪارن بہ مونکي ساڙي وڌو آهي، هاڻي ڏي رب جي نام تي اِتي سر. جي راڪاس ماري وڌم تہ وهواهہ ٿيندي، پلا جي مري پيس تہ پويان ڏک نہ ڏسندا. اِها روح ۾ ڳالهہ آڻي، ءِ مائيءَ جي گهر جي اڳيان بيهي، چنيسر بيت ڪرڻ لڳو:

جيجل نام الله جي، پاڻي ڍڪ پيار
اَبا! تَن کي پاڻي پيريا، جني سان اهڙا وقت لڳا
جهجها کوهہ دليءَ جي شهر ۾، ٻيا جهجها اوتارا
ٻيون اوطاقون اُمرائن جون، جتي مليئي داڻو گاهہ.

چنيسر جڏهن مائي کان پاڻي جي گهر ڪئي، مائي چوڻ لڳي: ابا، پاڻي آهي، پر مونکي پنهنجي لڳل آهي. تون امير ٿو ڏسجين. تون اهڙي ڪنهن اُمراءُ وٹ

لهه، جتي تنهنجي سر انجامي ٿئي. سو چنيسر وري بيت ڪري:

مونکــي جيجـل نـــام الله جـــي، پـــاٿي ڏي پـــاءُ
تيـان صدقـو تنهنجـي پـُـت جـو، چــاٿي هــڪ الله
تنهنجي منهنجي ڳالهه جو، وچان حامي حضرت شاه.

چنيسر چوڻ لڳو: مائي! هڪڙو پاءُ پاٿيءَ جو پيار، تنهنجي پٽ جي مٿان، هي سِر قربان ڪري، راڪاس جو مهمان ٿيندس. جي نہ پڪ ٿيئي تہ تنهنجي منهنجي وچ ۾ وڏو پِير ضامن. اها ڳالهه ٻڌي مائي پڙڪو ڪائي اتي، چنيسر کي ڪيڪاري، شاعر بيت ڪري:

عـــورت اُتيـــو، ڪـــوڏ مـــان، ڪليـــو ڪينڪـــاري
پابـَـند پانجـُـوڙيون پـايو، نـَـيري وجهـي گـاه
مـَـنجو ڏنئيـن ملـوڪ کـي، خاشـو هنـڌ وچـاءِ.

مائي پڙڪو ڪائي اُتي، چنيسر کي پليڪار ڪيائين. ڪٽ تي سيج بند وهاڻا وڇائي ڏنئينس، چنيسر جي گهوڙي کي گاه ڏنئين، پڇيائينس تہ: ادا، ڪٿي جو آهين؟ چنيسر چيو تہ: مائي! سنڌ ملڪ وڳهہ ڪوٽ جو وينل آهيان. مائي ٻڌي ويچار ڪيو تہ پرديسي مهمان آهي، سچائي ڏيکاري اٿس. مهماني ڪا سني ڪارايانسِ. پنهنجو پئسو ڪونہ هئس، مائي پنهنجي ڳچيءَ مان هـَسَ جو زيور لاهي عالادين بادشاه جو مودي هو، اُنهيءَ ڪان سيڌي جي گهر ڪري، شاعر بيت ڪري:

ســـــوُڪو آهـــــي هـــــت ۾، اوُڪـــــو اُڌارو
لاٿئيـن ڳهڻـو ڳچيءَ مـان، هلـي عـورت مـودي ڏانهـن
مـودي! ميـدو مـون ڏجـان، آهـي مـون گهـر امراهـ
خاشـا ڪـري خومچـا، بيـا پـڻ ٻـوڙ پلاهـ.

مائي مودي کي چوڻ لڳي تہ: جهڙو سيڌو عالادين بادشاه کي ناهي ڏيندو آهين، اهڙو مون کي بہ ڏي. پئسو ڪونہ اٿم، عيوض هـَس ڏيان ٿي. مودي سيڌو سامان ڏنو جيڪو عالادين بادشاهہ کي ڏيندو هو. مائي مانيون، ٻوڙ ۽ پلاه ست رڇيون تيار ڪري، چنيسر کي کارائي خوش ڪيو، ماني کائي چنيسر ڪٽ تي سمهي رهيو، منهن تي لنگيءَ جو پاند ورائي ڇڏيائين. انهي وقت مائي جو پٽ گهر ۾ نہ هو. پنهنجي هڪ جيترن، سنگت ۽ يارن کان موڪلائڻ ويو هو

تہ: ادا، يارو! اسان جي الله واهي. سانجهي وينداسون ويريءَ جي وات ۾، اسان جو سؤ ورهن جو پورو ٿي ويو. ڪجهہ وقت پاڻ ۾ ڪلي ڳالهايوسون. ڪو رنج ۽ ڏک هجي تہ معاف ڪجو! پنهنجي سنگت کي موڪلائي گهر آيو. اڇي ڏسي تہ ٻلي! گهوڙو ٻڌو پيو آهي، مڙس پهلوان آهي جو کٽ تي ستو پيو آهي، منهنجي ماءُ بہ خوش لڳي ويٺي آهي. ماءُ کان پڇڻ لڳو تہ: ڪير ماڻهو پنهنجي گهر مهمان آهي؟ مائي چوڻ لڳي تہ: ابا! تنهنجو ڀاءُ آهي. ڇوڪري چيو تہ: مون اڳي ڪونہ ڏٺو. مائي چوڻ لڳي تہ: ڦهريون پٽ اهو ڄايم، ننڍائي وڏو ڪيم، جڏهن جوان ٿيو تہ ڪاوڙجي ويو هو سنڌ ولايت، تنهن کان پوءِ آخرين پڇاڙي ۾ تون ڄائين، هاڻي مس وڏو ٿيو آهين. اِتي هيءُ رهندو ٿي ڪونہ هو جو تون ڏسين ها. اڄ قدرت سان اوچتو اچي ويو. مون پئي ريهون ڪيون تہ مون کي ڇيئين، امان، تون نہ روءُ. اِهو معصوم نپايو اٿئي، اهو تو وٽ پلي وينو هجي، مون دنيا ۾ گهڻئي ڪجهہ سير ڪيو آهي، سانجهي آءُ ويندس انهي آفت جي منهن ۾، سو ڀاءُ آهي تنهنجو. ڇوڪري دل ۾ ويچار ڪيو تہ اهڙو جاني ڀاءُ، جيڪو منهنجي ياران سر تو ڏئي، تنهن کي ڇو نہ اُتاري آءُ ملان ۽ ملاقات ڪريان. مائي چوڻ لڳي تہ: ماٺ ڪر، هو موڳو آهي ڪنهن ملڪ جو، ماني تي اچي سر ڏنو اٿس، پرائي پٽ کي اُتارين، هليو وڃي تہ! اهي خبرون چنيسر ٻڌيون پئي. دل ۾ ويچار ڪيائين تہ منهنجي ڀلائي چُنئي، جو هن جي ياران سر تو ڏيان، پر سمجهن ٿا تہ موڳو آهي. غصو ڏاڍو ٿيس، پر ماٺ ڪيو، شوريو ستو پيو هو. ايتري ۾ عالادين جا نوڪر اچي مائيءَ کان ڇوڪري جي ٻانهن گهرڻ لڳا. جڏهن ڇوڪري جي گهر تي مائيءَ، تڏهن چنيسر کي ڪوڏائي جو بيت چوڻ لڳي:

اُتي سورهيہ سنڌ جا، آيئي عالادين اُمراهہ
پارج سي پُٽ پنهنجا، جيڪي ڪيا تئي قول قرار.

مائي چنيسر کي چوڻ لڳي تہ: سورهيہ غازي! اُتي، بادشاهي حڪم ٿيو آهي، جيڪي قول ڪيا اٿئي انهن کي پاڻي ڏي. اهو بيت ٻڌي چنيسر لڳو گهُراڙا هڻڻ، مائي ڏسي تہ ماني برباد. ڪُوڙو ٿو ڏسجي، سا مائي بيت ڪري، چنيسر کي طعنو هڻڻ لڳي:

ڪُـــوڙا ڪُـــوڙي ڏيهہ جـا، تـو ڪُـوڙا قـول ڪيـا
ســـــنڌ لجـــــائيي ســــومرا، دانـــــَــــهہ دودو راءِ
ڏکـا تـو گـُـهرڙا هٽيـن، جـڏهن ڪـاڏئي ڀـوڙ ڀـلاءِ.

مائي هڪل ڪري چوڻ لڳي تہ: وڏو بي ايمان تو ڏسجين، ڪاڏي جي آفات. سويري ڀاٽي جي ڊڪ لاءِ هو گيسيءَ جو نڪاءُ، هينئر مانيون ڪائي مَــهوڙ تـي ستو آهين. جڏهن ڪم پيو اٿئي، تڏهن گهُراڙي، جا گهوگهٽ. اُتي ڪڙو تي! چنيسر اڳئي طعنن جو تايل هو جو ڳوڻان بہ طعنا ڪائي نڪتو هو، تنهن کي باهہ وني وئي، سو پڙڪو ڪائي اُٿيو. شاعر بيت ڪري:

ڪـــاوڙجي ڪـــارو تيـــو، چڙيـــو چنيســـر راءِ
بگڙيـــو ڊيـــو وڳهـــ جـــو، جهليـــو اڇـــي نـــ جـــاءِ
ڪـٽ ڏڪ جهليـو ڪينڪـي، تـي چـُـوڙن ڪـان جـدا.

چنيسر خار مان پڙڪو ڪائي اُٿيو، آنگـِيرڙي ڀڳيئن، ۽ جان کي ڏوٽيئين تہ ڪٽ جون چارئي چوڙون چٽ. جيڪي عالادين جا نوڪر در تي بيٺا هٺا، انهن ڪيو پچڻ تي پر. ڏي عالادين بادشاه وٽ. ساه نہ ساهہ تي ماپين، ڳالهائي نہ پيا سگهن، عالادين پڇا ڪئي تہ ڇا آهي- اوهان سان ڪهڙو ويڌن آهي؟ چوڪرو ونڻ ويئو، وري يڪدم نلها موتي آيئو؟ نوڪرن چيو : سائين! ڏسو هن رن جا ڪم، راڪاس کي دعوت ڏيئي، پاڻ وٽ تڪايو اٿس. ڪٽ تي هنڌ، جهڙو مهمان. هُن سان صلاح ڪئي اٿس تہ منهنجي پٽ جي پارت اٿئي. عالادين جا نوڪر ايندا، آءُ پاٺهي توکي بڌائيندس، مڙئي آهن متارا، جيڪي ڪپنئي سي ڪائجان. اسان وياسون تہ هو ستو پيو هو. اسان وجي چوڪري جي گهُر ڪئي، مائي اُٿارڻ لڳيس، پر اُتي نہ پيو، ستو پيو هجي، نيٺ چوڪي چوڪي اٿاري وڌئينس تہ آيا اٿئي، جيڪي ڪپنئي سي ڪاءُ. هو پڙڪو ڪائي اُٿيو تہ ڪٽ جون چارئي چـُوڙون چٽ، اسان ڪيو پچڻ تي پر، هڪبئي کي چيوسون تہ: پچو، متان ڪو پيو مري! پوءِ جڏهن اسين پڇي وياسون، پوئتي ڏنوسون تہ دوڏا ڦاڙي پئي اسان ڏانهن ڏنئين. سو اُنهي راڪاس جي خوف ڪان پڳا آهيون. رَن صلاحـُو آهي راڪاس سان، سڄو شهر انهي هڪڙي رن ناس ڪرايو آهي. عالادين دل ۾ ويچار ڪيو تہ جيڪو ماٺهو جو ويري، سو ماٺهو وٽ ڪيئن ويهندو! هُنن ڪان پڇا ڪيئين تہ گهٽا چٽا ويا هئئو؟ هِنن ڳالهايو تہ: سائين!

وڏائينس. سو پهلوان جو مقابلو ٿئي، شاعر چئي ٻڌائي:

آڏي جو آگر ٿيو، آيو راڪس راڙهه ڪري
سپر اُچلي سومري، ويس جنهن ور جهاڳوري
تري سان تالان ڪري، وڏئين راڪس هٿائي
ڪني سان ڪائي وڏئين، وڏو پالو پڙڪائي
پوءِ پڳئين پوري جو، وڏئين ڪڪو ڪڙڪائي
ڪنبيو جنهن ڪان ڪُستان تي، وڏئين لکي ليٽائي.

چنيسر سومري جڏهن راڪاس کي تريون هٽي هٽايو، ڏک جي مار ۾ ٿي پيس. نڪا ڪرايئينس ترار. راڪاس مان ائين وَهي وئي جهڙي ڏاڳي مان وهي وڃي. ٻه تڪ ٿي، وٺجي اچي ٿُنتو. پالو هٿس هٿ ۾، ڦِڦڙن ۾ هٽي، ماري فتح ڪيئين. راڪاس جا ڪن ۽ پڇ وڍي، کٽي گهوڙي جي توبري ۾ وڏئين. شمار ڪيئين تہ رات اجان آهي، ڪن ماڻهن ۾ وڃي آرام ڪريان. گهوڙي کي ڪاهي، ڪوٽ جي ٻانهين جو پاسو ونيو پيو اچي تہ هڪڙو دروازو ڏسڻ ۾ آيس. نالو پڙهي ڏٺائين تہ نظر بيگ جو دروازو آهي. هي طالبو بہ نظر بيگ جو هو. دل ۾ ويچار ڪيئين تہ "طلبئون تہ ملئون". جنهن جي گهرج هئي، انهي وٽ پهچي ويس. انهي دوازي تي هٿ هٽي چوڻ لڳو تہ: در لاهيو، اندر اچان. هن دروازي تي هٿ هَري هنيو، پر هي پهلوان هو، ساري ڳَڙهي وڃي وئي. نظر بيگ اهو دروازو سوا لک رپيا خرچ ڪري راڪاس جي خوف کان نهرايو هو. تنهن کان پوءِ اندرئين پاسي پنجاه پهلوان چوڻڪي تي بيهاريا هئائين. تنهن کان پوءِ وري پنج ٽاپرُو هوندا هئس زورن وارا، جي سڄي رات زور ڏيندا هئس، تڏهن آرام ڪندو هو. ٻهران هٿ لڳو دروازي تي تہ اندران جيڪي پهلوان بيهاريا هئائين اُنهن مان هڪڙو هڪڙو ڇٽو ڇيلو وقت تي ڪائيندو هو. سوا سوا نَري پير، وس لڳندي مينگهواڙ جُتي بہ نہ ناهي، پر سيئي وني پڳا، ڏي نظر بيگ وٽ. نظر بيگ چيو تہ: خير آهي؟ اڄ پڄي آيا آهيو! هنن چيو تہ: سائين! راڪاس در تي بيٺو آهي. چوي ٿو تہ: چوڪر هو ڪَڇو، منهنجي پورت تي ڪانہ. در لاهيو تہ نظر بيگ کي ڏسان. نظر بيگ چين تہ: پويان مارُو ماڻهو وينا آهن، پکاوان گهر، ڪِرڙن جا لوڙها، ماڻهو ڪٽڻ کي سولا، اوڏهين ڏس ڏيوس. سو در تي اچي، ۽ بيت ڪرڻ لڳا تہ:

لڪو. ساھ سڪي ويس. هڪڙي ڪوٺي جو دروازو بند ڪري نـ سگهيو. چنيسر اندر آيو. ڏٺئين اچي تـ الاهي هٿا. ڪيڏانهن ويا! هنن بتيون وسائي ڇڏيون هيون. چنيسر ساڻ چقمق هئو. بتيون باريئين. روشنائي ڪري اچي پلنگ تي وينو. چوڏاري نظر ڦيراياڻين تـ نظر بيگ تي اک پيس ۽ نظر بيگ بـ ڏٺو چنيسر ڪي. دل ۾ ويچار ڪيائين تـ طالبو بـ تنهنجو وري ڏٺئين بـ توڪي: سو پنهنجي بچاءُ لئي دانهن ڪري. شاعر بيت ڪري. فقير چئي بڌائي:

پنـــج مـــُـــنهين ٿـــاپرو، چوُنڪـــي ڇڻـــن پنجاهـــ
هڪـــڙا لڪـــا گلمـــن ۾، ٻيـــا گهـــوڙي اولڙ ڏانــــ
سي ڪنگهن ڪرڪن ڪينڪي،.نڪي گهرو ڪڻن تا ساهـ
نـــالي نـــام الله جـــي، مـــون بنـــدي جـــو ڪـــج بچـــاءُ.

نظر بيگ چوڻ لڳو تـ: پنجاهہ چوڪيدار آهي، پنج ٿاپرو اٿم. مڙئي متارا آهن. ٻيرو هڪڙو بـ ڪونهي، هڪڙا اٿئي گلم هيٺ، ٻيا وري گهوڙي جي اولڙ ۾ لڪا پيا اٿئي. ڳولهيندين تـ لڀي پوندئي. الله جو اٿئي اسم، ماءُ پيءُ جو هڪڙو آهيان، منهنجي پارت اٿئي. چنيسر چيس تـ: متان هيٺو ٿيو آهين! متان هنيون ڦاٽي پوئي. آءٌ ماڻهو آهيان. نظر بيگ پڇيس تـ: ڀلا ڪير آهين؟ هـن چيو تـ: آءٌ چنيسر سومرو آهيان، وڳهہ جو وينل. اتي نظر بيگ چيو تـ: مون کي ڪيئن پڪ تئي؟ چنيسر چيس تـ: توکي ڪيئن پڪ ٿيندي؟ نظر بيگ چيو تـ: سومرن جي ڀڳ تي ميناڪاري مولهہ رهندي آهي. اُهو نيشان ڏيکار. چنيسر بتيءَ تي منهن ڪيو. تڏهن مولهيي تي نظر هـن جي پئي، تڏهن پڪ ٿيس. ڊوڙي اچي مليو. پڇئينس تـ: انهيءَ آفت کان ڪيئن بچي آئين؟ چنيسر چيس تـ: سياڻي دليءَ شهر جا ڪتا ماس کائيندس. گهوڙي جو توبرو چندي راڪاس جا ڪن ۽ ٻيچ ڏيکاريائينس. نظر بيگ ڏاڍو خوش ٿيو. چوڻ لڳو تـ: الله آندو اٿئي، جو اسان جي ملڪ تان عذاب اچي لاٿو اٿئي. اها ڳالهہ ڪري، پنهنجي نوڪرن کي سڏ ڪرڻ لڳو تـ: پڇي اچو. الله راضي ٿيو آهي، چنيسر سومرو آيو، جنهن ملڪ تان عذاب اچي لاٿو. نوڪر چوڻ لڳا تـ: اسان سان ڳالهاءِ نـ متان لپي نـ پئون. سوير ڪيون صلاحون ياد بيٺيون آهن. چنيسر ۽ نظر بيگ پاڻ ۾ ڪچهريون ڪيون، هـنن راهہ گناهہ اُتي لـڏ لاهي ڪٿي دڙا ڪيا.

اِها ڳالهہ اِتي رهي. هوڏانهن عالادين بادشاہ جو سوا لک گاهِي گاهہ تي

ويندو هو، جيڪي گهوڙن جو راشن آڻيندا هئا. فجر جو گاهہ تي تيار ٿيا. دربان کي اچي چيئون تہ: در لاهہ. سو دربان اُٿي ڏسي در جي سوراخن مان تہ راڪاس تي نظر پيس. گاهين کي چيائين تہ اوهان جو بابو در تي سنو پيو آهي، در ڪونہ لاهيندس. انهن گاهين ۾ بہ ڇٽا هئا. هڪڙي جو نالو هو "حسڻ" ٻئي جو نالو هو "پـَـنگريو". پنگريي دل ۾ ويچار ڪيو تہ راڪاس بادشاهيون گهٽيون ٿو گهمي، متان ٻئي هنڌان ڪنهن پهلوان کان گهائجي هتي اچي مئو آهي؛ مرندي ۽ ماريندي ڪنهن ڏنو ڪونهي. متان اها سوڀ الله اسان کي ٿو ڏياري! سو دروازي تي مٿي چڙهي ڏسي تہ ڪتا پيا پٽينس. مئو پيو آهي. هڪل ڪري پنهنجي سنگت کي پنگريي چيو تہ: منهنجو رت قـُـتو ۽ بغلن ٻـُـونءِ ڪئي، يا راڪاس هوندو يا آءٌ هوندس. پڙڪو ڪائي هيٺ لٿو. دربان کان زوري ڪنجون ڪسي، راڪاس مئل سان مقابلو ڪري، شاعر بيت ڪري، فقير ڇئي ٻڌائي:

لاهيو لاڏ لـَـڪيءَ جو، اسين ڪري اچون گاهہ
دانهون دروانن جون، پاڻ ٻڌيون پتشاهہ
ماريل انهي راڪس متان، ڪيا پنگريي پـَـواڙا [1]
هڪڙا تڙڳن پيا تلاوَ ۾، بيا ڏين رَنبين جا چـُـتڪا
ڏيو مبارڪ بادشاه کي، راڪس ماريو گاهينِ آهہ.

پنگريي، دربان کان زوري ڪنجون ڪسي، دروازو لاٿو. گاهي ريهون ڪري، نعرا هڻي، مئل راڪاس تي چڙهي ويا. هڪڙا رنبا راڪاس کي هنيئون، بيا وري پاڻهي پنهنجي جانَ تي ٺـُـڪا ۽ گهاوَ ناهيائون. 'جهيڙي جا ۽ ڏک جا شاهد آهن ڦٽ'. سو راڪاس جي رت مان پنهنجا لـَـتا ۽ جانِ لال ڪري، نعرو هڻي، سوا لک تي آيو عالادين بادشاه وٽ. مبارڪ اچي ڏنئون تہ هو راڪاس مئو پيو اتئي ميدان ۾! عالادين بادشاه اُٿي گاهين جو سلام ورتو. ست دفعا آفرين نامو ڏنائين. تنهن کان پوءِ ارڙهن خچرون خزاني جون بخشيش ڏنائين. انهيءَ ڏينهن کان وني پڳهار چالو ڪيئينِ. سوا لک گاهي، صوبا ۽ سردار بنايائين. اڳيان نوڪر، صوبا ۽ وزير انهن جا سلام ۽ پڳهار بند ڪيائين. جهيڙي نبيري ۽ رياءَ. جيئن گاهي ڪن تيئن وس وارا. انهن سوا لک گاهي جو سپہ سالار "حسڻ" گاهي کي ڪيائين. تنهن کان بيو نمبر پنگريو. ارڙهن ڏينهن

[1] پـَـواڙا = هلڻ، ڦيرا.

ارڙهن راتيون اها بادشاهه موج ماڻي اٿن. حسڻ گاهيءَ کي هاٿي جي سواري مليل هئي، جنهن تي چڙهي روز شڪار ڪندو هو. پنگريي پنهنجي سنگت سان صلاح ڪئي تہ: اڄ پاڻ تي عالادين بادشاه جو راز آهي، جيئن چونداسونس تيئن ڪندو. موڪل ونونس تہ دليءَ جو شهر، واڻيا وينا آهن، اُهي ڦُريون. حسڻ چيو تہ: الله جي خوف کان ڊڄو. "آهہ غريبا، قهر خدائي". متان وري رَنبي جي مُنهن ۾ اچي وڃون. مَس پيٽ پري ماني ڪاڏي اٿئون. پنگريي چيس تہ: تون سست آهين. اهو وقت سنپال، گاهہ تي هلندا هئاسون، دليءَ جي واڻين کي چوندا هئاسون تہ آني ٽڪي جو تماڪ ڏيو، تہ واڻيا چوندا هئا: سُجا! ڏيندؤ ڪٿان؟ چوندا هئاسون تہ: پگهارون ملنديون تہ ڏينداسون. چوندا هئا تہ: پگهار مليوَ تہ پوءِ وني وڃجو. چاتيءَ واريون تريون هٽي تلهي کان هيٺ لاهي ڇڏيندا هئا. اُهي چاتيون اجان پيون سُور ڪن. هاڻي سنيالي ڪسرون ڪڍنداسون. اها صلاح ڪري عالادين بادشاه کان موڪل ورتئون تہ: اسان نئون انصاف ڪيو آهي تو سان انگل ڪوبہ ڪونہ ڪيو اٿئون. مهرباني ڪري چار پهر اسان کي موڪل ملي، دليءَ جا واڻيا ڦُريندا سون. بادشاه ڪڏهن اياڻا. ڪڏهن سياڻا. گاهين جي راءِ وني، موڪل ڏنئين، چار پهر ڏينهن جا. سج اُبري سنئون تيو، سوا لک گاهي پنهنجو جوڙ ناهي دليءَ جي بازار جا بهريان رستا وني اچي دليءَ جي شهر ۾ پيا. گهَٽ ۾ ناڪابند ڪري اچي ڦُر شروع ڪيائون. فجر جو ناٽو هو، واڻيا ويچارا اُتيا آهن، پنهنجي هٽن جا آسڻ، انهن کي ڦَريا ڦوڪارا ڏيئي چندو پيا هٽن، پُوچا پيا ڪن. صبوح سان لاڪي جي مهل آسڻ پيا پُوجين تہ گاهي بہ ڏي متان. اندريان اندر ۾ بهريان بَهر. واڻيي کي چوٽيءَ ۾ هٿ، تڪ تئي تڦڙ. "هـُـئا" [1]، ڏي تلهي کان هيٺ. هڪڙي هٿ ۾ ٽوپي، ٻئي ۾ ڏوتي، چوٽي لُور لُور ڪندي وڃي. ڏاڪٽي طرف وارا اُتر طرف پڳا تہ ايڏانهين پڄي وڃون. چوسول ۾ اچن تہ اُتر وارا اڳئي هيڏانهن پڳا اچن. سيئي ورائي چوسول ۾ گڏ ڪيائون. موجـڙ ڪاري شروع ڪيئون. ڏَس ۾ ڪَسَ جي حقيقت پيدا تئي. گاهي پاڻ ۾ بہ طريقا هئا: اڌ تي صوفي، اَڌ تي موالي. صوفين ڦُر ڪئي پَٽ، ريشم، سون، ڪنجهو ۾ ڪپڙا پيا ڪٽن، موالين بہ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري ڦُر ڪئي: چـَرس جون چڪيون، تماڪ جون پنديون، ڀنگ جون

[1] هـُـئا = گهوڙا (= دانهن، رڙ جو آواز)

ٻوريون، سچليون ڪوڏيون ۽ ڪَچ ڪوڏيون هٿ ڪيائون تہ نشي جي بهاري ۾ ”اِڪي ۽ ٻَـڏي“ جي راند ڪنداسون. واڻين سان اهو ناحق مچائي ڏنئون.

ماڏن ملڪ، وزير عالادين بادشاه جو، نظر بيگ جو مامو، دلـي جي شهر ۾ وڪر ونڻ آيو. چڱن چيو آهي تہ ”اصل ۽ نقل جو تفاوت آهي“. ماڏن ملڪ وزير ڪي اصل سمجهي واڻيا دانهن ڏيڻ لڳا. سو شاعر چئي ٻڌائي:

مَــهتا مَــهرَڻ ڪُــتيا ڪتيـا ڪانــهيـُــونگا
يا ڪريون مُنهن مَـڪي ڏي، يا جتيءِ دودو چنيسر را ءِ.

ماڏن ملڪ وزير ڪي واڻين دانهن ڏني تہ: اسان سان ظلم آهي، راجا ٿيو راڪاس، رعيت ويچاري ڇا ڪندي؟ تون ڳاهين ڪي سمجهاءِ. اسان ڪي راه گناه تا مارين ۽ ڦرين. اها ڳالهہ ٻڌي، ماڏن ملڪ وزير، ڳاهين ڪي هڪل ڏني تہ: ڇو ٿا مسـڪين ماريو؟ ڳاهين جواب ڪيو تہ: هٺي وڃ، توڪي سجاڻون نٿا. تنهن تي ڪجهہ ماڏن وزير چيو، ڳاهي پاڻ ۾ جهجها هئا. ڌڪا ڌوما ڏئي ماڏن ملڪ وزير جي پڳ ڊاهي وڌئون. سو پڳ پنهنجي ڪَـڇ ۾ ڪٽي سڌو پنهنجي ڀاڻيجي نظر بيگ وزير وٽ آيو. اڇي چيائينس تہ: تو وٽ سورهن لک فوج آهي. ست لک فوج مون وٽ آهي. وٺ تہ عالادين بادشاه کان پڳ ڪسي تون ٻَـڌ. يا مونکي ڏي. بادشاه جو مخول خراب ٿي ويو آهي. ماڏن ملڪ وزير جي اها ڳالهہ ٻڌي، نظر بيگ وزير ورندي ڏئي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

نـيمڪ کاڌو بادشاه جو، جنهن مان جـُـڙي هڏ ٿيـا
تَـــڪر تَــرندو ڪينڪـي، نڪـي مَــتا ڀڃائبــا
ڪندس ڪنهن تجويز سـان، اڳيـان عـالادين ڳالهـاءِ.

نظر بيگ چيو تہ: ماما! عالادين بادشاه جبـل آهي. جبـل ڪي مٿو هڻبو، سـر ڀڃي پوندو، جبل ڪي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. تنهن ڪندي بہ بادشاه جو پاڻ نيمڪ کائيندا آهيون، انهي جو حيـاءُ ڪبو. تـون مـاٺ ڪـر، آءٌ پـاڻهي عـالادين سان ڳالهائيندس. اها ڳالهہ ڪري حسڻ ڳاهي جي ڀڇا ڪيائين. خبر پيس تہ حسڻ ڳاهي هاٿي تي چڙهي، شڪار ڪرڻ ويو آهي. اهو حسڻ ڳاهي، نظر بيگ وزير جي گهوڙي جو ڳاه آڻيندو هو ۽ سندس گهوڙي جو سئيس هو. نظر بيگ وزير سندس واٽ تي وڃي ٻيهي رهيو. حسڻ ٻريان شڪار ڪري وارُو ٿيو. هاٿي تي چڙهيو پالڪي ۾ وينو هو. جڏهن نظر بيگ جي روبرا آيو تہ نظر بيگ وزير،

حسڻ گاهي جو سلام پريو. سالڪن چيو آهي: ’حياء و لايمان‘ رهي تو اکين ۾. حسڻ ڏسي تہ آءٌ اهو شخص آهيان، جو هن گهوڙي جو گاه ڪري ايندو هوس، اُهو منهن جو اڄ سلام جي ڪري. هاتي تان ونئي ٽپ ڏنائين. پيرن تي اچي پيس. چئي: آءٌ تنهنجو اهو ساڳيو سئيس آهيان. نظر بيگ! چيس، سالڪن چيو آهي تہ:

راتيـن جهڙيـون راتڙيـون، ڏينهـن جهـڙا ڏينهـن
ڪـڏهن ڪـڏهن شـينهن، ڪـن سـلام سـهي جـو.

آءٌ تنهنجو سلام ڪونہ تو ڪريان، تنهنجي ساعت جو سلام تو ڪريان. حسڻ چيس تہ: حڪم ڪر پلا. نظر بيگ چيس تہ: عالادين جي روبرا مونکي وٺي هل. حسڻ چيو تہ: حڪم ڪونهي. نظر بيگ چيو تہ: حڪم هجي ها تہ آءٌ تنهنجو سلام ڇو ڪريان ها! حسڻ چيو تہ: ”ياران موت عيد برابر“. هليو آءٌ منهنجي پنيان گڏجي عالادين جي دربار ۾ آيا. نظر بيگ وزير بادشاه جو سلام ڪيو. عالادين سلام ڪونہ ورتو، منهن ڦيرائي ٻئي پاسي ڪيائين. وري اُنهي پاسي کان ڦري آيس. عالادين هٿ هٽي نظر بيگ جو پٽڪو ڊاهي وڌو. عالادين چوڻ لڳو: لکن جا صوبا آهيو، پر سپ بي همٿ ۽ پيتلي لڌو. اوهان همٿ ڪريو ها تہ راڪاس کي ڪونہ ماري وجهو ها؟ گاهي ويچارا مسڪين بي هٿيارا، همٿ ڪيئون تہ راڪاس کي ماري وڌئون. اوهين بي همٿ آهيو. تڏهن اوهان جو سلام ۽ پگهار بند ڪيو اٿئون. اها ڳالهہ ٻڌي نظر بيگ وزير، عالادين کي دڙڪو ڏئي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

جـوءِ وهـاريئين جنـڊ تـي، مـاٺهين ٻـَـنـِـي ڏانـ
سـالار پخـالون پـري، پـائي کلهـي سـاندارا
ڪُريو[1] ڏيندوسئين هٿ ۾، ڪندين گڏ حسڻ سان گاهہ.

نظر بيگ وزير، عالادين کي چيو تہ: تنهنجي جوءِ جنڊ پـِينا، ماٺهن مانيون پچايون، تنهنجو پـُٽ سالار سڄي شهر جو پاڻي پريندو، توکي رنبو هٿ ۾ ڏيندس، حسڻ سان گڏجي گاهہ ڪندين تہ نالو منهنجو نظر بيگ آهي نہ تہ مَـٺائي ڇڏجئين! ائين چئي اشارو ڪرڻ لڳو، جيڪو توف خاني تي لشڪر

---

[1] ڪُريو = رنبو.

وينو هو، اُهو سڀ ڪنبت نظر بيگ وزير جو هو. اُنهن ڏنو پئي تہ اسان جي صوبي جي پڳ عالادين لاٿي آهي، تن کي اڱڻي باهه هئي. وري جو اشارو نظر بيگ ڏنو تہ: واهواهه، نہ ڇڏيونس، ڏيوس باهه بنگلي ۾ ڳوٺ ڪي. سو شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

گوليـن داز تـــپي چڙهيـــا مـــاڙين جــي مثـــانءُ

ڦيريئـون مـــنهن توفـن جـا، تـا بنگلــي ڏيـون باهــہ.

هڪدم فوج چڙهي ويئي ماڙين ۾ مورچن جي مٿان. جيڪي توفن جا منهن ٻـر ڏي هئا، اشڪرُو تي ڦيرائي عالادين جي محلات ۾ لَـڪـِي بنگلي ڏي سامهان ڪيائون. اِتي عالادين کي پڪ ٿي تہ اڄ مري ويندس. سو نظر بيگ کي لڳو نالا الله جا وجهڻ تہ: انهن کي جهل، جيئن تون چوين تيئن ڪريان. نظر بيگ لشڪر کي اشارو ڪيو: بند ڪريو، جيسين آءٌ عالادين سان ڳالهايان. نظر بيگ، عالادين کي چيو تہ: سلام ۾ پڳهار جو بند ڪيئي؟ عالادين چيو تہ: اوهان کي بي همت سمجهي. نظر بيگ چيو: تڏهن گاهي همت وارا آهن؟ عالادين چيو تہ: ها. نظر بيگ چيو تہ: راڪاس پڪ ماريو اٿن؟ عالادين چيو تہ سڄي جهان کي خبر آهي، تون پڪ ٻيو وٺين! نظر بيگ چيو تہ: پلا جي ماريو اٿن تہ نيشان ڏين ڪن ۾ پُڇ. عالادين چيو تہ: هوندن تہ ڏيندا. عالادين پڇا ڪئي تہ: ڪَن پچ آهن راڪاس جا اوهان وٽ؟ تنهن تي حسڻ گاهي پاڻ ۾ پنگريي کي چيو تہ: مون اوهان کي منع ڪئي هئي تہ مسڪينان مار نہ ڪريو. پر سالڪن چيو آهي تہ: "ڍؤ جهلي مينهن، ۾ ٻيو ڍؤ جهلي پايڙو". اوهان ڍؤ نہ جهلي سگهيؤ، تڏهن چيو اٿن تہ "جڏهن پوندي پورن ۾ قولهہ، تہ سيڪنهن جا پُـرلُـو(1) تيندا پڌرا". پنگريي چيو: تون ڊنو ڇو آهين؟ سوال جو جواب آءٌ پاڻهي ڏيان ٿو. سو پنگريي جو سوال، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

اســان راڪـس پـــاڻ ۾، وڙهنـــدي ورهيـــہ لنگهيـــا

پـاهوڙين پـرزا ڪيـس، ڪـــريس ڪـَــن ڪاپـار.

پنگريي سوال ڏنو تہ: سائين! اسان جو اڄ ڪلهہ جو جهيڙو ناهي. گهڻي وقت کان اسان سان وڙهندو آيو. گاهہ تي ويندا هئاسون، جهنگ ۾ اچي اسان سان ٽڪرندو هو. اسان وٽ رَنبا ۾ ڇبر صاف ڪرڻ وارا، سَـٽڻ ۾ ڪـُـٽڻ جـون

(1) پُـرلُـو= عيب ثواب.

سوئٽيون، اُهي هٿ ۾ هونديون هيون. سونئٽيون اُجلائي هٽندا هئاسون. پيا نکر ۽ پتر. اچي ويجهو پوندو هو تہ رنبن جي ڪيڏ ڪندا هئاسون. پوءِ ڪڏهن ڪَن، ڪڏهن پُڇ، ڪڏهن پاسو، ڪڏهن پَسري. ڪُٽين ڪُتائي هاڻ ماريو اٿئون. جي اسان کي خبر هجي ها تہ ڪَن پُڇ جي پچا ڏيندي تہ انهن ئي ڏينهن جا اسين گڏ ڪري رکون ها. اُهي اسان کان ويا. باقي راڪاس هاڻ ماريو اٿئون. عالادين رياءُ ڏيو بينو هو. تنهن چيو تہ: سچا آهيو. نظر بيگ وزير دل ۾ خيال ڪيو تہ انصاف ٿئي جو. ڪائي هي تا وجن. هاڻ اهڙي ڪا ٿَل ڪريان جو چنيسر جو انصاف ظاهر ٿئي ۽ هنن جو ڪوڙ بہ ظاهر ٿئي. عالادين کي چيائين تہ: تون چوين ٿو تہ راڪاس ماريو اٿن تہ آزمودو.ونون، ڏيندا؟ عالادين چيو تہ: غازي مرد آهن، تون ڇا آزمائيندين! نظر بيگ وزير چيو تہ: سائينجن جو هاٿي 'راولو'، اُنهي کي ڇا ڇوڙيون، هڪڙو گاهي اُٿي، هاٿي کي ورائي آڻي ٻڌي. تہ پوءِ برابر هنن راڪاس ماريو آهي، جي نہ تہ ڪوڙا آهن. راڪاس هنن ماريو ڪونهي. عالادين چيو تہ: ائين ڪنداسون. پيلوان کي حڪم ڏنئون تہ هاٿي کي ڇوڙ. نظر بيگ وزير، پيلوان کي پنهنجي رمز سان چيو تہ هاٿي کي ڪو شراب جو ڏُڪڙو پيارجان. پيلوان کي بہ باهيون هيون، جو هر روز شڪار تي هاٿي ڪاهي ويندو هو حسڻ گاهي سان گڏ. گهر جي ماني نصيب نہ ٿيندي هئس. تنهن بہ خار کان مڻ سوا جهڙو دارُون هاٿي کي پياري ڇڏيو. هاٿي اڳيئي هو 'راولو'، وري جو پيتئين شراب جو نشو، سو ڇريو ٿي پيو، اچي نشي ۾ پيراڻو. پيلوان هاٿي جو ڪانٽو ڪڍي، ڪچهري ۾ آيو تہ: سائين! هاٿي ڇوڙي آيو آهيان. عالادين حڪم ڪيو گاهين کي تہ: سورهہ غازي! هڪڙو ڄڻو وڃي، هاٿي کي ورائي اچي ٻَڌي. گاهين پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ متان ڪو هاٿي جي ويجهي وڃي. هاٿي جي اڳيان جيڪو ويندو، اُهو ڄڻ ماءُ ڄائو ئي ڪونہ هو. عالادين حڪم ڏنو تہ: اُٿو! پر هي ڪُڪڙ وانگي پيا ڳچيون لڪائين. نظر بيگ کي پڪ ٿِئي تہ گيدي ٿيا آهن. عالادين کي چيئين: هاٿي ٻڌڻ ڪم هڪڙي جو آهي، هڪڙو ڏڄي ٿو تہ سوا لک کي موڪل. عالادين چيو تہ: ٻلا، هڙئي گڏجي هاٿي ٻَڌو! تڏهن بہ زمين پيا کوٽينِ، ڏسن پيا، اکيون پيا ٽيينِ، وراٽي نہ ورينِ جو هاٿو ۽ نہ جي ورندي ڏين. سو عالادين، گاهين سان جُٺ ڪري، شاعر بيت ڪري، فقير ڇٽي ٻڌائي:

ارڙهـن ڏينهــن اميـر هئـا، اڇـي بخـت بــہ بــاهوڙين
ڏاڙهيـون ڏوڙ پيـوت تيـون، متـان لٺ جـو پـوي نڪـاءُ.

عالادين بادشاه، نوڪرن کي حڪم ڪيو تہ: هر هڪ ڳاهيءَ کي ست ست ٻـُـڪ مٽيءَ جا منهن ۾ وجهي، ڏاڙهيءَ کان جهلي، ست ست دفعا ڪَچڪا ڪرايو. پر اهڙا ڪچڪـا ڪرايـوِ، جهـڙو ٽيـٽـڙ تـپ ۾ سيـئو ٿيـنـدو آهـي، جـو چپـاڙيون ڪڙڪنديون آهن. ڏندا هٽي، ڊوڙائي، ڳوٺ کان ٻهر ڪيونِ، جو منهنجي چوڻ برداري کانہ ڪيئون. ڳاهين سان اها جُـٺ تـَـئـي. تيسين نظر بيـگ هڪـڙو ڳجهو ماڻهو چنيسر ڏي روانو ڪيو تہ عالادين جوهاتي چوڙائي دليءَ جي بازار ڏي روانو ڪيو اٿم، بـازار ۾ هـاتي مـار تـہ تنهنجا ڳـُذريل انصـاف ظاهر ٿيـن. ماڻهو چنيسر سان مليو، تنهن اها حقيقت ڏني. چنيسر کي وهنجڻ جو خيال هو، ميـٺ جي تـَسريِ هٿ ۾ هيس، اها ڳالهہ ٻڌي لوهــيڙي وارو لڪـڻ هـٿ ۾ ڪنيـائين. اُها مـيٺ واري تسري بہ ڪنيو آيـو. دلـيءَ جي بـازار جـو وچ اچي ورتائين. هـتان هاتي بہ ڊڙهو هٽي، اچي دليءَ جي بـازار ۾ پيـو. پنيـان پيلوان ماڻهن کي هڪلون ڏيـنـدو اچي. دلي جي بـازار ۾ هـٽ - تـاڙ تـي وئـي. پيـلـوان سامهون ڏسي تہ هڪڙو مرد آهي، هاتيءَ جي سامهون اچي پيو، سو پيلوان هـن کي بيت ڪري، شاعر چئي ٻڌائي:

ميـٺ مـَـليو اٿئي تسـرئين، پـَـهريو اڇيـن پـَـٽ
هـاتي اچئـي تـو راوَلـو، پـڄ مريـن تـو جـَـٽ!

چنيسر کي پيلوان چيو: جواني جو زور اٿئي، يا لـَـٽن جي وڏائي اٿئي هاتي تـي تنهنجي نظر کانہ تي پوي! پڄي وڃ جٽ! مـري ويندين، جٽ جو لفظ ٻـڌي چنيسر کي خار لڳي، پيلوان کي جواب ڏئي، هاتي سان مقابلو ڪري، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

جـٽ پٺيــن، جــٽ ڏاڏهيــن، آءُ هــاتي سـندو مــَـٽ
هٽئـون هــاتي جــي مــران، ســُـرهو تـــيوان ســَـٽ
تـَـسري اُجلـي سومري، ويـس ڪـَـلين جـا گهائـــي
لڪـــڻ لوهيــــڙل جــــو، تـــو اَرڏو اُجلائـــي
عــاج ڏڪ جهليــو ڪينڪــي، تــي پــالڪي پــرزا
اڳ ڪـــِـريو هـــوس اڳتــي، پوئتــي پولهـــ پـــري.

چنيسر پيلوان کي چيو: ڇٽ آهين تون ۽ تنهنجو بابو ڏاڏو. آءٌ انهيءَ هاٿي جو مَٽ آهيان. هاٿي ماري وجهي مونکي تہ پنهنجي سَٽ ۾ سَرهو ٿيان. ايتري ۾ هاٿي چنيسر کي ڏک جي مار ۾ آيو. پهلوان کي اُها تاسري هٿ ۾ هئي، نڪاءُ جو ڪرائيس تہ لُڪيءَ ڪان ٿي آيس، جيرا ڦڦر ڦاڙي، بندوق جي گوليءَ وانگر پُڇڙيءَ ڪان نڪري ويئي. هاٿي وَٽ ڪاڏو. چنيسر پاسو جهلي، 'علي علي' ڪري نڪاءُ ڪرايس لڪڻ تہ پالڪيءَ مان، هاٿيءَ مان، وجين زمين ۾ گهاءُ ڪيئين. هاٿي جو اڳيون اڌ 'تانوُن' جي تلهي تي، پويون اڌ 'پهلُو' جي تلهي تي. هاٿي ماريو. پيلوان جُتي لاهي هٿ ۾ ڪئي. اچي ياڄ ۾ پيو. بُندڙن سان ڪڙيون لڳنديون اچنس. سٽڪو ڪيائين عالادين وٽ. هن جي اڳيان بيهي، بيت چوڻ لڳو:

ميٺ مَـليو هئيئـن تـَسرين، پهريـو آيـو پـَـٽ
لڪـڻ سـان بيٺـو ڪـري، هـاٿي مـاريو ڇـٽ.

پيلوان چيو تہ: هڪڙو ڏُپُستو پهلوان ڏٺم، زبر زنگ هو، هٿ ۾ هئس لڪڻ. بيو ميٺ سان پريل تاسري هئس. مون چيو مانس: ڇٽ! هاٿي مارينديئي. مونکي چيئين تہ: آءٌ هاٿي جو مَٽ آهيان. ائين چئي اُها تاسري اهڙي هنيئين جو هاٿي مان پار ٿي هلي ويئي. لڪڻ هئس هٿ ۾. تلهڙ هو چيچ جهڙو. هاٿيءَ کي پوري اڌ ۾، لڪڻ جو ڏک هنيئين تہ هاٿيءَ کي اڌو اڌ ڪري وڌئين. پالڪي پرزا پرزا ٿي وئي. دليءَ جي بازار ۾ مئو پيو آهي، نہ اعتبار ٿِيـَـنِي تہ روبرا هلي ڏس. عالادين چيو تہ: نشو پيتو اٿئي. نظر بيگ ڏسي تہ واهواهہ! پيلوان نئين خبر ٻڌائي آهي. پَڪ ٿي ويس تہ چنيسر گڏيو اٿس. تنهن عالادين کي چيو تہ: سائين! ائين هوندو. عالادين چيو تہ: "اُهو پُرس ڪر پڌرو، جيڪو تو گهوٽ وَهائي گهاءُ". نظر بيگ وزير، عالادين کي جواب ڏني، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

هـڪ سمـان بيـا سـومرا، ننـگر راڄ رهـن
پـڙ پوٽـا پونـگر جـا، وِڳهـہ منجهـہ ويهـن
دودر چنيسـر پـاڻ ۾ ٻئـي پـُـٽ دودي ٻـُـڌجن
پـائر ٽڪريـا پـڳ تـان، آهـي راءُ رُنـو راڄـن
چـَليـُـون سومرن جـون، اڄ دلـيءَ پـاس ٻـَـرن.

نظر بيگ وزير. عالادين کي چيو تہ: چنيسر سومرو پنهنجي دليءَ ۾ آيو آهي، جنهن راڪاس اڇي ماريو آهي. سائينجن جي ملڪ تان ڏرت ۽ عذاب لاٿو آهي. چنيسر جو نالو ٻڌي ۽ سومرن جو نالو ٻڌي عالادين تخت تان اُٿي بيهي رهيو. نظر بيگ کي چيائين: سومرا دليءَ ۾ اچي ويا آهن تہ تو مون سان حقيقت ڇو نہ ڪئي آهي، نظر بيگ، عالادين کي چيو تہ: لڙائي ڪرڻ ڪونہ آيو آهي. پاڻ سائينجن وٽ دانهين آيو آهي. عالادين چيو: دانهين آهي تہ گهرائي ڪچهريءَ ۾ حاضر ڪرا نظر بيگ وزير هلي چنيسر وٽ آيو. چئي: عالادين گهرايو آهي. هاڻي هلي روبرا ٿي. تنهنجا گذريل انصاف بہ ظاهر ٿيا آهن. چنيسر چوڻ لڳو تہ: مونکي وٺي نہ هل. آءٌ هلندس تہ پوين کي چڱائي نہ ٿيندي. نظر بيگ چيو تہ: مونکي ڪوڙو ڪندي ڇا؟ چنيسر کي وٺي نظر بيگ پاڻ سان عالادين جي روبرا آيو. جڏهن چنيسر، عالادين سان مليو، ملڻ منجهہ دانهن ڏيڻ لڳو. شاعر بيت چوي. فقير چئي ٻڌائي:

چنيسر چغليءَ تي، چستوئن ٻڌو چاهہ
سوا لک مان سومري، تو لاءِ ٿي آندم ڪوڏ ڪنوار
پيٺون تنهنجون راولون، جهليو دودي راءِ.

چنيسر، عالادين سان ملي چوڻ لڳو تہ: آءٌ چنيسر ۽ مون کان ننڍو آهي دودو، ٿي آهي اسان جي پيڻ ٻاگهي شهزادي. دودي کي ڇيم تہ پنهنجو پيءُ گذاري ويو، هاڻي آءٌ وڏو آهيان، پڳ ٻڌي تخت تي ويهان عالادين بادشاه ڏاڪي وارو زبردست بادشاه آهي، ٻاگهيءَ جو سڱ عالادين کي ڏيان. اها ڳالهہ ڪئي مانس، صلاح ڪانہ ورتئين، اچي بگڙيو، پڳ مون کان ڦيئين. جيڪا تنهنجي نالي مڱيندي ڪيم، اُها اُتي بند ڪيائين ۽ مونکي ڏنڊا هڻي ڊوڙائي تنهنجي سرحد ۾ ڦٽو ڪيائين. مونکي چيئين تہ هاڻي وڃي پنهنجي بابي عالادين کي دانهن ڏي. هاڻي پڳ پنهنجي کسائي آيو آهيان، تو وٽ دانهين آيو آهيان تہ مون سان گڏجي هلي لڙائي ڏي. اها ڳالهہ ٻڌي عالادين اهو ويچار نہ ڪيو تہ اڳي مائٽي ڪانهي. زور جي مائٽي ڪيئن ٿيندي. سو پنهنجي المستائي تي چنيسر سان مدد ڪرائي، شاعر بيت ڪري. فقير چئي ٻڌائي:

ڏيو چنيسر راوَ کي، پرسن پنج هزار
ماري دودل راوَ کي، وٺي پڳ چنيسر ڏيو
پيٺون منهنجون راوليون، مونکي آڻي هٿ ڏيو.

عالادين بادشاه حڪم ڏنو تہ: پنج هزار فوج چنيسر سان گڏجي وڃو. وڃي دودي کان پڳ کسي چنيسر کي ڏيو ۽ شهزادي باگهي مون کي هٿ آڻي ڏيو. چنيسر دل ۾ ويچار ڪيو: دانهن بہ ڏنم، داد ڪونہ ٿيو. سو چنيسر ورندو جواب عالادين کي ڏئي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

دانهن لڳي ڪانہ ڪا، ٿيو جهيڙي جو وڏاءُ
ڪاوڙجي ڪارو ٿيو، چڙيو چنيسر راءُ
اڃي ٻگڙيو ديو وڳهہ جو، جهليو اڃي نہ جاءِ
ڪڏي ڪر ميدان ۾، تنهنجا پُرسن پنج هزار
هٿان هٿيار نہ هڪڙو، چاڻي پاڪ الله
مُکن سان سوڙهو ڪري، سٽي ڪيان ساهہ.

چنيسر، عالادين کي چوڻ لڳو تہ: جيڪي پنج هزار دودي ڏي روانا ٿو ڪرين، اُهي مون تي اڇن وڙهڻ، جي هڪڙو هٿيار هٿان تہ سڀي وڳهہ جو شهر مهٽا ڪائي. لٽن ۽ مڪن سان جهڙي ماريومان تہ نالو منهنجو چنيسر آهي نہ تہ ڪتي تي رکجانءِ. پوءِ عالادين، چنيسر کي چيو تہ: اها تنهنجي دانهن الله ورنائيندو، منهنجي ٻڌڻ کان وڏي آهي. هڪڙو تون پنج هزار ٿو مڪن سان مارين، اڳيان اهڙا آهن، جن توکي بہ ڏندا هٽي، ڳوٺ ڇڏائي ڇڏيو اٿئي. هاڻي مهرباني ڪري منهنجي شهر مان وڃ هليو، جيڏانهن وٽيئي تيڏانهن وڃ، توکي رهائڻ ۾ خوف آهي. اها ڳالهہ ڪري عالادين چيو تہ: چنيسر کي جيڪو پاڻ وٽ رهائيندو، اُنهيءَ جو گهر باهہ سان ساڙيندس. چنيسر ۽ نظر بيگ وزير موٽي جاءِ تي آيا، ڪيڏ سان اٽڪل ڪري، نظر بيگ وزير، چنيسر کي پاڻ وٽ رهائي ڇڏيو. اها جيڪا چنيسر دانهن ڏني عالادين کي، جنهن سگ جي باس ڪيئين، اِها ڳالهہ هلندي هلندي ڪن سالن کان پوءِ دودي جي ڪنن تي پئي. دودي دل ۾ ويچار ڪيو تہ: پاڻهي پاڻ کي گار وجي ڏنئين تہ بہ عالادين ڪونہ چڙهيو. هاڻي آءُ اٽڪل ٻڌايانس. سو خط ۾ لکيئين تہ: باگهي جي سگ تي عالادين نہ آيو، هاڻي ماڻهين جو سگ آڇينس. بيو هي خچر خزاني جي توکي تو ڏيان، اها وڌي هٽينس، پوءِ آئي رڻ ميدان ۾ لاهنيس تہ مردن جون ۽ نامردن جون خبرون پون. دنيا دم گذر آهي. "رهندي وجي ڳالهہ، هاڙهي ۾ هوتن جي".
اهو خط چنيسر کي مليو دلي جي شهر ۾. خط کولي پڙهڻ لڳو، باهہ وٺي

ويس. روئي وينو. نظر بيگ مٿان آيو. تنهن پڇيس تہ: ڇو ٿو روئين؟ خط ڏيکاريئينس. چوڻ لڳو تہ: دشمن جو خط آيو آهي. تيرهن سال ٿي ويا آهن، تو وٽ ويني، هاڻي تون عالادين کي چئو تہ دودي سان لڙائي ڪري، جي دودي سان لڙائي نٿو ڪري تہ وري مون سان لڙائي ڪري، نہ ڇڏيندومانس. نظر بيگ کي پڪ ٿئي تہ چنيسر بگڙيو تہ سڄي دلي جو شهر ناس ڪندو. سو چنيسر کي ٺاري ويهاريئين. چيائينس تہ: اٽڪل آءٌ ٿو ڪريان، ڪم تون ڪر. عالادين جو ذمو آءٌ ٿو ڪڻان. چنيسر چيو تہ: اُها اٽڪل مون کي ڏس. نظر بيگ چيو تہ: جهڙو راڪاس جو ويل هئس ملڪ ۾، اهڙو ڪو هتراڏو ويل وجهينس. تڏهن چنيسر چيو تہ: پلا، ڪيهر شينهن سجهنئي ٿا؟ نظر بيگ چيو تہ: هيڏانهن جبل جي لڪ ۾ رهن ٿا. ڳَسَ ڏَس پڇي سنگهرون ساڻ ڪٺي، چنيسر گهوڙي تي سوار ٿي، رات جي پيٽ ۾ نڪتو. ڏوري وڃي لَڪَ ڏٺائين. نر ۽ مادي شينهن، اُنهن کي ڏاڍيون مارون ڏئي، ڏکن سان هنن جا سـرَمَڪورا ڪري، وات ۾ ڪانيون ڏيئي، اُنهن جا ٻُوت ٻڌي، سنگهرون ڳچيءَ ۾ ٻڌي، جيئن ڪتا ڪاهبا آهن، تيئن آڻي باغ ۾ ڦِـٽا ڪيائين، جنهن ۾ بادشاه انين ڏينهن گهمڻ ايندو هو. شينهن جا ٻوٽ کولي، باغ ۾ ڦٽا ڪري، چنيسر وڃي ويهي رهيو. سڄ اُڀرئي باغ جو مالهي، باغ ۾ اچي تہ شينهن تي نظر پيس. وٺي ٻوئين پيرين ڀڳو. هن کي نظر بيگ وزير جاچيو بينو هو، اُنهي هڪل ڪيس تہ: ڇو ٿو ڀڄين؟ هن چيو تہ باغ ۾ شينهن ڏنا اٿم. نظر بيگ وزير چيس تہ: منهنجو دوست اندر وينو آهي، اُنهي کي وڃي ٻڌاءِ، توکي ڏس ڏيندو. باغائي چنيسر وٽ آيو، چنيسر سان ڳالهہ ڪيئين. هن چيس تہ: باغ ۾ پاڻي جو تلاءَ آهي؟ آرائين چيو تہ: سائين! تلاءُ آهي. چنيسر چيس تہ: اُنهيءَ تلاءُ ۾شراب وجي هار. اَڌ شراب تلاءُ ۾ گڏي ڇڏجئين. شينهن پاڻي پئيدا، نشو ٿيندن، پاڻهي ڇڏي ڀڄي ويندا. باغائي شراب ڪڻي تلاءُ ۾ هاري ڇڏيو. شينهنِ کي اُڄ لڳي، پاڻي پيتئون، اچي نشي جي موج ٿين. شينهنِ ارادا ڪيا تہ هاڻي ڪنهن سان لڙائي ڏيون. اچي باغ ۾ هٽ وڌئون. لڪ ٻوٽي باغ ۾ هئي. شينهنِ ڪم ڪهڙو ڪيو، جو ٻوٽن ۽ وڻن جا منڍ مٿي ۽ پاندرَ هيٺ، باقي رهيو. نار، انهيءَ جا ٻہ اَرا اوپارا، ڇَڪر، مُنا، پڪانا، نيسرون، پاڙچا، سڄو سِلٽ ڪوهہ ۾ اُڇلي ڇڏيائون. جڏهن ڏٺئون هاڻي ڪا شيءِ ڪانهي ۽ پاڻ ۾ تڪي پيا،

تڏهن ماٺ ڪرِي سمهي رهيا. نشي جي ننڊ ۾ ستا پيا هجن. صبح آرائين باغ جي سماءُ تي آيو تہ شينهن آهن يا ويا هليا. اچي ڏسي تہ باغ تهبان لڳو پيو آهي. وري وريو پوئتي. اچي عالادين بادشاه کي بيت چوڻ لڳو:

ڪَرڙِي نَئن ڪُستان جي، جنهن ۾ شينهن لُڙهي آيا

باغيچو بادشاهہ جو تنهن ۾ جنگن ڪئي آهي جاءِ.

باغائي عالادين کي چيو تہ: ڪا جبل مان نَئن نِڪتي، جنهن ۾ شينهن لڙهي آيا آهن. بادشاه جي باغ ۾ اچي رهيا آهن. اُهو وڻ ڪونہ ڇڏيو اٿن، جو ڪري ڏندڻ ڏجي. عالادين پنهنجي لشڪر کي چيو تہ: هٿيار ڪٽي وڃي شينهن ماري اچو. لشڪر کي اڳيئي نظر بيگ وزير چئي ڇڏيو هو تہ: عالادين جڏهن اوهان کي چوي تہ وڃي شينهن سان لڙائي ڏيو، تڏهن اوهين چئجو تہ: سائين! اوهان اِئين ڪونہ لکيو هو تہ شينهنِ سان لڙائي ڏجو. اوهان چيو هو تہ ماڻهن سان وڙهجو. سو شينهن سان تون وڃي وڙهہ. ماڻهہ هجن تہ اسين بہ وڙهي پئون. عالادين دل ۾ ويچار ڪيو تہ جواب ڏنو اٿن، هاسي اڄ جي چنيسر هجي تہ ڪر انهن شينهن کي ماري. آءُ بادشاهي وعدو تو ڪريان تہ شينهن سان هي نتا وڙهن، آءُ دودي تي چڙهائيٰ ڪريان، جنهن جو دلي سوڌو ڏاڪو آهي. نظر بيگ چيو تہ: سائينجن جو حڪم هو باري، اسان انهن ڏينهن جو روانو ڪري ڇڏيو. عالادين چيو تہ: توکي ضرور خبر هوندي. نظر بيگ چيو تہ: سائين! جانچ وٺون. نظر بيگ يڪدم چنيسر کي گهرايو. چنيسر آيو ۽ عالادين سان اچي مليو. عالادين واعدو ڏنو تہ: شينهن مار، منهنجو بادشاهي واعدو آهي تہ آءُ دودي سان لڙائي ڪندس. چنيسر چيو: سائين! گهوڙو مِلي سواري لاءِ. عالادي چيو تہ: منهنجي ڪُڙهہ پري پئي آهي. طنبيلي ۾ وڃي ڏس، جيڪو توکي وڻي، اُنهي تي سنج ڪراءِ. چنيسر اُتي آيو، اچي گهوڙا ڏٺئين. سئيس کي چيئن تہ: گهوڙي تي سنج وجهہ، تنگ آءُ ڇڪيندس. سنج سئيس وڌا، تنگ چنيسر ڇڪيو. تنگ جي وڍيءَ کي ور ڏيئي، وٺي جو زور جي دب ڏئي تہ گهوڙي کان اڳي اڌ مڻ لڏ جو وجيو ڊهي. تنهن کان پوءِ مٿان اچيو گهوڙو ڊهي. پنج ست گهوڙا ماريئين. سئيسن اچي عالادين کي چيو تہ: چنيسر گهوڙا سي ماري ڇڏيا. پڇئينس تہ: چو ٿو ماري؟ سئيس چيو تہ: سائين! جنهن جو تنگ ٿو ڇڪي، گهوڙو مريو وڃي. عالادين پاڻ ڊوڙي آيو، چنيسر کي چيائين

تہ: ڇا تو ڪرين؟ چنيسر چيو تہ: سائين! جيڪو گهوڙو منهنجي تنگ جي سَٽ سهندو، منهنجي سواريءَ جي دپ بہ اُهوئي جهليندو. عالادين چيو تہ: منهنجي ڪُڙهہ ۾ هڪ بہ اهڙو گهوڙو ڪونهي. چنيسر چيو تہ: ڀلا، اسين پنهنجو گهوڙو ٿا گهرايون. عالادين کي چيئين: تنهنجي ملڪ ۾ ڪيترائي انصاف ڪيا اٿم، هي انصاف روبرو هلي ڏس! عالادين تيار ٿيو. لشڪر کي چيائين تہ: هٿيار تيار ڪريو. آءٌ هلان ٿو، انصاف هلي ڏسون. چنيسر چيو تہ: جي مونکي ٿو هلائين تہ لشڪر جي ضرورت ناهي. جي هٿيار هلائيندين تہ پوءِ تون پاڻ وڃ، آءٌ نہ هلندس. عالادين چيو تہ: اڪيلو ٻنهي سان مقابلو ڪندين! متان هڪڙو توسان لڙائي ڪري، ۽ ٻيو اچي اسان سان وڙهي! چنيسر چيو تہ: ٻن ڪُلهن جي وچان منهنجو سِر سلامت هوندو تہ شينهن تردِّي نہ ايندا. تيار ٿيا. باغ کي پهچي ويا. عالادين بہ آيو. سڄي دليءَ جي شهر کي ڏسڻ جو شوق ٿيو تہ اڪيلو مرد شينهن سان لڙائي ٿو ڪري. هندو مسلمان آيا. باغ جي پِٽ جي ٻاهران ڦِري بيٺا. چنيسر هٿيار لاهي، گهوڙي جي پِرٺي ۾ پاتا ۽ اندر باغ ۾ آيو. باغ ۾ ٻيهي شينهن کي هڪل ڏيئي، مقابلو ڪري، شاعر چئي ٻڌائي:

اُتي پِٽ ٻِلي جا، سُمهڻ آيئي سماءُ
تنهنجو ڪم اسان سان، تون هلي هيڏانهن آءٌ
گجي آيو گجمير جيئن، ڪري آگم مينگهہ ملهار
نِراڙ نايو سُومري، هڻ وارو تنهنجو آهہ
هنيئين هٿ هول تي، ڪَڙين ڪيس ڪڙڪاءُ
چنبو ڪيهر جو چُور ٿيو، ڪيهر چندي ڪر
ٻيهر تو ٻيٺا هٿين، هاٿي وارو منهنجو آهہ
ساري حضرت شاہ ڪي، ديو هنيا دستا
مُڪ سان ميچالو ويس، پيڙس ڪونہ سماءُ
اڳ ڪِريس اڳتي، پوئتي پولهہ پري
عضوا ڪيهر شينهن جا، پٽيو اڇلائي جوڙاءُ.

جڏهن چنيسر هڪل ڏني شينهن کي، شينهن هڪل نہ سَنِي. گجگار ڪري آيو. چنيسر ٻيا هٿيار سڀ ڦٽا ڪيا هئا. زره ۽ هول نہ ڦٽو ڪيو هئائين. زره جانِ تي هئس، هول مٿي ۾، اُهو سِر نمائي ڏنئينس تہ هڻ ڏک وارو اٿئي.

شينهن نڪاءُ جنبو ڪرايس. چنيسر ڪي ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو. شينهن جي ڪرائي، ليٿن ۽ ٻَچن مان نڪري پئي. اُهو چنبو جهلي ورائي ٻيو هٿڻ لڳو. چنيسر چيس تہ: وارو ڏيئي وڙهہ. هي بہ ڪيهر شينهن هو، جنهن سر نمائي ڏنس. چنيسر نعرہ هني نڪاءُ مُڪ ڪرايس تہ ميچالي جون پِتڪُون ناسن مان وِهي پيس. اڳيون ٽنگون اڳتي نڪري ويون ۽ پويون پوئتي. پيٽ پر اچي ڏِنو. هڪڙي عضوي تي لتِ رکيئينس، ٻئي ۾ هٿ وڌئينس، مروٽي پَٽي، اُهو اڇلائي وري اڇيو ٻئي ۾ هٿ وجهيس. شينهن ڏنو ۽ شينهڻ چوٽ ڪئي. عالادين بادشاھ هڪل ڪئي چنيسر کي تہ هٿجان انهي کي بہ ٽُڦڙ. سو چنيسر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

شينهن ڏنو پــــڙ ۾، شـــينهڻ ڪــاڏي ســَـــٽ
هٿـــان هٿيـــارَ نـــہ هڪـــڙو، متـــان راه پرجــي رت
ڏئي هـٿ ڪليـن ڪـان، چـِـيري ڪيئيـن بـہ تــَـڪ.

چنيسر چيو تہ: هڪڙو ڏڪ هٿان، سڃي وڳهہ مهٽا ڪائي. مادي کي ڏڪ نہ هٽبو. شينهڻ جيئن وات ڦاڙيو آئي پئي، چنيسر ٻئي هٿ هڪڙو هينين ڇاڙيءَ ۾، ٻي متين ڇاڙيءَ ۾ وجهي وني جو سَٽ ڏنئينس تہ حق سچ جا واعدا. پُڇڙيءَ سوڌي چيرجي پئي. ورائي ٻئي تڪ پاڻ ۾ ملائي ڪٽي شينهن جي متان رکيئينس. تاڙيون وڃي ويون. سيڪنهن واهواهہ ڪئي. حيران ٿي ويا تہ هي 'علي' جو پهلوان آهي. عالادين بہ خوش ٿيو، سو پنهنجي سچائي، چنيسر کي چئي:

عـــــالادين گهمـــــائيو، پهريـــــن رات پڙهـــــو
آهيـــو منهنجـــي حڪـــم ۾، اچـــي پيـــڙا ســـي ٿيـــو
آءُ چڙهندس وڳهہ ڪوٽ تي، مونکي خوف دودي جو ٿيو.

عالادين بادشاھ هڪل ڪري چوڻ لڳو تہ: مون واعدو ڪيو آهي بادشاهي، اهو سچو آهي، ڪوڙو ناهي. هينئر مونکي وڏو خوف آهي. تيار ٿيو تہ وڳهہ تي چڙهائي ڪريون. اها ڳالهہ ڪري خط لکڻ شروع ڪيائين. لکندي لکندي ٻارنهن مهينا خط لکيائين. جن حڪومتن سان ڪو هن جو واسطو هو، انهن سيني کان مدد گهريائين. ٻارهن مهينن ۾ نـو لکيون ڏهہ چليون لشڪر گڏ ٿيو. جن کي خط مليا، سي پهچي ويا، ٻيا اجان ئي ڪو ڏُور هئا، سي الائي پهتا يا نہ؟ شاعر چوي ٿو:

لشـــڪر عـــالادين جـــو، ٻـــارهين مـــاه مــــــڙيو
هڪـــڙن خـــط پهتـــا، ٻيـــا ڏوران ڏور ٻـــُـــجهن.

نَـو لکيون ڏهہ چليون لشڪر ٻارهن مهينن ۾ ڪني ڪري، تنهن کان پوءِ تياري ڪري، وڳهہ تـي ڪاهہ ڪيائين. منزل بمنزل پنهنجي سرحد تـي اچي سنڌڪو ڪيائين. جتي سندس صوبو نالي فتح خان سورهن لک فوج ويهاريو آڏو ناهيو وينو هو. اُنهي فتح خان پڇا ڪيس تہ: ڪيڏانهن تياري ڪئي اٿئي؟ عـالادين چيو تہ: دودي تي تياري اٿم. فتح خان چيو: آءٌ سرحد تي صوبو وينو آهيان مون کان پڇا ڪانہ ڪيئي، تون چڙهي آيو آهين. سومرن جي حقيقت جي خبر اٿئي؟ عالادين چيو هڪڙي چنيسر کان سواءِ ٻيا ٻڌڻ ۾ آيا آهن، ڏٺا ڪين اٿم. ڀلا، تـون سرحد تي وينو آهين، تـو ڏٺا آهن؟ فتح خان چيو تـہ: هڪڙو چوڪرو ڏٺو اٿم. شڪار تي چڙهيو هوس سؤ گهوڙي سان. هڪڙي هرڻ کي ڏڪ هنيوسون. هرڻ گهائجي پيو، پڇي ويو. اسان ڪٽي گهوڙا پنيان لايس. محمد نالي سومرو، دودي جو نياڻو ٻڌڻ ۾ اچي پيو. اُنهي سان پنج ست سپاهي ساڻ هئا. ڪانَ ڪماڻون هٿن ۾ ترارين چيلهن سان، اهي بہ ديدار ڪندا پئي آيا. گهايل هرڻ وڃي هنن جي اڳيان ڊنو. هنن هرڻ کي تڪبير وڌي. اسين بہ مٿان آياسون. چيوسون تہ هرڻ اسان جو ڏڪيل آهي، اسان کي ڏيو. محمد چيو تہ: توکي ڪنهن چيو تہ تـون هرڻ کي ڏڪ هڻ. خبردار تـي، نہ ڇڏيندوسئين. ائين چئي اچي تيرن جون هوايون شروع ڪيائون. اسين جانِ بچائڻ تي، هو پيا مارينِ. پيرن جا پلاند، نالا الله جا وجهي، سورن سان جند ڇڏايم. سؤ گهوڙي سان هئس. اڌ لشڪر منهنجو ماري ويا ۽ هرڻ بہ ڪٽي ويا، مون کي سورن سان جيئدان ڏنئون. تڏهن عالادين چوڻ لڳو تہ: انهي جا پار ٻڌاءِ تہ ڪهڙا اٿس؟ سو فتح خان پار ڏئي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

محمـــد مراڪيـــن ۾، تـــو نريـــون پڃـــي نـــر
سانـــهن ســگ سـنوان ڪـري، ونگيـن لاهـي ور
ســـنڌر آهـــي ســـومرو، ســـندو ســـاران ور.

فتح خان چوڻ لڳو تہ: اجا پهرين وهي مس چڙهيو آهي. هُن ۾ اهـڙي ڪا مَـڻ رکيل آهي، جو سامهون ڪير ڏسي ڪونہ سگهيس، ونگين جا ور لاهيو ڇڏي. هو تہ چوڪرو آهي، وڏا تہ هن جا اعليٰ درجا آهن . توکي ڪنهن چيو تہ تون

پاناسـر ۾ اچي پوءِ! اها ڳالهه ٻڌي عـالادين پنهنجي فوج کي حڪـم ڏنـو تـہ گهوڙن جا مـُنهن ڏکڻ ڏي آهن. اُهي ڦيرائي اُتر مـُنهن ڪرائي گهوڙا ٻڌو. سياڻي وڏي ڪُـوچ آهي. منزل دليءَ ڏي ڪبي. حڪم سارو گهوڙن جا منهـن ڦيرائي اُتر ڏانهن ڪيائون. چنيسر ڏٺو تہ هي ڇا! ڇو گهوڙن جـا منهـن ڦري اُتـر تي ٿيا آهن. چنيسـر کي خبر پئي تہ عـالادين وري پوئتي ٿـو وري. فتـح خان صلاح ڏني اٿس. چنيسر فتح خا جو پڇائي اچي فتح خـان سان مليو. فتح خان کي چيائين تـہ: هي ڇا ڪيو اٿئي؟ منهنجي ٻنيل ٻـازي چوڏهـن سـالن جـي ڪمائي ٿو وڃائين! عالادين کي چئو تہ هڪ تہ واعـدو ڪري ڳوٺئون نـہ چڙهـي ها. هاڻي اچي رڻ ميدان مان پاڙي تي پڄنـدو تـہ آءٌ نـہ ڇڏيندوسانس. مـون ڪـان ڏاڍو ٿيندو تہ دليءَ سوڌو دودو نہ ڇڏيندس. تون چوينس تـہ واعـدي برخلافي نـہ ڪري. فتح خان چيو: ادا چنيسر! مونکي تنهنجي ڏسڻ جو شوق هو. مـون چيـو تہ هاڻي اهڙي ڪا اٽڪل ڪريان، جو چنيسر مون سان ملي. سو تون قرب ڪري هلي آئين. هڪبئي کي ڏٺوسين. عـالادين جو تـون خيال نـہ ڪـر. چنيسـر چيـو فتح خان کي: اچي هيءَ لکڻ اٿئي ياراني ۾. هن لکڻ کي لـِيلام تي ڪيم تـہ مونکي سوا لک رپيا خريد چيو هئئون، سو تو ياراڻيءَ ۾ ڏيئيـن. عـالادين کي پڪي صلاح ڏي تہ لڙائي ڪري. فتح خان چيو چنيسر کي: لکڻ مونکي ڪونـہ گهرجي، تنهنجي ڏسڻ جي حُـب پوري ٿـَـئي، عـالادين جو ذمو مـون تـي آهـي، اها ڳڻتي تون نـہ ڪر. چنيسر چيس: تو سيڪا ڪئي. پوءِ چنيسر پنهنجي طنبـو تي هليو ويو. فتح خان عالادين سان وڃي مليو. عالادين کي چيئين: هڪـڙو تـہ دلي ڇڏي نـہ اچيـن هـا، هـاڻي اچي رڻ ميـدان مـان پڄنديـن تـہ تنهنجي شـان تـي ناهي. سالڪن چيو آهي تـہ "وِهائـِـي تـہ ڳـل پائـِـي". عـالادين وري گهـوڙن جـا منهن ڏکڻ تي ڪرايا. چنيسر کي گهرايئيـن ۽ چوڻ لڳـو تـہ: هـاڻي تنهنجي ڇـا مرضي آهي؟ جيئن تون چوين تيئن ڪريون. چنيسر عالادين کي چيـو تـہ: اڳتـي هلڻ جو هـاڻ تنهنجو حق نـاهي. هـاڻي آءٌ تـو خط لکـان. خط منهنجـو مـاڻهو تنهنجو، دودي کي پهچائي. عـالادين ماڻهو تيـار ڪيو، خط چنيسـر لکيـو. جيڪو خط کڻي ٿي ويو ان جو نالو محمد خان هو. عالادين جي برادر جو ماڻهو هو. چنيسر چوڻ لڳس: ادا محمـد خـان! تـون نـہ وڃ. عـالادين جي ڪٽنب مـان آهين. اڳيان سومرا قهار آهن. مـَوادي ڪا جـُـٺ ڦـِـٺ ڪـن، تـون سهي ڪونـہ

سگهندين. عالادين کي بہ ڏک ٿيندو. تنهنڪري ڪو سادو ماڻهو وجي. محمد خان چيو تہ: نہ، پنهنجي حياتيءَ ۾ دودو وجي ڏسان. اُٺ جي سواري هن کي ملي. خط ڪٽي روانو ٿيڻ لڳو. چنيسر چيس تہ: رات پنهنجي، ڏينهن پرايو سمجهي هي خط پهچاءِ. منزل بمنزل وڳهہ ۾ سٽڪو ڪرايئين. سو خط دودي کي مليو، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

خوني خط خلل جو، در وڳهہ آيو
لکيو چنيسر سومري، دودي پڙهايو
آٽي آب اکين مان، جنهن پنو پُسايو
لاتئين لال لڱن کي، خط اُدي جو آيو
ڪاتب وڳهہ ڪوٽ جو، دودي ڪامل گهرايو.

خط دودي کي مليو. هٿ اکر چنيسر جا هئا. سڃاتئين، نالو پڙهيئين. سالڪن چيو آهي "وڙهيل پائر ويري نہ ڇڏيا". اکين مان زار زار هنجهون هاريئين. خط کي ڇاتيءَ سان لاتئين. پنو پڙهي نہ سگهيو. جر مان پُسائي ويهي رهيو. هڪڙو عامل گهرائي اُنهن کي چيائين: خط پڙهہ. مون کان پڙهيو نٿو ٿئي. سو خط کولي پڙهي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

عالادين آئيو، جنهن سان آلا ڪاٺ ٻرن
اڳين پاٽي پيٽ ۾، پويان چڪ چٽن
اڳين گاهہ وات ۾، پويان لڏ چرن
سابران ندي سڪي ويئي، لنگهہ ڪنيات ڪان ڪن
دادلي درياهہ جو، پٽڻ ڪين پچن
جتي رهن راتڙي، اُتان لڏيو شهر وڃن
ڪارا ڪوهہ ڪٽيو وڃن، مٽن پاٽي ناهہ
ڪانءُ ڪبوتر قيد ۾، ٻڌا ٻاڪون ڪن
عالادين پناڻ کي، اتئي پٽيو پڪيئڙن.

خط جو بيان پڙهي ٻڌايئينس تہ: تنهنجي مارڻ واسطي ايترو لشڪر آندو اٿم، جو سُڪا وڻ سيڪو ساڙي، پر هي ساوا ساڙيندا اچن. سُڪا پورا پون نٿا. اڳيان گهوڙا لشڪر پاٽي پيو وڃن، پنيان گپ چٽيندا اچن. اڳيان گهوڙا گاهہ کايو وڃن، پنيان اُنهن جي لِڏ چرندا اچن. درياهہ ندي جو پتڻ ڪونہ پڇن. پڪي

اُڏاميو اُڏاميو ماڻهن ۾ تا ڪرن، اهو پَتُ واندو ناهي، جتي ڪو چوٽو پاٽي چڳن. جتي راتاهو تا تِـڪن، اُنهي ملڪ جا ماڻهو، پنهنجو ملڪ ڇڏيو، لڏيو پڇيو وڃن. دودي جو روئڻ بند ٿي ويو. شهپر ڦَرڪڻ لڳا. پڇا ڪرڻ لڳو تـه: خط دنگ ڪيو يا اجان آهي؟ اُنهي عامل چيو تـه: سائين! اجان بيو پاسو آهي. دودي چيس تـه: پڙهي ٻڌاءِ! سو خط جو بيو پاسو شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

عـــالادين آيـــو، جنهـــن ســـان ڏُوڏُو تـــا اچـــن
ڪَـــڪا، ڪـــارا، ڪـــاغذي، آهـــي انـــت نـــہ اُمرائـــن
پـــاٽي پخـــالن ۾، هـــاتين متـــي هـــٽ
نـــوَ لکيـــون ڏهـــہ چليـــون، ســـنڌ وَروڪـــي تـــَن
پـــُوربي ۽ پـــَشمي، ڪـــُستانـــِي ڪـــُڏن
ايـــران ۽ طهـــران جـــا ڪنـــا خـــوب ڪـــڙن
ڪڙڪـــا پـــون قنـــذار جـــا، نـــِت تـــا نـــاز وڃـــن
آهـــي ديمـــن وائـــي وات ۾، پيـــا 'دودو دودو' ڪـــن
ســـڳَ اوهـــان ڪـــان سـومرا، تـــا بـــاگهيءَ بـــانهن گهـــرن
بانهن ڏيـــوو بـــاگهيءَ جـــي، اوهـــان جـــا رُڃيـــو راڄ رهـــن
نہ تہ ڪنڌئي ويڙهہ ولايت ڪي، سياڻي ڪـِلي ڪانَ ڪـُڏن.

دودي ڪي ڪاوڙ جو جوش تمام ٿي ويو. انهي بيت جي حقيقت ٻڌي، جنهن ۾ چنيسر لکيو تـہ: هن خط ڏني سَـڳَ ۽ پڳ ڏياري موڪلين تہ پاءُ آهين، جي نـہ تـہ چڙهـي آءُ ميدان ۾. ميدان ۾ نـہ ايندين تـہ ڪوٽ ۾ ڪانَ هٽنداسون. اهـا حقيقت ٻڌي دودي دل ۾ ويچـار ڪيو تـہ هو منهنجو پـاءُ، جيئـن آيس تيئـن لـِکيئين. هن ڪان پڇا ڪريان تـہ تون ڪير آهين، جو اهڙا خط ڪٽي آيو آهيـن. سو دودو پڇا ڪري پناڻ ورندي ڏئي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

تـون ڪيـر آهيـن، ڪـاتي ويهيـن، آهيـن ڪيـر جـوان؟
رهيـن ڪهـڙي راڄ ۾، تنهنجـو ڪهـڙو ملـڪ مڪـان
چئي: دلي ديس اسان جو، ماڻهو ملڪ چون ڪـُستان
پـاڙو 'حـاجي زئـي' جـو، منهنجـو نـالو محمـد خـان
آهيـان بـرادر عـالادين بادشـاه جـي، اُچـي ذات پنـاڻ.

دودي پڇا ڪئي پناڻ کان. پناڻ ورندي ڏني تہ: سائين! دلي جو وينل آهيان، محمد خان نالو اٿم، عالادين جي برادري جو ماڻهو آهيان دودي چيو تہ: ادا! جي آئين، ڀلي آئين. دودو پنهنجي فقير کي سڏي بيت چوڻ لڳو:

ڪوني ڇيائين پاڳُــو پان کي، وڃ نائي نهاري آءُ
سيرَب وَڏي پناڻ جــي، اسين ڇــڏيون نهرائـــي.

دودي، پاڳُــو پان فقير کي چيو: حجم کي وني آءُ. صلاح ٻاهران ئي ڪيو اڇجانس. پناڻ سان جُٽ اَچي ڪري. ڳچيءَ کان متي وار ۽ ڪَن آءُ نہ ڏسان. فقير ويو. حجم کي وني آيو. صلاح ٻَهرو ٻَهران ڪيو آيا. اُستي ويهي پناڻ کي اُبتي هٿ جو ٺڦڙ هنيو، پٽڪو ڍاهي وڌئينس. ڳچي کان متي وار سڀ پُسايئينس، پر ڪَن بہ ڪُنڙا پيو ڪري. پناڻ حجام کي چيو تہ: دلي دکن ۾، پورب ۽ پشم ۾، لاهور امبرسر ۾، ۽ سڄي ڪُـهستان ۾ سيربُـــون نهرايونسون. ڳچيءَ کان متي وار ڇو پُسايا اٿئي، ۽ ڪن پيو ڪُـنڙا ڪرين؟ حجام چيس: جُـٽ اٿئي، دانهن ڪرين تہ مهل اها اٿئي، هٿ وهي ويو تہ هڙ ئي سُـجَ. سو پناڻ دودي کي بيت ڪري، شاعر چئي ٻڌائي:

دودا! آيـن ڪجـن آڏرون، تـون تــڏي ڪريــن تــو تــاءُ
سَرسِي چوندئي ڪونڪو، سُٽِي ڪَڇِـي ڪندئي پتشاه.

پناڻ دودي کي چيو: آئي جي آڏر ۽ عزت ڪبي آهي، هُــن سان جُــٽ ڪانہ ڪبي آهي، تنهنجي نيڪي ۽ سرسي تہ ڪير ڪونہ چوندو. اِها ڳالهہ پناڻ جي ٻڌي دڙڪو ڪري پناڻ کي، شاعر بيت ڪري:

ڪـــاوڙجي ڪـــارو ٿيـــو، چـــــــڙيو دودو راءُ
مـون ڪـو مـاڻهو موڪليـو، تـون هلـي هيـڏانهن آءُ
جـا پـَـر وٽنـدي مونکـي، سـا پـَــر ڪندوسـئين
دڙڪـو آيـس دودي راوَ جـو، وينـو مغـل متــو نــائي.

دودي دڙڪو ڏئي چيس: تو ڏي مون ماڻهو خاص روانو ڪونہ ڪيو هو تہ مونکي پنهنجي تڏي تي اچي گاريون ڏي. هُـو تہ منهنجو پاءُ هو، جيئن هن کي وٽيو تيئن ڪٽي لڪيئين. تون ڪير آهين جو اهڙا خط ڪٽي ٿو اچين! چُپ ڪري ويهي رهہ. جڏهن پهلوان جو دڙڪو آيس، تڏهن پناڻ جا ٻئي ڪَن ڇپا تي ويا.

ڪاريگر دودي کي چيو تہ: گهوري گهوري. سو ڪاريگر پنهنجو پورهيو ڪري، شاعر چئي ٻڌائي:

رُڪ راسون ڪوڙيون، ڏس پاڪيءَ جا پورهيا
لوٽڻ لاهہ وڏا ڏنا، ڏنئينس تپڻ تپائي
ڪريس ڪَن ڪپار ڪان، پيڙس ڪون سماءَ
مُنهن پارِي هئي ملوڪ جي، تڏِي چڏي ويئي تاءُ
شهپر هئا پناڻ جا، مچون مُنهن متانءَ
پيس پالا پروئن ۾، پنبڻن ۾ نچڪڻا.

ڪاريگر حجام لوٽي جي متان پاڪي رکي، ونئي جو لوڏو ڏئيس تہ لوٽي جا وار، ڪَن، ڏاڙهي جو پاسو، پهرئين لوڏي سان لاهي ويهي رهيو. ٻچيءَ ڪان متي وار جيڪي هئا، ڏاڙهي، متو، شهپر، پرون، پنبڻ نچڪٽي سان چونبي، هڪڙو وار ڪونہ ڇڏيئينس. ٻئي ڪن ڪپي ڪٽي ٻُٹُو بنايئينس. متو اهڙو لسو ڪيئينس، جو سيويون ويهي ناهجن تہ هٿ نہ وچڙي. حجام هٿ ٻڌي چوڻ لڳو: سائين! اسان جو جهڙو حال، تهڙو حاضر ڪيوسون، حجم ڪي موڪل ملي. وري دودو حڪم ڪري، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ڪوني چيائين چميار ڪي، آءُ پادر تون پوئي
ڪوني چيائين دائي ڪي، آءُ ڪُرو گڏهہ ڪاهي
رنگ گهرايو رَيفَلي تو لُڙو لڳين لائي
ڳوٹ گهمايوس گهٽيون، اچوس سارو وڳهہ قيرائي.

دودي حڪم ڏنو: مينگهواڙ کي چيئين تہ ڍيرن تان سڪل موچڙا ڳولي، گهٽ ۾ گهٽ تہ بہ سؤ سوا هجي، اُنهن جي ڪَنڊِي پوئي آءُ. دائي کي چيائين تہ گڏهہ هجي رنگ جو ڪارو، ڪنن ڪان ڪُرو، پڇ ڪان لُنڊو، اُهو ڪاهي آءُ. گڏهہ جي پُنيءَ ڏي منهن ڪري ويهاريئونس. رنگ اُهو مکيائونس جيڪو ڪارن بُوٽن کي مکيندا آهن. پاليس ۾ رت بيهي ويس. سڄي وڳهہ جي شهر ۾ سرگس ڪرايائونس. هوڪو ڏئي وڳهہ ۾ چوڻ لڳا ”دليءَ جو ماٹهو سنڌ ملڪ ۾ وڳهہ ڪوٹ ڏسڻ آيو آهي، اوهين بہ ڏسوس تہ ڪهڙو آهي“. ماٹهو ڊوڙي اچن ڏسڻ لئي، اچو ڏسن تہ ڪَن اتس ئي ڪين. پڇا ڪن تہ: ڪُوئو نِنڍڙي شيءِ آهي، اُنهي جا ڪن آهن. هِن جا ڪن ڪيڏانهن ويا؟ ۽ هِن سان

ڳالهائين تہ هي پشتو ڳالهائي، جنهن ۾ سمجهئون تہ پناڻ آهي. سرگس ڪرائي اچي دودي جي سامهون لاٿئون. دودي حڪم ڏنو: لَتا ۽ هٿيار، گاشا پاڪڙا ڪسي وٺوس، اُٺ ساڳيو ڏيوس تہ جلدي رسي. پناڻ محمد خان کي چيئين تہ: ترسين تہ تعظيمون ونئين، وجين تہ هو وات اٿئي. پناڻ چيو تہ جيڪي قرب ڪيا اٿئي، اُهي ڪٽي مس تو سگهان. دودي چيس تہ: وڃ، اِهي منهنجا سلام عالادين کي ثابت وڃي ڏجئين. انهن ٽيڙن مان ڪا ذري وڃايئي تہ لڪن مان ڳولي مارينديوسئين. پناڻ بہ واعدو ڪيو تہ: انهن ٽيڙن سان عالادين سان ملندس تہ پڪ ٿئيس تہ دودو هيءَ چيز آهي. اُٺ تي چڙهي هلڻ لڳو. وڳهہ ڪان ٿورو پنڌ ڪري آيو تہ اڳيان هڪڙو سومرو مالوندو واڙ ناهيو وينو هو اُنهي جي نظر پئي، تنهن دل ۾ ويچار ڪيو تہ سويري اُٺ تي ويو. چا گاشا پاڪڙا ڏسجن، چا سوار جا ويس وڳا ڏسجن! هينئر سمجهان ٿو تہ اُٺ ساڳيو آهي. باقي مٿان تہ ڪو الاٿي غيب وينل اٿس، يا ڪو ماڻهو آهي. پري کان هٿ ڪٽي اشارا ڪرڻ لڳس. سڏ ڪيائين تہ هيڏي آءُ. محمد خان اُٺ ڪاهي آيو. پاڻ ۾ ڳالهايون. ٻولي سڃاتئينس تہ پناڻ آهي. پڇا ڪيئينس تہ: هيءَ جٺ توسان ڪنهن ڪئي؟ هِن چيو تہ: دودي. مڙس مڙسن کي ساريا پيا هئا. هن کي پڪ ٿي تہ دودو اهڙو مڙس ناهي جو پنهنجي تڏي کي گلا ڏياري. پر هِن کان کي اهڙيون حقيقتون پيدا ٿيون آهن، تڏهن پڇا ڪيئينس تہ: ڪهڙي ڪم ويو هئين؟ پناڻ چيو تہ: چنيسر جو خط ڪٽي دودي وٽ ويو هئس، تڏهن مون سان اهڙي حالت ڪئي اٿس. هِن دل ۾ ويچار ڪيو تہ دشمن جي پاسي جو ماڻهو آهي، تڏهن جُٺ تي اٿس، پر اُٺ بچيو ٿو وڃي. هاڻي اُٺ سان وري آءٌ جٺ ڪريان. پناڻ کي ريب ٻڌئين: ادا: پاڄ جو پڇايل آهين، ڪا لسي لپ پيئندين؟ پناڻ چيو: هائو. توکي شابس هجي، دودي کان ايتري بہ ڪانہ پڳي. اشارو ڪيئينس تہ: لهي پئو اُٺ تان، پناڻ اُٺ تان لهي پيو. ڏنار پنهنجي گهر آيو. خنجر ڳولي هٿ ۾ ڪنيائين. گهر ۾ باهہ بارينداآهن تہ مٿي ڇِت جا ڪک ڪارا ٿيندا آهن. اُها گهر جي ڪارنهن ڳپل جهڙي ڇاٽي ڪتي جي پلوءَ ۾ ڪنيائين. لسي جو وٽو پري، ڪٽي پناڻ وٽ آيو. پناڻ لسي جو وٽو منهن تي چاڙهيو، هِن اُٺ جا ڪن، پڇ، چپ ڪپي ڪٽي منهن تي ڪارنهن هنيائينس. پناڻ ڏسي مون سان تہ جٺ ٿي، پر اُٺ سان بہ ٿي. پناڻ ڏراڙ ڪي چيو: مون تہ

وجي دودي کي تڏي تي گاريون ڏنيون، تڏهن مون سان اِها جٺ ڪيئين. هـن ڳوپ تنهنجو کهڙو زيان ڪيو، جو چرڻ پيٽڻ کان ڏکيو ڪري ڇڏيئي؟ ڏنار چيس: هو نشان اٿئي دودي جو، هي نشان اٿئي منهنجو. سويري اُٺ تو کان بازي کنيو تي ويو. هينئر ٻئي هڪجهڙا آهيو. پر سلام تو ڏيئين سي يادگيريءَ سان عالادين کي ڏجانءِ. سو شاعر بيت شروع ڪري، فقير ڇئي ٻڌائي:

منهنجا عـالادين کـي، ســاري ڏجئيــن ســلام
نـو لک کـُـهاڙي لڳـي، منهنجـي لهـي ڏهـاڻي لام
رٻــير وڙهندئــي اَڏ م، لائــي ڏيندئــي ماتــام
ڪانوڻ نــہ ديدنـي خدمـت، پيـا طرحيـن رڏيـن طعـام
اهـي عـالادين کـي، سهنجـا سـاري دجئيـن سـلام .

ڏراڙ هن کي چيو تہ: عالادين بادشاهہ کي چنجان تہ خبردار تي پوءِ هيڏانهن اچجئين. دودي کان اڳي تخت، پاٽي، طعام حرام ڪيومائين تہ نالو منهنجو ريدار آهي نہ تہ لاهي در جي ڪتي تي رکجانءِ. نَـو لک کهاڙي جو مالڪ آهيان، کهاڙين سان قيام ڏيکاري مئين تہ نالو ريدار اٿم، نہ تہ لاهي ڇڏجئين. پناهہ دل ۾ ويچار ڪيو تہ هي ريدار مليو اٿم، اڳيان ڪو ٻڪرار مليو تہ ٻئي پورا تي ويندا سين. اُٺ جون مٽيون واڳون کنيائين . پوئتي چنيسر دل ۾ ويچار ڪيو تہ ياءُ ڏي خط لکيو اٿم باري، متان خوف کان سگَ ۽ پڳ ڏياري موڪلي. پڳ اچي تہ يلي اچي، سگَ اچي تہ پوئتي واريان. سو عالادين جي لشڪر کان ٻہ چار ميل پنڌ جا خاطيءَ جي گس تي وجي ويهي رهيو. ڏسي ڪٺي تہ اوني سوار اچي پيو. ويجهو آيو، پري کان سڃاتائين تہ اُٺ ساڳيو، چپ ۽ کن ڪپيا پيا اٿس، متان ڪا آفت ويني اٿس. سڃاتئين تہ محمد خان آهي. هـِن جا ڪَن ڪپيل ڏٺئين. موڇڙن جون ڪَنديون ڳچيءَ ۾ ڏٺئينس، خوش ٿيو ڏاڍو تہ هاٿي جهيڙو متو ۽ دودي کي چنيسر بيت چوڻ لڳو.

دودا! يلي بـابل کي ڄـائيين، تنهنجي نـچ ويـائي مـاءُ
وڳهـ قلعـو قـادر پيـر جـو، لڳـي نـہ کوسـو واءُ
کونــہ ڏســندين کــڏهين، قبــر عذابــا
هـِت مغل مجيندا هٺا ڪينکي، منهنجا ڪيا اٿئي قول سچا .

محمد خان پناڻ ڪي ڏسي چنيسر جي دل ۾ خوشي جا ڍهل وڄي ويا. دعا ڪي دعا ڪيئين تہ حق مڙس آهين، آءٌ تنهنجون ڳالهيون پرپٺ ڪندو هوس ننان اعتبار ڪونہ ڪندا هئا. اڄ خاطري ٿيندن تہ جنهن دودي جون خبرون ٻڌيونسون، اُنهي جا اهڃاڻ اِهي آهن. محمد خان کي چيئين تہ: ادا! مون اڳيئي تي چيو تہ تون نہ وڃ، ٻيو ڪو وڃي، تو نہ راليو. هاڻي لهي پئو اُٺ تان. مون وٺ ترس، دواخانا ڪريئين، ڏاڙهي ۽ متي جا وار ڄمي ويندئي، ڦٽ ڇُٽي ويندئي، باقي ڪَن ڏينهن قيام جي ملندئي. جو وڍجي ويا آهن. پناڻ چيو تہ: آءٌ هڪ گهڙي نہ ترسان. جهڙو حال ڪٽي آيو آهيان، عالادين کي ڏيکاريان. چنيسر چيس تہ: پلا بيهہ، آءٌ بہ تيار ٿيان. چنيسر چوڏهن سال راتين جا غم ۽ سوز ۾ ڪاري ويس سان گذاريو هو. اُنهي ڏهاڙي پَٽ ريشم جا وڳا ڪيائين، بادشاهي ڪلنگي ڪاپار ۾ وڌئين، گهوڙي تي سونهري روپهري سنج ڪيئين. خوشي ڪيئين تہ هاڻي لڙائي لڳي. اڳيان چنيسر، پويان محمد خان، وهٽن کي ڪاهي اچي عالادين جي طنبو کي رسيا. چنيسر محمد خان کي چيو تہ: اُٺ تان نہ لهجان. جيسين آءٌ عالادين سان ملان. اها ڳالهہ ڪري، چنيسر، عالادين جي طنبوءَ ۾ آيو. ڏسي عالادين تہ اڄ چنيسر زمين ڪان متي اُڏامندو اچي ۽ پٽ ريشم جا وڳا پيا اٿس. عالادين اُٿي بيٺو. چنيسر عالادين کي مبارڪ ڏني تہ: سائين! دودي پنهنجو دڙڪو ئي ڪونہ سَنو. ڪم خط تي ئي ڪري ڏنئين. پڳ منهنجي متي ۾، ٻاگهي جي ٻانهن ٻَهر اُٺ تي چڙهي بيني آهي. سرڪار ٻَهر نڪري ۽ ڏسي. عالادين چيو تہ خير مبارڪ. ڏاڍو خوش ٿيو تہ جنهن دودي جي دليءَ سوڙو ڏاڪو هو، انهيءَ دڙڪو ئي نہ سَنو. سو پڙڪو ڪائي ٻهر نڪتو. اُٺ تي نظر پيس تہ هراسجي ويو تہ الائي غيب آهي يا ماڻهو آهي.. سو عالادين مُنجهي، چنيسر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ڏس ڳهٽا ڳوڙي جا، پُويل چندن هار
جهُومڪن جهَڙي وڏس، ڪريس ڪن ڪاپار
چوٽو پوندو هُس چيلهہ تي، نرلي نيا اتس وار
اِها اتئي ٻانهن ٻاگهيءَ جي، مون تي ڪر اعتبار.

چنيسر، عالادين کي چوڻ لڳو: مُنڊو چو آهين؟ ٻاگهي ٻاگهي اِها اتئي. ڪَن ڏاڍا سهٺا ۽ سُبنڌا هئس. اسان سومرن جا جهُومڪ هڪڙو هڪڙو ٿيندو آهي

سوا پاءُ. سيڪا جوءِ هڪڙو هڪڙو پائي. هـن بادشاهيءَ جي زور تي ڏبي بہ جهُومڪ هڪڙي ڪن ۾ پاتا. جن چِـڪي ڪن ڪيرائي وڌس. وار ڪڙيءَ تي هئس. اڃي جو نامراد ڪي نزلو ٿئي تہ مٿو تـري تي ويس. رنگ اهڙو هئس جهڙي جهـُڙ جي بجلي، پر تنهنجي نالي ڪان پوءِ، ڪڙهي ڪاري ٿي ويئي. پيو تـہ اسان غريبن جا هار سينگار اهڙا آهن، جهڙا پايو بيٺي آهي. عـالادين ويچار ڪيو تـہ: پنهنجي نياڻيءَ سان اهڙي جٽ ڪيئن ڪندا؟ آهي منهنجي ڪٽنب جو ماڻهو پر هينئر سڃاڻي نٿو سگهان. سو عالادين بيت ڪري پـُڇي ۽ هي جواب ڏئي:

ڪيـر آهيـن، ڪـاٿي ويهيـن، تـون آهيـن ڪيـر جـوان
رهيـن ڪهـڙي راڄ ۾، تنهنجـو ڪهـڙو ملـڪ مڪـان؟
چئي: دلي ديس اسان جو، ماڻهو ملڪ چون ڪـُستان
آهيـان بــرادري بادشــاه جــي، اُجــي ذات پنـــاڻ.

جيڏي مهل عالادين پڇا ڪئي تہ: ڪير آهين، ماڻهو آهيـن، غيب آهيـن؟ هـن ڳالهايو تہ محمد خان آهيان. عالادين چيـو تـہ: اها جٽ توسـان ڪنهن ڪئي؟ هـن ڳالهايو تہ: دودي. عـالادين چيـو: ڪٿي؟ هـن چيـو تـہ: او.... اُتي. پوءِ چڱا تا چون تہ ڏڪ دشمن جو بہ نہ وڃائبو. عالادين ست دفعا واهواهہ ڪئي ۽ چوڻ لڳو تہ "خان! تنهجي خاني، مونکي مانيءَ ۾ معلوم ٿي". بيشڪ غـازي مرد آهين، ائين نہ سمجهئي تہ عالادين جو صوبو آهي. سمجهئي تہ الاٿي ڪير آهي. واهہ دودا واهہ! اتي پناڻن عالادين جي لشڪر شور مچايو تـہ: اسان جي محمد خان جا ڪَن، چنيسر جا خط ڪٽي ويو تڏهن ڪپيا آهن. هاڻي جيسين دودو هٿ اچي، تيسين چنيسـر کـي نـہ ڇڏينداسين. سـو اهـا حقيقـت ٻـڌي، عالادين، چنيسر کي بيت ڪري:

بگڙيــا يــاءُ پنــاڻ جــا، جهليــا اچــن نـــہ جــاءِ
چنيسر! پڄ تہ ڪا پيٺي لهين، متان پڄڻ نہ ٿيوي جاءِ.

عالادين چنيسر کي چيو: پناڻن شور مچايو آهي، تون ٿري وڃ، توسان وڙهندا. سو چنيسر ورندو جواب ڪري، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پر پلي بيت پـُڪائي:

بگڙيــا يــاءُ پنــاڻ جــا، مونکــي ڪنـــدا چــا
ڪـــاوڙجي ڪـــارو ٿيـــو، چڙيـــو چنيســـر راءُ

اڇي بگڙيو ديهہ وڳهہ جو، جهليو اچي نہ جاءِ
آءُ لڪڻ ڪٽان هڪڙو، لکين لاڳ لاهيان.

چنيسر چوڻ لڳو: پناڻ بگڙيا آهن تہ مونکي ڇا ڪندا؟ اٿين ڇٽي لڪڻ هٿ ۾ کڻي، چيئين تہ جنهن کي ڪوڏي ڦيرائڻي هجي سو لهي اچي ميدان تي. اها ڳالهہ ڪري نعرو هنيائين. سيني جي هٿن مان هٿيار ڍهي پيا. هڪل ڪيئون: پڇو، ڪارو ديو بگڙيو آهي. سيني کي ماريندو. چنيسر کي چوڻ لڳا: تون ۽ اسين پاٿر آهيون، جهيڙو دودي سان ٿيندو. اها ڳالهہ اتي رهي.
پوئتي دودي دل ۾ ويچار ڪيو تہ پاٿرن کان سواءِ پلو نہ ٿيندو. سالڪن چيو آهي.

”پاٿر وڏي وڪري، جڳ جيوتا هون
جيهو ميلو پاٿرو، الله ڪري سو“.

دل ۾ ويچار ڪيئين تہ پاٿرن کي گهرايان. بي حقيقت سمجهيائين تہ جنگ جا خط، موت جا سلام ڪڇي آيا آهن. واعدو ڪيو اٿم، مردانو سخن، انهي واعدي کي پاڙي ڏيان. فرض ادا ڪريان. متان منهنجو سڱ ورهن جو پورو ٿي وڃي! تنهنڪري ننگر کي گهرائي ڳانو بانهن ۾ ٻڌئينس، پنهنجي نياڻي نالي سوني، جيڪا چنيسر کي ڏند ۾ آڇ ڪئي هئائين، اُها وناهہ ۾ ويهاريائين. شادي جا ڏينهن ٻڌي دهل شروع ڪرايئين، تنهن کان پوءِ پنهنجي پاٿرن ڏي خط لکي راڄ گهرائي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

خوني خط خلل جا، لکيا دودي راءِ
ڪڇ پڇ ڪاڇي ڏي ويا، ماتيلي متان
هڪ ويا جيسلمير ڏي، ٻيا پاهڙمير متان
آيا جڏهن اجمير ۾، ڏيئي جاڙيجا جلبا
چنو چڙهي آئيو، پٽي جنهن جو پاءُ
راڄڙ روڪي آئيو، بانڪو بنگلي ڏانهن
دودي ديميون آئيون، وڳهہ ڪوٽ وڄان
دودو مردن کي ميدا ڏيوي، گهوڙن داڻو گاهہ
سما مليا هئا سومرا، اچي گڏ ٿيا امراهہ.

دودي پنهنجا پاٿر گهرايا، خط لکيائين، جي ملڪ دودي کي سلامي هئا، سيئي راڄ سومرا، سمان، جاڙيجا، پٽي، گجر، ٽونئر، راڄڙ، سوڍا، خفيف ۽

هوليـاڻي سڀ اچي گڏ ٿيا. جهڙا امير آيا، تهڙيون رسايون ٿيون. ڪائي خوش ٿـي وينا. خبرچار هلي. دودا! اسان ياڻرن کي گهرايئي حقيقت ڇا آهي؟ دودي لڙائي جا خط ڪڍي راڄ کي ڏيکاريا. عالادين ۽ چنيسـر لکيو آهي تـہ: سگَ ۽ ڀگ ڏيو، نہ تہ ڪوٽ ۾ ڪانَ هڻنداسون. اڳ ۾ مـِـٽي ناهي، زور ظلم جي مـِـٽي ٿئي ٿي. هاڻي اوهان ياڻرن کي گهرايو اٿم، چئو تـہ سگَ ڏيون، چئو تـہ سـِـر ڏيون. راڄ ڳڻ ڪئي، دودي کي چيائون: جنهن چنيسر پنهنجي مارائڻ لاءِ ايتري حقيقت پيدا ڪئي آهي، اُنهي جي پُـٽ کي تو پنهنجي نياڻـِي ننگ ڪري ڏيئي ۽ رت ڳنڍيو اٿئي. هاڻي انهي کي گهراءِ تہ اُهو ڳاني ٻڌو گهوٽ، ميڙ ٿي وڃي پيءُ سان پرچاءُ ڪري. جي پرچي تـہ پرچائي اچي چنيسر کي، نـہ تـہ جهيـڙو ٻـہ ننگر وڃي جوٽي. پيـنان خزانـو لشـڪر بيشـمار پهچائي ڏينداسون. اِها صلاح منظور ڪري، دودي ياڳو يان فقير کي بيت ڪيو:

ڪونـي چيـائين يـانَ ڪـي، وڃـي ننـگر نهـاري آءُ

جهنـگ مـان آڇج ڪينڪي، آڇـا مـاڳهين مريم ڪـان.

دودو پنهنجي فقير کي چوڻ لڳو تہ: ننگر کي وني آءُ. جهنگ مان نہ آڇجئينس، شهزادي مريـم جي هٿئون آڇـانس. يـاڳو فقيـر سـُرندي جو سـاز ڪڍي، ننگر بادشاه جي ڏيڍي تي ڇاڻ ڪري، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

يـاڳو يـان اُتـي هليـو، آيـو ننـگر ڏيـڍي تـي

هو چنگ چڻنچل جي هٿ ۾، جنهن طرحين وڃايا تال

انـدر حـاويليءَ ۾ پيـو سـاري سـاز سمـاءُ

بـائيءَ چيـو ٻـانهيءَ کـي، انـدر دائـيءَ کـي داناهـہ

تـہ ڏيڍيءَ آيـو منگتـو، لـَـڪمان لهـي آءُ سـُـڌ سمـاءُ.

ياڳو فقير سرندي جو ساز دروازي تي وڃايو. اندر محلي ۾ خبر پئي تـہ ڏيڍيءَ تي فقير آيو آهي. "لکمان" ٻانهيءَ کي شهزاديءَ چيو تہ: فقير سان ملي، احوال وني آءُ. ٻانهي لکمان فقير کان پڇيو تہ: فقير! ڇا تو چوين؟ ياڳو فقير چيو تـہ: ننگر هجي يـا ننـگر جي والـده هجي، انهـن سان حقيقت ڳالهـائيندس. تيسين شهزادي مريم اُها فقير وٽ هلي آئي. سو ياڳو يان کي ڪيڪاري، خبرچار وني، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

آءُ اسـان جـا منگتـا، يـاڳو! پلـي ڪـري آئيـن يـان

خـوش هـو دودو سـومرو، خـوش هئـا راڄ سـندانِ

بادشـاه ٻـڌان تـي ٻڪـار تـي، آهـي عـالادين آيـو
متـان وَر منهنجـي ولهـي وجـي برحـال ٻـاري باهـہ.

شهزادي فقير کي ڪيڪاري ۽ پڇا ڪئي تہ: فقير! دودو خوش هو، راڄ امير خوش هئا؟ پر مـون خبر ٻڌي آهي تہ چنيسر عـالادين کي ونـي ٻڪـار تـي لٿـو آهي؛ اها ڪا حقيقت ٻڌائينم! سو ياڳو فقير شهزاديءَ کي حقيقت ٻڌائـي، شاعر بيت ڪري.

مائي! مونکي دودي موڪليو، تو ماڳهين مريم ڏانهـن
پـٽ ڪـدي ڏي پنهنجـو، ڪـري ابـل سـان پرچـاءُ
ننـگر جـي چڙهـڻ جـو، ٻـَـڌو سـاري راڄ ريـاءُ
تنهنجون رَند نہ رُلن سومريون، لهـيِ ڏولاٿـو ڏيهہ متان.

ياڳو فقير چيو شهزادي مريم کي: دودي ۽ ٻين اميرن ۽ ياٿرن مون کي تو ڏانهن موڪليو اٿن تہ شهزاديءَ کان موڪلائي ننگر جي ٻانهن وٺي آءُ تہ پيءَ کي ميڙ ڪري وجي پرچائي. جي نہ پرچي تہ جهيڙو بہ وجي ننگر جوتي. اها حقيقت ٻڌي شهزادي مريم. ورندو جواب فقير کي ڏئي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ننـگر منهنجـو ننـڍڙو، جنهـن کـي وهـي ڪيـر مـُـنهان
مَـسڙِي نہ آئي اٿس مُـنهن، اٿس ڇُوٽن سان ڏاڍو چاهہ
وڙهنـــدو عـــالادين ســـان، لڄـــن جـــي واري.

شهزادي مريم، فقير کي چيو تہ: ٻيا صوبا سردار مري ويا. ننـگر ڳاني ٻڌو گهوٽ وڃي لڙائي ڪري، جنهن کي اڃا ڏاڙهي نہ آئي آهي! ٻاراڻو خيال، جڏهن ٻيا صوبا سردار مري ويا، آخرين ڪـوٽ تـي جنگ آئي تہ ننـگر مڙس جو پٽ آهي، ننگن متان سر قربان ڪندو. اها ڳالهہ ٻڌي ياڳو فقير وائڙو ٿي پيو. ننگر انهي وقت حاضر نہ هو. پنهنجا هڪ جيڏا دوست وٺي ويو هو "لوهُو" واهہ ۾ وهنجڻ. ٻين يارن کي وري سڏ مليل هو راند جو. اُهي يار سڏ تي آيا پئي تہ ياڳو فقير جي سُرندي جي ساز تي اچي بيٺا هئا. جي وهنجڻ ويا ٿي. يارن ڏنو تہ فقير کي مانُ نہ مليو. اها خبر ننگر کي ٻڌايئون. فقير اتي واجهايو پئي تہ هنن دوڙي اچي ننگر کي حقيقت ٻڌائي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ننـڍڙا يـار ننـگر جـا، هئـا ســُـرندي ســاز متــان
آيـا روئنشي رانـد جـي، جـن کـي هـو ڏائـِـي جـو ڏانءُ

ننـــگر كـــي يـــارن ڏنـــو ســـاري ســـاز سمـــاءَ
ڏيـڍي آيـو منگتـو، تنهنجـــي مـــُهت نـــہ ڏنــس مــاءَ
بــي مانـائتو منگتـو تيـو وڃـي مـاڳهين مريـم كـان.

ننگر بادشاه كي پنهنجي يارن اچي چيو تہ: پاڳو فقير تنهنجي لاءِ كا ڳالهہ وٺي آيو هو، پر تنهنجي ماءُ مُهت نہ ڏنس. تو لاءِ پئي واجهايئين. ملينس تہ اجا فقير ڏيڍيءَ جي مهندان هوندو. سو ننگر بادشاه وهنجڻ ڇڏي، پنهنجي فقير كي ورائي، خبر پڇي، شاعر بيت كري، فقير ڇئي ٻڌائي:

ويــر وهنجــڻ ڇــڏي ڏنــو، ســاري حضــرت شــاه
پــائي تــو پــاڻيءَ جيئـن، جـِـيوين دور كـــري درياهـــ
كـُڏ ڏئي كيهر شينهن جيئن، جيويـن هرڻ ڏيوي لاهـ
پـُـورب جيئـن پلتـي پيـو، جيئـن واكـا كـري واءُ
اچـي پـڙ ورايئيــن پـان كـي، ڳـل پــاند ڳچــيءَ پــائي
تـون آءُ اسـان جـا منگتـا، پاڳـُــو پلـي آئيــن پـان!
خــوش هــو دودو ســومرو، خـــوش هئــا راڄ ســـندا
تنهنجـو كـم اسـان سـان، تـون اسـان سـان ڳالهـاءِ
اِهـو رنـــن راڄ رلائيــو، ســو رُليــو اچــي نـــہ جــاءِ.

ننگر بادشاهہ وهنجڻ ڇڏي، لَٽا پائي، دوڙي اچي فقير كي ورايائين. آجيان، آدر، خوش ۽ كينكر كيائينس. فقير كي چيائين: تون قاصد آئيــن، پســڻ مونكي اڱڻي پيو آهي، پر ڏاڙهي جو قدر آهي. ڏاڙهي كي، توكي كنهن چيو تہ ڳَلهُو لشكر سان ڳالهاءِ. تنهنجو كم مون سان، منهنجو توسان. هاڻي خلاصي خبر پنهنجي بنگلي تي هلي ٻڌائينم. فقير جو غم ميٽي وڌائيـن. چنبو چنبي ۾ ڏيئي پاڻ سان گڏ وٺي آيو. پنهنجي بنگلي ۾ اچي وينو. پاڳو فقير ننگر بادشاه جو بنگلو بادشاهي ۽ سندس عزت ساراهي، بيت چوڻ لڳو:

تنهنجـا بـــاغين آڏيـل بنگـلا، آهـي اُچـي اڏاوت تــن
تنـــي كــامون چنــدن جــون، مـــُـشك ليـــپ لـــڳن
كنـون شيشـم عـاج جـون، جـن تـي هنــڌ فــراش پـون
گلـم اوهـان دوداڻيــن جـا سـي جنهـور سـان جڙجـن
نـَـو كـُڙهـُـون تـو نـر جـون، جتـي نـِـيرا تـا نچـن

بـــوروُن ۽ شـــهزورون، ڪـُــميتون منجهـــن
ســُــرخيون ســنجافن ۾، مـــُشڪڙيون منجهـــن
ســونهري سمنــدون، جـــن تـــي ســونا ســنج پــون
بابـــُـون ڏڍا تـــن ۾، گـــاهي گاهـــ پـــِـي ڪـــن
مهـــري تنهنجـــي ميـــدان ۾، سڀــ ڏاٺـــي ڏول ڏرن
سنڌ جا سورهيہ سومرا، تـو وٽ ڪوئـر ڪچهريـون ڪـن
خـــان! پڇيـــن تـــو خبـــرون، ويهـــون ننـــگر! نوابـــن.

فقير ڀاڳو اها ساراهہ ڪئي سخي غازي سورهيہ جي. ننگر بادشاهہ چيو: فقير! مون سان اها الله جي ڀلائي آهي، خبر اها ٻڌاءِ جيڪا مون وٽ ڪٺي آيو آهين. فقير حال محرم هو، تنهن وٽ لڙائي وارا خط هئا، اُهي ڪـڍي ننـگر کـي ڏنائين. خط پڙهي ننگر ماٺ ڪري ويهي رهيو. فقير جواب پڇيو تہ: ننـگر! ڪهڙي ورندي تو ڏين؟ سو ننگر، فقير کي ورندو جواب ڏئي شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

پلـــي عـــالادين آئيـــو، جنهـــن کـــي آنـــدو آهـــي الله
مـــردن ۽ نـــامردن جـــو، ســـُـــيان پـــوي سمـــاءُ
آءُ وجي جنگ جا نيزا ڪوڙيان، جنهن ۾ ڳوڏا واهيان گاهہ
سي سانـَـهہ ويڙهايان سومرا، پـَـٽي ڪندس مغل پاهہ
نديـــون نيـــر پلوٽيـــان، وڳهـــ وهايـــان واهـــ
ڏيانس نہ واهياٽي وڳهہ جي، توڙي ڏيءَ ڏيوي بادشاهہ.

ننگر بادشاهہ، ڀاڳو فقير کي چيو تہ: عالادين پلي آيو، دنيا دم گذر آهي، مردن جو نامردن جو سماءُ پئجي ويندو. عالادين ڏيءَ جو سنگَ ڏئي تہ بہ هتان واهـِي جو ٻار بہ نہ ڏيانس. اها ڳالهہ ڪري ۽ سندس سئيس کي حڪم ڏئي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ڪوني چيائين سئيس کي، منهنجو ڪيڪٽ ڪاهي آءُ
لالون هجنـس لغـام تـي، ڪـَمـِـي ڪِمند تـي ناهـ
گـل سـهٽا گـاديءَ تـي، هجـن جهڳمـگ جـا جهـوڙا
پـــڙ پهرايـــو پـــان کـــي، ڏئـــي ســونهري ســـروپاهہ.

ننگر بادشاه پنهنجي سئيس کي حڪم ڏنو تہ: هزاري گهوڙو، هزاري سنج، سونهري روپهري هٿيار، هزاري وڳو، هزار رپيا روڪ فقير کي ڏيئي پهرايو تہ چاچي کي وجي سلام ڏئي. فقير کي چيائين تہ: آءٌ سپاٽي ايندس. فقير کي پـَهراڻـِي ملي. بادشاهي گهوڙي تي چڙهي ويئو. ننگر سومري، فقير کي هڪڙي شراب جي بوتل پياري، بي هٿ ۾ ڏنائين. سندس گهوڙو ڪوئنتل ڪاهيائين. چڱا تا چون "پلي جي سواري آهي مـَڻ جو نشو". هن کي شراب جو نشو بہ اچي تيو. پـَلي جي پنيءَ ۾ آهي مصري. ڳڙي چکي تہ ياد رکي. گهوڙو هزاري هو، تنهن پنڌ جي پلٽ ڪئي، فقير گهوڙي کي ڪوٽ ۾ اندر مـُنهن ڏنو، اندر سومرن جي ڪوٽ ۾ تامي جو فرش وڇايل هو. بہ گهوڙا جڏهن تامي جي فرش تي دوڙرو ڏيئي هليا، تڏهن گهوڙن جي سنبن، تامي تي اهڙا واڪا ڪيا، سارو ڪوٽ ڪنبائي وڌئون. دودي پنهنجي يارن ۽ پائرن کي چيو تہ: ڪوٽ ۾ ڪڙڪا پئجي ويا آهن، پاڻ پيا هتي ڪچهري ڪريون، متان ويري جا گهوڙا اچي ڪوٽ ۾ پيا! ڀر نڪري ڏنائون، سڃاتئون تہ فقير آهي. دودي کي ٻڌايئون تہ: ننگر کي الله لائق ڪيو آهي، فقير کي پهرايو اٿس، فقير جا گهوڙا آهن. فقير متان اچي سٽڪو ڪيو. نوڪر گهوڙا وٺي وڃي جانشين ڪيا. فقير ڪچهريءَ ۾ داخل ٿيو. دودي پڇا ڪئي تہ: ننگر جي حقيقت ٻڌاءِ! لائق ٿيو يا نہ لائق ٿيو؟ فقير، سومرن جو اَولاٿو پـِيڙهيءَ بردار هو، اُهو دودي سان بيان ڪرڻ لڳو:

سـت پـِـين، سـت پونـگر، سـت دودا سـنيران
تـہ- سـتا ايڪيهـہ، ٿيـا وڳهـہ جـا وريـام
تـن مـان ڪونـہ ٿيـو، ڪـو ننـگر جهـڙو خـان.

فقير چوڻ لڳن: آءٌ پيڙهائتو فقير آهيان، ننگر جهڙو خان مونکي ڪونہ ٿو سـُجهي. الله لائق ڪيو آهي. سلام ڏيندو هوئي، سپاٽي ايندو. دودو ٻـڌي خوش ٿيو تہ ننگر سپاٽي ايندو، سا چڱي تي پوندي. اها ڳالهہ اتي رهي پوئتي ننگر دل ۾ ويچار ڪيو تہ هن هلندڙ زماني ۾ هر ڪو هڪ جيڏو سنگتي چوي ٿو تہ پاڻ يار آهيون. اڄ يارانيءَ جي پرکا جو وقت آيو آهي، ڪوڙا ۽ سچا پرک ڪجن. سو پنهنجي دوستن ڏانهن دعوت نامون ڏنائين تہ سانجهي ڪچهري ڪنداسون. چڱن ويچارن چيو آهي تہ هن زماني ۾ يارانيءَ جا درجا آهن بہ - هڪڙا جاني يار ٻيا ماني يار، جاني يار اُهي، جي سِرَ جا سچا، لڳي مهل سـِر

ننگر بادشاه پنهنجي يارن سان گڏجي، اِهي خوشيءَ جا ساز ۽ بگل وڄائي، بندوق جا فير ڪري، اچي چاچي جو سلام ڪيو. سلام ڪري گوڏو اچي گلم تي پڳائين. ننگر کي دودي چيو تہ: ابا! مون سان گڏجي اچي ويھہ! ننگر چيو تہ: تو پڳ واري سان همسري ڪري نہ ويھبو. دودي چيو: منهنجو ماٽـِـي ثاني آهين. ننگر چيو: ماٽي ثاني آهيان يا ناهيان، سو تون ڄاڻ. اِتي قدرت ويهاري ها تہ اسين ويهون ها، ڪنهن جي ڀاڳ ۽ نصيب سان ريس نـاهي. تـون منهنجو راجا آهين. آءُ تنهنجي رعيت آهيان، توسان همسري ڪري ڪونہ ويهندس، باقي جنهن ڪم لاءِ گهرايو اٿئي اهو حڪم ڪر! دودو چوڻ لڳو تہ: اَمر برجاءِ هينئر ئي نٿو ڪرين، ڪم ڪيئن ڪندين؟ ننگر چوڻ لڳو: اِنهي اَمر برجاءِ جي خبر مون ڪان نہ وٺ. سالڪن چيو آهي "مـُـٺ پيڙي پلي، پَـٽـِي لاءِ نہ ساءَ". باقي جيئن چوين تيئن ڪريان. دودو چوڻ لڳو تہ: پهرين مونکي اهو ٻيان ٻڌاءِ مـُـٺ پـيڙيل وارو، ۽ مون سان ڇو نٿو ويهين! سو ننگر سومرو، پنهنجي چاچي دودي کي جواب ڏئي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي، سو پلي بيت پڪائي:

چاچـا! مونکـي بـابل جـا، تـا پلپـل پــور پــون
مــاٽهو ڏيــوَن مهٽـا، مونکــي جـُـلبا تـا جــاڳن
هينــؤن ڦــاٽيو اڌ ٽـئـي، ٻئـي ڦقــڙ تــا ڦڙڪــن
وڃهئيــن وڳــوڙ وڳهــہ ۾، منهنجـا مـُـزرا راڄ ڏسـن
تختــن تــي تـــالان ڪريئيــن، آڏو اُمراهـــن
ســڳَ ڏنــو ســونيءَ جــو، تــڌهن لهيــو لــَـٽ وچــن
هـاٿي اُجلين جـي آڙاهـہ ۾، آيـو اٿـئي ننـگر نوابـن.

ننگر بادشاه پنهنجي چاچي کي چوڻ لڳو: انهي حقيقت جي لاءِ پنهنجي پيءُ جا مونکي اهڙا پور پوندا آهن جو هينئون ڦاٽڻ کي اچيو وڃي. وري ماڻهن جا مهٽا طعنا ۽ خبرون ٿو ٻڌان تہ ٻنهي ڦڦڙن ۾ ڦڙڪار ٿيندا آهن. اُنهي سور ڪان توتـي اکيون رت ٿيون ڇڏينِ. اِنهن لکن ۽ هزارن جي اڳيان ائين سـر ڪٽي وٺئين، جيئن تکو ڪنيار چڪ ٿا ڻاٿاڻءُ لاهي وٺي تہ منهنجو نالو ننگر آهي، نـہ تـہ لاهي در جي ڪتي تي رکج. پر آءُ ڇا ڪريان، منهنجو وس نـاهي. هڪ تـہ بـابي جهيڙو وڃي جوڙيو آهي اُبتو، مردانو جهيڙو ناهي. ٻي ڳالهہ تہ تو پنهنجو ننـگ ڏيئي رت ڳنڍي وڌو آهي. سالڪن چيو آهي تہ:

”ننگ نهورڙي سئي، لوني لاڳاپن
ڪوڙن آسانگن، ساٿئون گسائي سئي“.

آءٌ چا ڪريان، تو ننگ جي ننگاوت ۾ سر خريد ڪري ورتو آهي. هاٿي هي سر حاضر آهي، هو تلوار - حڪم ڪر، آءٌ حاضر آهيان. دودو چوڻ لڳو: ابا ننگر! اهي ڳالهيون تو ڪرين، سڳ سڳن جهڙا نه آهن. سو دودو، ننگر کي بيت ڪري، شاعر چئي ٻڌائي:

چاچو بابل نا ٿيوي، ماسي نه ماءُ
پاچائي نه پيڻ جيئن، سوٽ نه سڳو پاءُ
منا آهن رت اُبن جا، ڏسي ڪنديس پرچاءُ
پاسي ويهنديس پيءُ جي، پوءِ ٿيندءِ ڳالهه ڳري.

دودو، ننگر کي چوڻ لڳو ته: ننگر! چاچو بابو نه ٿيندو، ماسي ماءُ نه ٿيندي، پاچائي پيڻ نه ٿيندي، ڏنا منا آهن، تون وڃي پنهنجي پيءُ جو پاسو وٺندين، پوءِ مون هڪڙي جو حال ڪهڙو ٿيندو؟ ننگر چوڻ لڳو ته: چاچا! ”ڪهي سا رهي، ٻولي ٻاروچل سان“. هت واعدو ڪري نه ڦرندس. دودي چيو ته: ڦري ويندين. سو نه ڦرڻ جي پڪ ننگر ڏئي، شاعر بيت ڪري:

ڦري سو ڦرجي وڃي، ننگر ويندئي ماڳ مري
لاهه ننگر تان آسرو، ايندو کهنبن منجهه ڪچي.

ننگر چوڻ لڳو ته: چاچا! تون خاطري ڪر. پرچاءُ ٿيو، حياتي وري ايندس، پرچاءُ نه ٿيو ته پوءِ منهنجو مڙهه ڪچي ايندءِ، سو ڏسي خوش ٿجانءِ. دودي چيو: ابا! تو سيڪا ڪئي. سو ننگر کي دودو بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ننگر! پنهنجي پيءُ کي، آءُ بابل پرچائي
ٻارهن شهر بڪار جا، اڇي خان ڪٽي کائي
پرزو نه ڏيندوسانس پڳ جو، پيا سپ راڄ چنيسر کي.

دودو، ننگر کي چوڻ لڳو ته: الله سوڀ ڏيندئي، وڃي پيءُ کي پرچائي آءُ، جهيڙي نبيري، عدالت، راڄ، چنيسر کي ڏنم مگر پڳ ۽ تخت نه ڏيندس. متان چوي ته عالادين جي خوف کان ڏنئين. ننگر چيو ته: جا پڳ تو ٻڌي آهي، سا توکان ڪانه ورائبي، مگر آءٌ ننڍو هئس، بابو ڪاوڙجي ويو، شڪل مثل الائي ڪهڙي آهي. آءٌ ڪيئن سڃاڻندس ته منهنجو پيءُ چنيسر اهو آهي؟ سو دودو پنهنجي پاءَ جا پار ننگر کي ٻڌائي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

جـڏهن هـو وڃـي ڪـوٽ ۾، پـڙ منهنجـو پـاءُ
مـاري شـينهن مـُـڪن سـان سـٽي ڪـيندو هـو سـاه
سانـَـهن سـگ سـنوان ڪـري، ونگيـن لاهـي ور
سـامهون ڏسـي ڪونـہ ڪـو جيـڏانهن ڪـري نـر نظـر
اڄ نـہ ڇاٽـان کهڙو، مـَـٽي ويا چوڏهـن ورهيـہ وڃـان.

دودو چوڻ لڳو تہ: جڏهن چنيسر هتي هو، مـُـڪن سان شينهن مـاريئين، سانـَـهن جا سگ سنوان ڪري، ونگن جا ور لاٿئين، جنهن ڪچهريءَ ۾ اچي ويهندو هو اُها ڪچهري ڪم قوت تي ويندي هئي. جنهن مرد ڏي سامهون ڏسندو هو، اُهو مـرد هـن ڏي ڏسي ڪونـہ سگهندو هو. تاب نـہ جهلي سگهندو هو. هُـن جي اک ۾ اهڙي گهُـور رکيل آهي، چوڏهن سال گذري ويا آهن. خبر ناهي تہ اَهڙي طاقت اٿس يا ڇڏي ويس. سـر ڪـَنڊَ سوڍو، دودي جو يـار وينو هو. اُنهي چيو تـہ ابـا ننگر! پٺهين جا پار آءٌ توکي ٻڌايان ٿو. سو شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ڪـارو طنبـو پٺهيـن جـو، هونـدس نـيرو گهـوڙو هيـٺ
پيـيـچ سـجاڻـج پـڳ جـو، اُڙدنِ تـج سـچيت.

سوڍو چوڻ لڳو ننگرکي تـہ: ڪـاري گهـوڙي ڪـان سـواءِ سـواري ڪـانـہ ڪيئـن. طنبو ڪارو اٿس. جيئري جاني جدا ڪري ويو آهي، پاڻ بـہ ڪـاري ويس ۾ هوندو. بيو تـہ هـِت دودو ڏسيو تو وجين، اُتي بـہ وجي دودو ڏسندين. اهـو پيچ پڳ جو سجاڻيو وڄ، وري بـہ اِهـو پيچ وجي ڏسندين. ننگر چيو: هاڻي مـون سجاتو. پـر دودي کي چوڻ لڳو: چاچا! هڪڙي پارت تـو توکي ڪريـان، سا منهنجي تـَن سان ٻڌجاڻ. سو شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

صـاحب لاوي سانوڻـي، ڊُرس چڙهـي دريـاءُ
ٻيـلا ٻـڏن ٻـوڏ ۾، ٻيـا واهـڙ وهـن واهـہ
سـاري حضـرت شـاه کـي، هـاري چـاڙهينِ نـار
بـج چٽـنِ ٻنـيءَ ۾، ڪـري الله تـُـهار
سـلا نپـائين ننـيڙا، ٻيـا هـُـڙهيا هڪليـن جهـار
ڪڏهن چوئنڪ، ڊِڍي، ڳل ڦاڙ، سنگ نڪري تيـن نروار
اچي پيڙن ڳاهہ فراق جـو، تـي ويـا ڪٽو ڪٽي ڪـان ڏار
جنهـن جـو ڪونـڏر هـي ڪـُـسندو وجي عـالادين اڳيـان

تنهن جي جيجل جوڳياڻي ٿيندي، جنهن جو پٽ نڪو ٻيو پاءُ
سا پرتي اٿئي سومرا، ٿيندي ولهي وڳهه ڪوٽ وچانءُ.

ننگر بادشاهه، پنهنجي چاچي کي، انسان جي پيدا ٿيڻ جو نمونو ٻڌائي چوڻ لڳو ته: جنهن جو مڙس اڳي ويو، پٽ هاڻ ٿو وڃي، اُها سڄي وڳهه ڪوٽ منجهان ولهي ۽ واڻڙي ٿيندي، اُنهي جي پارت ٿو ڪريئين. سو دودو ورندو جواب ڏئي ننگر کي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

اَبـــل توڪـــي پائنيـــان، مريـــم پانيـــان مـــاءُ
سونـــــي ڏيـــان خذمـــت ۾، ســـاران ڏيءُ مهنـــداءُ
پـَتـُـــل راڻـــي پينگهـــو لوڏينـدي، مريـم جـي مهنـداءُ.

دودو ريهه ڪري چوڻ لڳو: ننگرا تون نه سمجهه ته هيڪلي آهي. منهنجون ٻئي نياڻيون، منهنجي راڻي، آءٌ سيئي ماڻهو تنهنجي ماءُ جا غلام ٿي گذاريندا سون. ننگر چوڻ لڳو: چاچا! تو سيڪا ڪئي، هاڻي منهنجي الله واهي. دودي دل ۾ ويچار ڪيو ته:

”هـي ٿـا وجـن هگلـور، سـي ڪرميـن ملـن ڪـاپڙي
جوڳـــي ســـندي ذات، ٻئـــي پيـــري پـــاڳ ملـــي“.

سو دودو پنهنجي روح ۾ چوڻ لڳو ته ڪا گهڙي ننگر کي پاڻ وٽ رهائي، ڏسي ڏوءُ ڪريان. سو ننگر کي وار ڳڻي ٻڌائي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

چنچـــر چيهـــه نـــه وڃجـــي، نڪـــي اُيـــري آچـــار
منگـــل متـــي ۾ مـــامرو، ســـولـــو ســـومر وار
اتـــر ڏينهـــن اربعـــا جـــو، آهـــي نـــالو جنهـــن جـــو نـــار
خـــاصو ڏينهـــن خميـــس جـــو، عـــالم چـــون جـــوءِ
ڏجـــان جـُــلبو ڏينهـــن جمعـــي جـــي، پهـــر پڇاڻـــا پـــوءِ
قـــادر تنهنجـــي ڪـــار، خـــالق خـــالي نـــه ڪنـــدو.

جڏهن دودي متيون بيت ڏيئي بس ڪيو، تڏهن ننگر دودي کي جواب ۾ چيو ته: چاچا! اهي ستئي ڏينهن رهي پوندس، پر پنهنجي بنگلي تي، چو ته ”لوڪ آهي منهن موڪ“، ڪو ڪيئن چوندو ڪو ڪيئن چوندو. وڏيڪ دودو ڪجهي نه سگهيو، ماٺ ۾ اچي ويو. ننگر تياري ڪري هلڻ لڳو. ننگر پنهنجي دوستن کي چيو ته: اوهين ٻاهران هلو، آءٌ اندران ڪوٽ منجهان ٿي ايندس. اها ڳالهه

ڪري ننگر ڪٽي اندر ڪوٽ ۾ گهوڙو ڦٽو ڪيو. اندر ڪوٽ ۾ ننگر جي مڱ جا دودي جي ڏيءَ هئي. سا وناهہ ۾ وينل هئي. انهيءَ جي ڪنن تي جڏهن گهوڙي جي سنبن جا ڪڙڪا پيا، تڏهن چيائين:

تنبي ڪامون تڙڪي ويون، پيا پٽين ۾ واڪا
ڪٽ بانهيون لهڏي ويون. آيا هندوري جهوٽا
متان صحي عالادين آئيو، لڪي در متان.

شهزادي دانهن ڪري بانهي کي چوڻ لڳي تہ: سڄي محلات گهوڙن جي سنبن جي آوازن ڪنبائي وڌي، ڏس تہ متان دشمن جا گهوڙا اچي ڪوٽ ۾ پيا آهن؟ بانهي پڙڪو ڪائي ٻاهر نڪتي، ڏسي تہ سبحان الله! هوڏانهن آهي مرد جو حسن، هوڏانهن آهن سج جون راسون. پاڻ ۾ هڪ تي ويون. سو درد مان دانهن ڪري ۽ شهزادي کي هن ريت فرياد مان ٻڌائڻ لڳي آهي تہ:

سونا ڪنگڻ ٻانهن ۾، اٿس ڪنن ۾ لسُڙڪا
پٽ چنيسر راءُ جو، پائٽيو دودي راءُ
مير مڱيندو تنهنجو، ور تو ونيءَ جو آ.

اهو بيت ٻڌائي، شهزادي کي ٻانهي چوڻ لڳي تہ:

هئي هئي هٽنديءَ هتڙا، نت نہ ايندئي ناز
ناهي نيبہ ڪنهين سان، ساري عمر سهاڳ.

ڏسي ونين تہ مهل اها اٿئي، متان پوءِ مون کي ميارون ڏين! ٻڌي اٿم خبر تہ ننگر جنگ تي چڙهيو ٿو وڃي. اها ڳالهہ ٻڌي شهزادي، ٻانهي کي الله جو اسم وجهڻ لڳي تہ: خدا ڪارڻ هن دريءَ تائين وني اچينس تہ ڪا ننگ جي نوڙي وجهانس. جنهن مهل اها ڳالهہ ٻڌائين تہ ٻانهي پڙڪو ڪائي محلات ڪان هيٺ لتي ۽ کهڙا پنڌ ننگر جي گهوڙي ڏي هلڻ لڳي، وِڪ، قدم، رلو، ٿشڪو، ٻَٽيڪو وجي پُورزو ۾ پئي. اڳين پوين ڪان جواب. ننگر جي گهوڙي ڪان اڳي اچي انهي رستي ۾ بيني. جتان ننگر جو گهوڙو تي آيو. گهوڙو آيو، ٻانهي نڪا هٿ ڳلي ۾ ڪرايو. گهوڙو روڪجي پيو. ننگر اک کولي تہ سڃاتائين تہ منهنجي محبوب جي ٻانهي آهي. ٻانهيءَ کان پڇا ڪيائين تہ: ڇو گهوڙو روڪيو اٿئي؟ ٻانهيءَ چيو تہ: سائين! مهرباني ڪري، هُن محلات جي دريءَ تائين هلو. ننگر چيو تہ: اسان بادشاهن جو اهو وصف

ناهي جو ڪـُنوارين مـُنهن لڳون. انهيءَ محلات ۾ جڏهن الله آڻيندو تـڏهن پاڻهي ايندس. پر ٻانهي بہ مـُڪل واڌڻ هئي، جي سـَر ڦنايا هئائين سي ڦٽي ويا، جي وسايائين سي پئي وُٺا. ريهي ريبي ننگر جي دل ڪسي ورتـائين. اتـي ننگر چيو تہ: تون تي چوين يا ماڙيءَ جا مالڪ تا گهـُرن! ٻانهون ٻڌي عـرض ڪيائين تـہ: آءٌ ڪهڙي شيءِ آهيان، اها مهرباني ڏٽين فرمـائي آهـي. ننـگر بادشاه کي وني آڻي دريءَ کان بيهاريائين. پاڻ ڀڙڪو ڏيئي محـلات تـي چڙهـي ۽ شهزادي کي چيائين تہ: ٻسائڻ! شهزادو دريءَ کان بيـنو آهـي، ديدار ڪيو تـہ مهل اها آٽان. شهزادي "سونل" تي وناه جو گونگهٽ هـو، اُهـو سالـُـر تنهـن تـان ڪٽي، ڪـُلئي مـُنهن ديدار ڪرائڻ جو ارادو ڪري، دري ڪوليـائين. هاڻي شـاعـر ٿو چوي:

ولِـتـي اُتــي وڃ جيئـــن، هـــڪ نـــاز پـــري نينـــگر
ڪـــانئي تـــي ڪـــِـوٽن جيئـــن، ڏيءَ دودي دختـــر.

پنهنجي عاشقن جو سلام ڪري، فرياد ڪري، بيت ٻڌائي، پر ڪهڙي درد جي دانهن ٻڌائي:

ڪـَـــچ پـــُــچ ڪـــاچو اســـان جـــو، بـــاهڙمير متـــا
آهـــي اجميـــر اَبـــل جـــو، ڏي جاڙيجـــا جـــُـــلبا
هيـڏانهن لنگهہ لاهور جو، هوڏانهـن گنگـا وهـي دريـاه
تنهن مان بيو صوبو چڙهي ئي ڪونہ ڪو عالادين اڳيـا!

شهزادي اهو بيت ڪري چوڻ لڳي تـہ: هيتـرا صوبـا ۽ سـردار ۽ ايتـرا ملـڪ منهنجي بابي جا سلامي آهن، سي سڀ پيٽ جي سور ۾ شايد مري ويا جو تـون ڳانن ٻڌو جنگ تي چڙهيو ٿو وڃين! اها ڳالهہ ٻڌي ننـگر شهزادو، پنهنجي حق جي اڳيان بيت ڪرڻ لڳو:

گهـــوڙو پچـــي هســـوار ســـان، بـــاز اُڏامـــي مـــُـــٽ
اســـان راول ونـــون تـــا روڪـــڙو، نٿـــون لاپـــو سنڌ متـــان
وجي گهورون گهوريان تنهنجي ڪوٽ تان، صدقو ڪريان ساه.

اهو بيت ڪري ننگر بادشاهہ چوڻ لڳو تہ: اي شهزادي! توکي خبر آهـي تـہ راجـا کان سواءِ لشڪر وائڙو آهي، سوار کان سواءِ گهوڙو پنڌ نٿو ڪري، مـُٽ کان سواءِ باز پيي نٿو مار ڪري، سو يا تـہ آءٌ وڃان يا تنهنجو بـابو وڃي. منهنجي

حياتيءَ ۾ تنهنجو بابو ۽ تنهنجو سر سلامت رهي، آءٌ تنهنجي ڪوٺ تان وڃي ٿو قربان ٿيان. شهزادي ڏسي تہ ننگر بادشاه ويندو رهندو، هاٿي ڪا ننگ جي نوڙي وجهانس. سو درد مان دانهن ڪري، پنهنجي مائٽن کي فرياد ٻڌائڻ لڳي. سو شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پر ڪيئن بيت ٻڌائي:

توکي ننگر ڳانو ٻانهن ۾، تنهنجي ونې ويئي وناهہ
چنڊ ٻکي، چوڏهين ويهان، پوندو تو ننگر جو نڪاح
تنهنجا مانيون ۽ مَنَہ تا هلن، سي رڌڙا ڪيئن رهبا
تنهنجا دهل دماما، نقرا، جهمٽ ڪيئن جهلبا
آهن سر تنهنجي تي سهرا، سي ٻڌڙا ڪيئن ڇُڙندا
منهنجي چاچِي ڳهہ گهڙائيا، سي گهڙيا ڪيئن رهبا
متان ڪارا ايندا ڪپڙا، ائين ڪندو ڪيئن خدا.

اهو بيان ڪري اکين مان لڙڪ هارڻ لڳي. تنهن تي ننگر بادشاهہ چوڻ لڳو تہ: اي منهنجي سر جي سائڻ! تون مونکي روئي مايوس نہ ڪر. توکي خبر آهي تہ "جي وجان وجان ڪن، سي راهہ رهندا ڪيترو". شهزادي کي پڪ ٿي ويئي تہ هيءُ نہ وِهندو. سا بہ فرمائڻ لڳي تہ: يلا، وِئي پڇاڻا ڪو خط، ڪو سلام، ڪا روح کي دلداري ملندي؟ سو ننگر بادشاهہ فرياد ڪري پنهنجي محبوب کي هن ريت پيغام ٻڌائڻ لڳو: شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

وجان تو وڪيل ٿيو، من اَبل ڪري پرچاءُ
جي پِٽيل پرتو ڪينڪي، ڪيائين جهيڙي جو وڏاءُ
تہ جنگ جا نيزا کوڙيان، ڳوڏا وهايان ڳاهہ
سي سانَ ويڙهايان، سومرا، پٽي ڪندس مغل پها
نديون نيز پلوتيان، وِڳهہ وهايان واهہ
تنهن ۾ پرزا يار ننگر جا، ايندا وِڳهہ ڏي لڙهندا.

اهو بيت ڪري ننگر چوڻ لڳو: اميد جي ياڳي تي ميڙ ڪيو تو وجان بابي کي پرچائڻ، جي پرتو تہ پرچائي ايندس، نہ پرتو، جهيڙو لڳو تہ وڃي جنگ ڪندس. پوءِ هي واهہ رت سان پرجي وڳهہ ڪوٺ جي پرسان اچي لنگهندو، رت سلام منهنجو. ننگر ڳالهہ ڪئي، شهزادي دانهن ڪئي، جو ماڙيءَ مان سوز جا ڏوڻ

تي پيا. پوءِ الله ۾ توڪل رکي ۽ پنھنجي ور کي دعا ڪرڻ لڳي، سو شاعر بيت شروع ڪري ۽ فقير چئي ٻڌائي، سو ڪيئن تو بيت ٻُڌائي:

قوڪ تہ لڳي انبرين، تنهن عالادين اڳيان
وجي پَٽ قناطون مغل جون، دلي ڪاوي داءُ
پرين توکي پرديس مان، رب آڻيندو الله
اچي ور گڏبين مون وني کي، چڙهي سُرهي سيج متان
نہ تہ مران وڳہ ڪوٽ ۾، منهنجيون سامي سان لاوان
ميلي محمد مير جي، پنھنجي نبي پڙهندو نڪاح.

اهو بيت ڪري، ۽ پنھنجي ور کي دعا ڪرڻ لڳي: الله ڪندو فتح ڪري وري ايندين ۽ پنھنجي وني اچي ماڻيندين. پلاجي تقدير. اَمُر رباني ائين ٿيڻُ هوندو، تون مارجي ويندين تہ تنھنجي مئي کان پوءِ منھنجون لاٿون قبر سان آهن. پوءِ جڏهن ڏيهاڙو محمد جو ٿيندو، بين عاشقن ۽ معشوقن جا ميلا ٿيندا، تڏهن پنھنجو بہ نبي پاڪ بين عاشقن وانگر نڪاح پڙهندو. اها ڳالھ ڪري دري بند ڪيائين ۽ ننگر بادشاہ گھوڙو ڪاهي اڳتي هلڻ لڳو تہ اڳيان پنھنجي ڦڦي شهزادي ٻاگھي مليس. سا بيت ڪري ۽ پنھنجي ڀائٽئي ننگر کي چوڻ لڳي:

ڀائيٽا تون ٻاگھي جا، ڪاڪل نہ ڪر هيج
جا ڏُر ڀاوين ڏُکٽي، ڪٽي تيڏانہ مونکي ئي ڏيج
مون ڏني جڳ ڇُٽي تہ مڙس نہ مارائيج.

شهزاديءَ جنهن مهل اهو بيت ڪيو، تہ ننگر بادشاہ هڪل ڏيئي چوڻ لڳس:

مڙس ڏيندوسئين سومرو جيڪو پنھنجو مَٽ پايان
نہ تہ مري ويندئين وڳہ ڪوٽ ۾ تنھنجي مَٽ چايان
مارُوڙي مقام ۾، ڏيندوسئين سامي سان لاوان.

اهو بيت ڪري ننگر چوڻ لڳو تہ: تنھنجو ڏوہ ناهي، توکي چاچي ۽ بابي ڪنڌ تي چاڙهي ڇڏيو، تڏهين تي اهڙا جواب ڪرين. اميد آهي تہ فتح ڪري وري ايندس، جيڪو پنھنجو ماتي ثاني سمجھندس، انهي سان شادي ڪندوسئين، نہ تہ ويهي مري ويندئين، لاٿون قبر سان اٿئي. تڏهن شهزادي ٻاگھي پُٺي تي هٽ هٽي چيس تہ: ابا! مون تنھنجو امتحان ورتو. الله ڪندو فتح پائي ايندين. ننگر بادشاہ پنھنجي محلي ڏي هلڻ لڳو. جڏهن پهتو تہ اڳيان ماءُ ڦري آيس، سا

پڇڻ لڳي تہ: ابا! ڇا ڪري آئين؟ تڏهن ماءُ کي زبر ڏيئي چوڻ لڳو تہ: مائي! پڳ بہ اسان جي ويئي، وري جنگ تي بہ اسان چڙهي وڃون! اها ڳالهہ ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي؟ ڏسي شهزادي تہ هَئي گهوڙا! آءُ هُيس عورت، مونکي جهڙو بہ جواب پسندي آيو تهڙو ئي ڏنم، هي مَرد هو، سو پنهنجي سوپيا ڏيکاري ها! سا متي تي هٿ هٽي، ۽ ننگر کي فرياد ڪري، هن ريت طعنو هڻڻ لڳي، سو شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

پُهريا ساب نہ پيڙا، منهنجا سائين جي دربار
توکي ڏهہ مهينا پيٽ ۾ مون ناحق سور سنا
بر هادي هٿ هدايتون، پرور ڪيئين پيدا
توکي تنجيو هٿم ترار سان، پري دُکا ڪانَ وڏا
جوان اوهان جي جنگ جي، اصل آڏ وڏائي آءُ
ڪنو آهي ڪيٿ اوهان جو، آهي سمن پوڪ اها
پٺهين اڳي ئي ايهين تيو، پُٽ پي پار ڪنيا.

اهو بيت ڪيائين تہ: ابا ننگر! تون ڄائو هئين تہ هڪڙي هڪڙي پيڙهہ مون جبل جيڏي سَني جان تي، پر قدرت جي طرفان تون ڄائين. پوءِ مون توسان سَهَجَ ۽ سوڻ ڪيا، ترار سان ڪانَ مکڻ جا پري، تنهنجي وات ۾ وڌم تہ بهادر ٿئي، تراريون ۽ ڪانَ پنهنجي جان تي گهٽا جهلي، چو تہ سمن ۽ سومرن جي ڪنو آبادي آهي، پر تنهنجو ڏوهہ ناهي. پٺهين اڳئي ايهين هو، پر تون بہ اُنهين تي پئين. اهي گفتا ٻڌي ننگر کي پڪ ٿي تہ ماڻهو سچا آهن تہ ابو وڄو هو پر طعنن پي تپائي ڪنيو، سو ننگر پنهنجي ماءُ کي فرياد ڪري، ۽ بيت ٻڌائڻ لڳو تہ:

مادر ڏينم نہ مهٽا، منهنجو ساڙي وڌئي ساهہ
مون تان ڪانَ قبوليا، تنهن عالادين اڳيا
وجي پَتيان قناطون مغل جون، دلي ڪاوي داءُ.

ننگر هڪل ڪري پنهنجي ماءُ کي چوڻ لڳو تہ: اهي طعنا منهنجي بابي سَنا هٿا، آءُ نہ سهندس، وڏيڪ ويڙ ڪنديسءَ تہ ترار مان ارڙهن ٽڪر ڪري ڇڏيندوسيئن. اهي لفظ سندس ماءُ ٻڌي، پنهنجي پٽ ننگر کي دعا ڪري ۽ بيت چوڻ لڳي:

منھن ۾ پسئين مصريون، پُنيءَ پسئين گاھ
پرين توکي پرديس مان، رب آڻيندو الله
اڇي ور گڏبين ونيءَ کي، چڙھي سرھي سيج متاءِ.

ماءُ سندس چوڻ لڳي تہ: ابا! الله ڪندو فتح ڪري، سوپ پائي پنھنجي ونيءَ پاڻ اچي ماڻيندين. چڙھي وڃ جنگ تي، فتح اٿئي. ننگر کي نَوَ لک پرتي ۾ فوج ملي. انھي فوج جو صوبو ٿي وڳھ ڪوٽ مان منزل ڪٽي ھليو ويو.

نالي منگر پٽ دودي جي يارھن ورھن جي ڄمار ھو. استاد وٽ پڙھندو ھو. انھي خبر ٻڌي تہ منھنجو سوٽ چڙھي ويو جنگ تي، سو پنھنجي استاد کان موڪل وٺي، پنھنجي پيءُ جي دربار ۾ آيو. اچي ڏسي تہ پائر امير، صوبا سردار، جاڙيجا، پٽي، ٽونٽر، گُجر، ھولياڻي، سڀ ويٺا آھن. منگر جوش ۾ پرچي پنھنجي پيءُ کي ھن طرح بيت ڪرڻ لڳو، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پر ڇا چئي ٻڌائي:

ڪلر ويري ڪوٽ جو، مڇيءَ ويري ڄار
جَر ويري ڄرڪو آھي، پکين ويري باز
پائرن ويري دودو، اسان اکين سان ڏٺو
پاءُ نہ سَنئين پر ۾، نڪي پاءُ جو پُٽ پائنيو.

مُنگر بيھي ميدان ۾ چوڻ لڳو تہ: ڏسو، مٽي مڙئي مٽي، پر ڪلر ڪوٽ کي ڪيرائي وجھي. مڇي مڙئي مڇي، پر ڄرڪو ھڙ ڪائي پکي مڙئي پکي پر باز سيني پکين کي کائي. پائرن لاءِ دودو بہ ائين اٿوَ. منگر جيڏيءَ مھل ائين چيو تہ دودو ذذڪو ڏئي اُٿيو. پنھنجي سئيس کي ھڪل ڏئي، بيت ڪرڻ لڳو، سو شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ڪوني چيائين سئيس کي، منھنجي بورڻ ڪاھي آءُ
لالون ھجنس لغام تي، ڪَمي ڪمند تي ناھ
گل سھٽا ھجن گاديءَ تي، ھُونِ جھڳمڳ جا جھُوڙا
آءُ روڪي چڙھان رڪيب ۾ ساري حضرت شاھ
وڃي پٽيان قناطون مغل جون، دلي ڪاوي داءِ.

پنھنجي سئيس کي چوڻ لڳو: يڪدم منھنجي گھوڙي تيار ڪر. آءُ پاڻ چڙھندس. وڃي عالادين کي ھڪڙي لت ھڻان، پھرين لت سان دلي ختم

ڪيانس. اها حقيقت سندس پيڻ ٻاگهي کي پئي تہ دودو جنگ تي چڙهيو ٿو وڃي. سا پاڻ سِر اچي پنهنجي پاءُ کي منٿ ڪرڻ لڳي. سو شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ٻــاگهي رُونــدي آئــي، اچــي پــاڪر پــاتئين پــاءُ
سِــنڌ نہ سُــجي ڪر سومرا، وڃ نہ سندو راٺيـن جو راءُ
سِـر تنهنجي تـي سـِهرا، اهي ڪڏهن موڙ اچي ٻڌبا.

اهي اکر ٻڌي دودو ترسي پيو. ۽ سندس پٽ مـُـنگر ٻانهون ٻڌي چوڻ لڳو تہ: بابا! تنهنجو ڪم آهي تخت تي ويهڻ، مونکي موڪل ملي، آءٌ پنهنجي سوٽ سان گڏجي وڃان لڙائي تي. دودو گهُـور وجهي چوڻ لڳس تہ: ڏاڙهي کي ڦٽي ڏني اٿئي؟ جنگ جا نالا پيو وٺين! اتي منگر کي خار لڳو. پيءُ سان ڪجي نہ سگهيو ۽ يڪدم لوهار وٽ پهچي ويو. لوهار کي چيائين تہ: يار! مونکي رڪ جي ڦٽي ناهي ڏي. لوهار يڪدم هن کي ڦٽي تيار ڪـري ڏنـي. اهـا ڦٽـي پنهنجي هٿ ۾ منگر جهلي ’علي علي‘ ڪري پنهنجي مـٿ مان ٻِـسـَـٽ چاڙهي ڏنـي. پوءِ رت سـمندو اچيس، پاڻ ڪِـلندو، پنهنجي شـهپر تـي هـٿ هڻنـدو، پنهنجي پيءُ آڏو اچي بيٺو. پيءُ کي چوڻ لڳو تہ: بابـا! ڏس، ڏاڙهيءَ کي ڦٽي ڏنل آهي يا نہ؟ دودي هڪل ڪري چيس تہ: برابر، شينهن آهين، ڀلي چڙهي وڃ جنگ تي!ـ پوءِ ٻي منزل ۾ مـُـنگر اچي ننگر سان پيڙو ٿيو.

منگر جڏهن ننگر سان مليو، تڏهن ننگر چوڻ لڳـس تہ: ادا! تـون پنهنجـي بابي جي خدمت ۾ هجين ها، هن ڪم جي غلامـي هـي سـِـر بہ ڏئـي اچي هـا. منگر چوڻ لڳو تہ: ادا! برابر. مرد هڪڙو ئي ڪافي آهي پر سالڪن چيـو آهـي ”هڪڙو وڻ ڪانهلو تـوڙي تـڙ تلهـو“. هڪـڙو تــ هونـدو اڪيلـو ڇـا ڪنـدو؟ تنهنڪري چيو اٿن ”ٻہ تہ ٻارهن، ٽي تہ ٽيهہ“. سو اها ڳالهہ ڪري منگر پنهنجي سوٽ کي وري بيت ٻڌائڻ لڳو:

جــوڙو هجــي پانجــاري ۾، لــوڏي ڪــدي لاهـــ
گڏجي پونداسون گدار ۾، سڱا سوٽ بہ سوٽن سـان.

منگر چوڻ لڳو: ادا! ٻہ ڄڻا پاڻ ۾ هڏ ڏوڪي هونداسون تہ هڪٻئي جي قرباني آساني سمجهنداسون. توسان نو لک آهن، پر هڏ ڏوڪي ڪونہ اٿئي. اها حقيقت پاڻ ۾ ڳالهائي، منزل ڪنيائون. ننگر پنهنجي پيءُ ڏي ڳجهان ڳُـجهہ هڪڙو

خط روانو ڪيو تہ: بابا! آءٌ ننگر پُٽ تو چنيسر جو. منگر پٽ دودي جو. نو لک لشڪر ۽ ٻيا دل وارا دوست. اهي سڀ وٺي تو ڏي ميڙ ڪيو ٿو اچان پرچاءُ جي لاءِ. اها منهنجي خبر توکي هجي. اهو خط چنيسر کي پهتو. جو چنيسر کي حقيقت معلوم ٿي تہ سومرا ايترو لشڪر وٺي منهنجو پٽ ۽ ڀائٽيو اچن پيا. اها ڳالهہ دل ۾ رکي ڇڏيائين. ننگر ٻي لشڪر سوڌو نزديڪ اچي ٿيو آهي.

عالادين بادشاه پنهنجي طنبو جي اڳيان شام جو ٽاٽي تي پسار ڪرڻ لڳو تہ اتر پاسي جُهڙ، ڪڪر ۽ طوفان نظر آيس، جنهن ۾ گوڙين جا ڌڌڪا ٻڌئين ۽ کنوڻين جا چمڪا ڏٺئين. دل ۾ سمجهئين تہ موسم مينهن جي ناهي، بي منداٺتو مينهن اچي ٿو. اڳ بہ وسندو آهي ڪِي اچ ٿو اچي؟ هاڻي چنيسر کي گهرائي اُنهي کان پڇان تہ تنهنجي ملڪ ۾ اڳ بہ بي منداٺتو مينهن وسندو آهي يا اچ ٿو اچي؟ سو عالادين چنيسر کي گهرائي، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پر هيئن ٿو ٻڌائي:

عالادين گهرايو، هلي آءٌ چنيسر آءٌ
تہ ناهي مند مينهنِ جي، نڪو سانوڻ واءُ
اُپ رئي سان لنجي ويو، پوي سج جو ڪونہ سماءُ
اچ تہ اُتر پار ڏي تي ويا ڪڪر ڪارونيار.

سو چنيسر سومرو اچي عالادين کي رُوبرا ملي ۽ خبر ٻڌائڻ لڳو تہ. اهو جهڙ واءُ جهڪ مينهن ناهي، جن سومرن جون آءٌ توسان خبرون دليءَ ۾ ڪندو هوس، اهي پار انهن جا ڏسڻ ۾ ٿا اچن. سو هڪل ڏيئي، چنيسر عالادين کي بيت پُڪائي، پر ڪين ٿو پُڪائي.

تہ جيڪي ڪَنين ٻُڌا هئئي سومرا، اُنهن جا ڏيل اکئين ڏسجن
اهي اتئي والي وڳهہ ڪوٽ جا، دوداڻي دَنوَڪن
تجلا اتئي انهن جي توفن جا، ٻيا اتئي گوڙون غبارن
اچ ڏاڏاڻي ڏيهہ جون، سيئي بجليون پيون پڙڪن.

چنيسر عالادين کي چيو تہ: اهي سومرا آهن، جيڪي ڪنين ٻُڌا هئئي. عالادين چيو تہ: سومرا آهن! ڀلا، ڏي خبر، اهو جهڙ واءُ جهڪ طوفان ڪهڙو آهي؟ چنيسر چيو تہ: سومرن جا اُٺ گهوڙا، هاٿي ۽ خچر انهن جي پيرن جي لَٽ اُڏاڻي آهي، جو زمين کان آسمان تائين وڃي پهتي آهي. توکي هِت جهڙ

۽ طوفان پيو نظر اچي. عالادين چيو تہ: اهي چمڪا ۽ ڪنوٽون ڇا جون آهن؟ چنيسر چيو تہ: اهي سومرن جا هٿيار آهن، جن تي هيري ۽ جواهرات جي پالوٺ تيل آهي. سج جون نَوَ ڪُندبون هيري ۾ تيون لڳن، هيرو چمڪي ٿو، اهي توکي هت ڪنوٽون پيون نظر اچن. عالادين چيو: گوڙون ڪهڙون آهن؟ چنيسر چيو تہ: گوڙون ناهن، اهي اٺئي مردن جو ڳالهاءُ. ڪيهر شينهن وانگي گجندا ۽ گُڙندا اچن. ڳالهہ ٻڌڻ سان عالادين بادشاه جا بہ ڊرا ٿي ويا. ڪسڪَت ڦري ويئي. سڄي جان مان پگهر وهڻ لڳس ۽ ذرا اُٿ ويهہ جو سبب ڏيکاري پيو. اٿ ويهہ مان گرمي زور ونـي تہ مڙس بڇي ئي نہ. سو چنيسر ڪان وري پڇا ڪرڻ لڳو تہ: يلا ڏي خبر، ڪهڙا ڪهڙا سومرا تا اچن؟ چنيسر ڳالهايو تہ: آءُ اوڏانهن ويو ناهيان. باقي سمجهان ٿو تہ شايد دودو ناهي. هي ڪو ٻيو سومرو صوبو ٿيو تو اچي. تڏهن عالادين چيو تہ: يلا دودي جا پار ڪي اجان ٻيا تيندا آهن ڇا؟ سو چنيسر چوڻ لڳو: اهي پار پورا نہ آهن عالادين چيس: يلا انهي جا پار ٻڌائي. شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

جڏهن چڙهندو وڳهہ ڪوٽ مان، پڙ منهنجو ياءُ
تڏهن ڏرتي ڏان ڏان ڪندي، وڻ ڇڏيندا واءُ
انهي ڏينهن ڪٽڪ جو سُڪي ويندئي ساه
وينل وڙهندا ڪينڪي، ڏکي ڏيندا ساه
سُتل اٿندا ڪينڪي، جن ڪاڏا پوڙ پُلاه
اهي اهجاڻ دودي راوَ جا، ڪڏهن اِڪين سان ڏسبا.

چنيسر چيو تہ: هن مرد ۾ موليٰ جي اها مڻ آهي، جو جنهن ڏينهن دشمن تي چڙهائي ڪري، انهي ڏينهن زمين اِئين وڄندي آهي، جيئن نغاري جي چوٽ وڄي. جنهن وڻ هيٺان مَتي، ٻنان واءُ جي وڻ جا پن ڪريو پون. اها حقيقت عالادين ٻڌي پڇا ڪرڻ لڳو تہ: مُڙس مڙسن جيڏو آهي يا گهٽ وڌ؟ سو چنيسر پنهنجي ياءُ جا عالادين ڪي پار ٻڌائڻ لڳو. سو شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

مُڙس تہ مُني جيترو، مٿو جنهن جو مَٽُ
ٻانهون ٻيڙيءَ اولا، چيلهہ چوٻائي ڪٽ
دوداٺي دودل جي، هِت ڪونہ جهليندو سَٽ.

عالادين کي چيئين: تو لشڪر گهڻو آندو آهي، پر هن جي مـت هڪڙو ٻـ ڪونهي. سڀ آهن پيتلي لڏو، ماني جا مارا، ڪاڏي جي آفت. پرائي پـت ۾ جهيڙو ڪن تہ تون اڳي مون کان يارهن ڦيلهيون وڏيڪ ڪائي ويو آهين. جنهن مهل دودو ايندو، جيڪي وينا آهن، وينني سـُڪـي ويندا. جيڪي سـُتا پيا هوندا، ٻوڙ ۽ پـُلاهہ مانيون کايو، اُهي اُتي سڪي ويندا. هڪڙو ڪونہ اُٿندو جو دودي سان سامهون ٿئي. تون يـَڪي ماربين. آءٌ پري وڃي دڙي تي چڙهي وٺي دانهون ڪندس: ڏسو تہ عالادين کي راهہ گناهہ تا مارين! انهي ڳالهہ ٻڌڻ سان عالادين بادشاهہ سچو واتڙو ٿي ويو. ويچارو ٿي، چنيسر کي ٻانهون ٻڌي عرض ڪرڻ لڳو. سو شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ڪـُـڙهو ڪـِـنبيو ڪـُـستان جـو، روئـي رت ڦـُــڙا
بـاگهي سـندي ٻـانهن جـي اسـان دلئـون ڇـڏي دعـوي
اوهيـن پرچـو پـاڻ ۾، اوهـان جـو ڪنـدو خيـر خـداءِ
اوهيـن وجـو وڳهـ ڏي، آءٌ وريـو ديـس وجـان.

اهو بيت ٻڌي هـن کي چنيسر دڙڪو ڏنو: متان پڳو آهيـن. هتان پڇندين تہ آءٌ نہ ڇڏيندوسئين. مون کان ڏاڍو ٿيندين تہ جيڪي آيا آهن سي نہ ڇڏيندئي. انهن کان ڏاڍو ٿيندين تہ دليءَ سوڏو دودو نہ ڇڏيندئي. الله ڏياريو آهين ٻـُل ۾، مار ماريندا سـُئين لـُڦا! تڏهن عالادين چيو تہ: نہ پڇان؟ چنيسر چيس تہ: نہ، ويهي رهہ. عالادين چيو: ويهان تو پر اهي جيڪي اچن ٿا، انهن کي جهلجـانءِ، جيسين اسين تيار ٿيون. متان وينلن تي نہ چڙهي وڃن. چنيسر چيو تہ: اِيهين اڳرائي ڪونہ ڪندا.

اها خبر اِتي رهي. هـُتان ننگر بادشاهہ نـَو لک فوج سان اچي رڻِ ميدان ۾ چانوٽي هٽي وينو. ننگر پنهنجي فقير ياڳو يان کي چيو تہ: فقير! تون وڃ، منهنجي بابي کي ڳولي مون وٽ وٺي آءُ تہ پاڻ ۾ پرچاءُ جون ڳالهيون ڪريون. پرچي تہ پرچائي هلون، جي نہ پرچي تہ ويريءَ کي هلي ٻـُل نہ ڏيون. اهو ياڳو يان فقير سـُرندي جو ساز ڪٽي، گهوڙي تي چڙهي، عالادين جي لشڪر ڏي، چنيسر کي ڳولڻ هليو. ڏيمين مان ڳوليندي ڳوليندي پهر سج جي چنيسر کي لڌائين. چنيسر پنهنجي طنبو جي اڳيان صندل تي چڙهيو وينو هو. پنج ست نوڪر اڳيان بينا هئا. نوڪرن کي چيئين تہ: اهو فقير آهي منهنجو. آءٌ چوڏنهن

سال راتين جا دليءَ ۾ وينو هوس، مون وٽ نہ آيو. جڏهن ڏکي پئي اٿن، تڏهن تو اچي. هاڻي "جت مڙئي پنهون جا پائر". منهنجي دشمن جي طرف جو ماڻهو آهي. آءٌ وڃي تو اندر طنبوءَ ۾ ويهان، اوهين وڃي اهو سُرندي جو ساز پڇي پورا ڪريوس، گهوڙو ڪسي ونوس، دانهون آءٌ پاڻ ڪنن سان ٻڌان. اها ڳالهہ ڪري اندر طنبوءَ ۾ گهڙي ويو. اُهي نوڪر جهيڙي ڪاڻ تيار ٿي، فقير سان وڙهڻ لاءِ آيا. شاعر ان جي بيان ۾ هي بيت ٿو ڪري:

پڙڪي آيا پانَ تي، تکو رکيائون تاءُ
هِن رَتا ڏنا روڪڙا، ڏنئين مال متاع
نر ناڻي نوازي وڏا، هنن جا لهي لُڙ ويا
وات چوي ويهہ ڪينڪي، هٿ چوي هُو جاءِ.

جنهن مهل فقير تي گهيرو ڪيئون، سومرن جو فقير هو، سمجهئين تہ مارجي ويندس. نوڪر آهن وڏي خور، ڪجهہ لالچ ڏيانِ. من چنيسر سان ڳالهائڻ ڏينِ. سو پنهنجي ڪيسي ۾ هٿ هٽي، سون جون مُهرون ڪڍي اڳيان اڇلايائين ۽ چوڻ لڳو: خزانو وٺو، ڳالهيون چار چنيسر سان ڪرڻ ڏيو. پوءِ اُهو گهوڙو، اِهي هٿيار لٽا سڀ اوهان جا. مونکي ماري ڇڏجو. نوڪر خزانو ڏسي مُنهان ڪين ڪُڇيا، باقي هٿ جو اشارو ڏيڻ لڳا. چنيسر جي گهوڙي جي لڏ ۾ ڇڪري جو هڪڙو دڙو هو، انهيءَ ڏي اشارو ڪيئونس تہ اِتي ويهہ. فقير امر برجاءِ ڪري انهي جاءِ تي ويهي، پنهنجي سُرندي جو ساز ملائي، بيت چوڻ لڳو:

ڪر چنيسر لعنتي، تو ڪيڏا ڪم ڪيا
پگ وڃائي پنهنجي، پڇڻ هليو هئين ماءُ
تو ۾ آهي لِچ لهار جي، ساري عالم ڪي اوغاءُ
مون چاڙهي ڄٽ ڪي چام ڪيو، چا چاڻين پانِ منجهان!

سالڪن چيو آهي "کهاڙا ۽ ڪاٺ، ڊاڍي ۽ ڀاٽ، مُڙي تہ مَر جاوي". فقير چوڻ لڳو تہ: اهي تو ۾ صف نہ هجن تہ مون ڏي ميار آهي. چنيسر دل ۾ ويچار ڪيو، جو فقير چيو سو سڀ سچ آهي. "مڙئي آهي مونِ ڏي هوتن ڏي نہ هڪڙي". اهو خيال ڪري فقير جي ملڻ لئي پڙکو ڏئي ٻهر نڪتو. فقير سان ملي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

آءُ اسان جا منگتا، پاڳُو پلي ڪري آئين پانِ
خوش هو دودو سومرو، خوش هئا راڄ سندان
مون ننگر ڇڏيو هو ننڍڙو، اڄ ڪي مير متانهون آهہ؟

جنهن مهل اهو بيت ڪيئين، فقير ڏنو تہ واهہ. بُل ڏنو اٿس، ”بُل مان گُسي سو بہ بُل جو پٽ“. هاٿي هٽينس ڏک، هونديس ڪا سائي رک تہ روح وري پوندس، نہ تہ اهڙو تہ اُهينئي آهي. سو فقير بيت ڪري، فرياد ڪري، چنيسر کي ٻڌائي:

اڄ ننگر ڳانو ٻانهن ۾، جنهن جي وني ويني ونواهہ
چنڊ ٻُڪي، چوڏهين وهانءُ، پيو ٿئي ننگر جو نڪاح
جنهن جا مانيون مَنَهن تي هليا، رڏا ڪاڄ رهيا
دهل دماما نقرا، جهمَٽ اُت جهليا
سِر جنهن جي تي سِهرا، اُهي ٻڌي موڙ ڇُڙيا
اڄ نَون لکن جو اُمراه تي، اچي اٿس ويڙهيو ويرا واهہ.

چنيسر کي فقير چوڻ لڳو: جي ننگر جو تو پڇين تہ پنهنجي وَني وناهہ ۾ ڦِٽي ڪئي اٿس. ڪاڄ جو پٽ هلي پيو، اهو اُتي ڦٽو ڪيو اٿس. پنهنجي سِر تي سِهرا سَوَڻ، سي بہ لاهي ڦِٽا ڪيا اٿس. ٻانهن ۾ ڳانو ٻڌو پيو اٿس. تو وٽ ميڙ ڪٽي آيو آهي. هن چنڊ جي چوڏهين وهانءُ ٿيندو. چڱو پڇئي تہ هٿ سان هلي پٽ جي سيج سُرهي ڪر. اها ڳالهہ ٻڌي چنيسر چوڻ لڳو: فقير! مونکي خبر ٻڌاءِ تہ دودي منهنجي پُٽ کي ڪهڙي راڄ مان مڱايو آهي؟ سو فقير هن کي بيت ڪري هيئن چوڻ لڳو:

هو سمون سچو آهي سون جو، جنهن کي ريهہ رُپي جو ناهہ
ڪيئين ننگر نياڻو پنهنجو، ’سونڻ‘ نُنهن سندياس

هڪل ڪئي فقير تہ: چنيسر! تون ٻيا تڙ پيو تانگهين. هن پنهنجي نياڻي ”سونَڻ“ ڏئي، پنهنجو رت ڳنڍيو اٿس. تون وري ياءُ جي مارائڻ لاءِ ايترو لشڪر وني آيو آهين. چڱي پڇئي تہ هلي هٿ سان پٽ جي سيج سُرهي ڪر. اهي ڳالهيون ٻڌي چنيسر بيت ڪري فقير کي ٻڌايو:

سونيءَ سندي سڳَ جو مون کي مُورهن ناهہ سماءُ
تہ مُور نہ مغل چاڙهيان، دليءَ ڪان داناءُ
اڄ مغل موٽيو نا ٿيوي، بنا ٻاگهيءَ ٻانهن.

جڏهن چنيسر اهو بيت ڪيو، فقير دل ۾ ويچار ڪيو تہ سبحان الله، لُنڊي وارو پُڇ نٿو ڇڏي. هاڻي من اکين جو شرم پويس. ننگر سان مِلي، من پوءِ اهو دليل لاهي. فقير چوڻ لڳو چنيسر کي تہ: اُها اوهان جي مرضي، مگر پُٽ سان مل، جو توکي گهرايو اٿس. چنيسر چوڻ لڳو: چڱو، تون هل آءٌ سياڻي اچي ملندس. اها ڳالهہ ٻڌي فقير گهوڙي تي چڙهي هلڻ لڳو. اچي ننگر جي طنبوءَ تي لٿو. ننگر سان ملي احوال ٻڌائڻ لڳو تہ چنيسر مونکي مليو، ڏک ڏوراپا ڪڍيا اٿس، پر جي پرچائيندئوس تہ پرچي پوندو. فقير ايترو ڳالهايو، وڏيڪ چنيسر جيڪي سڱ جا لفظ ڪم ۾ آندا هئا، فقير اهي نہ ٻڌايا تہ متان هنن جي پرچاءُ ۾ تفاوت ٿي پوي. اها ڳالهہ دل ۾ رکي ڇڏيائين.

پوءِتي چنيسر ويچار ڪيو تہ "دنيا دم گذر آهي". پٽ کان وڇڙئي مونکي چوڏهن سال ٿي ويا آهن، معصوم ڇڏي آيو هوس پينگهي ۾. اڄ لائق ٿيو آهي. ڇو نہ اڄ جو اڄ وڃي ڏسان. متان منهنجو رات جي پيٽ ۾ سؤ ورهيہ ڄمار جو پورو ٿي وڃي، ۽ ملاقات رهجي وڃي! اهو ارادو ڪري نظر بيگ وزير وٽ آيو، چيئين تہ: منهنجو پٽ ۽ منهنجو ڀائٽيو آيا آهن. هل تہ حياتيءَ ۾ ڏيکاري اچئين. ڇو تہ جنگين جا لَوَنڊ پوندا آهن متان سياڻي مارجي ويندا هجن. سو هل تہ جيئري ڏيکاري اچئين. نظر بيگ چيو تہ: يار، خبر ٻڌي اٿم تہ سومرا آهن ڦهار ۽ ڏاڍا جوان. وڙهندا پاڻ ۾ آهن تہ ڏک گسائي ٻين کي هٽندا آهن. چنيسر چيو: جڏهن مون جهڙي سِپر توسان گڏ آهي، پوءِ ڇو ٿو گهبرائين؟ اها ڳالهہ ڪري تيار ٿي، هاٿي تي سوار ٿي، ننگر جي طنبوءَ ڏي هلڻ لڳا.

هلندي راه ۾ چنيسر الله کي ستايو، سو شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

رب تون ڏينهن وڏو ڪجان، صاحب سج نہ لاهہ
متان ڏسڻ يار ننگر کان اڳي منهنجا پورا ٿين پساهہ.

پنهنجي الله کي ستائيئن تہ: منهنجا رب! سج کي اتي بيهار، پنهنجي پٽ کي ڏسان، متان منهنجا دم پورا ٿي ويا هجن. اها ڳالهہ ڪري هاٿي کي ڊوڙائڻ لڳو. هڪدم ننگر جي طنبوءَ کي پهچي ويو. هاٿي تان لهي ننگر جي طنبو ڏي هلڻ لڳو. ننگر پنهنجي طنبوءَ ۾ نِنڊ سُتو پيو هو. سندس سوٽ ۽ يار چوڌڙ ڍاري جي راند پئي رهيا. ائين نٿي ڄاتئون تہ ڪو عالادين بادشاه آهي. سمڌئون تہ هَنِيءَ جو واٽيو آهي، اسان کي ڇا ڪندو. اتي پاڻ ۾ هنن جون

چنيسر چوڻ لڳو تہ: عالادين بادشاهہ کي باگهي جو سگ باسي آيو آهيان، سگ ڏيندؤ تہ پرچاءُ بہ ٿيندو. نہ تہ پوئتي وري وڃو! جنهن مهل اهي اکر پيءُ جا ننگر ٻڌا، تہ پيءَ مان ياڪر ڪڍي اُرهہ واريون ترپون هنيائينس جو پنج ست وکون پوئتي هٽي ويو. پوءِ ننگر هيٺن بيت ڪرڻ لڳو. شاعر بيت شروع ڪري، فقير چٽي ٻڌائي:

ڏوئـرو سـونهين سٺڻيـن، ڏڏ سـونهين منجهـہ لاٽ
ڪاهي پوندو ڪنڊ ۾، ڇڏي ڏيندو پيـُو ڏاڏي جي واٽ
تون لڙي وڃ پٽ لوهاريءَ جا، منهنجـي اکيـن جي مهندا
متـان ڏيئـي لـت ڇـڏن تـي، ڇيـري ڪـڍئين سـاهہ
پـيـُـو چـاڙهي آيـو آهيـن پنهنجـو، آڇـي لـُـهر مـاءُ
توکي ست زهون آهن سيگ تي، جيڪا ڪاهين سا ڪاهہ
پورو آڻجئـين پنـاڻ سان، منهنجـي سندو گهوڙن گاهہ.

ننگر بادشاهہ پنهنجي پيءَ کي اهو طعنو هڻي، بيت ڪري ۽ اک جي گهُور نظر بيگ پناڻ ۾ وڌي تہ وٺ انهين کي، حرڪت ٿي انهين جي آهي. ڏسي پناڻ تہ هئي گهوڙا! مون اڳي پئي دانهون ڪيو تہ سومرا آهن قهار، وڙهن ٿا پاڻ ۾، ڏک گسائي بين کي هٽندا آهن. سو پنهنجي بچاءُ ۾ ننگر جي طرف چنيسر کي هدايت ڪرڻ لڳو ۽ بيت ڪرڻ لڳو:

ڪـَـر چنيسـر لعنتـيِ، ڏس تـو ڪيـڏا ڪـم ڪيـا
پـٽ پـائـيو ڏسـيو تنهنجـو، سـڙي منهنجـو سـاهہ
ڪندين ولهو ٻڙهہ وڳهہ جو، مـارائي دودي جهڙو ياءُ.

نظر بيگ جڏهن اها ڳالهہ ڪرڻ لڳو تہ چنيسر دل ۾ ويچار ڪيو تہ پنهنجي يار جي ڳالهہ نہ وڻندس تہ يـار مـارائيندس. چو تـہ نظر بيگ چيو تـہ اهڙا بـہ ڪي ڪونڌر ڪائجن؟ اها ڳالهہ ٻڌي چنيسر دل مـان کوٽ ۽ ڊوهہ نـہ ڪـڍيو. باقي پـُـٽ سان ڇپن جي آمين رکي چيائين تہ: ابا ننـگر! تـو آئـي مـون سيڪا ڇڏي، تنهنجو منهنجو پرچاءُ ٿيندو عالادين جي اڳيان، هـت نـہ. ننـگر چيس تـہ: هـت نٿو پرچاءُ ڪرين؟ چنيسر چيو تـہ: عـالادين چونـدو، مونکـي دلـيءَ مـان آڻـي جهنگل ۾ ڦٽو ڪيائين، پنهنجا چوڪرا آيس، جهنگو جهنـگ انهـن سان نهي هليو ويو. انهيءَ ۾ بيعزتي آهي. هي نـَوَ لک لشڪر اُتي ويهاري، پنجاهہ جوان

پاڻ سان وني، تراريون هٿن ۾ ڪٽي اچجو. ٻيو هٿيار ڪوبہ نہ آڻجو. اچجوءُ عالادين جي طنبوءَ تي، پوءِ سياڻي پاڻ اتي راڄ ٿينداسون. اها ڳالهہ ڪيو چنيسر هليو ويو. پوئتي عالادين خبر ٻڌي هئي تہ چنيسر ڪي سومرن گهرايو آهي. سو چنيسر کي گهرائي پڇيائين تہ: ڪر خبر، ڪهڙا سومرا آيا؟ چنيسر سچي سچي ڳالهہ ڪانہ ڪئي تہ ڪو منهنجو پٽ ۽ ڀائٽيو آيا آهن. پر سومرن جي ڳالهہ چيائين تہ: دايا آيا آهن. عالادين چيو تہ: دايا ڪيئن؟ چنيسر چيو سائين! اسان جي محلي ۾ دايون ٻار نپائينديون آهن. انهن کيٰ ٻہ ڇوڪرا ٿيا آهن، دودي اهي تو ڏي روانا ڪيا آهن. تنهنجي عزت دودي ڪابہ ڪانہ ڪئي. سمذئين تہ هن لاءِ دايا ڪوڙ آهن. عالادين جو سومرن جي خوف ڪان ڏنو پيو هو. سو وري سڌير ٿي ويو. چوڻ لڳو تہ: اسان جون ۽ داين جون ڳالهيون راڄ ڪندا. چنيسر وري پنهنجي طنبوءَ تي هليو آيو.

مٿان رات پئجي ويئي. سج ايري سنئون ٿيو. ننگر اٿيو ۽ پنهنجي لشڪر ۾ چونڊ وڌئين. پنجاهہ جوان ڳولي ڪڍيئين. هڪڙو هڪڙو جوان پنجاهيو پهلوان. وڏ - ڪُتا مڙس، چيلو چيلو وقت تي ڪائين، سوا نَري پير، وس لڳندي مينگهواڙ بہ سندن جتي نہ ناهي. اهي وڏا ڪُوپا پهلوان چونديٰ، سر جا غازي ۽ سورهيہ پاڻ سان ڪنيائين. چڙيون تراريون هٿن ۾، پنجاهہ پهلوان، ننگر ۽ منگر گهوڙن تي سوار ٿي عالادين جي طنبوءَ ڏي هلڻ لڳا تہ واٽ تي هڪڙو عالادين جو صوبو نالي 'تمر' سپاهين سان گڏ ويندي ڏٺائون. جنهن کي سورهن لک سلام ڪندا هئا. جيڪو هزار گهوڙي سان چڙهيو بڪار جو شهر ڦرڻ تي ويو. ننگر سومرو پڇا ڪرڻ لڳو تہ: هي ڪير آهي؟ هن جي فوج مان خبر ملي تہ: عالادين بادشاهہ جو صوبو آهي. ننگر دل ۾ ويچار ڪيو تہ عالادين جو صوبو آهي، سلام ڪيانس من منهنجي ياران آچار ۽ ويچار ۾ ڪا خير جي ورندي ڏئي. سو ننگر بادشاهہ بيهي، سلام ڪري، هو سلام نہ وٺي ۽ تڪبر ڪري. تنهن جو شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

تالا تِمر وزير جو، ڪيو ننگر نر سلام
سلام ورتئين ڪينڪي، آڏا ڪيئين ڪلام
تو جهڙا مون ڳيرو، ڪنڙا لال جوان
آرس مرندي نہ ڪريان آءٌ سلطاني سلام.

جڏهن ننگر سلام ڪيو، هن سلام نه ورتو ۽ تڪبر ڪرڻ لڳو. چوڻ لڳو ته: تو جهڙا ڇوڪرا هر روز ڪهي، ميچون رت سان رڱي وجي پلنگ تي ويهندو آهيان. عالادين جو سلام نه ڪريان ته به مون تي ٻانڌا نه آهي. تو ڇوڪري جو سلام ڪيئن ونان؟ تڏهن ننگر دل ۾ ويچار ڪيو ته "مون ٻانيو درويش، پر هيءَ بازن ڪا ٻچڙو". پر ويريءَ کي هڪل سنئين هڪل نه ڏبي ته سمجهندو ته مون کان ڊنو آهي. يا ويڙ ڪندو يا ڏڪ هڻندو. سو ننگر پهلوان پناڻ کي دڙڪو ڪري، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، سو ڪيئن بيت پُڪائي:

نُندي ۽ تڪبر جا، تمر ڏينهن تيا تئي تورا
تو بانور ڪيو ٻچڙو، آءٌ لاهي ڇڏئين واءُ
پر وجان تو وڪيل تيو، من ابل ڪري پرچاءُ
جي پٽيل پرتو ڪينڪي، ڪيائين جهيڙي جو وڏاءُ
ته جنگ جا نيزا ڪوڙيان، ڳوڏا واهيان ڳاهه
سڀ سانَ ويڙهايان سومرا، پٽي ڪندس مغل پاهه
نديون نير پلوٽيان، رت سان وڳهه واهيان واهه
داهوڙي ڏيمن مان، تمر تو متي ايندوس
سي تنهنجي ڪاتي، آءٌ نيزي ٽنگيندوس.

ته مون کي مڙس ڪري مڃجانءِ، نه ته منهنجو نالو لاهي ڇڏجانءِ. ڇا ڪريان، آءٌ پنهنجي پيءُ ڏي ميڙ ڪنيو تو وجان. توکي ماري وجهندس ته مون سان پيءُ پرچاءُ نه ڪندو. اها ڳالهه ڪري پناڻ ۾ اک جي گهور وڌئين. پناڻ هڪل ڪئي پنهنجي لشڪر کي ته: پڇو! نالو ننگر جو، دودو اهو اتوَ. دودي جو نالو ٻڌي اچي پناڻ پاڇ ۾ پيا. بندٽن سان ڪٽيون، سَتوڙَت بَتوڙت، نا قا ڪري، اُڏامي پڇي ويا. ٻيلي ۾ وڻ مُنهن ۾ ڏيئي اڳتي به پڇن، پوئتي به نهارن ته متان سومرا پويان ڪانَ هڻندا هجن. ننگر بادشاهه پنجاهه پهلوان سان اچي سنڪو ڪيو عالادين جي طنبوءَ تي. ڏسي ته عالادين جي طنبوءَ جي دروازي تي هڪڙو نوڪر وينو آهي. در جو دربان، ائين وينو آهي جڻ ته مينهن پاٽي ۾ ويني آهي. چو ته مڙس هو ڳرو ۽ ٿلهو. ننگر چيس ته: اي دربان! عالادين کي چاڻ ڏي ته نالي ننگر پٽ چنيسر جو، نالي منگر پٽ دودي جو، پوٽا پونگر راءِ جا، طنبوءَ جي ٻاهران بيٺا آهن. بادشاهي حڪم ٿئي ته اندر اچن! سومرن جو نالو

ٻڌي دربان پڙڪو ڪائي اٿيو. مڙس هو ڳري لت، ٻبريزي ڊيڪڻ، پير وچڙي ويس، ٻوٽ پر وجي ڏنو ته چوڳي ٻڙاندي وارا چارئي ڏند پچي پيس. طنبوءَ جي قنات کولي اندر گهڙي ويو. عالادين پڇا ڪيس: آهي توسان خير؟ عالادين کي چيائين: سائين! خير ڪونهي، جو سومرا در ڪان ٻاهران بيٺا آهن. ڇا ٿا چون؟ نوڪر چيو ته: چنيسر چئي ويو آهي ته دايا آهن، هي ٿا سومرا ڪونائين، متان پنهنجن سان پرچاءُ ڪري منهنجي ٿو هڙ سج ڪرائي! انهن کي اتي جهليو، چنيسر کي گهرايو ته سچي ذات ۽ نالو اچي پڌرو ڪري، سو چنيسر اچي ته خبر پوي.

عالادين گهرائيين، هلي آءُ چنيسر آءُ
چوڪر آيا ٻه ڇٺا، پيا ڪونائين تنهنجو وياءُ
اهي پسرس اچي ڪر پڌرا، تنهن عالادين اڳياءُ.

جڏهن چنيسر کي وني آيا، تڏهن اچڻ شرط هڪڙو ڪوڙ جو ٻند ناهي، عالادين کي بيت ڪرڻ لڳو:

هلي چنيسر آئيو، عالادين اڳيانءُ
آءُ مورهين مڱيس ڪونڪو، ڪاٿان تيڙو وياءُ
ڪونه ٻڌو هوم ڪنن سان، مُلين پڙهيو نڪاح
اهي اُج مرندي آئيا، اتئي چوڪرن سڪو ساهه
ڏسي ديمون دهلجي ويا، تڏهن ڪونائين منهنجو وياءُ.

چنيسر چوڻ لڳو: سائين! ڪوڙا آهن، سرڪار جو لشڪر ڏنو اتن ٻاري، سمجهن ٿا ته دايا چوائينداسون ته مارجي وينداسون، سومرا چوائنيداسون ته بچي وينداسون. مون تي اعتبار ڪرين ته دايا اتئي. اها ڳالهه ٻڌي عالادين دربان کي چيو ته: ڏس ته گهڻا دايا آهن. دربان چيو: سائين! پنجاهي ڪن آهي. اها ڳالهه ٻڌي داين تي فوج تيار ڪري، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

پنج سوءُ پناٺن جا، سنباهيا سلطان
تازي چوڙيو تڪڙا، ڪڏايو ڪيڪان
ڏجوءُ داغ داين کي، پلي چيني دودو ڇام.

عالادين حڪم ڏنو ته: پنج سوءُ پناٺن وجن دورانئي، جو انهن داين کي دلي جو داغ ڏيئي، دودي ڏي روانا ڪري ڇڏين. پلي ته دودو ٻه ڏسي ته عالادين ٻه

اهڙي شيءِ آهي. ڇو تہ اسان جو هڪڙو محمد خان ويو هو، ٻيون تہ جنيون ڪرايون هئئين، پر ڪن بہ ڪپائي ڇڏيا هئائين، يڪدم پير ڏڪاءُ ڪيو. فوج تيار ٿَئي. چنيسر پڇا ڪئي: سائين! ڪيڏانهن فوج تيار آهي؟ عالادين چيو: داين تي. چنيسر چيو: گهڻا دايا، گهڻو لشڪر؟ عالادي چيو: پنجاهہ دايا، پنج سؤ پناڻ دوراني. چنيسر چيو: هيڪوڻ نہ، ٻيڻ نہ، ڏهوڻ لشڪر تو اُماڻين؟ عالادين چيو تہ: اوهان جي خوف ڪان. ڇو تہ سومرن جا دايا آهن، متان ڏاڍا جوان هجن. پلي هڪڙي هڪڙي جي مٿان ڏهہ ڏهہ ڄڻا بيهي وڃن. چنيسر چيس تہ: تڏهن مون ڪان پڇيءَ پوءِ لشڪر اُماڻجان، متان پنجئي سؤ ڄڻ ٿي وڃنئي! عالادين چيو: سو وري ڪيئن؟ سو چنيسر داين جي باري ۾ بيت ڪرڻ لڳو:

اسين دايا سي ڄڻون، جي اسان سان گڏ ڪير پين
اهي پنج سؤ پناڻن جا، تنهنجا وئڙا تان نہ ورن
دايا ڏيندئي داغ دليءَ کي، سياڻي ديميون سي داڳن.

چنيسر چيو عالادين کي: اهي دايا ائين نہ سمجهہ، اسان سان گڏ ڪير پيئندا آهن. جهڙي طاقت حشمت اسان وٽ تهڙي داين وٽ. اهي دايا تنهجي فوج داغي، جڏهن توکي داغيندا، تڏهن پڪ ٿيندءِ تہ کي دايا مڙس آهن. عالادين، چنيسر کي چيو تہ: ڏهہ ڳالهيون تو ڏينهن ۾ ڪرين. آءٌ تنهنجي ڪهڙي ڳالهہ وٺان! هر تو چوين تہ مسڪين ماڻهو آهن ، وري منهنجي بہ سڄ انهن جي هٿان تو ڪرائين! تڏهن چنيسر ڪلي چوڻ لڳو: سائين! مون اهي اکر داين جي بچاءَ ۾ ڳالهايا آهن. مون کان پڇ تہ اهي ڪيئن آيا آهن. عالادين چيو تہ: ٻڌاءِ تہ ڇو آيا آهن؟ چنيسر چيو تہ: انهن داين تي اسان جا ڪم رکيل آهن. اسان جا فيصلا آچار ڪن، رُنا پرچائين، ڪيڏانهن بہ ميڙ ڪري وڃن، سيڪو انهن جي ميڙ کي مان ڏئي. دودي تو ڏي موڪليا آهن تہ وڃي عالادين بادشاهہ کي پاڳهي جو سڳ ڏيئي، جهيڙو ٽاريو. چنيسر کي پڳ ڏيئي پرچائي وٺي اچو. جي مرد هَلِي گهر ويني پڳون ۾ سڳ ڏين، انهن سا کي جهيڙا ڪيا! عالادين ڪِلي چيو تہ: نہ، انهن سان جهيڙو آهي ئي ڪونہ. چنيسر چيو تہ: پلا، انهن سان جهيڙو ناهي تہ گهرائين طنبوءَ ۾، سڳ ملي توکي، پڳ ملي مون کي، جهيڙو ٽُٽي پوي. تنهن تي عالادين پنهنجي نوڪر دربان کي چيو: انهن ما بہ ڄڻا معتبر اندر ڇڏ، جيڪي هٽي ڳالهہ ڪن، هُٽي پارينِ. حڪم ٿيو

دربان جو ننگر منگر کي تہ اوهان ٻنهي کي بادشاهہ گهرايو آهي، ٻيا ٻاهر ويهن. ننگر ۽ منگر اندر طنبوءَ ڏي وک کنئي، پويان لشڪر جيڪو هو پنجاهہ جوان، سي سيئي هٿا جاني، مانر هڪڙو بہ ڪونہ هو، سي چوڻ لڳا: اسان جا بادشاهہ اندر ٿا وڃن، ڇو نہ يارن سان گڏ هجون تہ لڳي پڳي ۾ سر ڏوکڙ گهور ڪريون! سو پنجاهي جوانن وٺي اوهيرو ڀڌو. ڏسي عالادين تہ مون گهرايا ٻہ، هي هڙ ڀيا اندر اچن. سو پنهنجي لشڪر کي حڪم ڏنائين تہ: اڳيان بہ ڇڏيو، ٻيا ڌڪي ٻاهر ڪيو. لشڪر عالادين جو هزار جوان اُٿي پيو. اچي دروازي تي ڌڪ ڌڪان لڳي. هٿن جي مَروٽ ۽ ڪَس، اندريان ٻيا ٻاهر ڌڪين ۽ ٻاهريان مروٽيون ورايو ٻيا اندر دٻين. هڪڙي هڪڙي نونٺ، هڪڙي هڪڙي مُڪ هنيئون، ڏهہ پنڌرهن ڪري پيا، سيڪنهن ڦُٽي جاءِ ڏني تہ: ٻچو! رڳي نونـنين جي ڏَم، مڙسن ٻکيون ڦيهي وڌيون آهن. هي پنجاهہ ئي جوان ڏي اندر. ننگر بادشاهہ عالادين جي آڏو هٿ سان سلام ڪيو، گوڏو گلم تي ٻڳائين، شهپر تي هٿ هڻي، ترار جي ڪَرٽي ۾ هٿ وِڌائين. عالادين کي ائين جانچيائين، جيئن ڪو ملهہ ملهہ کي جانچي. ٽيو پرجاءِ تہ ٻنهين ڌُرين جو خير، نہ تہ ڦرين ترار عالادين مان، تخت مان، پلي وڃي زمين ۾ وات وجهي. عالادين ننگر جي منهن جي مَٺ ڏسي فرياد ڪرڻ لڳو ۽ چنيسر کي هن ريت بيت ڪرڻ لڳو:

ڳلهہ پـَـت ڳاڙها ڳيـرو، سـگهر ڏسـجن سـان
سـوڙهہ نـہ ڏينـدا سـومرا، آهـن وڳهہ جـا وريـام
بيهي چارا چورنگ ۾ ڪندا، ٻي جنهـور هڻـندا جـام
لاهيـندا لاڳ لکـن جـا، وڙهـندا چليـن سـاڻ چڄيـر.

اهو بيت ڪري عالادين چوڻ لڳو چنيسر کي تہ: ڇو تو ذات لڪائين، ڪير تو چوي دايا! چڱا ٿا چون تہ "اُٺ چوري پکي ۾ نہ لکي، چنڊ ڪـُوناري هيٺ نہ ڇپي". جنهن مرد ۾ مڻ هوندي سو لکن ۾ پڌرو. ڪير تو چوي تہ هي دايا آهن. اهي صحيح سومرا آهن، مئي مارائي ڪان سواءِ سگ نہ ڏيندا. سومرا طنبو ۾ گهرائي منهنجي هڙ سچ ڪرايئي، رَبُ پڄندئي! آٿي پاراتن تي زور رکيئنس. چنيسر چيس تہ: ڇُٽ جيءُ ڪَر، دايا ڏنا اٿئي، سومرا ڏسندين تہ ويني ساهہ نکري ويندئي. سگ ڏيڻ آيا اٿئي، گهـر تہ مليئي! عالادين ويچار

ڪيو تہ: چنيسر جي ڳالهہ ڏي ڏسان تہ اجھو تو گھوٽ ٿيان. ننگر تي نظر ٿي پويس تہ ائين ٿو ڀانئي جيئن گنجو پاڪي ڪان لهرائي. چنيسر کي چيئين تہ: سڱ وزير وڪيل ناهيندا آهن يا گھوٽ مُنهن سان گھرندا آهن؟ چنيسر دل ۾ ويچار ڪيو تہ پاڻ لهرائي ويو. سو چوڻ لڳو: سائين! وزير وڪيل بہ ناهيندا آهن ۽ گھوٽ بہ مُنهن سان گهر ڪندا آهن. ٻئي ڳالهيون گڏي ڇڏيئين. عالادين چيو تہ: آءُ پنهنجو وزير تو گھرايان. جي انهن کي سڱ ڏيڻو هوندو تہ منهنجي وزير کي ڏيندا. چنيسر چيو: چڱو. ڀلي تون پنهنجو وزير گھراءِ. انهي وزير جو نالو هو "ماڏن مُلڪ وزير". انهي سان صلاح باهرئون تي آئي تہ اچڻ شرط سڱ جي گهر ڪجئين.

ماڏن ملڪ وزير اهڙو هو. جو گھوڙي تي چڙهي غريبن کي جهنگ ۾ دڙڪا ڏيندو هو تہ: ڪڪڙ يا ڇيلو ڏيو يا هلي پير جي پيٽ ڏيو. جو هن پرئين ڳوٺ ۾ ڪاٺ لڳي ويو آهي. سو غريبن جا ڪڪڙ ڇيلا ڪائي گھيتو ٻڌجي پيو هو. ماني ڀوڙ پلاءُ کائيندو هو. يادگيري ايندي هيس تہ هٿ ڌوئيندو هو. نہ تہ پنهنجي ڪانچ جي بالي سان اُگهي ڇڏيندو هو. تنهن سان پنهنجي ڪچهري گڏ هوندي هئي. ڇو جو هن کي مکيون ڦريون وينيون هونديون هيون. سو ڪچهريءَ ۾ ويهي سڱ جي گهر ڪري ننگر کان. جنهن سان ڪو مردن جو بحث مچي.

ويهي ڪچهري وچ ۾ ڪيو "ماڏن" هي ڳالهاءَ
آءُ تہ عالادين جو آهنيَر تي ايندوس
فوجون وڳهہ ڪوٺ کي ويجهيون ڦيرينـدوس
سوا لک مان سومري نکيڙي نيندوس.

ماڏن مُلڪ وزير ڪچهري ۾ ويهي ننگر کي چوڻ لڳو تہ: عالادين بادشاہ کي شهزادي ٻاگهي پرڻائيندس. گھوٽ آهنيَر وهاريندا آهن. سو آءُ وهندس. سوا لک ربين جي لُنگي ڪٽندس ۽ لٽا ڳاڙها ڪندس. هي جائي فوج آهي، سا وڳهہ ڪوٺ کي ڦيرائي وهاريندس. اها ڳالهہ توکي منظور هجي تہ مون کي ورندي ڏي! سو ننگر باشاہ ڏنو تہ پرچاءُ نہ ٿيو. جهيڙو لڳو. سو هڪل ڏيئي پناڻ کي بيت ڪرڻ لڳو:

چـڱدا پـُـٽ چوچـڪ جـا، اجـايو نـہ ڳالهـاءِ
چئـي چنيسـر جـي لڳـي اَولـو نــہ ڳالهــاءِ

آڏو عـــالادين جـــي ڪـــر نـــه ويـــڻ وڏاءِ
ولهيون نہ پانئجان سومريون، اتئي والـي وڳهہ جهل
خبر پوندي دودل راءِ کي، ٻـُـهہ سان پرائيندئي ڪل.

اهو بيت ڪري ننگر دڙڪو ڏنو پناڻ کي تہ: اُٿي، نہ تہ ويني ڏاڙهي پٽجي ويندئي. پناڻ هڪل سهي نہ سگهيو، مڙس ڳري لت، پيري جي پيڪڻ، سو پڙڪو ڪائي اٿيو. پير وڃڙي ويس، پنجن ڏهن جي مٿان ڊهي پيو. در ڪان سومرا وينل هئا، اُتئون ڪونہ آيو: طنبو ڦاڙي ائين نڪري ويو جيئن چور ڪتو گهر ۾ ڦاسي ۽ پاڳيو ڏنڊو ڪٽي در تي اچي وهي، سپ واهون وڃنس، پوءِ جنڊبو ڦاڙي ائين پناڻ پڃي ويو. عالادين ڏٺو تہ هو مڙس چانڊبو هو، مون ۾ پڇڻ ڪونهي، سو فرياد ڪري چنيسر کي بيت ڪرڻ لڳو. شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ڪُـڙهو ڪنبي ويـو ڪُـستان جـو، روئـي رت ڦـڙا
بـاگهي سـندي بـانهن جـي، اسـان دلئون ڇـڏي دعــوا
اوهــان پرچــو پــاڻ ۾ اوهــان جــو ڪــري خيــر خــدا
اوهيــــن وجــو وڳهـــہ ڏي، آءُ وريــو ديـس وجــان.

عالادين بانهون ٻڌي، چنيسر کي چيو: پنهنجن سان پرچاءُ ڪر، حياتي هوندي تہ باگهي جهڙيون بانهون اسان کي ڳوٺ گهٽيون. چنيسر عالادين کي چيو تہ: ماٺ ڪر بيوقوف! بنيل بازي، ڪتيل سوپ تو وجائين. اهي تنهنجي نوڪر کي سڱ ڪونہ ڏيندا، آءُ پاڻهي ريجهائي توکي سڱ وني تو ڏيان. اها ڳالهہ ڪري چنيسر پنهنجي پُٽ جي مُنهن تي لُنگي جو پاند ڏيئي، پٽ کي ڪَن ۾ سمجهائڻ لڳو، سو شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

لُـنگي لاڙي سـومري، ڪيـو پـٽ سـان هـي ڳالهـاءِ
ابـا! نـاحق ننـگر چـائيين، تـو چمـي ڪيـڙو چـا!
ڏسـي گولـي بادشـاهن کـي، آهـن ڪيـڏا ويـڻ ڪيـا
هـُـن گهـري آ هڪـڙي، تـون گهرينـس سـوءِ سـوا
نـالو ونـي تـو ننـگر جـو، ڪريـانس تخـت متـي تـالا
تنهنجـي منهنجـي ڳالهــہ جـو حـامي حضـرت شـاه.

چنيسر پنهنجي پٽ کي چوڻ لڳو تہ: ڊنو چو آهين! هُن جي نوڪر هڪڙي سڱ جي گهر ڪئي آهي، تون خود عالادين کان سوءِ سڱ جي گهر ڪر. تنهنجو نالو

وني تہ توکان اڳي تخت تي ليٿڙا ڪرايانس. اها ڳالهہ چنيسر پئي ڪئي، ننگر ڪنڌ پئي ڌوڻيو. اها ڳالهہ ننگر سان ڪري، چنيسر وري عالادين بادشاهہ کي چيو تہ: سرڪار کي نَوَ لک مبارڪون هجن، ڪم ٿي ويو. عالادين چيس تہ: ڀلا ڪر حقيقت، تو ڇا چيو؟ چنيسر چيو تہ: مون چيومانس تہ: ابا! عالادين بادشاهہ جبل آهي، جبل سان متو هٽبو متو ڦاٽي پوندو، جبل کي ڪجهہ ڀي نہ ٿيندو. تنهنڪري نياڻي آهي اَڪ ڪاٺي، پيٽ ۾ سور پويس مري وڃي، اُها مُئي ڪٺي سهسايو ۽ سڱ ڏيو. اها ڳالهہ پئي ڪئي مانس تہ ڪنڌ پئي ڌوڻيائين، سو تہ تو بہ ڏٺو هوندو! عالادين چيس تہ: برابر ڪنڌ ڌوڻيندي مون بہ ڏٺو. چنيسر چيو تہ: هاڻي ڪنڌ ڌُوڻ مون ڪرائي اٿمانس، باقي مُنهان تون گهُرينس، سو عالادين ننگر کي بيت ڪري چوڻ لڳو:

اوهين پرچو پاڻ ۾، باگهي ڏيو مون
اوهان جا سڀ سومرا پهرايان، ڏيئي دلي سوڏي پُون.

جڏهن اهي اکر عالادين ننگر سان ڳالهايا، تڏهن ننگر چوڻ لڳو تہ: سائين! آءٌ تو سڱ ناهيان، توکي وٽن تو مون کي اکين تي آهن. عالادين ڏٺو تہ واہ واہ! چنيسر سچو هو، هينئر نهڻ وارين ڳالهين ۾ آيو آهي. سو بہ تي هٿ رڙهي ننگر ڏي لهوارو ٿيو. ننگر ڏٺو تہ واہ موليٰ! دشمن هاڻي پوري بُل ۾ آٿي ڏياريو اٿئي، سو ننگر ويهي عالادين سان سڳاوتي ناهي، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي بڌائي، پر پلي بيت پُڪائي:

ويهي ڪچهري وچ ۾ ڪيو ننگر نر ڳالهاءُ
ياڻيجي هجئي پائتي، منهنجي مُنگر ڪي پرٺاءُ
جيڪا دلي ۾ اٿئي دادلي سا مونکي مرکي موڙ بڌاءِ
تون سالو، دودو پيٽويو، اهڙا جوڙ جڳاءِ
مغل تڏهن ماندو ٿيندين، جڏهن ڪسي ويندا سونءِ ماءُ
تنهنجون سڀ ٻانهياريون پرٺاءِ، ڪندس پورو هي بہ پنجاهہ.

ننگر بادشاهہ عالادين کي چيو تہ: اهي سڱ مون ناهيا آهن، ۽ هي پنجاهہ جوان مون سان نئي آيو. هنن کي سڱن جا دلاسا ڏيئي وني آيو آهيان تہ هلو تہ پناڻيون پرٺايانوَ. اهي سڱ توکي وٽن تہ مونکي اڳئي اکين تي آهن. عالادين ڏٺو تہ منهنجي نوڪر ڪئي هئي هڪڙي سڱ جي گهُر، هن پنجاہ سڱ جي

جتي لک لڙندا بادشاهه جا، اتي پنجاههَ ناهي جاءِ
پيچ تہ ڪا پيٺي لهون، متان پڇڻ نہ ٿيوي جاءِ.

مُنگر سوٽ کي چيو تہ: پاڻ کي ڊوهه ڪري، پنهنجي لشڪر کان ڌار ڪري چنيسر تو مارائي. جتي لک ليٽي پيا آهن، اتي پنجاههَ اَٺي ۾ لوڻ بہ پورو ناهي. هاڻي اهڙي تجويز ڪر جو هتان پڇي هلي پنهنجي لشڪر ۾ پئون. پوءِ پاڻ سان بہ لک گڏ آهن. هڪ جيترا ٿي منهن ڏينداسون. ننگر چيس تہ: پڇڻ ڪُر مهٺو، متان پڇي ذات لڄائين! پڇڻ واري لولي مونکي ماءُ پينگهي ۾ نہ ڏني. تنهنجي ليکي لشڪر آهي، منهنجي ليکي لَنبُ جو گاهه آهي، ڏاٿو ڪٽي هڪڙي متان کان بيهان. ڪِلاس وارو بَنو ٽپائي هُن پاسي چڙيانس:

متان منگر ماندو ٿئين، مون سان حامي حضرت شاهه
ڏيوڻ ڪنڌ ڪنڌار کي، مونکي لولي نہ ڏني ماءُ
تو ليکي لشڪر آهي، مون ليکي لنب جو گاهه
چارا چوڙنگ ۾ ڪيان، جهنور هٿان جام
لاهيان لاڳ لکن جو، وڙهان چلين ساڻ چڳير
اجا پي وڄئون ولهين جو واهرو، منهنجو بابل بينو آءٌ
هوندا وير ورهين جا تہ بہ چڏي نہ هن هنڌان.

ننگر چيو تہ: متان ڊنو آهين! اجان بابو بہ بينو آهي، وير ويرن سان اُڳڙندا، هيءَ مهل پنهنجي ڇڏڻ جي ناهي. اِتي منگر کي بہ ايمان اچي ويو. ننگر کي چيائين تہ: گهوري گهوري، لک خرچ ڪنداسون تہ عالادين اهڙو بُل پاڻ کي نہ ڏيندو. رک عالادين تي هٿ، ماري مٽ ڪري وجهينس، پوءِ پاڻ مري پياسون تہ سونَ ٿياسون. پهلوان کي اهو اشارو ٿيو. چڪي ترار مياڻ مان ڪڍيائين، ترار جو جَنهوردار چمڪو ڪيو تہ عالادين پنهنجي حياتي تان هٿ ڪنيو تہ هاڻي مري ويس! چنيسر دل ۾ خيال ڪيو تہ عالادين کي ماري وجهندا تہ لشڪر هڙ پڇي ويندو، سو پڙڪو ڏيئي ننگر جي اُره ۾ اچي لڳو. ننگر اُلاريل ڏڪ رَندي بيءُ جي منهن ۾ ڏسڻ لڳو. ورائي ٻِي وار ڪيائين. چنيسر ٻِي وار پي پُٺ کي اُرهه ۾ اچي لڳو. اتي منگر چوڻ لڳو سوٽ کي تہ: وڏو دشمن اهو آهي جو ويريءَ کي بچايو بينو آهي، هڻ انهيءَ کي ڏڪ. ننگر چيو: تنهنجي ڳالهہ سچي آهي، پر مائٽ اولاد جي هٿان مري پيو تہ انهي جي قيام ۾ بہ شفا نہ

تيندي. ننگر جا اهي اکر ٻڌي، مُنگر چاچي سان پُڇي نہ سگهيو ۽ اکين مان مينهن جيئن لُڙڪ هارڻ لڳو. مُنگر جا لُڙڪ ڏسي چنيسر کي هيلو آيو. چون تا تہ ”رت ڪان سواءِ رُمي نہ لڳي“. ”رت دانگي تي سُري پوي“. سو چنيسر کي خار لڳو تہ منهنجا هيٺا تي تا روئن. سو ’علي علي‘ ڪري وجي هٿيار ڪنيائين ۽ عالادين تي چوٽ ڪيائين. سو شاعر بيت شروع ڪري. فقير چئي ٻڌائي، سو ڪيئن بيت پُڪائي:

مُنگر ڳوڙها ڳاڙيا، ڏٺا چنيسر راءِ
ڪاڪل ڪونيو پنهنجا، بينو ڪُهائي ڪَها
آندن ڏنس اُذمان، سڙيو وجيس ساه
هَول ڪنگول تو وجهي، پايو زره سندا چولا
ٻڌي ڪٽاريون ڪاتيون، ٻڌي سونهري سروپا
ڪنيائين ڏگهو پالو هٿ ۾، سانگ سمي کي آءِ
جنهن جي دونالي ڏڏڪا ڪري، ٻَغل بندوق پي آ
سوني سيگَ ڪمانگري، ٻَتي ڪانن هٿ وڃا
اڇي بگڙيو ديوُ وڳهہ جو، جهليو اڇي نا جاءِ
ڪاوڙجي ڪارو تيو، چڙيو چنيسر راءِ
جنهن جي موزن جي مهميز جا پيا گلمن ۾ گوگياءِ
اڇي هنيائين لت منجي کي، وجي باهڙيو بادشاه
آيا لک لڙي ويا، ڊڄي خوف چنيسر راءِ
مُنگر ڪيائين ڪوڙي ۾، ننگر پاڪر پاءِ
وني آيو پانهنجا، اڇي ويڙهيائين ويرا واه
ننگر! هي طنبو آهن اوهان جا، هو اتوَ جنگ جي جاءِ.

چنيسر کي خار لڳو تہ منهنجا هيٺا تيا آهن تڏهن تا روئن. سو خار منجهان هٿيار ڪٽي، پنهنجن جي دل راضي ڪرڻ لاءِ، ’علي علي‘ ڪري عالادين کي چوٽ ڪيائين. شاعر ڏيکاريو آهي تہ چنيسر، جيڏي مهل عالادين تي چوٽ ڪئي، تيڏي مهل چنيسر جي موزن جا ڪڙڪا گلمر تي اهڙا تيا جيئن نغاري جي چوٽ ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. عالادين تخت تي وينو هو. چنيسر نڪاءُ تُڏو ڪرايس تہ عالادين هينان، تخت متان. جيئن هيڙهن تي ڏَپ ڊهي پوندو آهي.

عالادين ڏنو تہ اندر جيڪو سندس حاضري جو ماڻهو بيٺو هو، تنهن پاهرين کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ وٺي پوڪاريو تہ: 'عالادين في امان'! پاڻ چئون تہ 'مري ويو'، پناڻ چون 'في امان'. ٻاهرين اها دانهن ٻُڌي تہ عالادين سومرن ماري ڇڏيو، سو هڪ ٻئي کي چيائون تہ: ڀڄو، متان ڪو ٻيو مري! عالادين جو لشڪر اڌ تي هو صوفي، اڌ تي هو موالي. صوفي سجاڳ وينا هئا، سي پڙڪو ڪائي اُٿيا، سُبتا سنج وجهي اڳياڙيون پڇاڙيون ڇوڙي، سوار ٿي گهوڙا ڀڄائڻ لڳا. موالي ويچارا پنهنجي نشي جي ٻهاري ڪيو وينا هئا، تن جو اوچتو لشڪر ۾ ڀاڄڙ ڏٺي، تن چيو تہ: يارو! خير ڪونهي، ڀڄڻ گهرجي! نشي جي تئو ۾ اُٿي پيا، اُبتا سنج وڌائون، اڳياڙيون ڇوڙيائون پڇاڙيون ڪديائون ئي ڪونہ، گهوڙن تي ڪٽي لانگون ورايائون. اڃي گهوڙن کي ڏنڊن جون ڇَروُن وڌائون. گهوڙا سر ميدان ڊوڙيا. پڇاڙي وارا ڪِيرا پڇاڙين ۾ ٻڌا پيا هئا، سي گهوڙن پٺائي وڌا هئا. گهوڙو سرچوٽ ڀڄي تہ پڇاڙي وارو ڪِيرو مٿي گهمي ڦِري نڪاءِ ٿئي موالي جي ڊُونگي ۽ ڪرنگهي ۾. موالي هڪل ڪن تہ 'گٽو آهين!' هنن جي ليکي اِهي سومرا ڪانَ ٿا هڻن. هڪڙو ڪونہ بيٺو، اٿين ڊڊا ڊِيہ تي ويئي. چنيسر پنهنجي پائٽي ۽ پُٽ کي وٺي پنهنجي طنبن ۾ آٽي ٻيهاريو. پٽ کي چيائين تہ: ابا ننگر! مون ڪان اها ٻچي اٿئي. ننگر چيو تہ: بابا! تو چگي ڪانہ ڪئي، چو جو اسان عالادين کي ماري وجهون ها. عالادين جو لشڪر اهڙو وڙهي ها، جهڙو سويري ٻڌل گهوڙي تي پٺي چڙهيا. چنيسر چيو: برابر، عالادين کي ماري وجهو ها، لشڪر ڀڄي وڃي ها، پر اوهان جو انصاف ڳائجي نہ ها. هاڻي اِهو لشڪر ماري ڪُٽين ڪُتائي، وڃي عالادين کي ماريو، پوءِ اوهان جي ڳالهہ اِڃ ڪان وٺي آخر تائين پئي هلندي.

اها ڳالهہ ڪري چنيسر عالادين جي طنبو تي آيو ۽ اچي سلام ڪيائين. عالادين سلام نہ ورتو، مُنهن ڦيرائي ٻئي پاسي ڪيائين. چنيسر پڇيس تہ: چو نٿو سلام وٺين؟ عالادين چيو تہ: سلام ڏٻو وٺبو آهي سڄڻ کي. دانهن تنهنجي تي آياسون، وري چوڪرا گهرائي مون کي گلم تي گاريون ڏياريئي. جڏهن مون انهن کي مارايو تي تڏهن پنهنجا مــنا ڪري مون کي لت هٽي ڪيرائي وڏئي، جو اڃان تائين ڊِڳــن ۾ ۽ ڏُڌَن ۾ سور اٿم، پاسا جهــري پيا اٿم، هرين هرين سان وينو ڪٽان. سو ڪهڙو سلام وٺان! چنيسر چيس تہ:

منهنجو تورو ڪروڙن ڪان وڏيڪ اٿئي. توکي اُڪت ماري وجهن ها. تنهنجو لشڪر اهڙو وڙهي ها جهڙو سويري ٻڌن گهوڙن تي پئي چڙهيا. مڙس هجين ته مون کي تخت انعام ڏين. عالادين چيو: برابر سچو آهين. چوڏهن سالن ۾ اڄ سچ ڳالهايو اٿئي. چنيسر چيو: هاڻي ڪڏي رڻ ميدان ۾ ڏنا اٿمئين. جنهن کان وڙيئي تنهن کان مارائين. عالادين واعدو ڪيو ته: اُميد آهي ته شڪارين کان مارائيندوسانِ. چنيسر چيو: جيڪا سرڪار جي مرضي. عالادين حڪم ڏنو ته: شڪارين جا جيڪي چڱا مڙس هجن، اُهي مون وٽ وني حاضر ڪريو.

شڪارين جا ٻيي چار چڱا مڙس هئا. جن جا نالا هي آهن: هڪڙي جو نالو اَڃو، ٻيو ٻَڳو، ٽيو ٽنبوُ، چوٿون ڇدوُ. عالادين بادشاه جا لانڙي دار نوڪر اُتيا. شڪارين کي اچي سڏيائون ته: هلو عالادين بادشاه گهرايا آهيو! شڪارين کي اڳيئي خبر پئي ته ننگر سومرو آيو هو عالادين وٽ، جو عالادين کي تي ڪُنائين. سو پاڻ ۾ مُلِهن ناهي گڏجي آيا ته ، تان ڪو لڙائي قبول ڪري. عالادين جي طنبو تي آيا. نوڪرن بادشاه کي چاڻ ڪيو ته: چار چٽا شڪاري حاضر آهن. بادشاهي حڪم ٿئي ته اندر اچن! عالادين چيو ته: انهن مان هڪڙو اندر اچي. شڪارين پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته ڪهڙو اندر وجي؟ چيائون ته اندر وجي 'مامو اَڃو'، ڇو جو مڙس ڳالهه جو آهي اَڃو. اَڃو کي روانو ڪيائون اندر، اچي عالادين کي سلام ڪيائين. عالادين چيس: چڙهي وجي جنگ تي! اَڃو هٿ ٻڌي عالادين کي بيت ڪرڻ لڳو:

"سڻ عالادين بادشاه! هجئي لڳن ۾ سور"
سٽي ڪيونئي سڳين سان، هٽي چَرُن پهريان تور
سٽج اسان جي ڳالهه جو پهريون اهو مذڪور.

اَڃو چوڻ لڳو ته: سائين! لڙائي نه ڪئي سون نه ڏني سون. باقي اسان جو ڪار آهي رت ڪڍڻ، سير چوڙڻ، سڱي هٽڻ. سور جي ڪو مرض ٿيو هجئي وائي، بادي، هڏ ڦوڙ، ڳنڍيو. ڳوه مرض ته تڪا تُور چرن جا چنبڙايونئي. ٻيو ته سِير آهي پِير. سنڌ سنڌ مان سير چوڙيئين. رت ڪڍي وجئين. پوءِ چاليهه ڏيهاڙا پاسو ۽ پڙيچ ٻچين ته هرڻ جهپيندين. مري وئين ته مون تي ناهي. عالادين دل ۾ خيال ڪيو ته سيڪنهن شيءِ جو ٿيندو آهي سَوَڻ. هن پهريون سَوڻ ڪاري جڏو ڪري وڏو. آءُ ٿو چوانس ته چڙهه جنگ تي، هي رهندو مونکي ٿو سيرون

چوڙي ۽ رت ڪڍي. اُچـُـو ڪي ڪڍو ٻاهر. ٻيو ڪو آڻيو. هاڻي عـالادين جو حڪم ٿيو ٻـَگـُو کي تـہ: چڙهہ جنگ تي! سو ٻگو پنهنجو بيت بيان ڪري:

هجــي شــوق شــڪار جــو، توڪــي عــالادين بادشــاه
مــل مهــاڙيون ســي ٻــڌون، نــاهيون ڪاشــائي ڪـُـڏٿا
نہ تہ سور ڏينداسونءِ سامهڻون ڪيندئي اُڇل سان آنـدا.

ٻگُـو هٿ ٻڌي عرض ڪرڻ لڳو تہ: سائين! اسان جو ڪم آهي شڪار ڪرڻ. جي سائينجن جو شوق هجي تہ ڪُـڏُٿو ناهڻ، مُـهاڙي ٻـڌڻ، پنجوڙ اڏڻ اسان جو ڪم آهي. توڪي ڪُـڏُٿي تـي ويهـاري، جهنگ مـان سـور تـڙي آڻـي سـامهون ويهاريندا، پوءِ الله ڏنئي سوڀ ۽ هٿي ڏک مرون ماريئي تہ وهواه تنهنجي آهي، نـہ تـہ مـرون بدنـام شيءِ آهي، آنـدا سرڪار جا ڪُـڏُٿي ڪان ٻاهر پيا هونـدا . عالادين چيو: ٻيو سَوَڻ بہ جڏو ٿيو. ٻگُـو کي ڪڍيائون ٻاهر، وري تِـندوُ کـي گهرايائون. حڪم ٿيس بادشاهي تـہ: چڙهہ جنگ تي! سو تِـندوُ پنهنجي حال جي خبر ٻڌائي، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ڪـُـنڍي ســان قــرب اســان جــو، ٻيــا ٻــڌون ٻهــارا
ڪـَـــڙيون ٻڌئــون ٻنگلــن جــون، ڇــڄ نــاهيون ڪــارا
نـــ تـــ رکنداســـون وجـــي ســـنڌ ۾ ٻنيـــون ۽ ٻـــارا.

تِـندو چوڻ لڳو تہ: سائين! ڇڄ ڪاري جو ڪـَـپ هجيوَ تہ ڪارِي تـي ڪارِي پئـي نڪاءُ ڪندي، ڇڄ تـي ڇڄ واڪو ٻيـو ڪندي. اسان جو حـال اهـو اتئـي جـو تنهنجـي اڳيـان حـاضر آهـي. بـاقي لڙائـي کـي سـائينجن پـاڻ منهـن ڏينـدا . ويهاريندين تـہ وينـا هونداسـون نـہ تـہ سنڌ ۾ گهڻئي گذر لڳو پيـو آهي، وجي ٻنيون ٻارا ڪنداسين. تندوُ کي ٻاهر ڪڍيـائون ۽ چـِـڏوُ کـي گهرايـائون. چڏو مڙس ڏنگاچو ۽ ڊهرُو. اُن سبب هڪڙو گوڏو ٻڌئونس، ٻيـو جيئـن اُن کي تـاڙ هٽبو آهي، تيئن تاڙ هٽي عالادين جي روبرا آڻي ٻيهاريـائونس. عـالادين پڇيـو تہ: گوڏو ٻڌي، تاڙ هٽي آيا آهيوس؟ چيائون تہ: سائين! گهٽا ماڻهو ٿو ڏسي تـہ مغز خراب ٿيو وجيس، چيڏڪ پيدا ٿو ٿئيس، متان ڪنهن کي پـُـستي هٽي يا ڏاڙهي وجهي. عالادين حڪم ڪيس تہ: چڙهہ جنگ تي! سو چڏو پنهنجي درد جي دانهن ڪري، عالادين کي سچ ٻڌائڻ لڳو، سو شاعر بيت شروع ڪـري، فقير چئي ٻڌائي، پر ڪيئن بيت پـُـڪائي:

وڙهنــدا يــار ننـگر ســان جــن ڪــاڏا ٻــوڙ پـــُــلاءَ
جيڪي ٻڌن ڪتاريون ڪاتيون، ٻڌن سونهري سـروپا
اســان روتــي ڪـائون رکـڙي، ڏيــو اَتــي پــاءُ ســوا.

چِڏوُ هڪل ڪئي تہ عالادين بادشاه کي تہ: سرڪار! بتـال تہ ڪونہ تيا آهيو! اڄ انهن جو وقت آهي جن مانيون ٻوڙ پلاهہ کائي، سونهريون روپهريون ٻڌي، گهوڙن تي چڙهي، غريبن کي جهنگ ۾ پئي دڙڪا ڏنائون. اسان مارو ماڻهو غريب، پاءُ اٽي جو مليو تي تہ روز تي جـُڙيوسون، نہ تہ سدائين چَپ ٺـُورا. اهـو سوال ڏيئي چارئي شڪاري جان ڇڏائي، پنهنجي ڳوٺ ڏي وارو ٿيا. عالادين چنيسر کي چيو تہ: ڏنئي، ڪيئن چارئي جان ڇڏائي ويا! چنيسر چيو تہ چـُـڪ آهي تنهنجي، ڇا وس آهي رعيت جو، جو راجا کي آڏو جواب ڪري! عالادين چيو: اهو ڀلا ڪيئن؟ چنيسر چيس تـہ: هڪڙي شڪاري کي گهـُرائي، اُن کي زوري وهنجاري، پـَٽ ريشم جا وڳا پارائي، هاٿي تي پالڪي وجهي، انهيءَ ۾ وهاريوس. شراب جي بوتـل پياري، ٻي بوتـل هٿ ۾ ڏيوس ۽ ڏهہ لک پنيـان لايوس. پاڻهي رت ڦٽي ويندس ۽ ڳنڍجي ويندو. اها ڳالهہ چنيسر جي ٻڌي عالادين حڪم ڏنو تہ: ٻين کي ڇڏي، چِدوُ کي وٺي اچو. شڪاري جو ويچارا ڳوٺ پئي ويا. سو پاڻ ۾ صلاحون ڪندا ۽ ڀـيراٽيون باسيندا پئي آيا تـہ: ”ڪٽيانس شاه مـُڙس بچايا آهيـون، لاڪاس هلو تہ ڪا منائي ورهائي منتا ڏيون“. ايتـري ۾ پنيـان عالادين جي نوڪر هڪـل ڪئي تہ: وَرو پوئتي! اَچو ڳالهايو: يار! ڀچو خير ناهي. اها پنيان ڪـُـڙي ڇـڪ الاجي کهڙي تي؟ اچي چارئي ڀچڻ لڳا. ٻين کي ڇڏي ڏنائون، چِدوُ کي پنيان لڳي پيا. ڊوڙندي مڙس کي ڦـنجهہ ۾ هٿ وجهي ونـي ســَٽ ڏنـائون تـہ مڙس ڊُونگي ڀر اچي ڪريو. ڇڪي ٽنگون ٻانهو ڪٽي ٻڌائونس، پوءِ اِيهين تي ڀيو جهڙو پاٽي جو ساندارو. ٽنگن ۽ ٻانهن جي وچ ۾ هڪڙو وڏو لڙهو ڪاٺ ڪٽي ڏنائونس. ائين ڪٽي آيس جيئن ڪارو مرون اُلهڙ تي ڪٽي ايندا آهن. عالادين کي چيائون تـہ: وجهي وهنجاريوس. پوءِ تي ديڳيون گرم پاڻي جون ڀري چاڙهيائون. شڪاري کي يارهن ٻار ڄايا هئا تہ ڀير پاڻي ۾ ڪونہ وڌو هئائين، پر ڪڏهن اوڇتو مـِينهن بہ ڪونہ ڀـِڄايو هو: تنهن تي مڻ مٽيءَ جا ڀي کي ڇَهہ چڙهيا پيا هئا. جيئن اُٺ پاه ڪبو آهي، تيئن شڪاري کي گرم پاڻي سان پاه ڪري، نڪريون ۽

ڇوڏا هٿن ۾ ڪٽي، انهن سان رهڙي گر لاٿائونس. جيڪا پاٽي ۾ لُڙهي وئي سا ليکي ۾ ناهي، باقي جيڪا هٿ آئي اُها توريائون تہ سوا اڍائي مڻ ٿي. اهو ٿيو پهريون تَڙُ. تنهن کان پوءِ ٻيو بادشاهي تڙ ٿيو. جنهن ۾ مُشڪ، ڪٿوري ۽ عنبر جا ليپا ڏنائونس. سوا لک رپين جا موزا پير ۾ وڌائونس. بادشاهي ڪَلنگ ڪاپار ۾ پارايائونس. هاٿي تي هنياري وجهي، اُن ۾ وهاريائونس. شراب جي هڪڙي بوتل پياري، ٻِي هٿ ۾ ڏنائونس. ڏهہ لک ڏڦيرن جا، اُهي پنيان ٻيهاريائونس. پيلوان بولي ڪئي، هاٿي پڙڪو ڪائي اُٿيو. شڪاري ڏسي تہ سبحان الله! سيني کان مٿي وينو آهيان. آهيان ڪجهہ آءٌ، ٻيا هُران پَران لڏي آيا. سو نشي جي مجاز ۾ عالادين بادشاهہ کي شڪاري بيت ڪرڻ لڳو:

ڏولي ڏناڻون ڏڦير ڪي، تي ڪٽڪ منجهہ ڪڏي
سو بادل جيئن برسي چڙهيو، ڪري آگم ميگهہ ملهار
جيئن ڪنوڻ تجلا اُپ ۾، تيئن جامڪين جنسار
چئي: آءٌ تہ چڙهندس وڳهہ ڪوٽ تي، جتي دودو ديمين سان.

ڇدُو شڪاري عالادين کي عرض ڪيو تہ: سائين! هن ڳالهہ ۾ اسان جو نڪو اڇي نڪو وڃي، پر تو جي ايترو قرب ڪيو آهي پوءِ اسان ٻي ڪاري چمڙي، شل نہ بگڙون، جي بگڙون تہ تِندي ماڪوڙي وانگي رتو رت ٿيون يا پنهنجي مُندي پٽايون، يا ٻئي جي پٽيون. تنهنڪري مونکي موڪل ملي تہ وڳهہ ڪوٽ تي چڙهائي ڪريان ۽ دودو ماري فتح ڪري ڏيانءِ. ننگر آهي ڇوڪرو، منهنجي سَٽ نہ سهندو. عالادين هڪل ڪيس: هلا اُٿئي پيٽي! هڪڙو ننگر ماريئي تہ ڇڻ ڏهہ دودا ماريئي. چڙهي وڃ جنگ تي، وڃي ننگر سان لڙائي ڏي! اتي شڪارين پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ لڙائي نہ ڪئي سون، نہ ڏني سون ٿيندي اَلائي ڪيئن! ڇدوُ چيو تہ: پاڻ کي ڦاسايو آهي چنيسر، هلي ٿا صلاح وٺونس. سو چارئي ڄڻا گَڏجي آيا چنيسر وٽ تہ اسان کي سمجهاءِ تہ لڙائي ڪيئن ٿيندي؟ چنيسر چيو تہ: لڙائي جهڙو سولو ڪم دنيا ۾ ٻيو ڪونهي. ويندي جي ويرم ۽ تڙي ڪڙي جي صفائي. چنيسر پڇيو تہ: ڪي پَٽا ۽ پنجوڙ اَٿوَ؟ ڇدوُ چيو تہ: هزارون پيا آهن. چنيسر چيو: پٽا ۽ پنجوڙ ڪٽي، ننگر جي لشڪر ڪان هينيئن واءُ وڃي منديو. چاليهہ پنجاهہ مڙس جيڪي وانا هجن اُهي ڪَسَ تي وهاريو ۽ ٻيا ڏهہ لک وني مٿئين واءُ وڃي هُل هنگاما ڪريو ۽ تاڙيون وڄايو.

ننگر جو لشڪر سمجهندو تہ وڏو ڪو غنيم چڙهي پيو آهي، سي ٿاهہ ڪائي ڀاڄ ڪندا ۽ اچي پٽن ۽ پنجوڙن ۾ لڳندا. ائين ڦاسائي، جيئرا ٻڌي ڏيو عالادين کي، اوهين خچرون خزاني جون وٺي دلي ۾ وڃي ٻوڙ پلاه کي پيلڪون چاڙهيو. ٻيا سڀ ويساه ڪري ويا. باقي اِچو چيو: ڙي مَـرو تا. جنهن عالادين کي ڪُـنو، سو تاڙين جي ڀڃائڻ جو آهي! پنهنجو مُلهہ نامو ناهيو. نہ تہ هڙ ئي تا مرو. اها صلاح ڪري عالادين ڪان جنگ جو سامان گهرڻ لڳا. سو عالادين جنگ جو سامان ڏي، شڪاري رڻ ميدان جي هلڻ لئي، باقي پويون پهر سج جو هُجي جو تياري ڪرڻ لڳو، سو شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پر ڪيئن بيت پُـڪائي:

سانجهي جو لـڏي هليا، شڪاريءَ جا سامان
جنهن کي ٻارهن سؤ ٻَـڪِـي ملي، ٻيا ڳاڏين جا گهمسان
سو بادل جيئن برسي چڙهيو، ڪري آگم مينگهہ ملار
جيـن ڪنوڻ تجـلا اُپ ۾، چنـدي جـامڪي جنسـار
اچـي لٿـو رڻ منهـن تـي، بينـو روپـاه ڪـري الغـار.

چِڏوُ شڪاري رڻ ميدان ۾ ڏهہ لک فوج وٺي آٽي لٿو. ننگر جا يار نالي مُـنگر پٽ دودي جو، سَوائـي سمون، چُـتو، جاڙيجو، پٽي، رڻ ميدان جو سير ڪندي گهمندي آيا. شڪاري جي لشڪر تي هنن جي نظر پئجي ويئي. هنن کي اڳئي شراب جا نشا هئا. لشڪر ڏسي يڪدم ننگر سومري وٽ پهچي ويا. سو ننگر کي ٻانهون ٻڌي عرض ڪري، هي بيت ڪرڻ لڳا، سو شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پر پلي بيت ٻڌائي.

آيـا يـار ننـگر جـا، تـا عـالم تـو چـون
نـر نشـي نوازيـا 'علـي 'علـي' ڪـن
تون جوٽ جنگيون منهنجا پرين، اهڙيون مهلون ڪير لهن
پلـي بـادل برسـن رُڪ جـا، اچ جنگيـون جويـن ڪـن.

ننگر کي يار چوڻ لڳا: اهي اسان جا رڻ ميدان جا سِر جا سوداگر اچي لٿا آهن. اسان کي موڪل ملي تہ نشي جي بهاري ۾ انهن جي تيرن جي مهماني ڪريون. هتان نَوَ لک ڏڪ چِـتي وجي، اهو لشڪر گم، سپاٽي وري ليڪو نئين سئين. اتي ننگر يارن پنهنجن کي هي بيت ڪرڻ لڳو:

خلقيـــا آهـــن خـــدا جـــا، اُمتـــي مصطفـــيٰ
نـِيمڪ سندي ننگ تـي اچـو صدقـو ڪيـو اتـن سـاھ
سـِياڻي سـويون وس سـتار جـي، جنـــي ڏيـــاري الله.

ننگر چيو تہ: چوري وڙهندا آهن چور، اهي ويچارا مسڪين پاڻ اتي جو ڪائي اچي نيمڪ تي سر ڏنو اٿن. پاڻ جهڙا ماڻهو آهن ۽ الله خلقيا آهن. جڏهن پاڻ سان وڙهندا تہ وڙهنداسون نہ تہ سدائين سام تيا وينا هجن، پنهنجا رڻ پائي مهمان آهن. متان ڪو چوري وڙهي. پلي تہ رات جا پهر سڀ ڪنهن کي خير مان گذري وجن، سياڻي رڻ ميدان ۾ جيترو گهوڙو مرد ڊوڙائيندو اوتري سوڀيا ڳائبي. اها ڳالهہ ڪري ويهي رهيا. متان رات پڇجي وئي.

باک ڦٽي، ڏينهن وارو تارو اُڀري مٿي ٿيو. شڪاري ڏسي تہ ڏينهن ٿو ٿئي، پر سومرا ماٺ ڪيو وينا آهن. چو نہ جنگ جو نغارو اڳ ۾ آءُ وڄايان. سو شڪاري جنگ جون پيرون وڄائي نعرا هڻي ۽ ننگر جي لشڪر تي تياري ڪري، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پلي پيو بيت پُڪائي:

رات وهـــاڻي ڏينهـــن ٿيـــو، اُڀريـــو تـــارو
غـــوث بهـــاؤالحق جـــو نـــر هڻـــن نعـــرو
پيڪـــي پيـــر دلـــيءَ جـــي، وڄـــو شـــڪاري نغـــارو
ڏچـــر تـــو ڏان ڏان ڪـــري، هلـــي آءُ ننـــگر تـــون آءُ
ننـــگر چڙهيـــو هـــو ديـــم ســـان، ســـاري حضـــرت شـــاھ
ســـاوا پيـــلا گـــلاب جـــا ٻـــڌا جهـــُـــڙ جهنـِـــدين
گـــاجين گجيـــا گـــُـــرزڙا، تـــاوَ رکيـــا توفـــن
گـــُـل ميخـــون گـــاڏين کـــي، بينـــا جـــوان جـــَـــڙن
لاريـــن لاهـــہ وڏا ڏنـــا، بـــس نـــہ بندوقـــون ڪـــن
ڪـــارابين ڪـــَهڪـــي پيـــا، بيـــون دنـــاليون دهڪـــن
تڪـــا تـــَماچا چوڙيئـــون، ٻـــڌي ٿهـــہ ٿهـــہ ٿـــاڪوڙن
رُڪ ٻـــِـــسيانا هـــت ۾، جهـــانگي جهنـــگ هڻـــن
مـــاڪڙ وانگـــي مينهـــن جيـــنءَ اچيـــو ڪـــانَ ڪـــِـــرن
رڻ ۾ راهـــو منـــديو، گهـــوڙن ۽ گهوٽـــن.

گهوڙن ۽ گهوٽن اچي ميدان وسايو. پهرين لڙائي شروع ٿئي توف، بندوق، ڪانَ، ڪمانَ، شيها ۽ دارون. هڪٻئي تي پري ڪان وسائڻ لڳا. ڪانن جون برساتون وُنيون، جنهن ۾ لاکوڻن لاک سڙي پُسجي ويا. ساوا پِيلا جهنڊا ڪنيو مردن پٺي لڙائي ڪئي. سالڪ تا چون:

ڪڏهن ڳاڙها گهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾
واري سندا ڪوٽ، اڏي اڏينديـن ڪيترا.

وري سالڪ چيو آ: لوهه جا لڳا، پکي پڳا، نرنان اُتي جا تيا. لوهه جا = ڪانَ، پکي = ڪانئر، نرنان = سورهيه، اَن جا = ٽُڪر.

ڪانَ لڳا، ڪانئر پڳا، سورهيه اُتي پٺي ٽُڪر تيا.

اهو آهي پهرين لڙائيءَ جو بيان. تنهن ڪان پوءِ مرد ڪَني جي ڪيڏ ڪن. ڪاتي ۽ ڪٽاري جو جهيڙو. هو تہ لڙائي هئي توف ۽ بندوق جي، جو پري ڪان تي ساڙيئون، جنهن ۾ همت جيٰ اٿون بي همت جي خبر نٿي پئي. ترار ۽ ڪٽاري ۾ مرد جي ۽ نامرد جي خبر پوندي، سو سمان سوپون ڪن، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي بڌائي، پر پلي بيت پُڪائي:

اچي وڙهيا ڪٽارين ڪاتين، تا ٻڙجون پالَ هٽن
مردن مٿان رک جون، تاوَ ترارين ڪن
مَرد سي مائن ڄائيا، اورانگهيو اچن
ڪنا خفيفن جا واڪي ساڻ وڃن
ڏڙ جني جا ڏوڙ ۾، للهنگ پيا ليٽن
سسيون شڪارين جون پيون ڪلر منجهہ ڪرن
تان پي ڏاڪر پوي پٺي ڏقير جي، بينا 'دودو دودو' ڪن
پُرزا پوشيدن جا اُڏريو عرش وڃن
نديون نير پلوٽيون، پيا وڳهہ واهہ وهن
اُن ۾ عضوا اُمراهن جا پيا لوهُو منجهہ لُڙهن
يڙ پوتا پونگر راوَ جا، ڏس روئنشي راند رهن
سَتريون پيا وجهن سومرا، جيئرين لَنب جو گاهہ لُٽن
هئي هينان جنگ ننگر جي، مٿان مينهن بڏو مارو
هينان جنگ ننگر جي، مٿان ڳجهن ڏنا ڳارا

بگهن بر وسائيا، ڪونجون قطارون ڪن
شيشا لال شراب جا، ڪديا ڪلالن
ننڍڙا يار ننگر جا، پيئندا پاڻ وچن
’هڻ وڙهه‘ وائي وات ۾، ٻي نا ٻولي ڪن
ننگر سندي جنگ ڪان شڪاري توبهه توبهه ڪن
نائين ڏينهن نِدان ٿيو، اچي رڻ پيليو راوَن
هڪڙا ڏڙي چڏيئون ڏوڙ ۾، ٻين جا ناري ڏس پَون.

اچي مردن جي تلوار جو چٽڪو لڳو. ائين ٿي بينا، صفون ٻڌي، پَري مُنهن ياگا ڪنيائون، جيئن تکو ڪانڙو ڪانا لُٽي، تيئن اچي تلوار جو تيغ چلايئون. پوءِ اڳيان ٻگڙ ساٺ ڌهيو پون، پنيان سورهيه غازي هڪڙي هڪڙي وک لک لک جي ڪنيو اچي اڳتي سر ڏين. ٻيا وري ’دم ڳاندو شهيد‘، جيڪي پَل (پت) جا مارا ۽ ديگ جا دشمن، اُهي چا ڪن، ڪنيو ماڻهوءَ جو مڙهه هٽن انهي هينان ٺُبي. مڙهه مٿان، پاڻ هينان. چڻ هي ٻه اڳي مئا پيا آهن. وري هڪبئي کي پيا چون: ”ادا، سِر لڪاءِ، ڏڙ پلي پيو ڏوڙ پائي. موادي ڪو اوچتو ڏک لڳي ويو ۽ ٻنڌڻ وڃي پيو ته ڦٽ ايرجي ويندو، ڏک چٽي ويندو، الله ڪندو حياتي هوندي ته پت گهٽا ڪائبا. شڪارين جون سسيون اِئين پيون ڪلر ۾ وسن جن جو شرو ناهي شمار. تان پي ڏقيرن جي ڏاڪر پئي پوي ته: هن جنگ مان چڙهو ته دودي ڏي تياري ڪريون. هيڏانهن سومرا آهن، انهن جي تلوار جو چٽڪو اهڙو ته هليو جو سڀجي ڪبي ترار وهايئون، رڳا ڏڙ پيا ڏڪن، سِر ليي ڪونه ڪو. لاڪئون لاک ڪوس ٿي ويا. اچي رڻ ميدان مان رت ريلا ڌري هيناهين تي وهڻ لڳو، جو ويراواهه ۾ رت ايترو زور رکيو جنهن جي حد ڪانهي. ٻيو ته وري قدرتي مٿانِ مينهن اچي اڳئي پئي وُٺو. ماڻهو جي رت اڳئي اُڏامندي آهي، رت جو مينهن اڳئي پئي وُٺو، وري جو مٿان قدرتي مينهن وٺو ته رت پاڻي گڏجي پيو. ڍنڍون ڍورا تلاءُ ڀرجي ويا، جنهن مان ويراواهه وهڻ لڳو. شڪارين جا عضوا مٿي اُڏامي اچيو رت ۾ ڌهن، رت ۾ تاريون ڪائيندا وجن. ڍنڍن ۾ ڍورن تي ٻگها ڪونجون قطارون ڪري لهي پيا. مٿان ڳجهن، سرڻن ۽ سانباهن اچي لامارا ڏنا ماڻهوءَ جي مار تي. ننگر جا يار آهن، شراب پيو، ڪِيرا ٿيو نشي ۾ ’هڻ وڙهه‘ وائي وات هجين، ۽ ٻي ڪا ڳالهه نه هجين.

نَـو ڏينهن نَـو راتيون لڙائي ڪيئون. لشڪر سڀ مارجي ويو شڪاريءَ جو. اتـي ننگر جي ترار کان شڪاري ’توبهہ توبهہ‘ ڪرڻ لڳا. پاڻ ۾ چوڻ لڳا تـہ: ننگر جي ترار جبل جهلي، سمونڊ جهلي، انسان جي طاقت ناهي. هاٿي پڇو تـہ ڪو بچ بچايو، تُـور تو وڃي. جيڪي ماريـا سي مـارجي ويـا، بـاقي جيڪي بچيـا، اُهي بادشاهي هتيار ۽ انهي لشڪر جو خزانو ڪٺي اچي پاڃ ڏنئون. پنڊٽن سان ڪُـڙيون، سَـتوڙَت بَـتوڙَت، نا ڦا، اُڏامي ويـا. سِـنڌڙي واري موري متـي هُـن پاسي خزانا ڏئي، پنهنجون زمينداريون ونـي، زمينـدار تـي ويهـي رهيـا. هـڪڙو ڪونـہ بچيو جو دانگي جي دَبڪي تي اچي.

ننگر بادشاه ڇـدوُ شڪاري جـو سـر پالي ۾ نشان ڪري پنهنجي ظنبو اڳيان بيهاريو ۽ عالادين ڏي پنهنجو خط روانو ڪيئـن. خط ۾ لڪيئـن تـہ: گيدي! ڇو تو مسڪينان مار ڪرائين، آءٌ علي جي ميدان ۾ تـہ ڪا خبـر پوئـي! خط عالادين کي مليو. خط پڙهي چوڻ لڳو: الله اڪبر! اهڙو ڪو پاناسِر آهي، جنهن ۾ لشڪر پيو تـہ هـڪڙو ڪونـہ وريو جو خير جي خبـر اچي ڏدائـي ها! اتـي چنيسر کي گهرائـي چوڻ لڳو تـہ: چنيسـر! مهرباني ڪري پنهنجن سـان ڪـر پرچاءُ. حياتي هونـدي تـہ بـاگهي جهڙيون بـانهون ڳوٺ گهٽيـون. چنيسـر هـڪل ڪيس تـہ: ڪَـلا تَـئـي! شڪارين بـہ ڪڏهن سوپ ڪئي آهي؟ پيـو ڪـو پهلوان صوبو اُماڻ. تنهن تي عالادين چيو تـہ: اهـو ڪهـڙو صوبو آهي جيڪـو سومرن کان پهلوان آهي؟ تنهن تي چنيسر چيس تـہ: تنهنجي لشـڪر ۾ جيڪـو شيدي آهي، اهو ڪُـستاني ڪُـڙهو آهي ۽ لشـڪر پيڻ تي اٿس. ننـگر وٽ آهن نَـو لڪ، شيدي وٽ آهن سورهن لڪ، ۽ شيدي جي قوم ڇري آهي. لڳـي ڪـان پوءِ ماٿهو جو ماس پٽي ڇَـڪن سان ڪائي ڇڏيندا. ۽ چـون ٿـا تـہ سنڌي ڪـان شيدي اڍائي پاسراٽيون وڌيڪ آهي. سو شيدي بانڪي برخوردار کي جنـگ تـي اُمـاڻ. اها صـلاح ڪري عـالادين پنهنجا تـاپرو نـالي راهب ۽ صاحب، انهـن کـي بيت ڪري ۽ چوڻ لڳو. شاعر چوي ٿو:

راهـــب صـــاحب تـــاپرو، ســـنيايا ســـلطان
تـــازي ڇوڙيئيـــون تڪـڙا، ڪـُــــڏايئون ڪهڪــــان
پڇـن تـا دربـان ڪـان، ڪٿهـي بـانڪو برخـوردار؟
چئـي: ڪـائي ستو خومچـا، آهـي شيدي منجهہ آرام
ســياٽي صبـــوح جـــو ڪنـــدو ســـلطاني ســـلام.

عالادين پنهنجي حاضري جا نوڪر نالي راهب ۽ صاحب ٻئي تيار ڪيا تہ مون وٽ شيدي حاضر ڪريو. نوڪر آيا. شيدي جي در جي دربان ڪان پڇا ڪرڻ لڳا تہ: بانڪو برخوردار ڪٿي آهي؟ شيدي پنهنجي وات تي هٿ رکي ۽ هنن کي اشارو ڪرڻ لڳو تہ: ماٺ ڪريو. هَري ڳالهايو! شيدي نيرن ڪري سَتو آهي. جي گوڙ ٿيو. هُل تي جاڳي پيو تہ اهڙو حرامي آهي جو پنج ست ڇٽا کائي، ڦٽي، ڏاڙهي ماريندو. عالادين جا نوڪر پڇا ڪرڻ لڳا تہ: ڪهڙي نيرن ڪئي اٿس؟ سندس دربان چوڻ لڳو تہ: ارڙهن ڏاڪون يخني جا. ڪاسو ڦُلن جو. چوڏهن ڪِنگريون پاٽي جون پِـي. سارو گُهمرو نار جو سَـج ڪري هاڻ سُتو آهي. منجهند واري ماني نهيس پئي. آرام ڪري اُٿندو. ماني کائيندو. حڪم جا بندا حڪم سارو هلن. وڏيڪ قدم نہ ڪنيائون. موٽي عالادين سان اچي احوال ڪيائون. جا حقيقت شيدي جي نوڪر ڪئي هئي. سا اچي عالادين سان ڪيئون تہ: آيو تہ ايندو. نہ تہ سپاٽي ايندو. عالادين چيو تہ: سورهن لکن جو صوبو آهي. تہ بہ مون وٽ پاڻ اٿي جو نوڪر آهي. وڃو. ڪنن ۾ هٿ وجهي، مون وٽ حاضر ڪريوس! سو حڪم جا بندا حڪم سارو هلن. اهي شيدي کي ونڻ اچن. سو شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي. پر پلي بيت پُڪائي:

أٿ شيدي پُـٽ شنگور جا. تون گولي پٽ غلام
هِٽ کائي ستو آهين خومچا. هُـت مغل نہ کاوي طعام!

شيدي ستو پيو هو. مٿو، پُـنا، پير اُگهاڙا هئس ۽ سُتي پِئي تي نوڪرن جي بَـڌ بَـڌ تي وئي. اٿين ڪنن ۾ ڇهـتي ويس جيئن بـُلٽاڪ ڪتا مرونءَ سان ڪنن ۾ بندجي وڃن. اٿين نوڪرن ڪنن ڪان وٺي ڇڪي اُٿاريس. تہ: اُٿي شنگور جا پٽ! گهٽا ڏينهن يخنيون کاڌيون اٿئي. هل عالادين بادشاه وٽ! شيدي ڏنو تہ ڇا مجال آهي نوڪرن جي. جو مونکي ڪنن ۾ وٺن. اهي هٿ عالادين جا آهن. سو شيدي، پنهنجو سُور ورائي پيٽ ۾ وڌئين ۽ چپ ورائي وات ۾ وڌئين. پوءِ جي شيدي جا چپ سنهان هئا. تہ بہ ڍِڪڻ جي ڏُند کان تُـلها هئا. جيسين عالادين تائين رسيو. تيسين پنهنجا چپ چار آڱر ڪُـرتي ڪائي ويو. عالادين کي چيئين: سائين! ايڏي هلان؟ عالادين چيس تہ: تو منهنجا نوڪر واريا. شيدي چيو: مون نہ واريا. چئي: تو نہ واريا تہ تنهنجي دربان واريا. شيدي کي پڪ ٿي تہ چُـڪ اِها دربان جي آهي. نہ تہ ڇو منهنجا

ڪن پٽجن ها. ائين سمجهي، عالادين کي چوڻ لڳو تہ: سائين! حڪم. عالادين چيس تہ: چڙهي وڃ ننگر سان لڙائي تي! ننگر جو نالو ٻڌي شيدي تڪبر ڪري، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

ننگر ماءُ جي ٿڻن تي، جنهن کي وهي کير مُنهان
مَسڙي ناهيس منهن تي، اتس چُوڻن سان ڏاڍو چاهہ
آءُ چڙهندس وڳهہ ڪوٽ تي، جتي دودو ديمين سان.

بانڪي برخوردار شيدي، چنيسر جي روبرا، عالادين کي چيو تہ: ننگر جي چپن مان ماءُ جي ٿڻن جي ڏپ پئي اچي، سو ڇوڪرو آهي، منهنجي سٽ نہ جهلي سگهندو. جي مونکي اُماڻين وڳهہ تي تہ دودو ماري فتح ڪري ڏيئين. چنيسر روبرا بيٺو هو، تنهن پنهنجي لڄ جي ٿڻن جا نالا شيدي جي واتان ٻڌا، سو شيدي کي دڙڪو ڏئي بيت ڪرڻ لڳو:

شيدي پٽ شنگور جا! اجايو نہ ڳالهاءِ
آڏو عالادين جي، ڪر نہ ويڻ وڏا
متان ڏئي لت چڏن تي، چيري ڪڍئين ساهہ
تون تلها تو تتڪين گهٽو، آءُ ڏٻان نہ تنهنجي ڏاءُ
توکي سٽ زهون آهن سيگَ تي، جيڪا ڪاهين سا وجي ڪاهہ
وجي پيڙو تج ننگر سان، سپاٽي ويڙهيان ويراواهہ.

چنيسر شيدي کي دڙڪو ڪيو تہ: هڪ تہ غير نالا تو ونئين، چڏو چڏي تي رکي چيري چڏيندوسئين، دودي جا نالا تو ونئين، پهريان مون سان مقابلو ڪر پوءِ دودي جا نالا وٺ! شيدي چنيسر کي اَڏ مان بيت ڪسي ويو. شيدي چيو: تو ٻيا ڏيڄاريا آهن، آءُ تنهنجي ڏيڄارڻ جو ناهيان. هاٿي توکي بہ موڪل آهي، تون بہ وڃي ننگر سان پيڙو تي. تنهنجيون منهنجيون ڳالهيون رڻ ميدان ۾ ٿينديون. اها ڳالهہ ٻڌي چنيسر کي سڪ نہ آيو، سو يڪدم پنهنجي گهوڙي تي زين ڪيائين، گهوڙي تي سوار ٿي سنڪو ڪيائين ننگر جي طنبوءَ تي. اچي ڏسي تہ واهواه! شڪاري جو سر پالي ۾ نيشان ٿيو پيو آهي. گهوڙي تان لهي پيو، اندر طنبوءَ ۾ آيو. ننگر بادشاه ستو پيو هو، ٻيا سندس يار پنهنجي زاند ۾ مزي ۾ وينا هئا. ڪابہ ڳڻتي ڪانہ هونِ. چنيسر پٽ جي پيرن کان بيهي بيت ڪيو:

لـُـڳـــي لاڙي ســومرا، ســـتين ڪهــڙي ســاءَ
سياڻي سورهن لک شيدين جا، ماڻهو ماس گهرن
ڏجان راتـــو رات جـو، سـياڻي پڇـڻ نـاهي جـاءِ.

ننگر بادشاه پيءَ جو اهو بيت ٻڌي، پڙڪو ڪائي اُٿيو. سو پيءُ ڪي ورندي ڏئي، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي. پر پلي بيت پُڪائي:

توڪـي عقـل اڳـــارن جــو، ســيڪ سـنداڻن ســاءَ
پـڳ وجـائي هيئـي پـانهنجي، پڇـڻ هليـو هئيـن مـاءَ
تـو ۾ لـــيچ لهـار جـي، ساري عـالم ڪـي اوڳـاءَ
نڪـي آهــن دور دريـاه جـا، نڪـي ٻـري تـو آڙاهــ
آهـي آدم جـو پـٽ آدمـي، ڏئـي لـت ڪـيانس سـاه
نـہ تـہ سـويون وس سـتار جـي، جنهـن ڏيـاري الله.

ننگر بادشاه چوڻ لڳو تہ: بابا! تنهنجو ڏوه ناهي. تنهنجي نانـي آهي نياڳي، سو تڏهن پيو اهي صلاحون ڏين. پاڻي ناهي جو ٻوڙي وجهندو. آڙاه ڪونهي جـو ساڙي وجهندو. اسان جهڙو ماڻهو آهي. سوپ ملٽي هوندي تہ لتـن سان جـهڙي مارينـدوسانس، ۽ جي سوپ نہ ملٽي هوندي تہ چا بہ ڪندس تـہ بہ ڪجهہ بہ نہ تي سگهندو چوندا آهن تہ "چوري وڙهـن چـور، مرد جو ڪم آهي مـري مـاري بولائي". چنيسر اهي پٽ جا لفظ ٻڌي چوڻ لڳو: ننگرا بيشڪ غـازي آهيـن، بهادر آهين. پوءِ چنيسر ننگر وٽ رهي پيو تہ واهواهہ پيـو ٻڌان، روبرا انصـاف اکين سان ويهي ڏسان تہ ننگر ڪيئن ٿو جنگ ڪري. پوئتي شيدي ڪي وِهڻ بي آرام تي پيو، سو يڪدم رڻ ميدان ڏي هلڻ جي تياري ڪيائين. شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

پهـــر ســج جـــي لـــڏيا، شـــيدي جـــا ســـامان
بـــارهن ســوَ بـَـڪـــي ملـي، گــاڏين جـــا گهمســـان
بـادل جيئـن برسـي چڙهيـو، ڪـري آگر مينگهہ ملهـار
اچـي لتـو رڻ مـُنهن تـي، بينـو روپـاه ڪـري الغـار.

شيدي لڙائي جو سامان ڪٽي رڻ ميدان ۾ پهچي ويو. شيدي جو لشـڪر لهـندي ڏسي ننگر جا يار، ننگر کي چوڻ لڳا تہ: اڳي بہ توکـي سـتايو هئوسـون، وري هينئر بہ تا ستايون، سو بيت ڪري عرض چوڻ لڳا:

اسان ڄاجي آئيا، اڄي ويڙهيئون ويرا واهه
تون جوٽ جنگيون منهنجا پرين، مهل موچاري آهه
پلي بادل برسن رڪ جا، جنگ جو جوڀن آهه.

ننگر هڪل ڪئي ته: اڳي پي مون اوهان کي چيو هو ته ڪوبه وڙهي ته وڙهجئون نه ته پنهنجو پاءُ ڪري سمجهجئو. جيڪو اڳرائي ڪري انهي سان جهيڙو آهي. ائين چئي ننگر بيت ڪرڻ لڳو:

خلقيا آهن خداءُ جا، اُمتي مصطفيٰ
نِيمڪ جي ننگ تي، صدقو ڪن تا ساهه
سپاٽي سويون وس ستار جي، جنهين ڏياري الله.

ننگر چيو ته: رات جا چار پهر سيڪنهن کي پلي خير سان گذرن. سپاٽي رڻ ميدان ۾ جيترو گهوڙو ڪاهبو اوترو مرد ڳائبو. آخرڪار ڳالهين ڳٽيندي سج لهي ويو. ننگر جا يار ويهي رهيا. جنگ جا جوڙ، رتائون ۽ صلاحون پچائڻ لڳا ته هن ريت سان سر ڏيئي سوپ پائينداسون شيدي جو لشڪر اڄي لڳو آهي ڪاڏ ۽ ڪُونڌ ڪي. ٻنهي طرفين خير جي رات گذري. پرهه باڪون ڪٽي، شيدي جنگ جو نغارو ڪري، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پر پلي بيت پُڪائي:

رات وهاڻي ڏينهن ٿيو، اُبريو تارو
'علي علي' وات ۾، پڙهيئون حسيني ڪيڏارو
پيڪي پير دليءَ جو، لڳو شيديءَ نغارو
ڏچر تو ڏان ڏان ڪري، هلي آءُ ننگر تون آءُ
ننگر چڙ ـ ـو هو ديم سين، ساري حضرت شاهه
ساوي پيلي گلاب جا، ٻڌا جُهڙ جهنڊين
گاجي گجيا گُرزڙا تاوَ رڪيا توفن
گل ميخون گاڏين کي، بيٺا جوان جڙن
لارين لاهه وڏا ڏنا، بس نه بندقون ڪن
ڪارا بِين ڪَهڪي پيا، دُناليون دهڪن
تڪا تماچا چوڙيئون، ٻَڌي تَهه تَهه تاڪوڙن
ماڪڙ وانگي مينهن جيئن اچيو ڪان ڪِرن
رڻ ۾ راهو منديو، گهوڙن ۾ گهوتن.

شيدي جنگ جو نغارو ڪيو. ننگر بادشاه تيار ٿيو نَو لک فوج سان. اڇي مردن پري کان هڪبڻي تي شيها دارون، ڪانَ ۽ توفن جا مينهن وسائيا. تنهن ۾ لکئون لک لشڪر سڙي پُجي مري ويا. تنهن کان پوءِ هلي ڪُني جي ڪيل. شاعر ٿو چوي، فقير چٽي ٻڌائي:

وڙهيا ڪٽارين ڪاتيين، تا ٻڙجون ڀالا هٽن
مردن مٿان رڪ جون تاوَ تراريون ڪن
مَر سي مائن ڄائيا، جي اورانگهيو اڇن
ڏڙ جني جا ڏوڙ ۾، للنهگ تا ليٽن
ڪنا خفيفن جا، واڪي ساڻ وڄن
پُرزا پوشيدن جا اُڏريو عرش وڃن
سسيون آهن شيدين جون، ڪلر منجهه ڪرن
هيڏنهن ٻه سانَ ڪريو پون سومرا، پَها پٽ پون.
نديون نير پلوٽيون، رت سان وڳهه واهه وهن
پڙ پوٽا پونگر جا، رونشي راند رهن
سَتريون وجهن ٿا سومرا، جيئن لَنب جو گاه لٽن
پالڪيون پرزا ڪري ننگر هول ٻڳا هاٿين
پوءِ ٻڳئين پُورن جا، ڪِريو ڪڪا ڪيهون ڪن
تيرهن ڏينهن ترار سان ڪيو مقابلو مردن
چوڏهين ڏينهن چوگان ۾ ڪي ديميون پيون دوٺڪن
پندرهين ڏينهن شعاءَ ٿيو، سج ڏنو مردن
شيدي بچيو ڇهن سين، ننگر ساڻ نَون.

شاعر ڏيکاري ٿو ته سومرن جو ۽ شيدين جو اڇي پاڻ ۾ ترار جو ڇٽڪو لڳو. اڳيان پڳر ڙهيو پون، پٺيان غازي مرد لک لک رپي جي وک ڪٽي اڇيو اڳي سر ڏين. لک شيدين جو ڊهيو پوي ته هزار سومرن جو ٻه ڇٽ ٿيو وڃي. ننگر ڏسي ته هاءِ گهوڙا! لشڪر مارجي ٿو وڃي. شيدي بيڻ تي آهن، سو ڪهڙو ڪم ڪيئين جو ٻه تراورن هٽن ۾ ڪنيئين. سڄي ڪبي ترار وهائڻ لڳو ۽دل ۾ ويچار ڪيئين ته اهي جيڪي سپهه سالار جنگ جا هاٿين تي چڙهيا پيا هوڪارين، اهي ڇُنبدي ماري وڃان. صوبا مرندا لشڪر ڀاڄ ڏيندو. ونی ڪاهه

ڪري. ٻنهي پاسي ترار وهندي وڄي. رڳا ڌڙ پيا ڏڪن، سر ليي ئي ڪونه ڪو. جيسين صوبي تائين رسي تيسين هزار جا هزار سر لٽيو وڃي. جڏهن صوبي کي رسي ته پري کان هاٿي ڪيهه ڪري، هسوار ته ويو پر آءٌ به ويس. ننگر سومرو 'علي علي' ڪري نڪاءُ ڪرائي ترار. صوبي مان، پالڪي مان، هاٿي مان وجي زمين ۾ وات هٽي. ائين صوبا چونڊ ڪري، لشڪر هڪڙو ماريئين، پيا اجان ڪي ڪي رڻ ميدان ۾ تولا ڏسڻ ۾ اچن پيا. تن مان به هڪڙا ماريا، پيا ڪي رهيل ڀڄي ويا. سي ننگر جي نظر تي نه چڙهيا. باقي بانڪي برخوردار پندرهين ڏينهن کان پوءِ ننگر سومري جي نظر پئي. شيدي ساڻ گڏ شاعر ڏيڪاريو آهي ڇهه ڄڻا هئا. انهن کي هڪل ڪئي بانڪي برخوردار ته: ڀڄو! ڪو تُور ڪرڻ لاءِ ٻچ ٻچايو. ننگر ذاتِ - مارَ ڪري ڇڏي. شيدي ڪٿان پيدا ٿيندا. ڪير ملهون وڙهندا. ۽ اميرن جا ڏيڱڙا ڪير چٽيندو؟ اچي شيدي پاڃ ۾ پيا. ٻَڪار جي ٻيلي جو پاسو ورتئون. چنيسر پندرهن ئي روز لڙائيءَ ۾ روبرو هو. پر ڪنهن طرف به وڙهيو ڪونه ٿي. هٿيار ڪنيو، گهوڙي تي سوار ٿيو، زرهه پايو، پاٽي جي ڪلي گهوڙي جي پرٺي ۾ رکيو، چڙهيو وينو هو. سو چنيسر به انهيءَ ٻڪار جي ٻيلي جي ڪَس مان ٻيٺل هو. شيدي جي قسمت ڦٽي، سو به اُتئون اچي جتان چنيسر ٻيٺل هو. ڏسي چنيسر ته جنهن شيدي ايڏا تڪبر ڪيا سو رڻ ميدان مان ڪيئين ٻچيو ٿو وڃي! سو هڪل ڪري چنيسر ننگر کي بيت ڪرڻ لڳو. بيت شروع ڪري، فقير بيت ٻڌائي، پر ڪيئن پُڪائي:

چنيسر چيو هو ننگر کي، اجا شيدي جيئرو آهه
مار مرد ميدان ۾، جنهن ويڙهيو ويرا واهه
بابا! ان ناهي پاٽي پيٽ ۾، مونکي پندرهن روز لنگهيا
منهنجي نيري ناچ ڦٽا ڪيا، جُنگ ڇڏي نا جاءِ
منهنجا پيرپڇي پُرزا ٿيا، سَت مُونن ۾ ناهه
مون کي بابا نام الله جي پاٽي ڍڪ پيار.
چئي: ابا! ماس پٽي ماني ڪر، توکي آهي رب مباح
ڏي بانولي منگر، پت دودي جا راءَ
چئي: چاچا! ان نه پاٽي پيٽ ۾، مونکي پي پندرهن روز لڳا

منهنجي نيري ناچ ڦتا ڪيا، جُنگ چڏي نا جاءِ
منهنجا پير پڇي پرزا ٿيا، سَت مونن ۾ ناهه
چاچا! نام الله جي مونکي پاڻي ڍڪ پيار.
چنئي: ابا! ماس پٽي ماني ڪر، توکي ٻه آهي رت مباح
اچي بگريو ديهه وڳهه جو، جهليو اچي نا جاءِ
ڪاوڙجي ڪارو ٿيو، چڙيو چنيسر راءِ
موزن جي مهميز جا پيا ڌرتيءَ تي غوغياءِ
چنبو وڌائينس چُوڙ ۾، تيس اَمر ڏانهن الله
پڇاڙي پرزا ڪيئين، جيوين ڌوٻي ڌوئي ڪپڙا
شيدي! آڏو عالادين جي تو ڪيا هٿا ويڻ وڏا
هاٿي ڊگها تو گهيگهٽيون ڪرين، چڏيئين نه هن هنڌان
موزون رکيائينس اُره تي، پيو خنجر ڪنڌ مٿان.

چنيسر شيدي کي جيئرو ڏسي پنهنجي پٽ کي هڪل ڪئي ته: جنهن تڪبر تي ڪيو سو جيئرو پڳو تو وجي. پيا اَونڌي ماريا اٿئي، مار شيدي کي، جنهن آڏو ويڻ ڪيا هٿا! ننگر چوڻ لڳو پنهنجي پيءُ کي ته: بابا! مونکي پنڌرهن روز لنگهي ويا آهن ته ان ۾ پاڻي نه ڏنو اٿم. گهوڙو چلڻ کان چٽ تي ويو آهي، منهنجي جان هَني ۾ سُڪي پئي آهي. گوڏن ۾ ست ڪونهيم، نڙي جا سنگ اُج کان سڪي ويا اٿم. تو وٽ پاڻي آهي. پاڻي پيارينم ته شيدي کي خواب ڪري وڃان. پٽ کي چيئين: پاڻي مون وٽ آهي، آخرين وقت دودي کي ڏنم ته ڏيندس، اجارو هجين ته ماڻهو جو رت پِيءُ. بکارو هجين ته ماڻهو جو ماس کاءُ. چو ته جنگ ڪرڻ وارو آهين. توکي رت ۽ ماس کائڻ جي منع نه آهي. اها ڳالهه ڪري وري مُنگر کي هڪل ڪيئين. مگر پيي ساڳي حقيقت ننگر واري ٻڌايس. منگر کي ٻه چيئين ته: اُجارو هجين ته رت پيءُ، بکارو هجين ته ماس کاءُ. چنيسر ڏنو ته هنن ٻنهي پهلوانن مان هينئر سوڀ نه ٿيندي ۽ شيدي پڳو وجي. پر مونکي ڏنو اٿس. اسان پاڻ ۾ هڪبئي کي خوديون ڏنيون هيون، سو ائين وجي چوندو:،سائين! نالو ننگر جو، لشڪر پينگ رڳو چنيسر پيو ڪري. ننگر جو انصاف گم ڪندو، مون تي وجي دانهِيندو. سو جذب مان 'علي علي' ڪري، گهوڙي تان لهي پيو. گهوڙو ٻڌي، چنيسر شيدي تي چوٽ ڪئي. شاعر

ڏيڪاريو آهي تہ چنيسر جي موزن جا غوغياءُ ائين زمين تي پيا جيئن نغاري جي چوٽ وڄندي آهي شيدي پڳو ٿي ويو. پڄندي کي چنيسر جو پانهن ۾ هٿ پئجي ويو ۽ شيدي جا ڏينهن پورا ٿي ويا. چنيسر شيدي کي ائين زمين تي ورايو جيئن تڪو ڪٽي ڦرهي تي لَٽي کي سٽيندو آهي. هٽندي ڪٽندي شيدي جون هڏيون ڪلِ ڪان ڀهران ڪڍي وڌئين. شيدي لڳو الله جا نالا وجهڻ چنيسر کي تہ: پاڻ هڪڙي ٻيڙي جا ماڻهو آهيون. چنيسر چيس تہ: انهي ڏينهن ڪهڙيون پئي ڳالهيون ڪيئي تہ توکي بہ موڪل آهي، هاڻي نہ ڇڏيندوسئين. شيدي جي سيني تي لت رکي چنيسر نڪاءُ ڪرايس خنجر. سر جدا ڌڙ جدا. شيدي ائين وڃي ڪريو. جيئنَ لَڏي مان مُهري ڪري پوي. سِر پالي ۾ نشان ڪري چنيسر سڌو ننگر جي طنبوءَ تي آيو. ننگر جا باقي نَو ڄڻا سپاهي بچيا هئا. سو چنيسر اچڻ شرط ننگر کي بيت چوڻ لڳو:

شڪاري ماريئي پاتشاهہ جا، جيڪي ڪندا هئا گهوڙن جو گاهہ
شيدي ماريئي پتشاهہ جا، جي جاڻن ملهہ منجهان
سياٽي ڳاڙها ڏينيو ڏونگري، چيلانا ڇهڻُن
پلتي باز پناڻ آهن، هڪڙا اُتن پيا ويهن
گهوڙا پاريل تن جا، جي ڊوڙيو ڏڪ هڻن
هنيو سنگينون سامهٽيون وڃيو گهوڙي پيٽ لڪن
پڇ تہ ڪا پيٽي لهين، متان پوءِ نہ وڃڻ ڏين.

چنيسر اچڻ شرط پُٽ کي چوڻ لڳو تہ: ابا ننگر! شڪاري ويچارا گهوڙن جو گاهہ آڻيندا هئا. شيدي ملهہ وڙهندا هئا. جيڪي ماريا اٿئي. لڙائي وارا اجان توکي مليا ڪينهن. اهي پلتي باز پناڻ آهن، جو تنهنجي حاجت ناهي. لشڪر مارجي ويو اٿئي. هاڻي پڇي وڃ! ننگر چيو: بابا! پڇڻ واري لولي مونکي ماءُ پينگهي ۾ نہ ڏني. بيو تہ چاچي سان واعدو ڪيو هئم تہ پرچاءُ ٿيو تہ فتح ڪري ايندس، جي پرچاءُ نہ ٿيو تہ منهنجو مَڙهہ ڪچي ايندُني. دنيا دم گذر آهي. جِي جي آخر مرڻو آهي. بہ جُڳ ڪير پي ڪونہ جيئندو. سو پڇي ڪُر نہ لڄائيندس. اُهي بيا ڊيڄاريا اٿئي، آءٌ تنهنجي ڊيڄارڻ جو ناهيان. ڏنو چنيسر تہ ننگر سورهيہ غازي آهي. چنيسر چوڻ لڳو تہ: چاچهين ڏي خط لک تہ لشڪر جي مدد توکي ملي. ننگر چيو: مدد موليٰ ڪان گهُري اٿم، وڏيڪ

چاچي کان گهُر نہ کندس. اِهو ذکر ڏسي سُڻي، چنيسر پنهجي طنبو تي آيو. جيڪي ڇهہ ڇڻا شيدي بچيا هئا، اهي عالادين جي اڳيان اچي فريادي ٿيون ڪن، سو شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

هـُــــل تيــو حبشــياڻين جـــو، پٽيـــو پـــار ڪـــدين
آڏو عـــالادين جـــي لـــُـــڏڙي جيئـــن ليٽـــن
وارث جن جا ماريا، تـن جـا ڪـَـلها ڪيهـون ڪـن.

شيدي ويچارا عالادين جي اڳيان پـَـٽ تي دهي، ريهون ڪري روئـڻ لڳا تہ: توکي ڪنهن چيو تہ هن ياناسر ۾ اچي پَٽُو! جن جا وارث سورهن لک سـَج تـي ويا، انهن جا ننگ ۽ ٻچا ڪهڙي حالت ۾ هوندا ۽ انهن جون ڪـيهون ڪير سُڻي! عالادين چيو تہ: ڇـَڪـِي ڪونہ ڏنو هئم تہ ڪو اهڙو ظلم ٿيندو. هاڻي اها دانهن رَب کي ڏيو. عالادين جو صوبو گـُهرام خان نالي، عالادين جو سالو هو، جنهن کي ست لک لشکر هو. گهرام خان شـڪار تي ويل هو. رڻ ميدان جو پاسو وٺي اچي مٿيو تہ رڻ ميدان ڏي نظر پيس. ڏسي تہ مـُلڪان مـُلڪ مارو ٿيو پيو آهي. ڏہ لک ڏڦيرن جا ڪـُنا پيا آهن. سورهن لک شيدين جا، نـوَ لک سومرن جا، پنهنجي پرائي مـَڙهہ جو پتو ڪونهي. ڳجهون، سرڻون ۽ جهنگ جا جانور پـي مـاس نـڻا کائين. ڊونـد لڳا پيـا آهن. شـڪاري ۽ شيدي ٻنهين جا سـِر پالي ۾ نيشان ٿيا ننگر جي طنبو مهندان ٽنگيا پيا آهن. ننگر وٽ لشکر ڪونهي. سرف نَـو سپاهي ساڻ طنبو ۾ وينا اٿس. سو گهرام خان ڏنو تہ ننگر وٽ لشڪر ناهي، ڇو نہ آءُ چڙهـي اچي ننگر کي ماريان تہ ڪا منهنجي واهواه ٿئي! سو پنهنجي طنبو تـي اچي جنگ جو نغارو وڄائڻ لڳو. نغارو عالادين جي ڪنن تي پيو. عالادين پڇيو تہ: ڪير ٿو نغارو ڪري؟ ماڻهن چيس: سائين! گهُرام خان. عالادين پنهنجي پٽ کي چيو تہ: ابا! وڃي مامي کي جهل، متان لڙائي تي وڃي. اڄ تا شيدي پـِٽين، سياڻي پناڻ بہ پٽيندا هجن. سو مامي کي اچي جهلڻ لڳو تہ: ماما! بابا چوي ٿو تہ تون جنگ تـي نہ چڙهہ. اتي گهرام خان بيت ڪري، پاڻيجي کي چوڻ لڳو:

رات بـــہ ســـاري روڄ هـــو، منهنجـــي طنبـــن ڏانـــہ
نڪـا نـــند نيڻـن ڪـئـي، نڪـي اڪيـن ڪيـو آرام
آءُ ماريـان ننگر راءِ کـي، ڏنـو اتـم ڏاڙهـي جـو انجـام.

ياٽيجي کي چيائين ته: ابا! رات به مون آرام نه ڪيو آهي، ساري رات شيدين جي روئڻ سُڪ ڦٽايو. پوءِ مون انهن کي ڏاڙهي جو انجام ڏنو آهي، سو آءٌ ڪين مڙندس. مامي جي اها ڳالهه اچي عالادين سان سندس پُٽ ڪئي. چنيسر روبرو وينو هو. انهي کي ڏاڍي ڏکي لڳي، سو پاڻ تيار ٿي گهرام خان وٽ ويو ۽ وڃي منٿ ڪيائين ته: گهرام خان! آءٌ تو وٽ ميڙ ٿي آيو آهيان. منهنجي پٽ وٽ لشڪر ناهي. ڏهه ڏينهن لڙائي رک. لشڪر ننگر کي مليو ته به وڃي لڙائي ڪجانءِ، جي لشڪر نه مليو ته به وڃي پنهنجي پڃاڙي ڪجانءِ. اهي اکر ٻڌي، گهرام خان چوڻ لڳو، ادا! ڏاڙهي ڪُوڙي ڪونه ڪندس.

چنيسر پنهنجي پٽ لئي ڪيا وڏا لُوٽ لباس
هن مغل مجيا هٿا ڪينڪي، آڏو ڪيائين ڪلام
ته آءٌ ماريندس ننگر راءِ کي، ڏنو اتم ڏاڙهي جو انجام.

جڏهن گهرام خان ائين چيو ته چنيسر کي خار لڳو، سو چنيسر دڙڪو ڏيئي پناڻ کي بيت ڪرڻ لڳو:

ڪاوڙجي ڪارو ٿيو، چڙيو چنيسر راءِ
بگڙيو ديوَ وڳهه جو، جهليو اچي نا جاءِ
آهيان ڏاڏاڻن جو، چاڙهي پاڪ الله
چڙهيا مرد ميدان ۾، پوي سانن جو سماءِ
پٽ ماراڻيندس ڪينڪي، تو گيدي جي هٿاءِ.

چنيسر اهو دڙڪو ڪري، پنهنجي گهوڙي تي چڙهي هلڻ لڳو. پناڻ دڙڪو نه سَنو، سو پيرين اگهاڙو ۽ مٿي ننگو نڪري آيو ٻاهر، ۽ ڊوڙي چنيسر جي گهوڙي جي لغام ۾ چنبڙي پيو ۽ بيت ڪرڻ لڳو چنيسر کي:

مولهه وجهي نا مٿي ۾، نڪي پيرن ۾ موزا
لڙڪي پيس لغام ۾، قابو ڪيائين ڪڙا
چرچن منجهان چڙي پئين، آهين چريو چنيسر راءِ.

گهرام خان چوڻ لڳو ته: يار چنيسر! ڏاڍو چريو آهين. ڪو پوڳ ڪري ته به انهيءَ ڳالهه کي سچو سمجهين. هاڻي جيئن تون چوين تيئن ڪريان. چنيسر چيس ته: ڏهه ڏينهن لڙائي رک. گهرام خان چيو: ڏهه ڏينهن تنهنجا، پنج ڏينهن وڌيڪ منهنجا، پنڌرهن ڏينهن تو لڙائي رکان. هاڻي ته خوش ٿئين. چنيسر

چيس: ادا! تو سيڪا ڪئي. انهن ڏينهن ۾ ننگر کي لشڪر نہ مليو تہ پوءِ تون پلي پنهنجي پچاڻي وڃي ڪجان. چنيسر موٽي پنهنجي طنبوءَ تي آيو ۽ خط لکڻ شروع ڪيائين. سو پنهنجي هٿ اکر وارو لکيل خط چنيسر پڙهي شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

هٿـــي قلـــم ڪـــاغذ تـــي، ڪيئيـــن رقعـــو روانـــو
مَـنجي وڏي اتئي ملڪ تي، تيـو آهيـن مچ بـہ مستانو
مـونَ آنـدو آهـي عـالادين کـي، جيڪـو آهـي ديوانـو
چڙهيـــا مـــرد ميـــدان ۾ وٺ خـــانن جـــو خـــانو
پـٽ مـارائين تـو منهنجـو، تنهنجـو بيلـي يـا بـانهو.

چنيسر اهو خط پڙهي ڦاڙي ڦٽو ڪيو تہ هي خط آهي باري، دودو پڙهندو دم نہ ويهندو. ننگر ۽ منگر اڳئي هتي آهن. انهي خط موجب دودو وڳهہ مان هليو ايندو. پوئتي ننگ بي واها تيندا. اها ڳالهہ خيال ۾ آڻي پوءِ ننگر جا انصاف لکيئين تہ ڏهہ لک لشڪر شڪارين جا ماريا اٿس، سورهن لک شيدين جا ماريا اٿس، پنهنجو لشڪر نو لک مارجي ويو اٿس. پاڻ نون سپاهين ساڻ بچيل آهي. هن تاريخ کان وٺي پندرهن ڏينهن مدو رکيل آهي. مدي اندر لشڪر ننگر کي نہ ملندو تہ لڙائي تيندي. پوءِ ننگر ۽ منگر جا لاش ڪچي ايندئي. هن خط ڏني لشڪر موڪليو وڃي. خط سيل مهر ڪيئين. خط خاطي کي ڏنئين تہ رات پنهنجي ڏينهن پرايو سمجهي هي خط دودي کي وڳهہ ۾ پهچاءِ. خاطي خط ڪٽي وڳهہ جي دروازي تي پهتو. خط دودي کي مليو، خط تي اکر ڳاڙها لکيل هئا. خط دودي کي مليو، ٻاگهي کي خبر پئجي وئي تہ خط آيو آهي ڳاڙهن اکرن سان. سو شهزادي ٻاگهي پنهنجي دودي ياءُ کان بيت ڪري پڇڻ لڳي:

بـــاگهي روئنـــدي آئـــي، اڄـــي يـــاڪر پـــاتئين يـــاءُ
متـــان ننـــگر منـــگر ماريـــا، مونکـــي دودا ڏي سمـــاءُ.

دودو چوڻ لڳو پنهنجي ڀيڻ کي تہ: مائي! خط پڙهجي تہ چا بيان آهي! جنهن مهل اکر چنيسر جي هٿ جا ڏنئين تہ اکين مان پاڻي زار زار اچڻ لڳس. شاعر بيت ڪرڻ لڳو:

خونـــي خـــط خلـــل جـــو، در وڳهـــہ آيـــو
لکيـــل چنيســـر ســـومري جـــو دودي پڙهـــايو

آنڌئيــــن آب اکيـــن مـــان، پنـــو پـــُـــسايو
لاٽئيـــن لال لگـــن ڪـــي، خـــط ادي آيـــو
ڪـاتب وڳهـہ ڪـوٽ مـان، دودي عـامل گهرايـو.

دودو بادشاه، ڏک ۽ فراق کان خط پاڻ پڙهي نہ سگهيو. ڪنهن ٻئي عامل کان خط پڙهايائين، جنهن حقيقت خط جي پڙهي ٻڌائي تہ ننگر بادشاه ڏه لک شڪاري ماريا آهن. سورنهن لک شيدين جا ماريا اٿس. پنهنجا نو لک لشڪر مارايا اٿس. مدو پنڌرهن ڏينهن جو آهي. لشڪر پرتي نہ ايندو تہ ننگر ۽ منگر جا لاش ڪچي ايندا. حقيقت ٻڌي دودو پنهنجي نوڪر کي بيت چوڻ لڳو:

ڪونـي چيـائين سـئيس ڪـي، نـورَڻ ڪـاهي آءُ
لالـون هجنـس لغـام تـي، ڪمـي ڪمنـد تـي ناهـہ
گـل سـهٽا گـادي تـي، هـُـونِ جهڳمـڳ جـا جهـوڙا.
روڪـي چڙهيـا رڪيـب ۾، سـاري حضـرت شـاهہ
پـَـتيانِ قنـاتون مغـل جـون، دلـِـي ڪـاوي داءُ.

دودو هڪل ڏئي چوڻ لڳو: منهنجي گهوڙي تيار ڪريو. مان پاڻ سِر جنگ تي چڙهندس! سو سندس ڀيڻ ٻاگهي منٿ ڪري بيت چوڻ لڳي:

ٻـاگهي رُونـدي آئـي، پـاڪر پـاتئين پـاءُ
سـِنڌ سـُجي نـہ ڪـر سـومرا، وڃ نـہ سـندو راڻـن راءِ
سـر تنهنجـي تـي سـهرا ڪـڏهن مـوڙ اڃـي ٻڌبـا.

شهزادي ٻاگهي چوڻ لڳي: ننگر مُنگر اڳي ويا. باقي اسان وِلهين جو تون ور آهين، سو تون بہ ويندين جنگ تي، اسان ننگ ۽ ٻچا بيواهہ ٿينداسون. لشڪر کي اُماڻ، تون نہ وڃ! دودي بادشاه وري بہ نو لک پرتي ڪري لشڪر کي روانو ڪيو. سالڪن چيو آهي تہ: "ناهن هن دنيا ۾ سڀ مرد. ناهن سڀ گيدي". لشڪر وڳهہ جي ڪوٽ کان ٻاهر نڪري پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ: ٻيلي! ڳالهہ ٻڌي اَٿوَ. پاڻ بہ ايترو ئي ورنداسون جهڙو ٻيا وري آيا. تنهنڪري منزل اهڙي چوٽي رٿجو، جو آهستي آهستي فرحت سان هلون ۽ اهو پنڌرهن ڏينهن وارو انجام پل گذري وڃي. سي 'دم گاندو شهيد' ٿي پيا. ٻن چئن ڪوهن تي منزل جو گذارش رکيئون. پوٺتي دودي کي بي آرامي پيدا ٿي. سالڪ چيو آهي، "جن کي جيري ۾ جايون، سي ڪيئن ٿينديون سَنريون!" دودي روح ۾ خيال ڪيو

تہ: يا نصيب! لشڪر ملي يا نہ ملي انهي تاريخ تي، مونکي موڪل نتي ملي. هاڻي اهڙي ڪا رٿ ڪريان جو موڪلائي پنهنجي ٻچن کي وجي ڏسان ۽ روح واڪو ڪيان سو پنهنجي وڳهہ جي دروازي تان سيني ننگن ٻچن کان موڪل ورتئين تہ: مونکي من شڪار لاءِ ڇڏيو تہ شڪار ڪريان! دودي کي شڪار ڪرڻ جي موڪل ڏنئون تہ شڪار پلي ڪر. انهي اٽڪل سان تيار ٿيو. پاڻ سا گڏ بحريون، باز، زُرا، شِڪرا بہ ڪنيئين. ڏڦا ۽ پنجوڙون سي بہ ڪنيئين ڪتاب بہ پاڻ سان ڪاهيئين، ۽ ٻيا ڪي پنڌرهن ويهہ نوڪر، شڪاَر ڪرڻ وارا خفتي ۽ ٻيو سندس يار هاسو سوڍو سو بہ ساڻ ڪنيئين.

وڳهہ ڪوٽ ڪان ٻهر نڪري سوڍي کي ۽ يارن کي چوڻ لڳو: ادا! شڪار ڪنداسون ٻَڪار واري ٻيلي ۾. منزل بمنزل سٽڪون ڪيئون بڪار واري ٻيلي ۾. اها پنڌرهين جي موقعي واري رات بڪار جي ٻيلي ۾ ڪجهہ شڪار ڪيائون. گيڏ، روجهہ، ڦاڙها ماريائون. يارن پاتاري ڪئي آ ٻيلي ۾، گهوڙا ٻڌا اٿن، ڪتا ٻڌا اٿن، شڪار جون شيخون پُڇي تيار ڪيائون. اڌ رات جو توبن جا نڪاءُ دودي جي ڪنن تي پيا. دودو جنگ جو جهونجهار هو، سندس ٻئي شهپر ڦڙڪڻ لڳا. پنهنجي خيال ۾ سمجهيائين تہ اڄ مدي واري رات آهي پنڌرهين تاريخ، جنگ جو موقعو پورو تي آيو آ. سياڻي جنگ لڳندي رڻ ميدان ۾. شايد پناڻ اهي خوشيءَ جون توفون ڇوڙايون آهن. اهو خيال ڪري پنهنجي دوستن کي چوڻ لڳو: آهي ڪو رڻ ميدان جو سُونهون؟ دل اُداس ٿَئِي آ تہ هي شڪار پُٽ ۽ پائٽي سان گڏجي ڪائون. سر ڪنڌ سوڍي ورندي ڏني تہ: هائو سائين! مان سونهو آهيان. دودي چيس تہ: مهرباني، تنهنجو وهٽ اهڙو آهي جو هن مهل رڻ ميدان ۾ رسائي؟ سوڍي چيو: هائو سائين! اُٺ آهي. دودي چيو تہ: گهوڙي منهنجي تيار ڪيو ۽ اُٺ تي گاشو ڪريو ۽ سوڍا! هي پڪل شيخون اُٺ تي ڪڙي سوار ٿي! بس يڪدم دودو تيار ٿيو. وهٽن تي سوار ٿي، ٻيا پنهنجا دوست جيڪي آندا هئائين سي اُتي ڦٽا ڪيائين. صرف هڪ دودو ۽ ٻيو سوڍو، رڻ ميدان ڏي روانا ٿي ويا. ڪاهيندي آيا تہ پرهہ باڪون ڪٽي روشنائي ڪئي آ، اَسُو پَسُو جي خبر باڪ ڦٽي ۾ پوي پئي، اڳيان بڪار جي ٻيلي جي ڪَرَ سان هڪ گهوڙي سوار نظر آين. دودو بيت ڪري سوڍي کان پڇڻ لڳو:

گهوڙو منهنجي ڪُڙهه جو، گهوڙي سوار پيي ڪير آ
سوار سجاڻان ڪينڪي، مونکي سوڍا ڏي سماءُ.

اهو بيت ڪري دودو، سوڍي کي چوڻ لڳو تہ: اهو گهوڙو منهنجي ڪڙهہ کان سواءِ ٻئي پاسي نہ ٿيندو، سوار جي خبر نہ آهي. مونکي سڃاڻي ڏي! سوڍي دودي کي بيت ڪري چوڻ لڳو:

گهوڙو تنهنجي ڪڙهہ جو، متس تنهنجو پاءُ
سوار سڃاڻين ڪينڪي، اٿئي چريو چنيسر راءُ.

جنهن مهل پاءُ جو نالو ٻڌائين ۽ پڪ سڃاتائين. غم جو درد هن کي وٺي ويو، جنهن ۾ بيهوش ٿي گهوڙي تان ڪري پيو. گهوڙي خالي ٿي پئي. سوار ڪري پيو، گهوڙي وٺي ڀڳي. اڳيان ننگر ۽ منگر جا طنبو هٿا رڻ ميدان ۾، انهن جا گهوڙا بہ اتي ٻڌل هئا، انهن گهوڙن جي هٽڪارن تي گهوڙي آر ڪري اوڏانهن هلي ويئي. چنيسر پنهنجي پٽ جي مدد ڪرائڻ لاءِ پنهنجي جان تي سٽئي هٿيار ٻڌي، گهوڙي تي سوار ٿيو. بڪار جي ٻيلي جي اَڙ ڏيو بيٺو هو تہ جنگ لڳي تہ پُٽ سان مدد ڪرايان، جو ننگر کي لشڪر نہ مليو آ. انهيءَ ارادي ۾ بيٺو هو تہ گهوڙيءَ تي نظر پيس تہ خالي ڀڳي وڃي طنبن ڏي. وري پوئتي نگاهہ ڪيائين تہ اوٺي سوار نظر آيس ۽ ڏسي تہ پَٽ تي ڪو مرد ڍنو پيو آهي. ڪجهہ گهوڙي بہ سڃاتائين، شڪي حالت ۾ اوٺي سوار ڏي گهوڙو ڪاهي هلڻ لڳو. جڏهن نزديڪ آيو تڏهن صحيح سڃاتائين تہ سرڪنڊ سوڍو آهي، اُٺ تي چڙهيو بيٺو آهي، دودو پٽ تي ڍنو غش ٿيو پيو آهي. سو اچي ماٺ ڪري گهوڙو جهلي بيهي رهيو، تيسين گهوڙي وڃي طنبن تي حاضر ٿي. ننگر ۽ منگر گهوڙي سڃاتي تہ گهوڙي دودي جي. شايد دودو اسان جي سنڀال لاءِ آيو، واٽ تي ويرين ويڙهہ ڪيس، دودو مارجي ويو ۽ گهوڙي خالي دانهين آئي آهي. انهيءَ شڪ ۾ ٻئي پهلوان گهوڙيءَ جا پويان پير ڪٽي اوڏانهين ڀڄڻ لڳا. اچي ڏسن تہ دودو ڍنو پيو آهي، سر ڪنڊ سوڍو اٺ تي سوار آهي، چنيسر پنهنجي گهوڙي سوار آهي. ٻئي بينا آهن، دودو ڍنو پيو آهي. منگر دودي جو پٽ، پيءَ کي چوڻ لڳو تہ: نہ لڙائي ڪيئي، نہ ڏنئي، نہ ڏڪ هنيئي، نہ ڪانُ ئي سنئي، رڳو پري کان ڏيل ۾ دهشت ڏسي ڪري پيو آهين! توکي پاءُ جي غم درد نہ ڍانو آهي، جي پاءُ جو درد هجي ها تہ ڪاوڙائي نہ ڪدين ها! جنهن مهل

اهو طعنو دودي ٻڌو، اُتي چوڻ لڳو تہ: عالادين جهلي نہ لت هڪڙي منهنجي، ڇاڻي پاڪ الله، مونکي ڀاءُ جي غم درد ڏانو آهي. ائين چئي پڇا ڪرڻ لڳو تہ: گهوڙي منهنجي ڪيڏانهن ويئي؟ ايتري ۾ گهوڙي بہ يڪدم حاضر اچي ڪيائون. گهوڙيءَ تي سوار ٿيو. چوڏهن سالن جا وڇڙيل ڀاءُ پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان هٿ ڏيئي ملڻ جي ڪوشش ڪيائون، سو هن طريقي سان پاڻ ۾ مليا:

ڀائر مليا هٿا پاڻ ۾، ڏيئي ڀالن ۾ ڀالا
گهوڙو مليو هو گهوڙيءَ سان، جن گڏ ڪاڏا هٿا گاهہ.

پاڻ ۾ ڳالهايئون ڪونہ، چڙهي سواري هُتان چنيسر ڀالو سڌو ڪيو هُتان دودي ڀالو سڌو ڪيو. ڀالن جا ڦر پاڻ ۾ ملايئون. اها پاڻ ۾ جَسي بازي ڪيائون. ايتري ۾ گهرام خان پناڻ جو نغارو وڄڻ لڳو. پناڻ ننگر جي نَوَن سپاهين جي لاءِ ست لک پناڻن جا صفون ڪري بيهاريا. سومرن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ لشڪر پاڻ وٽ ناهي. هاڻي پاڻ ۾ جوڙا جوڙا ٿي لڙائي ڪريون:

رات وهاڻي ڏينهن ٿيو، اُبريو تارو
غوث بهاؤالحق جو نر هٽن نعرو
پيڪي پير دليءَ جي، وڳو گهرام نغارو
ڏچر ٿو ڏان ڏان ڪري، هلي آءُ ننگر تون آءُ
ننگر چڙهيو يارن سان، ساري حضرت شاهہ
ساوا، پيلا، گلاب جا، ٻڌا جهڙ جهنڊين
اچي وڙهيا ڪٺاري ڪاتيين، ٻڙجون ڀالن هٽن
مردن مٿان رُڪ جون تاوَ تراريون ڪن
مَر سي مائٽن ڇائيا، اورانگهيو اچن
ڪنا خفيفن جا واڪي ساڻ وڃن
ڏڙ جني جا ڏوڙ ۾، للهنگ ٿا ليٽن
پرزا پوشيدن جا اُڏريو عرش وڃن
نديون نير پلوٽيون، وڳهہ واهہ وهن
تنهن ۾ عضوا امرائن جا لوهُو منجهہ لڙهن
ڀڙ پوٺا پونگر راءُ جا رونشي راند رهن
سَتريون وجهن ٿا سومرا، لَنب جو گاهہ لٽن

پالڪيون پرزا ڪري، وجي هول پڳئون هاتين
پوءِ پڳوئن پورن جا ڪريو ڪَڪا ڪيهون ڪن
يارهن ڏينهن ترار سان ڪيو مقابلو مردن
ٻارهين ڏينهن چوغان ۾ ڪي ڪي ديميون پيون ڏوڻڪن
تيرهن ڏينهن شعاع ٿيو، سڄ ڏنو مردن
مليون ملڪن مبارڪون، اها بہ ڏهي سوپ سمن.

جنگ جو نغارو لڳو. سومرا پاڻ ۾ صلاح ڪري، جوڙا جوڙا ٿي لشڪر ۾ پهري پيا. اڇي ڪني جي ڪيل ٻڌئون ۽ پنهنجي ڪٽاري ۽ ڪاتي ڪي واهڻ شروع ڪيائون. تنهن ۾ دودو ۽ چنيسر پاڻ ۾ گڏجي جنگ ۾ گهوڙا ڪاهڻ لڳا، ننگر ۽ منگر، سوائي سمون ۽ ڇُتو جاڙيجو، سرڪنڌ سوڍو ۽ بيا نَوَ سپاهي پاڻ ۾ جوڙا جوڙا ٿي لڙائي ڪرڻ لڳا. راتون ڏينهان 'هڻ وڙهہ' جي وائي هئي. ماري جو مزو هو، پناڻ جو لشڪر گڏجي ائين ماريئون ۽ صفن جون صفون ائين ڊانئون، جيئن تکو هاري لنب جو گاهہ ڪي لٽي. جنگ جا سپہ سالار پاڻ ۾ صلاح ڪري هاتين تي سوار ٿيا بيٺا هئا، جن پنهنجي لشڪر ڪي پٺي سڏاريو. انهن صوبن تي سومرن ڪاهون ڪيون. شاعر ڏيکاريو آهي تہ سومرا جيسين صوبي تائين رسن تيسين واٽ تي هزارين ۽ لکين لشڪر سُڄ ٿيو وڃي، چو تہ سڃي ڪبي تڙار وَهي، رڳا ڏڙ پيا ڏڪن، سر نہ ليي. پري ڪان هاتي جي نظر پوي پهلوان تي، هاتي ريهہ ڪري: هئي گهوڙا! سوار بہ ختم، آءُ بہ ختم. تيسين اچي پهلوان رسيس. 'علي علي' ڪري هڻ ترار تہ صوبي مان، پالڪي مان، هاتي مان وڃي زمين ۾ وات وجهي. هٺندي مارسندي ائين صوبا چونڊ ڪندي، لشڪر هڪڙو ماريائون تہ ٻيو پيچي ويو. شاعر ڏيکاريو آهي تہ تيرهن ڏينهن تيرهن راتيون سومرن ڪني جي ڪيلَ ڪري، ستن لکن ڪي لَٽ ڪيائون. هڪڙا ماريا، باقي جيڪي بچيا انهن چيو تہ: سومرن جي ترار جبل جهلي، انسان جي طاقت ناهي ۽ گهرام ڪي چيائون تہ: پيچين تہ مهل اها اٿئي! گهرام خان بہ اچي هاتي ڪي پچائڻ لڳو. پيلوان ڪي چيائين تہ: چڪ هاتي جي واڳ دليءَ تي. ايتري ۾ دودو ۽ چنيسر ڏسن تہ گهرام خان هاتيءَ تي پڳو ٿو وڃي. ٻنهي پهلوانن ڪٽي پنيان گهوڙا ڦٽا ڪيس. اڳ ۾ دودي جي گهوڙي، پنيان چنيسر جو گهوڙو. جيڏي مهل گهرام خان ڪي پهتا تہ دودي پنهنجي گهوڙيءَ

کي لڪڻ هٽي ورتو، وني جو گهوڙي پڙڪو کائي، هاٿيءَ جي مٿان ٽپي، اڳيان اچي لٿي. پنيان چنيسر جو گهوڙو پئي آيو، انهيءَ نڪاءُ ڪرايس ترار، جنهن گهرام خان مان، پالڪي مان، هاٿيءَ مان، وچي زمين ۾ وات وڌو. ماري فتح ڪيائون. سر پالي ۾ ڪاٽي ڪنيائونس، ڏڙ پلي پيو ڏوڙ پائي. پناڻ هڪڙا ماريا بيا پڇي ويا. هي پهلوان سرمرا سڀ سلامت بچي ويا. انهي سوپ جون ٻه وڻ وڻ واڌايون اچي ويون ته ٻارهن ٻارهن پهلوان، ست لک لشڪر ترار سان ڪپائي، سوپ ڪري، اچي پنهنجي طنبوءَ ۾ گڏجي وينا. اتي منگر دودي جو پٽ اُتي پيءُ کي بيت ڪرڻ لڳو:

بابا! چنيسر راءُ ڪان آهي ڪانه هٿان پيئي
قصا ڪنديس ڪينرا ڳالهه هٿان ويئي.

منگر اتي پنهنجي پيءُ کي چوڻ لڳو ته: بابا! چاچي ڪاٻه گهٽتائي اسان جي. باري ۾ نه ڪئي آهي، توهان ٻئي پائر پاڻ ۾ صلح ڪريو. باقي عالادين پنهنجي اهڙي دٻ سهندو، جهڙي هنن ستن لکن جهلي آهي. دودو چوڻ لڳو ته: تون سچو آهين. ائين ڪريان ڪٽي پر ڳالهه جو انصاف نه ٿيندو. هاٽي لڳي ته سَنِي، پلي ته ڳالهه هڪڙي پاسي ٿئي. هينئر پرچاءُ ڪندس ته چنيسر کي پڪ ٿيندي ته مون سان نه پرچي ها، پر عالادين جي خوف کان پرتو. اها ڳالهه ڪري پاڻ تيار ٿيڻ لڳو، ۽ سر ڪنڌ سوڍي کي چيائين ته: دوست ٻيلي ۾ ڦٿا ڪيا اٿئون جن جي ڪا خبر ڪانهي، تيار ٿي ته هلنداسون. سي وهٽن تي سوار ٿي هليا ويا. سالڪن چيو آهي: "سُنڌو سونهان ڏين، ديواني درياهه جون". سومرن جو جيڪو لشڪر ننگر ڏي آيو پئي انهن اها خبر ٻڌي ته اسان تِٽ تاريخ تي نه پهچي سگهياسون، اسان کان اڳي دودو آيو، جو اها لڙائي گهرام خان واري ماري فتح ڪري ويو، تڏهن ايمان ٿين، ۽ منزل پري ڪيائون. ٻئي ڏهاڙي تي ننگر کي رڻ ميدان ۾ اچي لشڪر مليو. ننگر، عالادين بادشاهه ڏي خط لکيو ته: ڇو ٿو مسڪينان مار ڪرائين، تون چڙهي آءُ ميدان ۾ ته ڪا ڪل پوئي! خط عالادين کي مليو ۽ خبر ٻڌئين ته ست لک مارجي ويا، هڪڙو ڪونه وريو جو خبر ٻڌائي. ڇڻ ڪا پيئڻ بلا هئي جا سيني جو ساهه پي ويئي. تڏهن صلاح ڪيائون ته: هاٽي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ صلاح ناهيئون ته: سيڪنهن ڪم جو آهي سوڻ، اهڙو ڪو سوڻ ڪَريون جنهن ۾ فتح پائي ڪاميابي ڪريون. عالادين

چيو تہ: اهو ڪهڙو سوڻ ڪريون جنهن ۾ ڪاميابي ٿئي؟ تہ سندس ماٽهن چيو تہ: سائين جن جو هاٿي رڻ ميدان ۾ بهاري، مٿان پالڪي رکوس، پالڪي ۾ ترار رکو، ترار سان گڏ ڪٿوري جو بيڙو بہ رکو. هاٿي جو راشن بند ڪريو، جيسين ڪو صوبو پنهنجي خوشيءَ سان اچي ترار هاٿي تان لاهي، ڪٿوريءَ جو بيڙو پڳ ۾ وجهي، ترار لڙائيءَ لاءِ کڻي وڃي ننگر سان جنگ ڏئي. اها ڳالهہ ٻڌي عالادين فيصلو منظور ڪيو. هاٿي ميدان ۾ بهاريائون. هاٿي جو ڪاڏو پيتو بند ڪري ڇڏيائون.

انهي ڳالهہ کي ٽي ڏهاڙا گذر ٿي ويا. هاٿي وينو ريهون ڪري، جنهن کي ٽي ڏهاڙا ڪاڏو نہ مليو. انهيءَ وچ ۾ ڪيترا صوبا آيا، هاٿي جي حقيقت معلوم ڪري پوئين پيرين پٺي ويا. پيلوان کي چيو وڃن: اها اسان جي ڳالهہ متان ڪرين تہ ڪي فلاڻا فلاڻا آيا هئا. ٽئين ڏهاڙي ڪان پوءِ هنبس نالي پٺاڻ، نظر بيگ جو ڀاڻيجو، چوڏهن ورهين جي ڄمار، جنهن کي نَو لک لشڪر مليل هو، سو اها حقيقت ٻڌي تہ هاٿي کي ٽي ڏهاڙا گذر ٿي ويا آهن، هاٿي جو راشن بند آهي، ترار ننگر جي لشڪر تي ڪڙي آهي، نڪو تو صوبو ڪو ترار لاهي لڙائي قبول ڪري، نڪي تو هاٿي کي راشن ٿي ملي، لشڪر اهڙو ڀاڙي ٿيو آهي جو سومرا ڀري ڪان نلهيون تاڙيون وڄائين تہ اسان جو لشڪر سڀ پٺي وڃي عالادين کي سومرا اڪيلي مارين. سو پڙڪو ڏيئي يڪدم هاٿي تي چڙهي ويو. ترار کڻي چيلهہ سان ٻڌائين، ڪٿوري جو بيڙو پڳ ۾ ٻڌائين ۽ پنهنجي مامي نظر بيگ جو اچي سلام ڪيائين. نظر بيگ ڀڇا ڪرڻ لڳو تہ: سڀڪو هڪڙي ترار ڪنيو گهمي، اڄ تو بہ تراريون ٻڌي آيو آهين، انهيءَ جو مطلب ڇا آهي؟ هنبس چوڻ لڳو تہ: ماما! لڙائي قبول ڪري آيو آهيان. سڀاڻي رڻ ميدان ۾ ننگر سان لڙائي ڪبي. نظر بيگ چوڻ لڳس تہ: ابا! لڙائي تي منظور ڪيئي تہ مون ڪان پڇين ها. توکي خبر آهي تہ منهنجي ۽ چنيسر جي پاڻ ۾ ياري آهي، هاٿي اهو جهيڙو پنهنجي گهر جو ٿي پيوسون جو اسان پاڻ ۾ پڳون مٽايون آهن. اها ڳالهہ ٿي ماري. هنبس چوڻ لڳو تہ: ماما! پڳ تو ۽ چاچي چنيسر مٽائي آهي، مون ۽ ننگر پاڻ ۾ پڳ نہ مٽائي آهي. منهنجون ۽ ننگر جون ڳالهيون رڻ ۾ ٿينديون. باقي ماما! منهنجي هڪڙي ڳالهہ مڃ، چنيسر کي تون چئو تہ پنهنجي پٽ کي چوي تہ لڙائي ڪري ترار جي، جنهن ۾ شيهو

دارون، ڪان ڪمان، توف بندوق ڪم نہ اچي، جو مرد جي انصاف جي خبر نٿي پوي. سومرا تير انداز آهن، پري ڪان ساڙيو ٿا وجهن. پلٽي مان ڪونہ ڇاٽن، تنهنجي چنيسر ڪي چئو تہ پُٽ پنهنجي ڪي جهلي. توفون بند ڪري، ترار جي لڙائي ڪري. اها ڳالهہ ٻڌي، نظر بيگ ڪي پڪ ٿي تہ هاڻي سومرن تي فتح هنبس جي ٿيندي، جو هو پلٽي مان ڪين ڇاٽن. اها ڳالهہ رتي نظر بيگ هلي چنيسر وٽ آيو ۽ چنيسر بيت ڪرڻ لڳو:

لــــڪ پروانــا پــٽ ڏي، توڪــي چــوان چنيســر راءِ
تہ ڪانُ هٽائي ڪونہ ڪو، ڪـري بندوقـن ڪـان بـس
هنبـــس آهـــي ننـــيڙو، وڙهنـــدو ڪهـــڙي وس.

نظر بيگ وزير، چنيسر ڪي چوڻ لڳو تہ: اڄ توري لاهڻ جو ڏينهن اٿئي، اهو ڏينهن ياد ڪر جو عالادين دلي مان نٽي تيار ٿيو. پر رياءُ ڏيئي ڪنهن بہ تجويز سان مون هن ميدان تي آندو آهي. هاڻي اهو منهنجو تورو لاهہ. جو تون پنهنجي پٽ کي چئو تہ لڙائي ڪري ترار جي، توف ۽ بندوق ۾ مردن جي انصاف جي خبر نٿي پوي. يار آهين تہ منهنجي اها منٿ مڃ. چنيسر ڪي چوڻ لڳو تہ: مان حاضر آهيان. پوءِ پنهنجي پٽ ڏي هن ريت لکڻ لڳو:

هٽـي قلـم ڪـاغذ تـي، ڪيئيـن رُقعـا روانـا
تہ اسـان نظـر بيـگ جـا، آهيـون ٻچـن سـان ٻانهـا
تون ڪانُ هٽائجان ڪونڪو، ڪجان بندوقن ڪان بس
هنبـــس آهـــي ننـــيڙو، وڙهنـــدو ڪهـــڙي وس.

اهو خط پٽ ڏي روانو ڪيائين. خط ننگر کي مليو. خط پڙهي ننگر وري خط جي پُٽ تي لکي موڪليو تہ: بابا! جا تو نبيري اها منظور آهي. خط واپس چنيسر ڪي مليو. چنيسر ڪي عقل ايندو هو پوئيرو. سو دل ۾ چوڻ لڳو تہ: سالڪن سچ چيو آهي تہ "سياري جي سوڙ سيڪو پاڻ ڏي سيريندو آهي". نظر بيگ مون سان اها چڱي نہ ڪئي آهي. سومرا ترار ۽ پلٽي مان نہ ڇاٽن، سو وري پٽ ڏي خط لکيائين:

هٽـي قلـم ڪـاغذ تـي، ڪيئيـن رقعـو روانـو
تہ ڪـانءُ ڪٺولـي نـہ وجـي، جڏهن ڪٽـي خـان ڪنـو.

پٽ ڏي لکيائين تہ: ابا ننگر! هن خط ڏنيءَ لڙائي توف ۽ بندوق جي ڪجاڻ، ترار ۾ پناڻ ڏاڍو آهي. اهڙو پلٽي باز آهي جو ڪاڻ پڪي ڪٽولي هينان نڪري وڃي. هڪڙو پناڻ چارئي بند ڪٽولي هينان ويهي، پناڻ ڪنو ڪٽي اُتي، ڪانگ ڪي حاجت نہ ٿيندي جو ڪٽولي جا بند ڪري بيهي رهندو. تنهنڪري لڙائي ڪجئين ڪان ڪمان ۽ توفن بندوقن جي. اهو خط ننگر کي موڪلي ننگر خط پڙهي وري پيءُ ڏي لکيو تہ: پهرين ڳالهہ منظور آهي، پوئين نامنظور آهي. متان پناڻ تڪبر ڪن تہ ترار جي لڙائي ٿئي ها تہ اسان سومرن کي ماري وجون ها.

اها ڳالهہ اتي رهي. پوئتي هنبس پناڻ ۽ نظر بيگ وزير گڏجي عالادين پناڻ وٽ آيا تہ ايترا ڏهاڙا جا جنگ تي آ، سڀ پنهنجي هار تي آهي ۽ انهيءَ لڙائيءَ ۾ ڪُتڪا هٿا. هي لڙائي ترار جي آهي، جنهن ۾ ڪوبہ انديشو ناهي. بہ پاڻ ۾ وڙهندا پيو سيڪو ئي مزو ڏسندو. هاٿي روبرا هلي ڏس تہ پناڻ ڪيئن تا جنگ ڪن ۽ سومرا ڪيئن تا مرن. هنبس کي لڙائي جو سامان مليو. عالادين بہ تيار ٿيو، نظر بيگ وزير، چنيسر ۽ ٻيا ڪيترائي سومرا سردار، لڙائي جي تماشي ڏسڻ لاءِ تيار ٿي رڻ ميدان ڏي ڪاهي آيا. شاعر بيت شروع تو ڪري:

پهر سج جي لڏيا، هنبس جا سامان
ٻارهن سوئ ٻڪي ملي، گاڏين جا گهمسان
بادل جيئن برسي چڙهيو، ڪري آگر ميگهہ ملهار
جين ڪنوڻ تجلا اُپ ۾، چندي جامڪين جنسار
اچي لٿو رڻ منهن تي، بينو روپاهہ ڪري الغار.

نَوَ لک لشڪر وني هنبس اچي رڻ ميدان ۾ لٿو. ننگر جا يار، سوائي سمون، چٽو جاڙيجو پٽي، مُنگر دودي جو پٽ، اُهي رڻ ميدان گهمندي ديدار ڪندي آيا تہ پناڻ جي لشڪر تي نظر پين. هنن جو شراب پيتل هو، سو نشي جي بهاري ۾ اچي ننگر کي بيت ڪرڻ لڳا:

آيا يار ننگر جا، عَلَمَ طوق جون
نر نشي نوازيا، 'علي علي' ڪن
تون جوٽ جنگيون منهنجا پرين، اهڙيون ملهون ڪير لهن
يلي بادل برسن رُڪ جا، اچ جنگيون جوهن ڪن.

ننگر جا يار ننگر کي چوڻ لڳا تہ: اسان جا چاچي رڻ ميدان ۾ اچي لٿا آهن، اسان کي موڪل ملي تہ نشي جي بهاري ۾ بينا آهيون، هتان نَوَ لک ڏک چُنڻي وجن، اهو لشڪر گم ڪريون، سياڻي وري ليکو نئين سئين. ننگر اها ڳالهہ ٻڌي يارن کي بيت ڪرڻ لڳو:

اهي خلقيا آهن خدا جا، اُمتي مصطفيٰ
نسيمڪ سندي ننگ تي، صدقو ڪيو اتن ساه
سياڻي سويون وس ستار جي، جني ڏياري الله.

ننگر چوڻ لڳو يارن کي تہ: خبردار! چوري وڙهندا آهن چور، متان ڪو چوري وڙهي، متان چون تہ چوري ماري ويا، بولاٽي وڙهنداسون. سياڻي رڻ ميدان ۾ جو مرد جيترو گهوڙو ڊوڙائيندو انهيءَ جي اوتري سوڀيا ڳائبي، پلي تہ رات جا چار پهر سيڪنهن کي خير سان گذر تي وجن. آخر سج لهي ويو، رات پئجي ويئي. سيڪو پنهنجين جاين تي رهي پيو. رات وهاڻي، پرهہ باکون کنيون، پناڻ اُتي جنگ جو نغارو ڪري، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، سو پلي بيت پُڪائي:

رات وهاڻي ڏينهن ٿيو، اُڀريو تارو
غوث بهاؤ الحق جو نر هڻي نعرو
پيڪي پير دليءَ جي، لڳو هنبس نغارو
ڏچر تو ڏان ڏان ڪري، هلي آءُ ننگر تون آءُ
ننگر چڙهيو ديم سان، ساري حضرت شاه
ساوا پيلا گلاب جا ٻڌا جُهڙ جهنڊين
اچي وڙهيا ڪٽارين ڪاتيين، تا ٻرچون ڀالَ هڻن
مردن متان رڪ جون، تاوَ تراريون ڪن
مر سي مائن جائيا، اورانگهيو اچن
ڏڙ جني جا ڏوڙ ۾، للهنگ تا ليٿن
ڪنا خفيفن جا واڪي ساڻ وجن
پرزا پوشيدن جا اُڏريو عرش وجن
نديون نير پلوٽيون، وڳهہ واهہ وهن
عضوا اُمرائن جا لوهوءَ منجهہ لڙهن

سسيون آهن سومرن جون، ڪلر منجهه ڪرن
هي ڏريجي داناءُ آهن، حاجي زئي هڻن
گهوڙا پاريل تن جا، ڊوڙيو ڏک هڻن
ڪاڪريجي ڪاهه ڪيو 'علي علي' ڪن
هنيو سنگينون سامهٽيون، وجهو گهوڙي پيٽ لڪن
سانده ڪريو پون سومرا، ڪريو پَها پٽ پون
آيا يار ننگر جا، تا روئن رت ڦڙا
پلتي باز پناڻ آهي، تنهن جُنگ سان ناهي جاءِ
سپ ماريندو سومرا، ڪنڌ مڙن لهندا.

اها پهرين لڙائي جا هنبس ۾ ننگر ترار سان ڪئي، تنهن ۾ پناڻ سپ پلتي باز هجن، جو سومرن کي ڏک هڻڻ ئي نه ڏين. ڪلهن تان ٽپيو وجن، لانگن مان هيو وجن، بغلن مان نڪريو وجن. سپرن هينان ويهو وجن، يا گهوڙي جي پيٽ هينان لڪيو وجن، ڏک هڻڻ ئي نه ڏين. پناڻ جو وارو اچي ته سومري جو اِئين سر ڪنيو وڃن، جيئن تکو ڪنيار چڪ تان ٿانءُ کي لاهي وٺي. اهو تجربو ڏسي ننگر جا يار ننگر وٽ هلي آيا ته لڙائي جهل، لڙائي ڪنداسون ڪانُ ڪمانَ جي، جو پناڻ اسان کي هٿ نتا لائڻ ڏين. پلتي باز آهن. هنن کي پري کان وڙهبو ته مرندا، جي نه ته ترار جي لڙائي ۾ سومرا سپ ڪُسي ويندا. ننگر چيو ته: لڳي ته سَنِي. هاڻي آءٌ اوهان کي نيڪ صلاح تو ڏيان، سو ننگر يارن کي صلاح ڏي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي، سو پلي پڪائي:

ننگر تن يارن کي، ڏي تو نيڪ صلاح
ڏُ دستيون داناهن کي وجي هنن منجهه هڻو
مر بئي پرزا تين پاڻ ۾، گهوڙي سوار مري.

ننگر چوڻ لڳو ته: اوهين پاڻ چئو تا ته گهوڙي جي پيٽ هينان تا لڪن، ته هٿڙي تلوار جهلي 'علي علي' ڪري هٽو، سنجن مان، گهوڙي مان، پناڻ مان پلي وجي زمين ۾ وات وجهي. گهوڙو ته چڏي ڪونه تا وجن. اها ڳالهه ٻڌي سوائي سمي دل ۾ ويچار ڪيو ته نالو رکو آهي ننگر جو، چو نه انهين صوبي کي گهوڙو ڪاهي آءٌ وجي ماريان ته ڪا منهنجي به واهه واهه هلي. سو هنبس جي لڙائي تي گهوڙو ڪائي هلي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پلي بيت پُڪائي:

سوائي گھوڙو ڪاهيو، نڪتو ساري حضرت شاه
داهوڙي ديمين مان، اچي هنبس لڏائين
هنبس چيو پيلوان کي، هاٿي تون جهڪاءِ
پلي مرد وڙهن ميدان ۾، پوي سانَن جو سماءُ
هن تي وس وڏا ڪيا، وجي باشو بغل منجهاءُ
يارهن ڏڪ ترار جا، لڳا سوائي متي ڏانهه
سوائي آهي هٿيو، هٿي آيو نيري ڏانهه
هنبس چيو هسوار کي، ترسي گھوڙو ڪاه
پڳي پنيان آءُ نه پوان، لولي ڏني نه ماءُ.

جڏهن سوائي سمون گھوڙو ڪاهي هليو. ڳولي هنبس کي هٿ ڪيائين. هنبس متي هاٿي تي سوار ٿيل هو. پنهنجي پيلوان کي چيائين: هاٿي کي ويهار ته پلي مردن جو مقابلو ٿئي. اچي ٻئي پهلوان ميدان ۾ ترار جي لڙائي ڪرڻ لڳا. انهيءَ لڙائي ۾ روبرو عالادين، نظر بيگ، چنيسر ۽ ٻيا ڪيترا صوبا ۽ سردار، مقابلو پئي ڏنائون. هنن پهلوانن لڙائي ڪئي. جنهن ۾ سوائي سمي جو وارو اچي ڏڪ هڻڻ جو ته پناڻ پلٽو ڪيو سپر هيٺان ويهو وڃي، ڪلهن تان ٽپيو وڃي، سندس لانگ هيٺان نڪريو وڃي، ڏڪ نه هڻڻ ڏي. پناڻ جو وارو اچي، سَتڪو ترار ڪرائي. هڪڙو وارو پي ڳُسائي نه. ڏڪ هٽندي وڙهندي يارهن ڏڪ سوائي سمي کي جان ۾ لڳا. ڇا انسان، ڇا ترار! پر جان تي زره هئي، جنهن ڏڪ ٿي جهليا. جان ڇپجي پئي تي ڏڪ ۾، مگر وڍجي نٿي سگهي. تنهن ۾ سوائي سمي کي پڪ رهي ته ڪنهن جي به حاجت ناهي، جو پناڻ سان مقابلو ڪري، سو پڙ ڦاڙي ڀڳو. پنهنجي گھوڙي تي سوار ٿي، گھوڙي کي اچي اَڙين تي دب ٻڌئين. پناڻ چيس ته: هري هري پيو وڃ، ميدان ڇڏي پچي ويندي، پنيان نه ايندوسئين. سوائي سمون گھوڙو ڊوڙائي اچي ڇُٽي جاڙيجي پٽي کي چوي ته: پناڻ جون اکيون آءُ ڏسي آيو آهيان، ڪنهن جي حاجت ناهي جو پناڻ کان گوءِ کٽي، تون ننگر کي جهل ته لڙائي ڪنداسين ڪانُ ڪمانَ جي. ڇُٽي سوائي کي چيو ته: آءُ تو جهڙو ٿي اچان، پناڻ سان پنهنجو ڀاڳ آزمائي اچان، تنهن کان پوءِ ننگر کي جهلبو. سو ڇُٽي گھوڙو ڪاهي، شاعر بيت ڪري، فقير ڇٽي ٻڌاءِ.

لائـــي جنـــگ ڏڪـــڻ ڪـــان ننـــگر اولهـــ ڏي آيـــو
چوطـــرف چـــوڌار جـــو اچـــي مـــڳ وڏو مـــارو
جيئن ڪڙڪي پئي ڪـپر ۾، تـيئن لهـر ٻـڌو لـوڏو
تيرهـن سوءِ تـُـرڪن جـا، ويـو جهوتـي سـاڻ جهــڙي
هٽي تـراڙ تـُـرڪ ڪـي، جنهـن جـو پـڙ ڪيئـين پـالهو
اِنهـن وڙهنـــدي پـــاڻ ۾، متـــان آيـــو ننـــگر راءِ
چنيســر چيــو ننــگر ڪــي، اچــا هنبــس جيئـرو آهـــ
مـــار مـــرد ميـــدان ۾، جنهـــن ويڙهيـــو ويـــرا واهـــ.

جڏهن مـُنگر گهوڙي ڪاهي هليو پناڻ جي لڙائي تي، ٻـ تراريون هٿ ۾ اٿس، ٻئي پاسا تلوار واهڻ شروع ڪيائين. اهڙي قسم جي تيغ هلايئـن جو جيسـين هنبس تائين رسيو تيسين هزارين پـَگر ستا ڪيئين. هنبس پناڻ کي پڪ ٿي تـ ننگر سومرو اهو آهي. پنهنجي پيلوان کي چيئين تـ: هاٿي کي ويهار، اهو ننگر سومرو آهي، جنهـن جي مقابلي لاءِ آءٌ بيـنو آهيان. هـاٿي ويهـاري، پـاڻ پڙڪو ڪائي لهي پيو. اچي پاڻ ۾ تلوار جي جنگ شروع ڪيـائون. هٽندي وڙهنـدي اَرڙهن ڏڪ ترار جا منگر جي جان ۾ لڳا آهن. تـ ٻـ شاعر ڏيکاريو آهي تـ جهـڙا ڪـِي پهاڙ ۽ جبل ۾ ڏڪ لڳا آهن، انسـان جي جـان نـاهي، پنـاڻ کـي هـڪ ڇـُهندو ٻـ جان ۾ نـ لڳو آهي. پر پناڻ پنهنجي پڇڻ ۽ پلٽي ۾ ايترو ٻـَـغان ٿي پيو، جو هن پهلوان ڏَکيل ڪان ٻـ وڌيڪ. ٻئي گوڏا ڪٽي ڌوڙ ۾ ڦـِـتا ڪيئين. ماٺ ڪري ويهي رهيو. هـُن پهلوان کـي اڳـٽي ارڙهـن ڏڪ هـٺا جـان ۾، سو ٻـ انهن ڏکن جي سبب پـڙ ۾ ويهي رهيو هو. ايتري طاقت نـ هئـُن جو هلي وڃـن هڪـٻئي ڏي. چنيسر سومري کي وڏا درد ۽ ساڙ ٿيا تـ ننگر جا ٻـ پهلوان پڇائي ڪديئين، تيون گهايو ميدان ۾ وينو آهي. واهواهـ پناڻ جي پئي هلي. ايتري ۾ ننـگر ڏسي تـ منهنجو سوٽ مـُـنگر ڏسڻ ۾ ئي ڪونـ ٿـو اچي. متـان ڪٽـي مارجي ويو، سو پنهنجي سوٽ جي ڳولا تي چارئي طرف گهـوڙو ڊوڙائـي ڳولـڻ لڳو. تنهن ۾ اهڙي ترار واهيئين جو شاعر ڏيکاريو آهي تـ جيئن پاٽيءَ جي لهـر ٿئي، هـڪڙي چولي ڪپـر ۾ لڳي، تهتـان متـان ٻـي سـٽڪو ڪـري. جتـي جتـي هنبس ۽ منگر پئي وڙهيا، اُتي ماڻهن جو وڏو ميل متل هو. ننگر کي شڪ پيـو متان منهنجو سوٽ انهي مَيل ۾ آهي. اُنهي متي مَيـل تـي گهـوڙو ڪـاهيئين.

اچڻ شرط تلوارن جا سٽڪا ٻڌئين، جو تيرنهن سؤ هڪدم ماري ويو. هڪڙا ماريا، ٻيا ڀڳا. ننگر ائين آيو جيئن پکين ۾ باز پوي. جڏهين اها لڙائي ننگر جي چنيسر ڏٺي، اتي چنيسر کي خوشي حاصل ٿي ۽ ڪجهہ منهن تي پاڻي پيس، ۽ ننگر کي چوڻ لڳو تہ: ٻيا ڇو تو مارين، مار تہ هنبس کي مار، جنهن تنهنجا ٻہ پهلوان ماري ڊوڙائي ڪڍيا، اهي ٻئي پڇي ويا، ٽيون سؤٽ گهايو ميدان ۾ وينو اٿئي. اهي چنيسر جا لفظ ٻڌي هنبس پناڻ تڪبر ڪرڻ لڳو:

مون جيڏو مون سرتو، مونکي ماري ڪير
ماري انهن سومرن جا، آءُ ڊوند ڪندوسئين ڍير
آءُ چڙهندس وڳهہ ڪوٽ تي، جتي دودو ديمين سان.

چنيسر کي هنبّس پناڻ چوڻ لڳو تہ: وڏا ڦٽ تڏهن جاڳندئي، جڏهن وڳهہ ڪوٽ ۾ وڃي دودي کي ماريندس. دودي جو نالو ٻڌي چنيسر پنهنجو پاڻ هاٿي تان ڪٽي هيٺ ڦٽو ڪيو. چنيسر چوڻ لڳو هنبس کي: گيدي، لهي آءُ علي جي ميدان ۾. مون سان مقابلو ڪر. تنهن ڪان پوءِ دودي جا نالا وٺ. هنبس چوڻ لڳو: منهنجا سَن سَرتا ٻہ ڇٽا ٻيٺا آهن، انهن ننگر ۽ منگر مان ڇڙهان تہ پوءِ تون ڀِي هليو آءُ! جيڏي مهل اها ڳالهہ هنبس ڪئي، چنيسر کي ڪار لڳو. سومرن کي جڏهن ڪاوڙ ايندي هئي تڏهن عقل جي واڳ ڇڏائي ويندي هونِ. سو چنيسر پنهنجي پٽ کي چوڻ لڳو تہ: منهنجو حلالي فرزند آهين تہ پناڻ وٺ پلِي ترار هجي، تون ترار ڦٽي ڪر، هٿين خالي تي مارينس. دنيا ڏسي، جيڪو دودي جا نالا تو وٺي. پوءِ حلالي پٽ بہ اهي، جتي سرن جا سؤدا هئا، دنيا دم گذر سمجهي مائٽ جي فرمانبرداريءَ کان ٻهر نہ نڪتا. اها ڳالهہ ٻڌي، ننگر ترار اُڇلائي جا پرزات ڪري پري وڃي ڊني. مُنگر پڙڪو ڪائي اُٿيو. سؤٽ کي بيت ڪرڻ لڳو:

هـن کـي عقـل اڳـارن جـو، سيڪ سنداڻن ساءُ
ائيـن ڀـڳ وجـايئين پنهنجـي، پچـڻ هليـو هـو ماءُ
هي پلتي باز پناڻ آهي، تنهن جُنگ سان ناهي جاءُ.

تنهن تي ننگر ورندي ڏني تہ:

نڪـي آهـن دؤر دريـاءُ جـا، نڪـي ٻـري آڙاهـہ
آهـي آدم جـو پـٽ آدمـي، ڏئـي لـت ڪـيانس ساهہ
نـہ تـہ سـويون وس سـتار جـي، جنـي ڏيـاري الله.

مُنگر هڪل ڪري پنهنجي سوٽ کي چوڻ لڳو: چنيسر کي عقل هجي ها تہ پڳ نہ وڃائي ها. هو اڳئي پلتي باز پناڻ آهي، جو ڏک هٽڻ نتو ڏئي. انهي جي نالي چوي ٿو تہ هٿين خالي تي ۽ مقابلو ڪر. هي بہ تنهنجو وڏو ويري آهي. ترار سان ماريئي تہ بہ سوڀ تنهنجي آهي. هِن چرئي جي چوڻ تي لڳي ترار نہ ڦٽي ڪر. ننگر چوڻ لڳو پنهنجي سوٽ کي: درياه ڪونهي جو ٻوڙي وجهندو. آڙاهہ ناهي جو ساڙي وجهندو. مون جهڙو انسان آهي. جي مونکي سوڀ ملڻي هوندي تہ لتن ۽ مڪن سان جهَـڙي ماريندوسانس، ۽ جي نہ ملڻي هوندي تہ ترار سان ٻي ڪانہ ملندي. مائٽ جو چوڻ برجاءِ ڪري وري واپس نہ هٽائيندس جِـي جِـي آخر مرڻو آهي. ”رهندي وڃي ڳالهہ، هاڙهي ۾ هوتن جي“. ائين چئي ٿي هڪلون ڪيئين موليٰ علي مشڪلڪشا کي تہ: فتح جو مالڪ بہ تون آهين، ميدان بہ تنهنجو آهي. ائين چئي پناڻ کي هوڪاريئين، گـيدي! لهي آ علي جي ميدان ۾ تہ ڪا ڪَـل پوئي! ڏسو، هٿيار وارو باز آهي، ٻي هٿيارو چِڙي جي مثال آهي. سمون سوڀ ڪري، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، سو پلي بيت پُـڪائي:

چِـڙي وڙهي ٿي باز سان، جنهن جو حامي حضرت شاه
هِـن تـي وڏا وس ڪيا، هِـن لـُـڏڻ ڏنـا هٿـا لاهـ
اچـي چنبـو وڌائينـس چـُـوڙ ۾، تيـس امـر ڏانهـن الله
پڃـاڙي پـرزا ڪيئينـس، جيوين ڏوٻي ڌوئـيَ ڪپـڙا
وٽ پـاڻيجو پنهنجـو، جنهـن ويڙهيـو ويـرا واهـ
ڪٽـي وڃ خـان ڪٽـن تـي، تنهـن عـالادين اڳيـاءَ.

ننگر ميدان ۾ بيهي ٿي هڪلون ڪري، هڪل ڪئي پناڻ کي تہ: لهي آءُ ميدان ۾. هنبس وٽ ترار هئي. ننگر وٽ ترار ڪانہ هئي، پلتو ٻي ڪونہ ايندو هوس. دل ۾ خيال ڪيئين تہ اهڙي تجويز ڪريان جو دشمن مونکي ڏک نہ هڻي وڃي. جنهن مهل پناڻ ترار ڪڍي ننگر کي ويجهو آيو، ننگر پنهنجا پير سنڀالي، ونـي پڙڪو ڪاڏو. ايڏو ٽپ ڏنئين جو مڙس ڪان، ترار ڪان ٽپي هن پاسي وڃي لٿو. اهڙي طرح ٽپ ڏيندي ڏينـدي، پناڻ کي بغان ڪري وڌئين. ننگر دل ۾ ويچار ڪيو تہ هينئر پناڻ ٿڪي پيو آهي ۽ خطا ٿيو بيٺو آهي. ونـي چوٽ ڪيائين، جنهن هٿ ۾ ترار هئس، انهي ٻانهن ۾ ننگر جو هٿ پئجي ويس. پهلوان جو

هٿ پيس ۽ پناڻ جا ڏينهن پورا ٿي ويا. ائين زمين تي واريئينس جيئن تڪو ڪٽي ڦرهي تي لـٽي ڪي سـٽي. ائين هٽندي ڪٽندي، ڪل مان هڏيون مٿائي وڌئينس. وني جو هٿ جي اُحل ڏنئينس تہ جنهن هاٿي تي نظر بيگ سوار ٿيل هو، انهي هاٿيءَ واري پالڪيءَ جي ڪُندن ۾ هنبس جو لاش وڃي اٽڪي پيو. ننگر چيو تہ: جنهن دودي جا نالا پئي ورتا، اُهو ڪٿي عالادين ڪي ڏيڪار تہ دودي سان لڙائي ڪرڻ جهڙو آهي يا نہ؟ هنبس ماريو، بئي لشڪر پاڇ ڏني. چنيسر ۽ نظر بيگ بيهي رهيا. ننگر پنهنجي ڪمر تان پنهنجي هڪڙي لـُنگي ڇوڙي، هنبس جي مٿان اوڇاڙ نموني پهرائي. نظر بيگ ڪي چيائين تہ: بابي جو پڳ مٽ يار آهين. هي ننگ ۽ وڙ ۾ لـُنگي ٿو ڏيان. نظر بيگ چيو تہ: لـُنگي پنهنجي موٽائي وٺ. ننگ وڙ آهي منهنجو ۽ چنيسر جو. توسان پلاند اٿم هنبس جو. جڏهن هنبس جو پلاند وٺندس، تڏهن چنيسر ۽ آءٌ گڏجي هڪبئي سان ننگ وڙ ڪنداسين. ائين چئي هنبس جو لاش ڪٽايو هليو ويو. اچي عالادين سان مليو. عالادين چيو تہ: منهنجي لشڪر جا ٻہ صوبا هئا جابر پهلوان، هڪڙو شيدي بانڪو برخوردار بيو هنبس، بئي ننگر ماري ڇڏيا. هاٿي اهڙو ڪو بيو صوبو ڪونهي جو ننگر سان لڙائي ڪري. نظر بيگ چوڻ لڳو: هاٿي ڏاڍا ۽ هيٺا نہ پڄائبا، ماڌن مـُلڪ وزير ڪي حڪم ڪريو تہ چڙهي وڃي جنگ تي. ماڌن مـُلڪ وزير ڪيَ گهرائي عالادين حڪم ڏنو تہ: جنگ جو سامان ڪڻ، وڃي ننگر سان لڙائي ڏي! سو ماڌن ملڪ وزير تياري ڪري، ڏهہ لک لشڪر وني، هلي جنگ تي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پر يلي بيت پـُڪائي:

سـانجهي جـو لـڏيا، مـاڌن جـا سـامان
جنهن ڪي ٻارهن سؤ ٻگهـِي ملي، مليا گاڏن جا گهمسان
بادل جيئن برسي چڙهيو، ڪري آگم مينگهہ ملهار
اچي لٿو رڻ منهن تـي، روپـاه ڪـري الغـار.

ماڌن ملڪ وزير جنگ جو سامان ڪٽي، ڏهہ لک لشڪر وني، باقي پهر پويون سج جو هو. اچي رڻ ميدان ۾ خيما کوڙيئين. سج لهي ويو، رات پئجي وئي، سيڪو پنهنجن جاين تي رهيو. باک ڦٽڻ مهل پناڻ جنگ جو نغارو ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

رات وهـاڻي ڏينهـن ٿيـو، اُيريـو تـارو
غـوث بهـاؤ الحـق جـو نـر هٽـن نـارو

پيڪي پير دليءَ جي، وڳو گهرام نغارو
ڏچر تو ڏان ڏان ڪري، هلي آءٌ ننگر تون آءٌ
ننگر چڙهيو ديم سان، ساري حضرت شاهه
ساوا، پيلا، گلاب جا، پڌا جهڙ جهنڊين
گاجين گجيا گُرزڙا تاوَ رکيا توفن
گل ميخون گاڏين کي، بيٺا جوان جڙنَ
لاهه لارين وڏا ڏنا، بس نه بندوقون ڪن
ڪاربين ڪَهڪي پيا، ڏُناليون دهڪن
تکا تماچا چوڙيئون، ٻَڌي تَهه تَهه تاڪوڙن
رُڪ ٻيانا هٿ ۾، جهانگي جهنگ هٽن
ماڪڙ وانگي مينهن جيئن اڇيو ڪان ڪِرن
رڻ ۾ راهو منديو، گهوڙن ۽ گهوٽن.

جنگ جو نغارو لڳو، ننگر پنهنجي لشڪر سان اچي لڙائي شروع ڪئي. گهوڙن ۽ گهوٽن اچي رڻ ميدان وسايو. اها پهرين لڙائي ڪيئون توف بندوق، ڪانَ ڪمانَ، شيهي ۽ دارون جي. تنهن ڪان پوءِ وري ترار جو جهيڙو، ڪٽارِي ۽ ڪاتِي، ٻڇي ۽ ڀالو ۽ ڪَني جي ڪيڏ.

وڙهيا ڪٽارين ڪاتيين، تا ٻڙڇون ڀال هٽن
مردن متان رڪ جون تلوَ تراريون ڪن
مَر سي مائن ڄائيا، جي اورانگهيو اڇن
ڏڙ جني جا ڏوڙ ۾، للهنگ تا ليٽن
ڪنا خفيفن جا، واڪي ساڻ وڄن
پُرزا پوشيدن جا اُڏريو عرش وڃن
نديون نير پلوٽيون، رت سان وڳهه واهه وهن
تنهن ۾ عضوا امرائن جا لوهُو منجهه لڙهن
پشتو پوءِ پناڻ جي 'دودو دودو' ڪن
گهوڙا پاريل تن جا، ڊوڙيو ڏک هٽن
هنيو سنگينون سامهٽيون، گهوڙي پيٽ لڪن
هي پڙ پوتا پونگر راءَ جا رونشي راند رهن

ها تہ آءُ لڙائي تي نہ اچان ها. لڙائيءَ تي وڃن لک تا، اچي هڪڙو پيي ڪونہ ٿو. ويري جي خط سٺڪو اچي ڪيو آهي. هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ چنيسر چيس تہ: اهڙو صوبو اُماڻ جنهن وٽ ٻيٽا ٻيڻ لشڪر هجي. عالادين چيس تہ: اُهو ڪير اُماڻيون، تون صلاح ڏي! چنيسر چَيس تہ: فتح خان ڪي سورهن لک لشڪر آهي، تالا تـمر وزير ڪي سورهن لک لشڪر آهي، سرڪار جي مرضي، جنهن ڪي وٺي تنهن ڪي لڙائي تي اُماڻِ. عالادين چيو تہ: فتح خان ڪي تا لڙائي تي اُماڻيون جو سندس نالو بہ فتح آهي ۽ سومرن جي طبيعت کان بہ تورو گهڻو واقف آهي. عالادين پنهنجا نوڪر روانا ڪيا فتح خان ڏي. هڪڙي جو نالو 'راهب' ۽ ٻئي جو نالو 'صاحب'، وڃو فتج خان ڪي وني اچو!

راهب، صاحب تاپرو، سنيايا سلطان
تازي چوڙيئون تڪڙا، ڪڏايئون ڪيڪان
پيڇن تا دربان کان، ڪٿي آهي فتح خان
عالادين اتس گهرايو، اهو جنگ تي چڙهي جوان.

نوڪرن اچي پڇا ڪئي دربان کان: فتح خان ڪي عالادين گهرايو آهي. دربان ڏس ڏنو تہ اندر وينو اتوَ. اچي فتح خان سان مليا. عالادين جو پيغام ڏنئونس. ڳالهہ ٻڌڻ سان حياتيءَ تان هٿ کنيو فتح خان. پڳي روح سان اچي عالادين سان مليو. عالادين ڪي چيئين سائين! حڪم ڪريو. عالادين چيس تہ: چڙهي وڃ جنگ تي. عالادين ڪي چيئين: آءُ سرحدي صوبو آهيان، آءُ چڙهندس جنگ تي، لَوَند ۽ پَوَند آهن. سرحد ڪير سنڀاليندئي؟ عالادين چيس تہ: نالو رکايو اٿئي فتح خان، اڳئي پيو پنهنجي هار جون واڌايون ڏين! فتح خان چيو: سائين! سومرن جو آءُ واقف آهيان. مون سائينجن ڪي اڳئي چيو هو تہ سومرا غضب جو ويڙها آهن، سا حقيقت مون توسان اڳئي ڪئي هئي. عالادين چيس: يار! مونکي پنهنجون پرايون حقيقتون سڀ وسريون پيون آهن. تو مون سان الائي ڪهڙي حقيقت ڪئي هئي؟ فتح خان چيس: تہ ڇوڪري جي حقيقت مون تو سان ڪانہ ڪئي هئي؟ عالادين چيس تہ: دوبارو سمجهائينم، الائي ڪهڙي حقيقت هئي! سو فتح خان، عالادين ڪي بيت ڏيئي، سمجهائي، فقير چئي ٻڌائي:

محمد مَراڪن ۾، نريون پيچي نر
سانَهن سِگَ سنوان ڪري، وِنگن لاهي ور

سامهون ڏسيس ڪونہ ڪو، جڏهن ڪري نہ نظر
سذر آهي سُومرو، سندو ’ساران‘ ور.

فتح خان اها حقيقت عالادين کي ٻڌائي، چوڻ لڳو تہ: چنيسر کي چئو تہ پنهنجن سان ڪٺي پرچاءُ ڪري. آءٌ جنگ لاءِ بہ حاضر آهيان. عالادين چيو تہ: مونکي ڪَل نہ رهي تہ ٻاگهي جي سگَ ۾ اهو ٻائيتال آهي. جا لڳي سا سَٺي. چڙهي وڃ لڙائي تي. فتح خان چيو تہ: سائين! ڀلا جنگ جو سامان ملي. عالادين حڪم ڏنو تہ، جو سامان گهُرجئي، ڪٺي وڃ جنگ تي. سو پناڻ جنگ تي هلي، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پلي بيت ٻُڌائي.

پهر سڄ جي لَڏيا، فتح جا سامان
ٻارهن سؤ ٻگهي ملي، ٻيا ڳاڏين جا گهمسان
بادل جيئن برسي چڙهيو، ڪري آگر مينگهہ ملهار
جِين ڪِنوڻ تجلا اُپ تي، چندي جامڪين جنسار
اچي لٿو رڻ منهن تي، بينو روپاه ڪري الغار.

فتح خان لڙائي جو سامان ڪٺي، لشڪر وٺي اچي رڻ ميدان ۾ لٿو. ننگر جا يار فتح خان جو لشڪر ڏسي، ننگر کي بيت ڪرڻ لڳا:

آيا يار ننگر جا، عالَم تو چَون
نر نشي نوازيا، ’علي علي‘ ڪن
تون جوٺ جنگون منهنجا پرين، اهڙيون مهلون ڪير لهن
پلي بادل برسن رُڪ جا، جنگيون جو پن ڪن.

ننگر کي پنهنجن يارن چيو تہ: پناڻ جو لشڪر اچي لٿو آهي، ٻيٺا ٻيڻ لشڪر آهي. اسان کي موڪل ملي تہ هتان چوري نَوَ لک ڏک چوڙيون. اڌ تي لشڪر گم تي وڃيس، باقي اڌ رهيس. سپاٽي هڪجهڙا تي پوءِ لڙائي ڪريون. ننگر چيو تہ: نہ، اهي مسڪين آيا آهن. سو ننگر بيت ڪري، ۽ پنهنجي دوستن کي چوڻ لڳو:

خلقيا آهن خداءَ جا، اُمتي مصطفيٰ
نِيمڪ سندي ننگ تي، صدقو ڪن تا ساهہ
سپاٽي سويون وس ستار جي، جنهين ڏياري الله.

ننگر چيو تہ: چوري وڙهندا آهن چور، متان ڪو چوري وڙهي! رات جا پهر پلي سيڪنهن کي خير سان گذري وڃن. سپاٽي جيترو گهوڙو مرد ڊوڙائيندو، اوترو

سوپيا ڳائبي. سچ لهي ويو. رات جا چار پهر سپڪنهن کي خير سان گذري ويا. پرهه باکون کنيون. پناڻ اُتي جنگ جو نغارو شروع ڪيو. شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پلي بيت پُڪائي:

رات وهاڻي ڏينهن ٿيو، اُبريو تارو
غوث بهاؤ الحق جو نر هٺن نارو
پيڪي پير دلي ۽ جي، وڳو گهرام نغارو
ڏچر ٿو ڏان ڏان ڪري، هلي آءُ ننگر تون آءُ
ننگر چڙهيو ديم سان، ساري حضرت شاهه
ساوا، پيلا، گلاب جا، ٻڌا جهڙ جهنڊن
گاجين گجيا گُرزڙا تاوَ رکيا توفن
گل ميخون گاڏين کي، بينا جوان جڙنَ
لارين لاهه وڏا ڏنا، بس نه بندوقون ڪن
ڪارابين کَهڪي پيا، دُناليون دهڪن
تڪا تماچا چوڙيئون، ٻَڌي ٿَهه ٿَهه ٿاڪوڙن
ماڪڙ وانگي مينهن جيئن اچيو ڪان ڪِرن
رڻ ۾ راهو منديو، گهوڙن ۽ گهوٽن.

گهوڙن ۽ گهوٽن اچي رڻ ميدان وسايو. سالڪ چيو آهي:

ڪڏهن ڳاڙها گهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾
واري سندا ڪوٽ اڏي اڏينديا ڪيترا؟.

وري سالڪ چيو آهي:

لوهه جا لڳا، پکي پڳا، نرنان اُتي اَن جا ٿيا
لوهه جا = ڪان. پکي = ڪانئر. نرنان = سورهيه. ان جا = ٽڪر.
ڪانَ لڳا، ڪانئر پڳا، سورهيه اُتي پئي ٽُڪر ٿيا

اهو بيان توف بندوق، شيهي دارون، ۽ ڪان ڪمان جي جنگ جو، تنهن ڪان پوءِ ڪٽاري ڪاتي، ۽ ترار جي لڙائي ٿئي. شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پلي بيت پُڪائي:

وڙهيا ڪٽارين ڪاتين، ٻڙڇون پال هٺن
مردن متان رڪ جون، تاوَ تراريون ڪن

مــر ســي مــائن ڇائيـا، اورانگهيــو اچــن
پـــرزا پوشــيدن جــا، اُڏريــو عــرش وچــن
ڏڙ جنيــن جــا ڏوڙ ۾، للهنــگ تــا ليٽــن
ڪنــا خفيفــن جــا، واڪــي ســاڻ وڃــن
نديــون نيــر پلوٽيــون، وڳهــ واهــ وهــن
عضــوا اُمراهــن جــا، لوهــو منجهــ لڙهــن
پــڙ پوٽــا پونــگر جــا، روُنشــي رانــد رهــن
سَــتريون وجهــن پيــا سـومرا، لَــنب جـو گـاه لــٽن
هــي دُريجــي دانــاه آهــن، حــاجي زئــي هٽــن
ڪــاڪڙيجي ڪاهــ ڪريــو، ’علــي علــي‘ ڪــن
ننــگر پــالڪيون پــرزا ڪــري، هــول پڳئيــن هــاٿين
پوءِ پڳئيــن پــورن جا، ڪــريو ڪَـڪا ڪيهـون ڪـن
تيرهــن ڏينهــن تــرار جــا ڪيــو مقــابلو مــردن
چوڏهين ڏينهن چوغان ۾ ڪي ڪي ديميون پيون دوُنڪن
پنڌرهيــن ڏينهــن شــعاءُ تيــو، ســج ڏٺــو مــردن
مليـون مُـلڪن مبـارڪون اِهـا بـہ ڊهـي سـوپ سمـن.

پنڌرهن راتيون پنڌرهن ڏينهن ترار سان مقابلو ڪري پناڻ جو لشڪر ڪپايئون. پناٽن پي حيلا هزار ڪيا پر سومرن هنن جون سڀ واهون بند ڪري، سندن صوبا ڄُونڊ ڪري ماري، پنڌرهين ڏينهن اچي سوپ ڪيئون. فتح خان پيلوان ڪي چيو: هاٿي ڪي پچاءِ، سڌو دليءَ تي. پيلوان هاٿي ڪي پچايو. رڻ ميدان ۾ مغز خراب ٿي ويس. چوندا آهن تہ ”ڳوهہ ڪي ڪتي ڪٽي تہ ڇُهڙن جا گهر ڳولي“. هن ارادو تہ دلي ڏي ڪيو، پر ڏي ننگر ۽ مُنگر جي طنبو تــي. ننــگر ۽ منــگر سَمذو تہ فتح خان پچي ويو. پر مُنگر جي نظر فتح خانَ تي پئي، سو ننگر ڪي بيت ڪري ٻڌائڻ لڳو:

منــگر چيــو ننــگر ڪــي، اچــا فتــح خــان جيئــرو آهــ
مــار مــرد ميــدان ۾، جنهــن ويڙهيــو ويــرا واهــ
اچــي چنبــو وڌئينــس ڄــوڙ ۾، تيــس امــر ڏانهــن الله
پچــاڙي پــرزا ڪيئيـن، جــيوين ڏوبـي ڌوئـي ڪپـڙا.

فتح خان پڳو تي ويو، پنيان ننگر ڊوڙندي ڪي اچي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. فتح خان جا ڏينهن پورا ٿي ويا. زمين تي هٽندي ڪٽندي ماري، سندس ڪل مان هڏيون سڀ ڪڍي ڇڏيئينس. اهڙو ڪيئينس جيئن ٽنگڙ ۾ پـلو ڪنو ٿي ويندو آهي. پوءِ نڪاءُ ڪرايئينس خنجر تہ سـر جدا، ڌڙ جدا. ڌڙ پلي ڌوڙ پائي. سـر پالي ۾ نيشان ڪيئينس. باقي سندس پـيلوان انهي ڊوڙي وڃي عالادين ڪي خبر ٻڌائي تہ: پيچ! فتح خان مارجي ويو، مونکي ڇڏيو اٿن، توکي ماريندا. عالادين چنيسر ڪي چوڻ لڳو تہ: چنيسر! ڏٺئي، منهنجا ماڻهو پاڻ لـڪايو پڇو اچن، منهنجا پيا ڏس ڏين. چنيسر چوڻ لڳو: مون تہ ڪونہ سمجهايو اٿمان. عالادين چوڻ لڳو: حقيقت جيڪا ٻـڌئي، هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ چنيسر چيو تہ: لڙائي ڏيڻ ڪان سواءِ ڪوبہ بچاءُ ناهي. عالادين چوڻ لڳو چنيسر ڪي: تہ تون اُهو ٻٽيو آهين، جو ڪنهن ويچاري چيو هو تہ "ملهہ وڙهہ تـون، ڏڪ آيو تہ مونِ تـي". چنيسر چيـو تـہ: اهڙا ڏڪ تي ڳوليئي تہ سندرو نہ ٻڌين ها! عالادين چيو تہ: سندرو ٻڌايو آهي تو، هاڻي وري بہ جيڪا تنهنجي صلاح. چنيسر پاڻ تـان لهرائـي چوڻ لڳو تـہ: جيڪا نظر بيگ جي مرضي. نظر بيگ چيو تہ: سائين! تالا تـمر وزير کي حڪم ڏيو تہ چڙهي وڃي جنگ تي. تالا تـمر ڪي عالادين گهرائي حڪم ڏنو تہ: وڃـي ننگر سان لڙائي ڏي. تالا تمر وزير چيو: سائين! لڙائـي جو سامان ملي. تـالا تمر کي سامان جنگ جو مليو ۽ رڻ ميدان ڏي ڪاهہ ڪيائين:

سانجهي جـو لـــڏيا، تــمر جـا سـامان
ٻـارهن سوءُ ٻـَـگهي ملـي، مليـا ڳـاڏين جا گهمسـان
بـادل جيئـن برسي چڙهيـو، ڪـري آگم مينگهہ ملهـار
جيئـن ڪـنوڻ تجـلا اُپ ۾، هـُـئي جـامڪين جنسـار
اچي لٿو رڻ مـُنهن تـي، بيٺـو روپاهہ ڪـري الغـار.

تالا تـمر وزير سورهن لک فوج وٺي، اچي رڻ ميدان وسايائين. ننگر جا يار ننگر ڪي چوڻ لڳا تہ: اسان جو چوڻ تون ڪڏهن ڪونہ ڪندو آهين. ننگر چيـو: ڇا ٿا چئو؟ سي ننگر کي بيت ڪري ۽ ٻڌائڻ لڳا.

آيـا يـار ننـگر جـا، عالــَـم تــو چـون
نـر نشـي نوازيسا، علــي علــِـي ڪـن

اها لڙائي تي هئي توف بندوقن جي. تنهن کان پوءِ کني جي کيڏ، کٿاري ۽ کاتي جو جهيڙو.

وڙهيا کٿارئين کاتيين، تا بڙچون پال هٽن
مردن مٿان رک جون تاوَ تراريون کن
مَر سي مائن ڄائيا، جي اورانگهيو اڇن
ڏڙ جنين جا ڏوڙ ۾، للهنگ تا ليٿن
کنا خفيفن جا، واکي ساڻ وڇن
پُرزا پوشيدن جا اُڏريو عرش وڃن
نديون نير پلوتيون، وڳهه واهه وهن
هي پلتي باز پناڻ آهن، هکڙا اُتن پيا وهن
لڳي ديمين وائي وات ۾، دودو دودو کن
کاکڙيجي کاهه کريو، 'علي علي' کن
گهوڙا پاريل تن جا، ڊوڙيو ڏک هٽن
هنيو سنگينون سامهٽيون، گهوڙي پيٽ لکن
ڏُڀجي دانا آهن، حاجي زئي
هيڏانهن پڙ پوٽا پونگر راوَ جا، روئنشي راند رهن
شيشا لال شراب جا، کديا کلاکن
ننڍڙا يار ننگر جا پيئندا پاڻ وڃن
هڻ وڙهه وائي وات ۾، بي نا بولي کن
سَتريون پيا وجهن سومرا، لَنب جو گاهه لٽن
پالکيون پرزا کري، وجي هول پڳوڻ هاتين
پوءِ پڳڻون پورن جا کريو کَکا کيهون کن
تيرهن ڏينهن ترار سان، کيو مقابلو مردن
چوڏهن ڏينهن چوغان ۾، کي کي ديميون پيون دوُنکن.

اڃي ترار جي لڙائي شروع ٿي. اڳيان پڳرَ ڌهيو پون. پنيان جيکي سورهيه غازي لک لک ريئي جي وک کٽي اڇو اڳتي سر ڏين. بيا وري پت جا مارا، اهي وري ڇا کن، جو کڻ لاش، هڻ اُنهي هينان ٽبي. چون تہ سر لکايون، ڏڙ پلي پيو ڏوڙ پائي. ڏک لڳو، ڦٽ ايرجي ويندو، حياتي هوندي راڄن جا پت

ڪائبا. پيا وري سر جا ڏاتار، سي چا ڪن: ”سِــي نيزي پاند، اُجل تــہ بہ اڏ تئي“. پناڻ بہ هزارين حيلا پيا ڪن. انهي نشي جي موج ۾ ’دودو دودو‘ پئي پوين. پر ننگر جا يار سورهيہ غازي، سي بہ ڏاڍا نشا نينهن جا ڪري، شراب پي، ڪِيوا بنجي، اهڙي ترار واهيئون جِين تــڪو ڪاڙبي لاباري ۾ سَتا ڪري. راتو ڏينهان هڻ وڙهہ وائي وات هين. جيڪي جنگ جا سپہ سالار هئا، هاتين تي بينا هئا ۽ لشڪر کي پئي هوڪاريائون. اهي صوبا چوندي ماريئون. پهلوان اچي رسي هاتي کي، هاتي ريہہ ڪري، اچو پهلوان جي ترار رسيس تہ صوبو، پالڪي، هاتي تيئي چٽ. چوڏهن راتيون چوڏهن ڏينهن ڪني جي ڪيڏ هلي. هڪڙا ماريا، بيا پڳا، پر شاعر ڏيڪاريو آهي تہ اجان بہ ڪي ڪي ديميون رڻ ميدان ۾ تولا ڪيو بينيون آهن. منگر دل ۾ ويچار ڪيو تہ انهي صوبي تي آءُ ڪاهہ ڪري وجي ماريانس. سو پهلوان گهوڙو ڪاهي هلي، شاعر بيت چوي، فقير ڳائي ٻڌائي، پلي بيت پُڪائي:

منــگر گهــوڙو ڪــاهيو، ســاري حضــرت شــاه
سَتريون وجهي پيو سومرو، جِيوين لنب جو لُــٽي گاه
داهــوڙي ديميــن مــان، اچــي تمــر لڏائيــن
تــون متــان مــون ڏي اچيــن، مَــت مُــنهنجو نــانهين
آءُ وڙهنــدس ننــگر راوَ ســان، آهــي وڳهـــ وريامـــا
تڏهن منگر هنيئن تَري هاتي کي، ڏاڍي ڪست منجهان
چلـم ڪـري پيـس چـَــپ تــان، ٿانـدن ڪــاڏُس ٿاهــ
هــيءَ نــہ ويــل وڙهڻ جي، منهنجو وقت اَمَــل جــو آهـہ.

منگر سومرو گهوڙو ڪاهي هليو، ٻنهي پاسي تلوار جا سَــٽڪا هجن. سچي ڪبي، رڳا ڌڙ پيا ڏڪن، سر ليبي ئي ڪونہ. جنهن مهل تالا تمر جي ويجهو آيو، تــمر سجاتو تہ منگر پيو اچي. مــگ وارو مارو اتس. تمر ويچاري موالي اُنهي مهل نشو ڪيو هو. پُست، مانهہ ۽ ڪَڻ، ست ڏينهُــون چريي ڏاتوري جا ۽ پاءُ پنگ جو گهوٽي تيار ڪري، گهڙو پيري، يَــڪي سَــٽ سان ڳڙڪائي چڏيندو هو. هاتيءَ جي پالڪيءَ ۾ چلم تازي نهرائي رکي هئائين. پهرئين وزم جو نڙ چپ تي رکيو هئائين. پالڪيءَ ۾ ناتينو [1] ڪُــتو پيــو هوس ۽ امل ڳاڙ

[1] ناتينو = آفيم جي ڳاڙ ناهڻ جو.

پئي تيو. دل ۾ ويچار ڪيائين تہ ڪجھ نشو ڪيو اٿم. ڳاڙ رهي پئي آهي اَمل جي، ۽ چلم جو وزم بہ پڪو ڪونہ ڪيو اٿم. انهي ايرادي ۾ منگر کي چوڻ لڳو تہ: تون منهنجو مَــٿ شاني ناهين. منهنجو مقابلو ننگر سان آهي. اهي اکر ڳالهايائين تہ من تري وڃي تہ نشو ڪري ونان. اها ڳالھ ٻڌي منگر کي ڪار لڳو. نڪاءُ ڪيئين ڪست مان ٻئي تَريون هاٿي کي. هاٿي جا چار ئي پير نڪري ويا. ڪيڏنهن نڙ، ڪيڏهن توپي، ڪيڏنهن گوءِ، ڪيڏنهن چلمِ. تاندن اچي ٽيڙا ٻڌا. ناتينو هارجي خلاص ٿي ويس، منگر سومرو ڏوڙي اچي ڏِ ڏِي تي چڙهي ويهي رهيس. تمر لڳو نالا الله جا وجهڻ تہ: منهنجي ويڙھ جو هي وقت نہ هو. جو اجان اَمل جي ڳاڙ رهيل هئي. منگر چيس تہ: گهٽا ڏينهن پُــتا خلاص ڪيا اٿئي! نڪاءُ ڪرايئينس خنجر، سِـر جدا ڌڙ جدا. ڪڙڪو ڪري وڃي پري ڏنو، چڻ لَـڏي مان اُٺ تان مُــهري ڏهي پَـئِـي. سر نيزي ۾ نشان ڪيئينس. ڪٽي پنهنجي طنبو ۾ آيو. ننگر سومري ويهي عـالادين ڏي خـط لکيو: چو تو مسڪينان مار ڪرائين، تون پاڻ پنهنجي سر چڙهي آ ميدان ۾ تـہ ڪا ڪل پوئي! خط سـٽڪو ڪيو عالادين بادشاھ وٽ. عـالادين خط پڙهڻ شرط هينئين ڏھ ڏَھ ڪيس. ڪَـسڪَـٽ ڦري ويئي، تڏو ساھ يري چوڻ لڳو تہ: اهو ڪونہ وريو جو دانگيءَ جو ڏبڪو سٽي. چنيسر کي چوڻ لڳو تہ: نظر بيگ کي تون چوءُ تہ تنهنجي چوڻ سان آيو آهيان. ڏھ لک شڪارين جـا ماريـا. سورهن لک شيدي ماريا. ست لک گهرام خان جا ماريا. نَــوَ لک هنبس پنـاڻ جا ماريا. ڏھ لک ماڏن وزير جا ماريا. سورهن لک فتح خان جا ماريا. سورهن لک تالا تمر جا ماريا. هاٿي باقي تون رهيل آهين، تو وٽ بہ سورهن لک فـوج آهي، چڙهي وڃي ننگر سان جنـگ ڏي! چنيسر چوڻ لڳو: تـون بادشـاھ آهيـن، سورهن لکن جو صوبو آهي تہ بہ تنهنجي پاءُ اٽي جو نوڪر آهي، تـون حڪـم ڪرينس تہ چڙهي وڃي جنگ تي. عالادين نظر بيگ کي حڪم ڏنو تـہ: دشمن جو خط اچي ويو آهي، چڙھ جنگ تي! سو نظر بيگ وزير رڻ ميدان ڏي هلي، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پلي بيت پڪائي:

سـانجهي جـو لَـڏيا، نظـر بيـگ جـا سـامان
جنهن کي ٻارهن سؤ ٻگهِـي ملي، مليا گاڏين جا گهمسان
بـادل جيـن برسـي چڙهيـو، ڪـري آگم مينگهـ ملهـار

جيئَن ڪنوڻ تجلا اُڀ ۾، چنڊي جا مڪين جنسار
اچي لٿو رڻ منهن تي، روبهاه ڪري الغار.

نظر بيگ وزير سورهن لک فوج وٺي اچي رڻ ميدان وسايو. ننگر جا يار سوائي سمون، ڇٽو جاڙيجو، منگر دودي جو، پنهنجي ننگر يار کي بيت ڪرڻ لڳا:

آيا يار ننگر جا، عالم تو ڇون
نر نشي نوازيا، ’علي علي‘ ڪن
تون جوٽ جنگيون منهنجا پرين، اهڙيون مهلون ڪير لهن
پل بادل برسن رڪ جا، جنگيون جوين ڪن.

ننگر کي چوڻ لڳا تہ: اسان کي موڪل ڏي تہ هتان نَوَ لک ڏک ڇٽي وڃي، اڏ تي لشڪر ڪٽي پويس، سپاٽي هڪ جيترا تي لڙائي ڏيون. ننگر پنهنجي يارن کي بيت چوڻ لڳو:

اهي خلقيا آهن خدا جا، اُمتي مصطفيٰ
نيمڪ سندي ننگ تي، صدقو ڪيو اٿن ساه
سپاٽي سويون وس ستار جي، جنين ڏياري الله.

ننگر چوڻ لڳو تہ: چوري وڙهن چور، ٻولائي وڙهنداسون. مسڪين آيا آهن، پاءُ اٿي تي سر اچي قربان ڪيو اٿن. متان ڪو چوري وڙهي! رات جا پهر سڀ ڪنهن کي خير سان گذريا، رات وهاٽي، پرهه ڀاڪون ڪنيون، پناڻ جنگ جو نغارو شروع ڪرڻ لڳو:

رات وهاٽي ڏينهن ٿيو، اُڀريو تارو
پيڪي پير دليءَ جي، وڳو نظر بيگ نغارو
ڏچر تو ڏان ڏان ڪبري، هلي آءُ ننگر تون آءُ
ننگر چڙهيو ديم سان، ساري حضرت شاهه
ساوا، پيلا، گلاب جا، ٻڌا جهڙ جهنڊين
گاجين گجيا گُرزڙا تاوَ رکيا توفن
گل ميخون گاڏين کي، بيٺا جوان جڙنَ
لارين لاهه وڏا ڏنا، بس نہ بندوقون ڪن
ڪارابين ڪَهڪيا ، دُناليون دهڪن
ماڪڙ وَانگي مينهن جيئَن اچيو ڪان ڪرن
رڻ ۾ راهو منديو، گهوڙن ۽ گهوٽن.

نظر بيگ جنگ جو نغارو ڪيو. گھوڙن ۽ گھوٽن اچي رڻ ميدان وسايو.

”ڪـڏهن ڳـاڙهو گھـوٽ، ڪـڏهن مڙهـ مقـام ۾
واريءَ سـنـدا ڪـوٽ، آڏي اڏينديـن ڪيتـرا“.

اها ڀھرين لڙائي تير ڪمان، توف بندوق، شيهي ۽ دارونَ جي هلي، جنهن ۾ ڪيئي لشڪر سڙي ويا. تنهن کان پوءِ وري لڙائي تي ڪٽاري، ڪاتي، ۽ ترار جي. سو شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پلي بيت پُڪائي:

اچي وڙهيا ڪٽـارئين ڪـاتيين، تـا ٻرچـون ڀـال هٽـن
مـردن متـان رڪ جـون تـاوَ تراريـون ڪـن
مـَـر سـي مـائن ڄائيـا، جـي اورانگھيـو اچـن
ڏڙ جنـي جـا ڏوڙ ۾، للنگھـ تـا ليٽـن
ڪنهـا خفيفـن جـا، واڪـي سـاڻ وڄـن
پـُرزا پوشـيدن جـا اُڏريـو عـرش وڃـن
نديـون نيـر پلوٽيـون، وڳھـ واهـ وهـن
عضـوا اُمرائـن جـا لوهـوءَ منجهـ لڙهـن
هيـڏانهن بـ سـانَ ڪريـو ڀـون سومرا، ڀهـا ڀـٽ ڀـن
هـي پلتـي بـاز ڀنـاڻ آهـن، هڪـڙا اُتـن ٻيـا وهـن
ڪـاڪڙيجي ڪاهـ ڪريـو، ’علـي علـي‘ڪـن
گھـوڙا ڀـاريل تـن جـا، ڊوڙيـو ڏڪ هٽـن
هنيـو سـنگينون سـامهٽيون، گھـوڙي پيـٽ لڪـن
هـي دُريجـي دانـاءُ آهـن، حـاجي زئـي
هيـنـان جنـگ ننـگر جـي، متـان مينهـن ٻـڌو مـارو
هيـنـان جنـگ ننـگر جـي، متـان ڳجهـن ٻـڌا ڳـارا
ٻگھـن بـر وسـائيا، ڪونجـون قطـارون ڪـن
شيشـا لال شـراب جـا، ڪديـا ڪلالـن
ننـڍڙا يـار ننـگر جـا پيئنـدا ڀـاڻ وجـن
هـڻ وڙهـ وائـي وات ۾، ٻـي نـا بولـي ڪـن
يـڙ پوتـا پونـگر جـا، رونشـي رانـد رهـن
دو دسـتيون دانـاهن ڪـي، وجيـو هنـن منجهـ هٽـن

سَتريون پيا وجهن سومرا، لَنب جو گاهہ لٽن
ننگر سندي جنگ کان، پناڻ توبهہ توبهہ ڪن
پالڪيون پرزا ڪري، ننگر هول پڳا هاتين
پوءِ پڳئون پورن جا ڪريو ڪَڪا ڪيهون ڪن
تيرهن ڏينهن ترار سان، ڪيو مقابلو مردن
چوڏهين ڏينهن چوغان ۾، ڪي ڪي ديميون پيون دوئنڪن.
پندرهين ڏينهن شعاع تيو سج ڏنو مردن
ننگر چيو منگر کي، وٺ گهوڙا ماريون
ننگر چيو منگر کي، وٺ طنبو ساڙيون
گهوٽ ڏين تا گهمريون پائي پنجوڙيون
انهن وڙهندي پاڻ ۾، متان آيو منگر راءُ
اتي بگڙيو شير وڳهہ جو، چڙيو ننگر راءُ
ڏنئين نظر بيگ ڪسي، ڏاڍي ڪست منجهان
تہ ڳهلا دليءَ شهر جا، تو ڏڙ ڪڳل ڪاڏا
پڳو اندر طنبوءَ ۾، ڪيائين بند دروازا
ننگر هٽي ترار طنبوءَ کي، کوليئين دروازو
ننگر نام الله جي، مون بندي ڪج بچاءُ
پيچ سجاڻج پگ جو، تنهنجي اَبي ڏني آ
ننگر تنهنجي جان ۾، نَوَ ويهان ڏهہ ڏڪ آ
ڏي سر نام الله جي، تنهنجا مون تورا
جڏهن کونڌر کنڌ ورايو، چتو ڏيهہ جهانا.

جڏهن ترار جي لڙائي شروع ٿي تہ اڳيان پٺر لشڪر جا ڪريو ٿي پيا، تن جي پنيان وري سورهيہ غازي هڪڙي هڪڙي وک لک لک جي ڪٽي اچيو اڳتي سر ڏين. پيا وري ماني جا مارا، اهي چا ڪن جو ڪٽي لاش هٽڻ اُنهين هينان ٿبي. پناڻن جا بہ لک چٽ ٿيِ ويا. اهڙي لڙائي ٿي جو انهين ڏينهن بہ قدرتي مينهن اچي پيو متان. رڻ ميدان جا واهہ ۽ تلاءَ اڳيئي رت سان پريا پيا هئا. وري جو اچي مينهن پيو، تنهن تہ هيڪاري پاڻي ۽ رت جو ڪم وڌائي ڏنو. تنهن ۾ پندرهن راتيون پندرهن ڏينهن لڙائي هلي، جنهن ۾ ننگر جو بہ لشڪر سڀ

مارجي ويو ۽ باقي فقط پاڻ ۾ ٻہ ڇٽا سوٽ بچيا منگر ۽ ننگر، تن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ: لشڪر سڀ مارجي ويوسون. باقي ڪي ٿورڙا واجبي ماڻهو رهيا آهن، اُهي ڇا ڪندا! شايد هن لڙائي مان پاڻ بہ نہ بچنداسون. تنهنڪري جيڪا پنهنجي ملڪيت طنبو اُهي ساڙي ڇڏيون. گهوڙا پنهنجي سواري وارا سي بہ ماري ڇڏيون، متان اسان جي ملڪيت دشمن ڪي پلئہ پوي. طنبو ساڙي ڇڏيئون، گهوڙا ماري ڇڏيئون. منگر بہ انهين ڏينهن زخمي ٿي هلندڙ لڙائي ۾ مارجي ويو. ننگر دل ۾ ويچار ڪيو تہ منهنجو بہ جيئڻ هاڻي بيڪار آهي. شاعر ڏيکاريو آهي تہ ننگر جي جان ۾ نَـوَ ويهون ۽ ڏهہ ڏڪ شمار لڳل هو. انسان هڪڙي ڏڪ جو بہ قوت ناهي. تيرن ۽ ترارن سان جان چپيل ۽ ڦيهيل هئي، زرهہ جي ڪري زرهہ ۾ بند هئي، وڃڻ ڪان وڏي هئي. تنهن ڪندي پهلوان بہ هو، جو ايترا زخم جان ۾ جهلي لڙائي ڏنائين. جڏهن نظر بيگ ڪي طنبو ۾ ننگر سومرو اچي رسيو، تہ نظر بيگ وزير ننگر ڪي الله جو اسم وڏو تہ: منهنجو بچاءُ ڪر. تنهنجي پيءُ سان منهنجي ياري آهي، اسان پڳون مٽايون هيون، هي پڳ منهنجي سڃاڻ تہ پٽهين جي ڏنل آهي. الله ڪي بہ سڃاڻ محمد مصطفيٰ جو محابو بہ سڃاڻ. تون گهايل آهين، مٺو بينو آهين. ڪو خسيس ماري ويندئي، نالو ۽ نيڪي وڃي انهي جو ٿيندو. سخي غازي آهين، واٽ الله جي سر مونکي ڏي تہ منهنجو نالو ٿئي. ننگر پهلوان بہ دل ۾ سمجهيو تہ سچو آهي، هروڀرو اجايو ٿي مرندس، ستائي ٿو، دنيا دم گذر آهي، ڏيان ٿو سر نام الله جي. ننگر راءِ رب جي نام تي سر نمائي ڏنئينس، جنهن خنجر سان شهيد ڪري ننگر پهلوان جو سر لاهي ورتو. اتي عالادين جي اڙدن ۽ لشڪر ڪي مبارڪ ملي تہ سڄي جهان تان ڪفارت اچ لٿي. جي ننگر حياتي هجي ها تہ بچڻ ڪونہ هو. ننگر جي مارئي ڪان پوءِ چنيسر زار زار رنو تہ پائيٽو ۽ پٽ، ڳاني ٻڌا گهوٽ اچ ڪسي ويا. وڳهہ اچ ويران ٿي ويو. باقي رهيل آهي دودو، ننگر ۽ منگر جا لاش ويندا وڳهہ. دودو چڙهندو جنگ تي، ننگ بي وارثيا ٿي پوندا. دل جو سور دل ۾ رکيائين. ننگر ۽ منگر جا لاش ڪٽي وڳهہ روانا ڪيائين. لاش وڳهہ پهچن، شاعر بيت ڪري، فقير چئي ٻڌائي:

لاشا ننگر ۽ منگر جا، ڪڇي در وڳهہ آئيا
محلي ۾ ماتام ٿيو، دايون در متان

اول اسان جا سر قربان آهن. جيئن تنهنجا سومرا، گُجر، تونئر، جاڙيجا، راڄڙ، پٽي ۽ ٻيون قومون سر قربان ڪري ويا، اسان ائين قربان آهيون. ننگر منگر جا لاشا نهراج تيا، تي ڏهاڙا پتر تيو. دودي لشڪر تيار ڪيو. پنهنجي فقير ڪي محلي ۾ گهرائي، فقير کي چوڻ لڳو تہ: اصل فقير آهين، مان جنگ تي چڙهيو تو وڃان، لڇون بي واهيون آهن، انهيءَ لاءِ ڪا صلاح ڏينم. ياڳُو يان چوڻ لڳو تہ: ڏٺي تون آهين، وس سهنجي آهي، صلاح جو فيصلو بہ تون ڪر، وٽندڙ ڳالهہ جي وڏائي آءٌ ڏيندس. سومرن جي آسپاس ٻيون بادشاهيون، چوٽي تـڪ جون رياستون، جهڙوڪر "سهتو" بادشاهہ هو، ٻيو "موريي" جي بادشاهي ۽ "محمد ابڙو". دودو، محمد ابڙي سان ڪجهہ ڪَٽـيل هـو. ڪنهن گذريل زماني ۾ دودي ۽ محمد ابڙي، چوپڙ ۽ ڏاري جي راند ڪئي هئي. راند ۾ دودي محمد ابڙي جي ساري ماري. ساريءَ کي دودي ڏڪ هنيو تہ اُها ساري تيڙ ڪائي وڃي محمد جي جهوليءَ ۾ پيئي. دودي، محمد کي چيو تہ: اها ساري ماري اٿم، راند جي پَوئن ۾، ساري مون ڪي ڪٽي ڏي! جنهن تي محمد سوال ڏنو هو: ساري تو برابر ماري آهي، پر واپس ڪونہ ڏيندس. دودي چيو: چو؟ محمد چيو تہ: ساري سام اچي پيئي آهي. تنهن تي دودي چيس تہ: راند ۾ ضد نہ وڏاءِ! محمد چيو تہ: ضد جو سوال نہ آهي، سالڪن چيو آهي تہ "سِر ڏبو سام نہ ڏبي". سومرا اڳئي ڏاڍا جوان ۽ دل جا سخت هئا، دودو ترار ڪڍي، پڙڪو ڏيئي اٿيو. محمد ابڙو بہ ترار ڪڍي اٿيو، تہ سِر ڏيندس ساري نہ ڏيندس. تنهن کان پوءِ ٻيا ڪيترا امير وينا هئا، جن وچ ۾ پئي هنن جو ڦڏو بند ڪيو. انهي کان وٺي، دودي کي محمد تي ڪٽ رهندو هو. دودو چوڻ لڳو ياڳُو يان کي تہ: منهنجي صلاح آهي تہ سامُون موريي وٽ ڇڏجن. فقير انڪار ڪئي تہ: نہ. وري دودي چيو تہ: ڀلا سَهتي وٽ سام ڇڏجي! فقير چيو نہ. فقير کي چيائين تہ: ٻہ دفعا تو انڪار ڪئي آهي، ٻيو ڪنهن وٽ سام ڇڏيان؟ ياڳو يان چوڻ لڳو تہ: هاڻي گستاخي معاف ڪجو. آءٌ تو اوهان کي سهڻي صلاح ڏيان. فقير کي چيائين تہ: ٻڌاءِ فقير چيو تہ: سام انهيءَ وٽ ڇڏ، جنهن ساري تي سِر ڏنو. دودو چوڻ لڳو تہ: ڳالهہ بہ ڪئي آهي تو. سالڪن اڳئي چيو آهي تہ "جيڪو ڳالهائي سو در ڏئي". هاڻي سامُون ساڻ وني گڏجي بہ وڃ تون. تو فقير جي اها مدد ڪافي آهي، جو نيڪ صلاح ڏني اٿئي. هاڻي

منهنجي الله واهي. سو دودو تياري ڪري، شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پلي بيت پُڪائي:

ڪوني چيائين سئيس کي، منهنجي ٻورڻ ڪاهي آءُ
لعلون هجنس لغام تي، ڪمي ڪند تي نانهہ
گُل سهٽا گاديءَ تي، جهڳمڳ جا جهوڙا
روڪي چڙهان رڪيب ۾، ساري حضرت شاهہ
وجي پٽيان قناتون مغل جون، دلِي ڪاوي داءُ.

دودو لشڪر وني، تيار ٿيو. رڻ ميدان ڏي ڪاهيائين. 'ڀاڳو ڀان' شهزادي ٻاگهي ۽ ٻيا، محلي ۾ ڪوٽ جا ماڻهو ساڻ وني، محمد ابڙي ڏانهن هلڻ لڳو. محمد ابڙي ڏي اڳيئي هڪڙو ماڻهو روانو ڪيائين تہ: دودو ويو جنگ تي، آءُ فقير دودي جي طرفان تو ڏي سام وٺيو پيو اچان. اهو نياپو محمد ابڙي کي سام جي پهچڻ کان اڳ مليو. نياپو ٻڌي محمد ابڙو پنهنجي محلي اندر آيو. پنهنجي قبيلي کي چيائين تہ: هڪڙي موئت جي ماريل سام، دودي جا ننگ، پنهنجي محلي ۾ اچن ٿا، توهان پنهنجا اهي ويس لاهي ڇڏيو، ڪارو ويس ڪريو، اهي گلم غاليچا ۽ پلنگ ڪٽي پاسي ڪٽا ڪريو. تڏو وڇائي هنن سان هم شريڪ ٿي ويهجو. متان هُو ڏکويل پاڻ کان رنج ٿي وڃن! محمد ابڙي جو اهو حڪم برجاءِ ٿي ويو. سڄي محلي ڪارو ويس ڪيو. پاڻ بہ ڪارو ويس ڪيائين ۽ پنهنجو تاج لاهي ننگو سر ڪري ويهي رهيو. محمد ابڙي جوپٽ نالي "سپڙ"، سؤ گهوڙن سان، اڳيان سام جي پيشوا ٿي وڃڻ لڳو. محمد ابڙي کي خبر پئجي ويئي تہ منهنجو پٽ سؤ گهوڙي سان، سام جي پيشوا ٿي ويو آهي. سو پاڻ ترار ڪٽي پُٽ جي مارڻ لاءِ تيار ٿي آيو. جڏهن پٽ جي نزديڪ آيو تہ سام بہ هنن وٽ پهچي ويئي. محمد ابڙي پنهنجي پُٽ جي مارڻ جي ڪوشش ڪئي تہ: ڪاري ويس سان سام اچي ٿي، ۽ تو پنهنجي خوشي ملهائي گهوڙن تي سوار ٿي، عورتن جي اڳيان پيشوائي ڪري، پنهنجي هلڪائي ڏيکاري، اهو بادشاهي شان نہ آهي. انهيءَ غصي جي ڪري، شهزادي ٻاگهي، محمد ابڙي کي چوڻ لڳي تہ: انهيءَ گناهہ جي معافي آءُ سام تي گهران. تنهن تي محمد ابڙو پنهنجي پٽ کي بيت چوڻ لڳو:

پُٽ منهنجو آهين ڪينڪي، آهين ڇٽ ويا ءُ
رايو رکئين تو راڄ جو، نہ تہ گهوٽ وهايائين گهاءُ.

اهو بيت. ڪري محمد ابڙو پوئين پيرين پنيرو ٿي، شهزادي باگهي ڏي هلڻ لڳو. شهزادي باگهي، محمد ابڙي کي ڏسي تہ مٿو ۽ پير اگهاڙا اٿس. پاڻ بيهي رهي. شهزادي باگهي جي بيهڻ ڪري محمد بہ پنيرو پري بيهي رهيو ۽ شهزادي باگهي کي پليڪار ۽ آجيان ڪيائين. شهزادي باگهي چوڻ لڳي تہ: ادا محمد! چو تون اسان ڏي منهن نٿو ڪرين؟ محمد ابڙو چوڻ لڳو تہ: مون وٽ اهي بي شرميون اکيون نہ آهن جو دودي جي ڀيڻ ڏي سامهون نظر وجهي ڏسن. باگهي چوڻ لڳي تہ: ادا محمد! جزاڪ الله، جهڙو ٻڌم، تهڙو ڏٺم! محلي ۾ پهچي ويا. شهزادي باگهي ڏٺو تہ اسان جي اچڻ موجب محلي ۾ بہ تڏو وڇايل آهي، سندس ڪٽنب جا سڀئي ماٿهو سر ننگا ڪيو وينا آهن. شهزادي سام کي بہ تڏو مليو. انهيءَ تڏي تي شهزادي باگهيءَ جي عزيزن ۽ قريبن جي موٽ جا ڏک فراق، شهزادي باگهي سان ملهايا ويا. هڙ ئي حال هڪڙو ٿي رهيو. سام وجي سوگهي ٿي محمد ابڙي وٽ.

دودو سومرو بہ منزل بہ منزل پهچي ويو رڻ ميدان ۾. عالادين بادشاهه سان اڳئي چنيسر جا واعدا بيان ڪيل هئا تہ: دودو تنهنجي مارڻ جو ناهي، اهو منهنجو توسان واعدو آهي تہ توکي آءُ ماري ڏيندس. عالادين چنيسر کي چيو تہ: واعدي پوري ڪرڻ جو موقعو تنهنجو هاڻ آيو آهي. چنيسر چيو تہ: دودي جي مارڻ جو! تنهنجو مون سان واعدو آهي. اها خبر پاڻ ۾ ڪيائون. سج لهي ويو، رات پئجي ويئي. عالادين جو پٽ، نالي سالار خان جنگ تي تيار ٿيو. سورهن لک فوج هيس. رات گذري، پرهہ باکون کنيون، سالار خان جنگ جو نغارو ڪري، فقير چئي ٻڌائي، پلي بيت ٻڌائي:

رات وهائي ڏينهن ٿيو، اُڀريو تارو
غوث بهاؤ الحق جو نر هڻي نعرو
پيڪي پير دلنيءَ جي، وڳو سچالار نغارو
ڏچر تو ڏان ڏان ڪري، هلي آءُ دودا تون آءُ
دودو چڙهيو ديم سان، ساري حضرت شاه
ساوا پيلا گلاب جا ٻڌا جهڙ جهنڊين
اچي وڙهيا ڪناريين ڪاتين، تا ٻڙچون پالَ هڻن
مردن مثان رڪ جون، تاوَ تراريون ڪن

مــــر ســــي مــــائن ڇائيــــا، اورانگهيـــــو اچـــــن
ڏڙ جنـــــي جـــــا ڏوڙ ۾، للهنـــــگ تـــــا ليٽـــــن
ڪنـــــا خفيفـــــن جـــــا واڪـــــي ســـــاڻ وچـــــن
پـــــرزا پوشـــــيدن جـــــا اُڏريـــــو عـــــرش وچـــــن
نديـــــون نيـــــر پلوتيـــــون، وڳهـــــ واهـــــ وهـــــن
هـــي دُزيجـــــي دانـــاءُ آهـــن، حـــاجي زئـــي هٽـــن
ڪـــاڪڙيجي ڪاهـــ ڪيـــو 'علـــي علـــي' ڪـــن
پلٽي بــاز پنــاڻ آهــي، تنهــن جـُـنگ ســان نــاهي جــاءِ
گهـــوڙا پـــاريل تـــن جـــا، ڊوڙيـــو ڏڪ هٽـــن
هنيو سنگينون سامهٽيون، وجـو گهـوڙي پيـٽ لڪـن
دودي پـالڪيون پـرزا ڪـري، هـول پڳـوڻ هـاتين
پوءِ پڳوڻ پـُورن جا، ڪـريو ڪـَڪا ڪـيهون ڪـن
اڳيان هاتي ڏنئيـن راولو، جنهـن تـي ڊوهـ ڪيـو ڊوهـن
پـالڪي هـُـئس تــامي جــي، پريــل هئــي بڙچـــن
دودي جـي نـُـري تـپ ڏنـو، پڙڪـــي منجهـ پــالن
گهـوڙي ۾ سـوار مـري پيـا، جـن ڪـي لڳـو زهـر سـنڌن
دودو ڊنـــــو رڻ ميـــــدان ۾، پـــــــو پوچـــــن.

جڏهن سالار خان لڙائي جي تياري ڪري جنگ جو نغارو ڪيـو، ۽ دودو بـہ پنهنجي لشڪر سان تيار ٿيو، اچي رڻ ميدان ۾ لڙائي شروع ڪيائون. ڪتاري ڪاتي جو جهيڙو ۽ ڪَني جي ڪيڏ هلي. لڳل لڙائيءَ ۾ عالادين چنيسر کي چيـو تہ: دودي جي مارائڻ جو واعدو پورو ڪر! صلاح چنيسر ڏني تہ: تامي جي پالڪي اُها پنهنجي راولي هاتي تـي رکـاءِ، جنهـن ۾ زهر جا پالا ۽ بڙچيون، ۽ زهر مان سَنڌي، پالڪيءَ ۾ اُيا ڪري، بيهار. دودي جي گهوڙي اُڏامي بالڪي ۾ بيهندي آهي. پاڻهي دودو گهوڙيءَ سميت ختم تي ويندو. بيو وڏيڪ تہ دودو منهنجي مارڻ جو نہ آهي. چنيسر جي چوڻ سان، انهيءَ ريت هاتي تيار ڪري، هاتين کي نمبر سان بيهاري ڇڏيائون. پهريائين مـُهڙ ۾ بيا صوبا ۽ هاتي هـُئس، انهيءَ دغا ۽ کوٽ جي دودي کي خبر ڪانہ هئي. دودو لڙائي ڏيندي، هاتي ماريندو، صوبا ماريندو، گهوڙي ڪاهيندو، لشڪر سان پئـي

جهيڙو ڏنائين. جڏهن مُهڙ وارا هاٿي ماري آيو تہ دودي کي پڪ ٿي تہ وڏو سپہ سالار بہ انهيءَ ۾ آهي، جو پالڪي ٿامي جي اٿس. دودي پنهنجي گهوڙي کي ونئي زور سان ڪاهيو ۽ ﭘنهي پاسي تيز تلوار پئي وهائي. جڏهن انهيءَ هاٿيءَ وٽ رسيو، گهوڙيءَ جون واڳون کنيائين. گهوڙيءَ کي قدرتي پَر هئا، سا پَڙڪو ڪائي اچي پالڪي ۾ لٿي. پالڪيءَ ۾ اندر ﭘڙڇيون، ڀالا، تير، زهر سان سَنڌيل رکيل هئا گهوڙي مٿان ٿي تہ پالڪي ۾ اندر ﭘڙڇيون ۽ ڀالا، گهوڙي ۽ سوار مان چڙهي پيا. گهوڙي اڳئي ٿامي جي فرش تي بيهندڙ هئي. جيڏي مهل ٿامي واري پالڪيءَ تي گهوڙيءَ جا پير لڳا تہ گهوڙيءَ کي بہ معلوم ٿيو تہ شايد پنهنجي ناڻ تي آئي آهيان. دودي گهوڙيءَ جون واڳون سنڀاليون، پر عرصي ڪاڻ ڪان، گهوڙي پڙڪو ڪائي نہ سگهي، تيسين گهوڙيءَ کي ۽ دودي کي ڀالن وارو سَنڌيل زهر سنڌن ۾ ويهي رهيو. دودو بيهوش ٿي ڊهي پيو. عالادين جي لشڪر ۾ ساهہ پئجي ويو تہ اسان جي مٿي تي جا ملامت ۽ مصيبت هئي، سا چنيسر جي صلاح سان قدرت اسان تان معاف ڪئي.

دودي جي مرڻ ڪان پوءِ عالادين چيو تہ: جنهن دودي جو دِلي سوڏو ڏاڪو هو، چنيسر! هَل تہ ڏسي اچون. عالادين ۽ چنيسر گڏجي رڻ ميدان ۾ دودي کي ڏسڻ آيا. جڏهن اچي ڏنائون تہ دودي جا ﭘئي شَهَپر هوا جي وسيلي ڦڙڪڻ لڳا. عالادين کي خوف ٿيو تہ آءٌ جو دشمن آهيان، دودي جي مُنهن تي پيو آهيان، تڏهن ٿا دودي جا شهپر ڦڙڪن. سو عالادين پنهنجي پير سان دودي جي لاش کي ٺُڏي جو اشارو ڪري، چوڻ لڳو تہ: منهنجي لشڪر ۾ چڏيو چا اٿئي جو منهنجي آئي تنهنجا شَهپر پيا ڦَڙڪن! اتي چنيسر کي خار لڳو تہ: دودو تنهنجي مارڻ جو هو جو مُئل مڙس کي ٺُڏا ٿو آڇين! اها ڳالهہ ڪري چنيسر اچي بگڙيو. عالادين کي چيائين تہ: دودو مون مارايو، مئل کي تو ٺُڏو ڇو هنيو؟ هاڻي آءٌ توکي نہ ڇڏيندس! اها ڳالهہ ڪري ترار ڪڍي اچي عالادين جي لشڪر ۾ پيو. تي منزلون پوئتي عالادين کي هٽايائين. عالادين چنيسر کي چوڻ لڳو تہ: دانهن بہ تنهنجي تي آيس، وري دشمن بہ تون ٿيو آهين! ائين بہ ڪڏهن ٿيو آهي؟ چنيسر پنهنجي واعدي ڏي ڏسي، ﭘاڻهي ﭘاڻ کي گهات ڪيو. عالادين تي فرض رکيو هئائين تہ منهنجو لاش وڳهہ پهچائج. سو عالادين چنيسر جو لاش، وڳهہ روانو ڪرايو ۽ ﭘاڻ بہ ڪاهہ وڳهہ تي ڪيائين تہ سومرا سڀ مارجي ويا. باقي ﭘاڳهي جي ﭘانهن، اُها وٺيو وڃان.

هـي پلتيبـاز پنـاڻ آهـي، هڪـڙا اٿـن ٻيـا وهـن
گهـوڙا پـاريل تـن جـا، ٻوڙيـو ڏڪ هڻـن
هنيـو سـنگينون سـامهٽيون، گهـوڙي پيـٽ لڪـن
پـالڪيون پـرزا ڪـري، هـول پڳـوُن هـاتين
پوءِ پڳوُن پـُورن جا، ڪـِريو ڪـَڪا ڪـِيهون ڪن.

—

محمـد گهـوڙو ڪـاهيو سـاري حضـرت شـاهه
ڪـاهي هليـو ڪٽـڪ ۾، تـابش ڪـري تـاءُ
وٺـان ويـر سـومرن جـو، جـي وِڳهــ ورياما
گهوريا سـِـر سام تان، جا آئي وِڳهه ڪوٽ منجهان
پـُـوريون ڪيـون پـاڻ ۾، سـَـپڙ ۾ سـالار.

اچي پناڻن ۾ ابڙن جو پاڻ ۾ مقابلو ٿيو. شهزادي ٻاگهي سامَ جو محمد ابڙي کي چوڻ هو تہ: ادا محمد! لڳــي جنگ مان بہ هر روز مون کي خبر سـُڻاءِ. محمد ابڙو، سام جو سـِير ايترو سمجهندو هو. جو پنهنجي گهر سامَ وٽ ايندو هو تہ پـُنيرو ٿي ايندو هو، ۽ پنيرو ٿي ڳالهائي ويندو هو. ٻاگهي ستائيندي هيس تہ: ادا محمد! تون مون کي پنهنجو مـُنهن ڏيکارين تہ آءٌ پنهنجي دودي ياءُ جي مـُنهن جي سِڪ، تنهنجي منهن مان ڏسي پوري ڪريان! محمد چوندو هو تہ: مائي! تـُنهنجي منهنجي ڏي آءٌ ڏسندس، هـڪ تہ منهنجو هيانءُ ڦاٽي پوندو، ٻيو تہ سام جي منهن ڏي ڏسڻ بي ادبي آهي. انهيءَ لڳل جنگ ۾ سانجهي صبح، محمد، ٻاگهي جي دلاسي لاءِ ويندو هو ۽ شهزادي ٻاگهيءَ کي چوندو هو: الله ڪندو توهان جو دشمن ماري آءٌ دل خوش ڪندس. پلا، دنيا دم گذر آهي، جنهن ڏينهن ڏسين تہ محمد ابڙو ٻاهرئين دروازي تي تلوار جي ٽيڪ تي سـِر رکيو ويٺو آهي، انهيءَ ڏينهـن پنهنجـي الله کـان پناهہ گهرجئيـن ۽ پنهنجي همت پاڻ ڪجئين.

جڏهن محمد ابڙي جو پٽ سَپڙ لڙائي ۾ مارجي ويو. تڏهن عالادين جو پٽ سالار خان، اهو پڻ لڙائي ۾ مارجي ويو. جيئن تہ شاعر ڏيکاريو آهي تہ "سپڙ ۽ سالار، پوريون ڪيون پاڻ ۾". هتان هـُن جو ڏڪ آيو، هـُتان هن جو ڏڪ آيو. اهي بہ ٻئي جنگ ۾ ختم ٿي رهيا. محمد ابڙو گهائجي پيو، تنهن

ڏنو تہ هينئر منهنجو بچڻ ڪونهي. سام سان واعدو ڪيو اٿم. اهو واعدو پورو ڪرڻو اٿم. هلندڙ جنگ ۾ جهندو ڏيکاريائين. جنگ بند ٿي رهي. محمد ابڙي موٽي اچي پنهنجي لَڪِي دروازي تي تلوار جي ٽيڪ پنهنجي نراڙ کي ڏئي ويهي رهيو. قدرت، اُتي دم پرواز ٿي ويس.

باگهل جي بائي جي هردم نظر دروازي ۾ هوندي هئي. تنهن ڏٺو تہ محمد ابڙو ترار جي ٽيڪ پنهنجي سر کي ڏيو وينو آهي. شهزادي سڏ ڪري محمد سان ڳالهايو، پر محمد سڏ نہ ڏنو. تڏهن شهزادي باگهل هڪل ڪئي تہ: محمد ورندي نٿو ڏئي. ڏسو متان گهائجي آيو آهي! ماڻهو اڳتي وجي جانچ ڪرڻ لڳا تہ محمد ابڙو گذاري ويو. اها خبر شهزادي باگهي ٻڌي، دل ۾ ويچار ڪيو تہ جنهن سِر جو بانور هو، سو پُٽ ۽ ڪٽنب سوڌو قربان ٿيڻ رهيو. هاڻي منهنجو الله کان سواءِ ڪوبہ وارث ڪونهي. هَت دشمن جو گهيرو آهي. تنهنڪري باگهي ڪوشش ورتي وري وڳهہ ڏي موٽڻ جي. راتو واهہ باگهي وڳهہ ڏي موٽي ۽ صبح جو عالادين ڏنو تہ لڙائي نہ لڳي، الاٽي ڇو؟ اُتي معلوم ٿيس تہ محمد ابڙو، پٽ ۽ ڪٽنب سوڌو مارجي ويو، ۽ سامون وري وڳهہ ڏي موٽي ويون. عالادين بہ وڳهہ تي تياري ڪئي. جيڏي مهل تيار ٿيو تہ سندس گهڻو لشڪر لڪي پڃي ويو. باقي ڪي سپاهي واجبي هن سان گڏجي وڳهہ تي چڙهي آيا. باگهي بہ وڳهہ جي ڪوٽ تي پهچي وئي تہ عالادين جي لشڪر پڃي وڳهہ جي ڪوٽ تي سنڪو ڪيو. عالادين جو لشڪر ڏسي شهزادي باگهي بيت چوڻ لڳي:

باگهي روندي آئي، لَڪي در متان
تہ وارث منهنجا وير هئا، وڳهہ ورياما
گهوري سر گهوٽن ٿيا ڪوڙين قربانا
نالي نام اللہ جي، ڪو بَندين ٿئي بچاءُ
ذرتي جي مون جاءِ ڏيوي، ٿيوان زمين ۾َ ضايع.

عالادين جو لشڪر ايندي ڏسي باگهي رب کي سوال ڪيو تہ: يا الله! وارث منهنجا جيئِي هئا، سي سڀ مون قربان ڪري ڇڏيا. منهنجو وصي وارث تو الله کان سواءِ ٻيو ڪو بہ ڪونهي، هاڻي تون پناهہ ڏي! الله مهربان آهي، تنهن ٻلاٽي ڪئي، زمين ٻيرن کان ڦاٽي پيئي، باگهي ساڻ جيئِي ننگر دودي جا

ڪوٽ ۾ اندر هئا، ۽ جن تي شريعت موجب حق نڪاح جو چوڻ آکڻ نہ هو. اُهي سڀ زمين داخل ٿي ويا. باقي رهيل ماڻهو تن کي دشمن اچي گهيريو ڪيو. عالادين ٻاهران جنگ جو نغارو ڪيو. اندر شهزاديون پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ لڳيون تہ: پنهنجا وارث سڀ قربان ٿي ويا. باقي پنهنجا سر رهيا آهن، جن تي عالادين گهيرو ڪيو آهي، هاڻي پاڻ پي پنهنجي همت نہ ڇڏيون! مردانا ويس رکيا آهن، سيڪا پنهنجي مرد جو وڳو پائي ۽ دستار بندي ڪري، پنهنجي ڪمر تي ترار ٻڌي، سپر هٿ ۾ ڪٽي، پنهنجي الله کي سنياري، جنگ جو نغارو ڪيون. پنهنجي سرن تان پنهنجا وارث ڪُسي سڀ قربان ٿيا، پاڻ بہ ائين سر قربان ڪريون، جيئن ويري هتان جيئرو ٻاهر وني نہ وڃي. اها صلاح دودي جي راڻي نالي 'پَتُل' پنهنجي ڪٽنب کي ڏني. راڻيءَ کي پيٽ ۾ اميدواري هئي، پڪا ڏينهن پورا ٻچي ڄمڻ جا ٿي رهيا هئا قدرت الاهي، انهي مهل ۾ راڻي پتل جي پيٽان ٻچو پيدا ٿيو، ۽ پُٽ ڄائو. پتل راڻي سندس نالو سندس ڏاڏي پونگر راءِ جو رکيو. پوءِ سندس ڪٽنب ۾ ماڻهن مردانو ويس ڪري، جنگ جو نغارو وڳهہ جي ڪوٽ اندران ڪيو. سو شاعر بيت شروع ڪري، فقير چئي ٻڌائي، سو پلي بيت پڪائي:

عالادين هلي آئيو لڪي در متان
وڳو نغارو جنگ جو وڳهہ ڪوٽ وچان
ڪُڙهو ڪنبي ويو ڪُستان جو، روئي رت مُنها
تہ نالي نام الله جي، مون بندي جو ٿئي بچاءُ
ٻاگهي سندي ٻانهن جي، مون دلئون ڇڏي دعويٰ
اوهين پرچو پاڻ ۾، آءٌ وريو ديس وڃان.

جڏهن اندران جنگ جو نغارو لڳو تہ عالادين ٻاهران اَمن جي گهُر ڪئي. دستور موجب بادشاهي رواج آهي تہ امن گهُر ڪرڻ واري تي امداد ڪندا آهن. هنن امن ڏنو ۽ شرط چوڻ لڳا تہ: اسان جا شرط پورا ڪر، جي شرط پورا نہ ڪندين تہ تو امن نہ گهُريو آهي. عالادين چيو تہ: سومرن مان ڪوبہ ڪونهي بچيو، لڙائي ۾ هڙ مارجي ويا، باقي ڪهڙو سومرو آهي جو مون سان جنگ جو نغارو تو ڪري؟ تڏهن اندران شهزادين چيو تہ: اجان هڪڙو پٽ دودي جو رهيل آهي، هينئر آيو آهي، هٿ نہ هئو، مديني ويل هو. انهيءَ کي خبر پيئي آهي، اُهو

جنگ جو نغارو ڪري ٿو. چوي ٿو تہ آءٌ پنهنجن جا پلاند ڪريان پر امن جي گھر ٿئي آهي. امن جي ڪري شرط ٿا گھرجن. وڳھ جي دروازي تي لک تہ آءٌ اُڙد وٺي آيس، سومرن مان مون نہ پرايو. سومرن ۽ سمن تي ڪير پيي سَڌ نہ ڪري ۽ لڙائي واسطي ڪاهي نہ اچي، جيترو مون پرايو آهي، بيو بہ ڪو ايترو پرائيندو. عالادين منظور ڪيو ۽ اهو حڪم لکيائين. تنهن ڪان پوءِ بيو شرط هو تہ دودي جي سلوار هينان لنگهي، سا دروازي تي رکيائون. انهي لانگ هينان ست دفعا لنگهي، اِهو واعدو بہ پورو ڪري ڏنائين جو رهيل لشڪر سوڏو لانگ هينان آيو ويو. انهن ۾ جيڪي لانگ هينان لنگهي ويا ۽ انهي ملڪ ۾ رهي پيا سي ’لانگاھ‘ پيا سڏائين. اول پناڻ هئا. عالادين سان گڏجي آيا هئا. جڏهن عالادين اهي شرط پورا ڪيا تہ عالادين گُھر ڪئي تہ ”آئي مجي سون، جهيڙو ٺُٺو“. چنيسر مون وٽ چوڏهن سال راتين جا ڪَٺي هو، تنهن ڪان پوءِ ننگر ۽ منگر ڏنم. بيا ڪئين بڌم. حياتي نہ ڏنم مئي پڇاڻان ڏنم. هاڻي دودي جو پُٽ مون سان ملي تہ بہ آءٌ ڏسان. اها ڳالھ بڌي راڻي جيڪو ننڍڙو ٻچو ڄائو هو، اُهو شهزادو سوني ٿالھ ۾ سمهاري، سون جي تنجڻ سان تنجي، ’لکمان‘ نالي ٻانهي کي ڏنائين تہ کڻي وڃي عالادين جي روبرا. جڏهن ٻانهي لکمان، انهي ننڍڙي ٻچي کي عالادين جي اڳيان کڻي آئي ۽ چيائينس تہ: اهو هيءُ آهي: تڏهن عالادين دل ۾ سڙي ويو تہ مون سان هي تَرڪٽ ٿيو. نہ تہ معصوم جي ڪري لڙائي ڪيئن ڦٽي ڪيان ها. اِهو غصو دل ۾ آنديئين تہ الله جي برڪت ۽ قدرت سان انهي معصوم ٻچي درهڙيون ۽ چرڪ ڪائي، پنهنجي جان ڪان وٺي ڏوڙيو، ۽ هُونگرون ڏيڻ لڳو تہ قدرت سان اهي تنجڻ ٻڌل ٽٽي پيا ۽ سندس پير الله جي قدرت ۽ طاقت سان انهي سون جي ٿالھ مان مَٽي ويا. اتي عالادين کي پڪ ٿَئي تہ غصو بي واجبي ڪيو اٿم. برابر ياڳين جا ياڻ خالي نہ آهن، شينهن جا ڦر شينهن آهن، دودن جا پٽ دودا آهن، جهڙا ٻڌم تهڙا ڏنم. پوءِ انهيءَ ٻانهي کي چيائين: هن ٻچي کي کڻ، مون ڪان اِهو بہ ڏاڍو آهي. اها ڳالھ ڪري پنهنجي ملڪ ڏي ڪاهيائين. ان وقت ست سپاهي ورتائين، بيا اتي رهجي ويس.

ميرپور ماتيلي جي طرف ڏي پهتو. ڪنهن تڙ تي پاڻي ڀيڻ جي لاءِ بيٺو. اُتي عورتن طعنو هنيس تہ: هاڻي کهڙو منهن کڻي ويندين دهلي! هي بہ

بادشاهہ هو، طعنو ڪائي نہ سگھيو، وٽس سچا هيرا هئا، اهي ڪائي ست ئي سپاهي ۽ عالادين مري ويا، جو اڄ تائين انهي ملڪ ۾ ”گوري پير“ سڏجي.

دنيا دم گذر آهي. مرد مري شان لاءِ، نامرد مري نان لاءِ. مرد چوندو تہ چڱو ڪم ڪيان، پُلئي ڪي راهہ ڏسيان، اُڄ واري ڪي پاڻي پياريان، ڪنهن بڪايل ڪي ماني کارايان، اگھاڙي ڪي ڍڪيان، پيو پڙهان ڪلمون نبيءَ تي.

لا الہٰ الا الله محمّد رسول الله.

# پوئين دوَر جي شاعرن جون بيتن ۾ جوڙيل ڳالهيون

هن روايت هيٺ پوئين دور جي ڪن شاعرن جون بيتن ۾ جوڙيل ڳالهيون شامل ڪيون ويون آهن: (1) حاجي امام بخش خادم جي بيتن ۾ جوڙيل ڳالهه (2) پير بخش فقير ڪلوئي (تعلقو ڏيپلو) جي بيتن ۾ جوڙيل ڳالهه (3) ڪڇ جي شاعر دُليراءِ ڪاراڻي جي بيتن ۾ جوڙيل ڳالهه (4) ياڳو مهر جسواڻي (رحيم يار خان) جو جوڙيل بيت، ۽ (5) لعلڻ خان لغاري (تعلقو شهدادپور) جي بيتن ۾ جوڙيل ڳالهه. انهن شاعرن وٽ پڻ ڳالهه جي سنا ٗ اُهائي ساڳي آهي، جيڪا عام طور تي سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي. انهن ڳالهين ۾ ياڳو مهر واري ڳالهه نهايت ئي مختصر آهي، جيڪا فقط هڪڙي بيت ۾ بيان ڪئي اٿس. البت لعلڻ خان لغاري واري ڳالهه قدري تفصيلي آهي، ۽ هر هڪ بيت کان پوءِ نثر ۾ پڻ ڳالهه جا ڌاڳا ڌنا اٿس. لعلڻ خان واري ڳالهه جا شروعاتي ڪي بيت ڪنهن ٻئي شاعر جا جوڙيل آهن، جن ۾ لعلڻ خان قافين جي ڦير گهير ڪئي ۽ ڪن بيتن ۾ تُڪن ۽ مصراعن جو اضافو ڪيو. ان بعد باقي ڳالهه بابت پنهنجا بيت جوڙيائين. اهي جملي ڳالهيون هن بعد شامل ڪيون ويون آهن.

# حاجي امام بخش خادم جي وڏايل بيتن واري ڳالهه

[هيءَ اُها ڳالهه آهي جيڪا منشي اُڌا رام ٿانورداس ميرچنداڻي ڳڏ ڪري سنه 1881ع ۾ ڇپائي. حاجي امام بخش ان جي شروع ۾ پنهنجي طرفان ڪجهه بيان ۽ پنهنجا 34 بيت ان ۾ شامل ڪيا ۽ ان کي منشي پوڪر داس ٿانورداس بڪ سيلر شڪارپور مان "اصل وڏو قصو دودي چنيسر جو" جي عنوان سان ڇاپايو. ان جو ٻيو ڇاپو 20- جولائي 1922ع تي منشي پوڪر داس طرفان شايع ٿيو، جنهن تان هي موجوده متن اُتاريو ويو آهي. هيءَ ساڳي روايت جزوي ڦير ڦار سان "وڏو قصو دودي ۽ چنيسر جو" جي عنوان سان 'هريسنگ ڪتبخاني ڇاپخاني سکر' طرفان ڪئين ڀيرا شايع ٿي. ڇهون ڇاپو سنه 1924ع ۾ شايع ٿيو. هيٺ فقط حاجي امام بخش طرفان ڏنل ڳالهه جو بيان ۽ سندس جوڙيل بيت رکيا ويا آهن، ۽ منشي اڌا رام واري ڳالهه (جيڪا ان کان اڳ اچي چڪي آهي) وارو مواد ڇڏي ڏنو ويو آهي. ن - ب]

بيان هن ريت آهي ته سنڌ جي حڪومت سومرن جي هٿ ۾ 300 ورهيه هئي. دودو ۽ چنيسر جي ٻئي ڀائر هئا، تن 70 ورهين حڪومت ڪئي. دودي جي ماءُ پونگر سومري بادشاه جي ڏاڏي پوٽي زال هئي. چنيسر جي ماءُ، جا بادشاه عشق مان پرڻيو هو، سا ذات جي لُهر هئي. بادشاه پونگر کي پهريائين ڏاڏي پوٽي واري زال مان ڏيءَ ڀاڳهي ڄائي، جا حسن ۾ خورشيد بانو کان به ڪثر هئي. پوءِ چنيسر عشق واري زال مان ڄايس. پوءِ دودو اصل واري زال مان ڄايس. بادشاه ٻنهي ڀائرن جي شادي ڪئي. دودي جي سومرن مان ۽ چنيسر جي ڏارين مان. چنيسر جي ماءُ کي اها ڳالهه ڪين وڻي، خيال ڪيائين ته بادشاه جي مئي کان پوءِ سومرا ڏاري ذات سمجهي پڇندا ئي ڪين تنهن وجهه وٺي بادشاه کي خوشيءَ جي وقت ۾ چيو ته: مون جهڙي غمگين ڪا زال هن جهان ۾ ڪانه هوندي، جو ڏينهون ڏينهن انهيءَ غم کان وڃان ٿي بيمار پوندي. تڏهن بادشاه پڇيس ته: اها ڪهڙي ڳالهه آهي؟ جنهن تي راڻيءَ سمورو حال چنيسر جي شادي جو ٻڌايس. بادشاه چيس ته: تون تسلي ڪر آءٌ انهيءَ لاءِ پورو بندوبست ٿو ڪريان. جي دودي کي ڏيءَ ڄائي ۽ چنيسر کي پٽ ڄائو ته دودي جي ڏيءَ چنيسر جي پٽ سان پرڻائيندس. اتي راڻي خوش ٿي، ڏٺي جي قدرت

سان دودي کي ڏيءَ ڇائي ۽ چنيسر کي پٽ ڇائو. بادشاه ٻنهي جو مگڻو ڪيو ۽ حڪم ڪيو تہ 'خبردار ڪوبہ انهيءَ مڱڻي تي ناراض نہ رهي. جيڪو ڦرندو سو ڦاهيءَ جي لائق ٿيندو'. نيٺ ٿوري مدت بعد بادشاه پونگر وفات ڪئي. بادشاه جي مئي کان پوءِ ڪي چون تہ بادشاهي چنيسر کي ڏجي، ڪي پيا چون تہ دودي کي ڏجي. نيٺ پاڻ ۾ تڪرار ڪندي اها ڳالهہ وڃي پارڻ وزير جي ڪن پيئي. وزير ٻنهي کي سمجهايو تہ بادشاهي اول حق انهيءَ جو آهي جيڪو پهرين اولاد هجي، توڻي ڌيءَ هجي يا پٽ. هاڻي جڏهن بادشاه جي ڌيءَ وينئي آهي تڏهن انهيءَ کي ڏجي ۽ انهيءَ جو حق آهي. پوءِ سندس مرضي دودي کي ڏي يا چنيسر کي. اها ڳالهہ سيني کي وڻي، تن ٻاگهي ڏانهن خط لکيو تہ 'بادشاهي تو کي ڏجي ٿي، هينئر پاڻ ڪر يا ڪنهن ٻئي پنهنجي ڀاءُ کي ڏي-' تنهن تي ٻاگهي جواب موڪليو تہ: آءٌ ڪنواري آهيان. جڏهن ٻہ ڀائر آهن ۽ لاچاري ڪانهي، تڏهن خوشيءَ سان پنهنجي طرفان راڄ وڏي ڀاءُ چنيسر کي ٿي ڏيان. اتي چنيسر خوش ٿيو، چيائين، تہ: اوهان هلو تہ مان ماءُ کان موڪل وٺي اچي حڪومت هلايان. هي ويو ماءُ ڏي، اها ڳالهہ سومرن کي نہ وڻي، چيائون تہ: هيءُ زنانو آهي، تن زور سان دودي کي تخت تي ويهاريو. پر اها ڳالهہ چنيسر کي نہ وڻي، تنهن علاءُالدين بادشاه دهلي واري کان وڃي مدد گهري، جنهن پنهنجو لشڪر سنڌ تي چاڙهي موڪليو. پوءِ دودي کي لڙائي نہ وڻي، تنهن چنيسر جي پٽ کي وڪيل ڪري، چوائي موڪليس تہ: اسين چنيسر کي بادشاهي ڏيڻ ۾ راضي آهيون ۽ نہ لڙائي ۾، لشڪر موٽي وڃي. چنيسر خبر ٻڌي تہ لشڪر موٽي ٿو وڃي، تنهن بادشاه عالاوالدين کي چيو تہ: اوهان جي نوازش سان آءٌ خوش ٿيس. هينئر منهنجي ڀيڻ ٻاگهي نالي جا بلڪل حسين آهي، سا توهان کي پرڻائيندس. بادشاه علاءُالدين خوش ٿيو. تنهن دودي کي چوائي موڪليو، پر سومرن کي اها ڳالهہ نہ وڻي، جو هنن ڪڏهن بہ پنهنجي نياڻي ڌاري قوم سان نہ پرڻائي هئي. سومرن کي چنيسر جي اهڙن لڇڻن تي ڪاوڙ آئي. شادي نہ ٿيڻ ڪري دهلي جي بادشاه کي بہ ڪاوڙ لڳي. سومرن جي طرفان ننگر گهٽو لشڪر گڏ ڪري لڙائي ڪئي، نيٺ مارجي ويو، پر وچ ۾ ٻيا ڪيترا حاڪم ۽ سردار ناس ٿي ويا ۽ بادشاه عـلاءُالدين جو تہ سمورو لشڪر مارجي ويو. ڪي پنج اٺ سپاهي وڃي رهيا، تنهنڪري دهلي وڃڻ نامناسب ڄاڻي، گوري ڪاٽي ميرپور ماٿيلي ۾ ساه ڏنائين.

صفت ۾ سارهه، تي سونهي پاڪ الله کي
جنهن جوڙي جملي جهان کي، رکيو منجهه نگاهه
کي خلقيائين صورت وارا، محسن مانند ماهه
کي سانوارا، کي ڪٽڪ وَنا، کي ڪارا شڪل سياهه
کي نبي نيڪيءَ پريا، جي سندس ڏيکارين راهه
کي ولي ولايت وارا، آهن ويچارن جي راهه
کي ڪافر مجوسي سخت دل، کي گبر ۽ گمراهه
کي ڏچڻا دل جا سخت گهٽو، کي بانڪا بيپرواهه
کي موذي منافق مُسٽا، کي سخي دل درياهه
کي پينو در در پنڻا، کي بلند همت بادشاهه
ننڍي وڏي مخلوق جي، اتس سڀ آگاهه
اهي پسارا سڀ ڪيا، ڪارڻ محمد شاهه
جڳ سڄي جي جسم ۾، آهي سرور وانگي ساهه
لائق لئي، لولاڪ لما، خود آکيو ئي الله
تڏهن چئجي منجهون چاهه، صفت رب رسول جي.

—

صفت رب رسول جي، ڪري ڪونه سگهي
عاجز ٿيا سيئي اتي، لک عارف ويا لنگهي
منهنجو اکر شال اگهي، حاضر ناظر حق وٽ.

—

حاضر ناظر آهه سو، هميشه موجود
قدم سندس قدرت جو، بيشڪ نا محدود
والي رب ودود، تو ڇاٽي پنهنجي ڇاڻ ڪي.

—

موليٰ جي ملڪن منجهان، آهي سنڌ جو ملڪ ڀي
خاصو آهي خير پريو، پيدا آهي سيڪي
ورتي تي نيڪي، اڪثر امام بخش چئي.

—

هن سهڻي سنڌ ملڪ تي، تيا گهڻا ئي حاڪم
اول هندو حڪمران هئا، پوءِ عرب تيا عالم
سومرا پڻ سردار تيا، سنڌ مٿي سالم
جي ويا نانءُ ڪري، قائم، عدل شجاعت ۾ گهڻو.

—

”ڀونگر“ نالي بادشاهہ هو سومرن جو سردار
تنهن زالون پرڻيون ٻہ هيون، تنهن اولاد کو اظهار
هڪڙي ڏاڏي پوٽي هئي، ٻي عشق منجهان آشڪار
اول ڄايس عاجزه، ڏنهن ڏاڏي پوٽي نار
صورتمند سهڻي هئي، سورج جي آثار
وري ساڳي زال موئن، تيس دودو پٽ دلدار
عشق واري موئن پٽ تيس، چنيسر چغليار
ڏسي گل اکين سان، تنهن ڀونگر دل گلزار
ڏيهہ ڏٺي ڏاتار، ڏي هر ڪنهن کي ميوو اهو.

—

دودو چنيسر ڄاڳلا، جڏهن تيا جوان
پرڻايو ٻنهي کي ڪٽي پسٽهن پهلوان
ڀونگر بهادر بهادشاهہ، سومرن جي سلطان
ڏاڏي پوٽي دودي کي پرڻائي سان شان
چنيسر کي پڻ چاهہ موئن ڪيائين شادي سان شادان
پر قوم پنهنجي مان ڪين ڪيائين، جو هو پاڻ ٻہ انهيءَ عنوان
تنهن تي عشق واري کي ارمان، ڏاڍو تيو هن ڳالهہ جو.

—

ڳالهہ اها لسُهرِ کي، لڳي ڏاڍي ڳوڙي
ڳٽتي ۾ ملول تي، دل پنهنجي سان دوڙي
هئي جا پاڇي چڙهي بادشاهہ سان، آهي ڏاڍي ڪوڙي
پوءِ وڏائين پوڙي، عجب سا اشناءَ کي.

—

عجيب سا اشناءُ کي، هي چيائين احوال
تہ دوئي رکڻ تنهنجي کان، آهي گهڻو ملال
هڪڙا رکين غير اکين ۾، پيا پائين صاف دلال
دودي سان هڪ ريت هلين، چنيسر سان ٻي چال
جڏهن تنهنجا ئي اهڙا حال، تہ پوءِ ڪهڙي اميد آه عام ۾.

—

رهندو هتي ڪونہ ڪو، آهي فاني هي جهان
نيٺ جڏهن هي جڳ ڇڏي، رب ڏي ٿين روان
ڳڏجي سيئي سومرا، ڪندا دودي کي سلطان
نظر رکندا ڪانہ اسان تي، ڪونہ ڪندا احسان
آهيان آءٌ حيران راتيان ڏينهان انهيءَ ۾.

—

ٻڌي پونگر ڳالهہ اها، ويو ڳڻتي منجهہ ڳري
ماٺ ڪري ڳچ مهل ڪا، هي ورندي ڏنانس وري
تہ تون خوشي منهنجي دل جي، نہ ڪر ڳڻتي هڪ ذري
ڪندس صلاح چڱي آءٌ، جو ويندءِ ڳڻتي سڀ ٽري
ساڻ تحمل ٽري، ٻڌ صلاح منهنجي دل جي.

—

جي پٽ چنيسر ڄائو، ۽ دودي ڄائي ڌي
ڪٺي ڳنڍيندس ٻنهي کي، مائٽي ملائي هي
پوءِ رهندا سک سچي گڏ گذاريندا پاڻ ۾.[1]

—

اها خبر ٻڌي خوشيءَ جي، ڪيا لُهاري لک شڪر
اگهيو ڇوڙ پونگر جو، موليٰ ڪئي مهر

---

[1] "ڪليات خادم" (سنڌي ادبي بورڊ، سال 1958ع) ۾ هن بيت کان پوءِ هيٺيون بيت وڌايل آهي، جيڪو منشي پوڪرداس واري ڇاپيل ڪتابڙي ۾ ناهي:
گڏ گذاريندا پاڻ ۾، ڪڏهن نہ ٿيندا ڌار
صحبت ساڻ سچار، ويهي ونديندا پاڻ ۾.

پٽ چنيسر کي ٿيو، دودي کي دختر
ٻئي مڱايا پاڻ ۾، پاڻ ٻيهي پونگر
تنهن پاڪ ڏٺي پرور، عجب انگ وهائيا.

—

پر رنا رهيا هن ڳالهه کوڻ، سومرا سپيئي
ڪين ويا مجلس ۾ سي ڏينهڙا ڪيئي
خبر تن جي ڏمر جي، وجي پونگر کي پيئي
چيائين مون ڪيو آهي ڪم، شريعت جو سپيئي
تنهن کي تنگبو ڦاهو ڏيئي، جيڪو وير وجهائيندو وچ ۾.

—

جڏهن پيئي سڌ سومرن ته پونگر ڪاوڙيو آهه
مڙي مصلحت تن ڪئي، ڏيون ڏمر کي باهه
هن ۾ اسان جو ڇا، جو ويساه وجايون پانهنجو.

—

پوءِ ته پاٺهي آيا، پونگر جي دربار
بادشاهه ڏنن ڪانه ڪا، مُنهن تي ڪابه ميار
خوش تي گذاريائين تن سان، باقي سڀ چمار
تنهن سومري سردار، چڱي رهائي راڄ سان.

—

چڱي رهائي راڄ سان، ڇڏيائين هي جهان
ڇڏي دار فنا کي، ٿيو مولىٰ جو مهمان
بعد مرڻ بادشاهه جي، ٿيو خالي تخت مڪان
مڙيا سومرا پاڻ ۾ ته ڪريون دودي کي سلطان
ڇو جو آهي ڏاڏي پوٽيءَ مان نامور نيشان
ڪن چنيسر لاءِ چيو، جي هوشمند مهربان
پر 'ٻارڻ' وزير چيو اتي، جوهو لائق نيڪ بيان
ته اوهين مفت مباحثو نه ڪريو، جنگ جَهڙو جولان
حق حڪومت آهه انهيءَ جي، جو هجي عمر منجهه ڪلان

پوءِ ڏيءَ هجي يا پٽ هجي، تنهن جو ناهه ارمان
ڏيءَ پهرين بادشاهه جي، آهي ٻاگهي جا ٻُڌوان
پوءِ دودي کي يا چنيسر کي ڏي، جيئن اچيس ڏيان
يا پاڻ هلائي بيگم تي قيرائي فرمان
پوءِ اهڙي سان عنوان، راضي رهيا سڀ سومرا.

—

تڏهن لکي موڪليو حال هي، پارڻ ٻاگهيءَ ڏي
ته تخت پڳهين جو تو ڏئي، راڄ مڙئي توکي
پاڻ هلائين کي چنيسر کي ڏئين، کي ڏئين دودي کي
هاڻي اختيار آهي تنهنجي، آهين مالڪياڻي مرضي جي.

—

تڏهن ٻاگهي پارڻ ڏي مُڪي، هي وراڻي ناهي
راڄ هلائڻ زال ماڻهو کي، اصل مناسب ناهي
پٽن جهڙو اولاد پيءُ کي ڏٺي ڏنو آهي
دانهه دلاور سي، ناهن گسڻ جا گاهي
راڄ ڏيڻ جو بار مون تي وڏو اتو لاهي
تخت چنيسر کي ڏيو، جو وڏو عمر ۾ آهي
ابو ناهي ويو آ ناهه اهو، ڪونه بيو ڊاهي
متان کو ساهي، سينو سومرو تنهن سان.

—

ٻاگهي وٺان راڄ ڏي، جڏهن جواب آيو
چنيسر کي تخت ڏيڻ جو، سيني کيو سعيو
اتي چنيسر چست تون، توکي مولي مرڪايو
ويهه چنيسر تخت تي، وٽ سيني جو رايو
تڏهن چنيسر تن سان، هن پر آلايو
ته اوهان سامان آڻايو، آءُ موڪلائي اچان ماءُ کئون.

—

هي ويو موڪلائڻ ماءُ کوئن، پنيان راڄ ڪئي تجويز
تہ ڪڍهن پچندو ڪم ڪينڪي، ڪنان هي بي تميز
اٿس دانائي ڪانہ ڪا، جا آهي عجائب چيز
ملڪ تي مهميز، هيءُ زنانو ڪندو ڪانڪا.

—

پوءِ وهاريائون تخت تي، دودو دلاور
خلق ساري خوش ٿي، ٿيون شاديون منجهہ شهر
دهل، نغارن، نوبتن، لاٿو ڏو ڏو ڏمر ڏچر
ڏيهہ ڏٺي ڏاتر، تو جوڙي جوڙ جهان جي.

—

پوءِ تہ اچي پڌري پئي، دودي مليو راڄ
پڌي چنيسر ڳالهڙي، وه ٿي ويس ڪاڄ
موڙهو اچي ملول ٿيو، ڪونہ پُنس ڪو ڪاڄ
سڙي ويو سوز ۾، ڏک جو مليس ڏاڄ
جيائين حرام آهي آڄ، رهڻ هن ملڪ ۾.

—

وڃندس وير انهن ڪوئن، جن مون سان ڪئي بازي
دهلي ويو دانهين، ڪري دورون درازي
بالا قوت بادشاه هو، علاوالدين غازي
ڪوڙيون ڳالهيون ڪري انهيءَ سان، هٿ پڌي آزي
نيٺ ڪري نيازي، چاڙهي آيو چنڊال سو.

—

پوءِ علاوالدين امر ڏنو، ڪريو تياري
نو لک لشڪر جا چاڙهيا، چٽنچل چوڏاري
گهوڙا گاڏيون اُٺ هٿا، هاتي اَنباري
مال اسباب خوراڪ، پئا باروت هٿا باري
دهڪي ساڻ ڏبي وئي، ڏرتي ويچاري
پٽيندا سٽيندا اچن پيا، رستا ڪري جاري
سا فوج سڄي ساري، اچي ويجهي ٿي روپاہ ڪي.

—

اتي سومرن جان ڏنو ته لٿي فوج ڏاڍي باري
ڇارهيو آيو علاوالدين کي، آيو ٿي چنيسر چاري
تڏهن دودي ڏياري موڪليو، ننگر نرواري
ته خرچ پري ڏيون اوٺ موٺ جو، اوهان ڪريو پوئواري
چنيسر کي چاهه موڻ، ڏيون حڪومت ساري
آهي توبهه اسان جي زاري، تون بالا بلند بادشاهه.

—

تڏهن پڇيو بادشاهه وڪيل کان، ڇا هي تنهنجو نانءُ؟
چيائين: نالو ننگر منهنجو، آهيان چنيسر جو پٽ آنءُ
هي سنڌڙي جو گانءُ، آهي وطن غلام جو.

—

جڏهن چنيسر جي پٽ جي، بادشاهه ٻڌي بات
چيائين مون سيکي معاف، جي اوهان جي آهي تات
سيان ساجهر موٽيو، جو رهبر اڄوڪي رات
ٻي وائي نه ڪجو وات، اوهين راڄ چنيسر کي ڏجو.

—

خوش ٿيو تڏهن سيکو، ٻڌي هيءَ خبر
پر وڏو ويرو وچ ۾، چندي چنيسر
ته مونکي ملڪ وني ڏنو، سائين شير سڌر
پر اوهان جي تڪليفون کيون منجهه سفر
عيوض انهيءَ جو اوهان کي، گهرجي ونڻ جيڪر
ٻاگهي نالي پيڻ آهي، دودي کي وڏور
سهڻي آهي صورت ۾، عين پري اپڇر
شادي تنهن جي توسان ڪن، ساڻ شريعت اظهر
نه ته ڪٽي تيغ تبر، ڪريون جنگ جولان موڻ.

—

تڏهن بادشاهه چيو، ننگر کي نروار
ته بانهن ڪڍي ٻاگهي جي، مونکي ڏيو اظهار
ته پوءِ موٽان اهو قرار، وني لشڪر پوئتي.

—

# پير بخش فقير ڪلوئي (تعلقو ڏيپلو) جي بيتن ۾ جوڙيل ڳالھ

[ھيءَ ڳالھ محمد عمر "معمور" يوسفاڻي، تعلقو عمر ڪوٽ، ضلعو ٿرپارڪر کان ملي. فقير پير بخش ڪلوئي، تعلقي ڏيپلي جو ويٺل ھو. سنڌ ۾ ھلندڙ دودي جي عام مشھور ڳالھ واري سٽاءَ تي پنھنجا بيت جوڙيائين، جيڪي ھت شامل ڪيا ويا آھن. ن - ب]

ساراھيان سچو ڌڻي، جو قادر رب قدير
رزاق رب رحيم، سو سَميع بصير
مير محمد مصطفيٰ، مرسل ماه منير
ھِتي ھُتي ھاشمي، آھي وسيلو وِيرَ
چار ئي يار رسول جا ھئا قرب منجھ ڪبير
اصحاب احمد چار جا سٿيمن سڌير
ھمراه ھيڻن جا ھئا امام ٻئي اَمير
مدد مريدن جي آھي پيرن سندو پير
واھرو ولھن جو آھي داتا دستگير
سڻو قصو قسمت جو، آھي باب ٻُني نظير
بابت بھادرن جي آھي ڳالھ ڳھير
تہ سومرا حاڪم سنڌ ۾، ھئا وڳھہ پاسي وير
'پونگر' تن جو بادشاه، مشھور ھو مير
ڏسيو ڏيا تنھن جي، ٿي دولھہ ٿيا دلگير
آخر وقت اَخير، تنھن ڏٺيو 'دودي چار' کي.

—

ڏُٺي دودي چار کي ڪيائين تخت متي تابان
پيءُ پڄاڻا پُٽ سو، ٿيو سنڌ سندو سلطان
سھسين تنھن سڌارا ڪيا، ٻيا دُھرا ڏنائين دان
راضي تنھن مان رعيت ھئي، پوڙھا توڙي جوان

بهادريءَ ۾ برک هو، هو پرس پهلوان
ڀڳا تي برن ۾ تنهن جي هيبت کان حيران
شينهن شور ڦٽو ڪيو، هاٿي ٿيا حيران
اهڙن پارن پڌرو هو نالي ۽ نيشان
هئا آڳي جا احسان، سهسين سومري متي.

---

سورهيه سومري متي، هو ڪرم سندو ڪلتار
پٽ پوٽا تنهن کي ڏنا باري بخشڻهار
چنيسر ۽ دودو هئا نانوَ سندن نروار
پيءُ ٻنهي جو هيڪڙو، مائرون ڌارو ڌار
دودي شهزاديءَ جو، ۽ چنيسر سندو لهار
’باگهل‘ سندن ڀيڻ هئي، وڏي سان ويچار
ڀيٽ ڏاڏي پوٽيءَ جي مان عاقل عقلدار
سي ڇڏي سن صغيريءَ جو، ٿيا جوان اڇي جونجهار
ڏاڏي ۽ پيءُ جو پاڳ جو، اڇي پيو متن بار
سکر اڇي سوڙها ٿيا، چڱا مڙس چوڌار
سڏيائون باگهيءَ کي، جا هئي وڏي منجهه جمار
تہ تخت آهي حق تنهنجو، هي تنهن تي آهہ تڪرار
يا ويهہ تون پاڻ پاڳ ٻڌي، يا ڪر ڪو بيو ويچار
اهڙي سان آڌار، ڇڏيائون فيصلو باگهيءَ تي.

---

پوءِ باگهيءَ ڪيو فيصلو، سان اهڙيءَ اَمانت
سڏي سکر راڄ جا چيائين چڱيءَ پت:
تہ پائن هوندي ڀيڻ ڪيئن ڪري حڪومت!
پاءُ پَليرا منهنجا، آهن اعليٰ سان عادت
آهن وارث تخت جا اُهي سڄڻ سلامت
پر پهرين حق وڏي جو آهہ اُنهن ۾ البت
چنيسر ڄام ڇاڳلو، آهي حليميءَ هلت

دودو وڏو دلير آهي. جنهن جي ديمين ۾ دهشت جيڏانهن راڄ سندي رغبت، اوڏانهن آءُ به آهيان.

—

پوءِ راڄ ڪيو فيصلو ته تئي حاڪم چنيسر سڏيائون وڏي سِڪ مان، آيو پُرس پيرن پر چيائونس ويهه تخت تي، تي حاڪم حڪومت ڪر تي والي وڳهه ڪوٽ جو. ڪر اَبي ڏاڏي جي پَر تڏهن چنيسر چيا راڄ کي اُتي اِهي اکر: ته بيهو! گهران پڇي اچان. اها صلاح سڪر پوءِ اچيو پاڳ ٻڌان، آءُ وري هت هينئر پوءِ تيو روانو گهر ڏانهن. سوچيندو سٽر اچي پڇيائين ماءُ کان. ويهي اِيءَ خبر: ته ماءُ! ڪر مهر. مونکي سوچي ڏي صلاح تون.

—

مونکي سوچي صلاح ڏي، امان! تون اِها ٻڌائين تا پاڳڙي، مونکي گڏجيو پاءُ ٻڌان ڪَ نه ٻڌان. تنهنجي کهڙي آه صلاح؟ تڏهن ماڻس تنهن کي منهن تي چيا ٻول ٻڌا: ته رسمون راڄ پاڳ جون، پڇيون کين گهران آهي وڏي سمجهه اُن کي، جي تين بادشاه تخت وجايئي پنهنجو، پنهنجي سمجهه کان هاڻ ناهي تنهنجو نياءُ. ويهي گهر ۾ گهار ڏينهڙا.

—

گهر ۾ گهار ڏينهڙا. ته تينئي پاڳ پلو پاٿهي تو ڪئي پاڻ سان. بيو ڪنهن جو ڏوه نه ڪو ماڻس مس مباڻ ڪئي، ته جوڻس جوش ڪيو چيائين چام چنيسر کي، اکر اُت اهو ته اڳي هيوسون ٻه ڄڻيون، هاڻ تيو ٻه ساڻ تيو

اڳ پاءُ ڪَتيو هو پره جو، هاٺي سير بہ سويرو
انهيءَ ريت چنيسر کي گهران ماڻُ مليو
کاوڙجي کارو ٿي، نَر اُتان نڪتو
کاهيندو آيو، ڪامل طرف ڪڇهريءَ جي.

—

جڏهن چنيسر پيچڙ ويو ماءُ کان، تڏهن چڱن ائين چيو
تہ هيءُ جو هينئر پڇي ٿو ماءُ کان، سو اڳتي ڪيئن ڪندو؟
پوءِ ڪئي صلاح سيني، ويچار اُت وڏو
تہ لائق حڪومت جو، ڏريان آهي دودو
پوءِ ڪيائون سڏ دودي کي، جو هو لائقن لڌو
تہ اچي سنيال تخت پنهنجو، آهي حق تنهنجو.
دودي گهڻئي نٽايو، پر راڄن ڪين ڇڏيو
ٻڌي پاڳ پيءُ جي، ٿي تخت ڏٺي وينو
پيو هر هنڌ اِي هَوڪَو، تہ 'ٿيو دودو والي وڳهہ جو'.

—

پوءِ جڏهن چنيسر ڄام کي پيئي اها خبر
تڏهن هلي آيو پاءُ وٽ، سختيءَ ساڻ سڏر
تہ پاڳ حق منهنجو، تو ٻڌي ڪهڙيءَ پر؟
تڏهن چيا چنيسر کي، دودي اهي اکر
تہ پاڳ نہ مون پاڻيهي ٻڌي، مونکي ٻَڌئي ويا سکر
مون گهڻو ڳالهايو تنهنجي حق ۾، پر ڪيائون زور زبر
مون تي ڏوهہ نہ ڏر، ادا! آءُ آجو آهيان.

—

اگر تون آجو آهين، چيو چنيسر منجهان چاڳ
تہ واري ڏي وڳهہ جي پهرين مون کي پاڳ
تہ پوءِ لهين لطف جا پاءُ اڳيان پٺاڳ
رکي ساجهہ ننديد وڏائي جي، ادا! لاهي آڳ
تڏهن دودي چيو پاءُ کي، موٺي انهيءَ ماڳ

ملڪ وَس آهي منهنجي، پر منهنجي وَس نہ پاڳ
سڄڻ سچيءَ سنڌ جي، واري وٺ تون واڳ
تي سياڻو سُجاڳ، ڪر حڪومت هوش سان.

---

تڏهن چنيسر چڙي چيو، ڏمرجي ڏاڍو
ويندس دانهين دهليءَ ڏي، ڪست ڪري ڪاڍو
ائين وڍائيندس وڳهہ ڪوٽ کي، جيئن وڻ وڍي واڍو
آڻيندس ڪٽڪ ڪروڙن جو، جُنگ هتي جاڏو
وجهندا وڳهہ ڪوٽ کي خان اچي ڪاڏو
اهڙين اڙٻنگن کي، ڪو ايندو ڪونہ آڏو
ائين ڪانئر ڀڄندا ڪوٽ ڇڏي، جيئن هنيون وجي هاڏو
جڏهن ايندو ڀڙ اندر پاڏو، تڏهن ڳابا ڀڄندا گس ڪري!

---

پوءِ چنيسر ائين چئي، تيو رُسي روانو
ڪاوڙ ۾ ڪاراتجي تيو دولهہ ديوانو
وٺي گس دهليءَ جو، هو پُريو پروانو
چيو تہ مجيائين چڱن جو، تيو نڪري نيشانو
ميڙيون تنهن موٽائي ڇڏيون، تيو مڙس مستانو
پُٽن، پائن، پيڻن کان، تيو پُلجي بيگانو
دانَهہ هليو دهليءَ ڏي، ڪٽي خزانو
پوءِ بنيو بهانو، وڳهہ جي ويرانيءَ جو.

---

ورنهہ نڪتو وڳهہ کان، ڇُتي منجهان ڇوهہ
لتاُڙيندو لڪن تان ويو رمندو منجهان روهہ
پرس آخر پهتو، وڃي ڪري ڪيئي ڪو
دهليءَ جي آهي دروازي تي، آيو منجهہ اندر
پر نہ پهچي سگهيو هو، ڊوهيو ڪنهن ڊوهہ

هڪ پهرو پهريدار جو، ٻيا لڳل ڏاڍا لوهہ
پوءِ مؤتي، مرداني موهہ، وينو جاءِ وني جوڙ مان.

—

جاءِ وني جوڙ مان، وينو دهليءَ مان دلير
ڪاوڙ هيس قلب ۾، هو وڳهہ وارو وير
هڪ ڏينهن نڪري هليو، متو ڏوئڻ مٽير
آيو ترت تلاءَ تي، هو پري پليري پير
تان هاٿي علاوالدين جو، آيو انهيءَ وير
مستيءَ ۾ مستان هو، آيو گجندو گهٽي گهير
ڏسي حال هاٿيءَ جو، ڀڳي خلق انهيءَ وير
ڀڳا سڀ پيڙي مُنيون، ڪري پويان پير
پر چنيسر چام نہ چُريو اُتان انهيءَ وير
تنهن کي پيلبان پڏرو چيو: ڀڄ ڪنهين پير
هاٿي آهي مستيءَ ۾، هٿ ماريندءِ هن وير
چيائين: آءٌ چنيسر آهيان، ڦران نہ ڪنهن ڦير
آهيان سورهيہ سنڌ جو، اُتم پختا پير
هاٿيءَ کي هڻ جاءِ تي آءٌ ماري ڪندس ڍير
پوءِ ڪري شُوڪر شير، ڪٽي ڪنو ڪڙو ٽيو.

—

ڪٽي ڪنو ڪڙو ٽيو، اُت دولهہ دِلاور
هنيائين هاٿيءَ کي، واري ڏيئي ور
سُونڊ اچي سٽڪو ڪيو، متي پٽ پڌر
تڏهن هاٿيءَ گهٽي حشمت سان ڪئي جُلهہ جابر
ماري چڏي ها منت ۾، دڙن سان دلبر
پر سُورهيہ اڳيان سَٽ ڏيئي، هيس پالو ڪري پر
پيهي ويو پيٽ ۾، هنيو نُاميل نر
سڌو اُچي سامهون نڪتو، ٻئي پاسي ٻاهر
آندا ٻُڪيون ڪيچي ويا، ٽيو جرح جگر

ڪري دانهن دهشت سان، اچي پاسي پر
پوءِ چام چنيسر، موٽي مٿو ڏوڻ ويو.

—

موٽي مٿو ڏوڻ ويو، دولهه انهيءَ دم
موٽي اچي ماڳ وينو ڪرڻ پنهنجو ڪم
تانسين آيو لشڪر علاوالدين جو، وڏي هُل هشم
هاٿيءَ جي مارڻ جو هو هُن کي هتان حڪم
پر پيو ڏناٺون پٽ تي، ڪِريل ساڻ ڪرم
تڏهن پڇيائون پهلوان کان، تہ ڪنهن ڪيو هو ڪم؟
تڏهن اڳيان آڪيو، ڪري اِشارو اُن دم:
هو جو ڏسو مڙس مٿير تا، اهو ان جو آهي عزم
آهي سيني پرين هُو، غازي وڏو غنم
تنهن پالي جي پرم، آهي ماريو هاٿيءَ کي هن هنڌ تي.

—

تڏهن لشڪر هلي آيو، مهندان چنيسر چام
نمي ڪيائون نياز مان، سورهيہ کي سلام
کير آهين، ڪٿي رهين، آهہ ڪهڙو تنهنجو نام؟
تڏهن اڳيان چنيسر چام چيو، ڪري اي ڪلام:
آهيان سومرو سنڌ جو، وڳهہ جو وريام
نالو چنيسر منهنجو، آهي اندر عام
هتي آيو آهيان قسمت سان ڪنهن ڪام
تڏهن چيو سردار لشڪر جي تہ هلي وٺ انعام:
جو ڏيندو راءِ روبرو، توکي هُت تمام
پوءِ مرد انهيءَ مام، وجي دولهہ پهتو دربار تي.

—

دولهہ پهتو دربار تي، اڳيان علاوالدين شاه
پڇيو حال حقيقت هن کان، بيهي بادشاه

ڪـــر خبـــر پنهنجـــي ڪـــان اســـان ڪـــي آگـــاه
تـــڏهن چٽـــو چنيســـر ڇـــام چيـــو، اڳيـــان عاليجـــاه
آهيـــان ســـردار ســـنڌ جـــو، آهـــي دودو منهنجـــو ڀـــاءُ
هـــڪ ڏينهـــن ويهـــي اُن ســـان، ڪئـــي مـــون صـــلاح
تہ ڪريون مائٽي علاوالديـن سان، جو دهليءَ جو دانا
سـڱ ڀيـڻ بـاگهيءَ جـو ڏيـون گهرائـي هـن جـاءِ
تنهـن تـي هـو تپـي اُٿيـو، ڪيـائين هـُـل هڱـاءِ
ڪري صلاح سردارن سـان، مـون کـي لوڌيـائون ان لاءِ
تخـت تـاج حـق منهنجـو، کسـيائون مـون کـان
آيـس دانهيـن در تـي، منهنجـو عـرض اونـاءِ
سنبهي سنڌ تـي هلـي تـون، ڪـوڏ وڏي مـان ڪـاه
اُتـي سـِـگهي فـوج سنياءِ، ورنهـہ! وڳهـہ ڪـوٽ ڏي.

---

بـُـڌي حقيقـت چنيسـر جـي، ڪئـي علاوالديـن تيـاري
ونـي هليـو سـنڌ متـي، فـوج پنهنجـي سـاري
هـاٿي هنيـارين سـان هئـا هـزاري
گهـوڙي سـوار گـڏ تـي چليـا چـوڏاري
پيـادا اڻيـن هئـا پٽـن ۾ جيئـن ويرانـن ۾ واري
ڪٽـڪ ڪـاهي هليـا، بـار ڪٽـي بـاري
تبـرون تراڙيـون تـن سـان، پـالا هئـا پـاري
ترڪـش، تيـر ڪمـانون ۽ نيـزا نـرواري
پهلـوان پـُـري هليـا، ڪـري لـوڏ لئـي واري
مـنزل سـر مـنزل ڪنـدا اچـي تيـا ويجهـا وهنـواري
اچـي سـرحد سـنڌ وٽ ڏنـائون ڏيکـاري
اهـڙي وڏي ڪٽـڪ جـي، پيئـي سـُـڌ سـين سـاري
تـہ مـرد آيـا مـاري، ڪنـدا ويـران وڳهـہ کـي.

---

ڪنـدا ويـران وڳهـہ کـي، پيئـي اِيءَ پچـار
رهنـدا هئـا بيلـي ۾ بـہ دودي جـا ڏٽـار

"ڊِڪڻ" نالو هڪ جو، ٻيو "ڊومڻ" وڏي ڏار
ٻُڌي خبرون جنگ جون، ٿيا ترت تيار
هليا ڪاهي ڪٽڪ سامهون، ٻڌي همت جا هٿيار
سرحد وٽ سامهان ٿيا، ڪري دولهه ڏو ڏو ڪار
ڦري آيا فوج ڪي، ڪري ڦهري ڪار
ماريائون مرد منٽ ۾، ڪيئي سئو هزار
پيئي فوج فڪر ۾ ته هي آيو ڪهڙو آزار
هي ماڻهو آهن ڪينڪي، ڪا آفت آهي اپار
پڇيائين چنيسر کان ته ڏي ڪا سُڌ سماچار
ته ڪهڙو هي ڪٽڪ آهه اسان لئي آزار
تڏهن چنيسر چٽو چيو، اُتي انهيءَ وار
ته هي آهن اصل کان دودي جا ڏٽار
آهن سنياليندڙ سرحد جا، پرس انهيءَ پار
اهي مُئا ته فتح تي، پوءِ آهي هُنن جي هار
پوءِ ساري فوج اُٿلي پئي، چوطرف چوڏار
آخر وقت وڃڻ جي، ڪئي قضا اهڙي ڪار
ٻئي پهلوان پڙ تي ٿيا ڪاچ ترار
پوءِ اهڙي سان آچار، علاوالدين اڳتي هليو.

---

علاوالدين اڳتي هلي، ٿيو وڳهه ڪي ويجهو
قيامتي ڪٽڪ جو، ٻيو هو هر هنڌ هوڪو
علاوالدين ماڻهو موڪليو، جيئن چنيسر چيو
تنهن دودي کي مُنهن تي، وڃي ائين آکيو
ته ڏي سڱ ٻاگهيءَ جو اسان کي، ته هي لهي جهيڙو
ٻيو ڇڏي پاڳ پري تي، آهي تخت چنيسر جو
ٻڌي پيغام علاوالدين جو، تنهن سردارن کي سڏيو
گڏجي سردارن پاڻ ۾، ويهي ويچار ڪيو
مرڻ کان مري وڃبو، پر سڱ ڪين ڏبو

پوءِ ورندي علاوالدين ڏي، جواب تن مڪو
نہ تون تُرڪ، اسين سومرا، پنهنجو ناهي لاڳاپو
ڇگو آهي مُڙي وڃ، توکي هٿ ڪي ڪين سرندو
سُٺي جواب سومرن جو، تنهن چنيسر کي سڏيو
تہ خيال اٿئي ڪهڙو، جنگ ڪجي ڪ ڇڏي ڏجي؟

—

تڏهن چنيءَ زبان سان، آکيو ايئن اتي
ڪجي جنگ جوانن سان، پلي صفائي ٿئي
هڪ حملي پڇاڙان، ايندا پاڙيهي پير متي
رڳو آهي دير اُٿڻ جي، اجهو ڪم تو پاڙيهي ٿئي
پوءِ وڄايائون طبل جنگ جو، اتي سڏ وڏي
انهيءَ وير اُتي، شپاهين صفون ٻڌيون.

—

سپاهين صفون ٻڌيون، ٿيا خان ڪڙا
حملو ڪري آئيا متن ست ويهون سوڍا
"هاسو" تن جو اڳواڻ هو، بهادر بلا
هو پڳ مٽ يار دودي جو، ننڍي هوندي کان
ٻڌي علاوالدين جي چڙهائي جو، هو آيو مدد لاءِ
ٿيو مُهڙ فوج جو، ڪيائين همت سان حملا
ڪٽڪ ڪيئي ڪيرائي وڌائين، ڪُهي ڪري ڪَترا
وڙهندي وڙهندي ويرين سان، پرجي آيس قضا
سج لٿي جو سورهيہ ويو مارجي مردا
بچيو نہ باقي هڪڙو، تي ساري فوج فنا
ان ريت سوڍا سنگت کي ملهائي ويا
پيئي رات متان، جوانن جنگ بند ڪئي.

—

بئي ڏينهن صبح جو، وڳا دهل دمام
آيا مرد ميدان تي، هٺي همت سندي هام

سپاهي سڀ سوڙها ٿيا، ڪري تياري تمام
سامهون ٿين سومرا وڙهڻ لئي وريام
هو سردار تن جو، "پونگر" نالي نام
پُٽ دودي جو پڌرو، اڙٻنگ اندر عام
تنهن هڪڙي ئي حملي سان ڪيا ڪروڙين قتلام
سامهون ٿيندي سورهيه ڪي، پڳا ڪيئي بدنام
صفون صفن سان نه گڏيون، مُورئون ات مدام
اهڙيءَ ريت ڪُٽبا رهيا، تُرڪ سڀ تمام
آخر مهل شام، بئي ڌُريون موٽي ويون.

—

ٽئين ڏينهن صبح جو، اچي مڙيا جُنگ جوان
پر بهادر پونگر سان، ڪنهن جي هلي ڪانه
قتل ٿيا ڪيترا، پڙ ۾ پهلوان
جي هئا دولهه دهليءَ جا، نالي چڙهيل نشان
اتي علاوالدين اٿيو، تنهن ڦيريو اِي فرمان
ته چئني طرفن ڦري وڃو، گوڙ ڪري گهمسان
هٽيو پالا پونگر ڪي، ڪشي تير ڪمان
پوءِ فوجون ڦري آيون، ڪري ڏڏڪا ۽ دهمان
لکن جي فوج سان وڙهي ڇا هڪ جوان!
آخر اَجل آيو، پارڻ پنهنجو پيمان
شير شهادت رسيو، سان اَمن ۽ اِيمان
جنهن ڏيئي جان، ڪيو سُرهو سنڌ ڪي.

—

چوٿين ڏينهن چڱن ڪي، دودي ڏني دعوت
ڪوٺ ڏنائين قرب جي، رکي هوش همت
اچي سردار سوڙها ٿيا، مڙئي پليءَ پت
تڏهن ڪونائي قاضيءَ کي، پاريائين پنهنجي پت
نڪاح پنهنجي ڌيءَ "سونل" جو، ڪيائين "ننگر" ساڻ نرت

جـو هـو پـٽ چنيسـر جـو، نـاميل نزاڪـت
تيـون خوشـيون خيـر جـون، بـاريءَ جـي برڪـت
اچـا چـُـڳير چـَـني ۾، هئـا سـان حشـمت
تـه وڳـو طبـل جنـگ جـو، نغـارو نوبـت
اُتيـا ورنهـه وڙهـڻ لاءِ، دولهـه سـان دهشـت
ننـگر نيـڻ تـماٽيا، پسـي ڪرشمـو قـدرت
موڪلايـائين ڪَنـوار کـان، روئـي وَرَنَ رت
سـونل تنهـن کـي سـورهيائيءَ جـي مرڳـي ڏنـي مـت
پوءِ وني اجازت چاچي کان، هليو سورهيه ڪري سنيت
آيـو طـرف آفـت، مـرد مـرڻ مـارڻ لئـي.

—

جـڏهن آيـو جنـگ ۾ ننـگر ڪـري نـاز
ڏسـي پـُـٽ کـي پـڙ تـي ڪيـو چنيسـر آواز
تـه وجـي سمجهـاءِ چـاچهين کـي تـه اچ بهـادر بـاز
پـر ننـگر مجيـو ڪينڪـي، جـو هـو سـورهيه سـرفراز
اُتلـو چينييـائين پـيءُ کـي، جـڏي مـوج مجـاز
پـوءِ آيـو مـرد ميـدان تـي، سـورهيه رجـائي سـاز
کيـائين ڪتـاري ڪٺـي، اَسـُـر جـو آغـاز
لڳـي جنـگ، غوغـاءُ تيـو، ڪـُـنا ڪيئـي قـاز
اُت جهرڪيون ڪيئي جهتون جهلين، جت شڪرا ۽ شهباز
انهـيءَ ريـت ننـگر ڪيـو تـُـرڪن کـي تـاراز
اهـڙي سـان انـداز، اچـي سج لٿـو سـانجهي تـي.

—

پنجيـن ڏينهـن پـره جـو، آيـو ننـگر هڻـي نعـرو
اُتيـو علاوالديـن جـو لشـڪر سـپ سـارو
جـوان جنبـي ويـا جنـگ کـي، مـردن ڪيـو مـارو
ائيـن ريـلا رت وَهيـا، جيئـن وسـي وسـڪارو
ڏسـي ويڙهـه ننـگر جـي، نمونـو نيـارو

علاوالدين جيو فوج کي: ور ڏيو وارو
بند کيو بهادرن جو چوڌاري چارو
ڪٽي ڪمانون ڪست مان، ڪريو تيرن وسڪارو
پوءِ لشڪر لوڙهو ناهيو، ڏيئي لامارو
ٿيا ڪڙڪا ڪانن جا، ڏورئون ڏيڪارو
ڦٽجي سورهيہ فنا ٿيو، هو سورهيہ سوپارو
تہ مُڙيو ڪين مرڻ سين، پئي وير ڪيو وارو
ڪري اَڙٻنگ اُمارو، وڙهيو پئي ويرين سان.

—

وڙهيو پئي ويرين سان، رکيو تابش تاب
هٿن هلڻ ڇڏيو، جي هئا هليا بي حساب
اندر اُج اُساتيو، ڪڙهي ٿيو ڪباب
چيائين سڏي چنيسر کي، اَبا! آٿي ڏي آب
اڳيان چنيسر تنهن کي، جوڙي ڏنو جواب
تہ سمجهاءِ پنهنجي چاچي کي، تون وڃي شير! شتاب
تہ ڏي سڱ علاوالدين کي، آهي جنهن جو باب
تہ سڀ طرح جو سُک ٿئي، لهي آهنج عتاب
تڏهن چيو پيءُ کي، اُٿي ننگر نواب
ٿيو نہ مهٽي هاب، مرڻ مهٽو ناهہ ڪو.

—

مرڻ مهٽو ناهہ ڪو، ڪُسڻ آهي ڪرم
سِر ويو صدقو ٿيو، پوندو بچي شرم
پوءِ بهادر بيهي رهيو، اڻ تر ڪري عزم
تيرن جي طوفان ڪيو، تنهن جو زخمي هڏو چم
پورو ٿي ويو پڙ متي ڪامل سندو ڪم
پر سورهيہ سِر ڪيو ڪينڪي، ڪيڏانهن ڪجهہ قدم
دوست ڏيئي دم، مرڪي هليو ملڪ مان.

—

تــي ســچائي ســورهيہ جــي، متــي پــٽ پٽــي
آخــر تــي اُهــا ئــي، جيڪــا واحــد ڪــي وٽــي
پــر آئــي اُن جــي اَمــر ســان، بــابت ســڀ ٻٽــي
دلبــر هــن دنيــا منجهــان ويــو جهجهــي عــزت ڪٽــي
مهــل پنهنجــي ملهــائي ويــو، حــاڪم هــٽ هٽــي
هئــي پيــاري پــُـرس ڪــي، عــزت جــي اَٽــي
ويــو اُنــائيندو آخــر ســين، عــزت گھــوٽ گھٽــي
ڪــري حــاصل قــرب ڪٽــي، لــڏي ويــو لــوڪ مــان.

—

ڇهيـــــن ڏينهـــــن ڇڄيـــــر اُتيـــــو، دودو دلاوَر
تنهــن ســڀ ســورهيہ ســڏائيا، گوهــر پنهنجــي گهــر
آڪيـــائين اُنهـــن ڪـــي، اُتـــي اُهـــي اڪـــر
تــہ اڄ آهــي ڏينهــن مــرڻ جــو، ســڀ سنياليو سمــر
پــوءِ اُتــي خــان ڪــڙو تيــو، ڪشــي ٻــڌي ڪمــر
زالــون سيئي ســام ڪــري مــُـڪائين اَبــڙي جــي آڏر
تــہ ادا! هــيءَ امــانت اســان جــي، ســانديج تــي ســڌر
پــوءِ ڪــري اِيءَ پــر، مــانجهي آيــو ميــدان تــي.

—

مــانجهي آيــو ميــدان تــي، همــت ســاڻ هلــي
ڪــاهي پيــو ڪتــڪ ۾، ڪــري علــي علــي
مــرد ســان ميــدان ۾، ڪنهــن جــي ڪانــہ چلــي
دشمـــن جـــي دم ۾ ويئـــي جـــان جلـــي
مــُـنيون پيــڙي وتــي پڳــا، وينــا اوڏي رلــي
بــاريءَ ڪئــي پلــي، ســاعت ســومري ســندي.

—

ســاعت ســومري ســندي، ڪئــي مولــيٰ موچــاري
تــراڙ تجلــي تــاب ســان، پئــي ڏنــي ڏيڪــاري
هلايــائين پئــي همــت ســان، قهــري ڪٽــاري

پـــڙ ۾ پهلـــوان ســـان ڪنهـــن جـــي نــہ هلـــي ڪـــاري
اهـــا علاوالديـــن ڪـــي، جـــڏهن ســـڌ پيئـــي ســـاري
مـــرد آيـــو ميـــدان تـــي، ڏســـڻ جنـــگ جهونجهـــاري
ڏســـي دهشـــت دودي جـــي، ڪئـــي تـــُـرڪ توبهـــہ زاري
وڙهـــت هئـــي ويـــر جـــي، نـــــرتئون نيـــاري
جوانـــن ڏاڍيءَ جـــُلهہ ســـان جنـــگ رکـــي جـــاري
پـــر دودي جـــي دهشـــت اڳيـــان ســـيني همـــت هـــاري
جـت لـڳن يـالا يـاري، اُت ڪـانئر بيهـن ڪينڪـي.

---

ڏســـي دهشـــت دودي جـــي، تـــي فـــوج ڪـــل فـــرار
تـــي پيـــو علاوالديـــن ڪـــي اُت وڏو ويچـــار
ســـڏايائين چنيســـر ڪـــي تـــہ اچـــي تـــيءَ آذار
تنهـن ڏنـي صـلاح سـوچ سـان، ويهـي ڪـري ويچـار
تـــہ ســـت ڪوهـــہ ڪٽـــايو اونهـــان گهٽـــو اَپـــار
رکـــايو انهـــن ۾ يـــالا ڪيئـــي بســـيار
متـان ڊَڪـائي ڇـڏيو، جيئـن پـوي ڪنهـن نـہ پڇـار
پوءِ جنهن مهل اُتي ڪري ڪو جوان هڪ جُهونجهار
بيهـي ڪوهـن جـي طـرف ڪـان، سـڏي ڪـي سـردار
وڙهـڻ جـي وريـام سـان، لات ڪـري للڪـار
پـوءِ ڪـاهيندو ايندو ڪـاوڙ مـان، هڪلينـدو هسـوار
پـاٽيهي ڪـرندو ڪـوه ۾، لڱنـدس انبـور اَپـار
پـوءِ ڪـري فـوج اُن مهـل اُتـان، تيـرن جـو وسـڪار
اهـڙي سـان آچـار، مـاربو وجـي ميـر ڪـي.

---

مـاري وجهبـو ميـر ڪـي ڪـري اهـڙي ڪـت
پـوءِ علاوالديـن آنـدي عمـل ۾ مـرد جـي مصلحـت
راتئـون رات نهـي ويئـي ، اونهـي آپـار آفـت
صبـح ٿيـو جـڏهن وڳـو نغـارو نوبـت

تڏهن هڪڙو تُرڪ اُتيو، جوان ڪري جُرئت
بيهي ڪڏ جي ڪپ تي ڪيائين هُل حرڪت
تہ اچي ڪو مرد ميدان ۾ تہ ڪريانس مرمت
تڏهن ڪاهي متس آيو، دودو سان دهشت
ڪري وجي قابو تيو منجهہ ظلم جي زحمت
انبورن ۾ اَٽڪي پيو، تمام تيس طاقت
گهوڙي سُوڏو گهائجي پيو، بهادر اهڙيءَ پت
مٿان تيو وسڪارو تيرن جو، جنهن مُنجهائي وڌس مت
تڏهن ڪيائين سڏ چنيسر کي تہ ادا! ڪر آوت
وارث! وڄڻ وقت، اچي ڪر پيرو ياءُ تي.

—

سڏ سُڻي سردار جو، چُريو چنيسر
اچي ڏنائين ياءُ کي، قابو منجهہ قهر
اڳيان دودي چيس دل سان، اُتي اهي اڪر
پلي آئين ياءُ منهنجا، جانيڙا جگر
جيڪي ڪيئي، بخش اتئي، هاٿي الله توهر
ائين چئي هتيار اڇلايائين ڏانهن چنيسر
دودي جو دم نڪري ويو، اُتي اُنهيءَ پر
تڏهن هنيو نعرو فتح جو، علاوالدين آخر
نوبتون نغارا وڳا، تيا ڌُم ڌَچر
تاسين چنيسر اُتيو، ڪامل موڙي ڪر
پهري هتيار ياءُ جا، لڙيو ڏانهن لشڪر
اچي مارايئين مردن کي جيئن ڪُسجن ڪي ٻڪر
پيئي علاوالدين کي جڏهن اِيءَ خبر
تڏهن ڪيائين حڪم فوج کي تہ وڙهو ڪري ولر
پوءِ فوجون ڦري آئيون، ڪٽي تراڙيون ۽ تبر
گهائي وڌائون گهوٽ کي، هٽي ڪان ڪٿر

تہ مرد مڙيو ئي ڪينڪي، پئي نعرا هنيا نَر
آخر ڏٺيءَ جيءَ گهُر، هي بہ هليو هنن ڏي.

—

تهان پوءِ تُرڪن سان، علاوالدين آٺموٺ
گهڙيو وڏي گهمسان سان، ڪاهي اندر ڪوٽ
تہ وجي هٿ ڪريان تو شهزاديون، ڪري چستي چوٽ
پر خالي ڏنائين خير سان، ويران وڳهہ ڪوٽ
پوءِ پير ڪٽي پڇائي هليو، ڪامي اندر ڪوٽ
پيس پتو پنوهارن کان، تہ کو ڪڇ ۾ آهي ڪوٽ
آهي حاڪم تي جو "اَبڙو ڄام" ارهوٽ
سامون سومرن جون آهن اُن وٽ امانت اوٽ
آهہ ڄام اهو ڄاموٽ، مشهور ملڪن ۾ گهڻو.

—

پوءِ علاوالدين اُتاهين هليو، ڪري ڪڇ تي ڪاه
پيئي وجي ابڙي کي، اها سُڌ سماءُ
تنهن لشڪر سنباهي تيار ڪيو، ويهي وڙهڻ لاءِ
علاوالدين بہ پهتو اچي، آخر جنگ جي جاءِ
لڳي جنگ، جوان ڳنڍيا، تيو غل غوغاءُ
ڪيئي مرد مارجي ويا، تي پِڙ ۾ پرزا پاه
سڄو ڏينهن ستون ڏنائون، ڪري هُل هڳاءُ
ڏينهن وهامي رات تي، تي چوطرف اونداه
تُرڪن کي ڏاڍي تابش رکي، منجهان چستيءَ چاه
ممٽ کي ماري وڌائون، جو هو سمن جو سپاه
پوءِ سما سَٽ جهلي نہ سگهيا، تُرڪن سندو تاءُ
وني رباني راه، ڪونڌڙ اُت قربان ٿيا.

—

ڪونڌر سي قربان ٿيا، جوڌا جُنگ جوان
مردن مري ملهايو، جوانن ڏيئي جان

ترڪن لاءِ تڏهن تيو ملڪ مڙئي ميدان
پوءِ ڪاهي هليا ڪست مان خوشيون ڪندا خان
ايندو ڏسي علاوالدين کي ڪيو عورتن ارمان
پوءِ پيئي پڳيون وني، ڪري مُنهن ميدان
پويان پيا تن جي، ڪيئي پُرس پهلوان
جڏهن ويري ويجها تيا، پڪڙڻ لاءِ پروان
تڏهن عورتن عرض ڪيو، دليؤن کي ديان
تہ پَرور! ڏي پناه تون، سڀاجها سلطان
سُڻي پوڪار سَتين جي، مالڪ مهربان
پُون ڦاٽي جاءِ تي، تانڪ وڏو تان
مليون پناه پيهي ويون، تين مهر متان
مليون اَمن اَمان، سيني ستر بچائيو.

---

سڀ وجي سوگهيون تيون ڪيئي باري پلائي
آخر علاوالدين کي، رڳي سَري ڦڪائي
مُنهن ڪري موتي هليو، پائي منهن ۾ ڇَائي
سامن خاطر سر ڏيئي ڪئي سمن سچائي
مڙس تي ميدان تي تن مهل ملهائي
رضا رب رحمان جي هئي اصل اُهائي
نہ تہ ڪير وڙهي ها وِيرَن سان، ڪنهن طاقت نہ هئي ڪائي
پاءُ اتي پائرن سان ڪئي ڪچائي
نہ تہ دودن جي دهشت اڳيان، هئا تُرڪ توائي
ننگر جهڙا نہ وري ڪا مور ڄڻيندي مائي
پونگر پي بهادريءَ سان پوري پچائي
سومرا سر ڪَٽائي ويا، ڪري سُورهيائي
ثابت ڪري ويا سما، پنهنجي سچائي
سومرا سما سُورهيہ هئا، جوان جنگ جائي
جن ڏيئي جانيون جنگ ۾، عزت بچائي

پنهنجـــن ۽ پوئيـــن جـــي جـــن پـــت رهـــائي
آگـــو الاهـــي، کنـــدو مهـــر مڙنـــي متـــي.

—

کنـــدو مهـــر مـــڙن تـــي، ملـــڪ ڏٽـــي مـــولا
لاهينـــدو هـــو لطـــف ســـان، ڏکـــن جـــا ڏولا
ڏينـــدو پنـــاه "پيـــرو" چئـــي، لهنـــدا پـــؤ پـــولا
کـــرم ســـان کريـــم جـــي، لهنـــدا راهـــن تـــان رولا
پڇنـــدا بنـــد برايـــن جـــا، تينـــدا ڇيهـــون ڇيهـــون ڇـــولا
لهنـــدا اکيـــن جـــا اولا، پســـي درســـن دوســـت جـــو.

—

پســـي درســـن دوســـت جـــو، پڇـــن شـــال پســـاه
عـــاجز اَيـــرو آهيـــان، پـــرور ڏج پنـــاه
برکـــت ۽ پلاٽـــي ســـان، کـــج منهنجـــي نيـــڪ نگـــاه
تـــو ريءَ ترهـــو ناهـــ کـــو بيـــو وســـيلو واه
اوجهـــڙ کـــان اُکـــاري، رهـــائج تـــي راه
مـــرڻ ويـــل مـــون، ڏٽـــي! کجـــان ســـولو ســـاهہ
ڏج "پيـــرو" چئـــي پناهـــ ۾ کـــامل ڏينهـــن قيـــام جـــي.

—

# ڪڇ جي شاعر دليراءِ ڪاراڻي جي بيتن جي جوڙيل ڳالهه

1- سنڌ ملڪ سُهاوڻو، سَرجيو سَرجڻهار
دودو چنيسر سومرا، سنڌو جا سردار
پوءِ ٻين ٻانڌڙان [1] مان لڳي اچي تخت متان تڪرار
وڃي چنيسر دانهن ڏني، دِليءَ جي درٻار
پوءِ ترت ٿيو تيار، علاؤالدين آيو چڙهي.

2- علاؤالدين آيو چڙهي، ڏيئي ڏنڪي ڪي چوٽ
سومرين جي سوس [2] ۾ آيو عمر ڪوٽ
جُڌ مَنڊاڻو [3]، جهينڪ [4] تي ڪَنپي هليا ڪوٽ
سڀي سمر ۽ سومرا ڪپي ويا ڪي ڪوٽ
پوءِ هليون هڪڙي اوٽ، سنڌ نُون ست ويهون سومريون.

3- سنڌ نُون ست ويهون سومريون، آيون ڪَڇ وڍَس[5]
ابڙو ابڙاڻي جتي نَر ويرين ۽ نر
ڏنڪا جنهن جا ڏيس ۾، وَنڪا وِڪٽ پَڙ
پوءِ اڄ پڻ آهي امر، اهو ڪاڇي جو نر ڪيسرِي.

4- ڪاڇي جو نر ڪيسرِي، ابڙو چئي تو ايئن
پلي آيون پينرون، ائين فڪر مَ رکجو ڪيئن
واءُ مارِي ڪوئل [6] اچي، ائين پڻ اچو تيون اِيئن
اڻ ڏني آڏو قران، سو ڏني ڏيان ڪيئن
منهنجي سر تي مِينهن پالين جا وَرسي پلِين.

---

[1] ٻانڌڙان = پڙين.
[2] سوس = اميد.
[3] جُڌ مَنڊاڻو = جنگ لڳي.
[4] جهينڪ تي = مارا ماري تي.
[5] وِڍسر = ابڙي جو ڳوٺ، ابڙاسيي ۾.
[6] واءُ مارِي ڪوئل = ڪوئل کي واءُ سَٽي ماريو.

5- ڀالين مـِـينهن ورسـي پلـيـن، ايـڏو کيــائين اقــرار
ايـتـري مـَـان تــان آ پــڙي [1] ، علاؤالديــن جــي وار
تنهــن کـــي واڻ وَتــائجو، ابــڙي کيـــو اظهـــار
مـَــسال کـــي ٻــاري کــري کپــه ٻــارو پــار
او تنهــن جــي آڏار، علاؤالديـن آيــو پــُڄـــــي.

6- علاؤالديــن آيــو پــُـڄي، طنبــو کيــائين تيـــار
وَڏِســـر ۾ هـــو ويرلـــو [2] ، اورســـيو مينگهـــواڙ
اُن چالاکي عجب ڪِيئين، حڪمت ڪِيئين حد پار
پڳو ٻـَنــي سنڌي کُـتو، سـُـتو جــِتي سـردار
کــڏي آيـــو کـنــار، رکـــي کـــري رانپـــڙي.

7- رکـي کـري رانپـڙي، ڪـڇ جـي وَتـائي ڪـَــلا [3]
ڏرم پــُــڌ ۾ دغـــا جـــو چئـــي تـــا نـــاهي چـــلا
ســَــوار ۾ ســلطان چئـــي، بچـــائي ورتـــو الله
چئي تو ابڙي ڄام کي، سـُڻ تـون منهنجي صلاح
پـَـلو تئيــن پـَــلا! ســونپي ڏي تـون ســومريون.

8- ســومريون کيئــن ســوئنپيان، ابــڙو چئـي اڙٻنـــگ
مهانگي اِني جي موجڙي [4] ، سهانگو مَ سمجھ سنگ
ســومرين جـي سـگَ جــو رڻ ۾ ڏســندين رنـــگ
پـَــتي نتـــو پـڻ پاتشــاه، نـَــمي نتـــو اڙٻنـــگ
جــوڌا چڙهيــا جنــگ، ڏنکـــي تـــي ڏانـدِي لڳـــي.

9- ڏنکــي تـــي ڏانــدي لڳـــي، نکــري پيـــا نـــر ويـــر
هکـــڙو دلـــي جـــو ڏڻ، ٻيـــو وَڏِســـر جـــو ويـــر
ڏگـــا ڏگـَـاٽين چڙهيـــا، رَڻ وَنکـــا رَڻ پـــــير
اُتليـــا تـَــتا تــــِير، اُونچـــا اُڏي آکـــاش ۾.

---

[1] آپـَـڙِي = اچي پهتي. وار = واهر، لشڪر. مـَسال = مشعل. ٻارو پار = ٻارهن پار، هڪ پار، غالبا ستاويهہ مڻ ڪـَچا.
[2] ويرلو = بهادر. اوريسو = نالو مينگهواڙ جو. رانپڙي = رنبي، چمر وَڍڻ جي.
[3] وَتائي ڪلا = ڏيکاري حڪمت. سوار = صبح.
[4] موجڙي = جتي.

10- اُونچا اُڏي آڪاش ۾ سَڻ سَڻ سَڻ سڻرات
ڪَريين [1] تا رَڻ گهوڙلا. هڻ هڻ هڻ هڻرات
جهالر جي جهڻڪار جا جهڻ جهڻ جهڻ جهڻرات
پوءِ ڪاندين جا ڪڻرات، رَڻڪي رَڻ ميدان ۾.

11- رَڻڪي رَڻ ميدان ۾، رڻ ڪيلاري نر
سُورهيين جا رت تا تَپي، ڪَنپين تا ڪانيَر
رَڻ ڏينگا[2] رَجپوت چئي: 'هر هر سَنيوهر'
پوءِ سينَڪ چئي سلطان جا، الله اڪبر
پوءِ مانَوَ مَهاساگر، جهُڪي پيو رَڻ سنگرام ۾.

12- جهڪي پيا رڻ سنگرام ۾، ڪئين راڻا رجپوت
ڏينگي ڪچ - ڏار، جتي ڪانيَر ڪونہ ڪپوت
رنگيا لال گلال ۾، ڪر جوڳيڙا اَبڌُوت
پوءِ جوراتا [3] جَمدُوت، ڪُڏندا آيا ڪيسري.

---

[1] ڪريين = ڪن تا. رَڻ گهوڙلا = لڙائي جا گهوڙا. جهالر = وجت، لڙائيءَ جي. ڪاندين جا = ترارن جا.

[2] رڻ ڏينگا رجپوت چئي = بهادر راجپوت چون. هر هر سنيوهر = هر نام جو نعرو. سينڪ = سپاهي. مانَوَ = ماڻهن جو.

[3] جوراتا = زوراتا. جمدوت = عزرائيل.

# پاڳو مهر (رحيم يار خان) جسواڻي جو جوڙيل ڳالهه بيت

[پاڳو مهر، پاڙو جسواڻي، رحيم يار خان ڪان ٻه - ٽي ڪوه اوپر وينل هو. 1948ع ڌاري وفات ڪيائين. سگهڙ عبدالستار فقير مهر هي بيت اسان کي ٻڌايو، ۽ چيائين ته پاڳو اسان جو ڏنل هو. ن - ب]

پـــــائر لڙيـــــا هئـــــا پـــــاڻ ۾، ارڏا افلاطـــــــر
پـــــــيڙهي وڏو پيـــــــر ۾، چـــــائي چنيســـــر
لڳي هِـي دانهه داناءُ جي، جڏهن مـور[1] تـه مرڪيـو مر
ڪٽـــڪ عـــالادين ســـان هـــو وڏو دَفـــر تـــر
تيـو سڏو سنڌ ساري کـي، چـَليون مـِـڙيون چـَـر
لاڪـــي ســـــر لـــوڙِي گـــڏيا، تيـــا لاٽبـــا لشـــڪر
وجي تيو واڪو وڳهه ڪوٽ ۾، اڳيان نام ڪنيا نوڪر
دودو ٻـُـجهي دوداڻـي، ســو ڪـَـني ڏڻـي ڪنگهــَــرُ
هـُـنيون دُنـگ دمـاڪ ۾، ســو ڏاريـو ڏئـي [2] ڏونـگر
ســـڱ نـــه ڏينـــدا ســـومرا، ڪنهـــن ڏاڍي زور زبـــر
ڪاهيـُـون [3] لنگهـي ڪٽڪن وچ ۾ نعرا ڪيـو ننـگر
ابـــڙو اتـــي رانـــد رمـــي گيـــو، جـــَـڪريا جـــوراوَر
ڪئـــي آ يـــاڄ، پـــاڳو چئـــي، خـــان ڪٽنـــدا خچـــر
دلـــي ڪولـــي در، مغلـــن مـــاڻي ڪانـــه ڪـــا.

---

[1] دودو مرڪيو ته چنيسر جي دانهن لڳي آهي. اڳي ماڻهن طعنا پئي ڏنس ته چنيسر کي عالادين پڇيو به ڪونه.

[2] ڏاريون ڏئي = چيرون ڏئي.

[3] ڪاهيون = ڪاهيندو.

# لعلڻ خان لغاري (تعلقو شهداد پور) جي بيتن ۾ جوڙيل ڳالهه

[لعلڻ خان ولد علي بخش پاڙو سنجراڻي لغاري، ويٺل ڳوٺ گل محمد لغاري، تعلقو شهدادپور. سنہ 1895ع ڌاري ڄائو ۽ 1972ع ۾ وفات ڪيائين. سندس گهڻو ڪلام سرائڪي زبان ۾ آهي. هن قصي ڪان سواءِ يوسف زليخان ۽ هير رانجهي جا قصا پڻ ناهيائين. گفتي جو ملوڪ ۽ سڄاڻ سگهڙ هو. 'دودي - چنيسر' جي هيءَ ڳالهہ 1960ع ۾ سندس زباني قلمبند ڪئي وئي. سندس چوڻ موجب ننگر جي نظر بيگ سان لڙائي واري واقعي تائين بيت ڪنهن اڳاتي هلندڙ ڳالهہ وارا ساڳيا بيت آهن، جن ۾ پڻ قافين جي گهٽي قير گهير ڪيائين ۽ ڪي وڌيڪ تُڪون ۽ مصراعون شامل ڪيائين. ان بعد سمورا بيت سندس جوڙيل آهن. هر بيت جي آخر ۾ "الو الو هادي الله، تون يا الله" وراڻي طور تي چيائين. ن - ب]

آئي ماءُ ننگر جي، سا رِيهہ ڪري راڻي
گفتا گوهر ڪي ڪيا، اچي سوڊل سياڻي
کهڙا خط خلل جا، مونکي حوال ڏيو هاڻي
جيڏري هن جهان ۾ آهيان سورن ڪئي ساڻي
جيرا سي جلي رهيا، ناهي پسنبڻين ۾ پاڻي
ناني مارايئي ننڍڙو، ولهي ڪيئي نياڻي

وو الو الو هادي الله، يا الله!

ننگر جي ماءُ کي جڏهن دودي سومري روئيندو پٽيندو ڏٺو، تڏهن ڪيس دلداري ڏنائين تہ: مائي! پنهنجا ڀئي پٽ ننگر ۽ منگر سلامت آهن ۽ لشڪر سان جنگ ڏين. هاڻي آءُ خود لشڪر وٺي انهن جي مدد لاءِ تو وڃان.

ڪَلهي تيءُ نہ ڪانهري، مائي! رات وهامڻ ڏي
منهنجون ۽ عالادين جون ڳالهيون ڪندا ڪي
ڪندس پسيل پناڻ ڏي هوندو عالادين اُتي
مُور نہ ويهڻ ڏيان مغل کي، وڃي دلي دام جهتي.

جڏهن ڏينهن ٿيو تڏهن دودو شڪار جو بهانو ڪري، لشڪر وٺي، جنگ جي ميدان ڏانهن ويو. شڪار جو بهانو اُنهي ڪري ڪيائين تہ متان پوين کي اڪيلائي سبب ڊپ محسوس ٿئي:

گهوٽ چڙهيا گهوڙن تي، ساري حضرت شاه
پائيندڙ جيئن پائيندا وڄن، جيئن دوڙ ڪري درياه
ڪُڏن ڪيهر شينهن، جيئن هرڻ ڏي ويلا
پُورب ڪان پلٽيا وڄن، جيئن واءُ ڪري واڪا
لٿو تہ 'وِيران واه' تي، دانَهہ دودو راءُ.

جڏهن دودو وِيران واه تي اچي پهتو، اُن وقت دودي جي نگاه چنيسر جي نيري گهوڙي تي وڃي پيئي ۽ چنيسر بہ دودي جي گهوڙيءَ کي يڪدم سڃاتو. ٻنهي کي هڪٻئي جي ڏسڻ جي سِڪ ٿي ۽ گهڻي اُڪير مان ويجهو اچي، ڀالا هڪٻئي سان مِلائي، خوش خير عافيت ڪيائون ۽ اکين مان گهڻو آب هاريائون.

دودي تنهن داناه جي وڃي نَر تي پئي تہ نگاه
ڪٺنڪٺ منهنجي ڪُڙهہ جو ۽ سوار تہ کهڙو آه
چريي چنيسر چاه مان، ڏنو دودو سو داناه
ترسيو ڪونہ طنبو ۾، جاڳي جوش پيا
پورب ڪان پلٽيو اچي، جيئن واءُ ڪري واڪا
اَصلي تنهن اِسلام جو اچي سلام ورايو آه
ڀائر مليا پاڻ ۾ ڏيئي ڀالَن ۾ ڀالا
آنڊائون آب اکين مان، جيئن ساوڻ مينهن وٺا
وڇڙيل هئا ورهين جا، ڪيا هادي هيڪاندا
آهن مليا پاڻ ۾، ڏيئي تہ ڏوراپا
آئي مهل پڳ جي، مون سان پيڙو ٿيُون نہ ڀاءُ
راڄ محابو ڇڏيو، منهنجا دشمن اصل ٿيا
جوئِن مون سان جاڙُون ڪيون، ويري ٿيون توڙا
تيرهن سال دلي ۾، منهنجو تو لئي ويو ٿئي ساه.

جڏهن ٻنهي ڀائرن روئي هڪٻئي کي ڏوراپا ڏنا، تڏهن ننگر چنيسر کي چيو تہ: سمورو ڏوهہ تنهنجو آهي. جڏهن ڪنهن بہ طرح سان توکي اسان پڳ تي ٻڌائي، تڏهن توکي ڪنهن چيو تہ ماءُ ڪان وڃي پڇ. راڄ بہ تڏهن تہ بگڙي ويو.

ڏک ڏوراپــا تــا ڏيــو، ويجهــڙ ٻئــي ويهــي
چــاچي چنيســر جــي هتــان، آ ڪانــہ وســان پيئــي
پــڳ مــِـني ڪٿي پــانهنجي، وَر ٻـــِـتا ڏيئـــي
قصــا ڪنــدو ڪيتــرا، جــا ڳالهـــہ هتــان ريئـــي.

جڏهن هڪبئي کي ڏوراپا ڏيئي چيهہ ڪيائون، تڏهن چنيسر چيو تہ: هاڻي آءٌ پنهنجي لشڪر ڏانهن ٿو وڃان. جنهن وقت جنگ شروع ٿيندي، ان وقت اٽڪل سان لڙائي اوهان جي طرفان ڪندس، ڇو تہ مونکي ننگر جو ڪَهڪاءُ اچي ٿو.

تــڏهن چيــو چنيســر چــاه مــان، وڃــان ٿــو هــاڻي
جــوڌا جنـــگ ميـــدان ۾، ســـي اينـــدا ســـياڻي
وڙهنــدس يــار ويريــن ســان، جيئــن اٺ چــَـري لاڻــي
ڪـــارنهنَ لايـــان ڪينڪـــي، ڏيهـــہ تـــہ ڏاڏاڻـــي
مونڪـــي مـــرم ننـــگر جـــو، پـــَـرور تـــو ڄـــاڻي.

انهي مهل تہ چنيسر موڪلائي هليو ويو، پر وري اوچتو اڌ رات جو ڪــُـمهلي وقت ۾ واپس موٽي دودي جي لشڪر ۾ آيو ۽ ننگر کي اچي چيائين تہ: مغل تمام گهڻا جوڌا جوان آيل آهن، ڏينهن جو تن سان پڄڻ پيٽي ڪانہ اٿئي، باقي سوپ ڪٽي هجيئي تہ هن مهل هلي حملو ڪر.

آيـــو آڌي رات جـــو، اچـــي چنيســـر چـــَيـــُـــن
ماريا شڪاري شاه جا، جيڪي شوق شڪار بہ ڪن
ٻيا شيدي ماريا شاه جا، جيڪي ڇاڻن ملهہ منجهن
هي پلتي بــاز پنـاڻ اٿئي، هــڪ ويهــن تــہ ٻيــا اٿـن
گهــوڙا پــاريل تــن جـــا، جيڪــي دوڙيــو ڏک هڻــن
هــَنان، زِينــُون، سِــپرُون ڪيــو تــا گهوڙي پيٽ لڪــن
راتـــاهو ڏي رات جـــو، مـــن ويـــري زور وڃـــن.

تنهن تي ننگر پنهنجي پيءُ چنيسر کي چيو تہ: بابا! رات جو چورن وانگر حملو ڪرڻ ڪنهن مڙس جو ڪم نہ آهي. ميدان ۾ مردن وانگر لڙڻ منهنجو مــَرڪ آهي. تون موٽي وڃ ۽ اهڙي صلاح مونکي نہ ڏي.

اچـــي آڌي رات جـــو، تـــون ســـُـــتا نـــہ جاڳـــاءِ
توکـــي عقـــل اڳـــار جـــو، آهـــي ســـيک ســـَـنداڻي ســـاءُ

لاريــــن لاءِ وڏا ڏنــــا، بيـــون ڏُنـــاليون ڏڏ ڪـــن
سـنڌ جـا سـورهيہ سـومرا، پيـا ويـريءَ سـاڻ وڙهـن
مـاڪڙ وانـگر مينهـن جيئن، ڪڙڪيـو ڪـان ڪـرن
رات رهـي پيـا رڻ ۾، تــہ بــہ ڪاٽـا ڪيـن ڪـُـتن.

جنگ ڪندي رات ٿي ۽ لڙائي بند ڪيائون. مغلن جا حوصلا خطا ٿي ويا ۽ ڪيترائي پهلوان مارجي ويا. صبح وري جنگ شروع ٿي.

رات وهـــاڻي ڏينهـــن ٿيـــو، اُڀريـــو تـــارو
وڙهـــن ڪٽـــارِيـــن ڪـــاتيين، بينـــا پـــالا هٽـــن
نـر نشـي نوازيـا، بينـا 'عـَيلـــي عـَيلـــي' ڪـن
هـڻ وٺ وائـي وات ۾، پيـا ڪـڪـا ڪـيهـُـون ڪـن
هينـان جـَـنگ ننگر جي، مٿـان ڳجهون تہ ڳـاه پـَـڌن
ڏڙ جنـــي جـــا ڏوڙ ۾، للنگهـــہ پيـــا ليٽـــن
مـــر ســي مـــائن ڄائيـــا، اڄ اورانگهيـــو اڄـــن
عضـــوا اُمرائـــن جـــا پيـــا لوهـــو منجهـــہ لڙهـــن
پـــرزا پوشـــيدن جـــا، اُڏريـــو عـــرش وڃـــن
سسـيون آهـن سـلطانن جـون، ڪـلر منجهـہ ڪـرن
پـيـڙهـيـن پـٽ وسـائيا، بيـون ٻولهـايون ٻهڪـن
تيرهـن ڏينهـن تـرار سـان ڪيـو مقـابلو مـردن
چوڏهيـن ڏينهـن چوغـان ۾ هـو رڻ پيليـو راوَن
پنڌرهيـن ڏينهـن پـَـٽن تـي ديميـون پيـو دَوَنڪـن
سـورهين ڏينهـن ميـدان ۾ هـو سـج ڏنـو راوَن
هـڪ ڏَريـائون ڏوڙ ۾، بيـا نـاري ڏَس پـُـڇن.

هاڻي سومرن، مغلن جي لشڪر ۾ هاهاڪار مچائي ڇڏي. گهرام سپهہ سالار بہ مارجي ويو ۽ دودو بہ جنگ جي ميدان مان موٽي واپس وڳهہ ڪوٽ ڏي آيو. باقي ننگر ۽ منگر ميدان ۾ رهيا. هاڻي هـَنبس پناڻ مغلن جي لشڪر جو سالار ٿيو. جنگ تي چڙهڻ مهل هنبس ڪي سندس ماءُ چيو تہ:

ٻيـا ٻـَڌن تـا هيڪـڙي، تـون هـَنبس ٻڌيـن ٿـو ڏُون
مغـل هزاريـن ماريـا، چـو تڪـڙ ڪريـن ٿـو تـون

اڳيان ٻـ مـرد متيـر تئـي پيـري هٽنـدءِ پـُـون
ڏسـي تيـز تـرار جـو، موتـي اڃـي نـه مـون!

ماءُ هَنبس کي گهڻو ئي سمجهايو پر هنبس کنهن بہ طرح جنگ ڪرڻ کان نہ مُڙيو، ۽ پنهنجي ماءُ کي چيائين تہ: اَمان! مونکي اِها دعا نہ ڪر. آءٌ يا تہ سوپ جي خبر کڻي تو وٽ ايندس، يا تہ منهنجو لاش تو وٽ پهچندو.

آيل! ڏي نـه مـهڻا، منهنجـو سـاڙيو وجهيـن تـي سـاه
مـانجهي مـُـڙندا ڪينڪي، پتنـگ تيندا سـي پـاه
پئسـن جيئـن مـان گهورجـان عـالادين متـان
مـرد وڙهـن ميـدان ۾، بـي حـاجت ڪنهـن جـي نـاه
يـا سـوپ کڻيـان ميـدان ۾، يـا مـڙه ملنـدءِ مـاءُ!

هاڻي جنگ جي تياري ٿي ۽ هَنبس پناڻ مغلن جي لشڪر جي ڪمان سنڀالي، ننگر سومري جي مقابلي لاءِ آيو.

رات وهـامي ڏينهـن ٿيـو، اُڀريـو تـي تـارو
غـوث بهـاؤالحق جـو، بينـا نـر هڻـن نعـرو
'عـَيلـي عـَيلـي' وات ۾ پڙهـن حـُسيـنـي ڪيـڏارو
پيڪـي پيـر دلـيءَ جـي، وڳـو هـَـنبس نغـارو
هلـي آ مـرد ميـدان ۾، اتـي ننـگر ڏي وارو!

جنـگ شـروع ٿـي. سـومرن پـاران "هاسـو سـوڍو" بـہ وڙهيـو ۽ ڏاڍي بهـادري ڏيکاريائين.

سـاري حضـرت شـاه ڪـي، اچ مـور آيـا ميـدان
مـانجهي مـرد مچـي ويـا، جيئـن پتنـگ اَچـن پـروان
وِيـر وڙهـي پيـا پـاڻ ۾، ٿيـو طـرف ٻنهـي طوفـان
ننـگر تـي نعـرا هنيـا، سـو جـوش ڪـري جـولان
هنبـس تـي حمـلا ڪيـا، جـوش ڏيڪـاري جـوان
هاسي تـي هڪلون ڏنيون، جيئـن گـوڙ ڪـري گهمسـان
منـگر تـي مـارا ڪيـا، اڇـي مغـل ٿيـا حيـران
. مغـل اڇـي مـاندا ٿيـا، جيڪـي ننـگر ڪيـا نـادان
رات لهـي ويـا رڻ ۾، سـيئي وٽ سـامان.

رات گذري ۽ وري ڏينهن جو جنگ جي تياري ٿي. ٻئي لشڪر آمهون سامهون لڙڻ لڳا. هنبس پناڻ، سَوائي پهلوان سان مقابلو ڪيو، جنهن ۾ سوائي ڏک جهلي ميدان مان ڀڄي ويو.

رات وهامي ڏينهن ٿيو، ڪيو آ شمس شعاع
'سوائي' گهوڙو ڪاهيو، اچ ساري حضرت شاه
تڏهن هنبس چيو هسوار کي هاٿي جهٽ جهُڪاءِ
ٻيلائي اچي ٿو ڀهڪندو، ڪري ٿو ڪونہ سماءُ
پنج ڏک پناڻ جا لڳا تنهن سوائي ڏانهن
سوائي هٽيو پوئتي، آيو نيري ڏانهن
هنبس چيو هسوار کي، تون ترسي گهوڙو ڪاه
چئي: ڀڳي پنيان آءُ پوان، لولي ڏني نہ ماءُ!

جڏهن سوائي هارائي ميدان مان ڀڄي ويو، تڏهن منگر، هنبس جي مقابلي لاءِ ميدان ۾ آيو، ۽ ٻئي پهلوان لڙڻ لڳا.

'منگر' آيو ميدان ۾، ساري حضرت شاه
تڏهن هَنبَس چيو هَسوار کي، هاٿي جهٽ جُهڪاءِ
ٻيلائي اچي ٿو ڀَهڪندو، ڪري ٿو ڪونہ سماءُ
وير وڙهي پيا پاڻ ۾، جاڳي جوش پيا
ويرين وڙهندي پاڻ ۾ لنگهيو پهر سوا
ڪانٽو لڳو ڪاپار ۾، منگر سو متانءُ
تہ بہ منگر مُڙي ٿو ڪونہ ڪو، جوان بيٺا جوٽيا
سوٽ نہ ڏنائين پر ۾، جنهن جو سڙيو وجي ٿو ساه
هنبس منگر ٻئي پاڻ ۾، متان آيو ننگر راءُ.

جڏهن ننگر هنبس جي پر ۾ آيو، تڏهن هنبس فخر ۾ پرچي چيو تہ: تون منهنجو مقابلو ڇا ڪري سگهندين، خوامخواه وقت وڃائيندين، موٽي وڃ! تنهن تي ننگر نہ مڙيو ۽ لڙائي ٿي.

هڪ جيڏو، هڪ سَرتو، مونکي تہ ماري ڪير
سَتي ڇڏيندس سومرا، ڊُوند ڪندس ڍير
ڪندس پاهہ پَٽن تي، ونان اڳين جا وير
ڏاهيان ڪُنگرا وڳهہ جا، ٻَڌان چنيسر پير.

هنبس ڪيا هسوار تي، ترار جا تجلا
بچي ويو بحر مان، جنهن سان حامي حضرت شاه
گُسي ويا گيدي ڪان، جنهن جي ققڙ ۾ ڦڙڪاءِ
ذرو زره ڪي ڪونہ تيو، هئي جَڙيل جان متاءِ
هڪل ڏني آ سومري، جنهن ڪي جاڳي جوش پيا
چنبو وڌائين چُوڙ ۾، ڪيائين هنبس ڪي هينا
اِئين پڇاڙيئين پيرن ۾، جيئن ڌوبي ستي ڪپڙا
پرزا ڪيائين پناڻ ڪي، جنهن جو سوسي ڪديائين ساه
وٺ نظر ياڻيجو پانهنجو، ڪٽي وج ڪٽ متان.

جڏهن نظر بيگ پناڻ جو ياڻيجو هنبس مارجي ويو، تڏهن ڏاڍي ڪاوڙ لڳس، سو ننگر سان لڙڻ لاءِ تيار ٿيو.

سج اوپارُو لَڏيا نظر بيگ جا سامان
هنيو سنگينيون سي جَڙين بينا جوان
ٻاويهہ سؤ ٻَگهين جا، ٻيا گاڏين جا گهمسان
شيهي ۽ دارُن سندي ٻي ڪمي هئي ڪان
بادل جيئن برسي چڙهيا، جيئن آگم تئي آسمان
ڪنوڻ ڪِنوي آسمان ۾، تيئن جوش ڪيائون جولان
لتا وِيران واه تي، پِڙ متي پهلوان.

هاڻي ننگر ۽ نظر بيگ لڙائي لاءِ تيار ٿي ميدان ۾ آيا.

ساري حضرت شاه ڪي اڄ مرد ميدان اچن
پَڙ پوتا پونگر جا، تا روئنشي راند رهن
سَتريون وجهن پيا سومرا، جيئن لَنب جو گاه لٽن
ساوا شيشا شراب جا، ڪديا ڪَلالن
ننڍڙا يار ننگر جا، سي پِيئندا پاڻ اَچن
نر نشي نوازيا، بينا 'عَيلي عَيلي' ڪن
جوٽ جنگيون منهنجا پرين، اهڙيون مهلون ڪينَ اَچن
ڪارابين ڪڙڪيا، بس نہ بندوقون ڪن
ماڪڙ وانگي مينهَن جيئن، ڪڙڪيو ڪانَ ڪرن

ڏڙ جنـــي جـــا ڌوڙ ۾ ســـي للنگهـــ پيـــا ليٿـــن
مـَـــر سي مـاءُ نــ ڄائيـا، اڄ اورانگهيـو تــ اَڄـن
هينـان جنگ ننگر جي، متـان ڳجهـون ڳـاه ڀـَـڌن
ننــگر ســندي جنــگ کــان بينـا توبــ زاري کـــن
کي تــ ڌَريـائون ڌُوڙ ۾ کـي لــونَ پـاس لکـن. [1]

جڏهن تمام گهڻي اينگهه ڪئي ۽ ڪنهن بہ طرح هار جيت جو فيصلو نہ پيو ٿئي، تڏهن پناڻن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ پهلوان سومرا ائين نہ ماري سگهنداسين، باقي جيڪڏهن سيني جي بدران اکين ۾ تير هڻجن تہ پوءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ٿي پوندو.

ويهـــي وزيـــرن پـــاڻ ۾ ڪـئـــي ســـردارن صـــلاح
مـُــور نـــ مرنـدا سـومرا، ســگــَـر سـانَ ڏنـاءِ
اَٽڪــل ســاڻ اکيــن ۾ هڻــو تــازا تيــر تـــــڪا
نـــ تـــ ڏينـــدا داغ دلـــي کـــي دوداڻـــي دانـــاءَ.

هاڻي نذر بيگ لشڪر کي وڙهڻ لاءِ تيار ڪيو ۽ هو سومرن کي اکين ۾ تير هڻڻ لڳا. آخر ۾ جنگ هلندي پاڻ بہ مري ويو.

رات وهـــامي ڏينهـــن ٿيـــو، مـــرد ميـــدان اَڄـــن
پلتيبــاز پنــاڻ هئــا، هـــڪ ويهـــن تـــ بيـــا اُٽـــن
ســـنڌ جـــا ســـورهيہ ســـومرا، جـــوان آيـــا جوشـــن
ڪيئون تـ پـيل پنـاڻ تي، جيئـن بحري بـاز چـُـٽن
اَڄـــن يـــار عقـــاب جيئـــن، لـــُـوهون ڏيئـــي لغـــڙن
جوٽيـا يـار جـَنگـُـون وري، جيئـن ڳـوڏا ڳاهـ وهـن
پوءَ پڳائون پـُورن جـا، پيـا ڪـَـڪا ڪـيهون ڪن
مغــل اَڄـــي مـــاندا ٿيـــا، ۽ هـــوئل پڳـــا هـــاٿين
عضـــوا اُمرائـــن جـــا وڍيـــو ويـــر وجهـــن
پـــرزا پوشـــيدن جـــا، اُڏريـــو عـــرش وجـــن
ســـسيون سلطانن جـون، پيـون ڪـلر منجهـ ڪـرن

[1] هن بعد قصي جا باقي بيت لعلڻ خان جا چيل آهن.

لاشا لاڪيٽن جا پيا لوهُو منجهه لڙهن
تيرهن ڏينهن ترار سان ڪيو مقابلو مردن
چوڏهين ڏينهن ميدان ۾ ڏيميون پيا داڳن
پنڌرهين ڏينهن پناڻ تا ڊوها ٻه ڪن
لڪيو ته پاس لَوَن جي، پيا تُڙن ۾ تَڙڪن
ڪَڍي ته ڪانَ ڪمان مان تا تُڪا تيز هڻن
ننگر مور نواب کي لڳا ٻارا تير اڪين
ويهي رهيو ويچار ۾، آيو انڌ اکين.

جڏهن ننگر کي پناڻن جي تيرن اکين ۾ گهاءُ ڪري وڌا، ۽ ڏسڻ کان لاچار ٿي پيو، تڏهن دل ۾ خيال ڪيائين ته مري ته ضرور ويندس. جي جيئرو رهيس ته به مُئلن جهڙو هوندس، تنهن سان ڇو نه ڪا اٽڪل ڪري پناڻن کان وير وٺان. اهو خيال ڪري نظر بيگ ڏانهن نياپو ڏياري موڪليائين ته: واهه ڙي واهه نظر بيگ! ماريو تو مون کي آهي، باقي ٻئي ڪنهن جي مون سان جاءِ وڙهڻ جي نه هئي. هاڻي ماريو به تو آهي ۽ آخرين سڪرات جي مهل پاڻي ڇُڪو به تون اچي هٿ سان پيار، ۽ جلدي اچ، متان اهڙي سختي ۾ ڪنهن کي پاڻي پيارڻ جي ثواب کان محروم نه رهجي وڃين!

نظر نام الله جي، هڪ پاڻي جو ڏي پاءُ
لڳي آ اُڄ اُسات جي، منهنجو سڙيو وڃي ساهه
اَن نه پاڻي پيٽ ۾، اٿم سورهن ڏينهن لنگهيا
نِيري ناز ڦِٽا ڪيا، سو جُنگ نه جڙي تو جاءِ
ويئي وِهاڻي ويل تي، تون منهنجو عرض اگهاءِ
وڃي تو ساهه سرير مان، اچ تـه جلدي آءُ!

نظر بيگ کي ننگر جو جڏهن نياپو پهتو، تڏهن خوشي مان پاڻي ڪٽي اچڻ لڳو ۽ دل ۾ فخر ڪري چوڻ لڳو ته: واهه واهه! جنگ سو بيشڪ پهلواني سان فتح ڪئي اٿم جو ننگر سومري جهڙا ڳڀرو پهلوان به مُزرا پيا ڏين.

وَٺو ته ويري ويو ڪٽي، جنهن پاڻي پاتو آ
ڪنيو اچي تو خيال ۾، سو آڪڙ ساڻ ادا
سَٽي ڇڏيا اٿم سومرا، ڪل والي وڳهه جا

آٽــي آب اڳيـــان رکيئيـــن، پـــاڻي جـــو ســـو پـــاءَ
تـــڏهن ننـــگر چيـــو نظـــر کـــي، تـــون ادا اوري آ
آهـي انــڌ اکيــن ۾، مونکــي پئـي تــو کونــہ سمــاءَ
ويــري تــي ســو ويجهــڙو جــڏهن اڳيـــان تـــہ آيـــو آ
تـــڏهن ســـَـت ڏنــي آ ســومري، پــڙ کــائي پڙکــا
چنبــو وڏائيـــن چـــُـوڙ ۾، تيـــو ڏڙ متـــي دهکـــا
هينــان پيــو هئـي هئـي کـري، ســو وڏا کـري واکــا
مـــُـئل تــو مــاري مـون کــي، هتــي آهــي کــو اُمــرا!
اُمــراءَ آيــو کونکــو، ســي وانگـــِـي کيــن وريــا
ائيــن پـــَـچاڙيئين پيرن ۾، جيئـن ڏوبــي ســـَـتي کپــڙا
ورتــائين ويــر هتـــن ســـان، پــوءِ پــورا تيــس پســاهہ.

جڏهن دشمنن سان اکين ۾ تير هٽي، مـُـنگر ۽ ننگر کي مـاري وڌو، تـڏهن اُمرائن ٻنهي پهلوانن جا لاشا چادرن ۾ ويڙهي، سينگاري، ڪاچـي اُنن تي ڪـَـڙي، وڳهہ روانا ڪيا. اُنهن جو خيال هو تہ ٻنهي ڀائرن جا لاش ڏسي دودي کي ضرور غصو ايندو ۽ پاڻ اچي جنگ ۾ شريڪ ٿيندو.

قلـم قضـا جـي قــوس کيـو، اچ گهــاءَ لڳـا گهوٽـــن
مــرد مســافر ماريــا جيڪــي ســورهيہ تــا ســڏجن
دلبــر ٻئـي هئـا دادلا، جيڪـي جهولــي چنـڊ جهـُــلن
کونــڌر گهــوٽ کسـي ويــا، اچ پيـــر لٿـــا پلنـــگن
مــاري مــوت فنــا کيــا، نــہ تــہ اهــڙا جــوان جـيـَـــن
مـُـرسل جهڙا مير ويا، جنهـن تـي کلمون پـاک پڙهـن
پـــُـــرزا ننـــگر جـــا اچ لوهـــُـــو ســان لکجــن
لاشـــا لاکيڻـــن جـــا، پيـــا کـــاچين تـــي کڙجـــن
واريئـــون واڳ وڳهـــہ ڏي، مـــوڙ ٻـــّـڌي مـــَــردن.

جڏهن ننگر ۽ منگر جا لاش وڳهہ ڪوٽ پهتا، ۽ سيني کي ٻنهي جي مرڻ جي خبر پيئي، تڏهن وڳهہ ۾ ماتم مچي ويو.

لاشـــا لاکيڻـــن جـــا، تـــن چمـــي تـــہ ســـِـــر چايـــا
مينديــون مشــک عطـر ســين، تـــن لاڳ ســيني لاهيــا

وڃن ڪين وجود ڪي، اڄ جانب رِيءَ جايان
ميندي مور ننگر جي، سا لتن تان لاهيان
ڪارا ويس ڪري ڏيو، مان پار ڪيدي پايان
ڪونج متان ڪريو پوي، تيو اڄن اوباهيان
ميڙي محمد ڄام جي، لهان ننگر سان لاوان.

جڏهن ٻئي پهلوان مارجي ويا هئا، اُن وقت محمد جي زال مائٽن ۾ ملڻ آئي هئي، تنهن کي جيڏين ونيءَ مهڻا ميارون ۽ طعنا تنڪا هنيا تہ: اهڙا ڪُونڌر گهوٽ ڪُسي رهيا آهن تہ بہ تنهنجي مڙس کي ڪو ڪَهڪاءُ ڪونہ ٿو اچي!

ساهيڙيون ساران کي، تيون طعنا ترت هڻن
بار بردار جا ڏڪيا، تا ڪاهوڙي تہ ڪٽن
ڪٽندا بار ڪُهين جا، سي مانجهي مرد مَٽن
وڻندا وير وڳهہ جا، جيڪي سالڪ ڳالهہ سُڻن
پنهنجن ناه پريتڻو، اُهي وارث ڪين وڃن
محمد مُورهن ڪانڪا، ڳَڻي ڳالهہ ڳُڻن!

ساهيڙين جڏهن طعنا تُنڪا هنيا، تڏهن مائي ساران ارمان ۾ پرجي انهن کي جواب ڏنو تہ: محمد مُڇو ڪونهي جو گهر ۾ لڪي ويهي تماشا ڏسي، مَرد آهي، جنگ ۾ اهڙيون تہ بهادريون ڏيکاريندو جو دشمن حيران ٿي ويندو.

محمد مارا جن ۾، مون ٽريُون پڇي تو نر
سانَن سَڱَ سنوان ڪيو تو ونگين لاهي ور
جڏهن محمد ايندو ميدان ۾، ايندا دلي کي در
ڦرندو فوجن وچ ۾، سُگهڙ ساران وَر. [1]

مائي ساران جي چوڻ موجب دودي، محمد ڏانهن لکيو تہ ههڙي طرح ڊوهَن ڊوهہ ڪري ننگر ۽ منگر کي ماري وڌو آهي، جيڪڏهن تو ۾ ڪا مڙسي آهي تہ جلدي اچ، جو وقت اتئي!

خوني خط خلل جا،لکي دردن جي تہ دَرِي
ننگر منگر ٻئي ماريا، ويا مانجهي مور مَري
مريم سان ماتام تيو، وئي ٻاقن منجهہ ٻري

---

[1] هيءُ بيت لعلڻ خان جو ناهي، بلڪ اڳاٽو آهي.

أنئي پَهر الوٽ، سا چارئي پهر چري
مُنِي تہ ماءُ ننگر جي ويئي ڳٽين منجهہ ڳري
”پَتُل“ پرديسين جا، پئي ڪڏي پار پَرِي
ڏڪڻ ڏار نَوان ڪيا، پوڳڻ پئي تہ پري
هلي آ مرد ميدان ۾، ونون وير وري.

جڏهن دودي جو لکيل خط محمد کي مليو، تڏهن ننگر منگر جو سخت ارمان ٿيس ۽ دشمن تي ڪاوڙ ڪري وڳهہ ڪوٺ روانو ٿي ويو.

محمد کي تنهن ماڳ تي پئي آ خون خبر
مون سچڻ ويا مارجي، منهنجا لاهوتي لشڪر
هاڻي هن جهان ۾ جيان ڙي نہ جيڪر
کائڻ طعام کتا تيا، وهہ پانيان ويتر
دونهان درد اُتيا، منهنجا وچڙيا يار وڳر
ونان تہ وير ننگر جا، ساه گهوري هي سر.

جنهن وقت ننگر ۽ منگر جي مارجڻ جو خط محمد کي مليو، انهي مهل سندس پڳ مَٽ يار ’هاسي سوڍي‘ جي شادي جي ڪوٺ بہ اچي مليس. بئي وڏا بار اچي ڪنڌ تي پيس. هوڏانهن پنهنجا ماريا، هيڏانهن يار ٿو پرڻجي، ڇا ڪري ڪيڏانهن وڃي! ويچار ۾ پئجي ويو. آخرڪار خيال ڪيائين تہ ميدان ۾ وڃي پوئتي موٽڻ مرد جو ڪم ڪونهي، تنهن ڪان پوءِ ڇو نہ پهريائين يار جي ڪوٺ پري پوءِ جنگ تي وڃان. اهو خيال ڪري هاسي سوڍي وٽ آيو. جنهن مهل هاسي سوڍي جي سرگس دهلن دمامن سان نڪتي، ان مهل محمد کي اکين مان آب اچي ويو ۽ زارو قطار روئڻ لڳو.

هاسي جي هن مور کي، ڪوٺ ملي ڪا جا
آيو مير منهن ۾ اڄ راڄ سندو راجا
خلقن خوب خوشيون ڪيون، جيڪي عالم هئا آجا
سرندا ساز شروع ٿيا، بيا بگل وڳا باجا
سرگس سوڍي جي هلي هئي ساعت يلي سا جا
هاسي حال حبيب جو، ڏنو ڏکن جا ڏاجا
”لعلڻ“ لڙڪ اکين مان، ڇپرن مان ڇا جا؟

هاسي سوڍي پڇيس تہ: ادا آءٌ تو خوشي ڪريان ۽ تون پيو روئين! تنهن تي محمد جواب ڏنس تہ: ادا! ڇا ٻڌايانءِ؟ هن طرح منهنجا گهوٽ ننگر ۽ منگر مارجي ويا آهن. اڄ جيڪڏهن اهي حياتي هجن ها تہ انهن جي خوشي بہ هن طرح اڪين سان ڏسان ها! اهو ياد ڪري تو روئان.

تنڏهن محمد سا ماتام جي آ وات ڪيڍي وائي
سوڍا! سڄڻن جي آهي عام خبر آئي
مور سڄڻ ويا مارجي، جيڪي پيڙا هٿا پائي
وسريا دوڙ دنيا جا، نتي ڪار وٽي ڪائي
وڃان تہ ويرا واهہ تي، شل سوپ ڏسان سائي!

جڏهن محمد، هاسي سوڍي کي ننگر ۽ منگر جي مارجڻ جي خبر ٻڌائي، تڏهن هاسي کي سخت ارمان ۽ غصو ٿيو. محمد کي چيائين تہ: ادا! توکي ۽ مونکي يارن جو پلاند ضرور وٺڻ گهرجي. آءٌ شادي ڪري ڪنوار وٽ ويهي ڪونہ رهندس، پر اُن کي پنهنجي ڪانَ سان لاٿون ڏيئي هليو تو هلان، پوءِ جي جيئرو موٽيس تہ اڇي ڪنوار سان ڪچهريون ڪندس، نہ تہ مَردن جو ميدان ۾ مارجڻ مَرڪ آهي.

ٻڌي ڳالهہ، ٻروچ چئي، ڪيون سوڍي سنيرائون
ويهندس ڪونہ وَنيءَ سان، عاجز تي آٿون
هلندس حبيبن ڏي، هي محل ڇڏي مائون
ڪنوار پنهنجي کي ڪانَ سان، ”لعلڻ“ ڏيئي لاٿون
گهوٽ هَليي جِند گهوريان، اڄ مڙني متائون
پرور سي پوريون ڪندو، رانجهن رتائون.

آخر ڪار مڪمل تياري ڪري، محمد ۽ هاسو سوڍو ميدان جنگ ڏانهن هلڻ لڳا. جڏهن ويجهڙا آيا تڏهن پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ اڳو پوءِ يارن جي قبرن تي فاتحہ خواني ڪندا پوءِ هليا هلون. اها رٿ رٿي ننگر ۽ منگر جي قبرن تي آيا.

ساري حضرت شاه کَي، گهوٽ چڙهيا گهوڙي
ڪينڪٽ ڪاهي ڪست مان، تي جوان هليا جوشن
هليا مير مُقام ڏي، جتي لاشا لاڪيٽن
ڏسي ڏيل ڏري پيا، سي ڪِريا متي قبرن

دلبر ٻئي ها دادلا، اڄ مستي تہ ماڳ سندن
روئي روئي رت گاڏئون، تي آندو آب اکين
”لعلڻ“ لڙڪ وهي پيا، ڪيو واديون نيڻ وَهن
اهڙا داغ دلين تان، ”لعلڻ“ ڪين لهن.

محمد ۽ هاسو سوڍو اُتان موٽي دودي وٽ آيا ۽ ان کان حال احوال وٺي، پوءِ لشڪر ساڻ ڪري ميدان ڏانهن هليا. نظر بيگ جي مارجڻ کان پوءِ هاٽي پناڻن جو سالار مانڌن مُلڪ وزير ميدان ۾ لڙڻ لاءِ آيو.

گهوٽ چڙهيا گهوڙن تي، اڄ رند پچي سي راه
هليا مانڌن ملڪ وزير ڏي، ساري حضرت شاه
موٽ مديني جا ڏٺي، تي هيٺن سان همراه
لتا تہ ويرا واه تي ڪست ڪري سي ڪاه.

هاٽي محمد لشڪر وٺي اچي جنگ جي ميدان ۾ لٿو ۽ لڙائي جي تياري ڪيائون. مانڌن ملڪ وزير جنگ جو نغارو وڃايو.

رات وهامي ڏينهن ٿيو، اُڀريو ئي تارو
غوث بهاؤالحق جو بينا نر هڻن نعرو
’علي علي‘ وات ۾ پڙهن حَسيني ڪيڏارو
پيڪي پير دِلي جي، وڳو مانڌن نغارو
ڏچر تو ڏان ڏان ڪري، اُتي محمد ڏي وارو!

هاٽي مغل لڙڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ محمد بہ لشڪر جون صفون ٻڌي وڙهڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ پهلوان لڙڻ لڳا.

مغل آيا ميدان ۾، پيا نر هڻن نعرا
پلتي باز پناڻ ها، هڪ ڪَڪا ٻيا ڪارا
گهوڙا پاريل اُنهن جا، ڪن هلندي هٽڪارا
تڏهن ساري حضرت شاه کي، آيا مانجهي مٽيارا
وير وڙهي پيا پاڻ ۾، ڪيئون چوڙنگ ۾ چارا
هاسي تي هڪلون ڏنيون، جيئن وڃ ڪري وارا
’چُنو‘ چِري پيو چوه مان، جيئن باز وڙهن بارا
’ساجن‘ تي سوڀون ڪيون، جيئن خان ڪِڙن تارا

محمد کي مستي چڙهي، ڪري مغل تي مارا
ڏاڍا تيز ترار جا تيا چوڏس چمڪارا
لاشا لوهو لڙهيا، جيئن گهڙڪن پيا گهارا
مغل اچي ماندا تيا، پيا لڙهن لهوارا
ڪيئي ڪناٺون ڪيترا، ڪن عاشق الغارا
ستر رهي وچي سومري، پنجاه پناٽا.

مانڌن ملڪ وزير ڏنو ته هاڻي اسان کان سومرا فتح ڪري ويندا. سو ويچار ڪرڻ لڳو ته ڇا ڪريان جو سومرن جي هار ٿئي! آخرڪار رات گذري، ڏينهن ٿيو. مانڌن ملڪ وزير لشڪر کي چيو ته: جيڪو پهلوان جيترا سومرا ماريندو، ان کي اوتريون سونيون سروپاهيون ۽ ٻيو انعام ڏنو ويندو. ائين لشڪر کي لالچون ڏيئي، نشا پياري تيار ڪيائين.

مانڌن ماڻهو ميليا، جيڪي صوبا هئا سلطان
پڙهو ڏيئي پناڻن ۾ اُتي ڪيو اعلان
جيڪو وڙهندو جوش مان، مرد متي ميدان
ڏيندس ڏان اُنهي کي هڪ موتي ٻيو مرجان
ستي وجهو ڪل سومرا، ڪيو وڳهه ڪي ويران
شيشا پياري شراب جا، آڻي مغل ڪيا مستان
ملندو ماڻ انهن کي، شاهي تن جو شان.

مانڌن ملڪ وزير جو لشڪر انعام جي لالچ تي هيڪاري اچي مَتيو، باڪَر ڪُتو لائي ڏنائون، پر اڳيان به سومرا پهلوان هئا، جي موتڻ کان مرڻ وڌيڪ پيا چاهن.

رات وهامي ڏينهن ٿيو، آڻي نيزا کوڙيئون نيشان
ٻڌي ڳالهه بروچ چئي، آڻي جوش ڪيئون جولان
مغل متيا ميدان ۾، آڻي نشي ڪيا نادان
هلي آ مرد ميدان ۾، اڄ خبر پوي ڪا خان!
تڏهن ساري حضرت شاه کي آيا پڙ متي پهلوان
"لعلڻ" چئي، لڙي پيا، ٿيو طرف ٻنهين طوفان
ڏاڍا تيز ترار جا، ڪيئون چارن ۾ چوغان

’چُنو‘ چڙي پيو چوه مان، جيئن ڦهري گهرن کان
’هاسي‘تي هڪلون ڏنيون، جيئن گوڙ ڪري گهمسان
محمد آيو موج مان، جيئن پتنگ اچي پروان
ڪيئي تہ گهوٽ ڪُسي ويا، هرڪو آ حيران
ارڙهن عالادين جا، ست بچيا سلطان.

هاٿي ٻنهي لشڪرن ۾ جوش اچي ويو. ماريندي ڪٽيندي هڪ ٻئي جي لشڪرن جون صفن جون صفون ختم ڪري ڇڏيائون. ڪيئي پهلوان پهلواني ڏيکاريندي مري ويا، پر جنگ جو ڪوبہ فيصلو نہ پيو ٿئي. مغلن جو تہ بيشمار لشڪر اچي ويو، انهن کي تہ ڪابہ ڪمي ڪانہ هئي. هوڏانهن سومرن مان باقي ست پهلوان وڃي بچيا. تڏهن محمد مغلن کان ستن ڏينهن جي محلت گهري ۽ دودي ڏانهن خط لکيو تہ: يا تہ لشڪر موڪل، يا تون پاڻ اچ تہ جنگ جو فيصلو ڪريون.

ڪدي قلم ڪاغذ تي، پيو لوهُو سان لکي
ستن سان صوبو آهيان، پيو منهنجو جيءُ جڪي
ڪونڌر گهوٽ ڪُسي رهيا، پيو دل ۾ درد دکي
آهي الله ۾ آسرو، موليٰ منجهه مونکي
پلڪ ۾ پرزو پڙهي، آ تڪڙو يار تکي
سُڌ اُنهن کي سومرا! جيڪو چٽگي آڳ چَکي
تار منهنجا تانگو ڪري، شل رانجهن پاڻ رکي
آڙهہ يار اندر ۾ پئي بيرنگ باه ٻکي
مام رکي آ مير تون، ٻيو نہ لوڪ لَکي
عارف بازي اُڙد سان، ڪو سالڪ يار سکي
دير ڪجاڻ نہ دم جي، پيهي آءُ پَکي.

دودي سومري کي جڏهن محمد جو لکيل خط مليو، تڏهن هڪدم لشڪر تيار ڪري، جوش جولان ڏيئي محمد ڏانهن روانو ڪيائين. پاڻ اهو خيال ڪرڻ لڳو تہ مرد تہ سپيئي ماريا ٿا وڃن، باقي وڃي ٻہ ٽي بچيا آهن، هاٿي هي سوا لک سومريون ڪاڏي ڪيان! جيڪو لشڪر موڪليائين سو محمد وٽ پهچي ويو، ۽ لڙائي زور شور سان شروع ٿي. هن ڀيري لشڪر جي ڪمان علاؤالدين جي پٽ

سالار وٺ هئي. جنگ ڪندي محمد جي گهوڙي تابو ڪائي ڪري ۽ محمد به ان سان گڏ وڃي هيٺ ڪريو. محمد جنهن وقت هيٺ ڪريو، ان وقت هاسي سوڍي ڏسي ورتو ۽ ڊوڙي اچي هنج ۾ ڪنيائينس. دشمنن مهل موچاري ڏسي، ٻنهي کي نيزا هڻي ماري وڌو.

رات وهامي ڏينهن ٿيو، آيو سنيري سالار
پلٽي پاز پناڻ ها، هڪ ڪڪا پيا ڪارا
هلي آءُ مرد ميدان ۾، تون وريام ڏي وارا
تڏهن ساري حضرت شاه کي آيا مانجهي مٿيارا
وير وڙهي پيا پاڻ ۾، ڪري تابش تلوارا
”لعلڻ“ چئي لڙي پيا، ڪيئون مغل تي مارا
محمد مينهن وسائيا، جيئن گهڙڪن پيا گهارا
’چُنو‘ چري پيو چوه مان، جيئن خان ڪڙن تارا
مغل مارياٺون ميدان ۾، آٽي ڳجهن ڪيا ڳارا
گهوڙي محمد گهوٽ جي ڪيا چوُرنگ ۾ چارا
قسمت ڪنهن جي نا ڦٽي، سا توڙان تقديرا
بور وڃي سا باهُڙي، وڃي ڪريو ڪاپارا
هاسي تي هنج ۾ ڪنيو، هاتڪ هوشيارا
ويرين واه جو وجهه ڏسي، هنيو ڪانئو ڪاپارا
مانجهي پيا اچ مارجي، جانب جنسارا.

جڏهن جنگ ڪندي هاسو سوڍو ۽ محمد سومرو مري ويا، تڏهن اُنهن جا لاش ڪٺي سينگاري سنواري، وڳهه ڪوٽ ڏانهن ڪٺي اُتي هليا. جڏهن اُتي پهتا تڏهن ڪوٽ ۾ حشر مچي ويو. دودي کي سخت صدمو رسيو ۽ زار زار روئي ڏنائين. محمد جي زال ساران، پنهنجي مڙس لاءِ ۽ هاسي جي ڪنوار پنهنجي گهوٽ لاءِ پٽڻ ڪُٽڻ ۽ زر زيور لاهي اوسارڻ لڳيون.

موڙ ٻڌي مردن کي، چڏيائون وڳهه ڏي واري
لاشا لاڪيٽن جا هليا سهجان سينگاري
لکيو تہ لوح قلم جو نٿو ٽائو اُو ٽاري
دودي کي دل هوءَل ٿيو، پيو آب اکيئن هاري

ساران پنهنجي سور ۾، پئي ٻـُـڌيو ٻاڪاري
چوڙا لاهيو چاه ۾، پئي مـَـين منديون ٻاري
هاسي جي هـُـت ڪنوار جا پئي اُيي اوساري
جيئري هن جهان ۾، ويو خان عمر ڪاري
رهيو نـہ مون وٽ راتڙي، تي مام اها ماري
ميڙي محمد مير جي، من ڏاتر ڏيکاري.

جڏهن محمد ۽ هاسو سوڍو بہ مارجي ويا، تڏهن باقي فقط دودو وجي رهيو، جو جنگ تي اڃان ڪونہ آيو هو. هيڏانهن سومرين جي سنڀال لاءِ ڪا پهر سواءِ دودي جي ڪانہ هئي، هوڏانهن لشڪر بنان اڳواڻ جي هو، تنهنڪري دودي کي ضرور وڃڻو پيو. آخرڪار ويچار ڪري سوا لک سومرين کي پنهنجي هڪ پڳ مٽ يار ابڙي وٽ سامُون ڪري وني ويو.

سج لٿي سانجهي ڪيا تن سنبت جا سعيا
ڪائڻ خوشيون وسري ويون، سي طعام رڌا رهيا
دايون درمانديون رهيون، پيو راٽين منجهہ رُئا
سوا لک وري سومري، جن ڪارا ويس ڪيا
بئينسر ٻولا ٻاهہ ۾، تن سونَ سيئي ساڙيا
چـُـوڙا چندن عاج جا، سي لاڳ سيئي لاهيا
محل سجا مـَـنگهہ ماڙيون، پيا ٻاغ ڦٽا بنگلا
رنون جويون رڻ ۾ رليون، پيا رنا ٻار ٻچا
ڪاهي ڪاري رات جو اَبڙي ڏي آيا
سوا لک هي سومري، سام پـَـرتئي سا.

جڏهن دودو سوا لک سومريون سلڻ ڪري ابڙي وٽ آيو، تڏهن اِبڙو سندن اها حالت ڏسي حيران ٿي ويو. هڪدم دودي جو آڏرياءُ ڪري خبرون پڇڻ لڳو. دودي جنگ جو احوال ٻڌايس ۽ چيائينس تہ: ادا! پويان ڪير ڪونهي جو سنڀال ڪري، آءٌ هاڻي ميدان ۾ وڃان ٿو، هي سومريون سام ڪري تو وٽ آنديون اٿم. تڏهن ابڙي چيو تہ:

اَبڙي اڳيان تي چيو: آءٌ گولو يار غلام
ڪندس ڏينهن قيام تائين سوگهي تنهنجي سام

پـــارت پيـــو دودو كـــري وڳهـــ جـــو وريـــام
مَـــن مـلـُـون موتـــي وري، نـــ تـــ ميـــڙي محمـد ڄـام.

ابڙي وٺ سامون ڇڏي، دودو سڌو جنگ ۾ آيو ۽ لشكر كي گهٽا جوش جولان ڏيئي لڙڻ لاءِ تيار كيائين ۽ جنگ وري شروع ٿي.

گهـــوٽ چڙهيـــا گهـــوڙن تـــي، الله جـــي آڌر
مـوٽ مدينـي جـا ڏٺـي، تـي وِلهيـن سـان واهـر
كئينكٽ كاهيئون كست مان، جيئن باز اڏامي بـَـر
پـورب كـان پلٽيـا وجـن، جيئـن اڇـي مينهـن اتـر
لٿـا ويـرا واهـ تـي، بانكـا جهـاڳي بـَــر.

دودو جڏهن ميدان ۾ آيو، تڏهن لڙائي وقت خط چنيسر ڏانهن لكيائين.

خونـــي خـــط خلـــل جـــا وينـــو لكـــي دودو راءِ
تـُـــك چنيسـر لعنتـــي، توكـــي آيـــو كونـــ حيـــاءِ
نينـگر ماريـا نـنـڍڙا، توكـي كونـ آيـو كهكـاءِ
كونـڌر گهوٽ كسـي رهيا، سي وير اسـان جـو ويـاءِ
پـِـيڙهي وجـايئي پـانهنجي، تـو لـُـهر لجـائي مـاءِ
توكـي عقـل اگـارن جـو، آهـي سيـك سـَـنداڻي سـاءِ
لـُـك تـ نانـاڻن جـي، جـن جـو آهيـن تـون وِيـاءِ
هلـي آ مـرد ميـدان ۾، پـوي سانـَـن جـو تـ سمـاءِ
ونـان ويـر ننـگر جـا، جيسـين آه سســيءَ ۾ سـاهـ.

دودي جي ميدان ۾ اچڻ جي خبر ٻڌي عالادين جو پٽ سالار پاڻ ميدان ۾ لشكر وٺي آيو.

رات وهـــامي ڏينهـــن ٿيـــو، اڀريـــو ئـــي تـــارو
غـــوث بهـــاؤالحق جـــو تـــا نـــر هڻـــن نعـــرو
پـَـــيكي پيـر دلـيءَ جـي، وڳـو سـالار نغـارو
ڏڄـــر تـــو ڏان ڏان كـــري، اتـــي دودل ڏي وارو!

هاٿي ٻئي لشكر هك ٻئي جي آمهون سامهون آيا ۽ لڙائي زور شور سان هلڻ لڳي.

رات وهـامي ڏينهـن ٿيـو، كيـو شمـس شـعاع
پلٽـي بـاز پنـاڻ هـا، آيـا عـالادين اُمـراءِ

هلــي آ مــرد ميــدان ۾، پــوي ســانن جــو تـــہ سمــاءُ
تــڏهن گهوٽ چڙهيا گهــوڙن تــي، ســاري حضــرت شــاه
هڪــل ڏنـــي آ ســـومري، تڪـــا ڏيڪـــاري تـــاءُ
ويـــر وڙهـــي پيـــا پـــاڻ ۾، جـــاڳي جـــوش پيـــا
ڪيئــون تـــہ پــيــل پنــاڻ ڏي، مغــل تيــا مـــاندا
دهشـــت دودي جـــي ڏســـي، مغـــل تيـــا مـــاندا
رت وهــي ريــلا تيــو، اتـــي لاشــا پئــي لـــُـــڙهيا
ٻولهـــايون ٻيٽــن تــي، آٽــي ڳجهـــن ڪيـــا ڳـــارا
رات رهــي پيــا رڻ ۾، تـــہ بـــہ ڪاٽــا ڪيــن ڪـــُـــتا.

جڏهن دودي پهلوان جي دهشت سڀي لشڪر تي ڇانئجي ويئي، ۽ مغل پوئتي هٽڻ لڳا، تڏهن سالار وڏيڪ لشڪر آڻڻ لاءِ قاصد کي موڪليو.

رات وهــامي ڏينهــن تيــو، آيــا مغــل متــي ميـــدان
هلــي آ مــرد ميــدان ۾ متــان پــوءِ تيئـــي اَرمـــان
خـــيمان يــار کپــي ويــا، آٽــي نيــزا ڪوڙيــائون نيشـــان
تــڏهن ســاري حضــرت شــاه کــي آيــا پــڙ متــي پهلـــوان
دودو ديميـــن تـــي چڙهيـــو، جيئـــن آگــر تئــي آســمـــان
هڪــل ڏنــي آ ســومري، جيئــن گــوڙ ڪــري گهمســـان
"لعلـــڻ" چئــي، لکــن کـــي، آٽــي ويــر ڪيــو ويـــران
لک لـــَـــڙيا، لک ماريـــا، لک نـــــرهہ تيـــا نـــادان
ســـــــرِي وڍي ســـالار جـــي، دودي جـــي دربـــان
رات رهـــي پيـــا رڻ ۾، ســـوپ ڪتـــي ســـلطان.

مغلن جي لشڪر ۾ دودي لابارو وجهي ڏنو. ڪيئين ڪونڌر ڪسجي ويا. دودي سومري جي پهلواني جي هاڪ مغلن اڳ پريٽ ٻڌي هئي، مگر جڏهن روبرو ڏٺائون تڏهن تہ هيڪاري حوصلا خطا تي وين. رهندو جو سالار بہ مارجي ويو سو هيڪاري دل شڪستا تي پيا ۽ وڏيڪ لشڪر گهرايائون. جو ٽن ڏينهن ۾ پهچي ويو.

رات وهـــامي ڏينهـــن تيـــو، آيـــا يـــَــڙ ڏئـــي ڀڙڪـــا
ٻلتـــي بـــاز پنـــاڻ هـــا، وڏائـــون ڪـــَـــلن ۾ ڪڙڪـــا

هڪل ڏني آ سومري، جيئن ڪنوڻ ڪري ڪڙڪا
وڄ وڄي آسمان ۾، تيئن دودي جا دڙڪا
جوٽ جنگيون منهنجا پرين، جيئن آتش ڏي جهڙڪا
چارا چوڙنگ ۾ ڪيئون، پيا گهوٽ وجهن گهڙڪا
مغل اڃي ماندا ٿيا، پئي تَرن ۾ تَڙڪيا
پُرزا پوشيدن جا پئي لامَن ۾ لڙڪيا
پوءِ ڪان ڪئين پڇي ويا، ڏئي ڪِرڙن جي اڙ ڪا
مغل جي ميدان ۾ نه مُندي ليي مَڙهه ڪا.

دودي جي بهادري مغلن کي ماندو ڪري ڇڏيو. لشڪر جا ڇيهه ڇني ڇڏيائين، لشڪر وڙهڻ جي نه پيو ڪري ۽ بي دليو ٿي پيو. بهانا ڪيو بهادر جي ويهي پيا رهن. آخر ڪار پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ لڳا ته ڪيئن ڪجي جو دودي جهڙي پهلوان مان جند ڇُٽي ۽ ڪنهن طرح مارجي وڃي، نه ته ڪٽيل جنگ هارجي ويندي. تنهن تي چنيسر سومري صلاح ڏني ته: دودو زبردست پهلوان آهي، ائين ڪنهن جي پُڄڻ پيٽي ڪانهي جو دودي کي شڪست ڏيئي سگهي. باقي هڪ ڳالهه آهي، سو جيڪڏهن اُها اٽڪل ڪامياب ٿي ته پوءِ سڄو ڪم سولو ٿي پوندو. جنهن تي مغلن پڇيس ته: اُها ڪهڙي تجويز ڳولي اٿئي، جنهن سان دودو مات ٿي سگهندو. چنيسر چيو ته: راتو رات هڪ ڳجهو کوهه کوٽيو، ۽ ان ۾ اندر تکا نيزا ۽ ڀالا اُڀا کوڙي ڇڏيو. پوءِ اُن ڳجهي کوه کي مٿان ڪپڙي سان ڍڪي، اُن جي مٿان سوني ٿالهه ۾ پاڻي ڀري رکي ڇڏيو، ڇو ته دودي جي گهوڙي سوني ٿانءُ کان سواءِ بي ڪنهن ٿانءُ ۾ پاڻي نه پيئندي آهي. پوءِ دودي جي گهوڙي جڏهن ڳجهي کوه جي مٿان سوني ٿانءُ ۾ پاڻي ڏسندي ته اُڃ سببان هڪدم اڃي پاڻي پيڻ لاءِ اُن ٿالهه تي بيهندي ۽ هيٺ وڃي ڪرندي. اهڙي اٽڪل سان دودو مرندو، باقي بي ڪنهن به اٽڪل سان دودو مارجڻ ڪان زور آهي.

ويهي وزيرن پاڻ ۾ ڪئي سردارن صلاح
مُور نه مرندو سومرو، هي دودو آ داناه
گهوڙي دودي گهوٽ جي، سا بانشو بحري آه
ٿانءُ ڪري ٿي ٿالهه تي، بئي جي واقف ناه
ادا! اڄوڪي رات ۾ تون ڳجهو کوه کٽاءِ

ڪٽـــي رکـــائج کـــوه تـــي، هـــڻ پتيـــن ۾ پـــالا
اڇـــي تـــہ پونـــدي اوچتـــي، وينـــدس واڳ هٿـــا
نـہ تـہ ڏينـدو داغ دلـي کـي، تخـت کنـدو تـالا.

چنيسر جي صلاح تي مغلن رات جي پيٽ ۾ ڳجهو کوهہ کٽائي، اُن جي مٿان سوني تالهہ ۾ ٻاڻي پرائي رکي ڇڏيو. صبح ٿيو ۽ جنگ جو نغارو وڳو.

رات وهامي ڏينهـن ٿيو، آٽـي نيزا کوڙيـائون نيشـان
پلٽـي بـاز پنـاڻ هـا، اڇـي مغـل مٿيـا مسـتان
شيشـا پيتئـون شـراب جـا، نشـي کيـا نـادان
هلـي آ مـرد ميـدان ۾، متـان پـوءِ ٿيئـي ارمـان
تـڏهن سـاري حضـرت شـاہ کـي آيـا پـڙ مٿـي پهلـوان
وِيـر وڙهـي پيـا پـاڻ ۾، سـي جـوش کـري جـولان
دودو ديميـن تـي چڙهيـو، جيئـن آگـر تئـي آسمـان
هڪـل ڏنـي آ سـومري، جيئـن گـوڙ کـري گهمسـان
ڪئـي تـہ پـيل پنـاڻ تـي آ دودي جـي دربـان
ڇـرا ڇـُتي پيا ڇوہ مـان جيئـن ڦهري ڇـُتن کي کانَ
کــَـکا کسـي ويـا کيتـرا دودي جـا دونـان
رات رهي پيـارڻ ۾، جـن جـي کمـي تـہ هئـي کـان.

جنگ کندي رات تي ويئي. ٻئي صبح جو وري لڙائي شـروع ٿي. دودي جي هڪلن مغلن ۾ مانڌاڻ وجهي ڏنو. اوچتو دودي جي گهوڙي تالهہ ڏنو ۽ اُچ مان پـَچي جيئن ويجهو آئي، تيئن دودي سوڏي اُمالڪ کوہ ۾ وجي کري ۽ ٻئي مري ويا.

سـتين تـہ ڏينهـن صبـح جـو مـرد آيـا ميـدان
وِيـر وڙهـي پيـا پـاڻ ۾، ٿيـو طـرف ٻنهـي طوفـان
هـڻ وٺ وائـي وات ۾، بـي کنـڌي تـہ هئـي کـان
هڪلون هيبتنـاڪ ٿيون، ويو ڪَنبـِي سڄو ڪوهسـتان
گـوڙ وَجـي گـِـرنار ۾، تيئـن دودي جـا دهمـان
دهشـت دودي جـي ڏسـي، اڇـي مغـل پڳـا ميـدان
هڪـڙا هـاتين جـي پنيـان، ٻيـن طنبـو پٽيـا سـامان

هڪــڙا جيســلمير ڏي، پيــا اَچيــو پچــن اِيــران
اُپريــو علاوالديــن تــي، سـچي دلــي ڪيئيــن دوفــان
گهــوڙي دودي گهــوٽ جــي، نــازڪ هئــي نيشـــان
بــور بـُــڪاري تــي هلـي، جنهــن تالهـ ڏنــو ڪــو تــانَ
اَچي تـ پيئي اوڙاهـ ۾، هئـي ڪـل تهيـن ڪـي ڪـان
ويئـي تـ واڳ هٿـن مـان، وجـي هيـٺ ڪـري حيــوان
قســمت ڪيريــو ڪــوهـ ۾، هــو پــرور جـو پهلــوان
لکيـت "لعلڻ" لـوح جـي، ڪنهـن تـان ٽـري تـي ڪـان
دلبـر هــن دنيــا مــان، مــاڳ مـــَـٿيو تـــ مڪــان.

جڏهن دودو پهلوان ڌوهـ سان مارجي ويو ۽ جنگ ختم ٿي، تڏهن مغلن موٽي اچي دودي سومري جو لاشو ڪوه مان ٻاهر ڪڍيو. اتي عالاڌين جوٽمر وزير بيٺو هو، جنهن دودي جي لاش کي ڏسي وٺي غصي مان لَت هنئي. چئي: مار پوئي دودا! اسان جا ڪئين ڪُونڌر گهوٽ کهي ڇڏيئي، توکي بـ هاٺي پلي تـ ڪانوَ ڪتا کائي وجن. تـِمر جا اهي لفظ ٻڌي، چنيسر کي پنهنجي پاءُ جو سيڪ اچي ويو. سو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي، تـِمر کي چوڻ لڳو تـ: تون منهنجي مٺل ڀاءُ کي ڏسي هاٺي ائين پيو چوين! دودي جي جيئري تـ سامهون اچي ائين چوين ها، ۽ اُن سان مقابلو ڪرين ها! هاٺي پنهنجي لفظن جو ڪيتو لوڙ! ائين چئي اچي تـِمر وزير کي مـُـڪون هنيائين. چنيسر جي مـُـڪن تي تـِمر وزير تـ بروقت مري پيو، تـ بـ چنيسر جو غصو اجان گهٽ نـ ٿيو ۽ ٻين کي مارڻ لڳو. پر مغل اُمراءُ اچي وچ ۾ پيا، تن ميڙون منتون ڪري چنيسر کي پرچائي وڌو.

ڪـــاوڙجي ڪـــارو ٿيـــو، چـِــــڙيو چنيســـر راءُ
جيئـــري هـــــن جهـــان ۾ وڙهـــــڻ واجـــب آهـ
مقــابلو مٺـل ســان ڪريــن، توکــي ٿيــو ڪونـ حيــاءُ
ســَــٽ ڏنــي آ ســومري، ســو تـــڪا ڏيکــاري تــاءُ
ڏيئــي لــَـت چـَـڏن تــي، ڪيــائين پيــرن ۾ پــرزا
لشـــڪر ســاڻ لڙي پيـــو، وري جــاڳي جــوش پيــا
پـــَــڳ رکيــائون پيــرن تـــي، ٻيـــن هـــٿ ٻــڌا
معـــاف ڪـــري مــــُـــڙي وڃ، اتئـــي نـــام الله!

نيٺ گهڻيون آزيون نيازيون ڪري ۽ اوپاريون ڳالهيون ڪري چنيسر کي مس مس وجي ناريائون. پوءِ چنيسر کي چيائون ته: اسان پنهنجو ڪم ختم ڪيو، توکي جنگ فتح ڪري ڏني، هاڻي تون به پنهنجي زبان پار ۽ ٻاگهل جي ٻانهن اسان جي حوالي ڪر! تڏهن هائو ڪري، چنيسر عالادين کي ابڙي ڏانهن وٺي هليو ۽ ابڙي کان سومريون گهرڻ لڳو.

راتِ وهامي ڏينهن ٿيو، تڏهن آيا ابڙي ڏانهن
سوا لک مان سومرِي، هڪ ٻاگهل ڏيو ٻانهن
ڪيئي ته گهوٽ ڪسي ويا، جيئن ڪچا ڪپجن ڪانهن
پوري پونديئن ڪونڪو، ديري پوندئي دانهن.

جڏهن ابڙو وٽ اچي، سوا لک سومرين مان فقط هڪڙي ٻاگهل جي ٻانهن گهريائون، تڏهن ابڙي وراڻي ڏني ته: ادا! سومريون مون وٽ قسمت سانگي اچ سامُون ٿي آيون آهن. ڪنهن به چڱي ماڻهو پرايون امانتون ڌارين جي حوالي ڪونه ڪيون آهن. اوهان انهي ڳالهه کان مُڙي وڃو ۽ ٻانهن نه وٺو. جنهن تي عالادين ضد ڪري ٻيهي رهيو ۽ چئي ته: ٻاگهل جي ٻانهن کانسواءِ ٻي ڳالهه ئي ڪانه ٿي سگهندي. جنهن تي ابڙو نصيحتون ڪرڻ لڳن:

اَبڙي اڳيان ٿي چيو، ڇڏ خلل تون خفقان
زر، زمين ۽ زال تي هرڪو آ حيران
ڪنهن کي ٿبندي ڪانڪا، ٿي وير ويا ويران
ملڪ ڇڏي ويو مينڌرو، ڪٿ مومل جا ته مڪان
سُحبان ۽ سالار ويا، ڪٿي مِرزو آ مستان
پورِي ناه پتار سان، ڪيئي پَٽ هليا ويا پان
راجا راءِ ڏياچ ويو، ڪٿي سورٺ جا سامان
رانجهن راوِي کي ڇڏيو، جيڪو هِير مٿي حيران
سُهڻي ٻڏي وئي سير ۾، ڪٿي دريا جا دوفان
ليلهان ويئي ته لهور مان، ناهي چاه چنيسر خان
سسئي ناهي سات ۾، پئي ڪيچ پچي مڪران
ليليٰ ناهي لاڏلي، ڪٿي مجنون جا ميخان
شيرين ۽ فرهاد ويا، ڪٿ ٻانڪو آ ٻيران

سڪندر سات چڏي ويو، ڪٿي نادر جا تہ نيشان
موڪي متارا مري ويا، ڪٿ پـَلنگر جا پهلوان
تـَرسا جي تصوير تي تيو سوگهو ئي صـُنيان
ڄام تماچي ڄار ويا، ناهي ساڳيو سليمان
سيفل سعد لـُڙهي ويا، ڪٿ بديعل جا تہ بيان
ذوق زليخان زور هو، تي مومن مسلمان
حسن مير حسين جو آهي مولئ کيو مان
شوقئون شير شهيد ٿيا، سي ڪربلا ميدان
هـُنن هنڌ حضور ۾، جت حورون ٻيي حيران
تکبر تڙي ڇڏيا هڪ شمر ٻيو شيطان
قهري ڏينهن قيام جو ڏر ڪو پنهنجو ڏيان
پوندءِ ڪم ڪريم سان جتي محمد مير زمان
تـَرندا يار ترازي ۾، جيڪي عمل ڪيا انسان
نبي تہ نفسي ويا ڪندا، انهي خوف خطر ۾ خان
’ڪل نفس ذائقتہ الموت‘ ائين فرمايو فـُرقان
معاف ڪري مـُڙي وجو، اهو ڪري احسان.

جڏهن عالادين ڪنهن بہ طرح نہ مـُڙيو ۽ اَبڙو بہ آزيون نيازيون ڪري ٿڪجي پيو، تڏهن عالادين کي چيائين تہ: توکي گهٽيون ئي منٿون ڪيم مگر نہ ڄاتئي، هاڻي سومرين مان تہ هڪ ڇـِيڙهہ بہ ڪونہ ڏيندوسانءِ، باقي منهنجو سـِر حاضر اٿيئي، کپيئي تہ ڪٽ، سامن تان سـِر ويو تہ گهوريو! اهو جواب ٻڌي عالادين غصي مان ڳاڙهو ٿي ويو ۽ چيائين تہ: جيڪڏهن ٻاگهل جي ٻانهن اسان جي حوالي نہ ڪندين تہ تنهنجي ڪوٽ ۾ ڪاهي پونداسين ۽ تنهنجو بہ سـِر قلم ڪنداسون. انهي تان ابڙي کي بہ جوش آيو، سو لڙڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

آيا اَبڙا ڪوٽ مان، ڪيئون جهيڙي تي جهٽڪا
ويـِر وڙهي پيا پاڻ ۾ سي ناز ڪري نٽڪا
جيئن وجي ڪانُ ڪمان مان، تيئن چوه منجهان ڇٽڪا
تانَ متي ها تورڙا، اڇي اُڙدن سان اٽڪيا
هـَڻ وَٺ وائي وات ۾، ڪيئون سوجهر تي سٽڪا

لڪـــن جـــا لاهـــي وڍئـــون، پنـــاڻ جـــا پٽڪـــا
سامُـن تان سـرِ ڏيئي چڪا، گهور نـہ ڪيئون گهٽ ڪا
لاشـــا لاڪيٽـــن جـــا پئـــي پـــٽـَــــن ۾ پٽڪيـــا
بيـوس بانڪـا بـَـر ۾، وجـي مغـل سـان مـَـٽ پيـا.

جڏهن پهلوان اَبڙا سامن تي سر ڏيندي سيئي مارجي ويا ۽ مـَردن مان ڪابہ پهر نہ بچي، تڏهن عالادين چنيسر سومري کي چيو تہ: هاڻي بي خطر تي مونکي پنهنجي پيڻ باگهل هلي ڪوٽ مان ڪڍي ڏي. تنهن تي چـَريو چنيسر پنڌرهن سورهن پهلوان ساڻ ڪري، ڪوٽ اندر گهڙي ويو تہ جيڪڏهن باگهل اَڪيلي مون سان نہ اچي تہ بيا زوري ٻڌي ٻاهر ڪڍي آڇنس. جنهن مهل ڪوٽ جي دروازي کان اندر گهڙيا تہ سيني کان اڳيان مائي سونـَـڻ ڪارو ويس ڪيو بيٺي هئي. عالادين سمجهيو تہ شايد اها ئي باگهل آهي، جا مونکي چنيسر ڏيڻي ڪئي آهي، سو نڪا ڪيائين هـَم نڪا تـَم، هڪدم وجي مائي سونڻ جي ٻانهن ۾ هٿ وڌائين. تنهن تي مائي سونڻ دانهن ڪري پـَٽ تي ڪري پيئي. مرد مارڻ جو اَرمان تہ اڳيئي هوس، ويتر بيعزتي کان چنيسرکي هيئن چيائين:

ڪـاهي آيـا ڪـوٽ تـي، اڳيـان ڪونـج تـہ ڪـُماڻي
ورتـائين ٻانهن، ٻروچ چئي، تـڏهن رِيهـہ ڪئـي راڻـي
هچـــارا حيـــاءُ ڪـــر، آهيـــان راڻـــي جـــي راڻـــي
اصـــل ٻـــج اوهـــان جـــو آهـــي مـــاءُ تـــہ مـــُــهاڻي
ننـــگر مـــور نـــواب جـــي آهيـــان نـــالي تـــہ نـــِـماڻي
دونهـــان درد اُتاريـــا، ٻيـــو ســـُـورن ڪئـــي ســـاڻي
اڄ وارث ويـا ڪـل مـارجي، تيـَس گوهـر گيبـاڻي
چاچـا! ڪـا چـُـوڙِي پوئـي، حيـاءُ ڪـر هـاڻي
ننگوُن نـانگو تـي رهيـُـون، تـو نـُـنهن ڏئيـن نيـاڻي
چـــِـــڙي چنيســـر راءُ پيـــو، ويئـــي تـــہ وِهـــاڻي.

جڏهن عالادين، ننگر جي زال مائي سونـَـڻ جي ٻانهن مان وجي ورتو ۽ مائي سونڻ روئي چاچي کي اهي لفظ چيا، تڏهن:

ڪـاوڙجي ڪـارو ٿيـو، آهـي چـِـڙيو چنيسـر خـان
ڪـاهي ٻيـو ڪنـڪ ۾، سـو جـوش ڪـري جـولان

ونئي تہ ٻانهن، ٻروچ چئي، سِري وڍيئين سلطان
هڪل ڏنيَ آ سومري، جيئن گوڙ ڪري گهمسان
هڪڙا هاٿين جي پنيان، ٻيا مغل پڳا ميدان
اُپريو عالادين تي، سچي دلي ڪيائين دوفان
سَتن سان سلطان سو، مري پيو مستان.

هاٿي عالادين ۽ چنيسر سومرو ڪئين ڪونڌر ڪُهائي پاڻ بہ آخر مري ويا. چنيسر پنهنجي سچي پيڙهي چَٽ ڪرائي ۽ حاصل بہ ڪجهہ ڪونہ ٿيس. جيئن چنيسر جو خانو خراب ٿيو، الله شال دشمن جو بہ ائين نہ ڪري. پنهنجي برادر ۾ وڙهڻ پنهنجي پيڙه ڪوٽڻي آهي.

پورو قصو پهلوان جو، مون سچو سٽايو آه
ڪوڙ اُنهن جو ڪنڌ تي، جن اڳي نياهيو آه
ٻڌي تہ ڳالهہ، ٻروچ چئي، تون دانَہ دل سان لاءِ
جيڪي وڙهندا پاڻ ۾ تن جا حال اِهي ٿيندا
موت مديني جا ڏٺي، تي هيٺن تي همراه
ويندا سيُ ايمان سين ڪلمون جي پڙهندا.

لا اِلہ الا الله محمد رسول الله.

## ضميمو

# ”گلزار سنڌ نادرات هند“ ۾ ڏنل روايت

[”گلزار سنڌ نادرات هند“ سومرن جي پوئين دور ۾ مولوي عبدالرحيم سومري زنگي پور (تعلقي ٺل)، پنهنجي ٻُڌ سڌ موجب ڀهريائين فارسي مثنوي ۾ منظوم ڪئي، ۽ پوءِ مرحوم صوفي قلندر بخش، مرحوم محمد عثمان سومري ۽ ٻين صاحبن جي ترغيب تي سال 1340 هه - 1922ع ۾ اصل فارسي متن جو سنڌي ترجمو ڪيائين. مولوي عبيدالله شائق سومري پوءِ انهيءَ ترجمي کي سوڌي سنواري سنه 1929ع ۾ 'دولت علويه' جي نالي سان ڇاپايو. اسان مصنف جي اصل سنڌي ترجمي تان هن ڳالهه کي کنيو آهي. ن - ب]

ڄام چنيسر چاليهن سالن لاءِ سومرن جي تخت تي ويٺو. پر عياشي ۽ بي همتي سبب ڪيس اوڻيهن سالن جي بادشاهي کان پوءِ اميرن وزيرن تخت تان لاهي اسدالدين الدينا ڄام ٻونگر ثاني سومري کي تخت تي ويهاريو. سنڌس تخت ٺٽي ۾ هو. دودو نهايت سخي، عادل ۽ پهلوان هو. بکر جو تعلقو، جيڪو ڄام چنيسر جي وقت ۾ سومرن جي قبضي مان نڪري ويو هو، ۽ دهلي جي بادشاهن جي قبضي ۾ هو، ان تي ڪاهي ويو، ۽ قلعو فتح ڪيائين. ان بعد قنڌار، سبي ۽ ڍاڍر پڻ فتح ڪيائين.

چنيسر، بادشاهي کي وري هٿ ڪرڻ خاطر هندستان ڏانهن روانو ٿيو، ۽ ٽئين سال وڃي 'پتورا' ۾ پهتو، جتي سلطان بهرام شاهه ترڪ جو تختگاهه هو اُن کي دودي جي خلاف دانهن ڏنائين. بهرام شاه کيس چيو ته دودي جهڙي پهلوان سان يڪدم مقابلو ڪرڻ رواجي ڳالهه ناهي، تنهنڪري ٽي سال صبر ڪر، پوءِ تنهنجي مدد ڪري، توکي دودي کان بادشاهي وٺي ڏيندس.

چنيسر، سلطان بهرام شاهه وٽ خاص مهمان ٿي ترسي پيو. ڇهه ڏينهن شڪار ڪندو ۽ ستين ڏينهن بادشاهه جو سلام ڪندو هو. هڪڙي ڏينهن بادشاه جي گُلفاڻ (؟ گلہ بان = ڏنار) اچي چنيسر کي دانهن ڏني ته ٻه شينهن درياءَ جي ڪناري سان هِريا آهن، جن بادشاهي گهوڙا ماري ڇڏيا آهن، ٻي رعيت پڻ خوف ۾ آهي، تون هلي اهي شينهن ماري ڏي. چنيسر هٿيار ڪٽي شينهن تي ڪاهي آيو، جيڪي نر ماد هئا، ۽ انهن کي ترار سان ماريائين. اها

خبر سلطان کي وڃي ٻڌايائون. ان وقت علاوالدين بہ دربار ۾ ويٺو هو. سلطان، چنيسر کي ڪچهري ۾ گهرائي خلعت ڏني.

ڄام چنيسر کي دهلي ۾ ٻہ سال گذريا تہ سلطان بهرام شاه مري ويو، ۽ سندس جاءِ تي علاوالدين تخت تي ويٺو. ٽن سالن گذرڻ بعد چنيسر، علاوالدين کي سلطان بهرام جو وعدو ياد ڏياريو، ۽ پڻ سڳ ڏيڻ جي آڇ ڪيائين. پوءِ سلطان علاوالدين ٽيهہ هزار فوج گهرائي سالار خان جي اڳواٽي هيٺ چنيسر کي ڏني ۽ ڇهن مهينن جي جنگ جو خرچ بہ ڏنائين. موٽ ۾ ڄام چنيسر هڪ عهدنامو پڻ لکي علاوالدين کي ڏنو، جنهن موجب تخت ملڻ کان پوءِ ڄام چنيسر دهلي ڏن - پرو ٽي رهندو ۽ ڀيڻ جو سڱ بہ سلطان علاوالدين کي ڏيندو.

علاوالدين جو لشڪر ٻن مهينن کان پوءِ اچي وڳهہ ڪوٽ ۾ لٿو. وڳهہ ڪوٽ سومرن جو نهرايل هو. سالار خان، دودي ڏانهن قاصد موڪليو، جنهن ۾ دودي کي پيغام ڏنو تہ بادشاهي چنيسر کي ملي ۽ وعدي موجب تنهنجي ڀيڻ ملڪ زينب جو سڱ علاوالدين بادشاهہ کي ملي. دودي جواب ۾ چوائي موڪليو تہ چنيسر جي ماءُ ڏاري قوم مان آهي، تنهنڪري ڪيس بادشاهي ڪانہ ملندي. ٻيو تہ سومرن ۾ رواج آهي تہ ڌارين کي سڱ ڪين ڏيندا آهن، تنهنڪري بادشاه کي سڱ نہ ملندو. باقي جيڪڏهن سومرن جي بادشاهي کي نقصان نہ پهچڻ جي ضمانت ملي تہ دستوري ڏن هر سال ڏيندا رهنداسين. قاصد اهو جواب کڻي سالار خان وٽ آيو، جنهن چنيسر کان صلاح پڇي. چنيسر چيس تہ: توکي علاوالدين بادشاهہ حڪومت وٺي ڏيڻ جو حڪم ڪيو هو، تنهنڪري جنگ ڪبي.

هوڏانهن قاصد جي وڃڻ کان پوءِ دودي پنهنجي اميرن وزيرن کي گهرائي صلاح پڇي. جن چيو تہ: دشمن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ لشڪر گڏ ڪجي. پوءِ شهزادي ننگر کي موڪلجي تہ اهو وڃي ٻيءُ چنيسر کي پرچائي وٺي اچي، پڻ سالار خان کي خزانو موڪلجي تہ اهو موٽي وڃي.

دودي پنهنجي اميرن جي صلاح موجب آسپاس جي علائقن مان لشڪر گهرائڻ شروع ڪيو. هٿيار پنهوار ۽ سيڊو سامان گڏ ٿي ويو. جڏهن لشڪر شمار ڪيائون تہ ٽيهہ هزار لشڪر ٿيو. پوءِ ننگر کي پنج هزار لشڪر ۾ مال ملڪيت ڏيئي سالار خان ۽ چنيسر ڏانهن موڪليائين تہ: سالار خان کي خزانو ڏيئي، چنيسر کي منٿ ميڙ سان موٽائي وٺي اچي. پر جي ٻئي ڳالهيون نہ ٿين تہ جنگ ڪري.

ننگر پنهنجي چاچي دودي جو حڪم ٻڌي وڃڻ جي تياري ڪئي، پر وڃڻ واري رات ڪيس دودي پنهنجي نياڻي ملڪہ صفيہ سان شادي ڪرائي. صبح جو ننگر لشڪر سميت نئي مان روانو ٿيو. مهراڻ درياءُ اُڪري، ٽن ڏينهن ڪان پوءِ اچي وڳهہ ڪوٽ ۾ پهتو. ننگر ڏهن سوارن سان گڏجي سالار خان جي لشڪر ۾ آيو. سالار خان هن کي حشمت سان ايندو ڏسي چنيسر کان پڇيو تہ: ڇا دودو اهو آهي؟ تڏهن چنيسر وراڻيو: اهو دودو ناهي. دودو جنگ تي چڙهندو تہ لشڪر ۾ واويلا پئجي ويندي. ننگر پهرين سالار خان سان مليو، ان کي دودي جو پيغام ڏنائين، پوءِ پيءُ چنيسر سان مليو ۽ کيس پرچاءَ لاءِ چيائين. تڏهن چنيسر چيس تہ: پرچاءُ تڏهن ٿيندو جڏهن باقي ايڪيهہ سال مون کي بادشاهي ملندي، بيو تہ ملڪہ زينب جو سڱ علاوالدين کي ملندو. جو اهڙو وعدو ڪري آيو آهيان. ننگر پنهنجي پيءُ جا اهي سخت لفظ ٻڌي ڪاوڙجي پنهنجي لشڪر ۾ موٽي آيو.

رات جو ننگر پنهنجي اميرن کان صلاح پڇي. اُنهن چيو تہ: جنگ ڏجي. صبح جو ننگر جو لشڪر جنگ جو نغارو وڄايو. هوڏانهن سالار خان بہ لشڪر سنيرائي ميدان ۾ آيو. ٻنهي طرفن جنگ اهڙي لڳي جو اُنهن جو رت وهي وڃي مهراڻ درياءُ ۾ پيو، جنهن جو سڄو پاڻي ڳاڙهو ٿي ويو. بہ ڏينهن جنگ هلي. ننگر ڏاڍي بهادري سان وڙهيو ۽ دشمن جا سوين پهلوان ماري ڇڏيائين. ٽئين ڏينهن جنگ هلندي ننگر جي نظر وڃي سالار خان تي پئي، سو اڪيلي سر ونئي حملو ڪيائين. دشمن کي ماريندو وڍيندو لشڪر تائين پهتو. اتي هزارين دشمن ويڙهي ويس. آخرڪار زخمي ٿي ڪري پيو ۽ شهيد ٿي ويو.

چوٿين ڏينهن ڏٺائون تہ ٻنهي طرفن گهڻو لشڪر مارجي ويو هو. سومرن مان باقي وڃي ڪي ٿورا بچيا هئا، تن ننگر جو لاش دودي ڏانهن اُماڻيو، پوءِ اچي دشمن ۾ مارو وڌو. تان جو سيئي وڙهندي وڙهندي مارجي ويا. شمار ڪيائون تہ سومرا پنج هزار ماريا ۽ دشمن جو ڇهہ هزار لشڪر ڇٽ ٿيو.

جڏهن ننگر جو لاش نئي ۾ پهتو، تڏهن دودي پنهنجي صلاحڪارن کي سڏايو، ۽ انهن کي چيائين تہ: عاقبت جي خبر خاوند کي، الاجي ڇا ٿئي. تنهنڪري منهنجي صلاح آهي تہ پنهنجي پٽ منگر کي لشڪر ڏئي دشمن سان مقابلي لاءِ موڪليان ۽ چنيسر جي پٽ شهزادي محمد کي اهل عيال سان گڏ پونگر سميت اَبڙي ڏانهن موڪلي ڏيان، جيئن اهل و عيال حفاظت ۾ رهي!

جڏهن اها خبر شهزادي محمد کي پئي تڏهن دودي وٽ آيو ۽ چيائين تہ: مون کي اجازت ملي تہ وڃي دشمن کان پنهنجي پاءُ ننگر جو وير وٺان. آخر کيس اجازت ملي، سو ڇهہ هزار لشڪر وٺي وڳهہ ڏي روانو ٿيو.

ٽن ڏينهن کانپوءِ شهزادي محمد اچي وڳهہ ڪوٽ تي منزل ڪئي. صبح صفون ٻڌي اچي ميدان ۾ بيٺا. سالار خان جو لشڪر بہ جنگ جو نغارو وڄائي ميدان ۾ آيو. لڙائي شروع ٿي. ٻنهي طرفن جا لشڪر ڏاڍي پهلواني سان وڙهيا. ٻن ڏينهن جي جنگ کان پوءِ ٽئين ڏينهن شهزادو محمد بہ پنهنجن ڇهن هزارن لشڪر سميت شهيد ٿي ويو.

هوڏانهن شهزادي محمد جي وڃڻ کان پوءِ، دودي پنهنجي پٽ پونگر کي سڏائي، سمورو اهل و عيال سندس حوالي ڪري ابڙي ڏانهن روانو ڪيو ۽ انهن جي حفاظت لاءِ ٽي سوءَ سوار گڏي ڇڏيائين. امير ابڙي جو ڪوٽ بہ سومرن جو نهرايل هو. سچو پاھڻ سان ٺهيل سالن ۾ جڙي راس ٿيو هو. شهزادين ۽ راڻين جو استقبال ڪري، ابڙي ڪوٽ تي پهرو بيهاري ڇڏيو.

شهزادو منگر، دودي جي هدايت موجب شهزادين ۽ راڻين کي ابڙي وٽ ڇڏي، پنجن سوارن سميت پوئتي موٽيو. اجان دودي وٽ پهتو مس تہ مٿان شهزادي محمد جي شهادت جي خبر ملي. شهزادي منگر کي اها خبر ٻڌي جوش چڙهي ويو. تنهن يڪدم پنهنجي پيءُ کان دشمن تي چڙهائي ڪرڻ ۽ ڀائرن جي وير وٺڻ جي اجازت گهري. تڏهن دودي کيس ڇهہ هزار لشڪر ڏئي روانو ڪيو.

ٽئين ڏينهن منگر جو لشڪر بہ اچي وڳهہ وٽ پهتو. صبح سان جنگ جو نغارو وڄائي، دشمن تي حملو ڪيائون. انهي ڏينهن اڪيلي منگر سوا ٽي سوءَ دشمن ماريا. ٽن ڏينهن جي جنگ کان پوءِ چوٿين ڏينهن شهزادو منگر نعرو هڻي دشمن جي لشڪر ۾ ڪاهي پيو، ۽ سڌو رخ رکيائين سالار خان ۽ چنيسر تي. تڏهن سالار خان لشڪر کي هڪل ڪئي. پوءِ تہ دشمن ماڪڙ وانگر منگر تي وري پيا. شهزادو منگر زخمن سان چور ٿي ڪري پيو ۽ ساھ ڏيئي سرهو ٿيو. سڄ لٿي تائين سومرا بہ سڀ وڙهندي شهيد ٿي ويا. باقي جيڪي بچيا، سي منگر جو لاش کڻي واپس وريا.

شهزادي منگر جي شهادت کان پوءِ دودو پاڻ جنگ تي چڙهيو. ساڻس باقي پندرهن هزار لشڪر هو. جوش مان رات ڏينهن پنڌ ڪندي ٻئي ڏينهن اچي

وڳهہ ۾ پهتو. سالار خان جڏهن ٻڌو تہ دودو پاڻ جنگ تي آيو آهي، تڏهن سندس ساه سڪي ويو. خيال ڪيائين تہ رات هجي ها تہ ڀڄي جان ڇڏايان ها، پر ڏينهن ٿي پيو آهي. لاچار جنگ جون صفون ٻڌايائين.

چام دودي بہ پنهنجي لشڪر جون صفون ٻڌيون. پهرين صف ۾ پنهنجا خاص غلام ابڙا بيهاريائين. سڄي پاسي عمر ڪوٽي، اَروڙي ۽ ڪوٽڙي وارا بيهاريائين ۽ کٻي پاسي سمان، سيوهاڻي ۽ نيرن ڪوٽي بيهاريائين. وچ ۾ پاڻ بينو ۽ ٻيو سمورو لشڪر پويان. جنگ جو نغارو وڳو تہ ٻئي لشڪر ڳنڍجي ويا. زمين اهڙي ڳاڙهي ٿي وئي، جو رت جي ڇَر وهي وڃي مهراڻ ۾ پئي. جنگ جي باهہ کان ٽڪرن ۽ درياءَ مان بہ ڇڻ تہ ڇٽنگون ٿي نڪتيون. نغارن ۽ ڀيرن جي ڌڌڪن کان پکي پرندا وڻ ڇڏي وڃي رڻ ۾ لِڪا ۽ جانور جهنگ ڇڏي ڀڄي ويا. مُڙدن جا دڙا ٿي ويا. جيئري ۽ مُئي جي خبر ڪانہ ٿي پئي. سموري لشڪر ۾ "دودو دودو" پئجي ويو. دودي جنهن هاٿي کي گرز ٿي هنيو تہ هاٿي جو گردن ۽ سِرُ چُورو ٿِي ٿي ويو. ترار جي هڪ ڌڪ سان ڌڙ ڇٽا ٿي وڃيا. هڪڙي تير سان پنج ڇٽا پائمال ٿي ڪيائين. دودي جي جنگ کان سالار خان جو ساه سُڪي ويو. هاٿيءَ کي بہ هڪل ڪانہ ٿي ڏنائين.

آخر رات ٿي، ٻئي لشڪر موٽي پنهنجي آستاني تي آيا. ٽي ڏينهن اهڙي جنگ هلي. چوٿين ڏينهن ڀير وڳي. دودي خيال ڪيو تہ جيستائين سالار سلامت آهي، تيستائين جنگ پئي هلندي. ڇو نہ سالار خان کي مارجي تہ فيصلو ٿي وڃي. اهو خيال ڪري حملو ڪيائين سالار خان تي.

سالار خان ان مهل وچ لشڪر ۾ هاٿي تي چڙهيو وينو هو. چنيسر ساڻس گڏ وينل هو. چار پهلوان هٿيارن سان سندس حفاظت لاءِ وينا. دودو شينهن وانگر دشمن کي ڪُٽيندو سٽيندو اچي هاٿي کي اوڏو ٿيو. اتي سالار خان جي بہ مٿس نظر پئجي وئي، تنهن لشڪر کي دانهن ڪئي تہ 'بچايو'. پر دودي جي دهشت کان ڪوبہ سپاهي ويجهو نہ آيو. دودي هڪل ڪيس تہ: اجل اچي رسيو اٿئي، هوشيار ٿيءُ! سالار خان موت اکين سان ڏسي، اکيون ڪٽي پوريون ۽ همراهن کي چيئين تہ: ڍالون آڏيون ڏيئي مون کي انهي ديو جي ڌڪ کان بچايو. پر تيسين دودو اچي رسيو. ٽپ ڏيئي تلوار جو ڌڪ هڻي سالار خان کي زخمي ڪري وڌائين. ان مهل دودي جو گهوڙو ٻاهڙجي وڃي ڪريو تہ دودو بہ

زمين تي ڪري پيو. اتي دشمن جي لشڪر متس تلوارن جو وسڪارو لائي ڏنو. تان جو ڪلمون پڙهي شهادت کي رسيو.

چنيسر جڏهن ڀاءُ کي شهيد ٿيندي ڏٺو، تڏهن افسوس ۾ مُنهن مٿو پٽي، هاٿي تان لهي آيو ۽ اچي ڀاءُ کي ڀاڪر ۾ ورتائين. پوءِ جوش ۾ اچي تلوار ڪڍي سالار جي لشڪر ۾ ڪاهي پيو. سڄو ڏينهن جنگ ڪندو رهيو. وري ٻئي ڏينهن سومرن جو باقي بچيل لشڪر وٺي جنگ جي ميدان ۾ آيو ۽ سيني سومرن سميت دشمن سان وڙهندي ساهه ڏنائين.

چنيسر جي مرڻ کان پوءِ صالح ناهي سومري پهلوان، باقي بچيل سومرا ساڻ ڪري دشمن سان جنگ ڏني ۽ سوين دشمن ماريائين. اتي سالار خان ڏٺو تہ سندس لشڪر سڀ مارجي ويو آهي، باقي اَٺ ڇٽا وڃي بچيا آهن، تڏهن خيال ڪيائين تہ چنيسر جي چوڻ تي سمورو لشڪر مارايم، هوڏانهن سومرن جا بادشاه بہ بيگناه مئا، صُلح چو نہ ڪيم! اهو خيال ايندئي "الصُلح خيرُ" چئي هاٿي تان لهي پيو. ٻنهي طرفن جنگ بند ٿي وئي. ساٺس ٽيهہ هزار لشڪر هو، جنهن مان ڇهہ هزار ننگر جي جنگ ۾ مئا، پنج هزار شهزادي محمد جي جنگ ۾، ڇهہ هزار شهزادي منگر جي جنگ ۾ تيرهن هزار دودي، چنيسر ۽ محمد صالح جي جنگين ۾ مئا، باقي سڀ سالار ۽ اٺ سپاهي وڃي رهيا، جو سومرن کان پناهي ٿيا.

هوڏانهن سومرا بہ سڀ ختم ٿي ويا . هئا . سومرن جو لشڪر ڪُل ٻٽيهہ هزار هو، جنهن مان پنج هزار شهزادي ننگر جي جنگ ۾، ڇهہ هزار شهزادي محمد سان مئا، ۽ تيرهن هزار دودي، چنيسر ۽ محمد صالح جي جنگين ۾ مئا هئا . باقي پنج هزار سلامت رهيا، مگر بادشاه سڀ شهيد ٿيا .

جڏهن سالار خان صلح واريو ۽ جنگ بند ٿي، تڏهن محمد صالح سومري کي چيائين تہ: جيڪڏهن صلح نہ ڪندءُ تہ پوءِ علاوالدين جي چاليهہ هزار فوج چڙهي ايندي ۽ اوهين ساڻس پڄي نہ سگهندئو. باقي آءٌ توهان کي سنڌ جي بادشاهي لکي ٿو ڏيان. اوهان کان نڪا ڏِل وٺبي، نڪي سگَ وٺبو. آءٌ اوهان کي علاوالدين بادشاه کان اهڙو عهدنامو لکائي ٿو ڏيان. تڏهن محمد صالح کيس چيو تہ: اسان جو بادشاه، دودي جو پُٽ اڃان سلامت آهي، جيڪو ستن ورهين جو آهي، بلاشڪ ان جي نالي عهدنامو لکي ڏيو.

سالار خان عهدنامون لکي ڏيئي، باقي بچيل آنن سپاهين سميت پوئتي موٽيو، ۽ پتورا ۾ علاوالدين بادشاه کي سموري احوال کان واقف ڪيائين. جنهن تي علاوالدين ڪاوڙجي چيو تہ: پهرين تون دودي سان صلح مجين ها تہ بيگناه هيڏو خون خرابو نہ ٿئي ها. هينئر حاصل بہ ڪجهہ ڪونہ ٿيو. انهي ظلم جي ڪري منهنجي مٿان الائي ڪهڙي مصيبت ايندي!

چون ٿا تہ سومرن واري جنگ کان پوءِ علاوالدين بادشاه کي سندس اميرن تخت تان لاهي قيد ۾ رکيو ۽ ان جي جاءِ تي سلطان ناصر الدين محمود شاه کي تخت تي ويهاريائون. ٻيءَ هڪ روايت موجب سومرن جي جنگ تي علاوالدين پاڻ ويو هو.

سالار خان جي موٽي وڃڻ کان پوءِ سومريون بيبيون ۽ شهزادو پونگر، ابڙي سان گڏ نئي ۾ موٽي آيا. هڪ ٽولو ڪنيارن جو اُن ڏينهن کان وٺي اڄ تائين، انهي افسوسناڪ واقعي جي ڪري پنهنجي زالن کي نٿ نہ پارائيندا آهن، ۽ ٻئي ٽولي وارن جون زالون اُن ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سٿڻ نہ پائينديون آهن. اها سومرن بادشاهن جي سُوءَ جي نشاني آهي.

# سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ڏنل روايت

”[سنڌ جي ادبي تاريخ“ مصنف محمد صديق ميمڻ سنه 1937ع ڌاري شايع ٿي، جنهن ۾ ”اوائلي سنڌي شعر“ جي عنوان هيٺ دودو چنيسر جو مختصر قصو آيل آهي. انهي ڪتاب واري ڇپيل روايت هيٺ ڏجي ٿي. ن- ب]

1051ع کان 1351ع تائين سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت هوندي هئي. 1221 ۾ سنڌ جو حاڪم ”ڀونگر“ سومرو هو. ڀونگر شڪار جي سانگي هڪ ڏينهن روپاه نالي شهر مان ٿي لنگهيو ته ڪنهن ماڙيءَ تي هڪ حسين جوان نينگريءَ تي نظر پيس، جنهن سان نيٺ سنڌس شادي ٿي. ان مان هڪ پٽ ڄايس، جنهن جو نالو رکيائين چنيسر. ڏاڏي پوٽي زال مان اڳئي ٻاگهي نالي ڌيءَ هيس ۽ وري هينئر دودي نالي پٽ ڄايس. اڄ ننڍا سياڻ وڏا. نيٺ دودو ۽ چنيسر سامائجي مڙس ٿيا:

هـــر هـــر هونگڙيـــون ڏيـــن، پيـــرڙا ڪڻـــن
ســـي جـــڳ جـــا ٻـــارڙا، پهريـــان ايئـــن ڪـــن.

دودو پرڻيو سومرن مان ۽ چنيسر ڌارين مان. چنيسر جي ماءُ هئي ڌاري، تنهن ڪي اڃي هر ڪر ٿي ته متان سومرا منهنجي وياءُ ڪي ڀونگر کان پوءِ متي تي ٽڙا ڏين، تنهنڪري پوتي تاڻي اونڌي منجي ڪري، سمهي پيئي. ڀونگر بادشاه اهو حال ڏسي راڻيءَ کان سبب پڇيو، جنهن حال اوريو. ڀونگر هن کي دلاسو ڏنو ۽ چنيسر جي پٽ ”ننگر“ سان دودي جي ڌيءَ ”ڪويل“ جو مڱڻو ڪرايائين. جلدئي ڀونگر لاڏاڻو ڪيو ۽ اڃي ٻڳ تان تڪرار ٿيو. ڪي چون ته دودو بادشاه ٿئي ۽ ڪي چون ته چنيسر جو حق آهي. جهيڙي کي ٽارڻ لاءِ ٻارڻ نالي وزير چيو ته تخت تي حق آهي ٻاگهيءَ جو. پوءِ جنهن کي وٽيس انهي کي ڏي. ٻاگهيءَ چوائي موڪليو ته راڄ ڏيو چنيسر کي جو وڏو آهي. تڏهن سومرن سردارن، چنيسر کي گهرائي چيو ته:

”ويهـــ پڇاڻـــان پـــيءُ جـــي آءُ چنيســـر راءُ
يـــاڳ سـڻائو تنهنجـــو توکـــي پلـــي ڇٽيـــو مـــاءُ“.

تڏهن چنيسر وراڻي ڏني:

"ائين سعيو ڪريو سپاهہ جو تہ گهمي اچان گهران
وڏي جا ورهن جي پڇي اچان تنهن ماءُ".

پوءِ چنيسر هليو ماءُ کان پڇڻ. پنيان سڀ ماڻهو ڦري ويا. چيائون تہ هي زنانو آهي ۽ کهڙا ڦاڙها ماريندو. تخت جي لائق نہ آهي. چنيسر وجي ماءُ کي پيرين پيو ۽ ٻڌايائينس تہ تخت ٿو ملي سو ماڻيان؟ ماڻس چيو تہ وڃي راڄ ڏٺي ٿي. ايتري ۾ دودو چوندجي ويو ۽ بادشاه ٿيو. چنيسر وجي ماءُ کي حال ڏنو. جنهن تي ماڻس چيو تہ:

"مون چٽيو مان ئي پٽ ڪري، پر ٿي پئين تون ڏيءَ
ويهي آتڻ وچ ۾، پانديون ڪتج ٿيهہ".

چنيسر کي جوڻس بہ طعنو هنيو تہ:

"چاچي چڱيان چيئي مڙس منهنجي ڪي
من ويهي آتڻ وچ ۾ پانديون ڪتي ڏي
هو گهر ۾ ڪم ڪري، چيا چاٽي راڄ مان".

چنيسر کي مهڻن ماري ڇڏيو. تنهن قسم کنيو تہ دودي کان وير ضرور وٺندس، تنهن تي ماڻس کي پيٽ ۾ ساه پيو ۽ چيائين تہ:

"نوڪ تہ لڳي انبرين، ڦوڪ تہ لڳي واءُ
متان ٻنهي ڳالهين هٿ نہ اچيئي ڪا".

چنيسر دودي کي چوائي موڪليو تہ ادا حق مون کي ڏي، نہ تہ دهلي جي شهنشاهہ علاوالدين کي ڪٽڪ سوڏو وٺي ايندوسانءِ ۽ ملڪ مانڌاٽو وجهي ڏيندوسان. دودي وزيرن سان صلاح ڪئي پر ڪنهن بہ راءِ نہ ڏني تہ تخت چنيسر کي ڏجي.

"پيءُ پڇاڻان پاڳڙي، دودا پانءِ مَ راند
راڄ نہ ڏجن مڱيا، مڱيا ڏجن ڏاند
پائي ڳچي پاند، دودل تن مڃائيو".

چنيسر ويو علاوالدين وٽ دانهين ۽ ڪوڙيون سچيون ڳالهيون ٻڌائي علاوالدين جا ڪن پريائين. سڱن جون لالچون ڏيئي علاوالدين کي سنڌ تي ڪاهہ جا سانباها ڪرايائين.

دودي جو يار "هاسو" سوڍو عمر ڪوٽ مان ست ويهون سوڍن جون مدد لاءِ وٺي آيو ۽ ڏاڍي مڙسيءَ سان نادر سان وڙهيو ۽ ٻئي ميدان ۾ مارجي ويا. دودي ڪي نيٺ پنهنجي سر جنگ ڪرڻي پئي ۽ پنهنجون لڄون هڪ پير مرد سومري "ياڳ" نالي هٿان "ابڙي" ڏانهن ڏياري موڪليائين.

"ابڙائـــي جـــا ابـــڙا، توڪـــي دودي ڏنـــا ســـلام
وڙهان ويرين سامهون، جي تون سرن جهلين سام".

ابڙي جواب ڏنو ته "سر وڃي پر سام نه ڇڏيندس". تنهن تي سيئي سومريون ڏولين ۾ چڙهي، اچي ابڙي جي سام پيون.

"ســـاهه ڏنم ســومري، جـــا آئـــي منهنجـــي ســـام
آءُ پـــڻ ڏينـــدس لام، تنهـــن ڪـــي ڏاڍي جهـــد مـــون".

دودي ڪي چوائي موڪليائين ته مڙس تي وڙهج، متان سنڌ کي لڄي ڪرين.

دودي پـــــڙ گهڙايـــــو پنـــــج ســـــوءُ جريبـــــن
کهـــاڙا ڪوڏاريـــا ڪـــامي خـــوب ڪٽـــن
وڃيـــو ائيـــن چـــون، اڳيـــون علاوالديـــن ڪـــي.

جنگ اهڙي، جهڙي سنڌ ۾ ڪانه ٿي.

واڇـــوڙي جيئـــن وڃـــڙي گيـــورَ گـــوڙ ڪيـــا
ڏه لک اڳـــــرا مـــــاري خلـــــق وڏا
ســوره ســـپ تيـــا، ويـــري ســـپ وڇـــوڙي ويـــا.

دودي جي گجگوڙ شينهن جهڙي هئي ۽ جنگ جو ميدان پي لرزيو پر آخر مغلن جو لشڪر سنڌين تي غالب پئجي ويو ۽ دودو مارجي ويو. علاوالدين چنيسر کان ٻاگهي جي ٻانهن گهري ۽ چنيسر ويو روپاه شهر ۾. ڏسي ته شهر ۾ ڪو راڪاس گهمي ويو آهي. محلات اجڙيو پيو آهي. راڻيون نهن ئي ڪين. نيٺ خبر پيس ته سومرن پنهنجون لڄون ڪـدي ابـڙي ڏانهـن موڪليـون آهـن. علاوالدين، ابڙي ڏانهن لکيو ته سومريون اسان جي حوالي ڪر ته توکي ماتيلي ۽ ملتان جا پرڳڻا ڏيان. تنهن تي ابڙي ناڪار ڪئي.

مـــاتيلو ملتـــان نـــه نيپـــائو پانيـــان
توکـــي ڏينـــدي ســـومري آءُ لـــڄ مـــران
جـــي جيئـــري آءُ مـــران تـــه ڪـــر لڄايـــان پـــانهنجو.

"راڻـــي راءِ نـــہ ڏي، وجـــي چئـــو ســـلطان کـــي
ســـمـــون ســـر متـــي، جهلـــي بيـٺـــو جهڳـــڙو".

ابڙي پنهنجو پٽ "ممٽ" نالي جنگ جي ميدان ۾ ڏياري موڪليو. ممٽ جهڙو هو سهڻو جوان اهڙو هو جنگ جوڏو. اهڙي جوش سان وڙهيو، جو رت جون نديون وهي هليون.

تـون پـاڻ تـرڪ تـرار هوڏانهن مـانجهي ممٽ پـٽ ابـڙي
جيئـــن ڳـــاهجي ڳاهـــ ۾ کـــاني کٽڪـــون ڏار
وجـــي آرون پـــار، خونـــي خنجـــر ان جـــو.

علاوالدين ڏاڍو اچي ششدر ٿيو ۽ چيائين تہ آهي ڪو جوان، جو وڃي ممٽ سان مقابلو ڪري؟ پنهنجي ترار دربار ۾ رکيائين تہ جيڪو هي ترار کڻي ممٽ سان مقابلو ڪندو، سو مانجهي مڙس آهي.

"تيرهـــن ڏينهـــن تـــرار پيئـــي رهـــي پـــڙ ۾
دانـــــَـــہ ســـپ دهليـــا اچـــي ڪونـــہ دربـــار
پـــوءِ ســـيد ســـالار، چمـــي کنئـــي چـــاه مـــون".

سيد "سالار" ترار کڻي ميدان ۾ آيو ۽ ابڙي جي پاٽئي سبڙ جي سامهون ٿيو.

"ســـنئين ســـانجهي وارا چلـــي آيـــا چوگـــان ۾
ڏيئـــي منهـــن مـــاٺهن کـــي کيـــائون مـــارو مـــار
ســـبڙ ۽ ســـالار، پـــورت ڪئـــي پـــاڻ ۾".

ڏاڍي سخت جنگ لڳي. نيٺ بادشاه ۽ ابڙو سر ميدان ۾ آيا.

"ســـج نـــہ ڪـــري ســـوجهرو، ڏان ڏان ڏوڏو ڪـــار
اتـــي ابـــڙو ائيـــن وڙهـــي، جيئـــن پـــاٽي پـــوڙي تـــار".

---

"اَڙ جهلـــي ابـــڙي، نـــَـــوَ ويهـــون ڏهـــہ لک
گهـــوڙي ڪنـــڌ ورايـــو مـــاري گهڻـــي خلـــق
پوءِ تـــي ابـــڙي کـــي پـــڪ، تـــہ هـــاٿي جيئـــڻ نـــاه ڪـــو".

قصو نيٺ اتي ختم ٿئي ٿو تہ سومرن جي صاحبي پوري ٿي.

# الھ بخش لاشاري جي ٻڌايل ڳالھ

[ڳالھ جي هيءَ روايت الھ بخش ولد عمر خان لاشاري، وينل ڳوٺ ابراهيم لاشاري لڳ ٻنو ضلعو ٺٽو، جي زباني تاريخ 21- جنوري 1951ع تي قلمبند ڪئي ويئي. الھ بخش خان وٽ سگهڙ پائي ۽ خصوصاً سنڌ جي نسب نامي بابت ڪچهري آهي. ن - ب]

پونگر پٽ پينءُ جو، تنهن کي ٻہ پٽ ٿيا، هڪ لوهارڻ مان چنيسر، ٻيو ڏاڏي پوٽيءَ مان دودو ۽ ڏيءَ ٻاگهي. ٻاگهي ڏاهي هئي، تنهن چيو تہ: چنيسر وڏو آهي، پڳ ان کي ٻڌايو. چنيسر کي چيائون، جنهن چيو تہ: ٻيهو ماءُ کان پڇي اچان. راڻي اتي چيو تہ: هاٿي هن کي پڳ نہ ٻڌايو جو سياٽي حڪومت وقت بہ هي ويندو ماءُ کان پڇڻ. پوءِ پڳ ٻڌرايائون دودي کي. چنيسر دودي کي چيو تہ: پڳ مون کي موٽائي ڏي. دودي راڻي کان پڇيو، تن چيو تہ: ”ڏاند مڱيا ڏبا، راڄ مڱيا ڪين ڏبا“. اتي چنيسر چيو تہ: نہ ڏيندين پڳ تہ آءٌ عالادين چاڙهيندس.

پيءُ پڄاڻا پاڳڙي، ڏي ڙي دودا ڏي
نہ تہ آڻيندس سي، جي سڌيون سٽائيندءِ خبرون.

انهي تي دودي چيو تہ: انهي دڙڪي تي هاٿي پڳ ڪونہ ڏيندس.

ياڳ فقير دودي جو، تنهن کي دودي گهرائي پڇيو تہ: سومرن جون پيڙهيون گهڻيون. ياڳ فقير جواب ڏنو تہ:

نَو عمر، ڏهہ پينءُ
ٻارهن راڄ بنگال ۾ رهيو، تي رهيا تيئن
هڪ پلي پونگر شينهن، سگ نہ ڏنو سومري.[1]

ياڳ فقير سومرياڻين سان گڏجي ويو.

سومريون سنيري هليون، ڇڏي ڇانوَ ڪٽ
گهر، ماڙيون، پٽ، ساڙي هليون سومريون.

---

[1] بنگال شهر، تڙ روپاه، وڳهہ ڪوٽ مڙئي هڪ جاءِ. پونگر دودي جو پيءُ، تنهن گجرن سان لڙائي ڪئي، پر سگ نہ ڏنو.

اول ويا جوڻيجي وٽ، تنهن سام نہ جهلي، پوءِ ويون سمي ڏي.

هي جوڻيجاڻو جڳ، سـَرڻين سونو نہ ڪٽي
ابڙو اڙٻنگ، جنهن جهليون سامون سومريون.

—

پيرين پياديون پنڌ ۾، سمون ڇام پڇن
ساهُو متان تن، تو ڍالون ڏيو ڍڪئي.

ياڳ چيو تہ:

وڏي سفر آئيون، ڍوليون ڍٽ ڍيلي
متان پلج ڪنهن پولي، سوگهيون جهلج شير تون.

ابڙي جواب ڏنو تہ:

ستيون جي سومريون، تو پلين آنديون ياڳ
راڻيون جي روپاه جون، هي محل تنين جا ماڳ
جي سر سَلامت ياڳ، سي سام نہ ڏيندو ابڙو.

ابڙو، ڪنڌ هيٺ ڪري حياءُ وچان اتي بيٺو. اتي ٻاگهي چيو تہ:

ابڙا، مون پائڙا، ڪڻ متانهون ڳِجُ
تيو ۽ اسان ۾ ناهي ڪو وِڄُ
ڪائي ڏٺ ۽ ڪِجُ [1]، پلڪ گذاريون پاڻ ۾.

—

ٻاگهي چئي مون پائڙا، ڪڻ متانهون ڪنڌ.

ابڙي چيو تہ:

پلا مون ياڳ، جنهن وٽ اِيئين اديون آئيون
متي سَرَ سهي، آهيو سورهيہ سُهايون
هاڻي ولاتن وايون، پوندن پنهوارن جون.

عالادين جو خط ابڙي ڏي:

توکي ماتيلو ملتان ڏيان، ٻي گهٽي ڏيان پُونّ
سامون جي سومريون، سي موٽائي ڏي مون.

---

[1] ڪِجُ = رب.

ابڙي جواب ڏنو تہ:

مـــاتيلو ملتـــان نـــــ پائيــــان
توکـــي ڏينـــدي ســـومريون، آءٌ تـــو پـــاڻ پهائيـــان
هـــر گـــز تـــو ڏيـــان، تــــ كـُـــر لچايـــان پـــانهنجو.

—

راڻيـــون راءِ نـــہ ڏي، تـــون وجـــي چئـــو ســـلطان کـــي
ســـمـــون ســـر متـــي، آ جهلـــي بيٺـــو جهڳـــڙو.

—

اهـــو لشـــکر آ تـــورڙو. تـــون گهٽـــو اچ گهيـــري
تـــہ بـــہ هرگـــز نـــہ قيـــري، ســـامون پنهنجـــون ابـــڙو.

ابڙي جو پٽ 'ممٽ' تنهن اول بادشاه جي لشڪر کي منهن ڏنو. ٽي ڏينهن جنگ جهلي بيٺو. عالادين نيٺ پنهنجي، ترار زمين تي ڇڏي. ٽيرهن ڏينهن اها ترار کنهن نہ کنئي. اتي عالادين پڇيو تہ: ڇو ترار کنهن کانہ کنئي؟ تڏهن سندس لشڪر وارن جواب ڏنو تہ:

تـــون جـــي تـــرڪ تـــرار، تـــہ هوڏانهـــن مـــانجهي پـــٽ ممـــٽ
ابـــڙي جـــي ڳاهـــ[1] ۾ کـــانهي کـــڙ کونـــدار
وجـــي آروپـــار، ان جـــو خونـــي خنجـــر نڳيـــو.

—

وســـاري ويهـــي رهيـــا، کونـــہ وجـــي دربـــار
تيرهـــن ڏينهـــن تـــرار، پئـــي هئـــي پـــٽ ۾
اُتيـــو ســـپڙ ســـالار، تنهـــن چمـــي کنئـــي چـــاه مـــان.

سپڙ سپہ سالار لشڪر ساڻ وني وجي ميدان ۾ بيٺو. هوڏانهن ابڙي جو پائيتو سَبَڙُ سامهون ٿيو. ٻئي مقابلي ۾ مارجي ويا.

ســـانجهيءَ ويـــل ســـويل، چلـــي آيـــا چوگـــان ۾
ڏيئـــي منهـــن مونـــن ۾ کيـــائون مـــارو مـــار
ســـبڙ ۽ ســـالار، ٻنهـــي کيـــون پوريـــون پـــاڻ ۾.

[1] ڳاهہ = مُهاڙ.

پوءِ ابڙو ۽ ممٿ گڏجي چڙهيا.

سـڄ نـہ ڪـري سـوجهرو، تـي ڏو ڏو ڏمڪـار
اُتهيـن ابـڙو ائيـن وڙهـي جيئـن پـاٽي بـوڙي تـار
اُتهيـن ابـڙو بيٺـو لهـي سـيني جـي سـار
ٻـاگهي ڪـوٽ ٻـرج مـان نـَـيو ڪـري نهـار
اي ٻـالڪ ٻـار، متـان مـَـن لوڏئيـن.

ممٿ مارجي ويو تہ ٻاگهي پار ڪنيو:

ممـٿ مـون پائتيـا، مـون نـہ پـانيو ائيـن
جيئـن ويـا دودا، تـون ٻـہ وئيـن تيئـن
هـاٽي ڪنداسـين ڪيئـن، دلبـر بنـان ديـس ۾.

ابڙي ڪاه ڪئي، بيو لشڪر ماري وجي طنبوءَ واري آڙ ۾ ٺـتو.

اَڙ آڏي هئـي ابـڙي ڪـي، نـَـو چليـون ڏهـہ لک
گهـوڙي ڪنـد قيريـو، مـاري اوءِ خلـق
پـوءِ تـي ابـڙي ڪـي پـڪ، تـہ ڪونهـي جيـڻ جـڳ ۾.

ابڙي کي تير ڪمان جي زهر ڪٽي ڇڏيو، انهيءَ ڪري گهوڙو ڪاهي اچي ڪوٽ ۾ پيو ۽ سومرين کي سڏ ڪيائين.

اچـو اديـون سـومريون، ڪريـون الله تهـار
پرتيـون آهيـو رب ڪـي، آهيـو الله جـي آڌار
روئـي زارو زار، ڪيـائون موڪلاڻـي پـاڻ ۾.

پوءِ ابڙو گذاري ويو. ڪوٽ ۾ ڍَنڊ وڳي. عالادين چيو تہ: ابڙي جو سر ڪپي اچو تہ انهي سورهيہ کي ڏسان. سر وڍڻ آيا تہ ابڙي جو پٽ ڏونگر راءِ پنجن سالن جو هو، پينگهي ۾ پئي لڏيو. سو ترار ڪٽي اُٿيو. چيائين تہ: پيءُ جو سر وڍڻ نہ ڏيندس، بيهو تہ بادشاه سان ڳالهايان. بادشاه جو نالو پڇيس، چيائين تہ: ڏونگر راءِ. عالادين چيس تہ: سامون ڏي. چيائين: مون کي ڪـُـهي سامون وني وڃ. اتي عالادين چيو: ڇڏيوس، هاٽي اهي سامون انهيءَ کي پرتيون. پر ايتري ۾ ابڙي جو سر وڍي اچي عالادين جي آڏو رکيائون. تڏهن چيائين:

أي سـيـكنهن اُچـو، اُي نـہ اُچـو كـوء
مـُـئي ٻـہ متـي تيـو، سـورهيہ سـر سـندوءِ
شـابس توكـي هـوءِ، جـو سـام نـہ ڏنئـي ابـڙا.

---

بيـن مڙنـي ڏنيـون، ڏئـي نـہ ڏونـگر راءِ
اڻ ڏنيـن آڏو تئـي، ڏنيـون ڏئـي كـياءِ
لوڙهيـون لـك متـاءِ، بيئـو متيـرو موتـائي.

ابڙو ۽ جاڙيجو سرحدي حاكم هئا ۽ هكٻئي جا ويري. جڏهن عـالادين ابـڙي تي پئي كاهيو، تڏهن جاڙيجو حاكم وير وساري واهر تي آيو. ابڙي پڇيو تہ:

ڏوران ڏنـائين، جاڙيجـاڻو پيـر
تـون ويـري، ك واهـرو، جاڙيجـا آهيـن كيـر.

جاڙيجي جواب ڏنو:

آءٌ ويـري ناهيـان، واهـر آهيـان ابـڙا متيـر
كـوءِ ڍلـن جـي مـائتي، مـر پلـن جـو ويـر
پـاهون قيـر مَ پيـر، كـڏي پئـو كتـك ۾.

# سگهڙ جاڙي خان مري (تعلقو کپرو) جي ٻڌايل ڳالهه

[سگهڙ جاڙو خان مري، ويٺل ڇام نندو مري، تعلقو کپرو، وڏي خبر وارو سنڌ - ملوڪ سگهڙ هو. ساڻس ٻين موضوعن تي ڪيترين ئي ڪچهريون ٿيون. سنه 1961ع ۾ هڪ ذاتي ڪچهريءَ ۾ مون ڪانئس دودي - چنيسر جي ڳالهه جي بڻ بنياد بابت پڇيو ته ڳالهه هن طرح سمجهايائين. ن - ب]

دودو ۽ چنيسر ٻئي دودي نَهري جا پٽ هئا، ۽ دودو نهرو پٽ هو ننگر راؤ جو ۽ ننگر راؤ پٽ هو مُنگر راؤ جو. منگر راو توڙي ننگر راؤ جا ٻيا پٽ به هئا جيڪي جدا جدا پرڳڻن جا حاڪم هئا. منگر راؤ جا ٽي پٽ هئا:

پهرئـو پـُـٽ مـُـنگر راوَ جـو نـالي ننـگر ڄـام
ٻيـو پـٽ مـُـنگر راوَ جـو جـو ڪـس، جـوڏو ڄـام
ٽيـو پـٽ مـُـنگر راوَ جـو اٿـئـي اونـوَر اڻ تـر ڄـام
ننگر ناه نٿي ڪيو، ٻيلي ٻهڪي جو ڪس جوڏو جوان
بادشـاهي تــه بـکـر جـي ڪـئـي اونـوَر اڻ تـر ڄـام.

منگر راوَ جو وڏو پٽ ننگر راوَ هو، جنهن گجرن مان شادي ڪئي. ان گهر مان ڪيس ٽي پٽ ٿيا. چون ٿا ته سندس پٽ ٻڇل سومرو به هن گهر مان هو.

پهرئــو پــٽ ننــگر راوَ جــو پونــگر پليــرو ڄــام
ٻيــو پــٽ ننــگر راوَ جــو چســت چنيســر ڄــام
ٽيو پٽ ننگر راوَ جو، ريءَ هٿيارين هاٿين سان وڙهي ڏونگر
ڏاڍو جوان
اُهي ڪوٽر قلعي جا ڪوڏيا، آهن پــِـڙ سـندس پهلـوان.

ننگر راو جي وڏي پٽ پونگر راو کي هڪ پٽ دودو ٿيو جو وڏو پهلوان ۽ بهادر ٿي ساماڻو، جنهنکري کيس 'دودو نهرو' سڏيائون. پونگر راو کي ٻي ڏي ٿي جنهن جو نالو ٻاگهي هو. ننگر راو جي مرڻ کان پوءِ، سندس وڏي پٽ پونگر راوَ پنهنجن پائرن جو خيال رکندي (جيڪي سندن ناناڻن گجرن ۾ هئا) گجرن ۾ ويو. اتي پنهنجي نياڻي ٻاگهي جي آچ ڪري به سگ ورتائين، هڪڙو پنهنجي پاءُ چنيسر لاءِ ۽ ٻيو پنهنجي پٽ دودي نهري لاءِ. چنيسر کي پرڻايائين باقي

نندي پٽ دودي جو چوڻ ڪري آيو. موتي آيو تہ ياڻس ڏونگر ۽ پٽس دودو نهرو انهيءَ مائٽي ڪان اچي ڪاوڙيا. جڏهن گجر سگ لاءِ آيا تہ انهن کي تڙي ڪڍيائون. انهيءَ تي پونگر راو ساڻن ڪاوڙيو ۽ هي ٻئي منهن ڪري هليا ويا.

دودو نهرو دلو راءِ جي بادشاهي ۾ ويو، ۽ اُتي راڪاس ماريائين. هو پهريائين هڪ لوهار جي دڪان تي پنهنجي تلوار سِراڻ چاڙهڻ آيو. لوهار چيس تہ: سوءُ مڙس سراڻ ڇڪيندا ترس تہ اهي اچن. چيائين تہ: آءٌ پاڻ تو ڇڪيان. پوءِ اڪيلي سر سراڻ ڇڪيائين ۽ لوهار سندس تلوار سراڻ تي چاڙهي سهٽي ڪري ڏني. ان رات، لوهار جي پٽ جو راڪاس سان وڙهڻ جو وارو هو. لوهار جڏهن اها ڳالهہ ڪئي تہ دودي چيس تہ تنهنجي پٽ جي پاران اچ آءٌ ويندس. پوءِ دودي وڃي راڪاس ماريو. تڏهن لوهار سگ ڏنس ۽ پڻ دلو راءِ بادشاه راڪاس مارڻ تي سگ ڏنس.

ڳالهہ ۾ آهي تہ: ”ڪريو دودو راءِ جنهن سِراڻ ڇڪي ۽ لوهاري پرڻي“. انهيءَ نهري دودي کي لوهاري مان چنيسر ڄائو ۽ دلو راءِ جي ڌيءَ مان دودو ڄائو. دلو راءِ کي سومرو ٽا ڪن ۽ انهيءَ ڪري دودي کي چند سومري هئڻ سببان پڳ ڏنائون. دودو جڏهن علاءُالدين سان وڙهيو تڏهن دلو راءِ جو لشڪر سندس مُئي ڪانپوءِ آيو. انهيءَ تي پهاڪو آهي تہ: ”وئيءَ وهاڻيءَ دودي ناناڻا آيا“.

اها ڳالهہ اتي، هوڏانهن گجرن کي سگ جو ساڻ، سي وير ونڻ لاءِ ڪاهي آيا. تڏهن پونگر راو سنياريو دودي کي ۽ ڏونگر کي. دودي نهري قسم ڪنيو هو تہ جيڪو وڳهہ ڪوٽ ڪان ايندو تنهن کي ماريندس. ان سببان ڪويہ نياپو ڪٽي نہ پيو اچي. نيٺ هڪ پان چيو تہ: آءٌ ٿو وڃان. پوءِ هو جڏهن دلو راءِ جي شهر ۾ آيو ۽ دودي کي ڏنائين تہ پريان ئي بيت ڏنائين تہ:

جَــر نــہ ڪُــتن ڪــنگرين، مــرد نــہ ســهن ويــڻ
گولــي وينــدي گُـــجرين، تـــہ بـــہ چونــدا دودي پيــڻ.

يعني تہ تنهنجي پيڻ ٻاگهي جو سگ ڏنل آهي. هاڻي جي گجر رڳو ڪا گولي ڪٽي ويا تہ بہ چوندا تہ دودي جي پيڻ ڪٽي آيا آهيون.

اهو ٻڌي نهرو دودو چڙهيو. پنهنجي زال دلو راءِ جي ڌيءَ جنهن کي پيٽ هو، تنهن کي چيائين تہ: منهنجي مرڻ جي خبر اچيئي تہ پوءِ پٽ جو نالو 'دودو'

رکجان. چنيسر اُن وقت ٻاول هو ۽ ٻن ٽن سالن جو هو. پوءِ دودو نهرو ۽ ڏونگر راءِ آيا ۽ گجرن سان جنگيون ڪيون. ڏونگر راءِ گجرن ڪي شڪستون ڏنيون پر آخر مئو. دودو نهرو پڻ گجرن واري آخري جنگ ۾ مئو پر گجرن هارايو.

ان فتح کان پوءِ بہ پونگر راءِ ڪجھ وقت جيئرو هو. دلو راءِ جي بادشاهي مان پوٽا آٽايائين ۽ نُهرون آٽايائين. اُهي وڏا جوان ٿيا تہ بہ جيئرو هو. دودي ۽ چنيسر جي پڳ جو جهيڙو سندن ڏاڏي پونگر راو جي مرڻ کان پوءِ سگھوئي تورن ڏينهن اندر ٿيو. جيئن تہ ڳالهہ جي شروع وارو بيت آهي تہ:

"ٻاتي ٻاتي ڏينهڙا ٿيا سُتي پونگر راءِ".

# وريام نقرج (تعلقو عمر ڪوٽ) جي ڪنيل ڳالهہ

[وريام ۽ سندس ساٿي احمد نُقرج، هيءَ ڳالهہ سنجر خان بنگلاڻي (لڳ صوفي فقير، تعلقو عمر ڪوٽ) وٽ ڪيل ڪچهري ۾ سر ملهار - سارنگ مان ڪنئي. سندن ڪنيل ڳالهہ قلمبند ڪرائي وئي پر اهي ڪاغذ هيٺ مٿي ٿي ويا. بر وقت پنهنجي قلم سان جيڪي ڪجهہ راقم لکيو سو هيٺ ڏجي ٿو. وريام جي عمر ان وقت پنجهتر سال ڪن هئي. چيائين تہ سنبت 1956ع ۾ مونکي ڏاڙهي هئي. چيائين تہ: اسان پنهنجن مائٽن محمد ۽ پيرو ڪان هي ڳالهہ ٻڌي جيڪي رهندڙ ڳوٺ وريل نقرج ديهہ 14- هيرل جا هئا. محمد پنجاهہ سال ٿيا جو پنجهٺ ورهين جي ڄمار ۾ گذاريائين. محمد ۽ پيرو ٻئي دودي جي ڳالهہ جا قابل هئا. اهڙو دودو اسان کي بہ ڪونہ ٿو اچي. سندن استاد هڪ چاڪي هو جيڪو صوفين جي ڳوٺ واري پاسي رهندڙ هو. وريام چيو تہ: اسان قلندر بخش صوفي ۽ روشن الدين جي آڏو پڻ هي ڳالهہ ڪنئي. ن - ب]

اول نانءُ الله جو، جنهن جو در جيڏو نہ ڪو
ويهہ م ٻانها وساري، گهُر رب راضي هوءِ.

[ان بعد سارنگ مان سُرائتو هونگاريو پر ان ۾ ذڪر جا لفظ يا ذڪر جي تِوار ڪانہ هئي]

مولئِ سندي ملڪ ۾، منو ٻانهل ڪچاڙو
هڪڙو چڙهڻ گهوڙي تي، ٻيو سائوءَ سُني پاڙو

---

ماءُ ڪَلهڙي جي نہ مري، جنهن جا پينگهي لڏندا ٻار
ور چوڙيلي جو نہ مري، ٻي رَنجِي ڪامَ ڪِراڙ.[1]

---

سانوڻ سوئا نہ مري، نہ مري هاريءَ وهندو ڏاند
نہ مري ڳوڏو ڳئُن جو، نہ مري جوڌن جوان.

---

[1] ڪِراڙ يعني هندو جي زال نندي هوندي رنجي پئي تہ ٻيو تہ مڙس ڪانہ ڪندي پر سڄي عمر سورن ۾ گذاريندي.

اهي چار ڳاهون ساراھ جون ڏيئي پوءِ ڳالھ شروع ڪيائون. ڳالھ جو بنياد ائين تہ سومرن جو وڏو ڏاڏو عرب مان آيو ۽ حضرت علي جي اولاد مان هو. پوءِ سندس پيڙهي مان پونگر راءِ ٿيو، جنهن جي بادشاهي شهر ٻنگار ۾ هئي.

واءِ اڏايو واڇڙو [1]، مڪي مديني ڪان
پوٽو علي شير جو، حسيني وياءِ
هوندو شهر ٻنگار [2] ۾، راڄ ڪندو پونگر راءِ

پونگر کي اولاد ڪونہ ٿي ٿيو. پوٽي واري نجومي چيو تہ هن کي پهريائين هڪ ڌي ٿيندي پر اها گُجرن ۾ پرڻبي ۽ گجر پونگر راءِ جا نياٽا (ناني) ٿيندا.

ڪنئران چئي پونگر کي، پهرو ٿيو آ
ڌيءَ ڄڻيندو هڪڙي، پونگر پٽ منجهاءِ
نياٽا ٿيندس گجرا [3]، پوٽي ائين ڳالهاءِ.

---

[1] اصل . واڇوڙو.
[2] پنگريي لڳ ٻنگار ديھ آهي.
[3] اصل. 'ڄاٽا ٿيندس گُجرا'. گُجرا يعني گجر.

# مياڻ نور محمد سومري (تعلقو پنو عاقل)

# جي ٻڌايل ڳالهه

[تاريخ 23- مئي 1960ع تي دوست محترم سيد شاه محمد شاه جي دعوت تي، سندس ڳوٺ هگورا (وينل ڪـَـٽا) تعلقو پنو عاقل ۾ ڪچهري ٿي، جنهن ۾ مياڻ نور محمد سومري دودي چنيسر جي ڳالهه تي روشني وڌي ۽ چيائين تہ هي ڳالهه وٽس سڄي سربستي لکيل آهي. ان بعد محترم شاه جي مهرباني سان اهو قلمي مواد اسان کي مليو جيڪو نقل ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو. پر افسوس جو اهو مواد واپس ڪونہ مليو. يا ڪٿي ڪتابن ۾ هيٺ مٿي ٿي ويو. هي منڍ وارا بيت جيڪي مياڻ نور محمد جي زباني ٻڌا ۽ لکيا ويا سي هيٺ ڏجن ٿا. ن - ب]

دودو ۽ چنيسر ٻئي ڀونگر جا پٽ هئا. ڀونگر جون ٻہ زالون هيون، هڪ ڏاڏي پوٽي ۽ ٻي لُهاري. ڏاڏي پوٽيءَ مان هڪ پُٽ "دودو" ۽ ٻي ڌيءَ "باقيہ" (ٻاگهي) ۽ لوهاري مان هڪ پُٽ چنيسر هوس. ڀونگر راءِ جي وفات کان پوءِ پڳ تان تڪرار ٿيو. پڳ ملي ننڍي ڀاءُ دودي کي، جنهن تي وڏو ڀاءُ چنيسر دهليءَ ۾ بادشاه وٽ دانهين ويو. عالادين شاهي لشڪر وٺي چڙهي آيو ۽ وڏيون جنگيون لڳيون.

اول نـــانءُ الله جـــو، تـــون ٻانهـــا ٻـــيءَ نـــہ لـــڳ
لـــڳ الله جـــي آســـري، جنهـــن پـــر چـــُـــٽي جـــڳ
ايمـــان وڏي وڪـــري جنهـــن جـــو نـــاهي مـــُـــل
مومـــن مســـلمان ٿئـــي، تـــہ جيئـــن گلابـــي گـــل
پيـــل ســـِـــڪي ڦـــر ڪـــي، گـــل ڪـــي ســـِـــڪي جـــاءِ
ســـِـــڪي تـــي ســـِـــپ سمنڊ ۾، تـــون مولـــيٰ مينهـــن وســـاءِ.

ڀونگر راءُ گذاريو ۽ راڄن جا تيرهن پٽر گڏ ٿيا تہ پٽن مان ڪنهن کي پڳ ٻڌائين. چنيسر وڏو هو ۽ دودو ننڍو هو پر وڏو لائق هو تنهن وڏي ڀاءُ چنيسر کي چيو تہ: ادا تون آءُ ۽ اچي پڳ ٻڌ.

راڄـــو راڄـــن جـــو ڏٽـــي، هـــو ڏڍ وڏو ڏونـــگر
ســـُـتي پونـــگر راوَ جـــي، ٿيـــا تيرهـــن گـــڏ پٽـــر
وڏي ڪچهـــــــري وچ ۾ دودي چيـــــــو دانـــــــاءُ:
تـــہ آءُ چنيســـر آءُ، تـــيءُ پيڙهـــيءَ تـــي بادشـــاهہ
چئي: ٿورو ترسج يـاءُ، تـہ مان گـُـهمي اچان گهر ڏانـہ.

جڏهن چنيسر سڀي سٽ کي وينل ڇڏي حويلي ڏانهـن هليـو ويـو تـہ راڄـن دودي کي چيو تـہ تـون پـڳ ٻڌ، جو جڏهن کـو دشمن ڪاهي ايندو ۽ جنگ ڪرڻي پوندي تہ بہ چنيسر چوندو تہ اول ماءُ کان پڇي اچان.

ســَـــت مـــوُن نڪتـــو ســـومرو، چڙهـــي چنيســـر راءُ
مـــــڙِي راڄ مهـــاڄڻ چـــوي، تـــو دودل هيئـــن اڳيـــاءُ:
تـہ لَڳنـدي جنـگ جهـان ۾ هـــِي پـــُـڇڻ وينـدوءِ مـــاءُ
تـــون تـــيءُ پيڙهـــيءَ پاتشـــاهہ، ديهـــہ تـــي دودا راوَ.

# محمد ابراهيم کٽي جي ٻڌايل ڳالهہ

[هيءَ ڳالهہ حافظ ابراهيم نابينا کٽي سومري جي زباني ڪڇهري ڳوٺ رفيق مهيسر تعلقي خيرپور ميرس ۾ تاريخ 30/31 ڊسمبر 1972ع ۾ قلمبند ڪئي ويئي. حافظ محمد ابراهيم يڪتارو وڄائيندو هو. چيائين تہ سندس نانو پانڌي، دودي چنيسر جي ڳالهہ ڪٿندو هو، ۽ ساڳئي وقت دلو ۽ تالهي گڏ وڄائيندو هو. هڪڙو هٿ متان دلي تي هڻندو هو ۽ ٻيو تالهي تي. راڳي جي سُر مان ڳالهہ ڪٿندو هو. ن - ب]

راءَ ٻڌندي پڳڙي، لڳو پير ڏڪاءُ

ڪا ڪل ڪڇهريءَ جي وڄي رَشَم لهي آءُ.

دودي پڳ ٻڌي تڏهن پڇيائون. ٻانهي ڏسي آئي ۽ چيائين:

چنيسر چائٺ ۾، پيڙهي دودو راءُ

مُنهن چنيسر پيت ۾، ٻينو روئي رت ڦڙا.

چنيسر دانهن کٽي دلي ويو. پهريائين "بيڪانير". پوءِ "ٻُتي ڪوٽ"، ۽ پوءِ دهلي پهتو. لوهيڙي جو لڪڻ چنيسر کي هڪ ڏرار کان مليو. ڪنهن تلاءُ ۾ وڄ ڪري، اهو لڪڻ تلاءُ ۾ هو، تنهن ۾ وڄ جو اثر پيدا ٿيو. ڏنار ڇوڪرو هٽي ٻڪريءَ کي تہ ٻڪري ٻہ اڌ. هٽي رڍ کي تہ رڍ ٻہ اڌ. چنيسر پئسا ڏيئي ڇوڪري کان لڪڻ ورتو.

چنيسر دهلي ۾ پهتو، راڪاس ماريائين. بادشاهہ جي گاهي جو نالو "حَسَڻ" هو، تنهن چيو تہ: راڪاس مون ماريو آهي. عالادين جو ٻيو وزير "ماندَن مُلڪ وزير" هو، تنهن بادشاهہ کي چنيسر ۽ راڪاس جي مارڻ جي خبر ٻڌائي.

سما، سومرا، ابڙا، جيڪي ننگر راڄ رهن

آيو آهي انهن موڻ، وڙهي ڪو پائرن.

بادشاهہ پرڪا لاءِ هاٿي ڇوڙايو ۽ حسڻ گاهي کي هاٿي مارڻ جو حڪم ڪيائين. حسڻ گاهي لِڏ ۾ وڃي لڪو.

پـر ڪـا ڪـارڻ پـَـچـَـنديو، ڪڪـو ڦهـر منجهـان
ڏاڙهيـون ڏوڙ پنيوليـون، سـاٽو تيـڙن سـاهه.

چنيسر پيلبان کي چيو:

ڄـٽ پٺهيـن، ڄـٽ ڏاڏهيـن، ڄـٽ تـہ تنهنجـو راءِ
هـاٿي هٿـان جـي مـران، لهـي سـنڌ تـوئن ڏاءِ
راڄ نـہ رلـن سـومريون، مـري نـہ دودو پـاءُ.

# آچر مڱڻهار (ناڙي، بلوچستان) جي ٻڌايل ڳالهه

[ناڙي - بلوچستان جون ٻيون روايتون هن ڪان اڳ 432- 464 صفحن تي آنديون ويون آهن. هيءَ ڳالهه تازو اسان کي اُچر پٽ رمضان مڱڻهار، عمر ٽيهه سال، وينل شهر 'مولوي' (ناڙي ضلعو ڪڇي)، مير شاهنواز خان شاهعلياڻي جمالي جي اوطاق تي محراب پور جمالي ۾ 7 جنوري 1977ع تي ٻڌائي. چيائين ته: مون هي ڳالهه لهڻي ميربحر، وينل ڳوٺ 'جانده' لڳ شهداد ڪوٽ کان ويهه سال اڳ سکي. لهڻو ميربحر ۽ حسين بخش جت گڏجي ڳالهه ڪٿندا هئا. ان وقت لهڻي جي عمر 65- 70 سالن ڪن هئي ۽ سورٺ جي سر مان ڳالهه ڪٿندو هو. چيائين ته ناڙي ۾ ٺوه گوٻانگ، وينل 'مير پور بي بي واري'، ٻهاڙي مان هي ڳالهه ڪٿندو هو ۽ پنج ڇهه سال ٽيا جو گذاري ويو. هن وقت آدم خان پٽ ٻهرام جويو، وينل ميرپور بي بي واري، ڳالهه ڪٿي سندس عمر 65 سال ڪن آهي. آچر اسان وٽ ڪچهري ۾ راتي جي سر مان ڳالهه ڪئي. وقت جي ڪمي سببان ڳالهه جا ڪي مکيه ٽاٽا مختصر طور قلمبند ڪيا ويا. آچر ڳالهه ڪٿڻ ۾ ايڏو پڪو پختو ڪونه هو ۽ پوري سچي ڳالهه به ڪيس ياد ڪانه هئي. ن - ب]

دودو چنيسر ٻئي ڀائر، وڳهه ڪوٽ جا ستين سن ۾ تي گذريا. جڏهن پڳ جو سوال آيو ته پونگر راءَ جي وزير پان کان صلاح پڇيائون جيڪو وڏي عمر جو هو. هن چيو ته پڳ چنيسر کي ڏيو جيڪو وڏو آهي. جڏهن چنيسر ماءُ کان پڇڻ ويو ته راڄن دودي کي پڳ ٻڌائي. جنهن تي چنيسر ڪاوڙجي روانو ٿيو. انهيءَ تي دوسو ڪيس منٿون ڪري موٽائي وني آيو. پر پوءِ جڏهن ڪيس مهڻن تپائي ڪنيو ۽ هي دفعو دهليءَ ڏانهن روانو ٿيو ته وري نه موٽيو.

چنيسر دهلي ۾ پهچڻ کان پوءِ ٻهريائين راڪاس ماريو، پوءِ مست هاٿي ماريو ۽ پوءِ شينهن ماريو. تمڪڻ، ٿهڪڻ، مانڌل بيگ ۽ نظر بيگ عالادين جا وزير هئا. عالادين جي شاهي فوج جڏهن چڙهي ته:

ڳيرن اُڏرڻ ڇڏيو، ڪتا بازن پر
هرڻن پٽ ڇڏي ڏنا، مڇي ڇڏيو جر.

جڏهن عالادين اچي لٿو ته دودي ڏي چنيسر جو خط آيو تڏهن دودي ننگر کي سڏيو ۽ دوسو مڱڻهار کي موڪليائين ته وڃي وني اچينس:

’دودي چيو دوسُو کي منهنجو ننگر نهاري ڏي‘.

ننگر جو وڏو ڀاءُ محمد شڪار جو شوقين هو. ڇهه مهينا وڳهه ڪوٽ ۾ رهندو هو ۽ ڇهه مهينا راءِ کنگهار جي بادشاهي ۾ شڪار ڪندو هو. تڏهن دودي ننگر کي سڏايو ۽ ساڻس ڳالهايائين. دودي پنهنجي نياڻي ننگر سان مڱائي هئي. جڏهن ننگر جي ماءُ کي خبر پئي ته دودو ننگر کي ٿو موڪلي ته دانهن ڪري اچي چيائين:

چيو ماءُ ننگر جي ريهه ڪري راڻي
ونـي هن جي ونواه ۾ پَيئي نـه ماڻي
دودا ادا سومرا، سُج نـه ڪر هاڻي
ناني مارائين ننڍڙو، ولهي ٿيندئي نياڻي.

(هر بيت پوري ڪرڻ بعد سُر ۾ ذڪر جي توار. جنهن جا الفاظ ته:)

الو اَللهُ! هادي اللهُ! تون يا اللهُ!

چنيسر چوڏهن سالن کان پوءِ عالادين جو لشڪر چاڙهي آيو هو. جڏهن دودي ننگر کي سڏيو ته دل ۾ چيائين ته چوڏهن سالن کان پوءِ اڄ چاچي مونکي پنهنجي ڪچهري ۾ سڏيو آهي. دودي خط جي ڳالهه ٻڌايس ۽ چيائينس ته وڃي ڀيءُ چنيسر کي سمجهائي پرچائي وني آءُ. دودي جي ڌي ونواه ۾ وينل هئي. شادي واري ڏينهن ننگر لاوَن تي آيو. جڏهن ٽي لاوان سندس ماءُ ڏنيون ته سندس هٿ جهلي چيائين ته: باقي چار لاوان پاڻهي ابو چنيسر اچي ڏيندو. ائين چئي اٿيو، ۽ جڏهن چڙهيو ته ٻاگهي جيڪا چنيسر جي سَڪِي ڀيڻ ۽ دودي جي ماٽيجي ڀيڻ هئي تنهن ننگر سان ٽڪو ڳالهايو. تڏهن ننگر ٻه ٽڪو ڳالهاءِ ڪيو ۽ چيائينس ته:

”مڙس ڏيندوسئين سومرو، نه ته آهين پانداري پُون“.

ننگر ۽ دودي جو پٽ منگر گڏ چڙهيا. ننگر پنجاه يارن ساڻ چڙهيو، ۽ دودي سيني کي هڪجهڙيون پوشاڪون پهرايون ۽ هڪجهڙيون گهوڙيون ڏنيون. دودي جي پنهنجي گهوڙي ’نيلي ساموندي‘ هئي- چنيسر ننگر جي ميڙ نه مڃي. پوءِ ننگر جنگ ڪئي ۽ جڏهن عالادين جو وڏو لشڪر ماريائين تڏهن عالادين چنيسر کي گهرائي چيو ته:

اوهان ڀائر وڙهو پاڻ ۾، اسان جي الله توهار
ٻن ٻاگهي جو پرڻو، ٻن ٻاگهي جا ٻار.

# امام بخش جوڻيجي (تعلقو هالا) جي بڌايل ڳالهہ

[امام بخش پٽ جنگو پٽ ڪاجينو پٽ جنگو پٽ ڪاجينو، پاڙو ويڙهيچا، ذات جوڻيجو، وينل وسين مراد شاهہ، تعلقو هالا، سال 1923ع ڌاري ڄائو. دودي چنيسر جي ڳالهہ جواني ۾ پنهنجي ناني دريا خان پٽ صفر ويڙهيچي جوڻيجي ڪان سکيو. دريا خان وڏي عمر ۾ بئراج وهڻ ڪان پوءِ گذاري ويو. دلي ۽ ڌالهي تي لوڙائو مان ڳالهہ ڪٿندو هو. امام بخش ٻن دلن ۽ ۽ يڪتاري تي سر لوڙائو مان ڪٿي. سندس جهيلي نظر محمد جوڻيجو آهي. هن وقت ڪيس سڄي ڳالهہ ياد نہ رهي آهي، جيڪا ڳالهہ ياد اٿس سا تاريخ 30- مارچ 1977ع تي ڪچهري پٽ شاهہ ۾ لکيائين. ن - ب]

اول نـــام الله جـــو ٻانهـــان ٻـــيءَ م لـــڳ
لـڳ پلـي جـي آسـري جنهـن پـر چـٽـي سـارو جـڳ
ريءَ ٿنيپيــن ري ٿوٽييـــن ۽ عـــرش اڏايئيــن اُڀ
تـــارا ڏيـــون تجـــلا، چـــوڏس خلقيئـــن چنـــڊ
ميـر مدينـي مصطفـيٰ آهـي پـانڌين اوڏانهيـن پنـڌ
پانڌين جون پوريون ڪرين، پـوءِ حـاجين پڄـائين حـج
هـــالن ۾ مخـــدوم آهـــي ســـرور ســـوپارو
پـٽ ڏٺـي آهـي پٽـن تـي جنهـن جـو آهـي ڪيـڏارو
ڄـام سـدائين ڄـام تـي جنهـن جـو ڏينهـڪ پانـدارو
روضـي ڏٺـي روهـڙي ۾ آهـي پيـر بـہ پاڳـارو
مٽـارين ۾ پيـر مصطفـيٰ جيڪـو نـر هٺـي نعـرو
ٽنـڊي محمـد خـان ۾ آهـي سـيد سـوپارو
ڪوڇـي جـي ٻـن وٽيـن تـي اٿئـي سوائي موچـارو
انهـي لاڙ واري ليـن سـان آهـي ميـون ڪريـم موچـارو
پر سنڌ وسي سهٽي لال جي، جنهن جا ضامن پير فقير
هاڻ جوڙ بـرادون جهـان جـون، تـہ عـالم عيـدون ڪـن.

مئـــي پونـــگر راءُ کـــي ٻـــاتي ڏينهـــن گذريـــا
مـــردن ٻـــڌا مـــامرا ســـي آٽـــي پـــاڳ مٿـــان
دودو سچو آهي سون جو جنهن کي ريھہ رپي جو ناھہ
چنيسر پٽ لوهاري جو آهي سڀ کنهن کي سڌ سماءُ
هاڻي پڳ ٻڌنداسون دودي کي، چنيسر لائق ئي ناہ.

—

اتي راڄ پاڳ برادر سڀ گڏ ٿي. برادر جو خيال تہ پڳ ٻڌي دودو سومرو، چنيسر لائق ناهي. ياءُ جو خيال تہ چنيسر پڳ ٻڌي جو وڏو آهي. هاڻي دودو راڄ کي سمجهاڻي ڏئي:

تہ ڪارڻ پنهنجي قوت لاءِ مون سڏيو تا دودو راءُ
لڳيءَ ويلي جنگ جي مون سان پالو ڪٽندو ياءُ
دودي جهڙا سومرا سي جُتي ۾ لڪڻ سان بہ پيا هلندا
پر ٻڌي ٻانهون رومال ۾، سي اَدي جي اڳيان بيهندا.

اها ڳالهہ چنيسر جي ڪن تي پئي تہ راڄ جو هي فيصلو آهي. سو رات جو مُهاڙين جي شڪار تي ٻيلي ۾ هليو ويو. صبح جو دودي پيچا ڪئي ۽ چنيسر کي خط لکي موڪليائين:

لکيو مُـنجئي تـو لاڏڪـو پڙهجئيـن خـط پروانـا يـاءُ
خـاطي خـط اُنايـا آهـي ميـر مهـاڙين ڏانهـن
خـاطي خـط اُجليـا ميـر چنيسـر ڏانهـن
پڙهيـو پروانـا يـاءُ جـا. بيٺـو مرڪـي ميـر منهـاءُ
پلـي ابـي کـي چـائين. تنهنجـي نـچ ويـائي مـاءُ
ادو بہ آهين تون. ابو بہ آهين تون. پاڻ کي راڄ ڪندو چا؟

راڄ پوئتي پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ چنيسر اچي تہ گهوڙي جهلڻ لاءِ پهر بہ نہ اُتي چنيسر خط پڙهي صبح جو پڳ ٻڌڻ لاءِ آيو.

رات وهـامي ڏينهـن ٿيـو. اُيريـو آ تـارو
سـج اُيريـي چڙهـڻ جـو ڪيـو چنيسـر سـعيو
سڏي چيـائين سئيس کي منهنجو ڪئنڪٽ ڪاهي آءَ
سـونا سـنج سـنجاف تـي ڪـر موتيـن جـي جـڙاءُ

تخت حضرت سليمان جو، جيڪو اُڏايو پئي واءُ
گاندو پوءِ هٽنديـن هتـڙا، جـڏهن ويندئـي ويـل هـٿـان.

پڳ ٻڌي وجي ماءُ ڪان پڇ. تڏهن چنيسر جواب ڏنس تہ:

ڏهہ مهينا پيٽ ۾ مون کي سانديو جيجل ماءُ
تنجئين مون کي ترار جيئن، مون کي دُڪا ڪانَ وڏا
ريءَ مسحي، ريءَ وضو، مون کي ڏنئين ڪڏهن ڪين ٻُـبا
سائينءَ جي سرڪار ۾ منهنجا پورهيا ثاب ڪين پيا
راجـا چٽيـم رُڪ مـون سـچ نـہ سـنو هـو تـاءُ
هـادي هدايتـون ڏيئـي مـون کـي پـرور کيـو پيـدا
پوءِ دودا ترس تڪڙ ڪامَ ڪر، جيسين پڇي اچان جيجل ماءُ.

چنيسر تخت تان لهي پيو. سيڪو مات ڪري ويهي رهيو. ٻنگلي ڪان ٻهر نڪتو تہ اتي عقل بہ اچي ويو ۽ بخت بہ پيڙو ٿيو. اتي پاٺهي پاڻ کي تو نندي ۽ سـنـي:

راءُ ڪُـتي تـو راتـون، جنهـن ڪـان وئـي آ ويـل هـٿـان
بخت بہ بيڇڙايون ڪيـون، مـون کـي عقـل اوڏو نـاهہ
اڳتـي وجـان تـہ ٻـڌي مـران، پوئتـي سـاڙي ٻـاهہ
هاڻي ضايع ٿيان هن زميـن ۾، جان ذرتـي ڏئيـنم جاءَ.

سيني کي خبر هجي تہ چنيسر تو پڳ ٻڌي. بادشاهزادي ٻانهي کي چيو تہ اڄ چنيسر پڳ تو ٻڌي، وڃي مبارڪون ڏينس تہ ڊئي ڇڏينئي. هوڏانهن چنيسر بہ ڦري ڦري اچي ڏيڍي ۾ بينو. اکين مـان لڙڪ پيـو وهائي، مٿـو اگهاڙو. ٻانهي ٻاهر نڪتي تہ چنيسر کي ڏنئين تہ: مٿو اگهاڙو، در ۾ هٿ ۽ اکين ۾ پاڻي. ٻانهي چيس تہ:

پنبڻيـون پسـي آيـون آهـن، توکـي ڳـل وهـن ڳوڙهـا
جا واقعا توسان ٿي آهي، سا مـون کي ڳالهہ سڻاءُ.

---

ڇٽي: جي اڳتي وڃان تہ ٻـڌي مران، پوئتي ساڙي ٻاهہ
ضـايع ٿيـان هـن زميـن ۾ هونـد ذرتـي ڏئيـم جـاءِ.

ٻانهي! توکي کهڙي ڳالهہ سڻايان، تون موٽ پوئتي. ٻـانهي حکـم جي ٻندي موٽي پوئتي. بادشاهزادي پڇيس تہ، تڏهن چيائين تہ: چنيسر ٻاهر بينو آهي

هڪڙو نالو ورتو اٿس باهہ جو، ٻيو پاڻيءَ جو. الاجي سيءُ اٿس يا اُج. ٻانهيءَ جي اها خبر ٻڌي، راڻيون چنيسر وٽ آيون.

جن سچ نہ ڏنو هو ڪتيون، نڪٽ ڪين ڏنا
سي ڪاهجي پيون پنڌ ۾، جن کي جُتي پيرين ناه
نار گڏي اچي نر کي، جيڪا مڱ لاءِ روئندي ماءُ
توکي دودي لوڏيو، ڪين لوڏئين پاڻ خدا.

چنيسر ماءُ کي ورندي ڏئي:

امان! دودي مون سان چڱي ڪئي، پلي ڪئي هئي پاءُ
موزا وڏا هئم پير ۾ سي تان لهن لک سوا
جوڙا ڏنا هئينم جان تي، مون ٻيني هول ڊڪيا
پنجاه ور جي پاڳ آئي سوني تالهہ متان
چُمي ٻڌي هيم چيلهہ سان سوني سروپاه
آءٌ چڙهيو هئس وچي تخت تي، مون کي چاڙهيو پاڻ خدا
بخت مون سان بيجڙايون ڪيون، مون کي عقل اوڏو ناه
امان! مون ۾ ليچ لوهار جي، آءٌ ڪيئن ٿيان بادشاه!

اتي ٻانهيون، دايون، بادشاهزاديون ٻيٺيون هيون، تن ڏنو چنيسري جي ماءُ ڏانهن تہ اهڙو پٽ قابل ڪونہ ڪيئي جو اڄ بادشاهي ماڻي ها. تڏهن ماءُ تي ٻڌائي تہ:

جوڙ ٻُڌو اوهين جيڏيون، مون هي پٽ پڙهايو آه
هندي سنڌي، ڪُل فارسي، جنهن کي علم توريتي آه
هي قابل ڪيم قرآن جو، جنهن کي قبر نہ ڏيندي جاءِ.

پنهنجي هٿان ڳالهہ وڃائي آيو آهي، هاڻي ڏوه ٿيو مون ڏي. جوڻس ٻيني هئي، تنهن سس کي چيو تہ: چاچي! منهنجي مڙس کي اجايو سجايو نہ چئو، منهنجي بہ ڳالهہ ٻڌ.

توکي چوان ڳالهڙي، سڻ چاچي عرض اڳيان
چاچي! منهنجو ڪانڌڙو آهي ڪائڻ لاءِ ڪرو
ان ڪائي تو ڪينڪي، آهي گجرن جو بہ ڏرو
هي ڪڏهن گهر ويني ماربو، پئي ڪامَ وَرو.

ڏهن سس، ننهن کي چيو تہ: امان! هاڻي مڙس کي ماني تہ آڻي کاراءِ. ڏهن:

مريم ماني آندي، هن آندا ٻوڙ پلاهہ
ڏنئين چنيسر راءِ کي آڻي کٽ متان
ور! سي منهنجا ولها، اڄ ويهي ماني کاءُ
ڏيئين نہ پاسو پلنگ کي، آءُ پيڻ تون منهنجو پاءُ.

اتي چنيسر سومرو بہ ڪاوڙجي ڪارو ٿي ويو.

ڪاوڙجي ڪارو ٿيو، جنهن کي طعني رکيو ٽس تاءُ
ٻگڙيو ڏيهہ وڳهہ جو، جيڪو جهليو اچي نہ جاءُ
موزن جي مهميز جو پئي ذرتي تي گوگياءُ
طعنن ۾ تنکن سان بہ ڀالي ٽنگائيندس پاءُ
ڏيندس دانهن دليءَ ۾، چاڙهيندس عالادين بادشاهہ
ثابت هاڻ وڳهہ ۾، آءُ ٻرڻ نہ ڏيندس باهہ.

چنيسر ڪاڙوجي وڃڻ واري ڪئي، ۽ پٽ ننگر نندڙو تنجڻن ۾ هئس، ان کان موڪلايائين.

چُمي ڪنيو هٿائين چُوڙ تي، تو روئي رت مُنهان
رضا وڙهي رحمان جي، ٻيو امر ڏانهن الله
وڙهيو ڪنهن غور غريب جو، مون ڪنهن سان نہ ڪيو ايذاءُ
مٺا سهسائي سيڪو، جيٺري ٿيي نہ جدا
هاڻي ڪريئين تو پارت پير کي، منهنجي الله تهار آهہ.

ڪاوڙجي، پٽ کان موڪلائي، گهوڙو چوڙيو آهيس. خزينون خزاني جون پريائين، جن ۾ هيرا جواهر وڌائين. اتي ٻانهين ڊوڙي وڃي سندس پيڻ ٻاگهي کي ٻڌايو، تہ جي اُها ورائيس تہ ورندو.

ٻاگهل ٻاڏائي گهڻو، پيڻ تہ آئي وٺ پاءُ
لڙڪي تي لغام ۾ جنهن قابو ڪيس ڪڙا
قدمن تي قلبان ٿيان، آءُ صدقو ڪيان ساهہ
جي نہ تو پڳ ٻڌي تہ چا، دودي ٻڌي تہ چا؟

تون ڪاوڙجي نہ وڃ، هل تہ آءُ ٿي توکي مڙدن ۾ هلي پڳ ٻڌايان. چنيسر چيس تہ: پڳ دودي ٻڌي ڇڏي هوندي، هاڻي هلي ڇا ڪريان. ٻاگهي چيس تہ: جي

دودي پڳ ٻڌي هوندي تہ پوءِ پلي هليو ويجهان. ٻيو ماڻهو ڏسڻ ۾ نہ آيس. ٻانهي کي حڪم ڪيائين تہ خبر وٺي آءُ تہ دودي پڳ ٻڌي يا نہ؟ ٻانهي حڪم جي ٻڌي، سا آئي بنگلي تي. در تي درواڻ بيٺا هئا. دوسو وزير کي ٻانهي ٻڌايو تہ چنيسر ڪاوڙجي ٿو وڃي، خبر ڏي تہ پڳ دودي ٻڌي يا نہ؟ دوسو چيس تہ: تون بيهہ تہ آءُ توکي خبر آڻي ڏيان. دوسو لنگهي ويو دودي وٽ. چيائين تہ: هي سڀ امراءُ ويٺا آهن، انهن کي ڪا خوشي ڪراءِ. پوءِ جي چنيسر اچي تہ پلي پڳ ٻڌي، نہ تہ تون ويٺو آهين. دودي چيس تہ اهو بندوبست ڪر. دوسو وڃي ڪلالي کي چيو تہ: اهڙو شراب ڏي جو پيڻ سان جيڪو جتي هجي، قابو ٿي وڃي.

دوسو ماڻهو موڪليو، وڃي ڪلالي ڪوني آءُ
پري دنگ دارون جا هي ڪلالي آيو آه
پريو پٽ دارون جا نئي پيو دودو ڏانهہ
چئي: اول پيئندس ڪينڪي، پيئي منهنجو بادشاه
پريو پٽ دارون جا، دوسو نئي پيو دودي ڏانهن
چاڙهي چڏيئين چپن تي هن پيالو پيتو آه
پيئڻ سان ڪري پيو، جنهن جي ڏڙ ڪيو ڏڪاءُ
زري ۽ زربفت جا دوسو آڻي ويس وڳا
پنجاه ور جي ٻاڳ آئي سوني تالهہ متان
لاهيو ٻاندڙو دوسو رکيس متي ڏانهن.

نشي ۾ پڳ دودي کي ٻڌائي، ٻانهي کي وڃي چيائين تہ: پڳ دوي ٻڌي ڇڏي. چيائين اکين سان ڏسنديس. ٻانهي آئي، دودي کي ڏٺائين.

ٻانهي وٺي ٻانهن مان، هن دودو جاڳايو آه
هٿيو هٿ متي تي ڏسي پڳ ٻہ رکي آه
ڪاوڙيو ديهہ وڳهہ جو، جهليو اچي نہ جاءِ
موزن جي مهميز جو پئي ٿو ڌرتي تي گوگياءُ
ستيو تنهن ڪلاليءَ جو متي ڪدي ٿو ساه
دوسو! شل دايو ٿئين، تنهنجا رلندا ٻار ٻچا
چنا! ڪا چُوڙي پوئي، توکي ڪٽندو ڪيئن خدا

جيئـن ڏوبـي ڌوئـي ڪپـڙا، تئـي ڌرتـي تـي ڌڪـاءِ
ستئي سـتي تـو سـومرو، جيئـن هـاري سـتي تـو گـاهه.

چنيسر، هنن کي ٻڌي اتي ڪٽي ڇڏيو ۽ هارين کي چيائين تہ: ڀائو کي نياپو ڪريو تہ هنن کي ڇوڙائي وڃي، جو لڙائي ۾ ڪم ايندس. انهن ڌراڙن پنهوارن وڃي دودي کي ٻڌايو. تڏهن دودو اٿيو ۽ پاڻ تو ورائڻ وڃيس.

اُٿيـو ڪوئـر ڪچهري وچ مـان هـو ديهہ ڏيئـي ڌڌڪـو
تنبُ ڪامون تڙڪن گهڻو، هن جي فـرش ڪيـو ڦڙڪـو
جهليـو چنيسـر ڪينڪـي هـن دودل جـي دڙڪـو
هـاٿي ويـر اتـي ويهـي رهيـو، ونگـي سـو گهـوڙو.

چنيسـر جـو ڪنـڌ هيـٺ، ڌرتـي پيـو ڪوتـي، متـان اڄـي دودو ٻيهـي رهيـو ۽ چيائينس:

ابـو چنيسـر پانئيـان، ٻـي مريـم پانيـان مـاءُ
هـيءَ پيڙهـي، هـيءَ پـاڳڙي، تـو سـِـر جـوڙ جڳـاءِ
ڏي تـون پيـر پلنـگ تـي، چڙهہ منهنجـي مويـي پـاءَ.

چنيسر ورندي ڏنيس تہ: ادا! مون کي ڇڏي ڏي، جو نہ آڏئين، نہ گڏئين. رهندو پڳ بہ ڪسي ورتئي. تڏهن دودي چيس تہ:

سـڏي چيـائين ڪوٽـار کـي، وڃـي قـاضي ڪوٺـي آءُ
’سـونڻ‘ ۽ ننـگر جـو پڙهـي اڄـي نـر نڪـاح
ننـگر نيـاٽو منهنجـو، پـِـتيا! سوني نـُـنهن سنديا ءِ.

دودي خيـال ڪيـو تـہ پاءُ آهي، ڪنهن قولـين نـہ ڇڏيانس، تڏهن پنهنجـي ڌيءَ سونيءَ جو سڱ آڇيائينس. تڏهن چنيسر چيس تہ:

يلـي عـالادين جـائو، جنهـن جـي نـچ ويـائي مـاءُ
دڙڪو مليو اٿئي هڪڙو، تنهنجو سست ٿيو آهي ساه
جي نہ ايندو عالادين چڙهي تہ ڏيندس پيا ئي بہ سڱ پاسي ڪان.

اتي دودو بہ ڪاوڙجي پيو.

ڪـاوڙجي ڪـارو ٿيـو جنهـن کي طعني رکيـو اٿس تـاءُ
بگڙيـو ديهہ وڳهہ جـو، جيڪـو جهليـو اڄـي نـہ جـاءِ
مـوزن جـي مهميـز جـو اڄـي ڌرتـيءَ تـي گوگيـاءَ

آءُ بہ طعنن ۾ تنکن سان هاٿي پالي تنگائيندس پاءُ
هاٿي لڙي وچ پٽ لوهار جا. تہ اکين جي اڳيانءُ
پيءُ چاڙهي آءُ پنهنجو. وجي آچي پنهنجي ماءُ
مريد آهيان محي الدين جو. مون سان حامي حضرت شاه
وگهہ قلعو آهي قادر جو. جنهن کي لڳي نہ کوسو واءُ
حسن مير حسين هٿا. ٻئي اسان کان سرسا
پنجن تنن جهڙو. ٻيو خلقيو کونہ خدا
هاڻ ڦرندس انهن فوجن ۾. ڇاٽي هيبک الله.

دودو موٽيو پوئتي. چنيسر هکليو دليءُ ڏي. هکڙي ٻيلي جي کنار اچي ورتئين. اڳيان هکڙو ميهار ڳڏيس. وڏي ڏانگ هٿ ۾. مينهن جا ڇڙا ٻتيل. پاسا کندون وننڌو اچي. ميهار کي ڇاند ڏنائين تہ هن مُٺ پيڙي اشارو کيس. چنيسر گهوڙي تي هو. ميهار کي خبرون ڏنائين تہ: دودي جو حجام آهيان. دودي کي پٽ ڄائو آهي، وجان تو دلي مبارکون ڏيڻ. ميهار چيس تہ: تون کو بادشاه تو ڏسجين، حجام کونہ آهين. پوءِ چنيسر پڇيس تہ: توسان خير؟ ور کنيا پيا اتئي؟ هاٿي تو ميهار خبرون ڏي تہ:

هئڙا راڄ رڍن جا. ٻيون اُنيون اکيچار
ڳئون متو جهليو کونہ کو. هو بيحد بيشمار
کَچو چڏي پکي ويا. هو ويا ديس دَنوار
هاٿي کيهر تو کڏي گهٽو. هو ڊنا کنهن ڌهکار.

ٻيلي ۾ شينهن هريو آهي. کي ڏراڙ کيڏانهن ويا. کي کيڏانهن ويا. چنيسر چيس تہ: کير پيار. ميهار چيو تہ پاڻ تي هلندين تہ جام. باقي شينهن مال آهي، تنهنجيون منهنجيون چنگهون ٻانهون پچيندو. هرويرو جي زوري کرين تہ سامهون مينهن بيني اتئي، انهيءَ کي ميڙ.

کاري کُندي آهي کُڙلي، جنهن تي بينو هٿ ڦيري
چنبا وڌائينس چوڙ ۾. هو چوڙون نتي چوري
چارئي پايا چُور تيا. هي آئي تڻ سگوئي
آءُ ڏهي جاٽان تو کينکي، متان وجهان تڻ پتي
چئي: منهنجو کنورو اتئي کنوردان ۾. مون کي ڏهي ڏي.

ميهار ڏوڙي مينهن ڏڏي. ٻنهي پي ڏؤ ڪيو. ميهار مينهن کي چيو تہ: پٺاري اڳي تہ گهٽئي چاريومئين پر اهڙو ڪير ڪڍهن ڪونہ ڏنئي. هاڻي چنيسر سومرو مينهن کي دلداري ڏئي:

هٽيو هت پنيءَ تي تو چوي چنيسر راءُ
امڙ! پياريو اتئي ڪير خوشيءَ مان، صدقو ڪندس ساه
پوءِ ٻَهُون انهن ٻيلن ۾، گُجر چرج سائو گاه.

ميهار کي چيئين: ڪٿي آهي شينهن جو گوندو ۽ مڏ؟ ميهار چيس تہ: رت تہ ڪونہ ڦٽو اتئي. شينهن شير خدا جو ڇني ڇڏيندءِ. چنيسر چيس: مون کي شينهن ڏيکاري تون وڻ تي چڙهي وڃجان. ميهار اشاري سان ڏس ڏنس. چنيسر ميهار کي وٺي شينهن جي گُوندي وٽ پهتو. ميهار اَڻ سوئل ٻبر تي چڙهي ويو. شينهن هنن جو ڳالهائڻ ٻڌي گوڙ ڪئي. چنيسر هتين خالي شينهن ڏانهن وڌيو، تڏهن ميهار هڪل ڪيس تہ: هٿيار ڪنيو وڃ. پر چنيسر چيو تہ: مون کي هتين نلهو شينهن مارڻو آهي. تڏهن ميهار کي پڪ ٿي تہ هي پاڻ بہ مرندو پر مون کي بہ مارائيندو.

ماڻهن جي پٽڪن جو پيس ڪنن تي پڙلاءُ
اُمالڪ لهي پيو هُو چڏي مَڏ پچر
ڳاهَڻ پٺي پيو گاهٽيون، پٺي پيو ٻُوڙا
ڪارا ڪانهہ ڪنڌين جا، تون ساوا ڪيم سڪاءُ
سڏي چنيسر سومرو، تون ٻاهر نڪري آءُ
آيا مڳ ميدان ۾ اچي نر تيا نروار
پڙ اچي پيا پاڪرين، پٺي سانن جو بہ سماءُ
هن جو مُڪ سان ميچالو ويو، ڪيس ڏڙ ڏڪاءُ.

شينهن کي مُڪ هنيائين تہ ميچالو نڪري آيس. اهو لقاءُ ڏسي ميهار ٻبر تان ڪٽي پاڻ ڇڏيو. چيائين: اَلا! شنيهن متي جو ڪچو هو. هيترا مال هرويرو مارايم. اڳ ۾ خبر هجي ها تہ آءُ گهوباڻن سان ئي شينهن کي ماري وجهان ها. پوءِ چنيسر کي چيائين تہ: هرويرو دلي وجي تو ڏڪا کائين، هتي شينهن جو ڪن پيچ وڌي وڃ تہ توکي ڪتان رڌ، ڪتان ٻڪري، ڏؤ ملي ويندءِ. پوءِ چنيسر اُتان ميهار کان موڪلائي ٻيلي ڪنارو وٺي آيو. ٻيلي ۾ لوهيڙي جو وڻ

ڏنائين. ڇيائين ڇهه هٿيار اڳ ۾ اتم، ستون لوهيڙو. ڪاتي جوهردار سان لوهيڙو وڏي هٿ ۾ ڪيائين. اڳتي هليو ته به همراه گڏيس. خبرون پڇيائونس. ڇيائين ته دودي جو حجام آهيان. هنن چيو ته اسين عالادين جا وزير آهيون. چنيسر دليءَ جو ڏس پڇين ڇيائون هتان ٻه رستا دليءَ وڃن ٿا. پراڻي رستي سان آدمخور وڙهي ٿو، باقي ٻيو رستو ڦيري وارو آهي. چنيسر چيو ته: آءُ آدمخور واري رستي سان وڃان ٿو. بادشاهي ٻار آهيان. هيرا جواهر ساڻ اٿم، جي مري ويس ته موٽيندي اهو خزانو اچي ڪٺجو. هنن چيو ته: جي جيئرو هوندين ته دهلي ملنداسين، پر جي مئين ته پرتين الله کي. اسان انهي رستي سان ڪين ايندا سين. هاڻي چنيسر آدمخور وارو گس وٺي دلي ڏانهن روانو ٿيو:

رڻ جو ورتئين رستو، اهو رنڊ ورتئين راه
اک پيس آدمخور تي، هن ڏنو هو ڏورا
ويو ايمان امير کان، جنگ ڇڏائي تنهن جاءِ
نالي نانءُ الله جي، منهنجو نيرا سر بچاءِ
واري وڳهه ۾ هلي، ڏيندوسئين جهجها ڏاڻا گاه.

گهوڙي کي ڊوڙائي ساڳيءَ جاءِ تي آيو. هڪ سورهيه، ٻيو ڏک ڏولاوا. گهوڙي تان لهي هيٺ ٿيو. اتي پاڻهي پاڻ کي ٿو نندي.

ابليس لُتائي مون کي لاٿئي تخت مٿان
بخت به مون سان بيڙايون ڪيون، عقل اوڏو ناه
پهرين جٺ مون سان ڪئي، جڏهن راڻين روچ ڪيا
ٻي جٺ مون سان ڪئي، جڏهن ميڙيون ڪيم ياءُ
حسن مير حسين هٿا ٻئي اسان کان سرسا
پنجن تنن جهڙو ٻيو خلقيو ڪونه خدا
هاڻ آدم جو پٽ آدمي، چنيسر! تنهنجو زور جهليندو ڇا؟

دل کي هنياري ڏئي، گهوڙي تي لانگ ورائي، اڳتي روانو ٿيو. آدمخور به ماڻهو ڏسي چوٽ ڪئي. چنيسر گهوڙي تان لٿو. هٿيار پنهوار لاهي رکيائين. آدمخور پڇيس ته:

گوڏ به جيڏا گوڏ ۾ تو آهن کهڙا بار کنيا؟
چئي: ٻيڙي ٻاه اندر ۾ اٿئي تڪا تپاچا

چوٽي کاني گوڏ ۾، تنهن جو نالو ڇا؟
چٺي: انهي کي کاتي چٺجي، اينديءِ آندن کان
ڏگهي ٿئي لٺ ڪلهي تي، تنهن جو نالو ڇا؟
انهي کي بندوق چئون، جا لاري ڪنڌئي نڪاءُ
ڏنگي رنبي جي ڳن جيئن، تنهن جو نالو ڇا؟
ڪَنون اٿئي حضرت علي جو، پالو ڪنڌئي پڙڪا
هٿجئين مون کي سچٽا تون ڪجئين پنهنجا آزمُتا
اهي ڪانَ ڪندا ڪينڪي، انهن جا مُنهن مڙي پوندا.

---

آيا مگ ميدان ۾ اچي نر تيا نروار
اڳيان آدمخور جي کيو چنيسر ڳالهاءُ
تڏي تنهنجي تي آيو آهيان، هاڻي وارو تنهنجو آهہ
هنيا هٿائين دستا مير کي، چڙ لڳا لوهہ مٿان
وري بہ اڳيان آدمخور جي کيو چنيسر ڳالهاءُ
مڙدن جون رانديون بہ آهن، هاڻي وارو منهنجو آهہ
ساري حضرت شاه کي هن ديهہ وڌس دستا
پاسريون پرزا ٿيس، جنهن جي ڪندي ڪيو نڪاءُ
ڪرندي آدمخور چيو، مون سان ڏوهي ڏوه ڪيا
جان آهين دودو سومرو، جا آهين دودي جو ڀاءُ.

ديو دانهن ڪري چيس تہ: چيلهہ پچي ڇڏيئي، هاڻي جيئڊان ڏي تہ گهر وڃان. ديو کي چيئين: تو ٿي چيو تہ مون تي اوزار ڪين وهندا. ديو چيس تہ: هٿن سان ٿئي پاسريون پچي ڇڏيئي، هاڻي مڏي ترار هڻنديـن تہ بہ وڏي وجهنديـن. چنيسر ترار هٽي سسي لاهي ڇڏيس. آدمخور کي پورو ڪري دلي ڏي روانو ٿيو. اڳيان عالادين جو اُنين جو وڳ چرندو هو. ان ۾ مست اُٺ هو. چنيسر بہ اُتي پهتو.

اُنيون عالادين جون پيو وڳ تو ويڙهہ چري
جـَت وڏي هٿا جوڙ سان تو پنيان سڏ ڪري
پيچ جت پاسي تي، تون گهوڙو پچائي چٺنديـن
جتُ پٺهين آهي ڏاڏهين آءٌ آهيان اُٺ جو مـَت

ساري حضرت شاه کي وجي گھوٽ لٿو گھوڙي
سرخي يار سنجاف جا بيٺو زيرڳلا چوڙي
لکڻ لوھيڙل جو بيٺو ارڏو ھٿ کري
ڏک توھي نہ جھليو، وجي زمين چڪَ ھٽي
اڳ وجي پيس اورتي، پولھ وجي پرتي.

چنيسر اُٺ ماريو. جت ڊوڙي آيو، چنيسر کي چيئين: جس توکي، ھن راڄ تپائي ڇڏيا ھئا. چنيسر چيس کير پيار. جت وڳ سڄو ڏڌو تہ بہ چنيسر جو ڍؤ نہ ٿيو. جت کان موڪلائي اڳتي ھليو. دلي شھر جي ڪنڌ تي آيو. ھڪڙي گھر ۾ روئڻ پڌو اٿس. چوڪرن بيٺي راند ڪئي تن کان روئڻ جو سبب پڇيائين. چئي: راڪاس ايندو آھي، گھر گھر تي ماڻھو پڌل اٿس. اڄ وارو انھي مائي جي پٽ جو آھي، تڏھن تي مائي روئي. چنيسر اتي آيو. مائي کان پاڻي گھريائين.

پريا مت دليءَ جا، اٿئي اڳيان اوتارا
اوطاقون امرائن جون ملندئي جھجھا داڻا گاه
ياڙيا! پريو ڪونہ ڪو، مون کي پنھنجا سور گھڻا.

چنيسر سُور پي، جواب ڪيو تہ:

امان! نالي نانءُ الله جي مون کي پيار پاڻي جو پاءُ
پاڻي پيان پيٽ ۾ ڏيان پاڻي تي بہ ساھ
امان تہ منھنجي آھين دين جي، تو پٽ منھنجو ڀاءُ
سانجھي تنھنجي پٽ جو امڙ وارو ڏيندس آنءُ.

مائي خوش ٿي اچي گھوڙي جي واڳ کان ورتو. ھنڌ کٽ ڏنائينس. چنيسر ڏٺو تہ جي کٽ تي وھندس تہ کٽ ڀڄي پوندي، سو کٽ اُٿلائي اونڌي ڪري ويھي رھيو. مائي نيرن تي ڪرائيس:

ڳچي لاٿو اٿس ڳھٽو، ھلي مودي ڏانھن
مودي! مون ميدو ڏين، گھر تہ وينو آ امراءُ
دَمي چاڙھيا ھٿائين ديڳڙا، ھن کي ڀوڙ پلاه
ڏنئين چنيسر راءُ کي، آٽي کٽ متان
حال تہ ھي تون ڪاءُ، پوءِ اچا پيٽا ڏيان.

چنيسر نيرن پاٽي ڪيو. ڇوڪرو ماءُ کي روئندو ڇڏي ويو هو سنگتين کان موڪلائڻ. موٽيو تہ ماءُ کي خوش ڏسي پڇيائين. مائي چيس تہ: تنهنجو مائيتو ياءُ آيو آهي، تنهنجي پاران سِر ڏيندو. ڇوڪري قد کائي ڏسي چيو تہ: آهي ئي اهو آدمخور. اڳي هڪڙو ماڻهو کائيندو هو، هينئر هڙ ئي کائيندو. مائي بہ ويچار ۾ پئي. چنيسر ڪوڙا گهوگهرا هٽي هنن جون خبرون پيو ٻڌي. تڏهن مائي چيس:

ڪوڙا ڪوڙي ڏيهہ جا، آهن ڪوڙا ڪم سنداءِ
پنج ڪاڏا اٿئي پڙيءَ تي، منهنجا چوڏهن چٽ ڪيا
گيدي هٽين تو گهوگهرا، منهنجا ڪايو ڏهاڪا.

چنيسر ٽپ ڏيئي اُٿيو، تہ ماءُ پٽ ٻئي ڏنڊجي ويا. چنيسر ٻنهي کي هوش ۾ آندو. دلداري ڏنئين تہ متان درواڻ بہ آيا، چنيسر کي ڏٺئون تہ ڊڄي وٺي ڀڳا. بادشاهہ کي چيئون تہ: مائي راڪس گهر ۾ ويهاريو ويني آهي. وري آيا ڇوڪري جي ٻانهن وٺڻ. چنيسر گهوڙو ڇوڙي اُنهن سان گڏ هليو. هنن چيس: گهوڙو اتي ڇڏ. چيائين: جيسين ساهہ سسيءَ ۾ تيسين گهوڙو ڪونہ ڇڏيندس، مئس تہ پوءِ گهوڙي جو وارث هنهين پائو آهي. چنيسر کي وٺي راڪس واري جاءِ تي رک جي ٽنپ سان ٻڌائون. چيائونس: لوڪ لقاءَ ٽرندو ان مهل راڪس ايندو. خيال ڪيائين: آءُ ٻڌل مڙس، سوپ کهڙي ڪندس. زور ڏئي زنجير ٽوڙي ڇڏيائين. ديڳ دال جي، ڪارو مانين جو کائي، سپر ۽ ترار ڪڍي ويهي رهيو.

آڏيءَ جو آيو، هو راڪس راڙ ڪري
ساري حضرت شاهہ کي بينو پالو هٽ ڪري
ڪني سان کائي وڌئين، وڄي ڪيس ڏڙ ڏڪاءَ
وڍيو ڪن پڇ يار، بينو پاهوري پائي.

راڪس جا ڪن پڇ وڍي، توبري ۾ هٽي نڪتو ٻاهر، وڃي دهلي بازار ۾ گهڙيو. عالادين جي وزير نظر بيگ جو بنگلو بزار جي منهن ۾ هو. چوڪيدارن کي چيائين: مسافر آهيان، در لاهيو، رات جا چار پهر ٽڪندس. هنن دَر نہ لاٿو. متي نظر بيگ وينل هو، تنهن در لاهڻ کان انڪار ڪيو. چنيسر چيو تہ: جي در نٿا لاهيو تہ در ڀڃي ڇڏيندس. چنيسر جو دڙڪو ٻڌي چوڪيدار ڀڳا. چنيسر پڙ پاڏي وارو ڪري ڊوڙي در کي تريون هنيون تہ در سوڌو ڏو وڃي

ڪريو. چنيسر گهوڙو ٻڌي، ڪچهري واري جاءِ تي آيو ۽ انهي ڪوني تي ڪاهه ڪيائين، جنهن ۾ سيئي وجي لڪا هئا. نظر بيگ هڪل ڪيس تہ:

پنجاه تہ اٽئي منهنجو گاهين جو، ڏهہ اٽئي منهنجا سئيس
جيڪيءَ وٺئي سو وجي ڪاءِ، باقي هيڏانهن نہ آءِ.

چنيسر اندر گهڙيو. پٽ جي پر وني اچي نظر بيگ کي ورتائين. نظر بيگ دانهن ڪئي تہ گهوڙا ڪاچي ويس. چنيسر وني ٻاهر آيس، ۽ سچا حال احوال ڏنائون ورتائون.

بادشاهہ جو اعلان هو تہ جيڪو راڪس ماريندو، تنهن کي وڏهري ڏيءُ ۽ اڌ بادشاهي ڏيندس. حسڻ گاهي صبح جو سويل گاهين سان گڏ ويو تہ مٿل راڪس تي وجي بيٺو. راڪس کي رنبا ڪوڏاريون هٽي، چيائون تہ: حسڻ گاهي راڪس ماريو.

حسڻ سـاڻ هـُـئام، پنجاهہ چٽـي گـاهي
پنجاهہ رنبا هٿ ۾، هو ڇـُـريءَ ڇريءَ ڇيڪار
ڪـُـڙين سـاڻ ڪٽـي ويـا هـو عـالادين اڳيـاءَ
ڏسـي عـالادين بادشـاهہ هـو ويـو وسـهجي
ملڪ مـانڊن مير جـو وجـي حسـڻ بيـگ هـلاءِ.

حسڻ بيگ چيو تہ: حالي موڪل ڏيو تہ وجي دهلي ۾ ڦر ڪريون. گاهي گهڙي پيا شهر ۾. واٽين ۾ اچي ٻاڪر ڪٽو پيو. تن دوڙي وجي بادشاهہ کي دانهن ڏني. نظر بيگ کي خبر هئي، سو سنيري بادشاهہ ڏانهن هليو تہ حسڻ گاهي گڏيس. ان جو سلام ڪيئين. ٻئي بادشاهہ وٽ آيا. پر بادشاهہ نظر بيگ ڏي ڌيان ئي ڪونہ ڏنو. نظر بيگ پڇيو. بادشاهہ چيو تہ: حسڻ گاهي راڪس ماريو، توهان ڪان اها ڪان پـُني، هاٿي اوهان جا پگهار بند. تڏهن بادشاهہ کي چيائين ڪن پڇ ونوس. حسڻ گاهي چيو تہ: پڇ هئس ئي ڪونہ، باقي ڪن اسان جهنگ ۾ ڪٽي ڇڏيا. نظر بيگ چيو تہ: مڪنو هاٿي راولو ڇوڙي پاٽي پياري اچي تہ پوءِ برابر راڪس حسڻ گاهي ماريو. بادشاهي حڪم ٿي ويو، راولو هاٿي ڇڙيو. چنيسر تيل ميٽ ڪٽي ان مهل ڪوه تي تڙ تي ڪيو. موٺيو تہ هاٿي مٿس چوٽ ڪئي:

هـاٿي ڇـُـٽو بادشـاه جـو ڪڪـو ڦهـر منجهـان
نـَـو مڻ نـيرَ پيـر ۾ هئـس ڪـَـڙين جـو نڪـاءِ

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE
BOOK-XXVIII

# DODO - CHANESAR

(The Great Epic of the Lower Indus Valley of Sindh)

Text: Vol. II

--

Compiled & edited
by
*N. A. BALOCH*
M.A, L.L.B. (Alig) M.A. Ed. D (Columbia)

**SINDHI ADABI BOARD**
**JAMSHORO SINDH**
**2006**

Compiled Under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature

| | | |
|---|---|---|
| Ist Edition | December 1977 | 1000 Copies |
| **2nd Edition** | **January 2006** | **1000 Copies** |

[*All Rights are reserved*]

**[Price: Rs. 245-00]**

***To be had from***
**SINDHI ADABI BOARD KITAB GHAR**
Tilak Incline, Hyderabad
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
**E-mail Address: sindhiab@yahoo.com**
**Website: www.sindhiab.com**

Printed in Sindhi Adabi Board's Printing Press by Manager, Syed Sikander Ali Shah & Published by Inamullah Shaikh Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro Sindh Pakistan.

# PREFACE

Under the Project, Book No, XXVIII in the series, was planned to codify the great epic of DODO CHANESAR. The text of the different versions of the Epic has, however, been compiled into two volumes of which Vol. I (pp. 1-363) was published in 1976 and this Vol. II (pp. 637- 1259) is being issued presently. To facilitate reference, pages in the two volumes have been numbered consecutively.

DODO CHANESAR is the great epic of the Lower Indus Valley of Sindh (Pakistan) and, judging from its diamensions, both quantitative and qualitative, it can be regarded as one of the greatest in World Literature. It originated in the Sumara Period of the History of Sindh (Cirea 1050- 1350 A.D) and has been transmitted to us through oral traditaion. It has been composed, sung and narrated artistically by the country bards all over the country in its different versions and with all the additions and alterations in order to glorify the heroes in accordance with the taste of the time during the past many centuries. The tradition continues on to this day and the 'STORY OF DODO CHANESAR' is being artistically narrated and sung by both the professional minsterls and others in the nights-long folk assemblies in almost every part of the country. Some brilliant groups of narrator have sung the epic for three or more consecutive nights holding the assemblies of the village folk in rapt attention.

It is the uninterrupted countinuity of the oral tradition embellishing the Epic and its narration which makes it not only an significant contribution within the domain of folklore but also a valuable source of information on the historical and cultural aspects of the Sumara period. In absence of any contemporary record of this period, with the exception of a few passing references in some historical works, this Epic in its different diamensions becomes a Valuable source of information to the historian to piece together a more valid account of the political, social, cultural, economic and the ethnological conditions in Sindh during 12th to 14th centuries A.D. It is proposed to

undertake, in a separate work, such a study based on an analysis of the texts compiled in the present two volumes.

The nucleus of the Epic is represented by the following event:-

> An aggrieved party from Sindh (a brother or a minister of the ruling Sumara prince) seeks help of the Sultan (of ghazna or Delhi) whose powerful armies invade Sindh. Scores of battles are fought in which the defending heroes of the Sumara house and their allies fall one after another but fight it out to the finish wiping out the bulk of the invading army.

These wars and the valour of the heroes constitute the main theme of the Epic. References to such an event having taken place are found in the Sindh Histories, such as Tarikh-i-Ma'sumi (1009 H/1600), Tarikh-i-Tahiri (1030 H/1621), and Tuhfat-al-Kiram (1182 H/1768), though the names of the princes and the kings involved differ in the different accounts.

The 'Epic of Dodo Chanesar' as it is obtained in its different versions today, has been artistically narrated at least since the 17th century. Its earlier versions have not come down to us. In its current form, the topography of its main events stands as follows, though its different versions differ in details.

1. The elderly Sumara ruler, Bhungar, dies in his capital, Wigah Kot. His brave son Dodo had died earlier after defeating the invading gujjars.

2. The courtiers and community chiefs formally met in an Assembly to decide the question of succession. Of the two sons of Dodo (the elder), Chanesar and Dodo, they preferred the younger Dodo, who was brave and of pure blood, to Chanesar who was from an alien mother who had influence over him. This was a decision against the accepted custom that elder son would succeed his father.

3. Being aggrieved, Chanesar sought support from Sultan Alauddin of Delhi and succeeded in bringing the Sultan with his powerful armies to Sindh.

4. On th way, different communities engaged the invading forces in battles but They were vanquished.

5. Then, the princes of the Sumara house took the field. Chanesar's son Nagar and Dodo's son Bhungar (or Mungar)

fought a series of battles over a long period of time. When they fell,Chanesar's elder son Muhammad and his friend Assio or Hasso Sodho brought in their fresh forces. When they also died on the battle field, Dodo prepared himself for the war. He mustered forces from all over the country, fought fierce battles, and proved to be invincible. Losing a major portion of his armies, the Sultan wanted to withdraw but Chanesar contrived to lay the trap whereby the mare of Dodo was cought in a snare and Dodo was killed.

6. Now Chanesar led the Sultan to Wigah Kot. He had promised his sister Baghi hand to the Sultan and the royal marriage was to take place after Chanesar was 'turbaned' as the ruler of Sindh. This. however, did not materialize. Before going to war, Dodo had sent his women folk under the leadership of his sister Baghi, to Abro the powerful Summa ruler of Kutch. When Chanesar entered, he founded the house all empty.

7. Then, Chanesar pursuaded the Sultan to invade Kutch. This was a long trail through barren lands. On the way, the local Chiefs attacked the invading army. The royal forces were already reduced in strength, and after some fierce battles the Sultan offered peace to Abro Sammo on condition that he would hand over the Sumara ladies who had taken refuge with him. Abro had a blunt reply: 'he would prefer to die than betray the trust reposed in him'. At this crucial hour, the Jarejas of Kutch (a sub- stock of the Summas) with whom Abro was at war, also joined hands with him. Abro Sammo and the Jareja chiefs then fought bravely and died on the battle field.

8. Prior to that, Baghi and the other Sumara women had slipped out towards the nearly mountains where they entered a cave which closed up at the entrance and, thus, those who had pursued them returned disappointed.

9. The Sultan was preparing to leave, when the Bher (War Drum) resounded with the beat. On inquiry, the Sultan was informed that Abro Summo's son was now preparing to give him the battle. Having been left with a nominal force, the Sultan gave his word that he would confirm the young Chief in power if he appeared before him. He came but he was just a baba. The sultan said he would keep his word all the same. Finding that all

was lost and he got nothing from the Sultan, Chanesar attacked the remanants of the royal force, and when he fell the Sultan was left with his eight chiefs only.

10. The Sultan and his companions, the nine of them, were now back on their long journey. When they reached Mirpur Mathelo (in the present district Sukkur in Sindh) they halted along side a well to rest and water their horses. The women folk who were there to fetch water pittied them and said to one another: 'This is what has happened to the Sultan who had come with his powerful armies! Now, how would he present himself in Delhi in such a forlorn and frustrated condition!!' The Sultan realised. He produced nine pills, put one pill (gori) on his own palm and on palm of each one of his chiefs, and when he uttered the code word 'Hoo', they all swallowed the nine pills (Nav gori= 9 pills) and died. They were buried with all reverence and their mausoleum which stands there is known to this day as that of "Naval gori Pir". (1)

So the myth and the historical element got integrated into the body of the Epic during the course of centuries. Sultan Alauddin Khilji (1296- 1316 A.D) did not personally command his force in Sindh. However, he did send his armies to Sindh under the command of Ulugh Khan and Nusrat Khan. 'Chanesar' and 'Dodo' were among the Sumara rulers of Sindh as confirmed by the contemporary evidence from history. According to Tarikh-i-Jahan gushai and Tabaqat-i-Nasiri, at the time of Sultan Jalaluddin Khawarazmshah's advent, Sinan al-Din Chanesar was the ruler of Lower Sindh. Dodo was the last but one ruler of the Sumara line whose son Hamir ruled during the early reign of Sultan Feroze shah Tughluq, as confirmed by Mahru in his Munsha'at. It is only in this Epic that they figure as brothers and the central character.

During my present search for its content extending over a quarter of century (1951- 1976), I found the Epic popular in all parts of Sindh and also in the adjoining lands (Kutch and Jesalmer in India: Rahimyar Khan and the neighbouring districts

---

(1) It has an indigenous architecture and appears to be a building of the Pre-Mughul Period, but carries no inscription. It has a number of graves inside. 'gori Pir' (=The ghuri Saint) would indicate that the saint (Commander?) was from ghur and might have died much earlier during the advent of the ghuri Sultan Mohammad b. Sam.

of Punjab: and the Lesbela, Karachi and Sibi districts of Baluchistan). In all, fourteen 'complete versions' (commencing from the valour of Dodo the elder to the battles of Abro Sammo) besides scores of others, were recorded, nearly half of them being artistic narrations which were taken down from some of the known minstrels and other qualified narrators in different parts of the country. Its literary merits consist in some impressive pieces of poetry, prose narrations of great merit, archaic forms of expression, and some earliest gaha compositions in Sindhi (the origin of which may go back to the gathas of the Budhist period). In its narrative stucture, the Epic reveals the remnants of the earliest 'Dramatic' Art Form': in its artistic narrationcum-singing a variety of music forms (ragas) accompanied by the different types of rhythm structures (tals). Beginning from early times, the Earthen Jars (Dilo or gharro), the brass dish (Thalee), the Yaktaro (the single striwged instrument) have been prograsively used as the accompanying instruments. Since the twenties of this century, the harmonium was introduced and used mainly by the Manganhars (minstrels) of Hyderabad District whose families were once attached to the court of the ruling Talpur Princes (1786 - 1843).

Islamabad
15 Dec, 1977

N.A. BALOCH
DIRECTOR

---------------



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.